# سنڌ ۾ رهندڙ بلوچ قبيلا



مصنف

رحيمداد خان "مولائي شيدائي"

سنڌي ادبي بورڊ

Digitized By M. H. Panhwar Institute Of Sindh Studies, Jamshoro.

# سنڌ ۾ رهندڙ بلوچ قبيلا


مصنف:

رحيمداد خان ”مولائي شيدائي“



سنڌي ادبي بورڊ

ڄام شورو، سنڌ

2020ع

پاران ايم ايڇ پنهور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو.

كتاب جا سمورا حق واسطا محفوظ

چاپو پھريون سال 2006ع تعداد 1000

چاپو ٻيو فيبروري 2020ع تعداد 1000

ISBN-978-969-406-166-5

ھيءَ ڪتاب حاڪم پرنٽرس اينڊ پبلشرز حيدرآباد مان سيد سڪندر علي شاھ سيڪريٽري سنڌي ادبي بورڊ ڇپائي پڌرو ڪيو.

پاران ايم ايچ پنھور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو.
Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.

# ڇپائيندڙپاران

سنڌ ۾ وَسندڙ بلوچ قبيلن جي تاريخ تي مشهور تاريخ نويس ۽ مؤرخ رحيمداد خان مولائي شيدائيءَ جو لکيل هيءُ ڪتاب ”سنڌ ۾ رهندڙ بلوچ قبيلا“ هڪ اهم ماخذ جي حيثيت رکي ٿو. جنهن ۾ محقق مستند حوالن سان، سنڌ جو تاريخي پس منظر بيان ڪندي سنڌ ۾ بلوچن جو اچڻ ۽ سندن قبيلن جا نالا ۽ شجرا، سنڌ تي ٽالپر حڪمرانن جي حڪومت جو سربستو احوال ۽ انگريزن جو سنڌ ۾ داخل ٿيڻ جو احوال رقم ڪيو آهي.

سنڌي ادبي بورڊ جي اِها شروع کان ئي ڪوشش رهي آهي ته، تاريخ تي مشتمل معياري ڪتاب اداري طرفان شايع ڪرايا وڃن، ته جيئن تاريخ جي مختلف دورن جا باب محفوظ ٿي سگهن. هِن ڪتاب ”سنڌ ۾ رهندڙ بلوچ قبيلا“ جي اهميت کي مدنظر رکندي، سنڌي ادبي بورڊ طرفان اُن جو پهريون ڇاپو ڊسمبر 2012ع

۾ شايع ڪري منظرعام تي آندو ويو. ڪتاب جي گهُرج کي مدنظر رکندي، هاڻي هيءُ ٻيو ڇاپو آءٌ بورڊ جي مانائتي چيئرمين جناب مخدوم سعيد الزمان ’عاطف‘ صاحب جي خصوصي هدايتن تحت شايع ڪري پڙهندڙن جي خدمت ۾ پيش ڪري رهيو آهيان.

اميد آهي ته، اسان جو هيءُ پيار پريو پورهيو تاريخ سان دلچسپي رکندڙن وٽ مانُ لهندو.

سيد سڪندر علي شاهه
سيڪريٽري

25- جمادي الثاني 1441هه
20- فيبروري 2020ع

# فهرست


| صفحو | عنوان | |
|---|---|---|
| 07 | سنڌ جو نالو........................................ | باب پهريون |
| 28 | اسلام جون هندستان تي ڪاهون...................... | باب ٻيو |
| 51 | بلوچن جي خودمختياري................................ | باب ٽيون |
| 85 | همايون جو بلوچن جي مدد سان ايران پهچڻ....... | باب چوٿون |
| 120 | سنڌ ۾ اوائلي مغربي سياحن جو اچڻ............... | باب پنجون |
| 193 | ٽالپر فرمانروا.............................................. | باب ڇهون |
| 230 | مير غلام علي خان شيرافگن........................... | باب ستون |
| 267 | مير مراد علي خان "اميرالدوله بهادر"................ | باب اٺون |
| 313 | مير نصير خان "الغازي"................................ | باب نائون |
| 350 | ٽالپرن جي دور ۾ سنڌ جي حالت..................... | باب ڏهون |

# سنڌ ۾ رهندڙ بلوچ قبيلا

باب پهريون

# سنڌ جو نالو

سنڌ گنگا ۽ سنڌ ندين جي ميدان وارو اولهندو حصو آهي.

سنڌ ملڪ تي سنڌ نالي پوڻ جو ڪو صحيح ۽ يقيني سبب ڪنهن به ملڪ جي تاريخ مان ملي نٿو سگهي. البته سنڌ جو مايه ناز جاويد مؤرخ مير علي شير قانع ٺٽوي پنهنجي شهرهٴ آفاق تاريخ ”تحفة الڪرام“ ۾ لکي ٿو ته: هند ۽ سنڌ به پائر حام بن نوح عليه السلام جا پٽ هئا. جن جي حڪومت سندن اولاد سميت هن ملڪ تي گهڻو وقت رهي، تنهنڪري انهن جي ئي اثر کان هن سرزمين جي هڪ پاڱي تي هند ۽ ٻي پاڱي تي سنڌ نالو پيو آهي[1]. آرين لوڪن هن ملڪ تي سنڌ درياهه جي ڪري سنڌو نالو رکيو. جنهن جي معنيٰ هئي درياهه. سندن اعتقاد ۾ سمنڊ جو ديوتا هن نالي سان ياد ڪيو ويندو هو. آرين جا مغربي زبردست پاڙيسري سڄي ملڪ کي سنڌوئي چوندا رهيا. ڪجهه عرصي کان پوءِ ايرانين جي محاوري موجب لفظ سنڌ بدلجي هند ٿي ويو. تان جو عرب تائين هند سڏجڻ لڳو. مگر يونان تائين پهچندي آند بنجي ويو. پوءِ رومن صرف ۽ نحو جي چرخي تي چڙهي اند مان انديا ٿيو. تقريباً ساڍن ٽن هزار ورهين کان پوءِ ڪيترين قلابازين کائي هي نالو جو اصل ۾ سنڌو هو سو انديا بنجي پيو ۽ اڄا تائين مغربين جي زبان تي رائج آهي. آريا به هن بگڙيل نالي هند کي قبول ڪري پاڻ کي هندو ڪوٺائڻ لڳا. مشهور چيني سياح هوئن تسانگ جيڪو 629ع کان 645ع تائين هندستان جو سفر ڪندو رهيو، سو پنهنجي سفرنامي ۾ لکي ٿو ته: هندستان قديم زماني ۾ شنتو ۽ هين توچي نالي سان مشهور هو. هند ايرانين جو جڙيل نالو هو. باقي انتو يقيناً يونانين آندو. جڏهن هو سڪندر سان گڏ هتي آيا هئا. سندن ٺاهيل نالو هن چيني سياح جي وقت ۾ موجود هو[2]. قديم پارت ورشن جي هشي ۾ راجپوتانا جو نالو مارويومي ۽ سنڌ جو نالو لڪادپيا ڏنل آهي[3].

---

[1] تحفة الڪرام: مير علي شير قانع ٺٽوي، مقدمة الڪتاب. مطبع ناصري بمبئي، 1304هه

[2] W.W Hunter: History of India, Name. London, 1893

[3] The Cambridge History of India, vol:I, Aulian Map No.5 Cambridge 1923

**قديم حدون:**

چچ نامي مان خبر پوي ٿي تہ برهمڻ راجائن جي زماني ۾ هن ملڪ جون حدون اُتر ۾ درياءَ جهلم کان شروع ٿي ٿيون. ڪشمير جا هيٺيان ضلعا بہ اُن ۾ شامل هئا. اُتر اُلهندي ۾ درياءِ هيلمند هن جي حد بندي ڪندو هو. ڏکڻ اُلهندي ۾ ايران ۽ سنڌ جي سرحد نور منشور تائين هئي. ڏکڻ ۾ عربي سمنڊ، ڏکڻ اُپرندي ڪڇ جي نار ۽ اپرندي. واري سرحد راجپوتانا ۽ جيسلمير جي ريگستان ۾ هڪ گمنامي جي حالت ۾ هئي[1].

**موجوده حدون:**

هن وقت موجوده سنڌ جي ڪُل ايراضي 46,378 چورس ميل ۽ ڪل آدم شماري 3,88,7070 آهي. جن مان هندن جو تعداد آگسٽ سنہ 1947ع پاڪستان جي ورهاڱي کان اڳ 1015000 هو ۽ مسلمانن جو تعداد 2831000 هو. پاڪستان جي قيام کان پوءِ گهٽائي هندو هندستان ڏانهن لڏي ويا آهن[2].

موجوده حدون هن ريت آهن: اُتر ۾ افغانستان، پنجاب ۽ رياست بهاولپور، اُپرندي طرف جيسلمير ۽ جوڌپور رياستون. ڏکڻ ۾ ڪڇ جي نار ۽ عربي سمنڊ، اُلهندي ۾ رياست عاليہ قلات. بهرحال موجوده سنڌ اڳوڻي سنڌ جو چوٿون حصو بہ باقي نہ رهي آهي[3].

**سنڌوندي:**

مسلمانن جي روايتن توڻي هندن جي ڏندڪٿائن ۾ هن نديءَ جي فضيلت بيان ڪيل آهي، جا دنيا جي ندين ۾ سترهون نمبر وڏي ندي شمار ٿئي ٿي. مسلمانن جي روايتن موجب جنت مان چار درياءَ نڪتل آهن. 1. نيل، 2. فرات، 3. جيحون، 4. سيحون. پويون نالو سنڌوندي جو آهي. رگ ويد جي

---

. نوٽ: عام تاريخن ۾ نورمنشور مڪران جو بيت ڏيڪاريل آهي جو غلط آهي. نورمنشور ڪرمان جي بن جبلن ڪوہ- ڪفت ۽ ڪوہ- حاضر جي وچ ۾ هڪڙي وادي آهي.

(1) Kalich Beg Fredun Beg: The Chachnamah, Karachi, 1900

نوٽ: منڇر، ڪينجهر، هاليجي، سومري، مڪي مڪيہ ڍنڍون آهن. منجهائن منڇر سڀني کان وڏي آهي.

(2) S.C. Sarkar: Hindustan year — Book, 1938, P. 220, Calcutta.

(3) موجوده سنڌ ٻن حصن ۾ ورهايل آهي. سيوهڻ کان اُتر واري حصي کي سرو ۽ ڏاکڻي کي لاڙ سڏين ٿا يعني ڏاکڻو پاڱو جت سنڌ درياءَ جي ڦيرين جا نشان بيٺل آهن.

ڏهين منڊل ۾ هن نديءَ جي تعريف پنجهتر سلوڪن ۾ بيان ڪيل آهي[1]. جيئن ماوراءِ النهر جي رونق جو مدار جيحون ۽ سيحون تي منحصر آهي. يا مصر جي شادابي جو مدار نيل تي آهي. عراق جي آبادي جو مدار فرات ۽ دجله ندين تي آهي. اهڙيءَ طرح سنڌ جي رونق ۽ شادابي جو دارومدار درياءِ سنڌ تي آهي. مٿين ندين جي وجود ڪري بيان ڪيل ملڪ دنيا ۾ ارض معمور ڪوٺجن ٿا. هيءَ عظيم الشان ندي ملڪ تبت جي ڪيلاس پربت مان نڪري ٿي جتان انسان جو گذر بلڪل ڏکيو آهي. 1800 ميل وهي وڃي عربي سمنڊ ۾ پوي ٿي. ڪيا (ڪابل)، اسڪيني (چناب)، پروشني (راوي)، ستادرو (ستلج)، وتستا (جهلم) ڪابل ۽ پنجاب جون نديون منجهس پون ٿيون. اڳ هاڪڙو به هن نديءَ جي شاخ هئي. جا بهاولپور رياست مان پنج ند ڳوٺ وٽان هن ندي مان نڪري ٿر جي پارينگر ڳوٺ وٽ ڪوريءَ جي نار ۾ ڇوڙ ڪندي هئي. اهڙي طرح سرسوتي ۽ دروشادتي نالي به نديون راجپوتانا جي صحرا کي آباد ڪري هن نديءَ ۾ پونديون هيون. مٿيون نديون پنهنجا وهڪرا بدلائينديون رهيون. اڄ هاڪڙو، سرسوتي يا دروشادتي جو نالو ڪونهي، مگر سندن وهڪرن جا نشان نظر اچن ٿا. سنڌو درياءَ متعلق مسٽر ايلٽ لکي ٿو ته اهڙي ڪا به ندي ناهي، جنهن سنڌو درياءَ وانگر پنهنجو وهڪرو بدلايو هجي. راجپوتانا کان سنڌ جي اولهه وارن جبلن جي وچ ۾ اٽڪل هڪ سؤ ميلن اندر، انهيءَ نديءَ جدا جدا وهڪرا بدلايا آهن. سمنڊ جي ويجهو پهچي هن جون مختلف شاخون ٿي ويون آهن. سندس ڪيٽرائي ڇوڙ آهن، جن جو سلسلو ستر ميلن تائين پکڙيل آهي.

ڪٽڪ، جَوَ، چانور ۽ ڪپهه مکيه سنڌ جي پيداوار آهن. سن 1923ع ۾ انگريز سرڪار اٽڪ کان هيٺ پرو هن درياءَ جي پاڻيءَ جو رنگ نيرو آهي، ان ڪري هن کي "نيلاب" به سڏيندا هئا. عرب فاتحن مٿس مهراڻ نالو رکيو. سکر وٽ هن درياءَ کي پٿر جي پل سان ٻڌو، جنهن کي لائڊ بئراج سڏيندا آهن. پل

---

[1] الوحيد اسپيشل نمبر، 15 جون 1931ع ڪراچي، مضمون سنڌ وادي، مولائي شيدائي، ص 82

نوٽ: نٿن گاج، نٿن باران، نٿن ملير نيئون آهن.

کي 66 فولاد جا دروازا ڏنل آهن، جي بجلي جي وسيلي کُلن ۽ بند ٿين ٿا. بنهي پاسن کان واهه نڪرن ٿا، جيڪي سنڌ جي 7,500,000 ايڪڙ زمين آباد ڪن ٿا. هن پل جو ڪم سنه 1923ع ۾ شروع ٿي سنه 1932ع ۾ پورو ٿيو. مٿس ٽيهه ڪروڙ رپيا خرچ لڳو. پل هڪ ميل ڊگهي آهي ۽ دنيا جي موجوده عجائبات ۾ شمار ٿئي ٿي[1]. لاڙ واري حصي کي پاڻي پهچائڻ لاءِ حڪومت پاڪستان ڪوٽڙي وٽ لوئر بئراج تعمير ڪرائڻ جو ڪم شروع ڪرايو آهي، جنهن اسڪيم تي ٻارهن ڪروڙ رپيا خرچ لڳندو. مگر لائڊ بئراج پوڻ کان پوءِ به سنڌونديءَ دستور موجب آبڪلاٽي ڪري هن ملڪ کي نقصان رسائي ٿي. اهڙي روئداد جاري آهي.

**قديم قومون:**

خبر نه ٿي پوي ته هن ملڪ ۾ جو انڊو- گنگا واري ميدان جو الهندو حصو آهي، ڪهڙيون قومون آباد هيون. درويڊي هندستان جي قديم قوم شمار ٿئي ٿي. تن کان اڳ ڪول ۽ سنتال قومون سنڌ، اُتر هندستان ۽ اُلهندي هندستان ۾ آباد هيون، جن کي دراوڙن لوڏي ڪڍيو. دراوڙ يونچ (بحيره روم) سمنڊ جي ڪناري کان پهريائين ڪجهه وقت عراق ۾ سڪونت اختيار ڪئي، پوءِ بلوچستان ۾ وارد ٿيا. موهن جي دڙي مان ڪولن، سنتالن ۽ دراوڙن جا لاش لڌا آهن. سندن تهذيب عراق ۽ مصر جي ملڪن جهڙي هئي[2]. سرو، وچولو، ٿر، لاڙ، ڪوهستان سنڌ جا ڀاڱا آهن.

**قديم آثار:**

سنڌ ۾ گهڻائي جهونا شهر آهن. جيئن الور، برهمڻ آباد، سيوهڻ، ڪاهو جو دڙو (ٿرپارڪر) وغيره. مگر مٿين شهرن مان موهن يا موئن جو دڙو Mound of Dead جو لاڙڪاڻي کان 25 ميل اُتر ۽ ڏوڪري کان ست ميل پري آهي، تنهن جيڪا شهرت حاصل ڪئي آهي سا ڪنهن کان به ڳجهي ناهي. مٿيون دڙو 240 ايڪڙن ۾ ستر فٽ مٿاهون آهي. ماهرن جو خيال آهي ته

(1) S.C.Sarkar: Hidustan year- Book. 1938. P. 220

نوٽ: عربن سنڌونديءَ تي مهران نالو رکيو هو.

(2) Sir John Marshall: Mohan-jo-Daro & Indus Civilization, Vol: 1, P. 5

سنڌونديءَ جي سيلاب يا زلزلن ڪري درياءَ جي رخ بدلائڻ ڪري شهر تباهه ٿي ويو. سنه 1922ع ۾ محڪمه آثار قديمه پاران دڙي جي کوٽائي جو ڪم مسٽر آر.جي.بئنر جي شروع ڪيو. هن سرڪاري رپورٽ ۾ ڏيکاريو ته وڏي دڙي ۾ مختلف چئن زمانن جون عمارتون موجود آهن. قبرن مان ڪٽڪ، جَوَ ۽ ململ جو ڪپڙو ۽ ٽانوَ هٿ لڳا آهن. مصرين وانگر سنڌن عقيدو هو ته مُئي کان پوءِ روح کي انهن سڀني شين جي ضرورت پوي ٿي، جي جسماني زندگيءَ ۾ ان لاءِ گهربل آهن. مندرن ۽ عمارتن مان جيڪي هٿيار، سڪا ۽ ٻيون شيون هٿ لڳيون آهن، اهڙيون ساڳيون شيون عراق، مصر ۽ ڪريٽ جي جهونين قبرن مان هٿ لڳيون آهن. سرجان مارشل لکي ٿو ته:

> "اسان کي اوچتو هي ڳالهه معلوم ٿي ته 5 هزار ورهيه اڳ سنڌ ۽ پنجاب جا ماڻهو متمدن ماڻهن وانگي خوبصورت ۽ پڪن شهرن ۾ رهندا هئا. سنڌن تمدن، هنر ۽ ڪاريگري بُلند درجي تي پهتل هئي، سنڌن اڪرن لکڻ جو نمونو به سڌريل ڍنگ جو هو[1]."

### قديم تاريخ:

مهاڀارت ۽ راماڻ جي شاعرانه نظمن ۽ سنڌ وارن جي قومي ڪارنامن جي جيڪا خبر پوي ٿي سي آڪاڻين کان وڌيڪ ڪابه وقعت نه ٿا رکن. مثال طور هندن جيڪي چار قياسي جُڳ ايجاد ڪيا آهن. (1) ست جُڳ، (2) تريتا، (3) دواپر، (4) ڪَل جڳ، جن مان پوئين جُڳ جو زمانو هنن 432000 ورهيه ڏيکاريو آهي. جنهن مان فقط 4500 ورهيه اجا گذريا آهن. متين جُڳن ۾ کهڙيون حڪومتون ٿي گذريون، تن جو پتو يورپين محققن کي به پئجي نه سگهيو آهي.

### آريا قوم:

البته رگويد مان خبر پوي ٿي ته آريا قوم اُتر قطب يا وچ ايشيا مان نڪري هندوڪش جبل کي لتاڙي پنجاب کي مسڪن جوڙيو. هتي جي ستن

---

[1] London illustrated News 20 Sept, 1924, London

ندين ڪري سنڌ مان پنجاب تي ”سپت سنڌو“ يعني ستن ندين وارو ملڪ نالو رکيو. وري جڏهن اڳتي وڌي گنگا ۽ جمنا وارن شاداب علائقن مان ڀيل، ڪول، سنتال ۽ گونڊ قومن کي نربدا ۽ دکن ڏانهن لوڏي ڪڍيو ويو، تڏهن گنگا ۽ جمنا وارن ملڪن تي هنن ”آريا ورت“ نالو رکيو[1] هنن اَوڌ، هستناپور ۽ متيلا جا راڄ ڪڙا ڪيا. سندن ٻه خاندان سورج بنسي ۽ چندربنسي سڏجڻ ۾ آيا. هندوڪش کان وٺي برهمترا تائين هنن ڀارت ورش ۾ گنڌارا، مَدرا، تڪشالا، هستناپور، اندر پرستا، متر، ڪامپيلا، ڪپلوستو، ايوڌيا، پرياڳ، ڪاسي، پتاليپترا، گيا، اجين جا شهر تعمير ڪيا. برهمڻ ۽ کتري منجهن ٻه ذاتيون هيون. ونڌيا جبل پريان ڪالينگا، انڌرا، چولا، پانڊيا، چيرا دراوڙي رياستون قائم رهيون[2]. دراوڙ آرين کان گهٽ مهذب هئا، پر دشمني ڪري آريا قديم قومن کي ”داسيو“ يعني غلام جي لقب سان سڏڻ لڳا. آرين جي اصلي زبان سنسڪرت هئي، پوءِ دراوڙي زبانن سان ٽڪرجڻ ڪري منجهانئس پراڪرت زبانون ڦُٽي نڪتيون. مهاڀارت جو زمانو يورپين محققن 1400 ق.م ۽ رامائڻ جو زمانو 1200 سو ورهيه ق.م ڏيکاريو آهي. گويا سنڌ، پنجاب يا بلوچستان ۾ 1400 ق.م هندو رياستن جي خبر پئجي سگهي ٿي.

**ميد ۽ جاٽ:**

آرين کان سواءِ مهاڀارت جي زماني ۾ سنڌ ۽ بلوچستان ۾ ميد ۽ جاٽ ٽين توراني ستين (سائٿين) قومن جو ڏس ٻه ملي ٿو، جن جو گذران سنڌ ۽ بلوچستان ۾ مڇين ۽ پکين جي شڪار تي هو. ڪڇي ۾ ڪرد (براهوئي) يوڌي ۽ پنيرتي گذر ڪندا هئا[3]. اهي قومون جنگجو هئڻ ڪري پاڻ ۾ برسر جنگ رهنديون هيون. جاٽ وچ ايشيا جي قوم هئي. ميد انڊو- يورپين جهازران قوم هئي.

**سنڌ جا هندو راجا:**

يجرويد جي زماني ۾ آنو آريا (Anaya) قوم مان شوي آريا قوم جي

(1) J.C. Marsham: History of India, Chp-I, London, 1893.

(2) The Cambridge History of India, vol. I, Cambridge, 1922

(3) E.H.Aitkin: Gazetteer of the Province of Sindh, CHP. III, P.87, Karachi, 1907

پنجاب ۽ سنڌ تي حڪومت هئي[1]. آنو آرين جا سؤٽ درهيو آريا جن جي پشاور کان قنڌار تائين حڪومت هئي. شوي آرين مان ڪيڪيئه جو راڄ ديره جات ۽ ملتان تي هو. ايوڌيا جي راڄا دسرٿ جي هڪڙي ڪيڪئي نالي راڻي هئي جا ڪيڪيه ديس جي هئي. هن راڻيءَ مان راڄا کي ڀرت نالي پُٽ ڄائو، جنهن جي ڪيڪيه ديس ۽ سنڌ تي حڪومت هئي. مهاڀارت جي زماني ۾ سنڌ جي راڄا جئدرٿ پنچال جي حڪومت هئي، جنهن ڪورون جي طرفداري ڪئي هئي. رامچند جي ڀاءُ ڀرت جا ٻه پٽ تکش ۽ پشڪر هئا، تن پوءِ گنڌارا (قنڌار) وارو پاسو پنهنجي قبضي ڪيو. سندن گادين جا نالا سندن نالن پٺيان تکش سلا (تڪسلا) ۽ پشڪروتي سڏجڻ ۾ آيا. راڄا ڌرتراشٽر جي راڻي گانڌاري جا ڪورون جي ماءُ هئي، سا قنڌار پرڳڻي جي راجڪماري هئي ۽ راڄا سبل جي نياڻي هئي. سنڌ جي راءِ گهراڻي جا راڄا ڀرت جي اولاد مان هئا. ڪڇ تي موجوده نالو رام جي پٽ ڪوشيڪا ڪري پيو[2].

**آرين قومن جون ڪاهون ۽ مصرين جي ڪاهه:**

سنڌ آباد ۽ شاداب علائقو هو. هتان سون، عاج، مصالحه، ريشمي ۽ سوٽي ململون جن کي سنڌو سڏيندا هئا، تن جي ڌارين ملڪن کي گهرج هئي. انهن شين جو واپار هزارها ورهين کان مغربي ملڪن سان هلندڙ هو. ابن الفقيه همداني سنه 330هه ۾ لکي ٿو ته: سنڌ کي الله تعاليٰ هيءَ خصوصيت بخشي آهي جو ان ملڪ ۾ هر قسم جون خوشبودار شيون، جواهرات، ياقوت، الماس، عنبر، عاج ۽ مصالحه ۽ عمارتي ڪاٺ ٿئي ٿو[3]. انهن قدرتي شين کي هٿ ڪرڻ لاءِ مغربي قومن وقت بوقت هن ملڪ تي ڪاهون ڪيون. حضرت موسيٰ[4] کان اڳ مصر جي فراعنه مان راميسس ثاني جهازن جي دستي سان بحيره قلزم کان نڪري ايشيا جي وڏي حصي تي گنگا ۽ وچ ايشيا تائين ڪاهون

---

(1) V.A.Smith: Early History of India, 4th ED: P. 97, London

(2) J.F. Hewitt: The Rulingraces of Pre Historic times, vol. I, P. 163

نوٽ: امير معاويهؓ جي ڏينهن ۾ صقليه جي بتن کي سنڌ جي هندن خريد ڪيو هو. بت وڪامندا هئا.
ڪرنل جيمس ٽاڊ تاريخ راجستان جلد پهرين ۾ لکي ٿو ته الور بليڪا پوترا راجائن جو تختگاهه هو.

(3) ڪتاب البلدان: ابن الفقيه همداني، ص 251، لنڊن

ڪيون هيون[1]. اُسيرين بہ گنگا تائين حملا ڪيا هئا. هندستان جا رهاڪو هن کي ديوتا سمجهي، سندس پرتشس ڪرڻ لڳا.

**ڪلدانين جون ڪاهون:**

ڪلداني جن جو تمدن مصرين وانگر پنج هزار ورهيہ ق.م جهونو آهي. هن قوم کان اشور وارن روشني حاصل ڪئي هئي. تن جا تجارتي تعلقات سنڌ سان لاڳو هئا. اُر UR جي مندرن مان جيڪو ڪاٺ نڪتو آهي سو يا ڪپڙو سنڌ مان گهرائيندا هئا. دراوڙ قوم بہ ڪلديا کان نڪري بلوچستان ۽ سنڌ کي وسايو هو، جن جي آثارن مان عراقي تهذيب جي جهلڪ نظر اچي ٿي. سيفار، ارخ، نپور، اغاد جي شهرن ۾ سنڌ جي شين جا نالا عام طرح رائج هئا. جيئن سنڌو (ململيون).

**بابل ۽ اُسيرين جون ڪاهون:**

بابل جو شهر، جو هڪ سؤ ميلن ۾ هو، تنهن جو بنياد نمرود وڌو هو. اشور جو بنياد نينوس 2182 ق.م ۾ وڌو. هن نينويٰ جو شهر تعمير ڪرايو هو. سندس عالي همت راڻيءَ سميراميس سنڌوندي وارا ملڪ اٽڪ تائين فتح ڪيا هئا. آخر هندستان جي راجا ستابروبيٽس هٿان شڪست کائي زخمي ٿي موٽي وئي. قديم دنيا هن کي ديوي ڪري مڃيندي هئي[2]. اشور وارن پنج صديون حڪومت ڪئي. سندن زوال ميديا وارن هٿان ٿيو.

**فنيقيا:**

دنيا جي پهرين جهازران تاجر قوم جنهن کي يوناني فنيشن سڏين ٿا ۽ عبراني ۾ سندن نالو ڪنعاني، قرآن ۾ سندن نالو عاد اِرم ڏنل آهي. هن قوم بحرين کان نڪري شام جي ڪناري تي صيدا ۽ صور جا بہ بندر تعمير ڪيا هئا. يوناني تهذيب جو آغاز هن قوم ذريعي ٿيو. تن سنڌ تي ڪاهہ ڪئي هئي. چاڻاڪ جو موريا خاندان جي راجائن جن اُتر اولهہ هندستان ۽ سنڌ ۾ منصوره تائين جيڪي ڪتبا کڙا ڪيا هئا سي سامي خط ۾ ساڄي کان کاٻي پاسي تائين لکيل آهن. اهو خط "خروشتي" يا "گنڌاري" (ليپي) سڏجي

---

(1) R.W.Frazer: British India, P. 2, London, 1896

(2) A.J.Grant, Herodotus, vol.I, P. 109, Lonodon, 1880

ٿو. متئين خط کان هندستانين کي فنيقيا وارن روشناس ڪيو هو. مهاڀارت جي زماني ۾ متين لاڳاپن جي ڪري هندو عربي زبان کان واقف هئا[1]

## ايرانين جون ڪاهون:

ڊاڪٽر سرجيوڻ جي مودي ۽ پروفيسر ڊارميسٽيٽر تصديق ڪن ٿا ته جمشيد هفت اقليم تي بادشاهي ڪئي هئي. پيش داديان ڪسرائن مان هوشنگ هندستان تي ڪاهه ڪئي هئي. فردوسي شاهنامه ۾ ڪابل، هند، سند، سندل، چندل، ڪشمير ۽ ملتان ايراني مقضوبات ڏيکاريا آهن. اشڪاني دور جا ڪسريٰ ماغي سڏبا هئا. سندن تختگاهه اصطخر هو. سنڌ جو شهر برهمڻ آباد بهمن ايرانيءَ تعمير ڪرايو هو. ايرانين دکن ۽ پٽاليپترا (پٽنا) تائين ڪاهون ڪيون هيون. دارا اعظم کي ساليانو سنڌ جي علائقي مان 1078272 پائونڊ آمدني هئي[2].

## يونانين جي ڪاهه:

سنه 332 ق.م يونانين سڪندر بن فيلقوس مقدوني هيٺ شام، مصر فتح ڪرڻ کان پوءِ اربيلا جي جنگ ۾ دارا کي شڪست ڏني. ايرانين جي شڪست ڪري هندستان ۽ وچ ايشيا جا رستا يونانين لاءِ کُلي ويا. سنه 327 ق.م ڪابل ۽ سوات جي رستي کان سڪندر پنجاب جي راجا پورس کي شڪست ڏني. هو اڳتي وڌي نه سگهيو. هڪ ته سندس لشڪر ٿڪل هو، ٻيو هندستان جو راجا چندر گپت طاقتور هو. جهلم، اُچ جا شهر يادگار لاءِ جوڙائي ٻيڙين رستي سنڌونديءَ وسيلي سنڌ پهتو. مينانگر جي راجا سامبس کي شڪست ڏيئي پٽالا (نيرون ڪوٽ) پهتو. هتان پنهنجي سپهه سالار ڪراٽيرس هٿ هيٺ ڪجهه لشڪر هاٿين جي دستن سميت دره مولا کان روانو ڪيو[3].

---

[1] عرب ۽ هند جا تعلقات: سيد سليمان ندوي، ص 8-9، الهه آباد، 1930ع.

[2] Journal, Sindh Historical Society, Vol. III, P. 30, March 1937, Karachi, Cambridge History of India, Vol. I

[3] V.A Smith: The Oxford History of India, P. 85, Oxford, 1920

**پنيور:**

بحري دستي کي پنهنجي اميرالبحر نيرڪوس جي نگراني هيٺ پنيور جي بندر کان مڪران جي ڪناري ڏانهن روانو ڪيو. پنيور حيدرآباد ۽ ڪراچي جي رستي تي گهاري کان ٻن ميلن جي مفاصلي تي سنڌ جو قديم بندرگاهه هو، جتان ٻيڙين جو مال سامونڊي غوراٻن ۾ پربو هو. هتان نير، سوٽي ڪپڙو، چين جو ريشم ۽ هندستان جا خوشبودار مصالحا مصر ۽ ٻين مغربي ملڪن ڏانهن ويندا هئا. جهازن کي هٽ محصول پرٽو پوندو هو. هي شهر راجا پنيور راءِ تعمير ڪرايو هو. دنيا جي پهرين جاگرافيدان بطليوس هن شهر جو نالو باربائيڪ لکيو آهي. عيسوي ٻي صدي تائين هن شهر جو اوج رهيو. غازي محمد بن قاسم هن شهر ۾ ڇانوڻي وڌي هئي.

سنه 171هه/787ع ۾ هارون الرشيد عباسي جي زماني ۾ زلزلي ڪري گهاري جي سُڪي وڃڻ ڪري هي شهر ويران ٿي ويو. سندس قتل آثار اڃا تائين موجود آهن[1]. سڪندر مقدوني کي مڪران جي ڪناري تان لنگهڻ وقت ميڊ ماهي گيرن گهڻو نقصان رسايو. سندس بحري دستي جا گهڻائي فنيقي ۽ مصري ملاح مارجي ويا.

**سيليوڪس نڪنار:**

سڪندر مقدوني هندستان ۾ 324 ق.م کان 327 ق.م تائين ڪُل ٽي ورهيه رهيو. هندستان ۾ سندس يوناني سلطنت ٽن حصن ۾ ورهايل هئي. ڪابل کان هندوڪش وارو حصو جنهن جو تختگاهه چارسده (پشاور) هو، سو پشڪالاوتي سڏبو هو. هتي جو گورنر اوڪسيارٽيس هو ۽ سنڌ جو گورنر پيٿان هو. مشرقي علائقا شام تائين سيليوڪس نڪنار جي قبضي هيٺ اچي ويا. سندس حڪومت جون حدون سنڌونڊي تائين هيون. ايشيا ڪوچڪ، ٿريس،

---

(1) E.H. Aitken: Gazetteer of the Province of Sindh, P. 33

Cousens, H: Antiqutities of Sindh, PP. 80-81, 1929

Pithawalla: The Indus Its Navigation in Sindh , P. 16, Karachi, 1937

W.H. Schoff: The Priplus of the Erythroean sea, P. 37, New York, 1912

Elliot (Dowson): History of India, Vol.I, PP. 332-333, 1867

يونان ۽ مقدونيہ اينٽي گونس جي قبضي هيٺ اچي ويا. فلسطين ۽ مصر بطليموس جي قبضي هيٺ اچي ويا. مٿيان ٽيئي سڪندر جا جرنيل هئا. سنڌ جي واپار گهڻي ترقي ڪئي، مثال لاءِ پليني المتوفي 79ع جي بيان موجب فقط رومة ! . يُ ڏانهن ويندڙ مال جي قيمت 2000000 پائونڊ هئي مٿين رقم روما جي شهنشاهہ آگسٽوس کان وٺي هيڊرئان تائين پرڻ لڳا. مٿيون مال خشڪي رستي تدمر تائين ۽ سمنڊ رستي مصر جي بندر برنائيس تائين پهچندو هو. اُفير کان پوءِ تدمر واپار جي مرڪز بڻجي پيو. سندس اوج سنہ 273ع تائين رهيو. جڏهن قيصر آرليان تدمر تي ڪاهي هتي جي پر شوڪت ملڪہ زنوبيا کي ڪٽي ويو. سنہ 320ع ۾ قسطنطنيہ مشرقي بازنطيني شهنشاهيت جو تختگاهہ مقرر ٿيو. مشرق جو واپار مدائن ۽ قسطنطنيہ بن تختگاهن ڏانهن ڇڪجي ويو. ڪلوپيٽرا مصر جي بطليموس خاندان جي پوئين ملڪہ هئي، جنهن روم جي ڪاهن ڪري شڪست کاڌي[1]. سڪندر مقدوني پهريون مغربي هو، جنهن مشرق جي واپار جو مغرب لاءِ رستو کوليو هو.

**بُڌمت:**

سنڌ جي قديم تاريخ کي معلوم ڪرڻ لاءِ هندن وٽ ڪوبہ تاريخي ڪتاب ڪونہ هو، جنهن مان هن قوم جو پتو پئجي سگهي. عيسوي ستين صدي تائين هوئن تسانگ چيني سياح فقط هندن جي نلنده يونيورسٽي جو ذڪر ڏنو آهي، مگر اُتي جي تعليم جو سرشتو فقط زباني هو. هندو دعويٰ ڪن ٿا تہ پران سندن تاريخي ڪتاب آهن. اهڙي دعويٰ غلط آهي. ڊاڪٽر گستاؤلي بان صاف ڏيکاري ٿو تہ فن ڪتابت ۽ تاريخ نويسي جو رواج هندستان ۾ مسلمانن رائج ڪيو[2]. جڏهن آريا هندستان جا مالڪ بنجي ويا، تڏهن برهمڻن اهڙو زور ورتو جو اُنهن مذهب کي ۽ مذهبي رسمن کي اهڙو پيچيده بنائي ڇڏيو، جو مذهبي زيارتن ڪري سندن خلاف عوام ۾ عام جذبو پيدا ٿي ويو. سنہ 567 ق.م نيپال جي ڪپل وستو رياست ۾ ساڪيہ خاندان

---

[1] G.Rawlinson: Intercourse bet. India & west, P.27

Rollin: Ancient History, Vol. III, The Alexander's Successors

[2] تمدن هند: ڊاڪٽر گستاؤلي بان. مترجم: شمس العلماء سيد بلگرامي، حيدرآباد دکن.

جي راڄا سڌوڌن جي پٽ سڌارٿ جو پوءِ گوتم ٻڌ سڏجڻ لڳو. نئون ڌرم ٻڌمت جاري ڪيو. هن سنہ 487 ق.م ڪوشي نگر (نيپال) ۾ وفات ڪئي. سندس مرڻ کان پوءِ ستت ٻڌ ڌرم هندستان چين، تبت، وچ ايشيا، سنڌ، بلوچستان، سيام ۽ سيلون تائين پکڙجي ويو. ساڳي وقت بهار جي راڄا سڌارٿ جي پٽ ورڌمان جو عام طرح مهاوير سڏجي ٿو ۽ جو گوتم جو همعصر هو. جين ڌرم کڙو ڪيو پر ٻڌ ڌرم کي موريا خاندان جي راڄائن گهڻو زور وٺرايو.

**منوسمرتي:**

ٻڌ جا پوڄاري سمنيہ سڏبا هئا. هڪ هزار ورهيہ ق.م آرين جي هڪڙي عالم منوشاستر تصنيف ڪيو جنهن موجب هن آرين جي ذاتين کي چئن ورنن 1. برهمڻ 2. کتري، 3. ويش، 4. شودرن ۾ ورهائڻ کان سواءِ گهريلو زندگي کي بہ چئن حصن ۾ ورهايو. مٿين فرقہ بندي ڪري ٻڌ ڌرم طول ۽ عرض هندستان ۾ عام مقبوليت حاصل ڪئي[1]. اسلام جي ظهور کان اڳ سڄي مشرق تي آتش پرستي ۽ بت پرستي ڇانيل هئي.

**موريا خاندان چندر گپت:**

هن خاندان جو پايو چندر گپت موريا وڌو. سندن راڄائن 183 ق.م کان 322 ق.م تائين مگده تي حڪومت ڪئي. منجهانئن چندر گپتا 299 ق.م کان 323 ق.م تائين اُتر هندستان تي حڪومت ڪئي. هن پهريون پنجاب ۾ يونانين خلاف بغاوت ڪري ڪين شڪست ڏيڻ کان پوءِ مگده جي نند خاندان جي راڄا ڌن نند کي شڪست ڏيئي پٽنا کي تختگاهہ مقرر ڪيو. پنهنجي ماءُ مورا جي نالي تي پاڻ کي موريا سڏائڻ لڳو. هن چاليهہ لک سپاهين سان سيليوڪس نڪتار کي شڪست ڏئي افغانستان ۽ بلوچستان تائين ملڪ تي قبضو ڪيو. سيليوڪس سائس صلح ڪري پنهنجي پاران مگستينز کي پٽنا ۾ سفير ڪري موڪليو. چندر گپت کان پوءِ سندس پٽ بندوسار 237 ق.م کان 298 ق.م تائين حڪومت ڪئي. کانئس پوءِ سندس پٽ آسوڪا 232

---

[1] أمرائي هندو: منشي محمد سعيد احمد مارهروي، ص. 2، اؤرنگ آباد، 1932ع

ق.م کان 237 ق.م تائين مگده تي حڪومت ڪئي. سندس حڪومت افغانستان سنڌ، بلوچستان، سوات، ڪشمير، نيپال تائين هئي. هن جابجا ٻڌ ڌرم کي زور وٺرائڻ لاءِ ڪتبا بطور يادگار جي قائم ڪيا جن مان ڪي هن وقت تائين موجود آهن[1].

**باختري حڪومت:**

سن 184 ق.م موريا خاندان جي ڪمزوريءَ جي ڪري هن خاندان جي اميرن مان پشيامترا موريا خاندان جي پوئين راجا برادرٿ کي سن 185ق.م ۾ قتل ڪري مگده ۾ سنگا خاندان جو بنياد وڌو. متين انقلاب ڪري يوناني باختري حڪومت بلخ ۾ يونانين کڙي ڪئي، جا 256ق.م ۾ قائم ٿي ۽ هڪ صدي قائم رهي. سن 190ق.م ۾ يوناني حاڪم ديمي ٽريوس بلوچستان، سنڌ ۽ گجرات تائين ملڪ بلخ جي جهنڊي هيٺ آندا. هن سڪالا (سيالڪوٽ) کي تختگاهه مقرر ڪري سنڌ ۾ ڪي شهر تعمير ڪرايا. يوناني حاڪم هڪ ٻي سان لڙندا رهيا. منجهان مينيڊر (ملندا) جنهن کي پشيامتر 155 ق.م ۾ شڪست ڏني هئي تنهن ٻڌ ڌرم اختيار ڪيو. يوناني حڪومت چاليهن حصن ۾ ورهايل هئي. سندن هندستان جي راجائن سان مائٽي هئي[2]. مينيڊر جي مرڻ کان پوءِ هندي يوناني حڪومت جو خاتمو ٿيو. هڪڙي پاسي پرٿوا پارٿي قوم بلوچستان ۽ سنڌ تي قبضو ڪيو[3]. ٻي پاسي ڪشان (يوچي) خانہ بدوش قوم چين کان نڪري درياءِ جيحون کان هندوڪش تائين ملڪ فتح ڪيو. هنن خاندان جو مشهور بادشاهه ڪنشڪا سن 120ع کان سن 162ع تائين ٿي گذريو. هن ڪشمير، پامير، چيني ترڪستان، قراقرم، بلخ، افغانستان، بلوچستان تي قبضو ڪيو. هو ٻڌ ڌرم جو پوڄاري هو. سن 730 ق.م ۾ مگده جي سنگا خاندان جو خاتمو ٿيو. هن خاندان وارن فقط 45 ورهيہ حڪومت ڪئي. سن 28 ق.م ۾ مهاندي ۽ گوداوري ندين تي آنڌرا

(1) V.A. Smith: Oxford History of India, P. 106

(2) M. Elphinstone: History of India, Greek Kingdom, P. 267, London, 1874

(3) G.Rawlinson: The Story of Nations, Parthia, P. 28, London, 1893

خاندان وارن مگده تي قبضو ڪيو. پر ڪنشڪا گنگا ۽ نربدا تائين ملڪ فتح ڪيو. سنہ 220ع ۾ يوچي ۽ انڌرا خاندانن جو خاتمو ٿيو. هندستان رياستن ۾ ورهائجي ويو. منجهانئن پٽنا جي گپت خاندان زور ورتو.

**گپت خاندان:**

هن خاندان سنہ 320ع کان سنہ 525ع تائين راڄ ڪيو. هن خاندان جو باني چندر گپت پهريون 320ع کان 335ع تائين راڄ ڪيو. ڪانئس پوءِ سندس پٽ سمندر گپت اوڙيسا، دکن ۽ نيپال تائين ڏنُ وصول ڪيو. سنہ 375ع ۾ سندس پٽ چندر گپت ثاني (وڪرماجيت) اجين کي تختگاهہ مقرر ڪيو. سندس حڪومت گجرات، مالوه، ڪاٺياواڙ، سنڌ ۽ ڪيرٿر تائين هئي. سندس ڏينهن ۾ سنسڪرت زبان ۽ بتخانن زور ورتو. اجنتا جون غارون هن زماني جون يادگار آهن. اُتر هندستان ۾ سندس سنبت ۽ دکن ۾ ساليواهن سنبت جاري ٿيو. سفيد فام سٿين گپت خاندان جي ڏينهن ۾ مغلستان کان نڪري ايران کي لتاڙي شام جي شهر عسقلان تائين اُتان يورپ تائين پهتا. مؤرخ هن قوم کي "هن" بہ سڏين ٿا[1]. سنہ 455ع ۾ سٿين هندستان تي ڪاهہ ڪئي، مگر سڪنده گپت کان شڪست کائي موٽيا. سنہ 465ع ۾ سڪنده گپت کي مغلوب ڪري پنجاب، بلوچستان، سنڌ، مالوه تي قبضو ڪري هندن سان رلي ملي ويا. راجپوت سندن نسل مان آهن. سندن بادشاهن مان سنہ 510ع ۾ مهر گل ساگلا سيالڪوٽ کي تختگاهہ مقرر ڪيو. هو وڏو ظالم هو. جنهن ڪري ملوه جي راجا يشوڌرمن ۽ مگده جي گپت راجا نرسنگهہ ۽ ٻين راجائن گڏجي ملتان وٽ مهرگل کي شڪست ڏئي ڪشمير ڏانهن ڀڄائي ڪڍيو. سنہ 540ع ۾ هن قوم جي حڪومت جو خاتمو ٿي ويو.

**ساساني:**

سڪندر مقدوني جي مُئي کانپوءِ ايران تي 240 جماعتن حڪومت ڪئي. هن طوائف الملوڪي جي زماني ۾ سنہ 226ع ۾

---

(1) A.J. Grant: Herodotus, vol.I, P. 63

اردشيربابڪ اردوان، اصفهان ۽ فارس جو حاڪم هو. اصطخر جي آتشخانه جو به محافظ هو. ساسان جو بهمن جي پيڙهي مان هو ۽ دارا ابن دارا جي پيڙهيءَ مان هو، تنهن کي بابڪ ڏيءَ جو سڱ ڏنو، جنهن مان اردشير ڄائو. هن 14 سال حڪومت ڪئي. ان قليل عرصي ۾ هن سڄو ايران فتح ڪيو[1]. سندس پٽ شاهپور جو تاريخ ۾ ذوالاڪتاف جي لقب سان مشهور آهي، تنهن عرب جي تميم، بڪر ۽ عبد قيس قبيلن کي جلاوطن ڪري سندن ڪلهن ۾ سوراخ ڪرايا هئا. ڪانئس پوءِ بهرام گور روم، صغد ۽ هندستان تي ڪاهون ڪيون.

**نوشيروان:**

ساسانين مان نوشيروان بن قباد بن فيروز نامور شهنشاه ٿي گذريو آهي. يونانين ۽ پارٿين جي ڪاهن ڪري، جن جن آتشخانن ۾ رک اُڏامندي هئي ۽ سرد پئجي ويا هئا، سي هن نئين سر آباد ڪرايا. زند ۽ پازند جا ورق جيڪي ڇئن سون سالن جي غارتگري ڪري پريشان ٿي ويا هئا، سي هن گڏ ڪرايا. اڳ اصطخر ايران جو تختگاهه هو. هن مدائن کي نئون تختگاهه مقرر ڪيو[2].

**حضور سرور ڪونين ﷺ جي ولادت مبارڪ:**

سندس حڪومت جي ٻائيتاليهين سال 9 ربيع الاول سنه 1 عام الفيل مطابق 22 اپريل سنه 571ع پهرين جيٺ سنبت 628 ۾ حضور سرور ڪونين رحمت العالمين محمدؐ بن عبدالله عليه الصلواة وسلم مڪي معظمه ۾ طلوع آفتاب کان پوءِ غروب آفتاب کان اڳ عالم دنيا ۾ رونق افروز ٿيا[3]. سيد امير علي سليوڪي سنه 880 ڏيڪاريو آهي. نوشيروان سنه 531ع کان سنه 579ع تائين حڪومت ڪئي. سندس حڪومت مشرق ۾ ڇئن حصن ۾ ورهايل هئي. سنڌ ۽ گجرات تي به هن ڪاهون

---

(1) ابن خلدون: جلد 2، طبقه رابع ملوڪ فارس، ص 32، اردو ترجمو ديوبند

(2) معجم البلدان: ياقوت حموي، جلد 7، ص 413

(3) سيرت النبي: شبلي نعماني، جلد 1، ص 160، اعظم ڳڙهه

رحمت العالمين: قاضي محمد سليمان منصورپوري، جلد 1، ص 44-45، لاهور

ڪيون هيون[1]. مصر جو بندر سڪندريه، حلب، قبرس، اناطاقيه سندس قبضي هيٺ هئا. اڀرندي ۾ سندس حدون آمو درياءَ تائين هيون. مغرب ۾ رومته الڪبريٰ روم ۽ قسطنطنيه ۾ مشرق بازنطوم به زبردست شهنشاهتون هيون. شام، فلسطين ۽ مصر بازنطوم شهنشاهت ماتحت هئا. نوشيروان يمن کي ديلمي لشڪر جي مدد سان حبش کان آزاد ڪرائي اُتي جي ملوڪ تبابعه مان ابن ذي يزن کي حاڪم مقرر ڪيو. سنڌ تي راءِ گهراڻي جي حڪومت سنه 450ع ۾ شروع ٿي.

## راءِ گهراڻو:

اسين اڳ ڏيکاري چڪا آهيون ته راجا بليڪا جي پٽن جي رام جي اولاد مان هئا. تن عيسوي سن کان پارنهن سؤ ورهيه اڳ الور ۾ رياست قائم ڪئي هئي. دياوينسي خاندان وارا زابلستان تائين رياستون قائم ڪن ٿا[2]. سندن لقب رتبيل هو. سنه 860ع تائين رتبيلن عرب فاتحن سان جنگيون جوٽيون هيون[3]. گجرات تي ولاڀي راجائن جي حڪومت هئي. راءِ گهراڻي جي ڪل پنجن راجائن سنه 450ع کان سنه 622ع تائين حڪومت ڪئي:-

1. راءِ ديواجي 2. راءِ سهارس پهريون 3. راءِ سهاسي پهريون 4. راءِ سهارس ثاني 5. راءِ سهاسي ثاني. سندن حڪومت جون حدون اڀرندي ۾ ڪشمير، قنوج، اُتر ۾ قنڌار، سيستان، الهندي ۾ مڪران، ڏکڻ ۾ سورت تائين هيون. هيءَ عظيم الشان سلطنت چئن حصن ۾ ورهايل هئي. جن الور، برهمڻ آباد، نيرون ڪوٽ (پٽالا) ۽ ديبل چار مضبوط قلعا هئا. انهن کانسواءِ بيا به قلعا هئا، جهڙوڪ اُچ، ماٿيلو، سيوراءِ، ماٿو، سيوستان وغيره. مٿن چار نائب حڪومت ڪندا هئا. جن جو لقب مَلڪ هو[4].

---

(1) M.Elpinstone: The History of India, Book IV, P. 233, London, 1874

(2) J.Tadd Amals & Antiquities of Rajasthan, Vol I, P. 61, Calcutta, 1894

(3) Lestrange: The Indus of eastern caliphate, P. 345, Cambridge, 1705.

(4) Kalich beg Fredun beg: The Chachnamah

**الور:**

سنڌ جو دنيا ۾ پهريون نقشو ابن حوقل بغدادي سنه 343هه/943ع ۾ تيار ڪيو. سندس نسخو ايليٽ نقل ڪيو جو اوڌ جي نوابن جي ڪتبخاني ۾ موجود هو[1]. الور سنڌ جو قديم تختگاهه جنهن کي هوئن تسانگ، پيشان پوپولو لکي ٿو ۽ جنرل ڪننگهام سندس قديم نالو رورپورا (رورانگر) لکي ٿو. سو روهڙي کان ستن ميلن جي مفاصلي تي سنڌو ندي جي قديم شاخ هاڪڙي جي الهندي ڪپ تي هو. واپار ۽ باغات ڪري وسيع هو. قدامت جي لحاظ سان 1400 ورهيه ق.م مهاڀارت سان تعلق رکندڙ هو. هندستان جي قديم شهرن اندر پرستا، هستناپور، پتاليپترا جي همعصر هو. هتي جي راجا جئدرٿ مهاڀارت جي جنگ ۾ پاندون جي مدد ڪئي هئي. عرب سياحن ۽ جاگرافيدانن عربي لهجي ۾ هن شهر جا جدا جدا نالا ڏنا آهن. مسعودي 942ع ۾ هن شهر کي مهراڻ جي الهندي ڪپ تي الرؤر جي نالي سان لکي ٿو. ابن خرداز به سنه 250 ڪتاب المسالڪ و الممالڪ ۾ رؤر لکي ٿو. ابن حوقل 943ع واري نقشي ۾ الرور ڏيکاري ٿو. سيوطي ڪتاب مراصد الاطلاع ۾ ساڳيو نالو ڏنو آهي. مشهور جاگرافيدان شريف ادريسي 560هه/1165ع ۾ هن شهر کي دور لکي ٿو.

**بت خانا:**

هتي جو بت خانو نوبهار مشهور هو. ملتان ۾ آفتاب جو بت خانو هو. سيوهڻ جو قلعو راجا پرتري تعمير ڪرايو هو. هن ڪافر قلعي ۾ بت خانو هو. برهمڻ آباد ۽ ديبل وڏا بت خانا هئا. باميان جو غزنوي کان نوي ميل اُتر اُلهندي هو. جنهن جي بت خاني کي ذڪريا قزويني بيت الذهب لکي ٿو. حجاج بن يوسف جي زماني ۾ مسلمان فاتحن کي هن بت خاني مان گهڻو سون هٿ لڳو[2]. بلخ جي هڪڙي شهر ۾ هڪ سؤ بت خانا هئا. جت تي سؤ پڪشو رهندا هئا.

---

[1] سيد سليمان ندوي ڪتاب عرب ۽ هند جي تعلقات ۾ نقشو ڏنو آهي.

[2] سنه 1886ع ۾ جرنل رائل ايشياٽڪ سوسائٽي لنڊن باميان جي 323 بتن جون تصويرون شايع ڪيون.

بخارا، خيوا، سمرقند ۽ ڪاشمر وڏا بت خانا هئا. منجهائن هنگلاج جي بت جي ايلم ۽ بابل وارا پرتش ڪندا هئا[1]. ڪڇي ۾ سيوي، سراوان ۾ قلات، لس بيلي ۾ هنگلاج وڏا بت خانا هئا. سنڌ ۾ پڪشوئن جو تعداد ڏهه هزار هو[2]. هوئن تسانگ جو بيان آهي تہ مالوه، گجرات، چتوڙ اُجين، ڪڇ ۽ سنڌ جا راجا، جن مان ڪي ڪتري هئا ۽ ڪي برهمڻ، تن جي پاڻ ۾ سخت دشمني ڪري چتاپيتي لڳل هئي.

**سهارس ثاني:**

راءِ سهارس ثاني جي ڏينهن ۾ نيمروز (سيستان) جي ايراني گورنر مڪران تي ڪاهه ڪئي. ان سبب ڪري ڪسريٰ خسرو پرويز جي مقابلي ۾ سنڌ جي راءِ قسطنطنيہ جي قياصر سان دوستانہ تعلقات رکيا هئا. 628ع ۾ قيصر هرقل ايرانين کي نينويٰ جي معرڪي ۾ شڪست ڏئي مدائن جي ديوارن تائين پهتو. سوره الروم جي پيشنگوئي پوري ٿي. ايرانين جي شڪست جي خوشي ملهائڻ لاءِ قسطنطنيہ ۾ جشن ملهايو ويو. هن موقعي تي راءِ سهارس جي سفير قيصر کي مبارڪبادي پيش ڪئي هئي[3].

**سهاسي ثاني:**

سهارس ثاني آخر نيمروز جي حاڪم سان جنگ ڪندي مارجي ويو. ڪانئس پوءِ سهاسي ثاني الور جي تخت تي ويٺو. هن جهالاوان تي قبضو ڪيو. لوهاڻا، لاکا، سمنيہ، جاٽ، ڪرد، ميد قومن سندس آڻ مڃي[4]. هن چچ بن سيلائج نالي هڪڙي برهمڻ کي، جو علم نجومت ۾ ماهر هو، وزير مقرر ڪيو. سندس راڻي سهندي هن نوجوان برهمڻ تي

---

(1) Sir T.H. Holdich: The Gates of India, Hinglaz, London, 1910

(2) V.A. Smith: The Early History of India, P. 328

نوٽ: امير معاويہؓ جي ڏينهن ۾ صقليہ جا بت هندو خريد ڪرڻ لڳا. سنڌ ۾ بت وڪامندا هئا.

(3) E.Gibbon: The decline & fall of the Roman empire, Vol. VIII, P. 257, London, 1802

(4) E.H. Aitkin: Gazetteer of the Province of Sindh, P. 89

عاشق ٿي پيئي. سنہ 632ع ۾ راجا جي مرڻ کان پوءِ چچ راڻيءَ سان شادي ڪئي. راءِ گهراڻي جو خاتمو ٿيو.

**برهمڻ گهراڻو:**

برهمڻ گهراڻي وارن 632ع کان سنہ 712ع تائين اٽڪل اَسي ورهيہ سنڌ تي حڪومت ڪئي. هن خاندان جي ڇهن راجائن حڪومت ڪئي:

1. چچ 632 کان 662ع تائين
2. چندار 662ع کان 669ع تائين
3. ڏهر ۽ ڏراج 669ع کان 670ع تائين
4. ڏهر 670ع کان 700ع تائين
5. ڏهر سياهہ ۽ ڏاهر 700ع کان 712ع تائين

خسرو پرويز کي رسول الله ﷺ اسلام جو دعوت نامو موڪليو هو، جو هن ڦاڙي ڦِٽو ڪيو. هو پنهنجي عمل جي سزا کي پهتو. سندس قتل ٿيڻ کان پوءِ ايران ۾ بادشاهہ گردي جو زور شروع ٿيو. شيرويہ، اردشير، بوران بنت پرويز ۽ سندس ڀيڻ ارزميدخت هڪ ٻئي پٺيان حڪومتون ڪيون. ارزميدخت حسين هئي، مٿس فرخ هرمز خراسان جو حاڪم عاشق ٿي پيو. هن جرم ۾ هو پنهنجي محلات جي داروغي هٿان قتل ٿي ويو. سندس پٽ رستم خراسان کان مدائن تي لشڪرڪشي ڪئي. ارزميدخت ڇئن مهينن کان پوءِ مارجي وئي. ڪانئس پوءِ ٻيا بہ شهزادا ساسان جي تخت تي ويٺا، مگر سلطنت تنزل ڏانهن تڪڙو قدم کڻڻ لڳي[1]. ڪرمان جو ڪيچ جي جنگ ۾ راءِ سهاسي پهرين ايران کان کٽيو هو، سو نيمروز جي حاڪم راءِ سهارس ثاني کي قتل ڪري ٻيهر ايران جي جهنڊي هيٺ آندو هو. چچ بن سيلائج مڪران هٿ ڪرڻ لاءِ ارمائل هٿ ڪري ايران جي بدانتظامي مان فائدو وٺي دشت ندي ٽپي ڪرمان تي ڪاهہ ڪئي. هيءُ واقعو سنہ 635ع ۾ ٿيو[2]. ڪرمان جي حد

---

(1) ابن خلدون: جلد 2، ص 57، اُردو ترجمو ديوبند

(2) Kalich Bāg Fredun beg: The Chachnamah, PP. 37-38, Karachi, 1900

مقرر ڪرڻ ۾ ڪنزپور (پنجگور) ۾ قلعا تعمير ڪرائڻ کان پوءِ توران (جهالاوان) جي رستي قندابيل (گنداواه) پهتو. ڍاڍر جي ويجهو سني جي ڳوٺ ۾ ڇانوٽي هٽي، ڪڇي جي رهاڪن کي آڻ مڃرائي فتوحات جي ڪم کي پورو ڪيو. ڪڇي جي ڪردن هڪ لک درهم ۽ هڪ سؤ گهوڙا ساليانو ڏنُ ڏيڻ منظور ڪيو، پوءِ الور پهتو، جت سنه 700ع ۾ چاليهه ورهيه حڪومت ڪري مئو.

**عرب ۽ هند جا تعلقات:**

هندستان عربن جي پدري وطن آهي. حديثن ۽ تفسيرن ۾ جت حضرت آدم عليه السلام جو بيان اچي ٿو، اُتي ڪيترين روايتن ۾ ڏيکاريل آهي ته جنت مان نڪرڻ کان پوءِ حضرت آدم هندستان جنت نشان جي ٻيٽ سرانديپ (سيلون) تي لاٿو ويو، جت جبل آدم موجود آهي. خود محمد ﷺ فرمايو ته "مون کي هندستان جي سرزمين کان رباني خوشبوءِ اچي ٿي." مٿيون بيان حديثن جي مقابلي ۾ توڙي جو ضعيف آهي تاهم اٿين سمجهڻ گهرجي ته تاريخ جي زماني کان اڳ عرب هندستان کي موروثي ۽ پدري ملڪ سمجهندا هئا. معارف ابن قتيبه ۾ بيان آهي ته امام زين العابدينؓ جي ماءُ سنڌي خاتون هئي. عرب واپاري هزارها ورهيه اڳ بحيره قلزم، يمن، عمان جي ڪنارن کان ايراني نار، مڪران جي بندر تيز کان ديبل، گجرات جي بندر ٿاڻي کان ڪاليڪٽ، سرانديپ، مدراس کان ٿيندا بنگال جو اُپسمنڊ لتاڙي جزائر الشرق ۽ چين تائين واپار ڪندا هئا. مٿين ڏيساورن جون شيون مغربي ملڪن کي پهچائيندا هئا. مٿين ملڪن ۾ سندن بينڪون قائم هيون. اهڙي طرح سنڌ جون به مکيه قومون جَت ۽ ميد توڙي بلوچستان جا بلوچ ايراني فوجن ۾ داخل هئا جن کان عرب واقف هئا[1]. دکن ۾ دراوڙن جا بندر چيول، ڪليان، سوپارا واپار جا مرڪز هئا، جت عرب واپارين جون بينڪون هيون. پڻ رومن قيصر آگسطوس (Causer Augustus) جو سفير به سوپارا ۾

(1) عرب ۽ هند جا تعلقات: سيد سليمان ندوي، باب پهريون.

رهندو هو گبن، نولدڪي ۽ گولدزهر جي بيانن مان تجارتي لاڳاپن جو اسلام کان اڳ جو پتو پوي ٿو[1].

سنہ 11ھ مطابق 632ع ۾ خلافت صديقي جي زماني ۾ مسلمانن حيره فتح ڪيو. سنہ 13ھ ۾ حضرت ابوبڪرؓ جي وفات کان پوءِ حضرت عمر الفاروقؓ خلافت تي ويٺو. سنہ 14ھ سنہ 635ھ ۾ حضرت سعد بن ابي وقاصؓ ڪسريٰ يزدگرد بن شهريار بن پرويز کي شڪست ڏئي مدائن فتح ڪيو. سنہ 16ھ/637ع ۾ هاشم بن عقبہ جلولا جي جنگ ۾ ايل نين کي شڪست فاش ڏني. زط، بلوچ، اسواره، سيايحتہ، اندغار قومن اسلام اختيار ڪيو[2]. جلولا جي جنگ کان پوءِ آرمينيا، آذربائيجان، خراسان، سيستان، ڪرمان، مڪران اسلامي جهنڊي هيٺ اچي ويا. يزدگرد خاقان چين کان مدد وٺڻ جو ارادو ڪيو. سانده اٺن سالن تائين لڪندو رهيو. آخر 23- آگسٽ 651ع ۾ حضرت عثمان ذوالنورينؓ جي زماني مروجي هڪڙي جانداهي سندس قيمتي لباس هٿ ڪرڻ جي لالچ تي هن کي قتل ڪري لاش درياءَ ۾ لوڙهي ڇڏيو. سنہ 716ع ۾ فارسين جا پنج ڪٽنب جسڪ بندر کان جهازن رستي گجرات جي نوساري ندي تي بينڪ جوڙي وينا. سنہ 721ع ۾ هنن پهريون آتشخانو تعمير ڪيو. هندستان جي فارسين جي تاريخ "قصہ سنجان" هڪڙي فارسي ملا ڪيقباد سنجانا سنہ 1600ع ۾ نوساري ۾ تصنيف ڪئي. رائل ايشيائڪ سوسائٽي جي بمبئي واري شاخ اُن جو انگريزي ۾ ترجمو ڪيو[3]. منجهانئن ڪي بلوچستان ۾ رهيا، جت عيسوي 12 صدي تائين سندن قديم بت خانا قائم رهيا. خاران جا ڪياني ملڪ حضرت عمر بن عبدالعزيز جي زماني تائين آتش پرست رهيا هئا.

---

(1) E.Gibbon: Decline & fall of Roman Empire, Vol, VII, P. 90

(2) فتوح البلدان: بلاذري، ص 289، الفاروق: شبلي، جلد 2، ص 214، اعظم ڳڙهہ.

نوٽ: حيره عراق جو مڪيہ بندر هو سنڌي بحري قزاقن جي حملي جي خوف ڪري بندر کي قلعو ڏنل هو ابلہ سيراف، تين ديبل ۽ سرهار مڪيہ بندر هئا جت چين جا جهاز لنگر انداز ٿيندا هئا.

(3) Gazetteer of the Bombay Provine, Vol IX. P. 183, 1899

باب پهريون

# اسلام جون هندستان تي ڪاهون

محمد رسول الله ﷺ جو معجزو شق القمر ڪئليڪٽ ملبار جي سامري (زئمورن) ۽ قنوج جي راجي پوچ ڏٺو. زئمورن تخت ۽ تاج ولي عهد کي سپرد ڪري مڪي ڏانهن روانو ٿيو. پر يمن پهچي هن وفات ڪئي. راجا پوچ نجومين کان معجزي جو احوال پڇيو. جن اسلام جي پيغمبر جي ظهور جو هن کي احوال ڏنو[1]. حضرت عمرؓ جي خلافت جي زماني ۾ اسلامي حڪومت جون حدون سنڌ سان لاڳو ٿي ويون. عربن کي پنهنجن جهازن جي سلامتي لاءِ هندستان جي بندرن جي ضرورت پيش ٿي. سن 15هه/636ع ۾ بحرين جي عامل جي حڪم سان عربي ٻيڙي بمبئيءَ جي ويجهو ٿاڻي ۽ ڀڙوچ جي بندرن تي ڪاهون ڪيون. هي پهريون حملو هو. ساڳي وقت هڪڙي عرب مغيره سنڌ جي بندر ديبل تي ڪاهه ڪئي. حضرت عثمان ذوالنورينؓ جي زماني ۾ عربن جي هڪڙي بحري دستي مٿين بندرن تائين چڪر هنيو. سن 39هه/660ع ۾ هڪڙو عرب امير البحر حضرت عليؓ جي زماني ۾ مٿين بندرن جي نگراني ڪرڻ لڳو. مگر سن 42هه/663ع ۾ دشمنن هٿان شهيد ٿي ويو. سن 44هه/665ع ۾ امير معاويهؓ مهلب نالي هڪڙي سردار کي سنڌ جي سرحد جي نگراني ڪرڻ لاءِ مقرر ڪيو[2].

## دمشق ۾ الور جي سياسي تعلقات ۾ ڪشيدگي:

چچ ڪانپوءِ پٽس ڏاهر سنڌ جو راجا ٿيو. هن اسلام جي ڪاهن کي روڪڻ لاءِ جاٽن جو هڪڙو لشڪر ڪسريٰ يزدگرد جي مدد لاءِ موڪليو هو. تنهن ڪانپوءِ سن 86هه/705ع ۾ وليد بن عبدالملڪ دمشق جي تخت تي ويٺو. سندس پاران عراق جو حاڪم حجاج بن يوسف ثقفي مشرقي علائقن مٿان نائب

(1) آئينه حقيقت نما: سيد اڪبر بجنور

(2) عرب ۽ هند جا تعلقات: سيد سليمان

مقرر ٿيو[1]. سندس پاران محمد بن هارون مڪراني کي مڪران جو عامل مقرر ڪيو. علافين جو هڪڙو دستو عمان کان نڪري مڪران ۾ حڪومت خلاف بغاوت ڪرڻ لڳا. پوءِ سنه 85هه/705ع ۾ پنج سؤ علافي مڪران کان ڀڄي وڃي ڏاهر وٽ پناهه ورتي، جن کي هن پنهنجن فوجن ۾ نوڪر رکيو. مٿين بيروني سازشن ڪرڻ ڪانسواءِ اندروني طور سنڌ جي برهمڻ حڪومت گهڻو ڪمزور هئي. (1) سنڌ جا راجا برهمڻ هئا، مگر سنڌن رعايا لوهاڻا، لاکا، سمه، سهتہ، ڀاٽي وغيره ٻڌ ڌرم جا پوئلڳ هئا. يادو خاندان جا شهزادا جي شاهي خاندان مان هئا، وڏا جاگيردار ۽ عهديدار هئا. مثلاً اگهم لوهاڻو برهمڻ آباد جو والي هو. سمه سيوهڻ ۾ جاگيردار هئا. برهمڻ آباد جي تبخاني نووهار جو پروهت ٻڌ راڪو هو. اُهي نجومي هئا. رعايا کي منجهن عقيدو هو. خود چچ سنڌن معتقد هو. (2) نجومت تي اعتبار آڻي ڏاهر جيڪي قدم کنيا تن ڪري شاهي خاندان ۾ ڦيٽاڙو پئجي چڪو هو. سمينہ کي قدرتي طور عربن سان همدردي هئي چاڪاڻ جو اسين اڳيئي لکي چڪا آهيون تہ سڄي هندوستان اندر برهمڻن ۽ ٻڌ وارن جي پاڻ ۾ جنگ لڳل هئي. اگهم لوهاڻي هڪ سال تائين چچ جو مقابلو ڪيو هو. هن کي قنوج جي راجا مدد ڏني هئي. (3) ايرانين جي شڪست ڪانپوءِ گهڻائي مجوسي سنڌ ۾ رهڻ لڳا اُهي سنڌ جي راجا کي عربن خلاف ڀڙڪائيندا رهيا. (4) علافين جا سردار محمد ۽ معاويہ ڏاهر پاران وقت بوقت مڪران تي ڪاهون ڪندا رهيا. پنجن سالن جي ويڙهہ کان پوءِ معاويہ بن حرث علافي محمد بن هارون هٿان مارجي ويو. (5) ديبل، سومنات ۽ ڪڇ جي بندرن تي بحري قزاق رهندا هئا، جي عربن جي ٻيڙن کي راجائن پاران لٽيندا هئا. سنه 424هه البيروني جي زماني تائين سمنڊ تي لٽ مار جاري هئي[2]!

---

[1] حجاج بن يوسف وڏو ظالم هو هن 3 لک مسلمان مارايا هئا. اُموي دور ۾ وڏو سياستدان ٿي گذريو ڏسو مشاهير اسلام: قاضي سليمان. ذڪر حجاج بن يوسف.

نوٽ: جسڪ مڪرانات جو مکيہ بندر هو سنڌ. مڪران ۾ تجارتي ڪوٺين وجهڻ کان اڳ ايسٽ انڊيا ڪمپني ايراني نار جي واپار کي لٽڻ لاءِ ڪوٺي وڌي هئي. هينئر سندس اوج گهٽيل آهي

[2] ڪتاب الهند: البيروني، ص 102، لنڊن

نوٽ:- سنڌ جي بحري قزاقن جي خوف کان حيره ۽ اُبله جي بندرن کي قلعا ڏنل هئا.

## سرانديپ جهازن جو لُٽجڻ:

سرانديپ ۽ ملابار ۾ عربن بينڪون وجهي اُتي جي عورتن سان شاديون ڪيون هيون. ملابار جي بندرن تي نسطوري عيسائي ۽ يهودي بہ رهندا هئا. سرانديپ جي راجائن عهد فاروقي ۾ هڪڙو وند اسلام جي تحقيقات لاءِ مڪي روانو ڪيو هو. هنيئر ڪن عرب واپارين سرانديپ ۾ انتقال ڪيو، جن جي بيوه عورتن ۽ ٻارن کي راجا انن جهازن ۾ چاڙهي عراق ڏانهن روانو ڪيو. ديبل وٽ بحري قزاقن جهاز کي لٽي زالن ۽ ٻارن کي قيد ڪيو. حجاج ڏاهر کي انباري ۾ لکيو، پر هن جواب ڏنو تہ قزاق سندس حڪم کان ٻاهر آهن. ڏاهر جي جواب حجاج کي مشتعل ڪيو هن ديبل تي ڪاهہ ڪرڻ لاءِ دمشق کان اجازت گهري[1] پهريون گهم وندبيل مجالي جي هٿ هيٺ چار هزار لشڪر ديبل تي چاڙهي مڪو پر ڏاهر جي پٽ جئي سيہ هٿان وڙهندي شهيد ٿيو[2]

## بحري ڌاڪو ڪير هئا؟

سنڌ جي ڪنهن بہ تاريخ ۾ لکيل ناهي تہ بحري ڌاڪو ڪير هئا. عرب انهن کي ۽ "بوراج" سڏيندا هئا. اُهي ڪڙڪ ۽ ميد هئا. ميدن جو وڏو تعداد بلوچ هو. عيسوي سن کان 9 صديون اڳ وچ ڌاري ميد قوم اَشور جي طاقتور سلطنت جو تختو الٽائي ميديا جي حڪومت جو پايو وڌو هو. سندن تختگاهہ ايڪباتانا (همدان) هو. مٿيون شهر پهريان دارا لٽيو هو جتان سترهن لکن پائونڊن جو سون هٿ لڳو. تنهن کانپوءِ سڪندر مقدوني ۽ سيليوڪس هن شهر کي لٽيو هو. ائنٽي

---

(1) فتوح البلدان: بلاذري، ص 435 آهي. پورچوگيزن مٿس سيلاٽو نالو رکيو، عربن سرانديپ مٿس نالو رکيو، انگريزن مٿس سيلان نالو رکيو.

The Cambridge History of India, Vol. I, CH. P. XXV, P. 606, Cambridge, 1920

نوٽ: سنہ 1901ع واري هندستان جي آدمشماري موجب سنڌ ۾ بلوچن جو ڪُل تعداد 542000 هو رندن جو تعداد هڪ لک ستر هزار هو. باقي ٻيون بلوچ قومون هيون.

(2) سرانديپ جو اصل نالو پالي زبان ۾ سنهالاديپا آهي

گونس کي هن شهر مان نو لک پنجهتر هزار پائونڊن جو سون هٽ لڳو هو[1]. ميد ٽن قبيلن ۾ ورهايل هو. 1. ميد شمسيه 2. صحرائي بدوي 3. ميد عرب. سنه 600 ق.م سندن عروج رهيو. پوءِ يونانين جي ڪاهن ڪري ميڊيا جي سلطنت ناس ٿي ويئي. رالنسن جو بيان آهي ته ساڻن اُرمني به بلوچستان ۾ آيا. جن اُرمن بيل (ارمائيل) شهر جو بنياد وڌو. گوادر جي ڪتبن مان پتو پوي ٿو ته اُهي ڪڇي کان اُتر سنڌ ۾ مڪران ۾ وارد ٿيا. سندن بزرگ سخي ٽنگو جو مزار هن وقت ڍاڍر جي ويجهو آهي[2]. مڪران جي ڪناري تي هنن ماهيگيري جو پيشو اختيار ڪيو. اُهي سنڌ ۽ گجرات جي راجائن جي بحري فوجن ۾ نوڪر هئا ۽ سمنڊن تي ڦرلٽ ڪندا هئا. مشهور محقق ڊي گوئجي لکي ٿو ته ايشيا ۾ بهترين ملاحن جو نمونو آهي[3]. هنن سڪندر مقدوني جي ٻيڙي کي بلوچستان جي ٻيٽ استولا تي ناس ڪيو هو. هن وقت به مڪران جي ڪناري تي ماهيگيري جو پيسو ڪن ٿا. سندن 4 پاڙا آهن. 1. چل مار زئيءَ 2. جالارزئي 3. گزبر 4. اُرماڙي. منجهائن چل مارزئي پاڻ کي لاسي سڏائين ٿا. جالارزئي ۽ گزبر بلوچ سڏائين ٿا ۽ اُرماڙي افغان سڏائين ٿا. اُهي رفاعي بزرگ احمد ڪبيرؒ جا مريد آهن[4].

**سنڌ کي بلوچن جي مدد:**

عام طرح سنڌ جي تاريخن ۾ بلوچن جو ذڪر ڪلهوڙن جي صاحبي جي زماني کان شروع ٿئي ٿو. جا وڏي غلطي آهي. بلوچستان جا رهاڪو بلوچ جن ۾ براهوئي به شامل آهن. هڪڙي صحرائي قوم آهي. جنهن جي سڄي عمر دشت

---

(1) The Cambridge History of India, Vol. I, CHP. XXVI, P. 606, Cambridge, 1923

A.J. Grant: Herodotus, Vol.I, P. 60, Census of India 1901 Vol. IX, Sindh tribes cattl. XIII of Bombay.

(2) H.Elliot: History of India, Vol. I, P. 521

(3) M.J. DE Degoeje: Memoires D' Historic at DE geographic orientales, No. 3, 1903

سندن خوف ڪري حيره جي بندر کي قلعو ڏنل هو

(4) R.Hughes Buller: Gazetteer of Makran, Meds, Bombay, 1906

نوٽ: ميد جهازرانن جي مدد سان فارسين جا پنج قبيلا سمنڊ رستي گجرات پهتا هئا.

پيمائي ڪندي گذري ٿي. اُهي سردي ۾ بلوچستان جي سرد برفاني هوائن کان بچڻ لاءِ سنڌ ڏانهن هجرت ڪن ٿا ۽ بهار جي موسم ۾ موٽي وطن ورن ٿا. متين لڏپلاڻ جو سلسلو اڄ سوڌو جاري آهي. اسين اڳ لکي چڪا آهيون تہ جن جن قومن سنڌ ۾ تمدن جو بنياد وڌو تن جو لنگهہ سنڌ ڏانهن ويندي بلوچستان کان ٿيو. جنهن جا دروازا بولان ۽ مولادرا ويندي مڪران جو رستو سنڌ جي ميدان جي سامهون آهن. انهن رستن کان ميد، ڪلداني، مصري، بابلي، فنيقي ۽ عرب قومن هن ملڪ تي ڪاهون ڪيون. يوناني فاتح بہ مڪران جي ڪناري واري رستن کان مغرب ڏانهن ويندي لنگهيو هو. نيرن ڪوٽ جي سمنيہ سنڌ تي ڪاهہ ڪرڻ لاءِ حجاج بن يوسف کي لکيو. هن پنهنجي سترهن سالن جي نوجوان نائي محمد بن قاسم بن ابي عقيل شيراز جي والي کي ڇهہ هزار عراقي فوج جنهن مٿان حزيمہ مغيره سپهہ سالار هو. ڇهہ هزار شامي فوج جن مٿان ابوالاسود جهم بن ظهر سپهہ سالار هو. هڪڙو بحري دستو شامي امير البحر جعويہ جي سرڪردگي هيٺ سمنڊ رستي روانو ڪيو. جنهن وٽ قلعہ شڪن آلات منجينق هيون. وڏي منجنيق جو نالو عروسڪ هو. منجنيق اصل لاطيني لفظ منجويل تان نڪتل آهي. ڊاڪٽر سپرنگر جو بيان آهي تہ رسول الله ﷺ طائف جي گهيري وقت ڪتب فرمايون هيون. عرب، چينائي ۽ يورپين قومون هن فن مان واقف هيون[1].

## بلوچن جون عربن سان جنگيون:

ميد ۽ بلوچ اڳ پنهنجي آزاديءَ لاءِ عربن سان هميشہ لڙندا هئا. خلافت راشده توڙي اُموي دور ۾ مڪران جو علائقو فسادن ڪري مشهور هو. بلوچ جڏهن فساد ڪندا هئا تہ اُن جو اثر سيستان، خراسان ۽ ڪرمان تي پوندو هو. ڪيترائي اُموي جرنيل بلوچن هٿان مارجي ويا هئا. بعض بلوچن ۽ ميدن جو تعداد اڌ لک کي پهچندو هو. مڪران جي خطري ڪري عرب شاعرن اشعار جوڙيا هئا. جن کي علامہ بلاذري نقل ڪيو آهي. اعشي همداني جا بہ قصيدا هت ڏجن ٿا: منجهان مڪران جي طبعي ڪيفيت جي خبر پئجي سگهي ٿي[2].

---

(1) H.Elliot: History of India, Vol III, PP. 75-78

(2) تاريخ اسلام: عبدالرحمان شوق، جلد 3، ص 517، لاهور

وانــت تسيرالي مکران  فقد شجط الورود المصدر
ولم تک حاجتي مکران  والا العزو فيها ولا المتجر

ترجمو: او اعشي! تون مڪران ڏانهن وڃين ٿو، وطن ۽ فرودگاه ۾ وڏو فاصلو پئجي ويو! او مڪران! مون کي تنهنجي ڪا ضرورت ڪانهي، ڇاڪاڻ تو ۾ نہ جهاد آهي نہ واپار."

وحدثت عنها ولهم لاتها  مخازلت من ذکرها اوضر
بــان الکثير بــهـا جالعٌ  و ان القليل بــهـا سعـورٌ

ترجمو: مون اڳ مڪران ڪونہ ڏٺو هو، مگر اُن جو احوال پڙهو هو، سندس ذڪر وقت پري پڄندو هئس، ڇاڪاڻ تہ هڪڙو ماڻهن ۾ بک آهي پيو ڪي هنڌ خطرناڪ آهن."

سيني کان دلچسپ شعر مڪران نسبت سنان ابي سلمہ جو آهي جو ميجر سائيڪس پنهنجي ڪتاب "ڏهہ هزار ميل ايران ۾" ڏنو آهي. امير معاويہ جي ڏينهن ۾ زياد بن ابيہ پهرين درجي جو سياستدان هو، هن بلوچستان ۾ مارشل لا جاري ڪيو هو. اها هئي مڪران ۽ بلوچن جي حالت جڏهن فاتح سنڌ مڪران پهتو. مگر محمد بن هارون وڏو ديندار هو. فتح سنڌ جي تحريڪ ڪي هن اهڙو زور وٺرايو جو ٽي هزار ميڊ ۽ بلوچ اسلامي لشڪر ۾ جهاد جي شوق سان شريڪ ٿيا(1).

## علي شير قانع ٺٽوي

مير علي شير قانع ٺٽوي المتوفي سنہ 1203هہ سنڌ جو جاويد مؤرخ آهي، سنڌ وارن تي سڀ کان وڏو احسان سندس تاريخ "تحفة الڪرام" ٽن دفترن ۾ آهي. سچ پچ تہ جيڪڏهن اڄ سنڌ وارن جي هٿن ۾ اها تاريخ مختصر نہ هجي ها تہ پوءِ ڪجهہ بہ نہ هجي ها. انهي تاريخ مان اسين قديم سنڌ ڪي ڏسي سگهون ٿا. پوءِ جا جيڪي بہ مؤرخ هن وقت تائين ٿي گذريا آهن، سي هن تاريخ تان روشني وٺندا اچن ٿا. بلڪ سنڌ هسٽاريڪل جنرل جا ڊگري يافتہ نامہ نگار جيڪي يورپين تحقيق ۽ تنقيد جا دلداده آهن، سي هن نسخي کي بطور سنَد

---

(1) Sir T.H.Holdich: The Gates of India, CHP. VIII, P. 293, London, 1910

جي ڪتب آڻين ٿا. مگر ايتري شهرت هوندي به تحفة الڪرام جا بعض بيان بلڪل قياسي ۽ غلط آهن مثال لاءِ دفتر ٽين ۾ لکي ٿو ته محمد بن هارون مڪراني بن ابان بن عبدالرحيم بن اميرحمزةؓ بلوچن ۽ جتن جو مورث اعليٰ هو[1].

سيد الشهدا حمزهؓ بن عبدالمطلب کي ٽي حرم هئا. 1. بنت الملہ 2. خوله بنت قيس 3. سلمه بنت عميس. جن مان ٽي پٽ ابويعلي، عامر، عماره هئا. پويان به بي اولاد مري ويا. ابويعلي کي اولاد هو. مگر سمورا پاروتڻ ۾ مري ويا. سلمه بنت عميس مان هڪڙي نياڻي امامه نالي هئي. جنهن جي پرورش جو ڪم آنحضرتﷺ حضرت جعفر طيارؓ جي اهليه جي سپرد ڪيو هو. جا ڇوڪريءَ جي حقيقي چاچي هئي. حضرت علي ڪرم الله وجهه ساڻس نڪاح ڪرڻ لاءِ بارگاهه رسالت ۾ درخواست پيش ڪئي هئي. مگر حضور پاڪ منظور ڪانه ڪئي. فرمايائون ته حمزهؓ منهنجو رضائي ڀاءُ هو. هن بيان مان صاف معلوم آهي ته سيد الشهدا جي اولاد جو سلسلو شروعات ۾ منقطع ٿي ويو هو[2]. جاٽ يا جت هڪڙي ڌار قوم آهي. بلوچ عربي النسل قوم آهي ۽ جاٽ وچ ايشيا جي قوم آهي، جنهن جو وجود 1400 ق.م تاريخن ۾ نظر اچي ٿو. بلوچن وانگر هيءَ قوم به جنگجو هئي، جنهن کي عرب "زط" (جت) ۽ بلوچ جدگال سڏين ٿا. ترمذي باب الامثال ۾ بيان آهي ته حضور پاڪ ﷺ جي صحبت ۾ عبدالله بن مسعود صحابي هڪڙي خاص شڪل واري جماعت ڏٺي هئي، جا جتن وانگر هئي. يوم القادسيه جي جنگ کان پوءِ فضا جو رخ بدليل ڏسي هنن بلوچن سان گڏجي اسلام اختيار ڪيو. اسلام سندن عزت ڪئي ۽ جاٽ به وفادار ٿي رهيا. بقول طبري جنگ جمل وقت بصره جو خزانو حضرت عليؓ سندن نگراني ۾ رکيو هو. بلاذري اڳتي هلي لکي ٿو ته امير معاويہؓ ۽ وليد بن

[1] ڏسو تحفة الڪرام: مير علي شير قانع، دفتر 3، ذڪر جت ۽ بلوچ، مطبع ناصري بمبئي، فارسي.

[2] سيرت ابن هشام، اسدالغابه، صحيح بخاري، طبقات ابن سعد، جلد 3، ص 7

عبدالملڪ رومن سان مقابلي ڪرڻ لاءِ جاٽن جا دستا شام جي ڪناري ۽ انطاڪيه ۾ آباد ڪرايا هئا[1]. البته بلوچ جٽن مان شاديون ڪن ٿا. رند ۽ لاشار جي تيهن سالن واري باهمي ويڙهه جو سبب گوهر جٽڻي هئي[2]. بلوچن جو وجود بلوچستان ۽ ايراني ۾ هزارها ورهين ڪان نظر اچي ٿو. ابوالتاريخ هيروڊوٽس بلوچستان جي قديم قومن جا نالا ڏنا آهن. استرابو جو بيان آهي ته گيد روش (بلوچ) قوم جي ڪري مڪران تي گدروشيا نالو پيو. فردوسي شاهنامه ۾ نوشيروان جي زماني ۾ بلوچن جي بغاوت جو ذڪر ڏنو آهي. سندس ابيات راءِ بهادر هيتورام سي.آءِ.اي پنهنجي تاريخ ۾ نقل ڪيا آهن[3]. بلوچن جي قدامت لاءِ براهوين جي زبان ڪردگالي ڪافي شاهدي آهي، جنهن ۾ بعض دراوڙي الفاظ شامل آهن. سندن قديم وطن بلوچستان ۾ هيلمند ندي تي بروبا Biroea هو. سندن پيا قبيلا ناهروئي Narohi سڏبا هئا[4].

**علي شير قانع غلطي جو سبب:**

ڪنهن قوم جي تاريخ معلوم ڪرڻ لاءِ مؤرخ قومي قصيدن ڪان به روشني وٺن ٿا. بلوچ قوم وٽ سندن تاريخ ڪانه هئي. پر سندن قومي قصيدا شاعرن جي سينن ۾ ايام جاهليت وانگر محفوظ رهندا اچن ٿا. بلوچن ۾ رند جا قبيلا ممتاز شمار ٿين ٿا. منجهن ڊومڪي قبيلو شاعرانه مذاق ڪري عرب جي امراءُ القيس جيترو رتبو رکي ٿو. ڊومڪين جو بلوچن جي علم الانساب متعلق قصيده جو دفتر- شعر جي نالي سان مشهور آهي. هر هڪ بلوچ ڪي برزبان ياد آهي، چاڪاڻ جو سندن قومي ترانو آهي. بلوچ هن قصيدي تي فخر ڪن ٿا. اُهو قصيدو هن ريت آهي:-

(1) عرب ۽ هند جا تعلقات: سيد سليمان ندوي، ص. 11-12


(2) L.Dames: Popular Poetry of the Balochs, Herioe Balochs, Londn, 1907

(3) تاريخ بلوچستان: راءِ بهادر هيتورام، لاهور، 1907ع


(4) Dames Bray: The Brahwi Language, Part I, introduction, Caluclta, 1909

شڪرالحمد گذران پادشاه ملڪ وتهي
يڪ وتهہ کهوشتي مه ملڪا درجهان خاڪ گِل،
مامريدون ياعلي اي دين ايمان ثبتين
حمزه اولاد بلوچي صوب درگاه گرين،
از حلبا پهاز کهايون گو يزيد اجهيڙوين
ڪل بلا بهنپور نياما شهر سيستان منزلين. الخ

مؤرخن جڏهن بلوچن جي حسب ۽ نسب جي ڳولا ڪئي، تڏهن متيون علم الانساب جو قصدو ڪين بلوچن جي زباني سند طور هٿ لڳو. 19هين صدي تائين جيڪي بہ مشرقي توڙي مغربي مؤرخ ٿي گذريا، تن دفتر- شعر تان روشني ورتي. ڪپتان ليچ (Leech) هن قصيدي کي سنہ 1840ع ۾ جرنل ايشياٽڪ سوسائٽي بنگال ۾ شايع ڪرايو. تنهن کان پوءِ بہ ڪيترائي پيرا شايع ٿيندو رهيو. مسٽر ايل ڊيمس پنهنجي ڪتاب "بلوچ شاعري" (Baloch Poetry) جي منڍ ۾ ڏنو آهي. حالانڪ متيون شعر غلط آهي چاڪاڻ جو اسين ثابت ڪري چڪا آهيون تہ امير حمزهؓ جو اولاد ڪونہ هو. 19صدي جي آخر ۾ دفتر- شعر جي غلطين کان دنيا پهريون پيرو واقف ٿي جڏهن راءِ بهادر هيتورام پوليٽيڪل کاتي مان نڪري ايڪسٽرا اسسٽنٽ ڪمشنر مقرر ٿيو. تاريخ بلوچستان سان هن کي دلچسپي هئي. سندس پهرين تاريخ "بلوچي نامه" جي عنوان سان اُردوءَ ۾ سنہ 1881ع ۾ لاهور مان شايع ٿي، مسٽر جي.ايم.سي بوئي هن کي انگريزي ۾ ترجمو ڪري سنہ 1885ع ۾ ڪلڪتي مان شايع ڪيو. هيتورام کي ستت پنهنجي غلطي جو پتو لڳي ويو. 25- سيپٽمبر 1899ع ۾ ڪيس شوران جي رند سردار وڏان رندن جو شجرو هٿ لڳو، جنهن کي هن گنج آبہ جي قاضي عبدالحق بن قاضي نصرالله خان کان نقل ڪرائي سنہ 1907ع واري پنهنجي تاريخ جي ايڊيشن ۾ نقل ڪيو جو هِت ڏجي ٿو:


اعلمش رومي
گل چراغ
سرخ تاج
مير عماره
مير احمد (مير بلوچ)
مير دوست محمد
شاهه عباس
مير بروهي
مير ظهر
مير عالي
هارون
نوز
مراد خان
زيدي
مير جلال خان
حاجي
سندر
مير رند
لاشار
قرائي
جاتن
هوت
مظفر خان
فتح خان
عبدالله
شهداد
شهڪ
مير چاڪر
مير چام
مير عال
مير جلال
مير اسماعيل
مير خان
مير اسحاق
مير سليمان
مير عبدالله
گهرام
رامن
محمد
علي
مير عالي
مير عباس

مير جلال خان جو پورو شجرو جنهن ۾ سندس پونيئرن جا نالا ڏنل آهن، سي حڪومت هند سرڪاري رڪارڊ لاءِ "ڪتاب فرنٽيئر اينڊ اوورسيز ايڪسپڊيشنس فرام انڊيا" جلد پهرين ۾ سنہ 1910ع ۾ ڪلڪتي مان شايع ڪرايو[1]. متين غلطين ڪري نہ رڳو سنڌ جون تاريخون غلط آهن، بلڪ سنڌ گورنمينٽ وقت بوقت بلوچن متعلق شجرا سرڪاري رڪارڊ لاءِ تيار ڪرايا، سي بہ قياسي هئڻ ڪري غلط آهن. مثال لاءِ سنہ 1891ع ۾ خانبهادر صادق علي شير علي خان انصاري سنڌ آفيشل رڪارڊ لاءِ مسلمان قومن جي جيڪا فهرست ګڏ ڪئي، تنهن رپورٽ ۾ بلوچن جو شجرو هن ريت ڏيکاريل آهي[2]:-




سنڌ جي راجائن جي ڏينهن ۾ ديول (ديبل) مڪيہ بندر ۽ واپار جو مرڪز هو. ابن حوقل جي بيان موجب سمنڊ تي هو. اصطخري هن کي مهراڻ جي الهندي ڪپ تي ڏيکاري ٿو. شريف ادريسي جي بيان موجب سمنڊ جي چوڙ کان 6 ميل الهندي طرف هو. مسعودي هن کي سمنڊ کان ٻن ڏينهن جي پنڌ تي لکي ٿو. ميجر جنرل هيگ جي خيال موجب سنڌو جي ڊيلٽا تي الهندي طرف هو. تاريخ طاهري جو مصنف سنہ 1606ع ۾ ٺٽي آيو، سو لکي ٿو تہ ديبل ٺٽي کان ٻن ڏينهن جي پنڌ هو. انگريزي

(1) Frontier & Overseas Expeditions from India, Part. I, P. 32, Calcutta, 1910

(2) K.B. Sadiq Ali Sher Ali Khan Ansari: Muslman Raees found in Sindh Baluchistan & Afghanistan, 1901

ايران جو سفير سر رابرٽ شرلي سنہ 1613ع ۾ جهازن رستي هڪ ڏينهن جي مسافري ڪرڻ بعد ٺٽي پهتو هو. ميجر راورٽي 17هين صدي ۾ لکي ٿو تہ ديبل پير پٺي کان بگهاڙ جي چوڙ وٽ هو. ٺٽي کان 15 ميلن جي مفاصلي تي هو. بشاري مقدسي سنہ 375هہ ۾ لکي ٿو تہ ديبل جي چؤگرد هڪ سؤ ڳوٺ آهن. جن ۾ هندو واپاري رهن ٿا. شهر جي وچ ۾ هڪڙو مندر هو. جنهن جي گنبذ مٿان پتل جي هڪڙي گهوڙي سوار جو بت هو. فاتح عربن منجنيق سان بت کي ڀڳو. جنهن ڪانپوءِ شهر وارن آڻ مڃي. بقول ابن اثير عربن جو شهر تي ٽي ڏينهن گهيرو رهيو.[1]

عربن ديبل ۾ بيشڪون قائم ڪيون. علم ۽ عرفان جا چشما هن شهر مان نڪتا. علامہ سمعاني المتوفي 562هہ ڪتاب الانساب ۾ انهن محدثن جا نالا ڏنا آهن. جيڪي هن شهر ۾ ٿي گذريا. ڪتاب ۾ شهر جو نالو ديبلي ڏنل آهي. عرب واپارين جون هن شهر ۾ ڪوٺيون. شهر جي ديوارن سان سمنڊ جون موجون ٽڪرنديون هيون. هن مردم خيز شهر جو اندازو هن مان لڳائي سگهجي ٿو تہ سنہ 280هہ خليفي معتمد عباسي جي زماني ۾ زلزلي ڪري اٽڪل ڏيڍ لک ماڻهو شهر جي ديوارن هيٺ دٻجي مري ويا.[2] سنہ 1567ع کان پوءِ ديبل جو نشان هميشہ لاءِ مٽجي ويو. سنہ 1333ع ۾ شيخ ابن بطوطا اندلسي جن ڏينهن ۾ سنڌ پهتو اُنهن ڏينهن ۾ لاهري بندر جي شهرت هئي.[3] جو سنڌو ندي جي چوڙ وٽ اپرندي ڪپ تي هو. ڪرنل سر ٿامس هالڊچ جو بيان آهي تہ ارمائيل (لسٻيلي) کان ٻہ رستا ديبل ڏانهن ويندا هئا. هڪڙو لياري ۽ سون مياڻي کان بدولڪ کان ٿيندو منابار (منگهي پير) وٽ ختم ٿيندو هو. ٻيو رستو اٿل ۽ پٻ کان نڪري پهرين رستي سان منگهي پير وٽ گڏبو هو. ٻنهي رستن کان ويندڙن کي پٻ جبل، حب ندي، ملير نئين ۽ گهاري کي ٽپڻو

---

[1] الڪامل: ابن اثير جلد 4، ص. 258

[2] تاريخ الخلفاء: سيوطي، ص 380، ڪلڪتو

[3] عجائب الاسفاء: جلد 2، ذڪر لاهري، اُردو ترجمو لاهور

پوندو هو. ڪرنل موصوف مڪران جي قديم نقشي ۾ اُنهن رستن جا نشان ڏيکاريا آهن، جن تان يوناني ۽ عرب فاتح لنگهيا هئا.[1]

**الور ۽ ملتان:**

عرب فاتحن جي سنڌ تي ڪاهه سنه 89هه/708ع کان شروع ٿي سنه 96هه/715ع تائين ختم ٿي. ديبل کانپوءِ نيرون ڪوٽ، سيوهڻ، برهمڻ آباد، الور اسلامي پرچم هيٺ اچي ويا. اسلامي فوجون ملتان ۽ قنوج تائين پهتيون. نيرون ڪوٽ جي راجا پنڊ ڪرڪن رند جي سردار شاهه بوق وٽ مڪران ۾ اچي پناهه ورتي.[2] سنه 94هه/712ع ۾ الور جنگ ۾ راجا ڏاهر مارجي ويو. سنڌ عربن، بلوچن جي مدد سان فتح ڪئي. هن مهم ۾ فاتحن کي بيشمار سون، چاندي، جواهر، غلام ۽ ٻانهيون هٿ لڳيون. حجاج بن يوسف هن مهم ۾ دمشق جي خزاني مان سٺ هزار درهم خرچ ڪيا هئا. عربن کي مال غنيمت ۾ تيرهن ڪروڙ پنجهتر لک روپين جو مال هٿ لڳو.[3]

**ملڪي انتظام:**

فاتح سنڌ هندو جاگيردارن جون رياستون بحال رکيون. مندرن جي خرچ لاءِ ،پروهتن کي جاگيرون عنايت ڪيون. دولتمند طبقي وارن کي ساليانو 48 درهم، وچين طبقي وارن کي 24 درهم ۽ هيٺين طبقي وارن کي 12 درهم ڍل بطور جزيه ادا ڪرڻي پئي. نو مسلم، زالون، ٻار ۽ نادار مٿين ڍل کان آجا هئا. عربي لشڪر ۾ قريش، بنوڪلب، بنو تميم، بنو اسد، يمن ۽ حجاز جا سپاهي هئا، جن کي سليمان بن عبدالملڪ تخت تي ويهڻ کانپوءِ سنڌ ۽ مڪران ۾ رهڻ لاءِ حڪم ڏنو. عربن مڪران ۽ سنڌ جي عورتن سان شاديون ڪيون. اهڙي انتظام موجب ملتان کان وٺي سمنڊ تائين عربن ۽ بلوچن جون مستقل طور سنڌ ۾ بيٺڪون قائم ٿي ويون. سنڌ باب الاسلام بنجي ويو. سنڌ جو واپار قافلن رستي خراسان ۽

---

[1] Sir T.H. Holdich: The Gates of India, Sketch Maps of Medival Makran

[2] A.W. Hughes: Baluchistan, Baloch Border Tribes, P. 114, London, 1877

[3] تاريخ هندستان: شمس العلماء مولوي ذڪاءُ الله، جلد: 1، ص 246، علي ڳڙهه

عراق تائين هلڻ لڳو. عربن ملڪي ڪاروبار هندن جي سپرد ڪيو. عربن کي ساليانو 24 لک رپيا سنڌ مان اُپت هئي.[1]

**عربي رياستون:**

عربن دمشق ۽ بغداد جي خليفن جي هٿ هيٺ سنڌ تي ڪل هڪ سؤ ويهہ ورهيہ حڪومت ڪئي. چاليهہ ورهيہ بني اميہ خاندان جي خليفن جا عامل سنڌ تي حڪومت ڪندا رهيا ۽ اسي ورهيہ عباسي خليفن جا گورنر. تنهن ڪانپوءِ بہ پہ سؤ ورهيہ عرب ئي سنڌ جا حڪمر هئا. عباسي خليفن جو آخري گورنر عمر بن عبدالعزيز هباري سنہ 240هہ هو، جنهن جي نالي تي خليفي متوڪل باالله سنڌ جي گورنري جي سند ڏياري موڪليائين.

**منصوره:**

عربن جي زماني ۾ ديبل، برهمڻ آباد، نيرون ڪوٽ وڏا شهر هئا. انهن شهرن ۾ غازي محمد بن قاسم مسجدون تعمير ڪرايون هيون. تنهن ڪانپوءِ عربن بيضاءُ، منصوره ۽ محفوظ جا شهر تعمير ڪرايا. مٿيان شهر فوجي ۽ سياسي مصلحت ڪري عربن کي تعمير ڪرڻا پيا. مثال لاءِ بنو اميہ دور جي آخر ۾ جڏهن سنڌين عربن خلاف قدم کنيو، تڏهن عرب حاڪم حڪم بن عوانہ قلبي عربن جي حفاظت لاءِ محفوظ درياءَ جي ڪناري تي تعمير ڪرايو. حڪم سان عمرو بن محمد بن قاسم بهادر سپاهي ساڻ هو، جنهن برهمڻ آباد کان ٻن فرسخ جي مفاصلي تي منصوره جو شهر سنہ 110هہ ۾ تعمير ڪرايو. جيئن بلاذري المتوفي 279هہ جو بيان آهي.[2] تنهن ڪانپوءِ هجري ٽين صدي جي وچ ڌاري معتصم بالله عباسي جي زماني ۾ سنڌ جي والي عمر ابن موسيٰ بن يحيٰ بن خالد برمڪي بيضاءُ نالي شهر تعمير ڪرايو. مگر بقا ۽ شهرت منصوره کي قدرت نصيب ڪئي. ابن حوقل جي نقشي ۾ توڙي اصطخري جي بيان موجب هي شهر مهراڻ جي هڪڙي ٻيٽ تي هو. دشمن جي

---

(1) عرب ۽ هند جا تعلقات: ص 201-202

(2) فتوح البلدان: بلاذري، ص 444، لندن

اوچتن حملن کان محفوظ هو. علامہ ابوالفضل آئين اڪبري ۾ غلطي سان منصوره جو هنڌ بکر بيت ڏيکاريو آهي.[1] منصوره ديگهہ ۾ هڪ ميل ۽ ويڪر ۾ هڪ ميل هو. هن تختگاهہ شهر جون جايون ڪاٺ جون ۽ جامع مسجد عمان جي نموني تي پٿر جي هئي. شهر کي چار دروازا 1. باب البحر 2. باب طوران 3. باب سندان 4. باب ملتان[2] هئا. هن رياست جون حدون ديبل کان الور تائين هيون. اتڪل ٽي لک ڳوٺ منجهس هئا. هتي جي عرب حاڪم وٽ هاٿين جا رٿ ۽ پيادل سپاهي هئا. اهل علم ڪري فضل جو مرڪز هو. چؤطرف سرسبزي ۽ باغات ڪري رونق وارو شهر هو. بشاري مقدسي ديبل، زندريج، ڪدار، مايل، بتلي، بانيہ، سدوسان، صيمور، سوياره ۽ الور هن رياست ۾ مکيہ ڳوٺن جا نالا ڏيکاريا آهن.[3] منصوره جي قريشي حاڪم جي فوجي قوت چاليهہ هزار هئي.

**ملتان:**

ملتان تي سلطان محمود غزنوي جي ڪاهہ تائين برابر عربن جي حڪومت رهي. ٽين صدي هجري جي وچ ڌاري ملتان خودمختيار رياست جي صورت اختيار ڪئي. اڳ منصوره جي ماتحت هو. قنوج جو سنڌوندي تي هو، سندس ماتحت هو. اتڪل هڪ لک ڳوٺ هن رياست اندر هئا.[4] سام بن لوئي جو اولاد حڪومت ڪندو هو، جي اسماعيلي فرقي مان هئا. هن شهر ۾ آفتاب پرستي جو وڏو مندر هو، جنهن مان هتي جي عرب امير کي گهڻي آمدني هئي. هي شهر منصوره کان اڌ جيترو هو. هت محمد بن قاسم هڪڙي مسجد جوڙائي هئي، جا جلم بن شيبان قرمطي بند ڪرائي

---

[1] آئين اڪبري: ابوالفضل، جلد 2، ص 160، نولڪشور لکنؤ

[2] احسن التقاسيم في معرفة الاقاليم: بشاري مقدسي، ص 279، لندن 1906ع

سندان جي شهر کي بني سامہ جي غلام فضل بن ماهان مامون جي ڏينهن ۾ فتح ڪري جامع مسجد تعمير ڪرائي.

[3] مروج الذهب: مسعودي، جلد: 1، ص 379، احسن التقاسيم، ص 479

[4] تقويم البلدان: ابوالفدا، ص 350، پيرس

هئي ۽ بت خانو بہ ڍهرائي ڇڏيو هو. هتي جا امير بہ هاٿين تي سواري ڪندا هئا.

**توران:**

عربن جهالاوان تي طوران نالو رکيو هو. بشاري مقدسي جنهن 375هہ ۾ هن رياست جي تختگاهہ قزدار (خضدار) جو ذڪر ڏنو آهي، جنهن ماتحت ڪي ڳوٺ هئا. ابن حوقل سنہ 367هہ ۾ هن شهر ڪي ڏنو هو. حاڪم جو نالو معين بن احمد هو. قزدار بن حصن ۾ ورهايل هو. شهر جي وچ ۾ هڪڙي ترائي هئي. هڪڙي پاسي حاڪم جو محلات هو ۽ ٻي پاسي سوداگرن جون جايون هيون، جنهن ڪي بودين سڏيندا هئا. پهرين حصي ۾ قلعو بہ هو. قزدار ننڍڙو شهر هو، پر خراسان، مڪران، فارس ۽ هندستان جي وچ ۾ هئڻ ڪري واپار جو مرڪز هو[1]. سنہ 375هہ ۾ سلطان سبڪتگين هن رياست تي قبضو ڪيو هو.[2] ڪيڪانان بہ هن رياست جو نالو هو.

**مڪران:**

هن رياست جو والي عيسيٰ بن معدان هو. منجهس ڪنزپور، جنهن ڪي عربن قنزبون نالو ڏنو، هاڻوڪي شهر پنجگور پرسان سندس قتل نشان موجود آهن. وسعت ۾ ملتان جيڏو هو. (ڏسو مڪران گزيٽئر)

**مشڪي:**

جهالاوان ۽ مڪران جي وچ ۾ وڏي رياست هئي. سندس حاڪم مظاهر بن رجاء هو.

**ويهند:**

هندستان جي پراڻن شهرن مان هو. هيءَ رياست بہ سنڌ جي گنڌارا نالي سڏبي هئي، جنهن جو تختگاهہ ويهند سنڌونديءَ تي هو. جنهن ڪي ونسينٽ اي سمٿ اوهند لکي ٿو. هت مسلمانن جي آبادي

---

[1] معجم البلدان: يافوت، جلد 7، ص 78، مصر

[2] فرشتا: جلد 1، ص 19، نولڪشور

هئي. سنه 393ھ ۾ سلطان محمود غزنوي پشاور فتح ڪرڻ کانپوءِ ملتس قبضو ڪيو هو. بعض لکن ٿا تہ هتي جو راجا هندو هو[1].

**عرب دور ۾ سنڌ جا علماءِ:**

علامہ سمعاني ڪتاب الانساب ۾ ديبل جي علمائن جا نالا ڏنا آهن. اموي زماني کان سنڌ ۾ نج اسلامي اصولن ۽ شرعي احڪامن موجب حڪومت قائم رهي. اسلام کان جيڪي ٻڌ وارن ۽ برهمڻن ۾ جهيڙا هئا، سي اختلاف متجي ويا. عرب حاڪمن سنڌ وارن جي مذهب ۾ ڪابہ دست اندازي ڪانہ ڪئي. بني عباس دور تائين ماليات جو انتظام ۽ حساب ڪتاب برهمڻن جي هٿ ۾ رهيو. هندن سان وڏيون رعايتون ٿيون. خليفي عمر بن عبدالعزيزؒ جي زماني ۾ گهڻن هندن اسلام اختيار ڪري پاڻ تي عربي نالا رکيا.[2] سنڌي جيڪي قيد ٿي عرب ۾ اقليت حاصل ڪئي، تن فاتح قوم وانگر وڏا علمي ۽ سياسي مرتبہ حاصل ڪيا. هنن اسلامي علوم ۽ فنون ۾ ڪمال حاصل ڪيو ۽ وڏا وڏا علماءِ سندن مسند درس مان فيضياب ٿيا. علامہ سمعاني اوائلي صدين جي سنڌي فاضل محدثن جا نالا ڏنا آهن. جيڪي عرب ۾ السندي جي لقب سان مشهور ٿيا. شيخ ابوبڪر اسرائفيني جي جداعليٰ جو لقب السندي هو. ابن عبدويہ رازي جو اولاد جد اعليٰ جي نسبت ڪري السندي سڏجڻ لڳو. مشهور راوي ابو معشر بن عبدالرحمان پنهنجي وطن ڪري "السندي" ۽ جاءِ قيام ڪري مدني سڏجي ٿو. علم حديث، فن مغازي ۽ فقہ جو ماهر ٿي گذريو. جامع ترمذي، ابن حجر جي ڪتاب "تهذيب التهذيب" ذهبي، "تذڪرت الحفاظ" ۾ سندس اُستادن ۽ شيخن جا نالا ڏنا آهن. امام سفيان سوري سندس شاگردن مان هو. سندس تصنيفات مان "ڪتاب المغازي" مشهور آهي.[3] سنہ 170ھ ۾ هن وفات ڪئي. خليفہ مهدي

---

[1] زين الاخبار: گرديزي، ص 66، برلن- تقويم البلدان: ابوالفدا، ص 357

V.A Smith: The Early History of India, Vol. I, P. 345

[2] فتوح البلدان: بلاذري، ص 446، يعقوبي، جلد 2، ص 262

[3] سيرة النبي: شبلي نعماني، جلد 1، ص 22

سندس جنازي نماز پڙهائي. بغداد جي "مقبره ڪبير" ۾ سنڌ جو فخر دفن ٿيو. سندس لائق فرزند ابو عبدالملڪ محمد پنهنجي زماني ۾ زبردست عالمن مان هڪ هو. مهدي ڪيس مديني مان بغداد گهرايو هو. ابو حاتم بن محمد ادريس رازي محمد بن ليث جوهري، ابويعلي موصلي ڪانئس حديثون روايتون ڪيون آهن. سن 244هه ۾ وفات ڪيائين[1].

شيخ الاسلام عبدالرحمان بن عمرو امام اوزاعي، انهن ائمه اسلام مان آهي، جي فقه جي هڪ مذهب جا باني آهن. شام، اندلس ۾ وڏي عرصي تائين سندس پيروڪارن جو ڪثير تعداد رهيو. امام صاحب 88هه ۾ ڄائو ۽ 156هه ۾ وفات ڪري ويو. علامه ذهبي ۽ حافظ ابن حجر عسقلاني هن کي سنڌي شمار ڪن ٿا. امام مالڪ سندس شاگردن مان هو. سندس شيخن مان امام زهري، يحيٰ بن ڪثير ۽ قتاده وغيره ان کان روايتون ڪيون. امام اوزاعي جي رتبي لاءِ ايترو چوڻ ڪافي ٿيندو ته حديث جا چار امام آهن. اوزاعي، مالڪ، ثوري ۽ حماد بن زيد. امام اعظمؒ جو همعصر هو[2]. حافظ ابومحمد خلف بن سالم سنڌي المتوفي 231هه آل مهلب جو غلام هو. مشهور حافظن مان هو. حافظ ابن حجر ڪيس "السندي البغدادي الحافظ" لکيو آهي. امام احمد بن حنبلؒ سندن شاگردن مان هو[3]. ابونصر فتح بن عبدالله سنڌي فقيه ۽ متڪلم جو لقب پاتائين. ابومحمد منصوري دائودي منصوره جو قاضي هو. حنفي فقه جو امام هو. سندس حلقه درس مان گهڻن فيض پاتو. سندس تصنيفات جو تعداد گهڻو آهي[4].

**شعراء ڪرام:**

ابوالعطا سنڌي عرب جي قادرالڪلام شاعر جو پهرين صف ۾ شمار ٿئي ٿو. ابوعطا جو سنڌي نالو افلح ۽ سندس پيءُ جو نالو يسار هو.

---

[1] ڪتاب الانساب: سمعاني، ص 314، تذڪرة الحفاظ، جلد 1، ص 212، خطيب بغدادي، جلد: 13، ص 427

[2] ڪتاب الانساب: سمعاني، ص 314، خطيب بغدادي، جلد 3، ص 326

[3] تذڪرة الحفاظ، جلد 1، ص 160، تهذيب التهذيب، جلد 6، ص 238

[4] احسن التقاسيم، ص 481

بني اميہ جو غلام ٿي آيو. پوءِ منصور عباسي جي زماني ۾ وفات ڪيائين. ابو تمام پنهنجي مشهور ڪتاب الحماسہ ۾ ڪيس جاءِ ڏني آهي. اموي ۽ عباسي درٻارن جو شاعر ٿي گذريو. سندس شمار محضرمي شاعرن ۾ آهي. قصيدو پڙهندو هو تہ مجلس وجد ۾ اچي ويندي هئي. نصر بن يسار اموي سندس وڏو قدران هو[1]. هجري 4 صدي ۾ شاعر ابو ضلع منصوري سنڌي مشهور شاعر ٿي گذريو. هن سنڌ جو پهريون وطني ترانو تصنيف ڪيو. سندس پهريان ابيات هن ريت آهن:-

لقد انکر اصحابي وما ذالک بالا مثل
اذا ما مدح الهندو سهم الهند في المتقل[2].

**تعلقات:**

سنہ 86ھ/705ع ۾ خراسان جي سپهہ سالار قتيبہ بن مسلم بلخ فتح ڪرڻ کان پوءِ اُتي جي مشهور مندر نوبهار جي متولي برمک جنهن جي نسب جو سلسلو ايرانين جي روايتن موجب گستاشپ جي وزير جاماسپ تائين پهچندو هو. تن اسلام اختيار ڪيو. يحيٰ بن خالد برمڪي جو عباسي دور جو مشهور وزير ٿي گذريو. تنهن جي ڪوشش سان سنڌ جا ويد ۽ هندو طبيب عراق گهرايا ويا. اُتي جي دارالحڪمت ۽ دارالتراجم جي وڏن عهدن تي مقرر ڪيا ويا. هارون الرشيد ۽ مامون کي علمي تجسس جو شوق هو. تنهن ڪانسواءِ برمڪي خاندان جي خاوندن کي علم ۽ حڪمت سان گهڻي دلچسپي هئي، ۽ پنهنجي لياقت ۽ فياضي ڪري مشهور هئا[3]. جاحظ المتوفي سنہ 255ھ مشهور انشاپرداز ۾ فلاسافر هو، سو پنهنجي رسالي ۾ لکي ٿو تہ سنڌ جا هندو جوتش (نجوم)، حساب، بت تراشي ۽ طب ۾ ماهر هئا. يعقوبي جو سياح ۽ فاضل مؤرخ هو، سو

---

[1] ڪتاب الاغاني جلد: 16، ص 78 کان 84، شرح ديوان الحماسہ، جلد: 2، ص 30
[2] آثار البلادۃ قزويني، ص 85
[3] ڪتاب الفهرست: ابن نديم، ص 345، ليپزنگ 1871ع

لکي ٿو تہ هندن جي نجومت مان ايرانين ۽ يونانين بہ فائدو پرايو[1]. الغرض منصور، هارون ۽ برامڪہ جي قدردانين ۽ فياضن ڪري سوين پنڊت بغداد پهتا، جن نجوم، هيئت، طب، ادب ۽ اخلاق تي گهڻائي ڪتاب عربي ۾ ترجمو ڪيا. جاحظ سندن نالا بهلہ (بجي ڪر)، فلبرفل (ڪلپ راءِ)، باڪر، ڏاهر، زنڪل، راجہ، آريڪل ۽ ٻيا نالا ڏنا آهن. جن مان گهڻن اسلام اختيار ڪيو هو. منڪہ کي هارون الرشيد خاص طور گهرايو هو ۽ دارالترجمہ ۾ سنسڪرت جي ڪتابن جي ترجمي ڪرڻ تي مامور هو[2]. منڪہ جو پٽ صالح علم طب ۾ هارون الرشيد جي درٻاري طبيب مشهور يوناني عيسائي حڪيم جبرئيل نجتيشوع کان بہ گوءِ کڻي ويو هو. ابن ڌن برمڪين جي شفاخاني مٿان افسر اعليٰ هو. پروفيسر زخاؤ سندس نالو ڌنوتري ڏيکاريو آهي. ڪتاب "ارقام هنديہ" هندن جي حساب جو ڪتاب، جنهن کي مامون جي درٻاري منجم الخوارزمي 840ع ۾ درست ڪيو، سو اندلس جي رستي يورپ پهتو. ابن نديم ڪتاب کي سنڌي مان ترجمو ڪيو. اندلس ۾ مٿيون ڪتاب "حساب الغبار" سڏجڻ لڳو. خوارزمي کانپوءِ علي بن المقنع نسوي 980ع- 1040 حساب تي هڪڙو ڪتاب "المقنع في الحساب الهندي" لکيو. سنہ 154هہ/770ع ۾ سنڌ مان جيڪو وفد بغداد پهتو، تنهن نجوم ۽ هيئت جو سنسڪرت ڪتاب "برهمسپت سڌانت" ساڻ کڻي ويو. هي ڪتاب آريا پٽ جو لکيل هو تنهنڪري سندس عربي ترجمي تي ارجبد نالو رکيو ويو. سنسڪرت جي ٻي ڪتاب "ڪنڊا ڪڌيڪ" جو ٻن عربي شاگردن ابراهيم فزاري ۽ يعقوب بن طارق ٻنهي عربي طرز تي ترجمو ڪيو. عربن هندن جي جڳن تي "سني السند هند" ۽ "ايام السند هند" نالا رکيا. مگر ابتدائي عرب هيئت دانن ۾ سڌانت جو گهڻو رواج پيو. چوٿين صدي هجري ۾ سڌانت اسپين پهتو، جت خوارزمي جي زيج سند هند صغير جو مسلمہ بن احمد

[1] تاريخ ابن واضع يعقوبي جلد: 2، ص 105، لنڊن

[2] ابن ابي اصيبعہ: تاريخ الاطباء، جلد: 2، ص 33 مصر

مجريطي سنہ 398ھ/1007ع ۾ خلاصو لکيو.[1] تنهن کانپوءِ اسپين جي بي هڪڙي عالم ابوالقاسم اصبغ المتوفي 429ھ سنہ 1035ع ۾ سڌانت جي اصول تي وڏي زيج تيار ڪئي.[2] موسيٰ خوارزمي جو ڪتاب "الجبروالمقابلہ" 1831ع ۾ لنڊن مان شايع ٿيو.

خليفي موفق بالله بہ هجري ٽين صدي ۾ دوائن جي تحقيقات لاءِ ڪي ماهر سنڌ ڏانهن روانا ڪيا هئا. معتقد سنہ 279ھ ۾ احمد بن خفي ديلمي کي علم حساب ۽ اصطرلاب جي تحقيقات لاءِ هندستان ڏانهن موڪليو هو. سندس ڏينهن ۾ شوال سنہ 280ھ جڏهن ديبل ۾ چند گرهڻ لڳو ۽ زلزلي ڪري ڏيڍ لک ماڻهو مئا، تڏهن نجومين هڪدم خليفي کي خبر ڏني هئي.[3] طب جي هندي ڪتاب "ششرت، جنهن کي عرب "سسرو" سڏين ٿا، سو خالد برمڪي جي حڪم سان ترجمو ٿيو. پوءِ عبدالله بن علي عربي تان فارسي ۾ ترجمو ڪيو.[4] يعقوبي هڪڙي ندان جو ذڪر ڏئي ٿو. جنهن ۾ جڙي ٻوٽين جو ذڪر ڏنل هو. تنهن کي پنڊت منڪہ سليمان بن اسحاق لاءِ عربي ۾ ترجمو ڪيو. پنڊت ستيا ورمن جي ڪتاب جو بہ بيروني ذڪر ڏنو آهي. شاناق (چاڻڪيہ) پنڊت جو ڪتاب جانورن جي بيماري متعلق ترجمو ڪيو ويو.[5] ڪنڪہ پنڊت جو ڪتاب جوتش متعلق منصور جي زماني ۾ ترجمو ٿيو.[6] ابن نديم هن پنڊت جي چئن ڪتابن جا نالا ڏنا آهن. 1. ڪتاب النمودار في الاعمار، عمر متعلق 2. اسرار المواليد، جم متعلق 3. ڪتاب القرانات الڪبير، شگون بازي

---

(1) قفطي ص 178، مصر. هجري ٽين صدي ۾ البيروني السند هند الصغير جي تصحيح ڪئي.

(2) طبقات الامم: قاضي صاعد اندلسي، ص. 50. فاتح العلوم: محمد خوارزمي ص. 202 ليڊن. اسپين جي هڪڙي يهودي فاضل ابراهيم بن عزا عبراني زبان ۾ سڌانت جي بعض اصولن تي زيج تيار ڪيو. جو يورپ وارن وٽ پهتو.

(3) تاريخ الخلفا: سيوطي، ص. 380 ڪلڪتو. اجر زلزلو "رد بيل" آيو. اردبيل کي غلطيءَ مان ديبل ڪيو ويو. (نبي بخش)

(4) ابن نديم: ڪتاب الفهرست، ص. 303

(5) مفاتح العلوم: خوارزمي، ص. 181

(6) عيون الاطباءِ في طبقات الاطباءِ: ابن ابي اصيبعہ، جلد: 2، ص. 33 مصر

متعلق 4. ڪتاب القرانات الصغير، هي ڪتاب طب متعلق آهي. تنهن کان سواءِ ٻيا ڪتاب جهڙوڪ "ڪتاب في الحداث العالم والدور في القرآن" دنيا جي واقعات ۽ ستارن جي چڪر نسبت. فن موسيقي تي ڪتاب نافر جو اندلس پهتو. ابو صالح بن شعيب مهاڀارت جو عربي ۾ ترجمو ڪيو. تنهن ڪانپوءِ ابوالحسن علي جبلي جو شاهان ديلمي جي ڪتب خاني جو مهتمم هو، 417هه ڌاري ڪتاب عربي ۾ ترجمو ڪيو.[1] وياگهر جو ڪتاب "ادب الملڪ" هٿيارن جي جاچ متعلق ۽ سلطنت جي طريقن متعلق ابو صالح بن شعيب عربي ۾ ترجمو ڪيو. جابر بن حيان علم ڪيميا تي ڪتاب ترجمو ڪيو. "ڪتاب حدود منطق الهند" هندي منطق ۽ فلسفي متعلق ترجمو ٿيو. هندي بلاغت تي بہ يحيٰ بن خالد برمڪي ڪتاب ترجمو ڪرايا هئا.[2]

**قرآن جو هندي ترجمو:**

اڄ کان سوا هزار ورهيہ اڳ الور جي راجا مهروگ منصوره جي حاڪم امير عبدالله بن عمر کي لکيو تہ ڪو اهڙو عالم ونس روانو ڪري جو اسلام جو مذهب سمجهائي سگهي. امير هڪڙي عالم کي جو مختلف زبانن جو ڄاڻو هو، راجا ڏانهن موڪليو. هن ٽن سالن جي عرصي ۾ قرآن پاڪ جو هندي ۾ ترجمو ڪيو.[3]

**تهذيب:**

سنڌ ۾ عربن جي زماني ۾ گڏيل تهذيب هئي. سنڌي عراق جي پوشاڪ پائيندا هئا ۽ عرب امير هندو راجائن وانگر هاٿين تي سواري ڪندا هئا.

**زبان:**

عربي زبان سرڪاري زبان هئي. جيئن انگريزن جي حڪومت اندر انگريزي دفتري زبان هئي، تنهنڪري عوام کي حڪمران قوم جي زبان

---

[1] ايلٽ: تاريخ هند، جلد: 1، ص 100

[2] جاحظ: ڪتاب البيان و التبيين، جلد: 1، ص 40 مصر

[3] عجائب الهند: بزرگ بن شهريار، ص 4 لنڊن

سکڻ لازمي هو. ديبل، منصوره، بکر ۽ ٻين شهرن ۾ جامع مسجدن سان لڳ مدرسا هئا جن ۾ علماءِ ڪرام تعليم ڏيندا هئا. عرب علماءِ مختلف زبانن کان واقف هئا. سنڌي زبان جو وجود قائم هو، اها گهرو زبان هئي. مسعودي جو سنہ 303هه ۾ هندستان آيو هو، سو لکي ٿو تہ سنڌ جي زبان هندستان جي زبانن کان ڌار هئي. مڪران ۾ بلوچي ۽ گجرات ۾ لاڙي زبان جو ذڪر ڏئي ٿو. ابن نديم ڪتاب الفهرست ۾ لکي ٿو تہ سنڌ ۾ بہ خط رائج هئا.[1] ابو الريحان البيروني جو محمود غزنوي جو معاصر هو، سو هندستان جي زبانن جي باري ۾ لکي ٿو تہ ڪشمير، بنارس ۽ مده ديش ۾ سڌماترڪ زبان جاري هئي. مالوه ۾ ناگري، گجرات ۽ ڪاٺياواڙ ۾ لاڙي، بنگال ۾ گوڙي، ڪڇ، گجرات ۽ سنڌ ۾ ٻاتيہ زبانون رائج هيون. سنڌ جي لاڙ واري علائقي ۾ ملواري خط رائج هو[2] امير خسرو جو ستين صدي ۾ ٿي گذريو، سو سنڌي زبان جو ذڪر ڪري ٿو. سنڌي جي وجود هوندي بہ سوين عربي لفظ سنڌي زبان ۾ اهڙيءَ ريت پيوست ٿي ويا آهن، جو لساني ماهر کان سواءِ ٻي ڪنهن کي هن وقت انهن لفظن جي عربي هئڻ جي خبر پئجي نہ ٿي سگهي. سنڌي خط عربي ۾ بدلجي ويو. سنڌي زبان فصاحت ۽ بلاغت ۾ ترقي ڪئي. عربي مذهبي زبان هئڻ ڪري سنڌي پڙهڻ لڳا.

---

[1] مروج الذهب: مسعودي جلد: 1، ص 162- ڪتاب الفهرست: ابن نديم، ص 24 مصر

[2] ڪتاب الهند: البيروني، ص 182، ابوالفضل آئين اڪبري ۾ سنڌي، بلوچي، پشتو زبانن کي ڌار شمار ڪري ٿو.

باب ٽيون

# بلوچن جي خودمختياري

اسلامي دنيا اندر جڏهن ڪو سياسي انقلاب ايندو هو تہ بلوچ پنهنجي جنگجو طبيعت ڪري اُن ۾ حصو وٺندا هئا. هشام بن عبدالملڪ جي زماني ۾ اسلامي سلطنت اندر ٽي سازشي جماعتون قائم ٿي چڪيون هيون. 1. شيعا، جن کي اهلبيت سان همدردي هئي. 2. بني اميہ جا حامي، جيڪي حجاز ۽ شام ۾ رهندا هئا. 3. خارجي، جيڪي مٿين ٻن جماعتن کي وڙهائي تماشو ڏسندا هئا. بلوچ پهرين ۽ پوئين جماعتن سان شامل هئا. ڪابہ انقلابي تحريڪ عراق ۾ مٿو ڪڍندو هئي تہ اُن جو اثر خراسان ۽ بلوچستان تي پوندو هو. بڪير بن ماهان پهريون بلوچ هو جو عباسي تحريڪ جو داعي ۽ نقيب هو. سندس اشاري تي سنڌونديءَ کان وٺي فرات تائين رهندڙ قومن کي عباسين سان همدردي پيدا ٿي.[1] وري جڏهن 128هہ ۾ ابو مسلم خراسان ۾ عباسين جي جهنڊي کي بلند ڪيو، تڏهن بلوچن جديع ڪرماني جي سرڪردگي هيٺ ابو مسلم جي طرفداري ڪئي. منصور بغداد جي بنياد وجهڻ کانپوءِ بلوچن کي پيادل فوجن ۾ ڀرتي ڪيو. بغداد جي شهر جو هڪڙو دروازو "باب خراسان" سندن نالي تي سڏجڻ لڳو.[2] امين ۽ مامون جي جنگ ۾ طاهر ذواليمين جي مدد سان مامون تخت هٿ ڪيو هو. سنہ 205هہ ۾ طاهر خراسان ۾ خودمختيار حڪومت قائم ڪئي، جنهن جون حدون سنڌ تائين هيون. طاهر منوچهر جي اولاد مان هو. هن وقت بلوچستان ۾ خاران جي رياست جنهن جا نواب نوشيرواني سڏجن ٿا ۽ بلوچ آهن پهريان بلوچ هئا، جن عباسين کان خودمختياري حاصل ڪئي هئي.[3] مگر طاهريہ

---

(1) E. Gibbon: The Decline & Fall of the Roman Empire, Vol.X, P.30

(2) J.Hell: The Arab Civilization, Baghdad, Lahore, 1940

(3) C.F. Minchin: Kharan Gazetteer, CHP. History, Bombay, 1906

نوٽ: خاران جو نواب ڪياني ملڪ سڏجن ٿا. عمر بن عبدالعزيز جي زماني ۾ آتش پرستي ڇڏي مسلمان ٿيا.

سلطنت سنہ 249ھ تائين قائم رهي، پوءِ صفاريہ حڪومت جو يعقوب بن ليث پايو وڌو. سنڌ بہ سندس ماتحت هئي. مگر هي سلطنت بہ سنہ 254ھ/867ع کان سنہ 290ھ/903ع تائين قائم رهي. ان وچ ۾ منصوره جي رياست سان ميڊ وقت بوقت لڙندا رهيا.

**بلوچي ۽ قرامطہ:**

عمان ۽ بحرين بلوچستان ۽ سنڌ کي ويجها هئا. هتان خارجي ۽ قرامطہ تحريڪون بلوچستان ۽ سنڌ تائين پکڙجي ويون. مٿين تحريڪن مان قرامطہ زور ورتو. سنہ 278ھ ۾ ڪوفي ۾ هڪڙي شخص حمدان (قرامطہ) جوغالي شيعو هو، تنهن نئون مذهب ڪڙو ڪيو.[1] سنہ 281ھ قرامطي معتقدن مان يحيىٰ بن مهدي بحرين ۾ وارد ٿيو. سنہ 286ھ ابو سعيد جنابي ڪلي طرح بحرين وارن کي نئين مذهب جي دعوت ڏني. 287ھ ۾ هن شامي لشڪر کي شڪست ڏني، بصره ۽ حجر تي قبضو ڪيو. سنہ 291ھ ۾ يمن تائين پکڙجي ويا. سنہ 311ھ ۾ قرمطين ابوطاهر سليمان بن ابي سعيد جنابي مڪي تي ڪاهي "حجر الاسود" بہ ساڻ کڻي ويا. سنہ 313ھ ۾ حج صفا بند ٿي ويو. آخر خليفي مطيع بالله کين وڏي رقم ڏيئي حجر اسود خانہ ڪعبہ ۾ هٽايو.[2] سنہ 355ھ آل بويہ وارن عمان تي ڪاهي قرمطين کي شڪست ڏني. پوءِ بحرين، عمان کان نڪري هنن مڪران جي بندر ڪلما کي مرڪز جوڙيو هو، جو اڄ تائين سندن نالي تي ڪلمت سڏجي ٿو.

**بلوچن سان قرمطين جي مائٽي:**

قرمطي عرب هئا تنهنڪري رند بلوچن سان سندن مائٽيون ٿي ويون. سندن تحريڪ ڪري سراوان جا ڪرد وينڊي نوشڪي ۽ سيستان تائين رهندڙ بلوچ هن تحريڪ ۾ شامل ٿيا. هنن مڪران جي ميڊن کي شڪست ڏئي زير ڪيو. عمان کان وٺي ڪوڪن ۽ ملبار تائين سمنڊ تي جهاز ڦرڻ لڳا. قرامطين (ڪلمتين) جهاز راني ۾ ميڊن کانپوءِ گهٽي

---

[1] تاريخ فلسفہ اسلام: ڊي بوئر مترجم: ڊاڪٽر سيد عابد حسين، ص 90 جامع مليہ دهلي

[2] Amir Ali Syed: History of the Saraens, Kramatis.

ترقي ڪئي.[1] شيراز جا ديلمي ملوڪ بہ شيعا هئا. ماوراءِ النهر جي ساماني حڪومت ڪانسواءِ سڄي اسلامي دنيا تي شيعن جو قبضو هو. سنہ 375هہ قرامطين بلوچن جي مدد سان منصوره تي قبضو ڪيو.

**منصوره ۽ ملتان جي قريشي حڪومتن جو خاتمو:**

ساڳي سال قرامطين ملتان تي قبضو ڪيو. اڳ ٻنهي رياستن ۾ بغداد جي خليفي جو خطبو پڙهندا هئا. قرامطي مصر جي فاطمي خليفن جي نالن تي خطبو جاري ڪيو. اسلامي دنيا ۾ مصر ۽ بغداد ٻہ زبردست سلطنتون هيون، جن جي پاڻ ۾ چوطرف چپقلش جاري هئي. منجهانئن عباسي سلطنت ڪمزور ٿي چڪي هئي. اسماعيلي فاطمين جو دور شباب هو. مگر بخارا جا ساماني سلاطين يا چوٿين صدي هجري ۾ غزني جا سلاطين، تنهن ڪانپوءِ پنجاهہ ورهيہ پوءِ سلجوقين جو ظهور ٿيو. مٿيون حڪومتون توڙي جو طاقتور هيون. پر بغداد جي عباسي شهنشاهت جون معتقد هيون. ان ڪري مشرق ۾ اسماعيلي فاطمين جو اثر گهٽجي ويو.

**محمود غزنوي جو سنڌ تي قبضو:**

سنہ 391هہ/1000ع ۾ سلطان محمود غزنوي. ناصرالدين (سبڪتگين) سنہ 367هہ/966ع ۾ سراوان، ڪوئيٽا- پشين ۾ خضدار تي قبضو ڪيو هو. جهالاوان جي رياست خارجي ۽ مڪران جي قرامطي هئي. سلطان محمود کي بغداد جي خليفي امين الملتہ ۽ يمين الدولہ جا خطاب ڏنا. خلف بانوصفاريہ خاندان جو پويون سيستان جو حاڪم هو. قرامطي هئڻ ڪري سلطان محمود هن کي قيد ڪيو. ياد رکڻ گهرجي تہ سلطان محمود جي والده سيستان جي بلوچ خاندان مان هئي.[2] سلطان محمود غزنوي هندستان تي ڪُل سترنهن ڪاهون ڪيون. سندس فوجن ۾ افغان، ايراني، توراني، بلوچ شامل هئا. چست خاندان جي سرخيل خواجہ ابو احمد ابدال ؒ جو هرات کان ٻن منزلن تي چست جي ڳوٺ ۾ رهندو هو. تنهن

---

[1] R. Hughes-Buller: Makran, CHP. Population, Kalmatis

[2] روضۃ الصفا: مير خوند بن خاوند شاهہ هروي، جلد: 4، ص. 10، يورپ.

تاريخ هند: مولوي ذڪاءَ الله، جلد: 1، ص. 306

عام جهاد جو اعلان ڪيو هو. سلطان الهند خواجه معين الدين چشتي، جنهن سنه 583ھ ۾ اجمير ۾ سڪونت اختيار ڪئي هئي ۽ ستين صدي جو مجدد شمار ٿئي ٿو، سو هن خاندان جو اولياء هو.[1] بلوچ جهاد جي دعوت تي سلطان جي فوج ۾ ڀرتي ٿيا. ٻيو وڏو سبب ته هندستان جي شهرن کي فتح ڪرڻ ڪانپوءِ سلطان فوجن کي ٽن ڏينهن تائين لٽڻ جو حڪم ڏيندو هو. هندستان جي ڪاهن مان اسلامي لشڪر کي ايترا هندو غلام ۽ هندو عورتون هٿ لڳيون هيون جو ايران ۽ بلوچستان ۾ غلامن جي وڪري لاءِ مارڪيٽ کلي ويا هئا. جتي هڪڙي هندو غلام جي قيمت فقط ڏيڍ رپيو هئي.[2] هندستان جي مندرن ۾ ديو داسين دوشيزه ڇوڪرين جو رواج هو. سومنات جي مندر تي سنه 1026ع ۾ سلطان قبضو ڪيو. هت پنج سؤ دوشيزه ديو داسيون هيون.[3] سومنات کان موٽندي سنه 416ھ سلطان منصوره تي قبضو ڪيو.[4] تنهن کان اڳ سنه 402ھ ۾ سلطان ابو الفتح دائود قرمطي ملتان جي والي تي ڪاهه ڪئي. ڇاڪاڻ جو هن غزنوي طاقت کي روڪڻ لاءِ پنجاب جي راجا اننڊپال کي مدد گهري هئي. ابوالفتح دائود بن نصير بن شيخ حميد کي غور جي قلعي ۾ قيد رکيو.[5] بلوچ ڊگهن وارن کي غزنوي فوجن "سياه جيوش" سڏيا هئا.

**اردو زبان جي ابتدا:**

هجري پهرين صدي عيسوي ستين ۾ عربن سنڌ فتح ڪئي. سندن فوجن ۾ عراقي، شامي هئا. تنهن ڪانسواءِ سوداگرن جيڪي اُبله،

---

(1) تذڪرة السلوڪ: حڪيم نجم الغني، ص. 327، ذڪر چستيه خاندان

(2) Stanely lane — Poole: Mediaeval India, Mahmud of Ghaznvi P.25 London

(3) E.Gibbon: Roman Empire, Vol.X, Somnath. PP. 334-337

سومنات جو اصل نالو ديوايٽن هو. ڪرنل جيمس ٽاڊ 19 صدي ۾ هن شهر کي ڏٺو. ان وقت سندس آبادي 5 هزار هئي. سندس ٻرسان وڏو قبرستان هو سنه 1300ع ۾ علاؤالدين خلجي هتان ٻيو ڀيرو ناس ٿي ويو. هن وقت جهونا ڳڙهه رياست ۾ آهي.

(4) ابن اثير، جلد: 4، ص. 243 ليدن

(5) فرشتا، جلد: 1، ص. 25-27، نولڪشور

سيراف، تيز ۽ شيراز کان آيا، تن جي زبان فارسي هئي. سنہ 133ھ ۾ عربي تختگاھ شام کان منتقل ٿي عراق آيو. سنڌ جي پنڊتن کي بغداد ۾ عهدا مليا. عربي علمائن قرآن مجيد جو هندي ۾ ترجمو ڪيو. عربي ۽ فارسي لفظ سنڌي زبان ۾ پيوست ٿي ويا. سنڌي خط بہ نيٺ عربي خط ۾ آهي. سنہ 421ھ سلطان محمود سومنات تي ڪاهہ ڪئي. منصوره ملتان غزنوي حڪومت ماتحت ٿي ويا. هيءَ سلطنت سنہ 366ھ/976ع کان شروع ٿي ۽ سنہ 582ھ/1186ع ۾ ختم ٿي. ٻہ سؤ سالن جي عرصي ۾ ايرانين، ترڪن، افغانن جي اچڻ ڪري عربي، سنڌي، فارسي، هندي، ملتاني، پنجابي زبانن بلوچي جي ميل ميلاپ ڪري هڪ نئين زبان سنڌ ۾ جنم ورتو، جا پوءِ دهلي پهچي اُردو سڏجڻ ۾ آئي. غزنوي دور جي شاعرن جهڙوڪ حڪيم سنائي، مسعود سعد سليمان جي اشعار ۾ هندي الفاظ نظر اچن ٿا. جيڪي مؤرخ اُردو جي ابتدا کي دکن کان شمار ڪن ٿا، سي غلط آهن. (ڏسو طبقات ناصري: قاضي سراج منهاج، ص 152، ڪلڪتو)

**سومرا:**

منصوره ۽ ملتان جي عربي رياستن جي زوال کان پوءِ سنڌ ۽ سندس گردنواح علائقن ۾ هندو رياستون پيهر قائم ٿيون. سنہ 543ھ/1148ع ۾ غوري سلطنت جو پايو پيو. سنہ 1186ع ۾ شهاب الدين غوري پوئين غزنوي تاجدار خسرو ۽ سندس پٽ کي لاهور مان قيد ڪري فيروز ڪوه قلعي ۾ قيد ڪيو.

**بلوچن جي جيسلمير تي ڪاهہ:**

بلوچن جون بينڪون مستقل طور سنڌ ۽ ملتان تائين عربن جي ڪاهہ وقت قائم ٿي چڪيون هيون. هندستان ۾ راجپوتن جا راڄ هئا. دهلي تي تومارن، اجمير ۾ چوهاڻن، قنوج تي راٺوڙن، گجرات تي واگهيلن جي حڪومت هئي. سنہ 1156ع ۾ راول جئيسل ڀاٽيءَ جيسلمير جو شهر تعمير ڪرايو. سندس حدون اراولي تائين هيون. سندس پوٽي سالاباهن جي ڏينهن ۾ بلوچن مير خضر خان جي هٿ هيٺ سنڌونديءَ ٽپي جيسلمير تي

ڪاهه ڪئي. سالاباهن تي سؤ جوڌن سميت مارجي ويو. بلوچن ڏراور جي قلعي تي قبضو ڪيو. بلوچ سنڌ جي پهرين قوم هئي، جنهن راجپوتن سان هٿ ڳنڍيو[1].

**سنڌ تي غورين جو قبضو:**

بلوچ مير سيد جلال الدين ڪرمانيؒ جي دعوت تي سلطان شهاب الدين جي فوجن ۾ ڀرتي ٿيا[2]. سنه 1176ع ۾ غوري سلطان دره بولان کان بلوچن جي مدد سان اُچ پهتو. هتان سنڌ ۽ گجرات تي قبضو ڪري ملڪ کي لٽيو

**دهلي ۽ قنوج تي قبضو:**

سنه 587هه/1190ع ۾ سلطان جي سپهه سالار ضياءَ الدين تولڪي دهلي جي راجا پرٿوي راج کان شڪست کاڌي. چاڪاڻ جو راجپوتن وٽ 2 لک سپاهي ۽ ٽي هزار هاٿي هئا. ان وچ ۾ قنوج جي راجا ڄئچند جي ڌيءَ سميتڪا کي سئيمبر جي رسم ادا ڪرڻ وقت راجائن جي روبرو ڪليءَ دربار مان پرٿوي ڀڄائي ويو. جنهن ڪري راجپوتن ۾ اٻڻت پئجي ويئي. سلطان شهاب الدين موقعو ڏسي سنه 1193ع ۾ سرسوتي نديءَ جي ڪپ تي ٿانيسر جي جنگ ۾ شڪست فاش ڏني. هن جنگ ۾ بلوچن جو تعداد 12 هزار هو. جن وٽ يمن جون آبدار تلوارون هيون. مسلمانن قرآن جو قسم کنيو هو ۽ هندن گنگا جو. پرٿوي راج جو ڀاءُ کانبديراءِ مارجي ويو ۽ پرٿوي قيد ٿيو. جنهن کي سلطان مارائي ڇڏيو. سنه 1194ع ۾ قنوج جي راجا ڄئچند اسلامي لشڪر هٿان شڪست کاڌي. دهلي، قنوج ۽ اجمير تي مستقل اسلامي حڪومت قائم ٿي[3]. سلطان جي هڪڙي سپهه سالار سنه 1190ع ۾ بهار ۽ سنه 1203ع

---

(1) J.Tod: Amals & Antiqueties of Rajasthan, Vol. II, P. 239

(2) آئينہ اٹوڌ: سيد محمد ابوالحسن، ص 41-42، نظامي پريس لکنؤ.

(3) Stanely lane- Poole: Medieval India, Mahmud of Ghori, P. 49

Ami Flora Steel: India throngh ages, The Battle of thanesar

بنگال هوگليءَ تائين فتح ڪيو. بنگال جو راجا لڇمي سين اوڙيسا ڏانهن ڀڄي ويو. جتي جي مندر جگنات ۾ پروهت ٿي رهيو[1].

**بلوچن جي جيسلمير تي ڪاهه:**

سنه 1200ع ۾ ڏيڍ هزار بلوچن ٻيو دفعو سنڌونديءَ ٽپي جيسلمير تي ڪاهي ڪاڏل جي شهر کي لٽيو. سالاباهن جي پٽ راول ڪيولن ست هزار راجپوتن سان بلوچن کي شڪست ڏيئي موٽايو. مير خضر هن جنگ ۾ شهيد ٿي ويو[2].

**ناصرالدين قباچه:**

سنه 602هه/1206ع ۾ سلطان شهاب الدين غوري هڪڙي شرير گکڙ کان شهيد ٿي ويو. هو پنهنجي جيئري غزني تي پنهنجي غلام تاج الدين يلدوز کي دهلي ۽ لاهور تي ٻي هڪڙي ترڪي غلام قطب الدين ايبڪ کي ملتان ۽ سنڌ تي ٽين ترڪي غلام ناصرالدين قباچه کي مقرر ڪري ويو. جنهن جو تختگاهه اُچ هو.

**سنڌ جون هندو رياستون:**

ناصرالدين قباچه جي ڏينهن ۾ عربن واري زماني جون هيٺيون ست رياستون سنڌ ۾ موجود هيون:-

1. دربيلو، جنهن جو حاڪم راٺو پنر سهتو رائوڙ هو. سندس گادي جو هنڌ ديرو هو.
2. روپاهه، جنهن جو حاڪم راٺو سينهڙو ولد ڏماچ ڪوريجو سمو هو. گادي جو هنڌ ٽانگ هو.
3. ماڻڪ تاره، جنهن جو حاڪم جيسر ولد ججه سولنڪي ماڇي هو.
4. رياست سوي (سيوهڻ)، جنهن جو حاڪم وخيه ولد پنهون هو. چنابياس راجپوت هئا.
5. پاڳناڙي، جنهن جو حاڪم چنون ولد ڏيتو هو.

---

[1] Charles Stewart: History of Bengal from the fist Mohamedan invasion to 1757, P. 25, Calcutta, 1847

[2] J.Tod: Annals & Antiquities of Rajasthan, Vol. II, P. 239

6. همہ ڪوٽ، جنهن جو حاڪم جيو ولد درياه هو، گادي جو هنڌ جهم هو.
7. برهمڻ آباد، جنهن جو حاڪم جسوڌن اُگره هو، اهي راڻوڙ هئا.

**سنڌ تي غلام گهراڻي جي حڪومت:**

دهلي جي غلام بادشاهن مان قطب الدين کان پوءِ شمس الدين التمش چڱو نالو ڪڍيو. سنہ 607هہ/1210ع ۾ سندس وزير نظام الملڪ اُچ تي ڪاهہ ڪئي. ناصرالدين بکر جي قلعي ۾ لڪو. اُتان ڀيڙين جي وسيلي ڀڄڻ وقت خزانن سميت سنڌونديءَ ۾ ٻڏي مئو. سنڌ تي غلام سلاطين کان پوءِ خلجين ۽ تغلقن پاران وقت بوقت گورنرن حڪومت ڪئي. سومرا قوم جي سنڌ ۾ وڏا زميندار هئا. سي گورنرن جي ڪمزوري مان فائدو وٺي خودمختيار ٿي رهندا هئا. وري جڏهن دهلي جا سلاطين زور وٺندا هئا تہ سومرا جهڪي ويندا هئا. حقيقت ۾ عربن کان پوءِ پنج سؤ ورهين تائين سنڌ جي تاريخ اونداهي ۾ پيل آهي. جيڪي بيان تاريخن ۾ ڏنل آهن، سي آڪاٽين وانگر آهن.

**سومرا ڪير هئا؟**

سومرن سنڌ تي سنہ 700هہ/1300ع کان 843هہ/1449ع تائين حڪومت ڪئي. مؤرخن جا هن قوم بابت جدا جدا بيان آهن. تحفة الڪرام ۾ لکيل آهي تہ سومرا عراق جي شهر سامره جا عرب آهن. عباسين جي زماني ۾ بني تميم وارا جڏهن ٻي صدي ۾ سنڌ جا گورنر ٿي آيا، تڏهن سومرا ساڻن سامره کان ساڻ آيا هئا[1]. بيگلارنامہ ۾ لکيل آهي تہ تميم قبيلي کان پوءِ ٿورن ڏينهن اندر سومره قوم سنڌ تي قبضو ڪيو. هنن پنج سؤ ورهيہ سنڌ تي حڪومت ڪئي. سندن تختگاهہ مهاتم تور هو. تاريخ طاهري جو بيان افساني جيتري وقعت رکي ٿو. مصنف لکي ٿو تہ سومرا هندو هئا، جن سنہ 700هہ کان 843هہ تائين حڪومت ڪئي. سندن تختگاهہ الور جي ويجهو محمد تور هو[2]. مير معصوم باب ٻي ۾

---

(1) تحفة الڪرام: دفتر 3، ذڪر سومره

(2) تاريخ بحوالي ايلٽ، جلد 1، ص 26-484

لکي ٿو تہ سلطان عبدالرشيد بن محمود غزنوي جي سلطنت عياشي ڪري سنڌ ۾ ڪمزور ٿي، ان مان فائدو وٺي سومره قوم ٿري جي شهر ۾ گڏ ٿي، سومره نالي هڪڙي شخص کي تخت تي ويهاريو. جنهن سعد نالي هڪڙي زميندار جي ڌيءَ سان شادي ڪئي، جنهن مان ڀونگر ڄائو[1]. ابن بطوطا جو سنہ 734هہ ۾ سنڌ ۾ آيو لکي ٿو تہ سومره حجاج بن يوسف جي زماني ۾ سنڌ ۾ آيا. اُهي سنڌ جا حڪمران هئا، مگر دهلي جي سلاطين جي ماتحت هئا. اڳتي هلي بيان ڪري ٿو تہ سومره نہ ڪنهن سان گڏ کائن ٿا نہ وري ٻيءَ قوم مان شاديون ڪن ٿا[2]. حقيقت ۾ سومرن بادشاهن جا ڪي نالا هندي آهن ۽ ڪي عربي آهن. ايبٽ جي جديد تحقيقات مان ظاهر آهي تہ سومرا راجپوت هئا. ڪڇ، گجرات ۽ سورت تي سندن حڪومت هئي[3].

ايبٽ کان پوءِ مولوي نجم الغني رامپوري پنهنجي ڪتاب "وقائع راجستان" ۾ سومرن متعلق جيڪا جديد تحقيقات ڪئي آهي، سا هن ريت آهي:-

سومرا سورج بنسي خاندان مان آهن. اُهي پرمار (پنور) راجپوت آهن. ڪي چون ٿا چندر گپت جو اولاد آهن. ڪن جو بيان آهي تہ اَئوڌ جي راڄا رامچند جي پٽ سپومتر جي شاهي نسل مان آهن. پرمارن جي نون راڄائن ستلج کان وٺي دکن تائين چوڏهن حڪومتون ڪڙيون ڪيون. سندن چوڏهن تختگاهہ هن ريت هئا:- مهيشور، ڌار، ماندو، اُجين، چندرپاگا، چتوڙ، آبو، چندراوتي، مومبدنہ، پرماوتي، امرڪوٽ، بکر، لوه دره، پٽن. مٿين شهرن مان هنن ڪي فتح ڪيا هئا ۽ ڪي تعمير ڪرايا هئا. پرمار خاندان جون ڪُل 35 شاخون آهن. منجهائن "اُمره سومره" ڇهون خاندان

---

(1) معصومي بحوالي ايلٽ. جلد 1. ص 215

(2) عجائب الاسفار: جلد 2. ذڪر شهر خوباني اردو ترجمو دهلي

(3) J.Abbot: Sindh A re-interpretation of the unhappy Valley, "Sumralis" P.P. 88-89, Karachi, 1907

هو جنهن اسلام اختيار ڪيو[1]. منتخب التواريخ جي مؤلف ويهن سومرا حاڪمن جي فهرست هن ريت ڏني آهي:

| | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|
| 1. | سومره | 445هه | 11. | خيرو ثاني | 652هه |
| 2. | پونگر | 446هه | 12. | دودو ثالث | 553هه |
| 3. | دودو | 461هه | 13. | طائي | 677هه |
| 4. | سنجر | 485هه | 14. | چنيسر | 700هه |
| 5. | خفيف | 500هه | 15. | پونگر ثاني | 718هه |
| 6. | عمر | 533هه | 16. | خفيف ثاني | 733هه |
| 7. | دودو ثاني | 573هه | 17. | دودو رابع | 751هه |
| 8. | باهو | 587هه | 18. | عمر ثاني | 776هه |
| 9. | خيرو | 620هه | 19. | پونگر | 811هه |
| 10. | محمد طور | 636هه | 20. | حمير[2] | |

سومرا پهريان قرمطي فرقي جا پابند هئا، پوءِ مخدوم شيخ بهاؤالدين زڪريا ملتانيؒ جي اُچ شريف جي مريد سيد جلال بخاريؒ جن کي مخدوم ولايت سنڌ مرحمت فرمائي هئي، تن جي پوٽي سيد جلال الدين حسين بخاريؒ جن جو زمانو 700هه کان 800هه تائين آهي ۽ اُچ ۾ قيام پذير هئا، تن جي هٿ تي اُچ ۾ سومره بيعت ڪئي[3].

**سومرن جا تختگاهه:**

سومرن جو پهريون تختگاهه محمد طور سکر وٽ هو. تنهن کان پوءِ ڏاکڻي سنڌ ۾ ٿري جي ڳوٺ ۾ هنن سومره کي پنهنجو اڳواڻ چونڊيو. ايلٽ لکي ٿو تہ محمد طور جو شهر ديرڪ پرڳڻي ۾ هو. ديرڪ پرڳڻو هاٽوڪو چاچري ۽ بدين تعلقن جي هنڌ تي يعني پارڪر ۽ ونگا بازار جي

---

(1) وقائع راجستان حڪيم مولوي نجم الغني، ص 51-52، همدرد پريس لکنؤ 1927ع

(2) عجائب الاسفار: جلد 2، اردو ترجمو لُب تاريخ: خداداد خان، ذڪر سومرا، امرتسر

(3) فرشتا: جلد 2، ص 416، نولڪشور لکنؤ

نوٽ: جي ايبٽ جي بيان موجب محمد طور جو اوج سنہ 900ع کان 1000ع تائين رهيو، پوءِ دلوراءِ جي ظلم ڪري ناس ٿي ويو.

وچ ۾ ٿر جي وارياسي ميدان ۾ هوندو هو. اهو ديرڪ پرڳڻو ٿر جي وارياسي ميدان کان وٺي هاٽوڪي ٺٽي شهر تائين ليکيو ويندو هو. ٺري جو شهر بدين نزديڪ هو. سومرن جو ٻيو تختگاهه وجيه ڪوٽ (ويگهه ڪوٽ) لاڙ پرڳڻي جي موجوده پراڻ ڍوري جي ڪناري کان پنجن ميلن جي مفاصلي تي هو. جنهن جا ڦٽل نشان موجود آهن. محمد طور کان پوءِ سومرا سمن سان گڏ سما قوم جي قديم شهر ساموئي ۾ اچي رهيا. جو هاٽوڪي ٺٽي کان ٽن ميلن جي مفاصلي تي ڏکڻ طرف هو.

**مغلن جون ڪاهون:**

تاتاري يافث بن نوح جي نسل مان هئا. يافث جي وڏي پٽ جو نالو تورڪ (ترڪ) هو. ترڪ چوٿين پيڙهي مان اليجان خان کي ٻه پٽ تاتار ۽ مغل نالي هئا. جن جو اولاد تاتاري ۽ مغل سڏجڻ لڳا[1]. سندن قبيلا چين جي اُتر اُلهندي ۾ جبل التائي جي ڪليل ميدانن ۾ رهندا هئا. يورپ وارا اُنهن کي تاتاري ۽ ايشيا وارا مغل سڏيندا هئا. يارهين صدي جي آخر ۾ سندن سردار تيموجن (چنگيز) هو. جنهن جو تختگاهه قراقرم هو. چنگيز خاقان چين کي شڪست ڏيڻ کان پوءِ فرغانه تي ڪاهه ڪئي. هڪ ڪروڙ چاليهه لک انسان ڪفارن هٿان مارجي ويا. سنه 664هه/1227ع ۾ چنگيز جي مرڻ کان پوءِ سندس عظيم الشان سلطنت سندس چئن پٽن اقطائي، طلوي، جوجي ۽ چغتائي ورهائي ڪنئي. بلوچستان مڪران سميت چغتائي جي هٿ ۾ اچي ويو. 1223ع ۾ تاتاري حڪومت جون حدون سنڌ سان لاڳو ٿي ويون. بخارا، سمرقند، نيشاپور، مروجي علوم ۽ فنون جا مرڪز هئا. تاتارين هٿان ويران ٿي ويا. چنگيز جي پوٽي هلاڪوءَ سنه 656هه/1258ع ۾ عروس البلاد بغداد جي سرسان سر وجائي ڇڏي. المستعصم بالله پاڻ سميت ڪفارن هٿان مارجي ويو. ايران، عراق، بابل، آرمينيا مغلن جي هٿ هيٺ اچي ويا[2]. بلوچن تاتاري

(1) J.Hutton: Central Asia "The Moghal" P. 67, London, 1875

(2) تاريخ شرقيه: سيد امير علي، ذڪر زوال بغداد. اردو ترجمو لاهور.

عورتن سان شاديون ڪيون. منجهن مينگلن جو ممتاز قبيلو اُن زماني جي انقلاب جو يادگار آهي[1]. خاران ۾ ملڪ قنبر، پير بوبڪ ۽ شيخ حسين بلوچي مشاهير جون قبرون آهن، جي مغلن سان وڙهندي شهيد ٿي هئا. سنہ 1228ع ۾ ڪمال الدين جنيدي سلطان التمش پاران سنڌ، جهالاوان ۽ مڪران جا علائقا فتح ڪيا[2].

**مغلن جون سنڌ تي ڪاهون:**

سنہ 664هہ/1266ع ۾ سلطان غياث الدين بلبن دهلي جي تخت تي، ويٺو. سنڌ، پنجاب ۽ بلوچستان تي سندس پٽ شهزاده محمد جي حڪومت هئي. جنهن جو تختگاهہ ملتان هو. تاريخن ۾ علم پروري ڪري "قا آن الملڪ" جي لقب سان مشهور آهي. مغلن جي خوف ڪري عراق، خراسان ۽ ترڪستان ڪان گهڻن ئي اميرن نڪري سلطان بلبن وٽ دهلي ۾ پناهہ ورتي. سلطان هنن لاءِ سندن نالن تي جدا جدا محلا تيار ڪرايا. منصوره ڪان پوءِ ملتان اسلامي تبليغ جو مزڪر بڻجي پيو. امير خسرو شهزاده محمد جو درباري شاعر هو. شيخ عثمان مروندي لعل شهباز مڪران جي دشت. شهباز ڪان ملتان پهتو. تنهن ڪان سواءِ بيا مشائخ شيخ صدرالدين ابن سلطان المشائخ شيخ بهاؤالدين زڪريا ملتاني، شيخ بدرالدين غزنوي، سلطان المشائخ، شيخ فريد الدين شڪر گنجؒ هن زماني ۾ ٿي گذريا. مٿين بزرگن جي فيض ڪري هندو قومن جهڙوڪ سيال، پنَي، ڪوڪرن، ماڇين، گهيبن وغيره اسلام اختيار ڪيو. حضرت لعل شهبازؒ سنڌ جي شهر سيوهڻ ۾ سڪونت اختيار فرمائي. سنہ 683هہ شهزاده محمد مغلن سان وڙهندي شهيد ٿيو. امير خسرو "وسط الحيوة" ۾

---

[1] R.Hughes-Buller: Imperial Gazetteer of India, Vol. Baluchistan, Calcutta, 1908

[2] Elliot: History of India, Vol. I, P. 491

نوٽ: خوارزم جي بادشاهہ جلال الدين کي چنگيز خوارزم مان لوڏي ڪڍيو هو لشڪر سميت سنڌونديءَ تائين پهتو. التمش سندس مخالفت ڪئي. هن سيوهڻ ڏانهن رخ رکيو پر ناصرالدين قباچہ هن کي مڪران ڏانهن ڀڄائي ڪڍيو جتي هن وفات ڪئي. تاريخ ذڪاء الله

شهزادي جي شهيد ٿيڻ تي جيڪو مرثيہ ڏنو آهي سو دردناڪ آهي. شيخ سعدي جو مرثيہ بغداد جي زوال متعلق مشهور آهي.

**سسئي پنهون:**

صغاري ۽ مظفري مَلڪن کان پوءِ ڪيچ مڪران تي هوتن جي حڪومت شروع ٿي. رندن جي ڏاڏي مير جلال خانّ جو اعملش رومي جي نسل مان هو، سو حلب کان نڪري سيستان، بمپور جي رستي مڪران ۾ وارد ٿيو. سندس جهنڊي مزار هيٺ چوئيتاليهہ بلوچن جا بولغ هئا. بلوچستان ۾ هن رندن جي حڪومت جو پايو وڌو[1]. سندس تختگاهہ ڪيچ هو جت هن قلعو تعمير ڪرايو. مير جلال خان ٻہ شاديون ڪيون. سندس پهرين زال مرزا جهان بيگ مغل جي ڌيءَ هئي، جنهن مان 3 پٽ رند، لاشار، قرائي ۽ هڪ نياڻي جتو اولاد هئا. ٻي شادي هن مڪران جي هوتن مان عجوبہ نالي هڪڙي رقاصہ سان ڪئي. جنهن مان هڪڙو پٽ هوت ڄائو. هوت اصل سمينہ راجپوت هئا. سندن وطن يوناني مؤرخ اورٽي لسبيلي ۾ ڏيکاريو آهي. اُهي هنگلاج جي مندر جا محافظ هئا. سندن راجائن جو لقب راسل هو. سندن حڪومت جو خاتمو سنہ 23هہ/644ع ۾ ٿيو. جڏهن خلافت فاروقي جي زماني ۾ حڪم بن عمرو تغلبي پوئين سمينہ راجا راسل کي شڪست ڏئي مڪران تي قبضو ڪيو هو. هوتن اسلام اختيار ڪيو[2]. مير جلال خان جي وفات کان پوءِ هوت ڪيچ جو حاڪم ٿيو. ڪيچ انهن ڏينهن ۾ ملتان جيڏو شهر ۽ واپار جو مرڪز هو. هوتن جو لقب "آري ڄام" هو. اُهي سنڌ، گجرات تائين قافلن جي ذريعي واپار ڪندا هئا. هوت عيسوي ستين صدي ۾ ٿي گذريو. جڏهن علائقين بغاوت ڪري ڪئي هئي. پنهون جنهن کي بلوچ پنون سڏين ٿا، سو هوتن جي سردار مير عالي هوت جو پٽ هو. مير عالي کي چار پٽ هئا. چنري، هوتي، نوتي، پنهون. سسئي پنهون جو قصو ڊاڪٽر گربخشاڻي جي بيان

---

[1] نوٽ: جيئن ترڪي قبيلن جي جهنڊن تي جانورن جون تصويرون نڪتل هيون، تيئن مير جلال خان جي جهنڊي تي چيتي جي تصوير نڪتل هئي. مزاريہ جو قبيلو مٿئين جهنڊي جي يادگار آهي.

[2] الفاروق: شبلي نعماني، ص 156-157، اعظم ڳڙهہ تاريخ بلوچستان: هيتورام ذڪر رند.

موجب سومرن جي حاڪم حمير جي ڏينهن ۾ ٿي گذريو[1]. هن قصي مان بلوچن ۽ سنڌ جي تعلقات جي خبر پئجي سگهي ٿي. هن مشهور بلوچي قصي کي مير معصوم بکري مصنف تاريخ معصومي فارسي ۾ قلمبند ڪري مٿس "مثنوي حسن و ناز" نالو رکيو. تنهن کان پوءِ محمد شاهه دهلي جي مغل شهنشاهه جي ڏينهن ۾ ڪتياڻن جي قاضي مرتضيٰ سورٺي هن کي ٻيهر فارسي ۾ نظم ڪيو. مير فتح علي شاهه ٽالپر ٽيون دفعو مولانا عبدالرحمان جامي جي يوسف زليخا جي طرز تي نئين سر فارسي ۾ نظم ڪرايو. پنجاب جي شاعر وارث شاهه جنهن کان مؤرخ رو ني وٺن ٿا، تنهن پنجابي زبان جي قصي کي جامو پهرايو. سنه 1863ع ۾ سنڌ جي اسسٽنٽ ڪمشنر ميجر سر فريڊرڪ گولڊسمڊ پهريون دفعو انگريزي ۾ ترجمو ڪيو. سنه 1883ع ۾ ٻيو دفعو بمبئي سول سروس جي هڪڙي عملدار ٽي.هارٽ ڊيوس انگريزي ۾ ترجمو ڪيو[2]. سسئي- پنهون متعلق بلوچي شعر راءِ بهادر هيتورام جي تاريخ بلوچستان ۾ ڏنل آهن. بلوچن سسئي جي يادگار لاءِ مري جبلن ۾ هڪڙي چوٽيءَ تي پنهور نالو رکيو.

**مارڪوپولو ابن بطوط ابوالفدا دمشقي:**

سومرن جي صاحبي جي آخري دور ۾ مارڪوپولو اٽالين سياح ڪيچ- مڪران بابت لکي ٿو ته بلوچ سمنڊ ۽ خشڪي رستي واپار ڪن ٿا. چانور، ڪير، گوشت سندن خوراڪ آهي. ابن بطوط سنه 734هه ۾ ڪشمور رستي کان سنڌ ۾ وارد ٿيو. بلوچن جي گهوڙن ۽ ميوي جي واپار جو ذڪر ڏئي ٿو ته ملتان ۽ دهلي تائين مٿيون شيون پهچائين ٿا. ملتان

---

(1) The Journal of the Sindh Historical Society, Vol.I, Studies in Indo Muslim History, pp 2-3, January, 1941, Karachi.

(2) The Journal Sindh Historical Society, Vol. III, Legends of old Sindh PP.29-36 December 1936.

نوٽ: وارث شاهه جو ٻيو قصو "هير" مشهور آهي. غازي احمد شاهه ابدالي 1745ع ۾ لاهور فتح ڪيو ان وقت موجود هو.

مان ڪپڙو خريد ڪن ٿا.[1] ابو الفدا سنه 732ھ/1331ع ۾ تقويم البدان ۾ بلوچستان جي بندر تيز جي واپار جو ذڪر ڏئي ٿو. سيراف، ابله جي بندرن وانگر مشهور هو.[2]

**علاؤالدين جي سنڌ تي ڪاھ:**

سنه 695ھ/1295ع ۾ علاؤالدين خلجي سڪندر ثاني جي لقب سان دهلي جي تخت تي ويٺو. سندس ڏينهن ۾ دودي ثالث ۽ سندس ڀاءُ چنيسر جي تخت ۽ تاج تان پاڻ ۾ جنگ لڳي. علاؤالدين وڏي لشڪر سان سنڌ تي ڪاھ ڪئي. سومرن ٻار ٻچا ڪڇ ڏانهن روانا ڪيا. سندن سپهه سالار سپڙ سومرو مارجي ويو. علاؤالدين فتح جي يادگار لاءِ ڪي گنبذ ڪڇ ۾ تعمير ڪرايا. مير شهڪ، رندن جي سردار جڏهن ڪڇ جو علائقو فتح ڪيو، تڏهن سندس وصيت موجب ڪيس مٿين گنبذن مان هڪڙي ۾ دفنايو ويو. جنهن تي هيءَ عبارت لکيل آهي: "گنبذ علاؤالدين گنبذ شهڪ شد"[3] علاؤالدين جي ڏينهن ۾ مغلن ڪاهون ڪيون، پر شڪست کائي موٽيا. سلطان پاران ملڪ نصرت ڏھ هزار فوجن سان بکر، سيوهڻ ۽ ٺٽي جي نگراني ڪرڻ لڳو.[4]

**بلوچي علمائن کي دربار ۾ مرتبا:**

ان ۾ ڪو شڪ ڪونهي ته سلطان علاؤالدين ظالم هو پر علم پرور به هو. قاضي عارف صدر جهان جي دعوت تي بلوچن سلطاني لشڪر ۾ حصو ورتو. سلطان بلوچي علمائن مان قاضي فخرالدين ڪرماني، مولانا علاؤالدين ڪڙڪ، مولانا ڪمال الدين ڪولدي، مولانا نظام الدين قلائي

---

(1) عجائب الاسفار: جلد: 2. مترجم: مولانا عطاء الرحمان. ابن بطوطا 1341ع محمد تغلق جي دربار ۾ پهتو هو.

(2) Yule C.B: Morcopolo, Book II. Kesmacron, PP. 334

(3) دودي ثالث جو سنه علاؤالدين سان نه ٿو ٺهڪي، پر چچ نامه جلد 2 ۽ تاريخ بلوچستان ۾ مٿيون ذڪر ڏنل آهي.

(4) Frontier & overseas expeditions from India, CHP.II P.P. 21-22

کي درٻار ۾ رتبا ڏنا. ناظرين سندن نالن مان سندن بلوچيت کي معلوم ڪري سگهندا.[1]

**بلوچن جي جيسلمير سان فيصلاڪن جنگ:**

سنہ 1276ع ۾ راول جئتسي جيسلمير جي گاديءَ تي ويٺو. سنڌ جي مال غنيمت سان اٽڪل 3 هزار گهوڙا ۽ خچر پريل بکر کان دهلي ڏانهن ويندي جئتسي جي پوٽي حمير سرڪاري خزانو لٽيو. سلطان جيسلمير تي ڪاھ ڪرڻ لاءِ خراسان ۽ مڪران کان بلوچ سڏايا. اجمير وٽ طرفين جو مقابلو ٿيو. ائن ورهين تائين بلوچي سپاھ راجپوتن جي قلعن تي گهيرا جاري رکندا آيا. هن ويڙھ ۾ ڪاڏل، ٻارمير ۽ ڊٽ جي ڊاٽين ۽ ناگور جي نوابن محبوب خان، محبت خان، علي خان پاٽين جو طرف ورتو. بلوچن کي مندور کان جيڪو سامان رسد ملندو هو، سو راجپوت لٽيندا هئا. هن ويڙھ ۾ ست هزار بلوچ شهيد ٿيا.[2] سنہ 1294ع ۾ جئتسي جو پٽ مولراج ثالث گاديءَ تي ويٺو. ويڙھ جاري هئي. نو هزار سلطاني لشڪر مارجي ويو، پر بلوچ گهيري کي جاري رکندا آيا. مولراج تنگ ٿي، پنهنجي وزيرن سهير ۽ بيڪمسي جي صلاح سان جوهر رسم ادا ڪئي. راجپوتن پنهنجن ٻارن کي قتل ڪري زالن کي سڙڻ لاءِ صلاح ڏني. اٽڪل اڍائي هزار جوان ۽ پوڙهين عورتن چکيا تي چڙهي جان ڏني. پوءِ مردن تلسي جي پوڄا ڪري گيڙو رتا ڪپڙا ڍڪي قلعي کان نڪري ميدان ۾ مقابلو ڪيو. ٽي هزار اٺ سؤ راجپوت بلوچن هٿان مارجي ويا. فقط گرسي ۽ ڪانور نالي ٻہ راجڪمار بچيا، جن کي نواب محبوب خان برهمڻن جي حوالي ڪيو. ٻي ڏينهن بلوچن قلعي تي قبضي ڪيو. ديوراج، مولراج ۽ رتن سي تن سون يادو خاندان جي سردارن سان وڙهندي مارجي ويا. ناگور

---

[1] فرشتا: جلد اول، ص 187-186، اُردو ترجمو نولڪشور.

[2] J. Tod: Aunals & Antiquities of Rajasthan, Vol.II. Annals of Jesulmer.

نوٽ: دهلي جي سلاطين کي جڏهن فوجين جي ضرورت ٿيندي هئي، خراسان ۽ مڪران مان بلوچن کي گهرائي ڀرتي ڪندا هئا. جيمس ٽاڊ بلوچن کي خراساني جي نالي سان لکي ٿو فرشتا روهيلا لکي ٿو ان سبب جي ڪري بلوچن جو نالو تاريخن ۾ گم آهي.

جي نوابن مان محبت خان ۽ علي خان به مارجي ويا. سنه 1295ع ۾ سلطان قلعو ڊهرائي دهلي ڏانهن موٽيو.[1]

**مغلن جي سنڌ تي ڪاهه:**

سنه 1297ع ۾ ٻه لک سوارن سان مغلن واديءَ هيلمند کان نڪري سنڌ کي لتاڙي دهلي تي قتلق خواجه ابن دائود جي سرڪردگي هيٺ ڪاهه ڪئي. سلطان ٽي لک فوجن ۽ ٻن هزار هاٿين سان مغلن کي شڪست ڏني. سنه 1303ع ۾ ٻيو گهمرو مغلن طرغي خان جي هٿ هيٺ ڪاهه ڪئي. هنن دفعي اٺ هزار مغلن جا سر وڍائي سلطان هڪڙو برج ڪڙو ڪيو.[2] ملڪ نصرت جي مٿي ڪانپوءِ پنجاب، ملتان ۽ سنڌ سلطان پنهنجي پٽ غازي الملڪ جي حوالي ڪيا. گهڻن مغلن اسلام اختيار ڪيو جن کي سلطان دهلي جي مغلپوري محلي ۾ رهايو. هڪڙي منجهان چاليهن هزارن کي قتل ڪرڻي سندن زالون ۽ ٻار ٻين علائقن ڏانهن وڪري لاءِ روانا ٿيا.[3] سنه 1316ع ۾ علاؤالدين وفات ڪئي. دهلي تي پوءِ سنه 720ھ/1321ع ۾ تغلقن جي حڪومت شروع ٿي.

**الور جي بربادي:**

الور ۽ محمد طور جي وچ واري پرڳڻي جو حاڪم هندو راجا دلوراءِ نالي هو، جو وڏو ظالم هو. هر رات هو ڪنهن نه ڪنهن ڪنواري ڇوڪري سان هڪ بستر ٿيندو هو. سندس ڀاءُ ڇتو امراڻي (همراڻي) ڪيس هر وقت نصيحت ڪندو هو، پر ان تي ڪو اثر نه ٿيندو هو. هندستان جا مال سان ڀريل جهاز جيڪي ديبل ڏانهن ويندا هئا، تن جي سوداگرن کان اڌ مال محصول جي اُگاڙيندو هو. قضا سان هڪڙو خدا رسيدو بزرگ سيف الملوڪ هندستان کان حج جي ارادي سان مڪي ڏانهن ٿي ويو. سندس زال بديع الجمال خوبصورت هئي. جنهن کي راجا جي عملدارن زبردستي راجا وٽ پهچائڻ لاءِ حيلا هلائڻ لڳا. سيف الملوڪ تن ڏينهن جي مهلت

---

[1] J.Tod: Aunals & Antiquities of Rajastan Vol. II, CHP. III, PP 327-344

[2] فرشتا: جلد 1، ص 179

[3] Stenely lane Pole: Mediaval India, Rebellious, P. 98

گهري. ان عرصي ۾ هن ڪاريگرن ڪان رات جو درياءَ ڪي پٽرن جو بند ڏياريو. جنهن ڪري درياه موجوده بکر ۽ سيوهڻ جو رخ اختيار ڪيو. الور ويران ٿي ويو[1].

**مؤرخن جون غلطيون:**

ان ۾ ڪو شڪ ناهي ته هاڪڙو سنڌونديءَ جي قديم شاخ هئي، جنهن تي الور، امرڪوٽ ۽ پاري نگر بندر هئا. جن ڏينهن ۾ سرسوتي ۽ دروشادتي به نديون راجپوتانا مان وهنديون هيون. مؤرخ لکن ٿا ته هندستان جا جهاز الور کان ديبل ويندا هئا. ديبل ٺٽي کان هيٺ پرو هو. پوءِ ڪيئن جهاز ديبل پهچندا هئا؟ جيڪڏهن موجوده بکر کان درياءَ جو وجود نه هجي ها ته سڪندر مقدوني جا جهاز سيوهڻ ۽ نيرون ڪوٽ بدران جيڪر پارينگر پهچن ها. هاڪڙي جو وجود سڪندر مقدوني کان اڳ زلزلن ڪري متجي چڪو هو. سڪندر مقدوني تحقيقات لاءِ ماهرن جي هڪڙي جماعت ارسطو بيولس جي سرڪردگي هيٺ هاڪڙي جي قديم پيٽ جي ڳولا ڪرڻ لاءِ سنڌ جي اُبرندي ڏانهن رواني ڪئي هئي جن هڪ هزار قتل شهرن ۽ ڳوٺن جا نشان ڳولي لڌا هئا[2]. سنڌونديءَ جي رخ بدلائڻ متعلق جيڪي به بيان ڏنل آهن محض قياسي آهن. راورٽي جي بيان موجب سنڌونديءَ سنه 335هه ۾ بکر ڏانهن رخ بدلايو. هن حساب موجب عيسوي سنه 941 ٿئي ٿو. يعني سلطان سبڪتگين کان 31 ورهيه اڳ. وري سنڌ گزيٽئر ۾ دلوراءِ جو زمانو سنه 1221ع ۾ ڏيکاريل آهي[3]. جي ايبٽ 962ع سن ڏيکاريو آهي[4]. الور جو آخري نشان اڪبر جي زماني

---

(1) مٽيون بيان اي.ونسينٽ ۽ ايلٽ طاهري جي تاريخ تان ڏنو آهي، پر سن نه ڏنو.

(2) The Cambridge History of India, CHP. XVI, P. 403, Vol. I, 1922

نوٽ: يونانين سنڌ جي فصلن، رسمن، جانورن، واپار ۽ طبعي حالتن جو تحقيقات سان بيان ڏنو آهي. سنڌن ڏينهن ۾ هاڪڙو متجي چڪو هو باقي مٿس جيڪي شهر آباد هئا، تن جا قتل نشان موجود هئا.

(3) E.H. Aitken: Gazetteer of the Province of Sindh, p. 96

(4) J. Abbot, i.c.s: Sindh A Re-interpretation of the unhappy valley, "The Alor Bund" PP.75-76

تائين موجود هو. آئين اڪبري ۾ لکيل آهي تہ ماتيلو، سکر، ٻکر، الور جي ماتحت آهن جا بکر جي ماتحت هڪڙي محال آهي جتان مغليہ سرڪار کي ساليانو 1132150 لک دام ٻہ سؤ سوار ۽ پنج سؤ پيادا بطور خراج جي وصول ٿين ٿا. بديع الجمال لسٻيلي جي حڪمران شهزادي هئي، جنهن جو تختگاهہ شهر روغان هو. چارلس ميسن پنهنجي سياحت جي زماني ۾ هن شهر جو معائنو ڪيو هو. هي شهر لسٻيلي کان نو ميل اتر طرف پورالي ندي تي ٽڪرين مٿان آهي جي پنجاهہ فٽ بلندي تي آهن. مٿن پندرهن سؤ ويران عمارتن جا قتل نشان موجود آهن. هڪڙي ويران مسجد بہ ٻيٺل آهي جا هتي جي روايتن موجب سيف الملوڪ جوڙائي هئي. ڪتبي تي سيف الملوڪ جو نالو لکيل آهي. ايئن معلوم ٿئي ٿو تہ سيف الملوڪ عرب يا مصر جو واپاري هو نہ ڪ هندستان جو، جيئن تاريخ طاهري ۾ لکيل آهي[1].

**برهمڻ آباد جي ويراني:**

الور جي قتڻ ڪانپوءِ دلوراءِ برهمڻ آباد ۾ اچي رهيو. جنهن کي ٻانيڻان بہ سڏيندا آهن. چنو عمراني جو مکي ويو هو، سو اُتان فاطمہ نالي هڪڙي نيڪ بخت خاتون سان شادي ڪري آيو. دلوراءِ فاطمہ کي بدنظر سان ڏسڻ لڳو. جنهن ڪري ٻئي زال مڙس سيوهڻ ۾ رهڻ لڳا سندن نڪرڻ ڪانپوءِ زلزلي ڪري برهمڻ آباد جو شهر ناس ٿي ويو. چني امراني سيوهڻ ۾ وفات ڪئي. مٿس گنبذ شاهہ جهان جي نواب دينڌار خان تعمير ڪرايو، جنهن جو سال 1042هہ لکيل آهي[2].

**سومرن جو زوال:**

سومرا اصل راجپوت هئا. منجهن ڪي هندڪٻون رسمون رائج هيون. سندن ڪيترن حڪمرانن جا نالا اهڙا هئا جن ۾ عربيت جي بوءِ بہ ڪانہ هئي. بلڪ چنيسر جو لاشو سندس معشوقہ سان گڏ چڪيا تي ساڙيو ويو هو. حڪمران قوم جي حيثيت ۾ زبردست قومن سان غرور سان هلت

---

(1) A.W. Huges: Baluchistan, CHP. Lasbella Ruins & Antiquities London 1877.

(2) Cousens, H: Antiquities of Sindh, PP. 80-81 (1929)

ڪندا هئا. پنهنجن غريب عزيزن ۽ زيردستن جي ڪلهن تي غلامي جا داغ هٽائيندا هئا. اهڙيون رسمون اسلام جي خلاف هيون. سندن زالن به بادشاهي ڪئي. دودي جي وفات ڪانپوءِ سندس پٽ سنگهار صغير هو. تنهنڪري ڏيٽس تارا ٻائي حڪومت هلائڻ لڳي. وري سنگهار جي وفات ڪانپوءِ ڪجهه وقت ان جي زال هموٻائي درڪ جي قلعه ۾ حڪومت هلائڻ لڳي. عمر سومرو اخلاقي مجرم هو. انهي ڪري جو مارئي کي زبردستي ملير مان ڪٺي آيو هو. ٻيو گنگا چوڪري سان ارهه زورائي ڪري[1]. سنه 1100ع ۾ سومرن جي صاحبي ۾ سنڌي زبان پراڪرت مان ڇڄي ڌار ٿي. سنڌي زبان جي قدامت معلوم ڪرڻ لاءِ ڪتاب "پرٿي راج رسن" آهي، جو لاهور جي شاعر چارڻ چند بردائي سنه 1200ع ۾ هنديءَ ۾ تصنيف ڪيو. منجهس دهلي جي پوئين چوهاڻ راجا پرٿيراج جي نسل ۽ ڪارنامن جو ذڪر ڏنل آهي. سومرن جا همعصر سما هئا جي سنڌ ۾ وڏا زميندار هئا. هنن سومرن جي ظلم کان تنگ ٿي، سندن پوئين حاڪم همير کي قتل ڪري سنڌ تي قبضو ڪيو. سيوهڻ ۽ بکر کي دهلي جي سلاطين جا نواب مضبوط جهليو ويٺا هئا. مٿين شهرن ۾ عربي مدرسا هئا. مرزا قليچ بيگ جي بيان موجب سيوهڻ الور ۽ برهمڻ آباد کان گهٽو جهونو شهر هو[2].

**تغلق سلاطين بلوچ هئا:**

تغلق سلاطين سنه 720هه/1321ع کان سنه 802هه/1399ع تائين دهلي تي حڪومت ڪئي. عام تاريخن ۾ لکيل آهي ته تغلق لفظ "قتلغ" مان نڪتل آهي. مؤرخ کين ترڪ لکن ٿا. سلطان بلبن جا غلام هئا. حقيقت ۾ تغلق نڪوداري خاندان مان هئا. سندن اصل وطن هيلمند

---

[1] سومرن جي صاحبي جا قصا عمر ماروئي، چنيسر ليلان، مينترو مومل سنڌ ۾ مشهور آهن. مٿيان قصا تحفة الڪرام جلد-3 ۾ ڏنل آهن. ماروئي مارو قوم مان هئي، مومل گجر قوم مان هئي. ماروئي جي قصي کي سيد محمد طاهر نسياني ۽ مومل مينتري کي ملامتير فارسي ويس پهرايو. (تحفة الڪرام: دفتر ٽيون ذڪر سومره)

[2] قديم سنڌ: مرزا قليچ بيگ، ص 339

هو[1]. مغربي مؤرخن مان فقط اسٽئنلي لين پول تغلقن بابت لکي ٿو تہ اُهي بلوچ هئا، جن تاتاري عورتن سان شاديون ڪيون هيون[2]. تغلق اصل شتربان بلوچ هو، جو قسمت آزمائيندو سلطان علاؤالدين جي پاءُ سنڌ جي حاڪم الغ خان جي خادمن ۾ داخل ٿيو. ايمانداري ڪري پنجاب جو حاڪم ٿيو. هن ارڙهن دفعا مغلن کي شڪستون ڏيئي "ملڪ غازي" جو خطاب حاصل ڪيو. اُنهن ڏينهن ۾ پنجاب جو تختگاهہ ديپالپور لاهور ۽ ملتان جي وچ ۾ ٽن ميلن ۾ هو. هي شهر راجا ديپال تعمير ڪرايو هو. يوناني مؤرخن مان بطليموس هن شهر کي "ڊيداليا" جي نالي سان لکيو آهي. غازي محمد بن قاسم هي شهر فتح ڪيو هو. هت 84 مسجدون هيون. خلجي ۽ تغلق سلاطين جي ڏينهن ۾ مغلن جي ڪاهن کي روڪڻ لاءِ هت وڏي چانوٽي هئي. بابر جي ڪاهن وقت موجود هو. سنہ 720هہ ۾ تغلق خان پوئين خلجي حاڪم ناصرالدين خسرو کي شڪست ڏئي دهلي تي قبضو ڪيو. هن تغلق آباد جو قلعو تعمير ڪرايو. سنہ 725هہ/1325ع ۾ سندس پٽ ابو المجاهد محمد شاهہ جي لقب سان دهلي جي تخت تي ويٺو. بغداد جو خليفو الحاڪم بامرالله هو. جنهن جو سعيد صرصري سندس دربار ۾ پهتو. سنہ 751هہ/1351ع ۾ سلطان جي هڪڙي غلام طغي ڪرنال ۾ فساد ڪري ڪنيات ڏانهن ڀڄي ويو. اتان وري ٺٽي ڏانهن ڀڄي آيو. دهلي پاران قوام الملڪ سنڌ جو نواب هو. محمد شاهہ گجرات کان ٺٽي آيو پر بيمار ٿي پيو. ڪندل جي ڳوٺ وٽ سندس بيگم بہ اچي ساڻس ملي، پر سندن ڏينهن ٿورا هئا. سنہ 752هہ/1351ع ۾ تپ وگهي درياءَ جي ڪپ واري منزل تي وفات ڪيائين. ساڳيءَ منزل تي سندس سؤٽ فيروز شاهہ جي تاجپوشي جي رسم ادا ڪئي وئي. ڪيس بغداد جي دربار مان "سيد السلاطين" جو

(1) C.F. Minchin: Baluchistan Distric Gazetteer, Vol. VII A, Kharan, History, P.30 Bombay, 1907.

(2) Stanely lane-poole: Mediaval India, P.122 London, 1917.

خطاب مليو[1]. هن بکر تي ملڪ رڪن الدين کي نائب مقرر ڪيو. ملڪ علي شير ۽ ملڪ تاج الدين ڪافوري سيوهڻ مٿان نائب مقرر ٿيا. اُهي بکر جي ماتحت هئا.

**سلاطين مؤرخين جون غلطيون:**

سمہ سلاطين سنڌ تي سنہ 752هه/1351ع کان سنہ 923هه/1519ع تائين حڪومت ڪئي. اُهي ڪڏهن دهلي جي سلاطين جي ماتحت رهيا، ڪڏهن خودمختيار رهيا. مؤرخن هن قوم متعلق غلطيون ڪيون آهن. مير معصوم سمن کي عڪرمہ بن عصام بن ابوجهل جي اولاد مان لکي ٿو. صاحب تحفتہ الڪرام سمن کي سام بن عمر بن هشام بن ابي لهب بيان ڪري ٿو[2]. فرشتا جلد ٻي ۾ سمن کي جمشيد جي اولاد مان بيان ڪري ٿو ۽ لکي ٿو تہ ان ڪري سندن لقب "جام" هو[3]. حقيقت ۾ سما راجپوت چندربنسي هئا. اسين اڳ لکي چڪا آهيون تہ آڳاٽا هندو سورج بنسي ۽ چندر بنسي خاندانن مان هئا. سورج بنسي ايوڌا ۾ ٿي گذريا. چندر بنسي خاندان وارن جون پنج حڪومتون هيون. 1. پارواز جيڪي اتر اولهہ هندستان تي حڪومت ڪندا هئا. 2. يادو جيڪي اتر اولهہ دکن ۽ الهندي هندستان تي حڪومت ڪندا هئا. 3. آنو پنجاب تي 4. دروهي جيڪي اتر الهندي هندستان واري ڪنڌ تي ۽ پريان حڪومت ڪندا هئا. 5. ترواسو جن جو تختگاهہ هستناپور هو[4]. ڪرنل جيمس ٽاڊ بيان ڪري ٿو تہ دوارڪا جي راجا ڪرشن جي ستين زال "جامبوتي" جي وڏي پٽ سامبا سنڌونديءَ جي ڀرسان ڪڇ تي حڪومت ڪري ٿي جنهن جون حدون زابلستان تائين هيون. هيءَ سلطنت "سنڌ

---

(1) شيخ ابن بطوطہ سلطان محمد تغلق جي دربار ۾ ڪجهہ وقت وزير رهيو. فيروز شاهہ تغلق وڏي دٻدٻي سان حڪومت ڪئي. هن فيروز آباد جو شهر تعمير ڪرايو
تاريخ فيروز شاهي: ضياء برني، ص 523-525 ڪلڪتو

(2) تحفتہ الڪرام: دفتر 3 ذڪر سمگان.

(3) فرشتا: جلد: 2، ذڪر سمگان.

(4) Bhandarkar Commerative essays, Ancient Indian Genealogies, PP. 107-110 Poona, 1917.

سمہ" سڏبي هئي. سندس تختگاهہ سمبانگري هو[1]. سامبس هن خاندان جو راجا هو جنهن سڪندر مقدوني سان جنگ ڪئي هئي. جامبوتي جي اولاد هئڻ ڪري سندن لقب "ڄام" هو. نوان نگر جي راجا جو لقب بہ ساڳيو آهي. سمہ (سمنيہ) پنڌجا پوچاري ۾ وڏا جاگيردار هئا. هنن برهمڻن خلاف حجاج بن يوسف کي سنڌ تي ڪاهہ ڪرڻ لاءِ دعوت ڏني هئي. فتح سنڌ وقت غازي محمد بن قاسم حازم بن عمرو معرفت سندن سردارن کي انعام اڪرام ڏئي سندن جاگيرن کي بحال رکيو هو[2]. سمن اسلام اختيار ڪيو. اُچ ۽ ملتان جي مشائخن جا معتقد ٿيا. هن خاندان جي سورهن حاڪمن حڪومت ڪئي:

| | |
|---|---|
| 1. ڄام اُنڙ | 2. ڄام جونا |
| 3. بابينا | 4. تماچي ڄام خيرالدين |
| 5. صلاح الدين | 6. نظام الدين بن صلاح الدين |
| 7. علي شير | 8. ڪرن |
| 9. فتح خان بن سڪندر | 10. تغلق بن سڪندر |
| 11. مبارڪ ڄام تغلق جو مائٽ | 12. سڪندر بن فتح خان |
| 13. رئدان | 14. سنجر |
| 15. نندا | 16. فيروز بن نندا |

**سمن جي ڪڇ تي حڪومت:**

ڪڇ جا جاڙيجا بہ سمن جو اولاد آهن. سمن جي ڪڇ جي چاوڙا قبيلي سان اڳيئي مائٽي هئي جڏهن سومرن سمن کي ڪڇ ڏانهن پڇائي ڪڍيو هو. عيسوي اٺين صدي ۾ ٺٽي جي حاڪم لاکا گورا را کي ٻن راڻين مان اٺ پٽ هئا. ڪيس گر راڻيءَ جي بطن مان عمر نالي پٽ هو. ٻي راڻي جا چاوڙا قبيلي مان هئي، تنهن مان مور نالي پٽ هو. لاکا جي مرڻ

(1) J. Tod: Amals & Antiquities of Rajasthan, Vol. II, P. 212

(2) Kalichbeg Fredunbeg: Chachnamah, PP. 174-175

نوٽ: فرشتا ۾ خيرالدين بدران ڄام ماني لکيل اهي. سراج عفيف 18 بادشاهن جا نالا ڏنا آهن.

کان پوءِ سندس وڏو پٽ عمر نالي گاديءَ تي ويٺو. سندس پائرن مانَ مور ۽ مٽيا پائي گادي هٿ ڪرڻ لاءِ عمر خلاف سازشون ڪرڻ لڳا. مور ناڪام ٿي الهندي ڪڇ ڏانهن پنهنجي ناناڻن ڏانهن ويو. جت پنهنجي مامي واگهم چاوڙا کي ماري الهندي ڪڇ تي قبضو ڪيو. مور جي نسل مان پوراجي تائين سندس خاندان حڪومت ڪئي. پوراجيءَ کي پٽ ڪين هو. سندس ٻه ننديا پائر ليٿو ۽ ڏيٿو حڪومت هلائڻ جي لائق نہ هئا. تنهن ڪري سندس بيواهہ راڻي مورجي خاندان سمن مان جاڙيجي کي گهرايو جو پنهنجي ماتيلي پاءُ لاڪاڙا سان سنہ 843هہ ۾ ڪڇ ۾ آيو. لاکي جو اولاد جاڙيجا سڏجڻ لڳا. لاکي جو پيو نالو لاکا ڦلاڻي بہ هو. سندس پٽ ڄام رائڌان سنہ 1464ع ۾ ونجان جي شهر ۾ ڪڇ جو راءِ مقرر ٿيو[1].

**سمن جا تختگاهہ:**

سمن جو قديم تختگاهہ ساموئي (سَما نگر) مڪلي ٽڪري کان ٽي ميل اُتر طرف هو[2]. سندس آثار دڙن جي صورت ۾ ٺٽي کان ٽي ميل اُتر اولهہ طرف آهن. ڪلان ڪوٽ ٺٽي کان چار ميل ڏکڻ اولهہ طرف مني ميل جي ايراضي ۾ ٽڪر تي هو. ڪنهن وقت سندس چؤگرد پاڻي هو. هينئر سندس اُتر الهندي ۾ ڍنڍ آهي. ٽڪريءَ جي هيٺان ديوار جا پڪل حصا پيل آهن. ائين معلوم ٿئي ٿو تہ سڪندر مقدوني جي زماني ۾ قلعي جي چؤگرد ڳوٺ هئا. پوءِ باهہ لڳڻ ڪري سڙي ويو. انگريزن کي قلعي مان سڙيل ڪٺڪ ۽ جَوَن جا داڻا هٿ لڳا هئا[3].

**ڄام اناڙ:**

اڳ ذڪاري چڪا آهيون تہ نيرون ڪوٽ جي راجا پنڊ ڪرسمنيہ عربن جي ڪاهہ وقت مڪران جي بلوچ سردار شاهہ برق وٽ پناهہ گزين ٿيو

---

[1] John Wilson: History of the Suppression of Infauticide in western India, PP. 167-168, Bombay, 1855

[2] Kalichbeg Fredunbeg: Chachnamah, P. 174, Hig: Indus Delta Country, P. 59

[3] John wood: A Journey to the source of the River oscus, CHP. I, Antiquity PP. 6-7, London, 1872

هو. پوءِ پنهنجن قبيلن سميت مسلمان ٿيو هو. سما مڪران ۾ رهندا هئا. ڄام اُنڙ بن بابنيہ ڪي سمن مڪران کان گهرايو هو[1]. لسبيلي جا رونجها بہ ڄام اناڙ جو اولاد آهن. ڄام اناڙ سما نگر مان سمن جي فوج وٺي سيوهڻ تي ڪاهي اُتي جي هندو راجا ملڪ رتن جاڙيجي کي 1351ع ۾ قتل ڪري سيوهڻ تائين قبضو ڄمايو. سندس احوال شيخ ابن بطوطہ ڏنو آهي، جو اُن وقت سيوهڻ ۾ موجود هو.

**سمن جي گجرات جي مظفريہ سلاطين سان مائٽي:**

گجرات جا مظفريہ خاندان جا سلاطين سمن وانگر نو مسلم سورج بنسي راجپوت هئا. سلطان مظفر جو پيءُ سڌارن حضرت مخدوم جهانيا جهان گشتؒ جي هٿ تي بيعت ڪئي هئي. سڌارن ٿانيسر ۾ رهندو هو. هڪڙي ڏينهن سلطان فيروز شاهہ شڪار تي ويو. سڌارن ۽ سندس ڀاءُ ساڌوءَ سلطان جي مهماني ڪرڻ کان پوءِ پنهنجي ڀيڻ سان سلطان جي شادي ڪرائي. سلطان خوش ٿي سڌارن کي وجيہ الملڪ ۽ ساڌوءَ کي شمشير خان ۽ سڌارن جي پٽ مظفر کي همايون جا لقب ڏنا. مظفر شاهي سمن کان طاقتور هئا[2]. سمن سلاطين مان ڄام جونا گجرات جي مظفريہ سلاطين سان مائٽي جو رستو قائم ڪري ويو. سندس ڀن نياڻين مان هڪڙي شاهہ عالم کي ڏني هئائين، جو گجرات جو بلندپايہ بزرگ هو. شاهہ عالم جو نالو سراج الدين محمد بن عبدالله هو، جو برهان الدين عبدالله بن محمود جو فرزند هو. برهان الدين (قطب عالم) حضرت قطب عالم سيد جلال الدين حسين بخاري (مخدوم جهانيا جهان گشت) جو پوٽو هو. ٻي ڌيءَ سان سلطان محمد شاهہ گجراتي شادي ڪئي هئي. محمد شاهہ کي ٻہ زالون هيون. هڪڙي بيگم مان احمد شاهہ نالي پٽ هو، جو ڪانئس پوءِ تخت تي ويٺو. سنڌي بيگم مان فتح خان نالي پٽ ڄايو هو، جنهن پوءِ محمود بيگڙه جي لقب سان ڏهڪي سان گجرات تي

---

(1) تاريخ معصومي: مير معصوم بکري، سنڌي ترجمو ڪراچي، 1868

(2) فرشتا، جلد 2، ذڪر سلاطين مظفرشاهي، گجرات

مراة محمدي: شيخ غلام محمد، ص 53-54، مصطفائي پريس، بمبئي 1324ھ

حڪومت ڪئي هئي. سندس خطبو دکن جي چئن اسلامي رياستن ۾ به جاري هو[1]

چام جوناه 1354ع کان 1367ع تائين حڪومت ڪئي. هن بکر تائين ملڪ فتح ڪيو، پر پوءِ سلطان علاؤالدين جي ملتان جي نائب کان سمن شڪست کاڌي. ڄام تماچي بن ڄام انڙ 1367ع کان 1368ع تائين حڪومت ڪئي. هو ملڪ تاج الدين ڪافوري ۽ تاتار خان هٿان قيد ٿي دهلي ڏانهن ويو. سنه 1368ع ۾ ڄام بابينه بن اناڙ جي ڏينهن ۾ سمن ڪا فتوحات ڪانه ڪئي.

### سمن جي خودمختياري:

ڄام خيرالدين سنه 1383ع ۾ تخت تي ويٺو. هن عدل انصاف سان حڪومت ڪئي. ڄام بابينه بن ڄام خيرالدين جي ڏينهن ۾ فيروز شاهه تغلق سنڌ ۾ آيو. ڄام بابينه کي قيد ڪري دهلي وٺي ويو. پوءِ سيد جهانيا جهان گشت ٻنهي سلاطين جو پاڻ ۾ راضي نامو ڪرايو. ڄام بابينه دهلي مان پروانو وٺي موٽي آيو. سما خودمختيار ٿي حڪومت هلائڻ لڳا[2].

### ڄام تماچي ۽ نورنين:

ڄام تماچي بن خيرالدين ڪينجهر جي ڍنڍ جي ڳنڊرا (مهاڻن) جي هڪڙي ڇوڪري نوري سان شادي ڪئي. مهاڻن تي محصول معاف ٿيو. ڪينجهر جي ڍنڍ تي ڄام راڻيءَ لاءِ هڪڙو محلات اڏايو. سندن قبرون مڪلي ٽڪريءَ تي شيخ حماد جمالي جي مقبري جي هيٺان ڳنڍوڳنڍ آهن. سمن جي صاحبي جو عشقيه قصو آهي.

### امير تيمور جي ڪاهه:

ڄام فتح خان بن سڪندر جي ڏينهن ۾ سنه 800هه/1398ع ۾ امير تيمور جي پوٽي مرزا پير محمد بلوچستان فتح ڪرڻ کان پوءِ ملتان پهتو. امير تيمور دهلي، مٿرا ۽ بنديل کنڊ تائين ملڪ ڦري سنه 1399ع

---

[1] گل رعنا: مولانا سيد عبدالحي، ص 14-15، اعظم ڳڙهه 1353هه

[2] فرشتا: جلد 2، ص 317

۾ سمرقند ڏانهن ويو. بکر جي هڪڙي سيد ابوالغيث جي سفارش سان سنڌ تيمورين جي ڪاهه کان بچي وئي[1].

**ٺٽي جو بنياد:**

ڄام نظام الدين عرف ڄام نندو بن ڄام بابينہ سنہ 896هہ/1490ع ۾ گاديءَ تي ويٺو. هن 900هہ ۾ نئون تختگاهہ ٺٽو تعمير ڪرايو، جو سڄي هندستان ۾ واپار ڪري مشهور ٿيو. سندس ڏينهن ۾ سمن جو زمانو علم ۽ فيض ڪري مشهور ٿيو. سنڌي زبان جي خبر ٺٽي جي مشهور صوفي عالم قاضي قاضن جي ڪتاب "بيان العارفين" مان پئجي سگهي ٿي. سندس ڏينهن ۾ سيد ميران محمد مهدي جونپوري گجرات کان ٺٽي ۾ وارد ٿيو. بادشاهہ هن کي گرفتار ڪرڻ لاءِ حڪم ڏنو، پر وزير دريا خان جي چوڻ تي آزاد ٿيو. سيد ميران محمد افغانستان جي شهر فرح ۾ وفات ڪئي. بوسعيد بليدي سندس مريد ڪري مڪران ۾ ذڪري فرقہ جو بنياد پيو[2].

**بلوچستان ۾ سمن جي زور جو گهٽجڻ:**

بلوچستان جي علائقن جهالاوان ۽ مڪران ۾ جدغالن (سنڌين) جو گهڻو تعداد رهندو هو. اُهي وقت بوقت سومرن ۽ سمن جو دم ڀريندا هئا. بلوچ اهڙي اقتدار کي پاڻ لاءِ بيعزتي سمجهندا هئا[3]. جدغالن جي خلاف جهالاوان جي ڳوٺ نغار مان مير عمر ميروا‌ڙي براهوئي استقلال جو جهنڊو بلند ڪيو. هن جنگ ۾ مينگلن، زهرين ۽ خاران جي نوشيرواني ملڪن بہ بلوچن جو طرف ورتو. جدغالن شڪست کاڌي. مڪران، ڪولوهہ، مشڪي ۽ خاران تائين براهوئي ڪنفيڊريسي جون حدون وڌي ويون. براهوئي مجاهد مير هالا ۽ مير توهو جيڪي هن ويڙهہ ۾ شهيد ٿيا، تن جون قبرون سلامبڪ رياست جي ڳوٺ شمشان ۾ مٿين ويڙهہ جون يادگارون آهن[4].

---

(1) Frontier & Overseas expeditions from India, Vol. III, P. 23

(2) مذاهب اسلام: مولوي نجم الغني رامپوري ذڪر سيد ميران محمد جونپوري

R. Hughes Buller: Makran, Zikries

(3) R. Hughes-Buller: Imperial Gazetteer of India, Vol. Balucistan History

(4) C.F. Miuchin: Kharan, History, P. 49

**مير شهڪ جي ڪڇ تي قبضو:**

سمن جي حڪومت جون حدون ڪاهان تائين هيون. مير جلال خان جي اولاد مان مير شهڪ گولا قوم ۽ ڪڇيءَ جي وڏيرن کي شڪست ڏئي سمن کان سيوي، ڍاڍر، جهل، حب، پوه، موه، ناڙي، گاج، ڏنڙ (ڏڙي) پنڙ علائقا فتح ڪيا. بلڪ ملتان، اُچ، سيوهڻ ۽ بکر کي بلوچن جي سيلاب مان خطرو هو. علاؤالدين خلجي 10 هزار لشڪر ارقلي خان جي هٿ هيٺ بلوچن جي فسادن کي روڪڻ لاءِ روانو ڪيو هو[1]. سيوي رندن جو تختگاهه هو ۽ ڍاڍر ۽ گنج آبه لاشارين جي بيٺڪ هئي. ٻئي بلوچن جا زبردست قبيلا هئا.

**مير شهڪ جو ڪڇ تي قبضو:**

ڪڇي ۾ بيٺڪن جوڙڻ کان پوءِ رند جي سردار مير چاڪر خان رند بن شهڪ جي لاشارين جي سردار مير گهرام سان گوهر جتڻي جي سوال ڪري ٽيهن سالن تائين جنگ لڳي. هن جنگ ۾ قنڌار جي ارغون والي ذوالنون بصري، سمن، پاتين، ناهرن، لاشارين جو طرف ورتو. بلوچن جا قبيلا جيڪي هن وقت هيلمند کان هانسي، حصار ۽ نربدا تائين پکڙيل هئا، تن سيني هن ويڙهه ۾ حصو ورتو. لاشارين شڪست کائي گجرات ۽ سنڌ ڏانهن هجرت ڪئي[2]. هن وقت گجرات ۾ سمي ۽ وراهي ۾ ننڍڙيون بلوچي رياستون اُن زماني جون يادگارون آهن[3].

**سمن پاران بلوچن جي جوڌپور سان جنگ:**

سنه 1459ع ۾ راجا جوڌا، جوڌپور جو شهر تعمير ڪرايو. اڳ مارواڙ جو تختگاهه ستلمير پوڪران کان پنجن ميلن تي هو. بلوچن کي سمن جي صاحبي ۾ وڏا عهدا مليل هئا. هن پهريون گهمرو جوڌپور تي ڪاهه ڪئي.

---

(1) E.H. Aitken: Gazetteer of the Province of Sindh, P. 95

(2) L.Dames: Popular Poetry of the Balochs, The thirty years war.

(3) G.B. Malleson: The Historical sketch of the Native states of India, CHP. XIV, London, 1875

هن معرڪي ۾ جوڌا جو پٽ سنتل مارجي ويو. ميرا ٻائي ۽ چتوڙ جو راجا جئمل جنهن تي اڪبر ڪاهه ڪئي هئي، سي هن خاندان مان هئا[1].

## سمن ياران بلوچن جي گجرات سان جنگ:

سلطان محمود بيگڙهه سنه 1459ع/1513ع تائين گجرات تي دٻدٻي سان حڪومت ڪئي. سمن کي هر وقت مظفريه سلاطين کان خوف رهندو هو. تنهنڪري هنن بلوچن جا چار هزار ڪٽنب سنڌ جي ڏکڻ اوڀرندي واريءَ ڪنڌ تي ويهاريا هئا. اهي بلوچ خانه بدوش چوپائي مال تي گذران ڪندا هئا. برسات جي مند ۾ آبو ڏونگر ٽپي مالوه ۽ نربدا جي شاداب علائقن تائين گشت ڪندا هئا. تنهن ڪانسواءِ گهوڙن جو به واپار ڪندا هئا. وقت سر ڦرلٽ به ڪندا هئا. سلطان محمود بيگڙه مصطفيٰ آباد جو نئون شهر تعمير ڪرايو. جت نوابن ۽ ميرن امحلات تعمير ڪرايا. سرحدي بلوچ احمد آباد ۽ مصطفيٰ آباد ڏانهن ويندڙ سوداگرن جي قافلن کي لٽي مال جبلن جي غارن ۾ لڪائيندا هئا. پوءِ گجرات جي گوجرن ۽ ڪچين کي هٿيارن جي عيوض مال ڏيندا هئا. واپار جي رستن بند ٿيڻ ڪانپوءِ سلطان محمود بيگڙه ملڪ جلال الدين کي محافظ خان جو خطاب ڏئي احمد آباد مٿان ڪوتوال مقرر ڪيو. هن هڪڙي پيري پنج سؤ ڌاڙيل بلوچ گرفتار ڪري سوليءَ تي لٽڪايا، مگر لُٽ مار جو سلسلو بدستور جاري رهيو. سنه 879هه سلطان محمود بيگڙه مضبوط توبخاني سان بلوچن تي ڪاهه ڪئي. بلوچ بقول فرشتا مٿن سان ڪفن ٻڌي چوويهن هزارن جي تعداد ۾ مقابلي ڪرڻ لاءِ نڪتا. مگر توبخاني جي خوف ڪري سندن سردار اچي پيش پيا. اُهي گهڻو ڪري رند، ڪلمتي ۽ ڪوسا هئا ۽ اُهي شيعا هئا. سلطان ڪين حنفي فقه جي تعليم ڏيڻ لاءِ احمد آباد جا ڪي علماءَ مقرر ڪيا هئا مگر لٽ مار جو سلسلو جاري رهيو. سنه 880هه ۾ سلطان ٻيو دفعو مٿن ڪاهي غارن مان مال هٿ ڪيو. اڳ حج ڏانهن

(1) J. Tod: Amals & Antiquities of Rajasthan, Vol.II, P.21

ويندڙ قافلا بند ھئا سي وري جاري ٿيا[1]. سلطان پنھنجي والده جي يادگار لاءِ پوڏيسر ۾ ھڪڙي سنگ مرمر جي مسجد تعمير ڪرائي ھئي. ڪي مؤرخ لکن ٿا تہ سلطان ڪڇ ۽ ٿرپارڪر تي بہ قبضو ڪيو ھو[2].

**بلوچن جي پنجاب تي حڪومت:**

امير تيمور صاحبقران جي موت کان پوءِ ھندستان ۾ طوائف الملوڪي جو دور شروع ٿيو. انڪل چوويھہ ڏار ڏار رياستون ھيون. امير تيمور پنجاب جي حاڪم سيد خضر خان کي دھلي سپرد ڪري ويو. سنہ 817ھ/1414ع ۾ دھليءَ تي سيد خاندان جي حڪومت شروع ٿي. ساداتن ڪل ٽيھن ورھين تائين حڪومت ڪئي. علاؤالدين عالم شاھہ پويون فرمانروا ھو. جنھن سنہ 847ھ/1443ع ۾ پنجاب جي لوڌي حاڪم بھلول کي دھليءَ جي حڪومت سپرد ڪري پاڻ گوشہ نشين ٿيو. سنہ 855ھ/1451ع ۾ بھلول دھلي جي تخت تي ويٺو. خضر خان ملتان جي حڪومت شيخ بھاؤالدين زڪريا ملتانيؒ جي درگاھہ جي مجاور شيخ يوسف کي سپرد ڪئي ھئي. راءِ شيرا جو اڳني ڪل راجپوتن مان سولنڪي ھو تنھن دغا سان شيخ يوسف کان ملتان ھٿ ڪري سنہ 1443ع ۾ قطب الدين جو لقب اختيار ڪيو. سندس پويان لانگاه سڏبا ھئا.

**مرزاڻي يا دوداڻي بلوچ:**

ڄام نظام الدين (ننڍو) جا لانگاه سلاطين سان دوستانہ تعلقات ھئا. سلطان حسين بن قطب الدين لانگاه ناھرن ۽ ياٽين جي خوف کان مڪران مان مير سھرابؒ بن مير ممند بن دودا بن مير بيگ لاشاري کي گھرائي ڪروڙ ڪوٽ ۽ ڏن ڪوٽ بطور جاگير جي ڏنا. شيخ يوسف بھلول خان لوڌي وٽ دانھن ڪئي ويو جنھن پنھنجي پٽ باربڪشاه جي ھٿ ھيٺ لشڪر ڏياري موڪليو پر سھراب خان کان شڪست کائي موٽيو. مير سھراب جي

---

[1] احمد آباد جي شھر جو بنياد سلطان مظفر جي پوٽي سلطان احمد سنہ 1411ع ۾ وڌو ھو سلطان محمود چانپانير ۽ جھوناڳڙھہ جا بہ قلعا فتح ڪيا ھئا. ان ڪري بيگڙه جي لقب سان سڏبو ھو.
فرشتا: جلد: 2. ذڪر سلطان محمود بيگڙه. ص 300-301- مرات محمدي، ص 85

[2] Edmund.C.Cose: A short History of Bombay Persidancy, PP.44-45 Bombay, 1887

تن پٽن فتح علي خان، غازي خان ۽ اسماعيل خان ترنس انڊس علائقا ناهرن کان فتح ڪيا. ڏوداڻن تن صدين تائين حڪومت ڪئي[1].

**سنڌ تي ارغونن جو قبضو:**

ارغون چنگيز جي اولاد مان هئا. ارغون جو پٽ محمود غازان سنہ 694ھ ۾ تبريز جو حاڪم هو هي پهريون مغل هو، جيڪو ڪلمہ توحيد پڙهي مسلمان ٿيو هو. سندس شجره هن ريت آهي: محمود غازان بن ارغون بن ابا قاآن بن هلاڪو بڻ طولي بن چنگيز خان. ارغون شاھ امير تيمور جي اولاد پاران امير الامرا هو. امير ذوالنون مصري جو پيءُ امير تيمور سان فتح اصفهان وقت همرڪاب هو. ذوالنون هرات جي مغل والي سلطان مرزا حسين بائقارا پاران قنڌار جو والي هو ۽ سندس ننڍي پٽ شهزاده بديع الزمان جو اتاليق بہ هو. ارغونن جي دهليءَ جي مغلن ۽ بلوچن سان مائٽي هئي. مثال لاءِ مير بيورغ رند امير ذوالنون بصري جي ڌيءَ شهزادي گران ناز سان شادي ڪئي هئي. اها شادي محبت جي ذريعي ٿي هئي، تنهن ڪري ارغونن جي بلوچن سان دشمني هئي[2]

**شاھ بيگ جو سيوي تي قبضو:**

بابر هن وقت ڪابل هٿ ڪيو هو. سندس اکيون قنڌار تي ڪتل هيون تنهنڪري شاھ بيگ بن ذوالنون بصري بلوچن جي ٽيهن سالن واري ويڙھ جي ڪمزوريءَ مان فائدو وٺي گرم سيل، شال، پشين تي قبضي ڪرڻ کانپوءِ سنہ 890ھ/1484ع ۾ رندن جي تختگاھ سيوي تي قبضو ڪيو. پنهنجي پاءُ سلطان محمد کي سيوي مٿان حاڪم مقرر

---

[1] مير ممند سمہ سلاطين سمہ جي دربار ۾ ناظر هو. دودي جي ٻي پٽ گورش جو اولاد گورچاڻي سڏجن ٿا.

فرشتا: جلد 2، ص 521، ذڪر سلاطين لانگاہ ملتان

Tod: Amals & Antiquities of Rajasthan, Vol.II, P.225

تاريخ بلوچيان: سردار غلام رسول قرائي، ذڪرمرراڻي دوداڻي، امرتسر

سيرة المتاخرين: مترجم: پروفيسر عباسي، جلد: 1، ص 12، لاهور

[2] مير بيورغ رند کي گران ناز مان هڪڙو پٽ گشڪور نالي ڄائو هو. گشڪوري سندس اولاد آهن

L.Dames: Popular poetry of the Baloches, Earlier period, P.48

ڪيائين. ڄام نظام الدين پنهنجي قابل سپهه سالار درياءَ خان جي هٿ هيٺ سيوي تي لشڪر چاڙهي موڪليو. هيءَ جنگ چانڊوڪي پرڳڻي ۾ لڳي. درياءَ خان، مير چاڪر خان رند جي مدد سان ارغونن کي شڪست ڏني. سلطان محمد مارجي ويو[1].

**مرزا عيسيٰ جو بکر تي قبضو:**

ذوالنون بصري ترخانن کي بلاد غور ملتان حاڪم مقرر ڪيو هو. شاهه بيگ مرزا عيسيٰ ترخان کي بکر تي چاڙهي موڪليو. جنهن بکر جي نواب قاضي قاضن کان مٿيون قلعو فتح ڪيو. حقيقت ۾ بلوچن جي شڪست ڪري سما حڪومت زوال کي ويجهو پوندي وئي. شاهه بيگ فاضل بيگ ڪوڪلتاش کي بکر حوالي ڪري سيوهڻ فتح ڪري خواجه بيگ کي مقرر ڪري مٿي قنڌار ڏانهن ويو.

**شاهه بيگ جو ٺٽي تي قبضو:**

سنه 1508ع ۾ ڄام نندي وفات ڪئي. هو ديندار ۽ علم پرور هو. سندس ڏينهن ۾ هرات ۽ شيراز کان علمائن اچي سنڌ کي وسايو. اهي علماء سڳورا عام ۽ خاص کي تهذيب ۽ اخلاق جا سبق سيکاريندا هئا. سنڌ جي عظيم شاعر شاهه عبداللطيف ڀٽائيؒ جا وڏا به امير تيمور سان گڏ سنڌ ۾ وارد ٿيا هئا[2]. سمن ۾ نااتفاقي ڄام نظام الدين عرف ڄام نندي جي ڏينهن ۾ پئجي ويئي هئي. سمن جي ٻن سردارن ناراض ٿي بايزيد ۽ ابراهيم ملتان جي لانگاه سلطان وٽ پناهه ورتي هئي، جن کي سوزڪوٽ ۽ اُچ ۾ لانگاه سلطان جاگيرون ڏنيو هيون[3] ڄام نندي ڪانپوءِ

---

[1] سنڌ جي تاريخن ۾ ويندي تحفة الڪرام تائين بلوچن جو ڪوبه ذڪر ڏنل ڪونهي جا وڏي غلطي آهي.
E.H. Aitkan: Gazetteer of the Province of Sindh, CHP.III, P.99

[2] شاهه جو رسالو: ڊاڪٽر گربخشاڻي جلد: 1، ڪراچي 1924ع

[3] فرشتا جلد: 2 ص 523

نوٽ: مرزا شاهه بيگ وڏو عالم، فاضل ۽ نيڪ بخت حاڪم ٿي گذريو. قنڌار واري زماني ۾ علمائن جي مجلس ۾ گذاريندو هو. علم نحو جي ڪتاب ڪافيه جي شرح، عقائد نفسي جي شرح ۽ مطالع منطق جي شرح ۽ ٻيا ڪيترائي عربي ۾ رسالا تصنيف ڪيائين. مهدي جونپوري سان به مباحثو ڪيو هئائين. ڏسو مذاهب اسلام حڪيم نجم الغني ذڪر مهدي جونپوري.

سندس ننڍو پٽ ڄام فيروز ناتجربيڪار ۽ عياش هو. ڄام سنجر جي پوٽي صلاح الدين گجرات جي حاڪم مظفر شاهه کان لشڪر وٺي فيروز سان جنگ ڪئي، پر درياء خان کان شڪست کائي گجرات ڏانهن ويو. تنهن کانپوءِ ڄام فيروز غلطي ڪري ڪن مغلن کي پاڻ وٽ نوڪر رکيو. جن مان مير قاسم ڪيبڪي شاهه بيگ ارغون کي ٺٽي تي ڪاهه ڪرڻ لاءِ لکيو. فاضل بيگ ڪوڪلتاش سيوهڻ جي ويجهو تلٽي جي جنگ ۾ درياء خان کي شڪست ڏني. پوءِ شاهه بيگ لکيءَ جي جبلن جي رستي ٺٽي تي ڪاهه ڪئي. سنه 928هه/1519ع ۾ ٺٽي جي جنگ ۾ درياء خان مارجي ويو. ارغونن شهر ۾ قرلت شروع ڪئي. آخر قاضي قاضن جي درخواست تي شهر ۾ امن امان ٿي ويو. ساڳي سال اگهم جي ڳوٺ ۾ شاهه بيگ ارغون وفات ڪئي. هن بکر جي آس پاس رهندڙ بلوچن کي دغا ڏئي مارايو[1]. الور جي قتل شهر جي سرن مان بکر جو قلعو تعمير ڪرايو. سندس پٽ مرزا شاهه حسين نصرپور ۾ تخت تي ويٺو. خطبو ظهير الدين بابر جي نالي تي پڙهايائين. هن بلوچن ۽ لانگاهه جي مدد سان اُچ ۽ ڏراور فتح ڪيا. ڏراور جي قلعي مان ڪيس وڏو خزانو هٿ لڳو. ملتان وارن بغاوت ڪئي، جنهن تي مرزا شاهه حسن ملتان تي ڪاهي لانگاهه حڪومت جو خاتمو ڪري ملتان مرزا ڪامران بن بابر کي جاگير

---

(1) تاريخ معصومي سنڌي ترجمو: 1868ع ڪراچي. سمن سهتن ۽ سوڍن جي مدد سان ارغونن سان جنگ ڪئي، مخدوم بلال بزرگ بہ سندن مدد ڪئي پر شاهه بيگ کين شڪست ڏيئي تلٽي جي قلعي تي قبضو ڪيو. ڄام صلاح الدين ٻيهر سوڍن ۽ جاڙيجن جو لشڪر وٺي مقابلي لاءِ آيو. پر جوڻ جي ڳوٺ وٽ شڪست کائي ويو. ڄام فيروز ٽيون دفعو ڪڇ مان پنجاهه هزار لشڪر سان سنڌ تي ڪاهه ڪئي. پر راهموڪي ڳوٺ وٽ شڪست کائي ڪڇ ڏانهن ڀڄي ويو. وري نہ موٽيو. جوڻ ۽ فتح باغ بہ شهر هاٿوڪي قليلي جنهن کي اڱ ريڻ واهه چوندا هئا. هينئر ڦٽي ويو آهي. ٺهنڪري ڦٽو سڄي ٿو. ان جي ڪپ تي هڪبئي کان ٽن ڪوهن جي مفاصلي تي هئا. جوڻ ڪپهه جي واپار ۽ فتح باغ ميوي ڪري مشهور هئا. عبدالنبي ڪلهوڙي جي ڏينهن ۾ ٻئي شهر مدد خان پٺاڻ ساڙائي ڇڏيا هئا.

طور ڏنو[1]. مير چاڪر خان رند سنڌ جيٰ اُتر الهندي وارن پرڳڻن تي ڪاهون ڪرڻ ۽ بلوچن کي منتظم ڪرڻ لڳو. سنہ 1520ع ۾ هن پنجاب جي دوداڻي بلوچن ڪيِ تابع ڪيو. سنہ 932هه/1526ع ۾ بابر دهليءَ جي لوڌي حاڪم ابراهيم کي پاڻي پٽ جي جنگ ۾ جيتي هندستان ۾ مغليہ شهنشاهت جو پايو وڌو. هن.سهراب خان دوداڻي جي پٽن جي سنڌونديءَ پريان حڪومت تسليم ڪئي.

[1] فرشتا: جلد: 2، ص. 522-523

باب چوٿون

# همايون جو بلوچن جي مدد سان ايران پهچڻ

سنہ 937ھ/1530ع ۾ بابر جي وفات کان پوءِ همايون دهلي ۽ آگره جو حاڪم ٿيو. هن پنهنجن ڀائرن مان مرزا ڪامران کي ڪابل ۽ پنجاب، ملتان ۽ قنڌار تي حاڪم مقرر ڪيو. مرزا هندال ۽ عسڪري هندستان جي صوبن تي حاڪم هئا. افغانن مان شير شاهہ سوري جو اصل افغان واپاريءَ جو پٽ هو ۽ بابري لشڪر ۾ سپاهي هو. سو بابر جي وفات کانپوءِ بنگال ۽ بهار تي خودمختيار ٿي رهيو. سنہ 946ھ/1539ع ۾ هن همايون کي ڀڄائي دهلي تي قبضو ڪيو. همايون کي ڀائرن ڪا مدد ڪانہ ڏني. هو دل شڪستو ٿي ملتان پهتو. ملتان جي بلوچ سردار بخشو خان همايون کي اناج جون ٻيڙيون ڀرائي ڏئي سلامتي سان بکر پهچايو. (ڏسو همايون نامہ گلبدن بيگم ص. 46 مترجم: سيد حسن شارق: مطبع علي گڙهہ پريس دهلي) بکر جو نواب سلطان محمود مرزا شاهہ حسن ڀاران نواب هو تنهن قلعي جا در معزول شهنشاهہ اڳيان بند ڪيا. همايون درياءَ جي ڪپ تي روهڙي ويجهو چار باغ ۾ ڇانوڻي هڻي ويٺو. هت هن حميده بانو بيگم سان شادي ڪئي، جا حضرت احمد جام زنده فيل اويسيءَ جي معزز خاندان مان هئي. هن خاتون جي بطن مان سنہ 949ھ/ 15 آڪٽوبر 1543ع ۾ شهزادو اڪبر عمرڪوٽ ۾ ڄائو. مرزا حسن هڪ لک اشرفيون ۽ اُٺ همايون جي حوالي ڪيا. پوءِ همايون بلوچن جي مدد سان گرم سيل جي سرحد ٽپي ايران پهتو. بلوچن کي وفاداري ڪري جواهرات ڪانسواءِ شال ۽ مستنگ جا ٻہ علائقا لونگ خان بلوچن جي سردار کي مرحمت ڪيا[1].

## بلوچن جي مدد سان همايون جو ٻيهر دهلي فتح ڪرڻ:

شاهہ طهماسپ صفوي جنهن جي خاندان جي بزرگ شاهہ صفوي اردبيلي تي بابر ۽ تيمور جا احسان هئا، تنهن 1400 ايراني جرار لشڪر سان همايون جي مدد ڪئي. سنہ 1547ع ۾ همايون ڪامران ۽ عسڪري کان ڪابل

---

[1] W. Erskine: Baber & Humayun, Vol.II,P.327

M.Elphphiustone: History of India, CHP.IV, P.467, London, 1874

۾ قنڌار هٿ ڪيا. ٻئي پاڻ مرزا شاهه حسن وٽ پهتا. منجهان ڪامران سان شاهه حسن جي ڌيءَ چوچڪ بيگم شادي ڪئي. پوءِ ٻئي پاڻ مڪي ڏانهن ويا. شير شاهه ڪانپوءِ سندس پويان عياش ۽ ڪمزور هئا. سڪندر شاهه جي ڏينهن ۾ دهليءَ جي حڪومت پرڳڻن ۾ ورهائجي وئي هئي. حڪومت جون واڳون هيمون نالي هڪڙي بقال جي قبضي ۾ هيون، جو پاڻ کي وڪرما جيت تصور ڪندو هو. همايون لاهور فتح ڪيو. هت مير چاڪر خان رند جرار بلوچي لشڪر سان ساڻس گڏيو. سنه 962هه/1555ع ۾ سرهند جي جنگ ۾ سڪندر شاهه شڪست کاڌي. همايون دهلي ۽ آگره ٻيهر فتح ڪيا. دوآبه باري مير چاڪر خان رند کي حسن خدمات جي عيوض ملتان تائين بطور جاگير جي مليو. بلوچ قبيلن کي جاگيرون عطا ٿيون[1]. ستت مير چاڪر خان بلوچي مشاهير وفات ڪئي. سندس مقبرو منتگمري ضلعي (موجوده ساهيوال) ۾ ست گهرا ۾ آهي سندس پٽ مير شهزاد جو تختگاهه ملتان جي ويجهو پاڪپور هو. مير شهزاد شاعر به هو ۽ سندس ڪتاب البياض جو اڌ فارسي ۽ اڌ بلوچي ۾ آهي. ايل.ڊيمس کي 1884ع ۾ جهنگ جي سيال قوم وٽان هٿ لڳو هو. رندن جي پنجاب تي حڪومت رنجيت سنگهه جي زماني تائين 1810ع تائين قائم رهي[2].

**بلوچ قبيلن جون بيٺڪون:**

| قبيلن جا نالا | بيٺڪون |
|---|---|
| 1. رند | ڪڇيءَ ۾ شوران سندن رياست هئي. مڪران کان وٺي پنجاب، سنڌ ۽ گجرات تائين پکڙجي ويا. سنه 1810ع تائين سندن رياست منتگمري ۾ قائم رهي، لهڙي سندن |

---

[1] L.Dames: Popular Poetry of the Baloches, expedition to Delhi, PP.32-33

R.Hughes-Buller: Makran, Population the Rinds, P. 100

[2] Sir Lepel Griffin: Rulers, of India, Ranjit Singh, P. 200, Oxford, 1893

L.Dames: The Baloch Race. (R.A.C) Lahore, 1904

سنه 1901ع جي هندستان جي آدم شماري رپورٽ موجب سنڌ ۾ بليدين مان حاجي زئن جو تعداد 68 هزار ۽ سندراڻين جو تعداد 55 هزار ۽ چانڊين جو تعداد 75 هزار ڏيکاريل آهي.

رياست هئي. 1845ع تائين اپر سنڌ ۾ ڦرون ڪرڻ لڳا.

2. ٻومڪي — لهڙي سندن رياست هئي. 1845ع تائين اپر سنڌ ۾ ڦرون ڪرڻ لڳا.

3. بليدي — هوتن ڪان پوءِ بليدين جي حڪومت جو بوسعيد بليدي مسقط ڪان نڪري پايو وڌو. ڪڇي ۾ بارخان تائين سندن قبضو رهيو. پوءِ گرگيجن ۽ بگٽين ڪان شڪست کائي اپر سنڌ ۾ بکر تائين بلدڪو (برديڪار) رياست جو بنياد وڌو. پوئين رياست 1857ع تائين قائم رهي. سندن تختگاهه جهل هو.

4. جتوئي — ڪڇي ۾ سندن رياست پنڙ جتوئي هئي. پوءِ سنڌ ۾ شڪارپور ڪان لاڙڪاڻي تائين هنن جتوئڪو رياست قائم ڪئي، جا سنه 1857ع تائين قائم رهي. اُهي ميران محمد مهدي جونپوري جا مريد ٿيا.

5. مگسي — ڪڇي ۾ جهل سندن رياست آهي. اُهي پنجاب ۽ سنڌ تائين پکڙيل هئا.

6. چلگري — پهريان هرنائي جبلن ۾ رهندا هئا. پوءِ ڪڇيءَ ۾ چلگري ننڍڙي رياست ڪيائون.

7. چانڊيا — اُهي پهريان ناڙيءَ تي آباد هئا. باهمي ويڙهه ڪان پوءِ سنڌ جي اُتر اُولهندي ۾ چانڊڪي پرڳڻي ۾ رياست جو بنياد وڌو. اُهي پنجاب ۽ سنڌ تائين پکڙيل هئا.

8. ڪوسا — مڪران ڪان سواءِ حمار، پنجاب صوبي سرحد، ڪاڇل، پٽ نير، ٿرپارڪر، آبو تائين پکڙيل هئا. صوبي سرحد ۾ سندن مستقل رياست هئي همايون کين سون مياڻي جاگير طور ڏني.

9. مري — سمن جي شڪست ڪان پوءِ مري جبلن ۾ ڪاهان رياست کڙي ڪيائون.

10. بگٽي — بگٽي جبل ۾ اُتر سنڌ ۾ بگٽي ديره سندن رياست آهي. اُتر سنڌ جي شهرن ۾ 1845ع تائين ڦرون ڪندا هئا.

| | |
|---|---|
| 11. نوحاڻي | ڪڇ جي اُپرندي ۾ سندن رياست هئي. 1628ع ۾ شاهجهان جي زماني تائين نوحاڻين جي رياست قائم رهي. امير نوح هن رياست جو پايو وڌو هو. |
| 12. ٽالپر | سنڌ ساگر دوآبه ۾ مير چاڪر خان کين جاگير ڏني هئي. ماڙي سندن تختگاهه هو، جنهن تي انگريزن ماڙي اندس نالو رکيو. پوءِ مزارين ۽ مگسين جي طرفداري ڪندي، چانڊين سان جنگين ڪرڻ وقت ماراڇه علائقي ۾ رهڻ لڳا. |
| 13. مزاري | مزارڇه هيءَ رياست ڪشمور ۽ اوباوڙي کان وٺي ديره غازي خان تائين هئي. روجهاڻ هنندن صدر مقام هو. |
| 14. لغاري | ڪوراجي دره کان سخي سرور دره تائين لغارين جي رياست هئي. چوٽي سندن تختگاهه هو. |
| 15. دريشڪ | پتوڪ ۽ مسوري درن جي وچ ۾ سنڌونديءَ تائين سندن رياست هئي. پوءِ جاٽن سان جنگين ڪندي سندن زور گهٽجي ويو. |
| 16. سوري لنڊ | صوبي سرحد ۾ سوري ندي کان افغانن کي ٽڙي رياست قائم ڪيائون. |
| 17. ٽبي لنڊ | ڏکڻ وارا لنڊ ٽبي سڏبا هئا. گٽي ۽ غپني ندين تي رياست قائم ڪيائون. |
| 18. گورچاڻي | داجل کان وٺي دراگل جبل تائين گورچاڻين جي رياست هئي. |
| 19. قيصراڻي | ديره غازي خان جي اُتر ۾ جبلن کان وٺي سنڌونديءَ تائين سنڌن رياست هئي. |
| 20. ڪيتراڻي | ڪڇي کان بارخان تائين سندن رياست هئي. پوءِ سليمان جبل جي اُلهندي ۾ رهڻ لڳا. |
| 21. بوزدار | همايون کين سنگهڙ ندي وارا علائقو جاگير ڏنو، جا سليمان جبل کان نڪري سنڌونديءَ ۾ پوي ٿي. |
| 22. پتافي | ديره غازي خان ۽ مظفرڳڙهه ۾ سندن رياست هئي. لنڊ پتافي سندن تختگاهه هو. |

23. جروار — غزني مرين جو قبيلو آهي. لوني ۽ موسيٰ خيل افغانن کي شڪست ڏئي بينڪ قائم ڪيائون.

24. نوتڪاڻي — همايون جي ڏيهن ۾ سنگھڙ ندي تي منگھروٽا ۽ مهوئي قلعا تعمير ڪيا.

25. مرراڻي — دوداڻي مرراڻين ديره جات جي علائقي تي گھڻو وقت حڪومت ڪئي. ديره غازي خان، اسماعيل خان، ڪينچر، مظفرگڑھ، حاجي پور، عالم خان، دائود ڪوٽ، سنجر آباد، گداڻي آباد، لئيها، ڪوٽ سلطان، ڪوٽ عادو جا شهر مرراڻين تعمير ڪرايا.

26. گوپانگ — ضلعي مظفرگڑھ ۾ سنڌن سرداري قائم ٿي.

27. گرماڻي — 1250ع ۾ لوڏين کان سيت پور فتح ڪري متس علي پور نالو رکيائون. پوءِ جاٽن سان گڏجي ويا.

28. چانگ — پهريان صوبي سرحد ۾ رهندا هئا. پوءِ سنڌ ۾ وارد ٿي فوجي لحاظ ڪري جاگير قائم ڪيائون.

29. گبول — بليدين جي شڪست کان پوءِ ڪڇ کان نڪري سنڌ ۾ سڪونت پذير ٿيا.

30. ڪلوئي — باهمي جنگ کانپوءِ سنگھڙ ندي جي اُترئين حصي ۾ بينڪ جوڙي ويٺا.

31. قاره — همايون کين بکر جي اُلهندي واريون ٽڪريون جاگير طور ڏنيون. سرحدي بلوچن جي مدد سان سنڌوندي جي اُپرندي ڪناري وارن شهرن کي ڦُريندا هئا.

32. جکراڻي — اُتر سنڌ جي شهرن کي ڊومڪين سان گڏجي ڦُريندا هئا. انگريزن کين جاگير ڏني.

33. جمالي — جکراڻي، ڊومڪي، مري ۽ بگٽين سان گڏجي ڦُرون ڪندا هئا. انگريزن کين جاگير ڏني.

اٽڪ کان وٺندي مڪران تائين هندستان جي سرحدي علائقن تي بلوچن جون بينڪون قائم هيون. وٺندي ٿرپارڪر ۽ اراولي جبلن تائين سنڌن

راڄ قائم هئا. ان ڪري واپار جي قافلن جي سلامتي جو دارومدار بلوچن سان دوستي رکڻ تي منحصر هو. بعض بلوچ سردار قافلن کان محصول اڳاڙيندا هئا. چاڪاڻ جو جابلو درا ۽ قلعا سندن قبضي هيٺ هئا. سنڌ جي برهمڻ راجائن کان وٺي دهلي جي سلاطين توڙي مغل شهنشاهن کي ساڻن دوستي لازمي طور رکڻي پئي، چاڪاڻ جو بلوچ وقت سر سلاطين کي فوجي امداد ڏيندا هئا. گهوڙن جي واپار ۽ فوجي خدمات ڪري بلوچن کي سلاطين جي دربار ۾ عزت ۽ عهدا مليل هئا. اهڙي طرح ساليانى خراج ۾ گهوڙا، ملڪي پيداوارين ۽ سپاهي ڏيندا هئا. مثال لاءِ ڪڇي جا ڪرد (براهوئي) چچ کي ساليانو هڪ لک درهم ۽ گهوڙا بطور ڍل جي ڀريندا هئا[1]. خلافت عباسيه جي دور ۾ مامون جو زمانو عباسي دور جي اوج جو زمانو هو. بلوچ بغداد سرڪار کي ڪرمان صوبو 4200000 درهم، پنج سؤ يمني ڪپڙي جا ٿان، 20000 رطل ڪجور ساليانى خراج ۾ ڀريندو هو. مڪران چار لک درهم، سيستان چار لک درهم، ٽي سؤ ڪپڙي جا ٿان ۽ ويهه رطل فانيذ حلوه بطور خراج جي ڀريندو هو[2]. اڪبر اعظم جي ڏينهن ۾ اُتر بلوچستان قنڌار جي ماتحت هو ۽ ڪڇي سيوي سميت بکر سرڪار جي ماتحت هئا. بلوچ ساليانى خراج جي عيوض فقط ڏيڍ لک رپيا، 4750 گهوڙي سوار ۽ 6400 پيادل سپاهي مغليه سرڪار کي ڏيندا هئا. نقد نه هئڻ جي صورت ۾ اناج ڏيندا هئا[3].

## اڪبر جو سنڌ تي قبضو:

سنه 967هه/1560ع ۾ مرزا شاهه حسن لاولد وفات ڪئي. ارغون گهراڻي جي حڪومت ختم ٿي. سنڌ جو لاڙ جو حصو لکي جبلن کان سمنڊ

---

(1) Kalichbeg Gredunbeg: Chachnamah, P.39

(2) تاريخ الامت: حافظ محمد اسلم جيراجپوري، جلد: 4، ص. 170- المامون: شبلي نعماني

(3) R.Hughes-Buller: Imperial Gazetteer of India, Vol, Baluchistan "Revenue History" PP.68-69

نوٽ: مرزا شاهه حسن پيءُ وانگر وڏو عالم ۽ شاعر ٿي گذريو. سپاهي تخلص هئس. سندس مڙهه مڪي شريف ڏانهن موڪليو ويو. هن ساري زندگي ۾ جنگ جي ميدان ۾ ڪڏهن به شڪست ڪانه کاڌي هئي.

تائين شاهه بيگ جي آزمودگار امير مرزا عيسيٰ خان جي هٿ هيٺ اچي ويو، جنهن جو تختگاهه ٺٽو هو. هن شهر جي آبادي هڪ لک ويهه هزار هئي. ايشيا جي دولتمند شهرن مان هو. لڪي کان اوڀاوڙي تائين سنڌ جي اُتر وارو علائقو سلطان محمود بکري جي قبضي هيٺ اچي ويو، جو مير فاضل ڪوڪلتاش جو فرزند هو.

**پورچوگيزن سان بلوچن جون بحري جنگيون:**

پورچوگيز سفيد فام پهرين ڌاڙيل قوم هئي، جنهن هندستان جي سمنڊن تي قبضو ڪري لٽ مار ۽ قتل غارت ڪرڻ جي سلسلي کي جاري رکيو. اڳ مشرق جون لطيف ۽ قيمتي شيون خشڪيءَ رستي شام ۽ مصر جي بندرن کان وينس ۽ جنيوا جا جهاز يورپ کي پهچائيندا هئا. سنه 1453ع ۾ ترڪن جي قسطنطنيه تي قبضي ڪرڻ ڪري متئين واپار ۾ رنڊڪ پئجي ويئي تنهنڪري يورپي قومن سمنڊ رستي کان هندستان پهچڻ لاءِ بحري جدوجهد شروع ڪئي. پورچوگيز امير البحرن مان واسڪوڊيگاما سنه 1498ع ۾ آفريقا جي چوگرد ڦرندو هندستان جي الهندي ڪناري ڪاليڪٽ پهتو. سنه 1507ع ۾ آلبڪرڪ سنه 1508ع ۾ هرمز بيٽ تي قبضو ڪيو[1]. اڳ ايراني نار ۽ هندستان توڙي آفريقا جو واپار عربن جي هٿ هيٺ هو، هينئر پورچوگيز سفاڪ مٿن قابض ٿيا. گجرات، بيجاپور جي مسلمان سلاطين کي مصر جي مملوڪ سلطان به جهازن رستي مدد ڪئي، پر اسلامي ٻيڙي شڪست کاڌي[2]. گوٺا مشرق ۾ پورچوگيزن جو تختگاهه مقرر ٿيو[3]. شاهه اسماعيل صفوي کي به پورچوگيزن جي حڪومت تسليم ڪرڻي پئي. آفريقا کان وٺي

---

[1] H.Moorse Stephens: Rulers of India, Albuquerque, P.71, 1892

[2] مصر تي مملوڪ سلاطين اڍائي سؤ ورهيه حڪومت ڪئي. حجاز ۽ مقامات مقدس جو ڪم ۽ حفاظت سنڌن ٻلي هئي. قانصوغوري پويون سلطان هو، جنهن کان سلطان سليم پهرين سنه 922هه/1517ع ۾ مصر فتح ڪيو.
تاريخ دولت عثمانيه: محمد عزيز، ص. 198-199، دارالمعارف اعظم ڳڙهه

[3] M.Elphinstone: The Rise of British Power in the east, CHP.I, London, 1887
عيسوي 15 صدي جي آخر ۾ به واقعا ٿيا. سنه 1492ع ۾ ڪولمبس آمريڪا ڳولي لڌي. سنه 1498ع ۾ واسڪوڊيگاما هندستان جو بحري رستو ڳولي لڌو. مشرق ۽ مغربي دنيا جو سياسي زوال هن صدي کانپوءِ شروع ٿيو.

ايراني نار ويندي جزائر الشرق تائين جيڪي به بندر هئا تن تي پورچوگيزن جو قبضو ٿي ويو. سنڌن پيشو لٽ مار کان سواءِ ٻيو ڪجهه به نه هو[1].

پورچوگيزن مالابار ۾ جيڪي ظلم ڪيا تن جو بيان شيخ زين الدين مالابار جي تاريخ "تحفة المجاهدين" ۾ وضاحت سان ڏنو آهي. سنه 1833ع ۾ ايم. جي رولنڊسن مٿين تاريخ کي انگريزي ۾ ترجمو ڪيو.هت اسين هڪڙي پورچوگيز مؤرخ آلفنسودي سوزا جو بيان نقل ڪيون ٿا جيڪو هن پنهنجي قوم جي سفاڪين متعلق ڏنو آهي:-

> "پورچوگيزن هندستان تي پير رکڻ سان هڪڙي هٿ ۾ ترار ٻي ۾ ظلم کڻي آيا. مشرق جي اڻ کٽ دولت کي ڏسي سندن حواس خطا ٿي ويا. انسانن کي قري، شهرن کي ساڙي وحشي درندا بڻجي پيا. پر دولت ايتري گهڻي هئي جو ترار ڦٽي ڪري سون چاندي ميڙڻ لڳا. اهڙي غفلت ڪري ٻيون مغربي قومون آسانيءَ سان مٿن غالب پئجي ويون." (بحواله ايلفنسٽن)

**مڪران جي بندر جي تباهي:**

اسين اڳ لکي چڪا آهيون ته ميدن ڪانپوءِ قرمطي (ڪلمتي) بلوچن سمنڊ جي مسافري ڪرڻ ۾ نالو ڪڍيو. اُهي مڪران جي ڪناري کان سواءِ سنڌ، گجرات، ڪرڪن ۽ مالابار تائين جهاز راڻي ڪندا هئا. ڪلمت جو بندر سندن بحري مرڪز هو ۽ راس عرباوٽ سمنڊ مان سچا موتي ڪڍندا هئا. ٻنگي اسماعيل ڪلمتي مشهور بلوچ امير البحر ٿي گذريو المتوفي سنه 873هه/1468ع. سندس مقبري تي پٿر جو گنبذ گوادر جي الهندي ۾ موجود آهي. ڪانئس پوءِ حمل جيهاند ڪلمتي مشهور امير البحر ٿي گذريو. جنهن گوادر ۽ پسني جي بحري معرڪن ۾ پورچوگيزن کي شڪستون ڏنيون. مڪران جا اندروني شهر.پورچوگيزن جي قرمار کان بچي ويا. باقي گوادر ۽ عروس البحر پسني جي بندرن کي دشمنن باهه ڏيئي ساڙيو[2]. حمل ڪلمتي جي بهادري جا

---

[1] British India, P.31 London, 1896

[2] Manual DE Faria Y.Souza: Portugues Asia, translated by J. Steveus, London, 1695

R. Huges-Buller: Makran, Kalmaties, PP.95-96

ڪارناما شاعر هوتمان ڪلمتي جي اشعار ۾ ڏنل آهن. حمل جو ڪوه ۽ قلعو گزدان بل اڃا يادگار آهن. هن جيڪي توبون پورچوگيزن کان هٿ ڪيون هيون، سي سنه 1904ع تائين پسني ۾ بطور يادگار موجود هيون[1].

**ٺٽي جي تباهي:**

دمن ۽ ديو به بندر گجرات ۾ پورچوگيزن جي هٿ هيٺ هئا. سلطان محمود بکر جي واليءَ خلاف مرزا عيسيٰ ترخان پروچوگيزن کان مدد گهري. ان وچ ۾ سلطان محمود سان پاڻ روبرو ڳنجڻ ويو. سندس غير حاضري ۾ پروچوگيزن جو بيڙو پيدرو بارليٽو رولن جي سرڪردگي هيٺ ٺٽي 1555ع ۾ پهچي ڀهريان شهر کي لٽي پوءِ باهه ڏني. جامع مسجد به سڙي ويئي. اٽڪل اٺ هزار شهري بيگناه ڪفارن هٿان مارجي ويا. پورچوگيزن جو چوڻ آهي ته ڪين شهر مان ايتري دولت هٿ لڳي جو سڄي ايشيا ۾ بي ڪنهن به شهر مان ايتري هٿ نه لڳي. مرزا عيسيٰ شهر کي ٻيهر تعير ڪرايو[2].

**بت خانن جي پڃاڻي:**

سنه 980ھ ۾ مرزا عيسيٰ ترخان وفات ڪئي. سندس پٽ مرزا محمد باقي گادي تي ويٺو. جو وڏو ظالم هو. هن ارغونن اميرن کي ٻارن ٻچن سان کهرايو. پنهنجي پاءُ مرزا جان بابا ۽ وقت جي وڏي عالم سيد مير عبدالوهاب پوراني کي به مارائي ڇڏيو. سنه 993ھ ۾ آپگهات ڪري مري ويو. ڪانئس پوءِ سندس پوٽو مرزا جاني بيگ گادي تي ويٺو. هو عقلمند حاڪم هو. مگر ان وچ ۾ سلطان محمود بکري جي وفات ڪري بکر جو علائقو اڪبر جي قبضي هيٺ اچي ويو. دراصل اڪبر جي مرضي هئي ته سڄي سنڌ تي قبضو ڪري. هن پنهنجي سپهه سالار عبدالرحيم خان خانان کي سنڌ تي چاڙهي موڪليو. مرزا جاني بيگ مقابلي جو تاب نه جهلي اطاعت منظور ڪري خان خانان سان گڏجي دهلي ويو. جت اٺ ورهيه شهنشاهه جي خدمت ۾ رهي وفات ڪئي. بادشاهه جي حڪم سان خواجه قوربيگي سندس مڙهه کي مڪلي تي دفن

---

[1] سنه 1831ع ۾ جڏهن اليگزينڊر برنس ٺٽي مان لنگهيو هو اُن وقت شهر جو اوج مٽجي چڪو هو.

[2] Hag: Indus Detta Cauntry.

ڪرايو. سندس پٽ مرزا غازي بيگ کي اڪبر ڏکڻ سنڌ جو غير حاضر گورنر ڪيو. سنه 1014هه/1605ع ۾ اڪبر وفات ڪئي. جهانگير غازي بيگ کي ٺٽو سيوهڻ ملتان ۽ قنڌار جاگير طور ڏنا. سنه 1021ع ۾ غازي بيگ وفات ڪئي[1]. ٺٽي تي مغليه شهنشاهت جو قبضو ٿي ويو. سنه 1015هه کان 1149هه تائين ڪل 38 مغل گورنرن حڪومت ڪئي، تن جا نالا هيٺ ڏجن ٿا:-

**ٺٽي جا مغليه نواب:**

| | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|
| .1 | خسرو چرڪس | 1015هه | .2 | مرزا رستم بن سلطان حسين | 1023هه |
| .3 | مرزا مصطفيٰ خان | 1025هه | .4 | شريف خان | 1028هه |
| .5 | مرزا عيسيٰ ترخان | 1037هه | .6 | ابو البقا امير خان | 1054هه |
| .7 | مير عبدالرزاق معموي | 1049هه | .8 | سيد ابراهيم خان | 1055هه |
| .9 | لعل خان | 1057هه | .10 | ظفر خان | 1063هه |
| .11 | قباد خان | 1069هه | .12 | لشڪر خان | 1071هه |
| .13 | غضنفر خان | 1075هه | .14 | عزت خان | 1078هه |
| .15 | ابونصرت خان | 1082هه | .16 | سعادت خان | 1084هه |
| .17 | خان زاد خان | 1090هه | .18 | سرور خان | 1095هه |
| .19 | مريد خان | 1099هه | .20 | زبردست خان | 1101هه |
| 21 | حفظ الله خان | 1103هه | .22 | سعد خان | 1113هه |
| .23 | مير امين الدين حسين | 1114هه | .24 | يوسف خان | 1115هه |
| .25 | احمد يار خان | 1116هه | .26 | سعيد خان | 1120هه |
| .27 | مهين خان | 1121هه | .28 | شاڪر خان | 1123هه |
| .29 | خواجه محمد خليل خان | 1124هه | .30 | عطر خان | 1125هه |
| .31 | مير لطف علي خان | 1125هه | .32 | اعظم خان | 1128هه |

[1] مرزا جاني بيگ کي اڪبر پنج هزاري رتبو ڏنو هو. مرزا غازي بيگ درويش سيرت ۽ شاعر هو. سندس تخلص وقاري هو، فن موسيقي جو به ماهر هو. ايران جا شاعر طالب، آملي ۽ ملا مرشد يزدي سندس نوازشات جا تربيت يافته هئا، سلطان محمود 982هه ۾ وفات ڪئي. قرآن شريف جي گهڻي تلاوت ڪندو هو، پيرن ۾ زنجير ٻڌي بکر جي قلعي تان درياهه ۾ ٽپو ڏيندو هو، پر تري ٻاهر نڪرندو هو. مرزا محمد باقي، مرزا عيسيٰ، مرزا جاني بيگ، مرزا عيسيٰ خان ثاني ولد مرزا جان بابا جون قبرون ڪوه مڪلي تي آهن.

33. پائي خان 1132ھ
34. محمود خان 1135ھ
35. سيف الله خان 1137ھ
36. دلير خان 1143ھ
37. همت دل خان 1145ھ
38. صادق علي خان 1149ھ

**بکر جا مغليہ نواب:**

1. کيسو خان 982ھ
2. ترسو خان 983ھ
3. مير سيد محمد امير -
4. سيد ابوالفضل ولد سيد -
5. محمد امير 984ھ
6. اعتماد خان خواجہ سرا 985ھ
7. فتح خان 994ھ
8. اسماعيل قلي خان 996ھ
9. شيرويہ سلطان 997ھ
10. صادق خان 998ھ
11. مير ابوالقاسم نمکين 1004ھ
12. مرزا خان 1005ھ
13. سعد خان 1009ھ
14. بقرا بيگ 1014ھ
15. سردار خان 1015ھ
16. قاضي خان 1016ھ
17. سيد تاج خان 1020ھ
18. بايزيد خان 1025ھ
19. هوشيار خان 1028ھ
20. مرزا محمد علي 1031ھ
21. محمد علي فوجدار 1038ھ
22. مرزا حسيني 1039ھ
23. عزت خان 1041ھ
24. سيد محمد 1043ھ
25. اسد خان 1045ھ
26. محمد يوسف خان 1046ھ
27. محمد خان 1048ھ
28. شاهہ قلي خان 1049ھ
29. سيد جادن 1050ھ
30. التفات بيگ 1051ھ
31. محمد زمان خان 1052ھ
32. خواجہ لطف 1058ھ
33. نواب خواجگي 1061ھ
34. شيخ احمد 1062ھ
35. مرزا لعل بيگ 1065ھ
36. خواجہ عبدالواحد 1066ھ
37. خواجہ محمد شريف 1068ھ
38. باقر خان 1069ھ
39. عبدالله خان 1070ھ
40. خنجر خان 1070ھ
41. شيخ ابراهيم 1071ھ
42. سيد عزت خان 1074ھ
43. سيد غلام مصطفيٰ 1078ھ
44. سيد مير يعقوب خان 1081ھ
45. مير صادق علي خان 1085ھ
46. خدا يار خان 1087ھ
47. مير محمد اڪرم 1090ھ

ٺٽي يا بکر تي تيستائين دهلي دربار مان حاڪم مقرر ٿيندا رهيا، جيسين مغلن ۾ طاقت هئي. سنہ 1131ھ/1719ع ۾ محمد شاھ جي ڏينهن ۾ مغليہ طاقت ڪمزور ٿيڻ ڪانپوءِ ڪلهوڙن جو خاندان سنڌ ۾ زور وٺي رهيو هو جنهن ڪري دهلي مان سنڌ جي نوابن جو اچڻ بند ٿي ويو ۽ سنڌ تي ڪلهوڙا پنهنجو راڄ ڄمائي ويٺا.

**بلوچن جي مغلن خلاف بغاوتون:**

بابر ڪان وٺي شاهجهان تائين جيڪي بہ مغل شهنشاھ ٿي گذريا، سي بلوچن سان نرمي ۽ فياضي واري هلت ڪندا هئا. فتح دهلي ۽ آگره ڪانپوءِ بابر هر هڪ امير ۽ سپاهي کي انعام ۽ اڪرام ڏنا. اهڙي سخا ڪري فوجي سپاهي هن کي "قلندري" جي لقب سان سڏيندا هئا[1]. همايون هر هڪ بلوچي سردار کي جاگيرون عنايت ڪيون. بلڪ دهلي ۽ آگره کي ٻيهر فتح ڪرڻ ڪانپوءِ بلوچي سردارن کي مير چاڪر خان رند سان گڏ تخت تي ويهاري سندن حوصلا ۽ عزت افزائي ڪئي[2].

اڪبر اعظم ٺٽي جي الهندي ڪان وٺي ويندي بکر جي الهندي وارين ٽڪرين تائين سنڌونديءَ جو سمورو مغربي علائقو بلوچي قبيلن جي حوالي ڪيو. مٿيون علائقو بلوچي رياست سرڪاري ڪاغذن ۾ شمار ٿيڻ لڳو[3].

سنہ 1037ھ/1628ع ۾ شاهجهان جي ڏينهن ۾ حالتن ڦيرو کاڌو. بلوچستان قنڌار، ملتان، بکر ۽ ٺٽي سرڪارين جي نگراني هيٺ هو. قنڌار بابر ارغونن ڪان 1522ع ۾ هٿ ڪيو هو، جو سنہ 1606ع ۾ اڪبر جي وفات تائين مغلن جي ماتحت رهيو[4]. سنہ 1623ع ۾ شاھ عباس اعظم صفوي مغليہ نواب عبدالعزيز خان نقشبندي ڪان جهانگير جي ڏينهن ۾ هٿ ڪيو. سنہ

---

[1] Stanely lane-Poole: Mediaval India, Battle of Paniput, PP.203-204

[2] R.Hughes Buller: Makran, Population, Rinds.

[3] Dr. P.Saran: Provincial Government of the Moghals, 1526-1658.

HAAGICKAN The Kingdom of the Balochis west of Thatta & Bokhar, P.108, Allahbad.

[4] J.Sarkar: History of Aurangzeb, Vol.I, CHP.VII, P.131, Calcutta, 1912.

1027هه/1628ع ۾ شاهجهان قنڌار فتح ڪرڻ لاءِ ٻه دفعا لشڪر پنهنجن پٽن دارا شڪوه ۽ اورنگزيب جي نگراني هيٺ سخي سرور دره کان قنڌار ڏانهن روانو ڪيو. بلوچن جبلن جون ڪاريزون پيچي ڇڏيون، رستا پاڻي سان پرچي ويا. مغليه لشڪر جو سامان بلوچن لٽي ڇڏيو. سنه 1649ع ۾ شاهجهان شهزاده اورنگزيب کي ٺٽو، بکر، سيوهڻ، سيوي ۽ ملتان مٿان نائب مقرر ڪيو. چاڪاڻ جو افغانن ۽ بلوچن فساد ڪڙا ڪيا هئا. اڳ مغل شهنشاهه لاهور ۾ منزل ڪندا هئا ته بلوچ سردار نذرانا پيش ڪندا هئا. اورنگزيب نئون قاعدو پاس ڪيو ته سمورا سردار ملتان اچي پيش پون، جا ڳالهه بلوچن لاءِ بي عزتي هئي⁽¹⁾. ڪڇيءَ جي نوحاڻي سردار استقلال جي جهنڊي کي بلند ڪيو. ديره جات جي دودائي رياست جنهن جو تختگاهه ديره اسماعيل خان هو، دريا خان ۽ بکر به سندس ماتحت هئا. همايون جي ڏينهن ۾ سنڌ ساگر دوآبه ۾ ٻي هڪڙي بلوچي رياست بکر کان ليٿها تائين هئي، سندس تختگاهه منڪاره هو. مير اسماعيل خان دوداڻي شهزادي دارا شڪوه جو اتاليق هو. هن اورنگزيب جي حڪم جي انحرافي ڪئي، پر پوءِ شاهجهان جي چوڻ تي ملتان اچي اورنگزيب جي سلامي ورتي. اورنگزيب کي مير عالم خان نوحاڻي جو زور پيٽو هو، تنهنڪري دم دلاسا ڏيئي هن کي طرفدار ڪري نوحاڻين جي زور ٽوڙڻ لاءِ فيصلو ڪيو. مگر فسادن جي باهه ٺٽي تائين پکڙجي وئي. ڪڪرالي جي نومڙين ۽ ڪيرٿر جي جوکين به فساد ۾ حصو ورتو. اُهي ڦرلٽ ڪرڻ لڳا. ساڻن سنڌ ۽ مڪران جا جدغال به شامل ٿيا. ٺٽو خطري ۾ پئجي ويو. اورنگزيب ملڪ حسين ابدالي جي هٿ هيٺ هڪڙو وڏو لشڪر بلوچن جي مقابلي ۾ روانو ڪيو. مير عالم خان نوهاڻي شڪست کاڌي. نوحاڻين جي رياست جو خاتمو ٿي ويو. ملڪ حسين ابدالي وٽ مضبوط توپخانو ۽ ٻيڙو هو. جام هارون ۽ جام خطرتال نومڙين جي سردار ۽ جام مريد خان جوکئي آڻ مڃي. چاڪاڻ جو مڪران جي گچڪي سردارن اورنگزيب جي

---

⁽¹⁾ سموري بيان لاءِ ڏسو "اداب عالمگيري" جو دراصل ڇهه سؤ خطن جو مجموعو آهي، جن مان عالمگير جي ايام شهزادگي جي ڪارنامن جي خبر پئجي سگهي ٿي. مٿيان خط شيخ ابو الفتح عهد عالمگير ۾ گڏ ڪيا هئا. منشي الممالڪ جي عهدي کي پهتو هو.

طرفداري ڪئي. ملڪ حسين ابداليءَ لاهري بندر تي چانوٽي هٽي نومڙين جو انتظار ڪرڻ لڳو. جام مده نومڙي ڏکڻ افغانستان جي جبلن کان نڪري لسبيلي تي ڪاهه ڪئي. ملڪ حسين مٿس اوچتو حملو ڪيو، جڏهن نومڙين جو سردار آرام ڪري رهيو هو[1]. هن جنگ ۾ جام مده شهيد ٿي ويو. ڪڪرالي جي هندو جام ستاهالا جنهن جوکين ۽ نومڙين جو طرف ورتو هو، تنهن تي ڪڇ جي راءِ فوجي دستا روانا ڪيا. جنهن ڪري هندو جام مجبور ٿي ملتان وڃي روبرو پيش ٿيو. بلوچن جي هن فساد ۾ نوحاٽين، جوکين ۽ نومڙين کي گهڻو نقصان پهتو. بلوچي شڪست جي خوشيءَ ۾ ٽن ڏينهن تائين دهليءَ جي قلعي معليٰ تي نوبتون وڄڻ لڳيون[2].

**قنڌار تي ٻي ڪاهه:**

سنہ 1652ع ۾ شاهجهان ٻيو گهمرو قنڌار تي ڇاونجاهه هزار لشڪر اورنگزيب کي ڏياري موڪليو. بلوچن جي مدد وٺڻ لاءِ مغلن جا ايجنٽ بلوچي سردارن کي ناڻو ڏئي قافلن لاءِ اُٺ خريد ڪرڻ لڳا. سعدالله خان ڪابل کان فوجون وٺي غزني پهتو. اورنگزيب ٿل ۽ چوٽيالي رستي کان خوجڪ دره کان قنڌار پهتو. قنڌار اُنهن ڏينهن ۾ هندستان، ايران ۽ وچ ايشيا جي واپار جو مرڪز هو. ساليانو چوڏهن هزار مال سان ڀريل اُٺ چوٽيالي رستي کان لنگهندا هئا. چاڪاڻ جو سمنڊ جو رستو فرنگين جي اچڻ ڪري خطري ۾ هو. مٿيون واپار بلوچن جي قافلن وسيلي هلندو هو. هن دفعي وري مغليہ لشڪر شڪست کاڌي. سنہ 1648ع ۾ هندستان جي ڪُل اُپت ٻاويهہ ڪروڙ رپيا هئي. قنڌار جي ٽن جنگين ۾ مغل شهنشاهت جا ٻارهن ڪروڙ رپيا خرچ لڳو هو.

**بلوچن جي دارا شڪوهه سان همدردي:**

شاهجهان کي چار پٽ دارا، شجاع، اورنگزيب ۽ مراد بخش نالي هئا. جن مان ٻيءَ جي جيئري ڪابل، پنجاب، ملتان، سنڌ ۽ بلوچستان مٿان دارا

---

[1] J.Sarkar: History of Aurangzeb, Vol.I, CHP.VII, P.118

[2] ديبل بندر ڪانپوءِ لاهري بندر سنڌ جو مشهور بندر هو. شيخ ابن بطوطہ پنهنجي سفرنامي ۾ سندس ذڪر ڏنو آهي. عبدالرحيم خان خانان ٺٽو فتح ڪرڻ ڪانپوءِ گهڻو وقت لاهري بندر تي سمنڊ جو نظارو ڏسڻ لڳو.

حاڪم هو. شجاع بنگال جو مالڪ هو. مراد گجرات جو حاڪم هو ۽ اورنگزيب دکن تي حڪومت ڪندو هو. شهنشاهه ڪي دارا سان محبت هئي. هو سلطنت جو ولي عهد ۽ صوفي طريقي جو پابند هو[1]. 29 مئي سنه 1658ع ۾ سموگڙهه جي هولناڪ معرڪي ۾ دارا شڪست کائي لاهور کان خزانن سميت بکر جي قلعي ۾ پهتو. اورنگزيب پيءُ کي قيد ڪري تخت هٿ ڪيو. تخت ۽ تاج هٿ ڪرڻ لاءِ گجرات کان ٿيندو اجمير پهتو. پر بدقسمتي سان شڪست کائي ڪڇ جو رڻ ٽپي نصرپور ۽ هالا کان سيوهڻ پهتو. چانڊڪي پرڳڻي کان لنگهندي چانڊين سندس قافلي کي لٽيو. سندس اهليه نادرا بيگم جا سلطان پرويز جي ڌيءَ هئي سا به ساڻس هن سفر ۾ شريڪ هئي. سندس ننڍو پٽ سپهر شڪوه به ساڻس همرڪاب هو. دارا جي مرضي هئي ته همايون وانگر ايران جي مدد سان پيهر تخت هٿ ڪري، پر هو بي يارومددگار هو. جهل پهچڻ وقت مگسين جي سردار مير ميرزا شهزادي کي پناهه ڏني. نادرا بيگم ايران وڃڻ جي خلاف هئي. دارا وٽ ٿي سؤ رفيق ۽ غلام ۽ چار خچر اشرفين سان ڀريل هئا. دره بولان جي منهن وٽ ڍاڍر جو حاڪم ملڪ جيوڻ باروزئي (پني) افغان هو جنهن کي هڪڙي ڀيري ڪنهن ڏوهه ۾ شاهجهان موت جي سزا ڏني هئي پر شهزادي دارا جي سفارش سان سندس جان بچي هئي. ملڪ جيوڻ جلاوطن شهزادي کي پناهه ڏني، پر سندس نيت ڦريل هئي. هت نادرا بيگم بيماري وگهي انتقال ڪيو. سندس لاش کي وصيت موجب خواجه مقال ۽ گل محمد خان بلوچ لاهور پهچائي دفنايو. هڪڙي رات ملڪ جيوڻ وجهه وٺي دارا کي سندس پٽ سميت گرفتار ڪري بکر جي نواب مير بابا جي حوالي ڪيو. دارا پٽ ۽ ملڪ جيوڻ سميت دهلي پهتو جت اورنگزيب هن کي مارائي همايون جي مقبري ۾ دفنايو. سندس پٽ کي گواليار جي قلعي ۾ قيد رکيو. ملڪ جيوڻ کي بختيار خان جو لقب ڏنو.

[1] دارا شيخ محي الدين ابن العربي جو معتقد هو. ابن العربي سنه 1165ع ۾ اسپين جي شهر مرشيا ۾ ڄائو. سنه 1202ع ۾ اشبيله کان نڪري مصر، حجاز جو گشت ڪري دمشق پهتو. جتي 78 ورهين جي ڄمار ۾ وفات ڪيائين. سندس به فتوحات مڪيه ۽ فسوس الحڪام مشهور آهن. دارا جو مشهور تصنيف ڪيل ڪتاب "سفينة الاوليا" آهي، جنهن کي شهزادي جي فرمائش سان شيخ جعفر بن علي حضرمي المتوفي 1064هه ۾ عربي ۾ ترجمو ڪيو.

مگر ڍاڍر ڏانهن موٽندي بلوچن هٿان ڪڇي ۾ مارجي ويو[1]. (ڏسو اورنگزيب از جادوناٿ سرڪار، جلد: 2، ص 216 ڪلڪتو)

**اورنگزيب خلاف بلوچن جو ٻيو فساد:**

قلات تي جيڪي مغل نائب حڪومت ڪندا هئا، سي براهوئن تي ظلم ڪندا هئا. بقول آخوند محمد صديق ته ظلم مغلن جي خصلت هئي، براهوئن ۾ ميرواڙي ٻهريان براهوئي هئا. جن سمن جي صاحبي جي زماني ۾ بلوچستان جي جدغالن کي شڪست ڏئي براهوئي ڪانفيڊريسي جو بنياد وڌو هو. قلات جو نالو اڳ قلات سيوا هو. مٿس سيوا خاندان جا راجا حڪومت ڪندا هئا. جن ڏينهن ۾ محمد بن قاسم سنڌ تي ڪاهه ڪئي هئي، اُهن ڏينهن ۾ مير قنبر پوئين سيوا راجا کي شڪست ڏئي قلات تي قبضو ڪيو هو. تنهن ڪانپوءِ قلات (قلات بلوچ) سڏجڻ لڳو. سيوا جي پٽ سنجن اسلام اختيار ڪيو. جنهن کي مير قنبر جهالاوان جي حڪومت سپرد ڪئي هئي[2]. قلات جا قنبراڻي ۽ ميرواڙين جي شاخ آهن مغلن براهوئن سان معاهدو ڪيو هو ته براهوئي هٿيارن کان سواءِ قلات جي دربار ۾ ايندا. سڀ کان ٻهريان قلات جي دهوارن (دهقان) ملڪ کي آزاد ڪرائڻ جو پڪو خيال ڪيو. مگر معاهدي جي شرطن موجب ڪين هٿيارن کڻڻ جي اجازت ڪانه هئي، هنن چا ڪيو جو ٿلهيون مانيون پچائي ساڻ کڻي دربار ۾ ويا. پوءِ مغل نائب آغا جعفر بيگ کي مانين سان پورو ڪري مير قنبر جي اولاد مان مير ابراهيم جي پوٽي مير حسن کي قلات جي تخت تي ويهاريائون. دهوارن جن ڍوڍن سان مغل نائب کي ماري وڌو سي ڍوڍڪي سڏجن ٿا[3]. بلوچستان وقت بوقت مغلن ۽ ايران جي صفوي فرمانروائن جي هٿ هيٺ رهيو. سنه 1590ع ۾ اڪبر ملڪ فتح ڪيو. 1638ع تائين مغلن جي قبضي هيٺ رهيو، پوءِ صفوين جي ماتحت ٿي ويو. سنه 1648ع ۾ وري مغلن جي قبضي هيٺ اچي ويو[4].

---

(1) F.B erniers: travels in the Mughal Empire, Vol.I, PP.203-4, 1890

چون ٿا ته جڏهن دارا جي سواري دهلي پهتي تڏهن هئبت خان بلوچ جي تحريڪ سان، جو اورنگزيب جي فوجن ۾ عملدار هو، دهلي جي ماڻهن ملڪ جيوڻ تي پٿر اُڇلايا هئا.

(2) A.W. Hughes: Baluchistan, CHP. History of kalat.

(3) تاريخ بلوچستان: راءِ بهادر هيتورام، ذڪر احمد زئي. هيتورام آخوند محمد صديق جي فارسي تاريخ جو لفظ بلفظ ترجمو پنهنجي تاريخ ۾ اصلي فارسي زبان ۾ ڏنو آهي. آخوند صاحب خان خداداد خان جي زماني ۾ ٿي گذريو.

(4) Imperial Gazetteer of India, Vol. Baluchistan, History, P.14

اورنگزيب سنہ 1069ھ/1659ع ۾ تخت هٿ ڪيو. سندس سموري وقت مرهٽن سان دکن ۾ جنگيون ڪندي گذريو. سندس ڏينهن ۾ بلوچن وچھ وڏي فساد ڪڙو ڪيو. قرمطي بلوچن لاهري ۽ اؤرنگا آباد. ڪڪرالي (گهوڙا ٻاري) ۾ قرلت ڪرڻ لڳا. سميجا وچ سنڌ جي علائقي ۾ قافلن کي لٽڻ لڳا[1]. قلات جي احمد زئي شهزادن مان مير احمد پهرين سنہ 1666ع ۾ خودمختياري جو اعلان ڪيو. قلات جا احمد زئي عربي نسل مان آهن سندن شجرو هيٺ ڏجي ٿو:-

مير التاز نوٽ: التازيءَ فرقي جو سلسلو مير التاز کان شروع ٿئي ٿو.

مير احمد اول سنہ 1666ع

مير محراب خان اول 1695ع

مير سمندر خان 1698ع

مير احمد خان ثاني 1713ع

| | | |
|---|---|---|
| مير قنبر | مير عبدالله خان | 1716ع |
| مير زهرا | مير محبت خان | 1730ع |
| مير زرڪ | مير محمد نصير خان اول | 1750ع |
| مير ابراهيم | محمد محمود خان اول | 1793ع |
| مير گهرام | مير محراب خان ثاني | 1816ع |
| مير حسن | مير شاهنواز خان | 1839ع |
| مير سنجر | مير نصير خان ثاني | 1840ع |
| مير ملوڪ | مير سر خداداد خان | 1857ع |
| مير قنبر ثاني | مير سر محمود خان ثاني | 1893ع |
| مير احمد | مير سر محمد اعظم جان | 1931ع |
| مير سورو | مير سر محمد يار خان | 1933ع[2] |
| مير قنبر ثالث | | |
| مير احمد | | |

(1) اؤرنگا آباد بندر لاهري ڪانپوءِ شهرت حاصل ڪئي. سنہ 1652ع ۾ اورنگزيب تعمير ڪرايو هو.

H.T. Sorely: Shah Abdul Latif of Bhit, CHP.II, P.46, London, 1940

(2) بروهي قبيلي جا ست مشهور پاڙا هن ريت آهن:- 1. قنبراڻي 2. احمد زئي 3. ميرواڻي 4. قلندراڻي 5. سما علاني 6. گرگناڙي 7. ذگر مينگل. ڏسو ڪتاب يادگار تاجپوشي قلات سنہ 1932، مولوي دين محمد لاهوري امپيرئل گزيٽيئر انديا جلد بلوچستان ۾ خوانين قلات جا نالا فقط مير احمد اول کان ڏنل آهن.

مير التاز

مير ڪيچي

**ڪلهوڙن جو عروج:**

ڪلهوڙا پنهنجو نسل حضرت عباسؓ کان چڪين ٿا. سندن ڏاڏو ميان اوڍاڻو جو خدا پرست هو، پهريان ڪيچ، مڪران ۾ پيري مريدي جي سلسلي کي شروع ڪيو هو. رچرڊ برٽن تاريخ سنڌ جي صفحي 140 ۾ ڏيکاري ٿو ته ڪلهوڙا اصل نو مسلم چنا قبيلي مان هئا. جڏهن زور ورتائون تڏهن پاڻ کي عباسي سڏائڻ لڳا، مگر وٽن شجرو ڪين هو. نه وري علماءِ سندن شجرو ٺاهي سگهيا. سنڌ جي هڪڙي عباسي بزرگ سهرا خطيبه وٽ سندس شجرو موجود هو. ڪلهوڙن سندس مريدن کي ماري، سندن ڳوٺ ساڙي وٺائنس پتل جي هڪڙي تختي تي لکيل شجرو هٿ ڪري پوءِ پنهنجو شجرو ٺاهي پاڻ کي عباسي سڏائڻ لڳا. اسين مٿئين بيان تي ڪابه راءِ زني ڪري نه ٿا سگهون. فقط ايترو چئي سگهبو ته هندستان جي آدمشماري ۾ ڪلهوڙا جاموٽ شمار ٿيندا هئا ۽ بلوچ غيرهندي ايشيائي قوم شمار ٿيندا هئا. ميان اوڍاڻي جي پوٽي چنه (جونيا) پائرن جي نااتفاقي ڪري مريدن سميت اباڻي وطن مڪران کي خيرباد چئي ڪنياتا ۾ سڪونت اختيار ڪئي، جتي جي حاڪم سندس خانداني لحاظ ڪري هن کي اُنهن جي ڌيءَ جو سڱ ڏنو. هن ڌيري مان ڪيس محمد نالي پٽ ڄائو[1]. عيسوي 13 صدي تائين ڪلهوڙن جو فقط ايترو بيان معلوم ٿئي ٿو.

---

[1] ميان اوڍاڻي جي اولاد مان ٿل نالي هڪڙي بزرگ قاهره ٻيلي (لسٻيلي) ۾ گوجر قوم کي شڪست ڏئي لسٻيلي تي قبضو ڪيو هو. گوجر اصل جارجيا جا رهاڪو هئا. جتان نڪري پنجاب ۾ گجرانوالا ۾ سڪونت اختيار ڪيائون. اتان نڪري گجرات وارد ٿيا. گجرات تي سندن ڪري نالو پيو. چولوڪيا خاندان ڪانپوءِ هن قوم گجرات تي ڪو وقت حڪومت ڪئي هئي جن ڏينهن ۾ هوئن ٽسانگ هندستان ۾ آيو هو. ڏسو مرات محمدي، شيخ غلام محمد ص. 12
ٿل ڪانپوءِ پٽس بهليل گاديءَ تي ويٺو، سندس پٽن مان چنيه ڪنيات جي اوڍيجه قوم ۾ سڪونت اختيار ڪئي. هن ڪانگڙه جي زميندار تعلقي ڏيپلي جي پلال سمه جي ڌيءَ دهرا سان شادي ڪئي، ڪيس محمد نالي پٽ ڄائو، جو ڪلهوڙن ۽ دائودپوٽن جو ڏاڏو شمار ٿئي ٿو. هن سنڌ جي ستن راڻن جي ڌيئرن سان شاديون ڪيون. چنيه روهڙي تعلقي پريالو ۾ چنيه ٻيلي ۾ ڪجهه وقت رهيو. سنه 1220ع ۾ هن ڪنيات ۾ سانڪره ڳوٺ ۾ وفات ڪئي، اُتي دفنايو ويو. (تحفة الڪرام، دفتر 3، ص 102-103)


**ميان آدم شاهه:**

محمد جي نائين پيڙهي ميان آدم شاهه بکري لاڙڪاڻي ضلعي جي تعلقي ڏوڪري جي ڳوٺ هنڙي وٽ سڪونت اختيار ڪري مهدوي فرقي جي تبليغ ڪرڻ لڳو. ڇاڪاڻ جو پاڻ شيخ الياس لنگراج ۽ شيخ ابوبڪر جتوئي جي ٻن واسطن سان مهدي جونپوري جو مريد هو. هنڙي ۾ ڪيتري ئي ابڙو پنهنجي قبيلي سميت اچي سندس مريد ٿيو. ميان آدم شاهه درويش هو. سلطان المشائخ بهاءالدين زڪريا ملتاني ؒ جي اولاد جو ساڻس دوستاڻو رستو هو. اُنهن ڏينهن ۾ مرزا عبدالرحيم خان خانان ٺٽي تي ڪاهيندو ٿي ويو. ڏس ملڻ تي ميان آدم شاهه کا دعا گهرڻ آيو. ان موقعي تي ڪيتري ابڙي وجهه وٺي فقيرن جي خرچ لاءِ چانڊڪي پرڳڻي لاءِ گهر ڪئي. مرزا خان خانان سندس عرض منظور ڪيو. پوءِ ميان جا مريد زور وٺند آيا. آس پاس جي زميندارن کي هيسائڻ لڳا. حقيقت ۾ مهدوي فرقي جي تحريڪ کان وقت جا حاڪم خوف کائيندا هئا. ميران مهدي جي مريدن دکن کان وٺي ايران تائين وقت جي حاڪمن کان سختيون سنيون، پر اُهي پنهنجي عقيدي تي ثابت قدم رهيا. دستور موجب چانڊڪي پرڳڻي جي زميندارن ميان جي خلاف ملتان جي حاڪم کي شڪايتون پهچايون. ميان کي قيد ڪري ملتان وٺي ويا، جتي قيدي جي حالت ۾ ملتان جو ڪوتوال آقا شاهه محمد سندس مريد ٿيو. ميان قيد ۾ وفات ڪئي. سندس مريدن وصيت موجب سندس جنازي کي سکر جي ويجهو هڪڙي ٽڪري تي دفنايو، جا اڄ تائين سندس نالي تي سڏجي ٿي.

**ميان الياس:**

ميان دائود ولد ميان آدم شاهه پيءُ جي وفات کانپوءِ گادي وسائي پيري مريدي جي سلسلي کي ساڳي نموني جاري رکيو. پر اهڙو ڪو خاص ڪم ڪونه ڪيائين، جو قابل تاريخ هجي. سندس پٽ ميان الياس مريدن ۾ تمام گهڻو واڌارو ڪيو ۽ زور وٺڻ لڳو. مگر سنت وفات ڪري ويو. سندس مقبرو ڏوڪري تعقي ۾ اُنڙآباد ويجهو زيرتگاهه آهي.

ڪلهوڙن ۽ دائودپوٽن جو شجرو هيٺ ڏجي ٿو:-



چنيه 1220ع
محمد 1240ع
دائود پوٽن جو شجرو
دائود رابع 1280ع
محمد 1320ع
دائود 1350ع
صالح 1400ع
هشبت 1440ع
بکر 1480ع
بهادر 1520ع
بکر 1560ع
محمد (بهاءُ) 1670ع
فيروز
بهادر خان
مبارڪ
صادق محمد 1744ع
فتح خان
مبارڪ
بهاول خان 1749ع
1749ع
بهاول ثاني 1772ع
صادق ثاني
مبارڪ عرف واحد بخش 1812ع
رحيم يار خان عرف بهاول ثالث 1845ع
سعادت يار خان 1852ع
ڪابجي خان 1852ع
ڪلهوڙن جو شجرو
ابراهيم ثاني 1280ع
شاهه محمد 1320ع
راند 1360ع
طاهر 1400ع
ميان خان 1440ع
ميان صاحب 1480ع
گنجن 1520ع
ميان آدم شاهه 92-1557ع
دائود 1600ع
ميان الياس 1620ع
ميان شاهل محمد 1657ع
ميان نصير محمد 92-1657ع
ميان دين محمد 1692ع
ميان يارمحمد 11- 170ع
ميان مير محمد 1719ع
غلام حسين
ميان نورمحمد 1719ع
محمد دائود 1719ع
صادق علي 83-1781ع
عبدالنبي 1774ع
غلام نبي 1774ع
ميان غلام شاهه
عطر محمد
محمد مراد
محمد 1773ع
محمد سرفراز خان
ميرمحمد

**ميان شاهل محمد:**

ميان شاهل محمد ولد دائود بن آدم شاهه ميان الياس ڪانپوءِ گاديءَ تي ويٺو. هن جي وقت ۾ وري فقيرن زور ورتو ۽ زمينداري به وڌندي وئي. ميان گهاڙ واهه کوٽايو. سندس مريدن ابڙن جون جيڪي زمينون گهاڙ جي ڀرسان هيون، تن تي قبضو ڪري پنهنجن مائٽن کي ورهائي ڏنائين. ابڙن لاچار ٿي پنهنجي وڏيري جلال خان ابڙي کي بکر جي مغل نواب ڏانهن روانو ڪيو. پوءِ مغليہ لشڪر جي مدد سان ميان سان جنگيون جوٽيون، جن ۾ ميان شهيد ٿي ويو ۽ گهاڙي ڪپ تي دفنايو ويو[1].

**ميان نصير محمد:**

ميان نصير محمد ولد ميان الياس سنہ 1068هه/1657ع ۾ وڏن جي گاديءَ تي ويٺو. سندس ڏينهن ۾ ڪلهوڙن جي فقيري جو غلغلو اڳين بزرگن کان گهڻو وڌي ويو. جنهن ڪري ڀرپاسي جا زميندار هن سان لڙڻ لڳا ۽ بکر مان مغلن جو ڪٽڪ وٺي مٿس ڪاهي آيا. جنهن ڪري هو راتو رات گهڻن مريدن سميت ريگستان ڏانهن ڀڄي ويو. آخر گذران کان تنگ ٿي دادو تعلقي ۾ پنهورن جي ڳوٺن ڏانهن موٽ ڪاڏائون. پنهورن فقيرن جي خوف کان بکر جي نواب کان مدد گهري جنهن سرڪاري لشڪر سان سيوي جي حاڪم مير خان کي ڏياري موڪليو. مير خان ميان سان صلح ڪري کيس پنهنجي چاچي محبت خان سان گڏ اورنگزيب جي دربار دهلي ڏانهن موڪليو. جتي کيس نظر بند رکيو ويو. ڪافي سالن ڪانپوءِ ميان نصير محمد عالمگيري ترنگ مان چوري ڀڄي سنڌ پهتو. ميان جا مريد جي سندس غير حاضري ۾ ڏاڍا تنگ ٿيا هئا، سي وٽس اچي گڏ ٿيا. پنهورن جي پرڳڻي ۾ نوءَ ڳوٺ ٻڌي ويٺا. هيڏانهن چانڊڪي واري جاگير ۾ آبادي وڌايائين. تنهن ڪانسواءِ بکر جي نواب مير يعقوب خان کي هڪڙي جنگ ۾ ڏاڍي شڪست ڏنائين. پوءِ هن ايترو زور ورتو جو ساهتي جي پرڳڻي تي قبضو ڪري سيوهڻ جو وڏو حصو نيڪي ۾ ڪنيائين. ساهتي ۾ سندس هڪڙي فقير

---

[1] ابڙا اصل راجپوت آهن. سلطان علاؤالدين خلجي جي زماني ۾ ڪڇ جي ڪنڌ ڪلا علائقي کان نڪري سنڌ ۾ داخل ٿيا. پوءِ ميان آدم شاهه ڪلهوڙي جا مريد ٿيا.

J.Tod: The Amals & Antiquities of Rajasthan, Vol.I, P.17

فيروز نوشهري فيروز جو شهر ٻڌايو. ميان نصير محمد 25 سالن تائين پنهنجن فقيرن تي هڪڙي قسم جي حڪومت ڪري سنه 1103ھ/1696ع ۾ وفات ڪري ويو. سندس مقبرو خيرپورناٿن شاهه تعلقي ۾ آهي[1].

**دائود پوٽا:**

دائود پوٽا جونيا جي پٽ محمد جو اولاد آهن. پاڻ کي عباسي سڏائين ٿا. منجهانئن دائود بهادر تي گذريو آهي. هن جهانگير جي زماني ۾ مهرن کي شڪست ڏئي ٻئي قبيلي جتوئي بلوچن کي شڪست ڏئي لکي جو شهر ٻڌو. لکي ۽ خانپور وارو جهنگ سندن شڪار گاهه هو. بهادر خان دائود پوٽي پير سلطان ابراهيم شاهه جي فهمائش موجب 1026ھ/1617ع ۾ شڪارپور جو شهر ٻڌو. دره بولان جي منهن وٽ هيٺ ڪري هن شهر سنت واپار ۾ ترقي ڪئي. دائود جو اولاد عارب، عباس، حسن، حسب، قاسم جو اولاد عارباڻي، حسني، هيسباڻي، عيسيٰ جو اولاد عيساڻي، فيروز جو اولاد فيروزاڻي سڏجن ٿا. دائود پوٽن ٿورو وقت حڪومت ڪئي سنه 1740ع ۾ جڏهن نادر شاهه ايران ڏانهن موٽيو. تڏهن سندس سپهه سالار طهماسپ هٿان صادق محمد ۽ سندس پٽ مبارڪ خان مارجي ويا. محمد صادق جي پٽن مان بهاول خان اول 1749ع سنڌونديءَ جي ساڄي ڪپ تي بهاولپور جو شهر تعمير ڪرايو. بهاولپور جي رياست عباسين جي يادگار آهي.

**ٽالپر:**

عام طور ٽالپرن جو ذڪر جيڪو سنڌ جي تاريخن ۾ ڏنل آهي سو مختصر آهي. مؤرخ ٽالپرن جي آغاز کي ڪلهوڙن جي صاحبي کان شروع ڪن ٿا. ڪلهوڙن کان اڳ ٽالپر ڪٿي هئا. سو بيان ڪنهن به تاريخ ۾ ڏنل ڪونهي. فقط ايترو بيان ڪن ٿا ته سنڌ جي اترين ٽڪرين کان سنڌ ۾ وارد ٿيا. سنڌ جي تاريخ

[1] ميان شاهل محمد جو مقبرو قنبر کان 6 ميل اُتر اوڀر گهاڙ جي ڪپ تي فتح پور ڳوٺ ۾ آهي. سنه 1688ھ/1774ع ۾ ميان غلام شاهه مٿس قبو اڏايو. ميان نصير محمد جو مقبرو خيرپور ناٿن شاهه ۾ آهي، جو 1130ھ/1708ع جو جڙيل آهي. ڪلهوڙن جو آغاز سنڌ ۾ ميان آدم شاهه کان شروع ٿيو. جرنل ايشياٽڪ سوسائٽي جو جيڪو پرچو بمبئي مان مئي 1844ع ۾ شايع ٿيو، تنهن ۾ آدم شاهه جو سال 1592ع ڏيڪاريل آهي.

نويسين کان سواءِ ٻين مؤرخن جيڪي جدا جدا بيان ڏنا آهن سي محض قياسي آهن مؤرخ جيمس ٽاڊ تاريخ راجستان جلد 02 ۾ لکي ٿو تہ ٽالپر لفظ سنسڪرت لفظ ٽالمر مان نڪتل آهي ٽال، معنيٰ تر (ڪڇيءَ جو وڻ) مر معنيٰ امير. سنڌن وطن ٽلمر ڏيکاري ٿو جنهن کي يوناني جاگرافيدان پاميريا بيان ڪن ٿا[1].

عيسوي 15 صدي ۾ مير جلال خان جي پٽن جو اولاد مير شهڪ جي سرڪردگي هيٺ مڪران کان هجرت ڪري ڪڇيءَ جي ميدان کي وسايو. اها هجرت تاريخن ۾ "هجرت ڪبريٰ" بيان ڪيل آهي. رند جي قبلين قلات، سيووي، شوران، گنج آبہ تائين بينڪون قائم ڪيون. رند ۽ لاشار جي ٽيهن سالن واري باهمي ويڙهہ کان سنڌن قبيلا پنجاب، سنڌ، گجرات، راجپوتانا ۽ هندستان تائين پکڙجي ويا. رند ۽ لاشار جي ويڙهہ ۾ ٽالپرن جي سردار مير عبدالرحمان خان عرف بليده بن هلهير خان مير چاڪر خان رند جو طرف ورتو هو. مير چاڪر خان ارغونن کان شڪست کائڻ کانپوءِ بلوچي قبيلن سان همايون کي مدد ڏيڻ لاءِ دهلي ڏانهن روانو ٿيو. هن مهم ۾ مير عبدالرحمان ۽ مير هئبت خان بليدي سانڍس قبيلن سميت همرڪاب هئا. مير عبدالرحمان واٽ تي سخي سرور دره وٽ وفات ڪئي ۽ اُتي دفنايو ويو. کيس چوڏهن فرزند هئا. سندس وڏو پٽ مير تبريز خان لاشاري جي شهزادي مير ابوبڪر سان گڏ گجرات ڏانهن هليو ويو. دهلي فتح ٿيڻ کانپوءِ همايون ٽالپرن کي دوآبي سنڌ ساگر ۾ جاگير ڏني[2] سرحد صوبي، ديره جات يا سنڌ جي سرحد تي جن جن بلوچي قبيلن بينڪون وڏيون هيون تن جون پاڻ ۾ گهڻو وقت جنگيون جاري رهيون. ٽالپرن پهريان گورچاڻين سان جنگ ڪئي وري جڏهن چانڊين، مزارين ۽ مگسين سان جنگيون جوٽيائون، تڏهن مزارين ۽ مگسين کي مدد ڏيڻ لاءِ ٽالپرن مزارين جي علائقي کي وسايو جن جو تختگاهہ روجهاڻ هو. ڪِن ۽ پاڳيسر بہ سنڌن قبضي هيٺ هئا[3]. بلوچن جا ڪجهہ قبيلا پنهنجي معاشي

---

(1) J. Tod: The Amals & Antiquities of Rajasthan, Vol.II, P.73

(2) L.Dames: Popular Poetry of the Balochs, expedition to Delhi.

اخبار الحنيف بلوچستان نمبر، ص. 31-32 جيڪب آباد 1937ع

(3) تاريخ بلوچيان: سردار غلام رسول خان قرائي، ذڪر مزاري

زندگي ڪري ان نالي تي سڏجن ٿا. مثلاً بزدار (ٻڪراڙ)، گوپانگ (ڳنوار) وغيره اهڙي طرح ٽالپر لفظ ٻن بلوچي لفظن جو مرڪب آهي، ٽال پيو ٻُر. ٽال معنيٰ وڻ جي شاخ ۽ بر معنيٰ وڍڻ يعني شاخون ڇانگيندڙ. اهڙي طرح ڪجهه قبيلا پنهنجي مورث اعليٰ جي نالي تي سڏجن ٿا. جهڙوڪ رستماڻي رستم جو اولاد، شهداداڻي شهداد جو اولاد. نظاماڻي نظام جو اولاد وغيره مزارين جو علائقو ويڪر ۾ ويهه ميل ۽ ڊيگهه ۾ چاليهه ميل آهي سندس اپرندي ۾ سنڌونديءَ ڏکڻ ۾ اپر سنڌ، اُتر ۾ ڦيتڪ دره الهندي ۾ جبل سندن موجوده تختگاهه روجهاڻ اڳ ناهرن جي هٿ هيٺ هو. جن کان پوءِ هنن ڪسي قبضو ڪيو. قبائلي جنگين ۾ مزارين ٽالپرن جي مدد سان چانڊين، بگٽين، مرين ۽ دريشڪن کي شڪستون ڏنيون. چانڊين ۽ مگسين جي جڏهن ڪا جنگ لڳندي هئي ته مزاري ۽ ٽالپر بگٽين ۽ بليدين جي ڳوٺن کان ٽپي سنڌ تي بہ ڪاهون ڪندا هئا. مزاري تمن چئن پاڙن ۾ ورهايل هئا. 1. بالاچاڻي 2. رستماڻي 3. سرگاڻي 4. مسيداڻي منجهانئن بالاچاڻين تي پڳ هئي(1). مگر ٽالپرن جي تمن ۾ رهڻ لاءِ هيٺيان شرط واجب هئا:


1. ٽالپري تمن اندر رهي، جيڪو پنهنجي پاءُ جي بي عزتي ڪندو ته اُهو جلاوطن ٿيندو. ڪوبہ ڌوهاري اجازت کان سواءِ راڄ ۾ موٽي اچي نہ سگهندو.
2. جيڪڏهن ٽالپر سردار وٽ ڪو مهمان تي لهندو تہ سڄي راڄ جو مهمان سڏبو.
3. قبيلي تي سردار جيڪڏهن ڪو محصول يا تاوان وجهندو تہ اهو ان کي منظور ڪرڻو پوندو.

مٿين شرطن مان سنڌ ۾ داخل ٿيڻ کان اڳ هڪڙي قسم جي حڪومت ٽالپري تمن ۾ رائج هئي. سندن شجرو هيٺ ڏجي ٿو(2):

(1) A.W. Hughes: Baluchistan, Balochi Border tribes, PP.111-112

سنڌ جي سرحدي بلوچن کي روڪڻ لاءِ خلجين ۽ مغل سلاطين کي هميشہ ڏهہ هزار فوج تيار رکڻي پوندي هئي.

(2) History of Alienation in the Province of Sindh, Vol. II, Talpurs, Karachi, 1888


زنڪي
بجر
مبارڪ
زنڪي
امام
عيسيٰ
تالو
بجر
شاهو
الله داد
آدم خان (آدماڻي)
سليمان (ڪڪو)
احمد
شهڪ
جيئند (نوڙها)
باگراڻي ديره مان
مرراڻي ديره مان
هليل (هليلاڻي)
خيالي
لاڪو
بجر
شيرخان
بلوچ خان
سفر
ڏڦڙ
بجر
محمد علي
جان محمد
ڪرم گهرام (گهراماڻي)
علي بخش
شير محمد
خان محمد
جعفر
فتح خان
علي مراد
جان محمد
دريا خان
الله بخش
جعفر خان
نواب محمد خان
ميران
جيوڻ (جيوڻاڻي)
ماڻڪ (ماڻڪاڻي)
عالي هوتڪ (شهداداڻي)
چل
حجاب خان
يارو خان (ياراڻي)
دريا خان (درياڻي)
مبارڪ (خاناڻي)
خداداد
سدو خان
جيوڻ خان
الله داد
مقصدو
مراد (مراداڻي)
بهار (بهاراڻي)
دريا خان
علي
فتح خان
علي خان
جام چنو
جيئند
فضل خان
اسماعيل
سمايو
الله بخش
چنڊنا
سيد خان
مسو خان
پيارو
الله داد
مبارڪ خان
مبارڪ
جان محمد
باغ علي
احمد خان
تصير خان
حسن علي
غلام علي
عبدالله
احمد
لقمان
مبارڪ
غلام حيدر
حاجي غلام محمد
غلام حسين
احمد خان

**ميان دين محمد:**

ميان دين محمد ولد نصير محمد جي ڏينهن ۾ فقير سرائي سڏجڻ لڳا ۽ تمام زور ورتائون. پنهورن جي هڪڙي بنيادي شهر فتح پور تي بہ سرائين قبضو ڪري ورتو. جنهن ڪري پنهور دهلي دانهن ڪٺي ويا. جتان هڪڙو امير شيخ جهان سرڪاري حڪم سان سنڌ تي ڪاهي آيو. ڳيريلي جي ڳوٺ وٽ سخت جنگ لڳي، جنهن ۾ شيخ جهان مارجي ويو ۽ سرائين جي سوڀ ٿي. الله يار خان بڪر جي نواب سرائين جي وڌندڙ طاقت کي ڏسي قنبر خان بروهي جي فوج وٺي سرائين تي ڪاهيو. پر ٿوري لڙائي ڪانپوءِ ڌرين جو پاڻ ۾ ناهہ ٿي ويو. شهزادو معزالدين جيڪو ان وقت ملتان جو حاڪم هو، سو ميان دين محمد جي زور پڃڻ لاءِ پنهنجي سر سنڌ تي ڪاهي آيو. ميان شهزادي جي آمد جو ٻڌي پنهنجي ننڍي ڀاءُ مير محمد کي استقبال لاءِ بڪر موڪليو. جنهن شهزادي جي اطاعت قبول ڪري ڪيس راضي ڪيو ۽ شهزادو اُتان ئي پوئتي موٽي ويو. مگر ميان دين محمد جو هڪڙو فسادي مريد مقصودي ميان جي مرضي جي خلاف ماتيلي کي ڦريندي وڃي اُچ تائين پهتو[1]. جنهن تي شهزادي کي گهڻو غصو آيو. ملتان ڏانهن ويندي هڪدم ڪٺي موٽ ڪاڏائين. سيوي جي حاڪم بختيار خان پني فوجن سان شهزادي جي مدد ڪئي. سيوي ۽ ڍاڍر جا باروزئي (پني) افغان جن کي جادوناٿ سرڪار "صحرائي بگهڙ" لکي ٿو. تن مان ملڪ جيوڻ جي قتل ٿيڻ ڪانپوءِ بختيار خان بن ميرزا پني سيوي جو حاڪم هو[2]. بڪر تائين علائقو مغلن پاران سندس

---

[1] اُچ ملتان کان ستر ميلن جي مفاصلي تي رياست بهاولپور پنجند وٽ آهي. هيءُ شهر سڪندر مقدوني تعمير ڪرائي مٿس سڪندريہ نالو رکيو هو. اڳ پنجاب جون پنج نديون هن شهر وٽ سنڌونديءَ ۾ پونديون هيون. هينئر چاليهہ ميل هيٺ پرو منڻ ڪوٽ وٽ چوڙ ڪن ٿيون. ناصرالدين قباچہ جي ڏينهن ۾ سنڌ جو تختگاهہ هو. سنڌ جي پهرين تاريخ علي بن محمد ڪوفي هت 613هہ/1216ع ۾ عربي تان فارسي ۾ ترجمو ڪئي هئي. سيد جلال بخاري ۽ سيد جهانيان جهان گشت جا مقبرا هن شهر ۾ آهن. اليگزينڊر ڪنگهام قديم هندستان جي جاگرافي ۾ هن شهر جو بيان ڏنو آهي.

[2] J. Sarkar: History of Aurangzeb, Vol. II, P.216 Calcutta, 1912

نگراني هيٺ هو. خانپور جي ويجهو هن بختيارپور قلعو تعمير ڪرايو هو. سندس پاءُ ملڪ الله بخش حاڪم هو[1]. شهزادي شڪارپور تي قبضو ڪيو. ميان دين محمد ملڪ ڇڏي ڀڄي ويو. شهزادي ميان جي سموري پرڳڻي کي ويران ڪري ڇڏيو. اٽڪل ڇهه مهينا شهزادو سنڌ ۾ رهيل هو. آخر لاچار تي ميان دين محمد سيوهڻ اچي پيش پيو. ميان دين محمد کي شهزادو پاڻ سان گڏ وٺي ملتان موٽيو. موٽندي مهل بلوچن شهزادي جي حرم تي حملو ڪيو، پر دائودپوٽن جي مدد سان شاهي حرم بچي ويو. شڪارپور ۽ پر واري پرڳڻي جي سند شهزادي دائودپوٽن کي لکي ڏني. ملتان پهچڻ کانپوءِ شهزادي سنه 1111هه/1700ع ۾ ميان دين محمد کي مارائي ڇڏيو.

**ڪلهوڙن جو قلات جي مدد سان زور وٺڻ:**

بلوچ توڙي براهوئي مغلن جا دشمن هئا. ايران جي صفويه شهنشاهيت توڙي هندستان جي مغليه شهنشاهيت جي اقبال جو آفتاب نصف النهار کان لنگهي چڪو هو. سيوي جا باروزئي حاڪم مغلن جا مددگار هئا. اهڙي طرح مغل لشڪر وقت سر باروزئين کي مدد ڏيندو هو. قلات جي پهرين احمد زئي تاجدار مير احمد خان پهرين باروزئن سان سورهن دفعا جنگيون جوٽي سندن طاقت کي ڪمزور ڪري ڇڏيو هو. مٿين جنگين مان جنگ "لکن" ناڙي جي جنگ تاريخ ۾ مشهور آهي[2]. سراوان، خاران، جهالاوان جا علائقا قلات جي براهوئي ڪنفيڊريسي ۾ شامل هئا. فقط مڪران تي گچڪي سردارن جي حڪومت هئي، جن بليدين کان مٿيون علائقو هٿ ڪيو هو. (ڏسو هيوجز بلر جي مڪران گزيٽئر، ذڪر گچڪي).

---

[1] Selection from the Records of the Bombay Government, NO.XVIII, PP. 13-14, Bombay, 1855

[2] جنگ لکن شيخ ڪتني جي ڳوٺ وٽ لڳي هئي. شهزادي معزالدين باروزئين کي مدد ڏني هئي، جنهنڪري مير احمد شڪست کاڌي.

ڪلهوڙن جي پيري مريديءَ جو سلسلو سنڌ کان ٻاهر ڪڇي ۽ بلوچستان تائين پهچي چڪو هو. ميان دين محمد سنڌ مان ڀڄي وڃڻ کان پوءِ قلات جي خان وٽ پناهه ورتي هئي. سنه 1696ع ۾ مير احمد خان جي وفات کان پوءِ مير محراب خان اول قلات جي تخت تي ويٺو. جو ميان يار محمد جو همعصر هو. ميان دين محمد جي گرفتاري کان پوءِ سندس ڀاءُ يار محمد به قلات ۾ اچي پناهه ورتي هئي. ڪلهوڙن جي جاگير تي بختيار خان قبضو ڄمايو هو.

**ميان يار محمد:**

ميان يار محمد ٻن سالن جي غير حاضري کان پوءِ مير التاز خان براهوئي جي فوج سان قلات کان سنڌ ۾ وارد ٿيو. سندس خانداني مريدن مان راڄو فقير ليکيو وڏي جماعت سان ميان کي اچي مليو. قلات جي لشڪر جي مدد سان ميان يار محمد منڇر کان وٺي خدا آباد تائين پنهورن جي علائقي تي قبضو ڪري، پوءِ چانڊڪي پرڳڻي مان باروزئين کي تڙي ڪڍيو[1]. پنهورن جو تر ايتريقدر آباد هو جو مخدوم محمد جعفر بوبڪائي مرزا عيسيٰ ترخان کان بيان ڪيو آهي ته مرزا شاهه بيگ ڪاهه ڪرڻ وقت باغبان (دادو تعلقي) مان فقط هڪ رات ۾ هڪ هزار اُٺ جي باغن پرڻ لاءِ ايتن ۾ ويهي رهيا هئا. هلندي هلندي هٽ ڪيا هئا. بختيار خان شهزادي وٽ ملتان ڏي ڊانهن ڪٽي ويو. شهزادي جي اچڻ جو ٻڌي ميان يار محمد پنهنجا ٻه پٽ نور محمد ۽ محمد دائود قلات ڏانهن روانا ڪيا. معزالدين ۽ باروزئين پهريان مير محراب خان سان جنگ ڪئي،

[1] پنهور بني حارث عرب يعني حارث جو اولاد آهن. ٻاجار ۽ جهانگار بني حاڪم آهن. سيوهڻ وارا سپيا قبيلي جا ماڻهو جريمه انصاري جو اولاد آهن. منگي بني تميم جي شاخ آهن. بني تميم جو اولاد ٿهيم سڏجن ٿا. جبريه مان شيخ طائي هالائي وارو درويش هو. موريا بني مغيره جو اولاد آهن. اسد جو اولاد اسدي سڏبا آهن. شيخ تراب درويش فتح پور وارو انهن مان هو. بنوالي صوفي فقير هئا، جن مان گهڻا رپل پرڳڻي ۾ آهن. ڏسو تحفة الڪرام، دفتر 3.

جنهن ۾ محراب خان شهيد ٿي ويو. هي واقعو سنہ 1698ع ۾ ٿيو[2]. سيوي کان موٽندي بختيار خان جي نيت بدليل ڏسي شهزادي هن کي مارائي ڇڏيو. ميان يار محمد دربيلي ۾ اچي شهزادي جي خدمت ۾ حاضر ٿيو. کيس عالمگيري دربار مان "خدا يار خان" جو لقب مليو. ڪلهوڙا فقير مان ڦري امير بنجي ويا. ڪڇي جو علائقو سيوي تائين شهزادي ميان جي حوالي ڪيو[1]. ڪلهوڙا پهريان سنڌي هئا. جن مان ميان يار محمد سنہ 1701ع ۾ دهلي جي مغلن پاران سنڌ جو صوبيدار مقرر ٿيو. ڪلهوڙن جي ڪاميابي جو هي پهريون ڏاڪو رهيو. سنڌي حاڪمن جو تفصيل هن ريت آهي:

1. ميان يار محمد خان "خدا يار خان" سنہ 1112ھ/1700ع کان سنہ 1131ھ/1718ع تائين
2. ميان نور محمد خان "شاهنواز خان" سنہ 1131ھ/1718ع کان سنہ 1168ھ/1755ع تائين.
3. ميان محمد مرادياب خان "سربلند خان" سنہ 1168ھ/1755ع کان سنہ 1170ھ/1157ع تائين.
4. ميان محمد عطر خان سنہ 1170ھ/1757ع کان سنہ 1175ھ/1762ع تائين.
5. ميان غلام شاهہ "شمس الدولت" سنہ 1175ھ/1762ع کان سنہ 1186ھ/ 1772ع تائين.
6. ميان محمد سرفراز خان سنہ 1168ھ/1772ع کان سنہ 1777ع تائين.
7. ميان غلام النبي خان 1777ع کان سنہ 1197ھ/1782ع تائين.
8. ميان عبدالنبي خان سنہ 1196ھ/1782ع.

[2] ڪتاب دربار تاجپوشي قلات: مولوي دين محمد، ص 16، سنہ 1932ع، لاهور.

[1] Selections from the records of the Bombay Government, No.XVII, CHP. Shikarpur, PP. 13-14, 1855.

ميان محمد سرفراز خان ڪانپوءِ ٽورو وقت ميان محمد ابا خان حڪومت ڪئي. ميان عبدالنبي خان جي قلات پڄي وڃڻ ڪانپوءِ ٿورو وقت ميان صادق علي خان حڪومت ڪئي.

**ڪلهوڙن جو پهريون تختگاهه، خداآباد:**

اسين اڳ لکي چڪا آهيون تہ ميان يار محمد پنهورن جي سردار قيصر خان کان منڇر تائين علائقو کسيو هو. هينئر جڏهن عالمگير جي ايلچي خواجہ حسين ميان کي "خدا يار خان" جو لقب ڏنو. سيوي کان وٺي منڇر ۽ ڪنڊياري تائين سمورو علائقو سندس قبضي هيٺ اچي ويو، تڏهن هن دادوءَ کان ست ميل ڏکڻ طرف خداآباد جي شهر جو پايو وڌو. مٿيون شهر سنہ 1701هہ/1768ع تائين ڪلهوڙن جو تختگاهہ ٿي رهيو. سنہ 1781ع ۾ ميان عبدالنبي جڏهن ٽالپرن کان شڪست کاڌي، تڏهن خداآباد کي ٽالپرن باهہ ڏئي ساڙي ڇڏيو. ان جا قتل آثار هڪ سؤ پنجاهہ ايڪڙن ۾ آهن. ميان جا بہ يادگار هڪڙي جامع مسجد جا سالم بيٺل آهي ۽ ٻيو ميان جو مقبرو جو خداآباد کان هڪ ميل جي مفاصلي تي آهي، جتي سنہ 1719ع ۾ ميان کي دفنايو ويو. ٻئي عمارتون ميان يار محمد پنهنجي جيئري تعمير ڪرائي ويو هو. ٻئي آثار قديمہ کاتي جي نگراني هيٺ آهن.

**ٽالپرن کي دعوت ڏني گهرائڻ:**

ڪلهوڙا زرعي پيشي وارا هئا. ميان يار محمد هڪڙي هٿ ۾ ڏاٽو ٻئي ۾ ترار کڻي ملڪ فتح ڪيو هو. هن بلوچن مان ٽالپرن کي گهرائي فوجي واڳون سندن قبضي ۾ ڏنيون. مير آلودو خان ۽ مير مسعودو خان ميان مير محمد جا مريد هئا، جن کي ميان يار محمد دعوت ڏئي خداآباد گهرايو. برٽن اُن واقعي کي هيٺين لفظن ۾ بيان ڪري ٿو:

> "جڏهن بلوچ ڪلهوڙن جي تختگاه خداآباد کان 15 ميلن جي مفاصلي تي پهتا، تڏهن ڪلهوڙن پنهنجا امير ايلچي طور بلوچي سردارن جي آڌرڀاءَ ڪرڻ

لاءِ ڏياري موڪليا. جن پاڻ سان ريشمي وڳا ۽ سون چاندي جي سنجن سان گهوڙا ساڻ ڪنيا هئا. بلوچ رڍن ۽ ٻڪرين جي ڌڻن سان هئا. سندن پار ٻچا گڏهن تي سوار هئا. ايلچين مير آلوده خان لاءِ ٻچا ڪئي. سندن حيرت جي ڪا حد ڪانه هئي، جڏهن هنن مير صاحب جي ڪلهي تي ڪانيو ۽ هٿن ۾ ڏاس جي ڍيري ڏٺي. پوءِ هن کي ريشمي وڳا پهرائي گهوڙي تي چاڙهي تختگاهه ۾ وارد ٿيا[1]."

**مير شهداد خان کي دهلي جي دربار مان جاگير ملڻ:**


ٽالپرن جي ڏاڏي مير سليمان خان (ڪڪو). کي ميرياڻي ديره مان پنج پٽ هوتڪ، عالي، ماڻڪ، ميرڻ ۽ جيوڻ نالي هئا. وڏي پٽ هوتڪ کي شهداد خان ۽ شهڪ نالي ٻه پٽ هئا. عالي کي دريا خان ۽ مبارڪ ٻه پٽ هئا. مير ماڻڪ خان کي چار پٽ الهيار، ٺارو خان، چنو ۽ سائينداد هئا. شهواڻي شهڪ جي پٽ شاهو جو اولاد آهن. مبارڪ جي پيڙهي وارا خاناڻي سڏجن ٿا. حيدرآباد ۽ خيرپور وارا امير شهداداڻي آهن. ميرپورخاص وارا ماڻڪاڻي امير ماڻڪ خان جو اولاد آهن. مير شهداد خان ديره جات جي مرراڻي نواب شاهه محمد خان ولد غازي خان کي فساد ڪرڻ وقت شهزادي معزالدين جي حڪم سان شڪست ڏني. مٿين خدمت عيوض دهلي جي دربار مان مير شهداد خان کي سنڌ ۾ "پٽ باران" بطور جاگير مليو. ميجر گولڊ سمٿ لکي ٿو ته هاڻوڪي شهدادپور ۽ ڪوينهرا جو برساتي علائقو پٽ باران سڏبو هو. مير شهداد خان ميان يار محمد جي عقيدتمند مريدن مان هو، جنهن کي ميان پنهنجو سپهه سالار مقرر ڪيو. شهداداڻين جو شجرو هيٺ ڏجي ٿو[2].

---

[1] R. Burton: History of Sindh, P.235 London, 1851

سر رچرڊ برٽن ٻيو دفعو ٻه سنڌ آيو هو. سندس ڪتاب "سنڌ ري وزيٽڊ" 1877ع ۾ شايع ٿيو.

[2] History of Alienation, Vol.II, The Talpurs Shahdadani.




بلوچن جون جيڪي بہ سنڌ ۾ سرداريون قائم هيون ۽ ٻيا بلوچ جيڪي سنڌ جي سرحد تي سڪونت پذير هئا، سي ٽالپرن کي پنهنجو سردار سمجهڻ لڳا. چاڪاڻ جو ڪلهوڙن جا سمورا فوجي عهدا ٽالپرن جي هٿ هيٺ هئا. ميان يار محمد اپر سنڌ ۾ شڪارپور ۾ ڳوٺ لکي دائودپوٽن ۽ مهرن کان کسي ورتا. بکر جي نوابن کي مجال نہ هئي جو ساڻس مقابلو ڪري سگهن. آخر 18 ورهيہ حڪومت ڪري سنہ1131هہ/1718ع ۾ هن دنيا مان وفات ڪري ويو ۽ خداآباد ۾ دفن ٿيو.

## ميان نور محمد خان:

ميان نور محمد خان پنهنجي پيءُ جي گادي تي ويٺو. شروعات ۾ سندس ٻن ڀائرن غلام حسين ۽ محمد دائود ساڻس جنگيون جوٽيون، پر پوءِ ڀائرن پاڻ ۾ پرچاءُ ڪيو. ميان نور محمد دائودپوٽن کان شڪارپور

۽ خانپور هٿ ڪيا[1]. اڳ لکي چڪا آهيون ته دائودپوٽن شڪارپور ڪسجڻ ڪانپوءِ صادق علي خان جي پٽ بهاول خان پهرين سنڌونديءَ جي اپرندي ڪپ تي بهاولپور رياست جو پايو وڌو[2].

**دهلي جي مغلن جي ڪمزوري:**

اورنگزيب عالمگير اول سنه 1069هه/1707ع ۾ وفات ڪئي. سندس وفات ڪانپوءِ مغل شهنشاهت زوال ڏانهن تڪڙا قدم کڻڻ لڳي. ڪانئس پوءِ بهادر شاهه جاجوجي خونريز معرڪي ڪان پوءِ پنهنجي ڀاءُ اعظم کي شڪست ڏئي دهلي جو تخت. 64 ورهين جي ڄمار ۾ هٿ ڪيو. هن ڪُل 5 ورهيه حڪومت ڪري سنه 1124هه/1712ع ۾ وفات ڪئي. هو "شاهه بيخبر" جي لقب سان سڏبو هو. ڪانئس پوءِ پٽس جهاندار شاهه تخت تي ويٺو. جو هنيلو ۽ عياش هو. لعل ڪار نالي هڪڙي نيچ عورت جي عشق ۾ اهڙو ڦاسي ويو جو دنيا مافيها ڪان گويا بي خبر هو. بازار مان لنگهندي جنهن به خوبصورت عورت تي سندس نظر پوندي هئي تنهن تي زبردستي قبضو ڪندو هو[3]. يارهن مهينا بدناموسي سان حڪومت ڪري تخت تان لاٿو ويو. سنه 1124هه/1713ع ۾ فرخ سير تخت تي ٽاڪيو ويو. جو ڪمزور طبيعت جو انسان هو. نيچ ماڻهن جي صحبت ۾ سمورو وقت گذارڻ لڳو ۽ ڪين وڏا عهدا ڏيڻ لڳو. توڙي جو عهدن جي اُهي سراسر نالائق هئا. سيد ڀائر سيد حسين ۽ سيد عبدالله جي وزارت تي قابض هئا. تن پهريان ڪيس انڌو ڪري پوءِ مارائي ڇڏيو.

---

(1) E.H.Aitken: Gazetteer of the Province of Sindh, P.107

(2) Shahmatali: History of Bahawalpur, PP.19-21, London, 1848

نوٽ: مير شهامت علي مولوي سلطان محمد جو شاگرد هو، جو مولوي محمد اسماعيل شهيد جو مريد هو. مولوي محمد اسماعيل هڪڙي ملا بغدادي جي جواب ۾ 1834ع ۾ ڪتاب تقويت الايمان اسلامي عقائد متعلق لکيو هو. مولوي سلطان محمد مٿين ڪتاب تي تذڪره الاخوان نالي ڪتاب لکيو هو. مير شهامت علي تقويت الايمان جو ڪجهه حصو انگريزي ۾ ترجمو ڪيو هو.

Journal of the Bengal Asiatic Society, November, Vol.I, P.479, 1832 Calcutta.

(3) Sayed Mohammed Latif: A History of the Punjab, P. 185 Calucutta, 1891

پوءِ شاهي خاندان جي شهزادن مان رفيع درجات کي تخت تي تاڇيائون. محلات جو توڙي بيروني ڪاروبار سادات ڀائرن جي قبضي هيٺ هو. ٽن مهينن کان پوءِ هن وفات ڪئي. ڪانئس پوءِ سندس وڏي ڀاءُ رفيع الدوله کي تخت تي ويهاريو ويو. دستور موجب تخت سيد ڀائرن جي قبضي هيٺ هو، جي سياه ۽ سفيد جا مالڪ هئا. ٽن مهينن کانپوءِ هن وفات ڪئي. مؤرخن جو رايو آهي ته سيدن پنهي ڀائرن کي زهر ڏياري پورو ڪيو هو. سنه 1131هه/1719ع ۾ محمد شاهه تخت تي ويٺو. جنهن ٽيهن سالن تائين حڪومت ڪئي. تخت تي ويهڻ مهل سندس عمر 17 سال هئي. جن مان سانده ستن سالن تائين محلات اندر نظربند هو. کيس حڪومت هلائڻ جي ڪا خبر ڪانه هئي. رستم علي تاريخ هند ۾ لکي ٿو ته ڪوڪي نالي هڪڙي فقير جي ڌيءَ تي عاشق ٿي اُن کي محلات ۾ ويهاريائين. شهنشاهه هن فقيرزادي تي ايترو فدا هو جو سرڪاري ڪاغذن تي به ڪوڪي مهرون هڻڻ لڳي. سلطنت جا وڏا وڏا امير ڪوڪيءَ معرفت شهنشاهه سان گڏجڻ لڳا. آصف جاه وزيراعظم موقعو ڏسي حيدرآباد ۾ خودمختياري حاصل ڪئي. دهلي جو تخت جنهن تي اڪبر، جهانگير، شاهجهان ۽ عالمگير جهڙن باجبروت شهنشاهن عدل ۽ حشمت سان حڪومت ڪئي هئي، تنهن تي هينئر ميراثين ۽ ناچڻين جو قبضو هو. محمد شاهه جي ٻي راڻي اڌم ٻائي به ناچڻي هئي، جا حضرت قدسيه جي لقب سان مشهور هئي. هن منجهان کيس احمد شاهه نالي پٽ هو. مغل شهنشاهت جا صوبا مرڪزي ڪمزوري ڪري هڪ ٻي پٺيان ڇڄندا ويا.

**ميان نور محمد جو سنڌ تي قبضو:**

محمد شاهه جي ڏينهن ۾ مغل سلطنت گهڻو ڪمزور ٿي وئي. دکن نظام الملڪ ۽ مرهٽن ۾ ورهائجي ويو. مرهٽا دکن ۾ چوٽ اوڳاڙڻ لڳا. محمد شاهه هندن کي خوش رکڻ لاءِ جزيه ڍل مٿن معاف ڪئي. جوڌپور، اڌيپور ۽ جئه پور جي راجپوت راڻن خودمختياري حاصل ڪئي. پنجاب ۾ سکن جن جماعتون منظم صورت ۾ راوي کان جمنا تائين

موقعي سر ڦرلٽ ڪرڻ لڳا. سعادت علي خان اوڌ جو صوبيدار خودمختيار هو، فقط نالي طور صوبيدار سڏبو هو. مرهٽا جمنا تائين مغليه علائقن کي ڦرڻ لٽڻ لڳا. سنه 1737ع ۾ باجي راءِ پيشوا نظام کي شڪست ڏيئي چمبل تائين ملڪ مرهٽا ڪنفيڊريسي هيٺ آندو. سڄي هندستان ۾ مرهٽا طاقتور هئا. دهلي جي ڪمزور وزارت بلڪل بيڪار هئي. دهلي جي دربار پلران بکر ۽ ٺٽي جا نواب حڪومت هلائيندا هئا. ڪي پنج هزار ۽ ڪي هفت هزاري رتبو رکندا هئا. مرڪزي حڪومت جي ڪمزوري ڪري منجهن ايتري طاقت ڪانه رهي هئي جو سنڌ ۾ ڪلهوڙن جي وڌندڙ طاقت سان مقابلو ڪري سگهن. بلوچي سردار ڪلهوڙن جي فوج جا سپهه سالار هئا، جن جي فوجي لياقت دهلي جي دربار کان خراج تحسين وصول ڪري چڪي هئي. سنه 1147هه/1734ع ۾ ڪلهوڙن جي سپهه سالار مير شهداد خان وفات ڪئي، ڪيس سڪرنڊ تعلقي ۾ دفنايو ويو. سندس مقبرو قبو شهداد خان سڏجي ٿو. سندس فرزند مير بهرام خان ميان نور محمد جو سپهه سالار ۽ صلاحڪار مقرر ٿيو. سنڌ هڪ ڏورانهون علائقو هو، تنهنڪري سنه 1736ع ۾ مغل سرڪار بکر، سيوهڻ ۽ ٺٽي جا پرڳڻا ميان نور محمد جي حوالي ڪيا. ٺٽي جو نواب صادق علي خان پويون مغل نواب هو، جنهن کان ميان جي ٻن نائبن شيخ غلام محمد ۽ شيخ عزيزالله حڪومت جون واڳون هٿ ڪيون. ڪلهوڙن جي صاحبي جو ٻيو دور 1736ع ۾ شروع ٿيو. هنن دهلي کان آزادي حاصل ڪئي.

باب پنجون

# سنڌ ۾ اوائلي مغربي سياحن جو اچڻ

اسين اڳ ڏيکاري چڪا آهيون تہ يورپ جي اڇي چمڙي وارين قومن مان پورچوگيز پهرين قوم هئي، جيڪا سمنڊ رستي هندستان جو رستو معلوم ڪري مشرق جي اڻکٽ دولت کي لٽڻ لڳي. پورچوگيزن کان سواءِ ٻين مغربي ملڪن جا رهاڪو مغلن جي ڏينهن ۾ هندستان جي سياحت ڪرڻ لڳا. منجهانئن ڪي ڊاڪٽر، ڪي واپاري ۽ ڪي مغليہ فوجن ۾ توبچي هئا. منجهانئن ڊيوريٽ باربوسا پورچوگيز هو. پيرارڊ فرينچ هو. ٽئورنير، ٿيونات، برنيئر فرينچن ۽ اطالوين، پيٽروڊي لاوالي رومن، مانڊيلسلوڊئنش، مانوسي وينس، گيميلي ڪريري وغيره جي سفرنامن مان مغل شهنشاهت جي مالي، ملڪي انتظام جي خبر پئجي سگهي ٿي. جيسين مغل شهنشاهت ۾ دم خم هو، تيسين صليب جا پرستار واپاري لباس ۾ رهيا. وري جڏهن مغليہ سلطنت زوال ڏانهن قدم کڻڻ لڳي ۽ مختلف صوبن جي حاڪمن خودمختياري حاصل ڪئي، تڏهن اڇي چمڙي وارين جهازران قومن هندستان تي قبضي ڪرڻ لاءِ جدوجهد شروع ڪئي. اسان جو تعلق فقط انهن مغربي سياحن سان آهي، جن وقت بوقت سنڌ تي قدم رکيو.

**ڊيوريٽ باربوسا:**

عيسوي 16 صدي جي شروعات تائين يورپ جي اڇي چمڙي وارين قومن کي سنڌ متعلق بلڪل ٿوري خبر هئي. سڪندر مقدوني پهريون مغربي هو، جنهن سنڌ جا حالات خاص ماهرن جي جماعت معرفت گڏ ڪيا هئا. اهڙيءَ طرح مغربي مؤرخن مان ابوالتاريخ هيروڊوٽس المتوفي 408 ق.م پهريون مؤرخ هو، جنهن مغربين کي سنڌ ملڪ سان روشناس ڪرايو هو. هن سنڌ متعلق ايترو لکيو آهي تہ سنڌ جا رهاڪو ڪانن جي جهوپڙين ۾ رهن ٿا ۽ سندن گذران مڇين ۽ پکين جي گوشت

تي آهي[1]. ڊيوريٽ باربوسا پهريون مغربي سياح هو جنهن ايراني نار جي پيٽ هرمز کان ڪنيات تائين سمنڊ رستي سفر ڪندي سنڌ متعلق هيٺيون بيان ڏنو آهي:

"سنڌ تي عربن جي حڪومت آهي، هن ملڪ جا ماڻهو پنهنجن گهوڙن کي سڪل ماڇي کارائين ٿا. هتي جا ڪانا ماڻهوءَ جي جنگهه جيڏا ٿلها ٿين ٿا. سنڌوندي فرات کان نڪري ايراني نار کي لتاڙي ڪنيات جي کاري ۾ چوڙ ڪري ٿي[2]."

ان ۾ شڪ ڪونهي تہ ڪڇ جا بلوچ گهوڙن کي سڪل گوشت ۽ مڪران جي ڪناري وارا بلوچ سڪل مڇي کارائين ٿا. باقي سنڌونديءَ جو فرات مان نڪرڻ ۽ ڪنيات جي نار ۾ چوڙ ڪرڻ مان هن مغربي سياح جي ڪور چشمي جي خبر پئجي سگهي ٿي. مگر ايترو چئبو تہ سڪندر مقدوني کانپوءِ هي ٻيو نمبر مغربي هو، جنهن سنڌ جو ذڪر اڻپورو ڏنو آهي.

**ايسٽ انڊيا ڪمپني:**

31- ڊسمبر 1606ع ۾ انگلينڊ جي راڻي ايلزبيٿ انگريز واپارين جي هڪڙي ڪمپني کي هندستان سان واپار ڪرڻ لاءِ پروانو ڏنو. تنهن کان اڳ 1602ع ۾ ڊچن جي ڪمپني ڪڙي ٿي. مٿيون تجارتي ڪمپنيون "ايسٽ انڊيا ڪمپني" جي نالي تي سڏجڻ لڳيون. ڊچن جزائر مشرقي ڏانهن رخ رکيو. انگريزن سنہ 1611ع ۾ سورت ۾ واپار جي پهرين ڪوٺي وڌي. سنہ 1580ع ۾ پورچوگيز سپين جي ماتحت ٿي ويا. سندن ٻيڙي کي انگريزن سنہ 1612ع ۾ سورت وٽ شڪست ڏني. هن شڪست کانپوءِ انگريز هندستان جي سمنڊن جا مالڪ بنجي ويا. سندن واپار روزمرهہ ترقي ڪرڻ لڳو. سنہ 1615ع ۾ فقط ٻن جهازن جي سامان لاءِ ڪين 14 هزار پائونڊ مغل سلطنت کي محصول ڏيڻو پيو جن مان هڪڙي جهاز تي هڪ لک چاليهہ هزار پائونڊن جو هندستاني مال پيل هو[3].

---

[1] L.Dames: The Book of Durate Barbossa, PP. 106-107, 1918

[2] Sir.A.Lyall: The Rise & Expansion of the British Dominion in India, P.15 London, 1914.

[3] C.R. Low: Historical Background of the Royal Indian Navy, Part.I. New Delhi 1944.

**انٿني سٽارڪي ۽ سر رابرٽ شرلي:**

رابرٽ شرلي ۽ انٿني سٽارڪي ٻه نصيب آزما انگريز هئا، جن کي شاهه عباس صفوي ايراني فوجن کي مغربي تعليم ڏيڻ تي مقرر ڪيو هو. سنه 1608ع ۾ ايران جي شهنشاهه رابرٽ شرلي کي ايران ۽ يورپ جي تعلقات قائم ڪرڻ لاءِ يورپ ڏانهن روانو ڪيو. انٿني سٽارڪي سنه 1612ع ۾ انگريزن پاران ٻرٽگن جهاز سان جاسوسي ڪرڻ لاءِ ٺٽي پهتو. ان ارادي ۾ هو ڪامياب ٿي نه سگهيو. چاڪاڻ جو لاهري بندر وٽ پهچڻ وقت هڪڙي پورچوگيز پادري هن کي زهر ڏئي ماري ڇڏيو. سر رابرٽ شرلي انگلينڊ جي بادشاهه جيمس پاران سرٿامس پاويل کي ايران لاءِ سفير ڪري انگريزي جهاز ايڪسيڊيشن تي جنهن جو ڪپتان والٽر پيٽن هو. ٺٽي پهتو. هن پهرين مڪران رستي ڪان ايران وڃڻ جو ارادو ڪيو. پر بلوچن جي خوف ڪري ٺٽي ڪان سمنڊ رستي وڃڻ جو ارادو ڪيو[1].

ٺٽي جو مغليه نواب شرلي جي ايلچي ڪرسٽوفرينو کي مشرقي رواداري موجب عزت سان گڏيو. پورچوگيز اڳيئي ديرو جمائي ويٺا هئا، تنهنڪري نواب انگريزن کي وڏيڪ مال گهرائڻ لاءِ صلاح ڏني. انگريز سنڌن غالب حريف هئا. مگر شرلي نواب جي اجازت ڪان سواءِ پيڙين رستي اڳتي وڌڻ جي ڪوشش ڪئي، جنهن تي نواب جي ماڻهن ڪيس جهلي موٽائي آندو. مٿين اچ وچ ۾ شرلي جا گهڻائي ماڻهو مارجي ويا. هو ٺٽي ۾ اٽڪل ٻه مهينا ترسيل هو. پوءِ آگره ڏانهن شهنشاهه جهانگير کي گڏجڻ ويو. جنهن ڪيس راهداري عنايت ڪئي[2]. شرلي ايران پهتو. اُتي هڪڙي ايراني عورت سان شادي ڪيائين. ايران موٽڻ ڪان پوءِ سنه 1615ع ۾ شاهه عباس اعظم هن کي ملازمت ڪان برطرف ڪري ڇڏيو. جنهن ڪري دلشڪستو ٿي مري ويو. سندس ايراني زال هن جي مڙهه کي روم ۾ دفنايو[3].

---

(1) H.G.Rawlinson: British Begnings in western India, CHP.V. P.83 Oxford.

(2) F.C. Danuers: The Portuguese in India, Vol.I, P.508

(3) H.g. Rawluson: British Begnings in western India, P.83

**نڪولس وٿنگٽن:**

آڪٽوبر سنہ 1613ع ۾ نڪولس وٿنگٽن ايسٽ انڊيا ڪمپني پاران احمد آباد کان سنڌ ۾ نير خريد ڪرڻ آيو. ننگرپارڪر کان نيرون ڪوٽ رستي ميرپور بٺورو پهتو. رستي تي بلوچ ڌاڙيلن سندس سامان ڪپڙن سميت ڦري ڇڏيو. آخر ننگر پارڪر جي هڪڙي هندو واقف ڪار واپاري کان خرچ وٺي، ڪڇ جي رڻ کي لتاڙي احمد آباد پهتو. هن جيڪي ڏٺو سو قلمبند ڪندو ويو[1].

**ٿامس رو:**

سنہ 1615ع ۾ انگلينڊ جي بادشاهہ جيمس پهرين پاران سر ٿامس رو آگري ۾ سفير ٿي آيو. هندستان اچڻ کان اڳ هو قسطنطنيہ ۾ سفير رهي چڪو هو. مشرقي زبانن، رسمن ۽ عادتن کان واقف هو. هن جيڪي سوکڙيون پاڻ سان آنديون هيون، تن ۾ تماڪ بہ هو. تماڪ توڙي جو اڪبر اعظم جي زماني ۾ هندستان پهچي چڪو هو، پر اجا سوڌو قيمتي چيز هو. يورپ ۾ سندس بنياد 1560ع ۾ پيو. جڏهن هڪڙي ڊچ واپاريءَ لزبن جي فرينچ سفير جان نڪاٽ کي سوکڙي طور ڏنو هو[2]. 24 ڊسمبر 1615ع ۾ انگريزي سفير ڪمپني جي ڊائريڪٽرن کي سنڌ متعلق هيٺين رپورٽ پيش ڪئي:

”مون کي پڪيءَ ريت معلوم ٿيو آهي تہ سنڌوندي واپار ڪرڻ لاءِ مفيد آهي، چاڪاڻ جو لاهور کان سنڌ تائين آسانيءَ سان درياءَ رستي سفر ڪري سگهبو. سنڌ جي آبهوا صحت بخش آهي. نير ۽ بيون شيون انگلينڊ لاءِ ڪارآمد ثابت ٿينديون[3].

سرٿامس رو سنہ 1616ع ۾ جهانگير سان عهدنامي ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿيو. چاڪاڻ جو مقدس جاين ڏانهن ويندڙ جهازن جي سلامتي جو ذمو انگريزي بيڙي ڪنيو هو. ڪمپني کي شاهي فرمان موجب، سنڌ،

---

(1) W.W.Foster: Early travels in India, PP.188-223

(2) Elliot: History of India, Vol.VI, PP.165-167

(3) W.W.Foster: The Embassy of Sir Thomas Roe, PP.75-76

بمبئي ۽ مدراس جهڙن صوبن ۾ تجارتي بينڪن جي اجازت ملي. تنهن کان سواءِ واپاري ڪوٺين جي بچاءَ لاءِ پنهنجي پوليس ۽ منصفن رکڻ جي بہ اجازت ملي(1).

انگريزي سفير پنهنجي قوم کي لاهور ۽ سنڌ سان واپار ڪرڻ لاءِ صلاح ڏني. سورت جا انگريز ايجنٽ گهڻي عرصي کان سنڌ سان واپار ڪرڻ لاءِ منتظر هئا. فقط کين پورچوگيزن جي رشيہ دوانين کان خوف هو، جيڪي لاهري بندر ۾ گهڻي عرصي کان ديرو ڄمائي ويٺا هئا. هينئر کين آگرا جي دربار مان فرمان موجب واپار ڪرڻ جي اجازت ملي چڪي هئي. 26 اپريل سنہ 1630ع ۾ ايسٽ انڊيا ڪمپني هڪڙي ديسي دلال کي سنڌ جي واپار متعلق خبرچار رکڻ لاءِ روانو ڪيو. هو بہ ڳنڙيون ڪپڙي جون ۽ ڪجهہ نير نموني طور خريد ڪري سورت جي ايجنٽن کي ڏيکارڻ لاءِ کڻي ويو(2).

**وليم فريملن ۽ سندس ساٿي:**

سنہ 1635ع ۾ هڪڙو انگريزي جهاز ڊسڪوري نالي لاهري بندر پهتو. جهاز تي وليم فريملن، جان سپلر، رچرڊ موئلي انگريزي تجارتي وفد جا ميمبر سوار هئا. ڪمپني کين هدايت ڪئي هئي تہ ڪنهن بہ پورچوگيز سان ڪو تعلق نہ رکن، فقط ڪپڙي جو واپار ڪن. ڏيهي عملدارن وفد جو خير مقدم ڪيو. سندن لاءِ شهر ۾ هڪڙي عمارت حوالي ڪيائون. پنج ڏينهن آرام ڪرڻ کانپوءِ وفد ٺٽي پهتو. هنن نصرپور جي ڪپڙي خريد ڪرڻ لاءِ ڪمپني کي رپورٽ پيش ڪئي. نصرپور مرزا شاهہ حسن جي ڏينهن ۾ سنڌ جو تختگاهہ هو. اڳ درياءَ هتان وهندو هو.

---

(1) پورچوگيزن مغلن جي هڪڙي جهاز کي مڪي شريف ڏانهن ويندي، سمنڊ تي لٽيو هو. هن جهاز تي شهنشاهہ جهانگير جي والده جو بہ سامان لٽيو ويو.

(2) W.W.Foster: The English Factories in India, 1637, P.VII, Oxford, 1906

W.H.Mareland: From Akbar to Aurangzeb, PP.114-190

هندستان اندر انگريزن جون بہ ڪوٺيون هيون، سورت جو اثر ايراني نار تائين هو. مدراس جو اثر هنگلي ۽ مرشد آباد تائين هو.

سندس اوج منجهي چڪو هو. مگر ڪپڙي جي ڪارخانن ۽ هنرن ڪري مشهور هو. سورت جي ايجنٽن کي سنڌ سان دائمي واپار ڪرڻ جو ارادو هو. ٺٽهنڪري وفد سنڌ جي شين کي ٻن مهينن تائين جاچي ڏٺو. نواب دولت خان به وفد کي عزت سان گڏيو هو. نيز، ڪپڙو ۽ آفيم وفد کي پسند آيا. نصرپور ۾ ٽي هزار ڪوري رهندا هئا. 25 آگسٽ 1636ع ۾ ڪمپني جي ايجنٽن سنڌي شين کي پسند ڪري ٺٽي ۾ دائمي طور واپار جي ڪوٺي وجهڻ لاءِ سورت جي ڪائونسلر کي حڪم ڏنو. 16 مارچ سنه 1637ع ۾ هڪڙو ديسي دلال ٺٽي پهتو. سنڌ جا شهر واپار ڪري مشهور هئا. ديسي شين ڪان سواءِ شهرن جي بازارين ۾ قنڌار، ڪابل، اصفهان، تبريز، ڪشمير ۽ ملتان جون شيون به وڪامنديون هيون. سنه 1640ع ۾ فريملن، جان سپلر بيهر ٺٽي پهتا ۽ سنه 1652ع تائين سنڌ ۾ رهيا. فرنگي اچڻ سان لچائي ڪرڻ لڳا. اُهي سنڌ جي وچولي پرڳڻي تائين پهتا. سنه 1643ع ۾ انگريزن کي سوڪڙيون شاهجَهان ۽ دارا شڪوه کي ڏيئي مڪمل طور واپار ڪرڻ لاءِ اجازت ورتي. سندن ايجنٽ نئين فرمان موجب اپر سنڌ جي شهرن تائين پهتا[1].

**سباسٽنن مانرڪ:**

فري سباسٽئن مانرڪ هڪڙو پورچوگيز پادري هو. سنه 1641ع ۾ شهزادي خرم (شاهجهان) کان فرمان وٺي لاهور کان سنڌوندي رستي پهريان بکر پهتو. هتي جي باغن ميوات ۽ ڪاٺي جي شين جي تعريف ڪري ٿو. هو لکي ٿو ته هت سال بسال خراسان کان مال جا قافلا اچن ٿا. بکر پهچڻ ۾ لاهور کان بيڙين وسيلي ڪيس 9 ڏينهن لڳا. بکر کان درياءَ رستي سيوهڻ پهتو. هت مهاڻن سندس بيڙين تي حملا ڪيا. ونس بر گولا هئا، جن جي وسيلي هو بچي ويو. چئن ڏينهن ڪانپوءِ ٺٽي پهتو.

---

[1] مغربي واپاري مغل شهنشاهن ۽ سنڌن صوبن جي نوابن کي سوغاتون ڏيئي واپار لاءِ سهولتون هٿ ڪندا هئا. سر ٿامس رو کان اڳ هاڪنس پهريون انگريزي سفير هو، جو 1607ع ۾ انگلينڊ جي بادشاهه جيمس پهرين پاران سوغاتون کڻي آگري جي دربار ۾ پهتو هو. جهانگير هن کي شرف بازيابي بخشيو هو.

هتي جي واپار، چمڙي ۽ ڪپڙي جي ڪارخانن جي تعريف ڪري ٿو. شهر جي رندين ۽ ناچڻين جا رنگ برنگي لباس ڏسي وائڙو ٿي ويو. هڪ مهينو شهر ۾ رهي، پوءِ جيسلمير رستي ڪان واپس موٽيو. سندس سفرنامو 43-1629ع ٻن جلدن ۾ آهي.

**هينري ڳاري ۽ گلبرٽ هئريسن:**

سنہ 1647ع ۾ ايسٽ انڊيا ڪمپني پاران ٻہ انگريزي گماشتا هينري گاري ۽ گلبرٽ هئريسن ٺٽي پهتا. ديسي شيون ولائتي شين جي مقابلي ۾ سچيون ۽ قيمتي هيون. ولائتي شيون بلڪل ساديون پر نئين ڪاريگري جي نموني هئڻ ڪري هتي جي ماڻهن لاءِ عجيب ۽ غريب هيون. مثلاً گرم پشمينا، شيشي ۽ چيني جا برتن، آرسيون، واڇون، گهڙيال، بارود جا هٿيار وغيره. تنهن ڪان سواءِ فرنگين جا ايجنٽ ڪامل عيار هئا. جنهن بندر تي لهندا هئا تہ غريب خلقت ۾ پئسا ورهائيندا هئا. اها فياضي محض ان ڪري عمل پذير هئي، جيئن ديسين جو متن ويساھ ٿي وڃي. نون هٿيارن جي زور ڪري هندستان جي چئني ڪنڊن تي سندن ڏاڪو ڄميل هو. سنہ 1662ع ۾ انگريزن پورچوگيزن ڪان ايراني نار واري ٻيٽ هرمز تي قبضو ڪري اصفهان ۽ دهلي جي درٻارن تائين سياسي رسوخ پيدا ڪيو هو. اڳ هتان گهوڙا دکن ڏانهن وڪري لاءِ ويندا هئا. پورچوگيزن جي قبضي ڪري متيون واپار صفا بند ٿي ويو هو، هينئر کلي ويو[1]. واپاري لباس ۾ ملڪن مان واقفيت رکڻ ۽ موقعي سر ڳريون

---

[1] آلبڪرڪ 1510ع ۾ هرمز ٻيٽ فتح ڪري قلعو تعمير ڪري پنهنجي سفير روئي گومسن ڪي شاھ اسماعيل صفوي جي درٻار ڏانهن روانو ڪيو هو. پورچوگيز شاھ اڳيان پهريون اهو شرط پيش ڪيو هو تہ گهوڙن جو واپار بند رهي. شاھ متيون شرط منظور ڪيو هو. متين بندش ڪري بلوچن ڪي سخت نقصان پهتو هو.

H.Morese Stepheus: Rulers of India, Albuquerque, PP.135-137

سنہ 1618ع ۾ انگريزن مڪران جي ڪناري تي جسڪ جي بندر ۾ واپاري ڪوٺي وڌي، جتان ڪرمان جي پشم ۽ ريشم خريد ڪرڻ لڳا.


نڳيون ڪرڻ ڪمپني جي ايجنٽن جون ادنيٰ ڪارستانيون هيون. سنڌ ۾ سندن عياريءَ خلاف پهريان ڪنڌياري ۽ نصرپور جي ڪورين صداءِ احتجاج بلند ڪئي. مگر جنهن صورت ۾ ڪمپني جي ايجنٽن کي دهلي جي دربار مان فرمان مليل هئا، تنهنڪري سنڌ جا نواب دباءُ ذريعي شڪايتن کي دٻائڻ لڳا. اسين اڳ لکي چڪا آهيون ته ايجنٽ نه رڳو نوابن کي بلڪ سندن بيگمن کي سوکڙيون ڏيئي اڳواٽ رستا صاف رکندا هئا. مڪار فرنگي ايجنٽ سنڌ جي ڪورين کي اڳواٽ قرض ڏيئي زيربار ڪري پوءِ سندن سمورو تيار ڪيل ڪپڙو ڪڻندا هئا. حالانڪ اهو ڪپڙو ولائت ۾ سٺ في صدي نفعي سان وڪامندي هو. سنڌي ڪاريگر جي اڳ سکيا ستابا هئا، هينئر مغربي سرمائيدارن جي چالبازين ڪري مفلس بنجي ويا. فرنگي ايجنٽن جا واپار متعلق اهڙا پيچيده شرط هئا جو سنڌ جو ڪاريگر طبقو سندن اڳيان محتاج ۽ سندن دام فريب ۾ غلام هو. آخر مفلسن جي دٻيل آواز جو غيبي پڙاڏو ٺٽي جي سياسي حلقن تائين پهتو. نواب جعفر خان انگريزي سامان سان ڀريل ٻيڙين کي لٽي ڇڏيو. وري جڏهن قباد خان نواب ٿي آيو تڏهن فرنگين کي دم پٽڻ لاءِ فرصت نصيب ٿي.


### ڪلمتين کي رعايتون:

حقيقت ۾ نواب ماحول مطابق قدم کڻندا هئا. پيو ته بلوچ قافلن کي لٽيندا ۽ بغاوتون ڪندا هئا. ان ڪري فوجي چوڪين تي نواب بلوچي سپاهي مقرر ڪندا هئا. اورنگزيب عالمگير پهرين لاهري کان پوڏيسر ڏانهن ويندڙ واپار جي قافلن جي حفاظت جو ڪم ڪلمتين جي سپرد ڪيو هو. جي حب ۽ ڪراچي جي وچ ۾ رهندا هئا. دهلي دربار پاران سندن سردارن کي ميرپور ساڪري ۾ جاگيرن ملڻ ڪانسواءِ ساليانو

9600رپيا وظيفو ملڻ لڳو(1). ڏکڻ سنڌ ۾ نومڙي، جوکيا ۽ ڪلمتي ٽي قبيلا هئا. جن ڪي قلات جي براهوئي ڪنفيڊريسي سان همدردي هئي. بلوچ جڏهن بہ فساد ڪندا هئا تہ متيان قبيلا لاڙ ۾ بغاوت ڪندا هئا.

ڪلمتين جي ٻن سردارين بابراڻين ۽ بجاراڻين جا شجرا هن ريت آهن.




**نومڙين ڪي رعايتون:**

ڪلمتين ڪانپوءِ نومڙين کي رعايتون مليون. نومڙيا اصل راجپوت آهن. بقول مسٽر ايلس نومڙيا يا نومردي پاڻ ۾ نو ڀائر هئا. جي پنهنجي وڏي ڀاءُ ايسب خان سان راجپوتانا کان نڪري مڪران جي هڪڙي بلوچ هوت سردار وٽ مهمان ٿيا. هڪڙي ڪنهن ڳالهہ تان بلوچي سردار ايسب خان جي بي عزتي ڪئي، جنهن تي ڀائرن ڪاوڙ مان سردار کي قتل ڪري حب، ملير ۽ باران ندين وارين زمينن تي قبضو ڄمائي ويٺا. نومڙين

(1) Historical Back graound of the Indian Navy "Jask & Ormuz" P.2

(2) History of Alination in the Province of Sindh, Vol. II, Kalmatis & Numris, 1888

جي تمن زور ورتو. سنڌ جي رهاڪن مان شاديون ڪرڻ لڳا. پهريان مغل شهنشاهن جو ڏن پريندا هئا. پوءِ ٽني ڪان ڪونڙي ۾ سيوهڻ ڏانهن ويندڙ قافلن جي حفاظت جي عيوض محصول اوڳاڙڻ جي ڪين اجازت ملي. نومڙي پاڻ ڪي بلوچ ڪنفيڊريسي ۾ شمار ڪرڻ لڳا. سندن سردار ملڪ سڏجڻ لڳا. لسبيلي جي ڄامن ۽ ٽالپرن سان سندن مائٽي هئي. سندن شجرو هن ريت آهي:

پاهڙ خان[1]
|
عزت خان
|
صوبدار خان
|
محمد خان — احمد خان

عزت خان (چار پٽ) — پاهڙ خان (ٽي پٽ) — صوبدار خان المتوفي 1847ع
|
ملڪ سردار خان

## نڪولا مانوسي:

نڪولامانوسي وينس جو رهاڪو پهريان هڪڙي انگريز امير بيلومانٽ وٽ نوڪر هو. سندس مرڻ کانپوءِ شهزادي دارا شڪوه جي توپخاني ۾ نوڪر ٿيو. سنه 1659ع ۾ بکر جي گهيري وقت موجود هو. دارا جي ٻن اميرن شيخ مصر ۽ سيف شڪن بکر جو قلعو فتح ڪيو. دارا پنهنجو خزانو حرم سميت ۽ وڏيون توپون هت خواجه بسنت ۽ عبدالرزاق جي سپرد ڪري پاڻ گجرات ڏانهن قسمت آزمائڻ لاءِ ويو. مانوسي توپخاني سان بکر ۾ هو. هو لکي ٿو ته بکر هڪڙو مضبوط قلعو هو. وچ ۾ هڪڙو برج هو. جتان درياءَ جو نظارو نظر اچي پئي سگهيو. دارا جي پنيان خليل الله خان لاهور کان لشڪر وٺي آيو. پر قلعو فتح ڪري نه سگهيو. وري جڏهن شهزادي ڪي ملڪ جيوڻ گرفتار ڪيو. تڏهن دارا جي ماڻهن قلعو دشمن جي حوالي ڪيو. مانوسي جي بيان مان فقط بکر جي

---

(1) History of Alination in the Province of Sindh, Vol. II, Kalmatis & Numris, 1888

جنگ جي خبر پئجي سگهي ٿي. اُنهن ڏينهن ۾ سنڌ ۾ ذڪر منهن ڪديو، جنهن ڪري ايسٽ انڊيا ڪمپني سورت جي ڪائونسلر کي سنڌ مان فقط شورو خريد ڪرڻ لاءِ اجازت ڏني. وليم بيل، جان ڪاڪس ۽ سري وينر ڪمپني جي گماشتن جن سنڌ ۾ مزا ماڻي ڏنا هئا. تن واپار کي جاري رکڻ لاءِ گهڻا ئي حيلا ڪيا، پر سنه 1662ع ۾ ذڪر ڪري واپار صفا بند ٿي ويو.

### ڪپتان اليگزينڊر هئملٽن:

ڪپتان اليگزينڊر هئملٽن اسڪاٽلينڊ جو رهاڪو، بحري ڪپتان ۽ واپاري هو، جنهن سنه 1668ع/1723ع تائين ڪيپ آوگڊ هوپ کان ڦرندو جاپان تائين ايشيائي ملڪن ۽ پيٽن جو سفر ڪيو. سندس سفرنامو "نيوا ڪائونٽ آودي ايسٽ انڊيز" سنه 1727ع ۾ ايڊنبرگ مان ٻن جلدن ۾ شايع ٿيو. سنه 1699ع ۾ هڪڙي سامان سان ڀريل جهاز سان لاهري بندر پهتو. سندس بيان آهي ته لاهري بندر ۾ هڪ سو ڪاٺ ۽ مٽي جا گهر آهن. وچ ۾ هڪڙي پٿر جي قلعي تي بلوچن کي روڪڻ لاءِ توپون رکيل آهن. هر هڪ قافلي سان ٻه ٻه سؤ سوار بلوچن سان مقابلي ڪرڻ لاءِ همراهه رهن ٿا. سندس بيان آهي ته هڪڙي ڀيري پنج سؤ بلوچن جي دستي هڪڙي قافلي کي لٽيو. ٺٽو لاهري بندر کان چاليهن ميلن جي مفاصلي تي هو. جنهن قافلي سان هو همراهه هو، تنهن ۾ 15 سؤ اُٺ هئا. رستي تي مڪرانين حملو ڪيو، پر هئملٽن وٽ بندوقون هيون جنهن ڪري قافلو سلامتي سان ٺٽي پهتو. بلوچن جي خوف ڪري قافلي سرائون پٿرن ۽ سرن جي ديوارن جون جڙيل هيون، جن ۾ هڪ هزار مسافر جانورن ۽ گاڏين سميت اچي سگهندا هئا. سرائن کي هڪڙو دروازو هوندو هو، جنهن کي شام جو سراءِ جو عملدار بند ڪندو هو ۽ صبح جو 6 وڳي کوليندو هو. جيڪڏهن سراءِ اندر ڪا چوري ٿيندي هئي ته تيسين در ڪين کلندو هو جيسين چور مال مالڪن کي موٽائي نه ڏيندا هئا. موقعي سر بلوچ لاهري بندر کي ٻه لٽيندا هئا. هئملٽن جو بيان آهي ته هي شهر ديگهه ۾ 3 ميل ۽ ويڪر ۾ ڏيڍ ميل هو. ايشيا ۾ دولتمند واپار جو شهر

هو. وچ ۾ هڪڙو قلعو آهي جنهن ۾ فوجن لاءِ بئرڪون آهن. منجهس 5 هزار سوار لشڪر رهي ٿو. شهر ۾ نواب جو محلات آهي. هئملٽن پاڻ سان مالابار کان ڏهه هزار پائونڊن جو مال آندو هو. نواب حفيظ الله وٽس هڪڙو ڍڳو، پنج دنبا، ويهه ٻڪريون، ويهه ڪڪڙ، پنجاهه تتر، مٺائي ۽ ميوا مهماني طور موڪليا ۽ ملاقات لاءِ وقت مقرر ڪيائين. هئملٽن نواب کي هڪڙو پنجن پائونڊن جي قيمت جو آئينو، هڪڙي بندوق، ٻه گلٽ ڪيل پستول، هڪرو خنجر، ڪي تلوارن جا ڦر ۽ هڪڙي ٿالهي سوکڙين طور پيش ڪيا. ٺٽي جو شهر سنڌوندي جي ساڄي ڪپ تي ٽن ميلن جي مفاصلي تي الهندي طرف هو. جتان سنڌوندي اوڀرندي ۽ الهندي وارن شاخن ۾ ورهائجي ٿي اُتان چار ميل مٿيرو هو[1].

هئملٽن جي ڏينهن ۾ ٺٽي جو اوج منجهڻ تي هو. سندس بيان موجب شهر ۾ ڪوريئڻ جو تعداد اَسي هزار هو، جي ريشم ۽ ڪپڙي جو ڌنڌو ڪندا هئا. سندس اچڻ کان ٿورو اڳ اَسي هزار ماڻهو پليگ جو شڪار ٿي ويا هئا. سورت ۽ احمدآباد کان هت ڪپرو سستو هو. ٺٽي سرڪار وٽ چار هزار ٻيڙيون رهنديون هيون. هر هڪ ٻيڙي ٽن سون ٽنن جيترو مال کڻندي هئي. منجهس مسافرن جي رهائش لاءِ ڪمرا هئا. لاهور ۽ ملتان جو ٺٽي سان واپار ٻيڙين رستي هلندو هو. هڪ هزار مڻ لاءِ لاهور کان ٺٽي تائين ادائي سؤ رپيا ڀاڙو هو. اڳ في ٻيڙيءَ کي چار رپيا محصول ڏيڻو پوندو هو، هينئر عملدار ڇهه رپيا محصول وٺڻ لڳا. جنهن ڪري گهٽائي ملتان ۽ ٺٽي جا واپاري اپر سنڌ ڇڏي ويا. ٻيڙين وسيلي واپار ٽالپرن جي دور تائين جاري رهيو. هينري پاٽينجر حيدرآباد کان راڃي ديري ڏانهن ويندي 9 ڏينهن اندر 341 ٻيڙيون سامان سان پريل لنگهندي ڏٺيون هيون. ٺٽي ۽ لاهري بندرن تي هر هڪ شيءِ جي قيمت مقرر هئي. جڏهن ڪو ڌاريو مال جو جهاز لاهري تي پهچندو هو ته پريان توبون ڇوڙيندو هو. توبن جو آواز ٻڌي قاصد ٺٽي جي واپارين کي خبر ڏيندا هئا.

---

[1] Dr. R.Gupta: Latter Mughal History of the Punjab (1707-1793), P.11 Lahore, 1944

رستي تي قافلن جي سلامتي لاءِ سوارن جو پهرو بيهجي ويندو هو. ٺٽي ۽ احمد آباد جي وچ ۾ هفتيوار ٽپال جو انتظام رکيل هو. ٺٽي کان مارواڙ پالي ۽ جيسلمير ڏانهن رستا ويندا هئا. يورپ ۽ چين سان واپار هلڻ ڪري هي شهر ملتان ۽ لاهور کان واپار ڪري وڏيڪ دولت مند هو. بصره، بندر عباس، سورت، ملبار ۽ هندستان جا واپاري رهندا هئا. سنڌونديءَ جي شاخن ڪري شهر جي پرسان ننڍين ٻيٽن تي واپارين جا محلات هئا. هتي جو ڪپڙو سڄي هندستان کان بهتر هو. قلمي شوري جي في مڻ قيمت ڇهه رپيا هئي. ايسٽ انڊيا ڪمپني سنه 1799ع تائين ٺٽي، لاهري بندر، اؤرنگ آباد ۽ شاهبندر ۾ قلمي شوري جي صاف ڪرڻ لاءِ ڪارخانا کوليا هئا[1]. اورنگزيب شوري جي روانگي تي پابندي وڌي هئي. سندس چوڻ هو ته فرنگي اُن مان بارود ٺاهي اُهو مسلمانن تي استعمال ڪن ٿا. سنه 1650ع ۾ فرنگي بهار مان قلمي شورو خريد ڪرڻ لڳا.

**سنڌ ۽ ٺٽي جا ڪارخانا:**

هٽملٽن ٽي مهينا سنڌ ۾ رهيو، پوءِ گجرات جي رستي کان موٽي ويو. مٿئين عرصي ۾ هن سنڌ جي سيني شين ۽ هنرن کي جاچي ڏٺو. ٺٽي جي لذيذ پلن جي تعريف ڪري ٿو. سندس بيان آهي ته لوئر سنڌ جا رهاڪو چانور ۽ مڇي تي گذران ڪن ٿا. هتان ٻيڙين رستي سڪل مڇي سنڌ جي ڪُوٺن ڏانهن وڃي ٿي. مهاڻا ٻيڙين کي مڇيءَ جي چربي مکين ٿا. ڪراچي سمنڊ جي مڇين مارڻ جي مياڻي هئي. ميمڻ واپاري سڪل مڇي عربستان جي بندرن ۽ زنگبار ڏانهن موڪلين ٿا. سنڌ ۽ پنجاب مغليه دور ۾ چمڙي جي هنر ڪري مشهور هئا. سنڌ ۾ بهترين گهوڙن جون زينون، اُٺن جا ڪجاوا جڙندا هئا. چمڙي رڱڻ کان سواءِ گلڪاري ۽ نقاشي جو ڪم به چمڙي تي ٿيندو هو. سنڌ جون نرم چمڙي

---

[1] لاهري بندر جو منهن آهستي آهستي واريءَ سان پرجڻ لڳو. تنهنڪري غازي اورنگزيب 52- 1648ع ۾ ملتان جي نائبي جي زماني ۾ ڪڪرالي علائقي ۾ نئون بندر اؤرنگا آباد تعمير ڪرايو هو. هت بحرين، مسقط، ڪنيات ۽ سورت جا واپاري رهندا هئا.
J.Sarkar: Aurangzeb, Vol.I, PP.114-125

جون بستري چادرون مشهور هيون. ٺٽي جي چمڙي جا دستانا مشهور هئا. اڪثر جنگجو بلوچ خريد ڪندا هئا. هت ڪرمان جي پشم مان شالون به جڙنديون هيون. هٿملٽن چمڙي جي گيهه جي دٻن جو ذڪر ڪري ٿو، جن ۾ پنجن سيرن کان وٺي ٻن مڻن تائين گيهه ماپندو هو. منجهن سڄو سال گيهه تازو رهندو هو. جيڪي به مغربي سياح آيا سي لکن ٿا ته سنڌ ۾ ميوا، مڇي ۽ چوپايو مال، گيهه اڪيچار هو. سنڌ جون کلون ۽ رڱيل چمڙو ٻاهرين ملڪن ۾ "سنڌو" سڏبو هو. ٺٽي جي لنگين، ڇيٽن ۽ بافتي جي يورپ کي ضرورت هئي[1]. يورپين سياح ٺٽي جي ڊالن جي تعريف ڪن ٿا. هتي جا پلنگ به مشهور هئا.

**سيوهڻ:**

برابر هڪ صدي تائين سنڌ يورپ کي ڪپڙو پهچائڻ لڳو. سيوهڻ نير جي پيداواري جو مرڪز هو. مغليه دور هت نير اٽ آني في سير وڪامندو هو. هن شهر ۾ هڪ هزار ڪوري بافتو اُڻندا هئا. بوبڪ، سيوهڻ ۽ سن کان سنه 1639ع ۾ هڪ هزار مڻ نير ٺٽي پهتو. اهو نير ايسٽ انڊيا ڪمپني خريد ڪيو. سيوهڻ جي نير جي پائونڊ جي قيمت لاهور ۾ اٺ پينس، احمدآباد ۾ 9 پينس هئي. سنه 1660ع ۾ ايسٽ انڊيا ڪمپني کي مٿيون نير خرچ سميت سورت ۾ ساڍا 12 پينس جي حساب سان پهچندو هو. سيوهڻ ڪانپور، گجرات ۽ آگري جو نير به سٺو هو. نير جي پيداوار ڪانسواءِ هالن پراڻن ۽ سيوهڻ ۾ ڪاشيءَ جو سرن تي سٺو ڪم ٿيندو هو. اهي سرون اڪثر اوليائن جي درگاهن تي لڳنديون هيون.

**نصرپور:**

ٺٽي کان پوءِ نصرپور، درٻيلو، ڪنڊياري، گمبٽ ۽ روهڙي ۾ ڪپڙي جا ڪارخانا هئا. نصرپور ۾ 3 هزار ڪوري جوڙيون ۽ بافتو اُڻندا هئا. ٺٽي جا واپاري نصرپور ۽ درٻيلي جون جوڙيون ڏيئي لاهور مان مصري ۽ کنڊ خريد ڪندا هئا. جان سپلر سنه 1644ع ۾ ڇهه هزار تاڪيا

---

[1] Postan's Personal observation on Sindh, PP.264-65, 1843

نصرپوري بافتي جا ايسٽ انڊيا ڪمپني لاءِ خريد ڪيا. چاڪاڻ جو نصرپوري تاڪيا ويڪر ۽ ڊيگهه ۾ ڪندياري جي تاڪين کان وڏا هئا. گمبٽ جو ڪپڙو سڏو ولايت ويندو هو. بکر، گمبٽ، درٻيلو، روهڙي، ڪنديارو، نصرپور، سيوهڻ، سن ۽ ٺٽي ۾ هنرن جا ڪارخانا هئا.

**روهڙي:**

سنہ 1609ع ۾ روهڙي سوٽي ڪپڙي، ريشم ۽ نير جي واپار جو مرڪز هو. شاهه بيگ ارغون بکر جي قلعي مان رضوي ساداتن کي اُتاري روهڙي ۾ زمينون ڏنيون، جنهنڪري بکر کان پوءِ روهڙي رونق ورتي. شڪارپور ۽ بکر ۾ سردي جي موسم ۾ خراسان جا قافلا ايندا هئا. چوپايو مال سنڌ ۾ گهڻو هو. عيسوي 18 صدي تائين ايسٽ انڊيا ڪمپني سنڌ مان چوپايو مال ٻاهر موڪليندي هئي. ڳئن ۽ مينهن جي گهڻائي جي ڪري سنڌ ۾ کير، گيهه سستو ۽ جام هو. هتي جو گيهه هندستان جي ملڪن ۾ سنڌي گيهه جي نالي سان مشهور هو. سنڌ ۾ في ڪڪڙ جي قيمت هڪ آنو ۽ في دنبي جي قيمت هڪ روپيو هئي. ڪنڍ، گيهه ۽ چانور اهي ٽي شيون وڏيڪ سستيون هيون[1]. ناٿن ڪرو جي بيان موجب لاڙ ۾ اُٺن جي پرورش ٿيندي هئي[2]. ڪمپني جا عملدار ديسي ڪارخانن جي مالڪن کي ايڊوانس (دادن) ڏئي فوجدارن ۽ ڪوتوالن معرفت ڪم وٺندا هئا. سنڌي مهمان نواز ۽ صلح پسند هئا[3]. سنہ 1697 -1702ع پنجن سالن اندر ايسٽ انڊيا ڪمپني هندستان مان 8 لک پائونڊن جو مال ٻاهر روانو ڪيو. 18 صدي جي وچ ڌاري انگلينڊ ۾ مشينن تي ڪپڙو تيار ٿيڻ لڳو ۽ اهو هندستان ۾ اچڻ لڳو جنهنڪري ديسي ڪپڙي جي ڪارخانن کي ڌڪ لڳو. اڳ ٺٽي جي ريشمي لنگين جو هندستان ۾

---

(1) H.T. Sorely: Shah Abdul Latif of Bhit, P. 40

(2) J.Sarkar: Mughal Administration (Second Series), PP. 71-81, 1925

(3) Bombay Government records, No. XVIII, New Series Part II, P. 425, 1836

ولايت ۾ ملهه هو. هينئر انگريزي مال اچڻ ۽ ١٠٠ بدلجڻ ڪري سندن قدر گهٽجي ويو[1].

**روانگي ۽ آمدني جون شيون:**

نيں ڪپڙو ريشم، لوڻ، قلمي شورو، چمڙو، مڇي، گيهه ۽ چوپايو مال سنڌ مان روانگي جون شيون هيون. انگريزي سامان مخمل، اوني ڪپڙو، کنڊ، مصالحه، ڌاتو بمبئي کان ڪتا، ريشمي ڪپڙو، مارواڙ، گجرات ۽ ملتان کان رنگ، جڙي ٻوٽيون، ميوا خشڪ ۽ تازا خراسان ۽ پنجاب کان ايندا هئا. اپر سنڌ مان سفيد چانور ۽ گيهه لوئر سنڌ کي پهچندا هئا. لوئر سنڌ مان ڳاڙها چانور، مڇي، چمڙو ۽ هٿيار اپر سنڌ ڏانهن ويندا هئا. شڪارپور جو واپار قنڌار، خراسان ۽ بخارا سان هلندو هو.

**مغلن جي ڏينهن ۾ ملڪي انتظام:**

مغلن جي ڏينهن ۾ هندستان سرڪار پرڳڻن ۽ محالن ۾ ورهايل هئي. سرڪارن مٿان نواب حڪومت هلائيندا هئا. سنڌ بکر ۽ ٺٽو ٻن سرڪارن ۾ ورهايل هو. ٻئي ملتان صوبي جي ماتحت هئا. ٺٽو سرڪار پنجن حصن ۾ ورهايل هئي. 1. ٺٽو 18 محالن ۾ ورهايل هو. سندس ساليانى ڍلن جي آمدني 29999991 دام هئي. 2. حاجڪان 11 محالن ۾ ورهايل هو. ساليانى آمدني 11784586 دام هئي. 3. سيوهڻ 9 محالن ۾ ورهايل هو. ساليانى آمدني 15546808 دام هئي. 4. نصرپور 7 محالن ۾ ورهايل هو. آمدني 7835600 دام هئي. 5. چڪرالو 8 محالن ۾ ورهايل هو. آمدني 5085048 دام هئي. بخشي (خزانچي)، صدر الصدور، منتصب وڏا عملدار هئا. سندن هيٺيان عامل، قانون گو، فوجدار، ڪوتوال، قاضي، منصف عملدار هئا. امين، داروغا، محالڪار، چوڌري، مقادم، پٽواري، زميندار، قلعيدار ڪم ڪندا هئا. مغليه لشڪر چئن قسمن ۾ ورهايل هو: (1) سرڪاري (2) منصب داري (3) داخلي (4) عهدي. افغان، سيد، راجپوت ۽ بلوچ فوجن ۾ ڀرتي

---

[1] J.Burnes: A vist to the court of Sindh in 1828, PP. 66-67

ٿيندا هئا. بلوچ اڪثر سرڪشي ڪندا هئا. سنہ 1649ع ۾ ملتان جي نائبي جي زماني ۾ اورنگزيب بلوچ سردارن کي ويڙهائڻ جي ڪوشش ڪئي. هو نوحاڻين، هوتن، نومڙين ۽ جوڪين کي ڪمزور ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿيو. پر پوءِ نوابن کي ساڻن دوستي رکڻ ڪانسواءِ ملڪ جي سلامتي لاءِ خطرو محسوس ٿيڻ لڳو. اڪبر اعظم جي زماني کان سنڌ جي داخلي ۽ بيروني سلامتي ۽ امن امان برقرار رکڻ جو سمورو بوجهہ بلوچي سردارن جي ڪلهن تي هو. ڪلمتي ويهہ هزار سوارن سان سنڌ جي ڪوهستاني سرحد جي حفاظت ڪرڻ لاءِ مامور هئا. اُتر ۾ بليدي ۽ جتوئي ارغونن جي زماني کان قنڌار تائين جنگين ۾ شرڪت ڪندا هئا. هر هڪ سردار وٽ هزار سوار فوج تيار رهندي هئي، جن کي سرڪاري بخشي پگهار ڏيندا هئا. مٿيون حڪومتي نظام انگريزن جي اچڻ تائين سنڌ ۾ رائج رهيو. بلڪ کي عهدا انگريزن بہ بحال رکيا[1]. چانڊين جو زور ٽوڙڻ لاءِ ميان نورمحمد لاڙڪاڻي ۾ قلعو تعمير ڪرائي ڏهہ هزار ڪوسا شاهہ بهاري جنجڻ پنهنجي سپهہ سالار جي سرڪردگي موجود رکيا هئا.

**ڪوسن جي جاگير:**

ڪوسن کي سون مياڻي همايون جاگير ڪري ڏنو هو. صوبہ سرحد ۾ سنڌن سرداري قائم هئي. اپر سنڌ ۾ بکر، شڪارپور ۽ لاڙڪاڻي تائين لُٽ مار ڪندا هئا. ميان الياس ڪوسن جي سردار روحل خانِ کي پنهنجو طرفدار ڪيو. سندس فرزند ميان نصير محمد هن کي جاگير ڏني. سنڌ جي ڪوسن جو شجرو هن ريت آهي:-

[1] ٽالپرن جي صاحبي ۾ لاڙڪاڻي جي قلعي ۾ چانڊين ۽ بروهين جي مقابلي لاءِ توبخانو رکيل هو. ڪوسا هالاڻي جي فيصلي ڪن جنگ تائين ڪلهوڙن سان وفادار رهيا. شاهہ بهاري جو قبو لاڙڪاڻي ۾ آهي، ڏسو تاريخ بلوچيان، غلام رسول خان قرائي، ذڪر ڪوسا.


رحيم خان
بجر — جيوڻ
امام بخش — مير حسن
قادر بخش
رحيم خان

اسماعيل
روحيل
راجو
ٺيري
عالم خان — روحل
جام چتو
روحل
دلاور

**نظاماڻين کي جاگيرون:**

ميان نورمحمد سنڌ هٿ ڪرڻ کان پوءِ بلوچن کي طرفدار ڪرڻ لاءِ مختلف قبيلن سان چڱا پير ڪنيا. رند جي قبيلن مان نظاماڻي جي ٽالپرن جي شاخ آهن، مرين، جمالين ۽ لغارين کان وڌيڪ محنتي هئا. ٽالپرن سان مائٽي هئڻ کان سواءِ ڪلهوڙن جي دربار ۾ ڪين وڏا رتبا مليل هئا. تلاه خان نظاماڻي ميان نورمحمد جو صلاحڪار هو ۽ غلام علي خان چار هزار فوجي دستي مٿان سپهه سالار هو. غلام حسين خان ميان جو مکيه ڪاردار هو. نظاماڻين جو مورث اعليٰ نظام خان کي گوني، ديره محبت، عمرڪوٽ، بدين، گهوڙا ٻاري، شهدادپور، موري تعلقن ۾ جاگيرون هيون. سنڌ ۾ سندن ست پاڙا مشهور هئا: 1. اسماعيلاڻي، 2. مبارڪاڻي، 3. بهليلاڻي، 4. ڪرماڻي، 5. عالوداڻي، 6. فتوناڻي، 7. لشڪراڻي. منجهانئن بهليلاڻي مير گاگن جو اولاد هئا، جو نظام خان جو پاءُ هو. نظاماڻين جو شجرو هن ريت آهي:-

مير جلال خان
جتو — هوت — قرائي — لاشار — رند
رند
ميرحسن
پهلوان
نوتڪ
سوهگ




## مغليه دور ۾ واپار جو طريقو:

ايسٽ انڊيا ڪمپني جو ٺٽي وارو تجارتي عملدار ريزيڊنٽ سڏبو هو. ڪيس 2 سؤ پائونڊ ساليانو پگهار ملندو هو. وٽس هڪڙو ڊاڪٽر به رهندو هو. ڊاڪٽر جي غيرحاضري ۾ وقت بوقت ديسي حڪيم به نوڪر رکندا هئا. ٺٽي جي هڪڙي ديسي حڪيم حاجي محمود کي ڪمپني پاران 15 رپيا پگهار ملندو هو ۽ دوائن جو خرچ جدا ملندو هئس. انگريزي مال ايجنٽن ۽ دلالن معرفت سنڌ جي شهرن ۾ نيڪال ٿيندو هو. ڪمپني جي دفتر جا نوڪر سنڌي ۽ فارسي دان هئا، جن کي ساليانو پنجاهه پائونڊ پگهار ملندو هو. ريزيڊنٽ وقت جي نوابن ۽ حاڪمن سان فرمان موجب ملاقاتون ڪري سگهندو هو. ڊچن جي اچڻ کان پوءِ نواب ٿورن فرنگين کان ريشمي ڪپڙن ۽ جواهرات تائين رشوتون وٺندا هئا. ڪمپني جا ملازم خانگي طور سون ۽ چاندي تائين واپار ڪندا هئا. سندن هندو ايجنٽ ۽ دلال به سندن معرفت موجون ماڻيندا هئا. بعض خانگي ڏنڌن ۾ ساڻن ڀائيوار هئا. بئنڪن جو ڪم ملتاني صراف ڪندا هئا. ٺٽي ۾ واپارين جا گدام هئا[1]. نولداس، ڀميومل ڪمپني جا به گماشتا هئا، جي

(1) Sarkar: Mughal Administration (Second series), PP. 71-81

H.L. Rawlinson: British Beguning in western India, (1559-1657), 1920

ملتان ۽ لاهور تائين واپار ڪندا هئا. ڪمپني جو صدر مقام سورت هو. هندو دلال هوليءَ جي موقعي تي ريزيڊنٽن کي خوش ڪرڻ لاءِ سوکڙيون ڏيندا هئا. عيد جي موقعن تي مسلمان نوڪرن کي به خوش رکندا هئا. سنه 1687ع ۾ ڪمپني سنڌ مان 250، 400 ڳنڍڙيون سُٽ جون 46000 ڳنڍڙيون چيٽن جون سنڌ مان بمبئي ۽ سورت روانيون ڪيون.

**سڪن جي متا ستا:**

سڪن جي متا ستا لاءِ بئنڪون ڪليل هيون. بني اُميه دور ۾ سنڌ ۾ چئن قسمن جا سڪا رائج هئا: 1. حجاجيه. جيڪي حجاج بن يوسف رائج ڪيا هئا. 2. خالديه جيڪي خالد القسري رائج ڪيا هئا. 3. هبيريه جيڪي ابن هبيره رائج ڪيا هئا. 4. يوسفي جيڪي يوسف بن عمر رائج ڪيا هئا. عربي حڪومت جي زوال کان پوءِ سومرن ۽ سمن جي زماني ۾ سنڌ دهليءَ جي ماتحت رهي. غلام، خلجي، تغلق ۽ مغلن جي دور ۾ جيتل، دام، ٽنڪ ۽ اشرفين جو رواج هو. عباسي ۽ محمدي صفويه ايران جا سڪا هئا. هندستان ۾ مٿيان سڪا رائج هئا. هر هڪ واپاري کي غير ملڪي سڪا سنڌ جي بندرگاهن تي پهچڻ کان پوءِ مغليه سڪن ۾ بدلائڻا پوندا هئا. سنه 1644ع ۾ جان سپلر کي 65 هزار عباسي سڪا ڪپڙي خريد ڪرڻ لاءِ ٺٽي ۾ بدلائڻا پيا. سنه 1659ع ۾ اورنگزيب جي پائرن سان تخت ۽ تاج لاءِ جنگ ڪرڻ ڪري سنڌ ۾ سميجن ۽ بلوچن جي فسادن، ڏڪر ۽ پليگ ڪارڻ ملڪ تباهه ٿيڻ لڳو. سنه 1699ع ۾ هٿملٽن جي اچڻ کان ٿورو اڳ اسي هزار ماڻهو پليگ ڪري رڳو ٺٽي جي شهر ۾ موت جو ڪاج ٿي ويا. بدامني، بيماري ۽ ڏڪر ڪري سنڌ جو واپار بند ٿي ويو[1]. جام نندي جي ڏينهن ۾ ٺٽي جي آبادي هڪ لک ويهه هزار هئي. مغليه دور ۾ بہ لکن کي پهتي[2].

**ڏلن جا قسم:**

---

[1] Bal Krishna: Commercial relations between India, and England, (1601-1757), P 252

Dr. R.Gupta: Latter Mughal History of the Panjab.

[2] هٿملٽن جي ڏينهن ۾ سنه 1699ع ۾ ٺٽي جو اڌ شهر پليگ ڪري اڳيئي ويران ٿي چڪو هو. تنهن هوندي بہ اڌ شهر جي آبادي اٽڪل سوا لک هئي.

مغلن جي ڏينهن ۾ سنڌ ۾ جيڪي ڍلن جا قسم رائج هئا، تن جو رواج مغلن کان اڳ هندستان ۾ رائج هو. هيٺ مختصر بيان ڏجي ٿو: 1. غلہ بخش- زمين تي ڍل جا ٽن قسمن جي هئي. 1. اُهي زمينون جيڪي درياءَ جي ڪپ تي هيون. 2. اُهي جيڪي واهن ۽ کوهن تي هيون. 3. جنگل شڪافي يعني اُهي زمينون جيڪي جهنگلن کي صاف ڪري آباد ڪبيون هيون. مغل زمينن جي پيداوار جو ٽيون حصو ڪٽندا هئا. ڪن ديرن مان عملدار ڪٽ ڪري اُن ڪٽندا هئا. عملدارن جي اچڻ کان اڳ ديرن ڪٽڻ جي سخت منع هئي. آفيم ۽ نير جي پوکن وارين زمينن تي في جريب اُسي رپيا ڍل وٺندا هئا. آبڪلاٽي ڪري آمدني گهٽجي ويندي هئي. شهزادي اورنگزيب ملتان جي نوابي جي زماني ۾ آمدني کان خرچ وڌي وڃڻ ڪري دهلي دربار کان خرچ لاءِ گهُر ڪئي هئي، پر شاهجهان وڌيڪ پئسن ڏيڻ کان انڪار ڪيو هو. ڍلن تان مغليہ دربار ۽ سنڌ جي نوابن ۾ اڪثر اٽبڻت رهندي هئي[1]. (2) پيشڪش- مهاجن هندو واپار ساليانو پنجن کان وٺي ڏهن رپين تائين ڍل ڀريندا هئا. (3) سرشماري- ڪاريگر جهڙوڪ رنگرين، لوهار، واڍا ساليانو 31 رپيا ڀريندا هئا. قاضين، ساداتن، پيرزادن، بلوچن ۽ سرڪاري عملدارن کي اهڙي ڍل معاف هئي. (4) هوائي- اُها ڍل جيڪا ٻڏل ٻيڙي جي نڪتل سامان تي سرڪار وٺندي هئي. (5) فروعي- اُٺن ۽ چوپائي مال جي وڪري تي ڍل. (6) چرخي- کوهن وارين زمينن کي نارن لاءِ ڀرٽي پوندي هئي. (7) اجراه ڪلابا- تلائن ۽ ڍندن تي آباد ٿيندڙ زمينن کي ڀرٽي پوندي هئي. (8) سرد رختي- ميوي دارن وڻن جي آمدني اڌ يا ٽيون حصو سرڪار ڪٽندي هئي. جيسين ميوي داروڻ تيار ٿين تيسين مالڪن کي في وڻ تي هڪ آنو ڪاردار کي ڏيڻو پوندو هو. (9) ترازو- دڪاندارن کي شين جي وڪري تي ڍل ڏيڻي پوندي هئي. (10) شڪار ماهي- مهاڻا مڇي جي شڪار لاءِ ڀريندا هئا. (11) سلامتي ڪشتي- في ٻيڙي کي سلامتي سان بندر تي پهچڻ عيوض 4 آنن کان 6 آنا ڍل ڏيڻي پوندي

---

[1] W.H. Moreland: Akbar to Aurangzeb, P. 285, 1923

هئي. اُٺ يا گهوڙن کي سلامتي سان بيڙين رستي پهچڻ تي بہ ڍل ڏيڻي پوندي هئي. (12) مويشي- اُٺ، گهوڙي، خچر، ڳئون، ڍڳي جي وڪري تي في جانور هڪ آنو سرڪاري ڍل ڀڌل هئي. (13) ريزڪي- ريزڪي وڪڻندڙ واپارين کي في صدي مال وڪڻڻ تي پنج رپيا سرڪار کي ڏيڻا پوندا هئا. هر هڪ خريدار کي في رپيہ تي هڪ آنو ڍل ڀرڻي پوندي هئي. (14) پن چري- سرڪاري زمينن تي مال چارڻ في اُٺ تي ماهوار اٺ آنا، في مينهن تي 4 آنا، رڍن ۽ ٻڪرين لاءِ هڪ آنو مقرر هو. (15) اجاره شراب- شراب جون ڀٽيون رکندڙن کي ڍل ڏيڻي پوندي هئي. نيرن ڪوٽ، سيوهڻ، شڪارپور ۾ شراب جون ڀٽيون هيون. انگور، کجور، مشڪ، ڪتل، سونف، زعفران، گلاب، ڳڙ ۽ ٻير جي چوڏين مان شراب جُڙندو هو. انگوري شراب فقط نيرن ڪوٽ ۾ جڙندو هو. گتن وارن کي بہ ڍل ڏيڻي پوندي هئي. (16) اميني- ٻن ڌرين ۾ ملڪيت جي فيصلي لاءِ سرڪار کي چوٿون امين ڪرڻ لاءِ ڍل ڀڌل هئي. (17) گمرگ- (ڪسٽم) جيڪي گمرگ ڪاتي کي ڍل ڀياريندا هئا تن کي مزدوري طور سرڪار پاران عيوضو ملندو هو. هڪ لک رپيا ڍل ڀريندڙ کي 12 هزار رپيا مزدوري طور اجورو ملندو هو. گمرگ ڪاتي جا عملدار بلوچي سپاهين جي زور تي رشوت وٺندا هئا. انگريزي واپاري نوابن جي بيگمن تائين محصول جي گهٽتائي لاءِ رشوت ڏيندا هئا. لاڙڪاڻي ۾ ڪاغذ جا ڪارخانا هئا. جن کي ساليانو اٺ رپيا 12 آنا ڍل ڏيڻي پوندي هئي[1].

## علمي ادبي ڪارناما:

اسين اڳ لکي چڪا آهيون تہ سنڌي زبان سومرن جي صاحبي جي زماني ۾ پراڪرت کان ڇڄي ڌار ٿي. مغليہ دور ۾ مخدوم نوح

[1] ڍنين مان ٻھ، لوڙھ، پکين جي شڪار لاءِ بہ ڍل ڏيڻي پوندي هئي. ويهين صدي ۾ ڍل خشڪيءَ رستي مڇي جي واپارين کي ڍل ڀرڻي پوندي هئي. بندرگاهن تان مڇي، بيڙين رستي ٻاهر موڪلڻ تي هڪ سؤ رپين جي مڇي لاءِ 9- 10- 13 رپيا ڍل روانگي تي مقرر هئي. اهي ڍلون ٽالپرن جي صاحبي تائين قائم هيون.

Bombay Government records, Selections, XVII, (New series), Part. II, P. 596

هالائيؒ ۽ شاهه عبدالڪريم بلڙيؒ جي سنڌي ڪلامن شهرت حاصل ڪئي. سنڌي زبان عربي خط ۾ رائج ٿي. مغليه دور ۾ سرڪاري زبان فارسي هئي. دفترن جو ڪاروبار سمورو فارسي ۾ هلندو هو. تنهن هوندي به سنڌي خط جو رواج هو. ڪمپني جي ملازمن لاءِ سنڌي ۽ فارسي سکڻ لازمي هو. ٺٽي ۾ چار سؤ مدرسا هئا. جتي عراق، فارس، خراسان جا علماءِ ڪرام رهندا هئا. شيخ عمر ٺٽوي وڏو محدث ٿي گذريو آهي.

**ملا احمد بن نصرالله:**

اڪبري دؤر ۾ "صدر الصدور" شيخ مبارڪ ناگوري (سنڌي) سندس شاگرد هو. ملا احمد بن نصرالله اڪبري دؤر ۾ تاريخ الفي تصنيف ڪئي[1].

**علامہ فيضي:**

مغليه فارسي شاعري هندستان ۾ ڇهه سؤ ورهين جي وڏي مدي ۾ فقط به شاعر پيدا ڪيا. خسرو ۽ ملڪ الشعرا فيضي. فيضي جي مدح ۾ علي نقي ڪمره 35 شعر اصفهان مان لکي موڪليا. فيضي ۽ ابوالفضل جي دربار اڪبري جا نورتن هئا شيخ مبارڪ جا فرزند هئا[2] ۽ سنڌي هئا.

**محمد جعفر:**

مخدوم محمد جعفر بوبڪائي عربي زبان ۾ هڪ رسالو "حل العقود في طلاق السنود" نالي لکيو. جنهن ۾ سنڌي زبان جي انهن جملن ۽ لفظن تي بحث ڪيل آهي، جن سان طلاق ٿي سگهي ٿي.

**مخدوم ابوالقاسم:**

مخدوم ابو القاسم نقشبندي ٺٽوي جيڪو ٺٽي جي مشهور عامل ڪامل مخدوم آدم جي صحبت ۾ تصوف جون منزلون طئي ڪري شاهه سيف الدين سرهندي جي خدمت ۾ پهتو. اُتان فيض پرائي ٺٽي آيو.

---

[1] ڏسو منهنجو مضمون "الوحيد" هفتيوار ايڊيشن 1 سيپٽمبر 1947ع، ص 7 ڪراچي

[2] شعر العجم: شبلي، جلد 3، ص 28، ذڪر فيضي

جتي وڏا وڏا علماءِ بہ سندس معتقد ۽ مريد ٿيا. مخدوم محمد هاشم ٺٽوي جهڙو بلند پايہ عالم بہ سندس بي حد معتقد هو. دهلي، سورت ۽ احمد آباد ۾ سندس مريد ۽ خليفا هئا. سنہ 1138هہ ۾ هن دنيا مان رحلت فرمائي ويو. هو محمد شاھ جي زماني ۾ ٿي گذريو.

**شاھ عنايت:**

شاھ عنايت صوفي ميران پور (جهوڪ) جو صوفي جنهن جي فقر ۽ فقيري جو غلغلو فرخ سير جي دربار تائين پهتو هو. جنهن کي زميندارن ۽ ڪلهوڙن جي چرچ تي ٺٽي جي نواب اعظم خان 1130هہ ۾ شهيد ڪرايو. نواب جي روبرو صوفي صاحب جيڪي سوالن جا جواب ڏنا تن کي مير علي شير قانع "مقالات الشعراءَ" ۾ نقل ڪيو آهي. جنهن مان هن صوفي درويش جي بزرگي ۽ ڪماليت معلوم ٿئي ٿي.

**شيخ طيب:**

شيخ طيب سنڌي جنهن اڪبر اعظم جي زماني ۾ سيد عبدالاول حسيني شارح صحيح بخاري کان احمد آباد ۾ حديث جي تعليم ورتي. شيخ عبدالاول بيرم خان جي چوڻ تي بخارا کان گجرات آيو هو. استاد جي وفات کان پوءِ شيخ طيب پنجاھ ورهين تائين ايلچ پور ۽ برهان پور ۾ فن حديث شريف جي خدمت ڪرڻ لڳو.

**شيخ عبدالله ۽ شيخ رحمت الله:**

مغليہ شيخ عبدالله بن سعد الدين متقي ۽ شيخ رحمت الله بن عبدالله ٻئي سنڌي بزرگ هئا. جن کي آب و دانہ جي ڪشش سنڌ مان ڇڪي احمد آباد آندو. سندن علميت جو ڏونڪو دهلي تائين وڃڻ لڳو. شيخ بهلول دهلوي سندن فضل ۽ ڪمال جي ٻڌي گجرات اچي سندن شاگردي ۾ رهيو. پوءِ فارغ ٿي دهلي ۾ فن حديث جي تعليم ڏيڻ لڳو.

**شيخ ابوالحسن:**

شيخ ابوالحسن بڪري جيڪو مڪي معظمہ ۾ اڪبر اعظم جي زماني ۾ فن حديث جو وڏو عالم ٿي گذريو. علامہ ابن حجر مڪي جو همعصر هو. شيخ ابوالحسن بڪري جي رتبي لاءِ ايترو چوڻ ڪافي ٿيندو تہ

علامہ مجدالدين محمد بن طاهر فتني سندس شاگرد هو. جنهن جي تصنيفات مان لغت حديث ۾ "مجمع بحار الانوار" علمائن جي راءِ موجب صحاح ستہ جي شرح آهي. تنهن کانسواءِ سندس پيا ڪتاب "المغنيٰ في اسماءِ الرجال" ۽ "تذڪرة الموضوعات" بي مثل ڪتاب آهن. سنڌي عالم جو هي شاگرد رشيد سنہ 986ھ ۾ شهادت جي رتبي کي پهتو. متئين بيان مان پڙهندڙ مغليہ دور جي سنڌي عالم سڳورن جي بزرگي ۽ بلند مرتبي کي معلوم ڪري سگهندا، جن حجاز، گجرات، سنڌ، دکن ۽ دهلي جي دربار تائين ناموري حاصل ڪئي[1]. علمائن جي ذڪر کان پوءِ هن دؤر جي مؤرخن جو ذڪر ڏجي ٿو. مير معصوم ابن سيد صفائي ترمذي جيڪو اڪبر اعظم پاران بکر جو نواب هو، تنهن سنہ 991ھ/1583ع ۾ فارسي ۾ تاريخ معصومي تصنيف ڪئي. منجهس مرزا جاني بيگ جي شڪست تائين جو بيان ڏنل آهي[2]. سيد صاحب سسئيءَ پنهون جي قصي کي فارسي ۾ نظم ڪري مٿس "مثنوي حسن و ناز" نالو رکيو. ساڳي قصي کي ڪتياڻ جي قاضي مرتضيٰ سورٺي محمد شاھ جي ڏينهن ۾ ٻيهر فارسي ۾ نظم ڪيو.

**مير طاهر محمد:**

مغليہ جهانگير جي زماني ۾ مير طاهر محمد نسياني بن سيد حسن قنڌاري 1030ھ/1621ع ۾ ٺٽي ۾ "تاريخ طاهري" فارسي ۾ تصنيف ڪئي، منجهس مرزا غازي بيگ جي زماني تائين بيان ڏنل آهي. هن مارئي جي قصي کي بہ فارسي ۾ لکيو. مومل- مينڌري جي قصي کي ملا مقيم فارسي ۾ نظم ڪيو.

---

[1] مخدوم محمد جعفر بوبڪائي، مخدوم ابوالقاسم ۽ شاھ عنايت لاءِ ڏسو "الوحيد سنڌ آزاد نمبر" 15- جون 1936ع، باقي ٻين بيان ڪيل علمائن لاءِ ڏسو ياد ايام: مولانا حڪيم سيد عبدالحي، ص 34-72، شاهي پريس لکنؤ، 1926ع

[2] مسٽر ننديرام سيوهاڻي سنہ 1861ع ۾ هن تاريخ جو سنڌي ترجمو ڪيو. علامہ دائودپوٽي سنڌ جي موجوده تعليم کاتي جي وڏي عملدار تاريخ معصومي کي ٻيهر فارسي ۾ تصنيف ڪيو.

**سيد قاسم:**

مغليہ امير سيد قاسم خان ترمذي بيگلار جو مرزا شاھ ارغون جي زماني ۾ سنڌ ۾ آيو ۽ هتي جي پاٽي قبيلي مان شادي ڪيائين. تنهن 1017ھ کان 1036ھ/1628ع تائين ترخان خاندان جي تاريخ لکي، جا "بيگلار نامہ" سڏجي ٿي. غازي اورنگزيب جي ڏينهن ۾ سيد جمال الدين بن مير جلال الدين حسيني سنہ 1654ع ۾ ترخان نامہ فارسي ۾ لکيو. مصنف "تاريخ السند الهند" ۽ "تاريخ طاهري" تان روشني ورتي آهي[1]. گويا مغليہ دؤر ۾ سنڌ جون ٽي قديم فارسي تاريخون لکيون ويون.

**مغليہ دؤر جا يادگار:**

مغليہ دؤر ۾ هندستان فن عمارت سازي ۾ گهڻي ترقي ڪئي. دهليءَ جي ٺٽي ۽ بکر جي نوابن سري ۽ لاڙ ۾ جيڪي عمارتون تعمير ڪرايون، سي هن وقت بہ قابل يادگار آهن. افسوس! جو فرگوسن پنهنجي تاريخ عمارت سازي جي ٻن جلدن ۾ سندن ڪو ذڪر ڪين ڏنو آهي. ڪجهہ عمارتون آثار قديمہ جي کاتي جي نگراني هيٺ آهن. هت سندن مختصر بيان ڏجي ٿو.

**روهڙي:**

مغليہ روهڙي جي جامع مسجد جا موءِ مبارڪ پرسان هڪڙي پُرفضا هنڌ تي آهي ۽ متس ٽي گنبذ آهن. سا اڪبر جي بکر جي نواب فتح خان سنہ 992ھ ۾ تعمير ڪرائي. اڪبري دور جو امير سيد محمد معصوم بکري سنڌ جي زنده جاويد بزرگن مان آهي. عمارت سازي سان کيس شوق هو. تبريز، اصفهان، آگري تائين سندس ڪتبا ۽ مسجدون موجود آهن. تنهن کان سواءِ ناگور، ماندو بيانہ، برهانپور، اوچين ۽ ٻين

---

[1] Kalichbeg Fredunbeg: The Chachnamah, Preface, P. 11, 1900

H.T. Sorely: Shah Abdul Latif of Bhit, PP. 15-16, 1940

هنڌن تي بہ سندس ڪتبا ڪيترين جاين تي لڳل آهن.[1] بکر ۽ سکر تہ سندس وطن هو، جن کي سينگارڻ جو کيس شوق لڳل هو. خان خانان سان گڏجي هن سنڌ جو مغربي حصو فتح ڪري سنہ 1000هہ ۾ فارغ ٿيو. سنہ 15-1014هہ ۾ سندس انتقال ٿيو. روهڙي جي ڏکڻ اولهہ طرف ٽڪري تي عيدگاهہ تعمير ڪرايو، جنهن جي اولاهين ڪنڌ تي گنبذ جڙيل آهن، جو سنہ 1002هہ ۾ تعمير ٿيو. سنہ 1007هہ ۾ بکر جي سامهون درياءَ ۾ هن ستياسر نالي گنبذ تعمير ڪرايو.

**سکر:**

مغليہ سنہ 1003هہ ۾ مير صاحب سکر جي معصومي مناري جو ڪم شروع ڪرايو. سندس انتقال کان پوءِ سندس فرزند مير بزرگ 1027هہ ۾ پورو ڪرايو. هي منارو هڪڙي ٽڪري تي 84 فٽ ڊگهو آهي. عام روايت آهي تہ مناري جون پڪيون سرون اروڙ جي قديمي عمارتن مان پٽرائي آنديون هئائون. فيض محل (آرامگاهہ) مناري جي قريب هشت پهلو گنبذ سان هڪڙي جاءِ سنہ 1004هہ ۾ جوڙائي ويئي. اها جاءِ برج جي نموني ۾ پنجاهہ فٽ کن اوچي آهي. ونگن سان چار دروازا اٿس، جن مٿان آرپار چار دريون آهن. اندرين پاسي کان گيلري اٿس. پراڻي ۽ نئين سکر جي وچ ۾ جيل خاني جي پر ۾ هڪ هشت پهلو گنبذ آهي. سندس چوطرف ست ڪوهہ هئا، جي لٽجي ويا آهن. فقط هڪ موجود آهي. هيءَ عمارت جنهن جي ديوار کان چاليهہ فٽ مٿي گنبذ آهي، خوبصورت جاءِ آهي. اٿين معلوم ٿو ٿئي تہ قافلا سراءِ هيءَ جاءِ 1005هہ ۾ تعمير ٿي

[1] معارف اعظم ڳڙهہ آگسٽ 1931ع ۾ مير معصوم بکري جي مختلف ڪتبن جو ذڪر ڏنل هو. سنہ 1320هہ مرزا ڪلب علي روهڙي جي مختيارڪار جامع مسجد جي مرمت ڪرائي. سکر جو هشت پهلو گنبذ سکر ميونسپالٽي جي قبضي ۾ آهي. مسجد منزل گاهہ مسلمانن جي قبضي هيٺ آهي. سندس هشت پهلو گنبذ کي ڪو وقت انگريزن سفارتخاني جي آفيس طور ڪم آندو هو. باغ ويران آهي. ساڌبيلو مغليہ دور ۾ شاد بيلو سڏبو هو. هينئر هندن جي قبضي هيٺ آهي. وڌيڪ ڏسو "الوحيد سنڌ آزاد نمبر" سکر ۽ روهڙي جا آثار قديمہ، 15- جون 1936

هوندي. سندس اولهندي ۾ مسجد آهي. درياءَ جي ڪناري تي ساڌ ٻيلي سامهون مسجد منزل گاهه آهي، جا مير معصوم 1006ھ ۾ تعمير ڪرائي. سندس پر ۾ هشت پهلو جاءِ 1007ھ جي جڙيل آهي، جنهن جي گنبذ تي ڪاشيءَ جو ڪم ڪيل آهي. اهي جايون هڪ باغ سان محلق هيون. مسافرن جي آرام ۽ عبادت لاءِ جڙيل آهن.

خواجہ خضر جي آستان واري مسجد نواب سعدالله بکر واري 1011ھ ۾ تعمير ڪرائي. اها مسجد اولاهين ڪنڊ تي شڪسته حالت ۾ آهي. درياءَ جي روهڙي واري ڪناري تي بکر جي ڏاکڻين اوڀارين ڪنڊ تي ٽڪري تي عام طرح "ستين جو آستان" سڏجي ٿو، سو حقيقت ۾ "قاسم خواني" آهي. اها ٽڪري اڪبري دربار جي امير ڪبير ابوالقاسم نمڪين هروي پنهنجي آخري خوابگاهه لاءِ منتخب ڪري مٿس "صفحہ صفا" نالو رکيو. ٽڪري تي اٽڪل هڪ سؤ پڪيون قبرون اڪبري دؤر جي رسم الخط ڪتبن سان موجود آهن. جاهل ماڻهن من گهڙت روايتن سان هن ٽڪري کي ستين جو آستان نالو ڏنو آهي. پوءِ جي مؤرخن امير ابوالقاسم جي مناسبت سان هن تي "قاسم خاني" نالو رکيو. قبرن جي ڪتبن مان ظاهر آهي ته اها ٽڪري سنہ 1018ھ کان 1070ھ تائين قاسم خاني خاندان جي قبرستان طور ڪم ايندي رهي آهي. مقبره شاهه خيرالدين جيلاني المتوفي سنہ 1027ھ مشهور درگاهه آهي، جنهن تي عاليشان ڪاشيءَ جو گنبذ 1174ھ ۾ ميان غلام محمد مجاور جي ڪوشش سان تيار ٿيو. سيد اسدالله ساقي معصومي مير محمد معصوم جي پوٽي گنبذ جي تعمير جي تاريخ لکي.

**سيوهڻ:**

شاهجهان صاحبقران ثاني جي ڏينهن ۾ سيد ديندار خان جو مشهور امير هو، حضرت شيخ عثمان مروندي لعل شهباز جي مقبري جي صحن کي فرش هٽايو ۽ ٻه مسجدون تعمير ڪرايون. ساڳي نواب ديندار خان بخاري سنہ 1042ھ ۾ عهد شاهجهاني ۾ چئني امراني درويش جي

مقبري تي گنبذ تعمير ڪرايو. صحن ۽ ديوارن تي سبز ڪاشيءَ جون سرون هٽايون. گنبذ چڱي حالت ۾ آهي.

**نوٽ:**

ساري سنڌ ۾ آثار قديمہ جي نقطۂ نظر سان ٺٽي کي جيڪا اهميت آهي، سا ٻئي ڪنهن بہ شهر کي حاصل نہ آهي. جامع مسجد شاهجهاني جو نمونو مغليہ آهي. بنياد مضبوط پٿر جو رکيل اٿس، مگر ان کان پوءِ مضبوط نفيس پڪين سرن جي عمارت آهي. مسجد جي ڏکيل حصي ۾ هشت پهلو عمارت تي هڪ وڏو گنبذ اڏيل آهي، جنهن تي رنگين ڪاشيءَ جو خوش نما ڪم ڪيل آهي. ڇت ۾ ڪل 92 گنبذ ننڍا وڏا آهن، جن ۾ 3 اندريان گنبذ بلڪل اهم آهن. لب تاريخ واري جو چوڻ آهي تہ انهي مسجد جو ڪم مير ابوالبقا امير خان ولد نواب ابوالقاسم بکري شاهجهان جي حڪم سان 1054هہ ۾ شروع ڪرايو ۽ ان کان پوءِ مسجد جي تڪميل 1068هہ ۾ ٿي. محڪمہ آثار قديمہ الهندي هندستان جي رپورٽ ۾ ڏيکاريل آهي تہ مسجد جو ڪم 1052هہ ۾ شروع ٿيو ۽ سنہ 1057هہ ۾ ختم ٿيو مٿس شاهجهان جا 9 لک رپيا خرچ آيو. هڪڙي ڪتبي تي 1104هہ لکيل آهي، جنهن مان معلوم ٿئي ٿو تہ اورنگزيب جي زماني ۾ بہ انهي مسجد جي تعمير ٿي آهي[1].

مسجد مظفر خان ٺٽي شهر جي بازار جي مهڙ واري هنڌ تي مسجد خضر حيات جي نالي سان سڏجي ٿي. دراصل 1022هہ ۾ عهد جهانگير ۾ مير

---

[1] سر بارٽل فريئر سنڌ جي ڪمشنر 1272هہ/1855ع ۾ سيد صابر علي شاهہ مرحوم ۽ ميان الله بخش شاڪراني جي معرفت چندو ڪرائي مسجد جي تعمير ڪرائي. ان کان پوءِ 1311هہ/1894ع ۾ جيمس ڪمشنر خان صاحب رسول بخش مرحوم مختيارڪار ٺٽو جي معرفت جامع مسجد جي مرمت ڪرائي ۽ انهي چندي ۾ سر مير فيض محمد خان مرحوم والي رياست خيرپور 4 هزار رپيا ڏنا ۽ 4 هزار سنڌ جي ٻين معززن کان ڪمشنر وصول ڪيا. سنڌ سرڪار 5 سؤ رپيا ڏنا. بقول صاحب لب تاريخ ويهہ هزار رپيا مرمت تي لڳا. مگر ان کان پوءِ ڪنهن بہ مسجد کي هٿ ڪونہ لاتو آهي. سنڌ ۾ مغليہ خاندان جو هميشہ قائم رهندڙ يادگار مسلمانن ۽ حڪومت جي بي حسي تي مرثيہ خواني ڪري رهيو آهي. (ڏسو لب تاريخ) امرتسر، 1900ع

عبدالرزاق الحسيني المعموري تعمير ڪرائي، جو 1021ھ ۾ مرزا رستم صفوي ٺٽي جي نواب پاران محصول اوڳاڙڻ تي مامور هو. مسجد اميرخاني ٺٽي ۾ هندن جي پاڙي ۾ ننڍي گنبذ واري مسجد آهي، جنهن جي صحن وغيره ڪجهه به ناهي. سنہ 1039ھ ۾ شاهجهاني نواب ابوالبقا امير خان تعمير ڪرائي، جا آثار قديمہ جي بي ڌياني ڪري ويران ٿي ويئي آهي.

ٺٽي جو عيدگاهہ شهر کان ٻاهر ڪوهہ مڪلي تي شاهي يادگار آهي. عيدگاهہ کي فقط مغربي پاسي کان فقط هڪڙو دروازو آهي. نواب يوسف خان عهد شاهجهاني ۾ 1043ھ ۾ تعمير ڪرايو. هو وڏو علم پرور هو. مخدوم محمد ابراهيم ٺٽوي "شرح مخزن الاسرار" سندس نالي تي معنون ڪيو ۽ سندس بيحد واکاڻ ڪئي آهي. هن عيدگاهہ جي مرمت ٽالپري دؤر ۾ ميان الله بخش عباسي 1281ھ ۾ ڪرائي. مقبرو شريف خان مڪلي تي دمڙي جي قبي جي نالي سان مشهور آهي. شريف خان شريف الملڪ 1035ھ ۾ سلطان جهانگير پاران ٺٽي جو نواب هو. گنبذ اندر 3 قبرون آهن. جن مان نواب يوسف خان جي سنگ مزار تي 1052ھ لکيل آهي. مقبرو مير امين الدين خان جو سنڌ جي علمي سادات خاندان مان عهد عالمگيري ۾ ٺٽي جو نواب هو. مقبري جي خراب حالت آهي. سال 1188ھ ڪتبي تي لکيل آهي. ڪوه مڪلي تي ڪيترن مشهور عالمن، فاضلن ۽ صوفياءَ ڪرام جون قبرون آهن، جن مان ڪن جا ڪتبا ناس ٿي ويا آهن ۽ ڪي تلف ٿيڻ جي قريب آهن.

## سرهند جي جنگ:

شهزادي معزالدين ميان يارمحمد کي سنڌ کان سواءِ سيوي تائين علائقو حوالي ڪيو هو. پر غازي اورنگزيب جي وفات کان پوءِ جڏهن بهادر شاهہ سکن سان سرهند جي جنگ ۾ رڌل هو، ان وقت موقعو ڏسي قلات جي خان مير سمندر خان ذوب، بوري، ٿل ۽ چوٽيالي جا علائقا قبائي ورتا. مٿئين قبضي کان پوءِ سيوي کي خطري ۾ ڏسي ڪلهوڙن ساليانو چاليهہ هزار رپيا ڪڇ جي بچاءَ جي عيوض خان قلات کي ڏيڻا منظور ڪيا. سنہ

1715ع ۾ مير عبدالله خان قلات جي گادي تي ويٺو جو تاريخن ۾ "شهباز ڪوهستان" جي لقب سان مشهور آهي. هن ڪڇ جي وڏيرن کي جيڪي ڪلهوڙن کي ڍل ڀريندا هئا، زير ڪرڻ کان پوءِ مرراڻي بلوچن جي تختگاهه ڊيره غازي خان تي گهيرو ڪري هرند ۽ داجل، جامپور سميت قلات جي جهنڊي هيٺ آندا. تنهن کان پوءِ امير محمود غلزئي کي بلوچي لشڪر سان مدد ڏني، جنهن 1722ع ۾ ڪرمان تي قبضي ڪرڻ کان پوءِ يزد ۽ ايران جي تختگاهه اصفهان تي قبضو ڪيو هو. شاهه حسين پوئين صفوي تاجدار پنجاهه هزار لشڪر سان افغاني ۽ بلوچي لشڪر کان شڪست کاڌي. ايران ۾ صفوي خاندان جو خاتمو ٿيو. امير محمود 1725ع ۾ وفات ڪئي. هن پشين ۽ شوراوڪ جا علائقا مير عبدالله خان کي سندس مدد جي عيوض سپرد ڪيا. ڪانئس پوءِ سندس سؤٽ سلطان اشرف قنڌار جي گادي تي ويٺو. جنهن کي نادر شاهه افشار پڇاڙي ايران تي قبضو ڪيو[1]. سنه 1736ع ۾ مغان جي ڳوٺ وٽ هڪ لک ايراني سردارن ۽ اميرن ڪليءَ طرح نادر قلي افشار ڏاڙيل کي ايران جو شهنشاهه تسليم ڪري سندس مٿي تي تاج ڪياني رکيو. چنگيز ۽ امير تيمور گورگاني کان پوءِ هي ٽيون نمبر ايشيا جو فاتح ٿي گذريو[2]. مير عبدالله خان فضا جو رخ بدليل ڏسي نادر شاهه جو طرف ورتو. سنه 1738ع ۾ نادر شاهه ڪابل تي قبضي ڪرڻ کان پوءِ قلات جي خودمختياري کي تسليم ڪري عبدالله خان جي ٻن پٽن مير محبت خان ۽ التاز خان پاڻ وٽ ضمانت طور رکيا. ميان نور محمد سنڌ هٿ ڪرڻ کان پوءِ ڪڇ ڏانهن ڏيان ڏنو. قيصر خان مگسي، شوران جي رند سردار ميرو خان، ڀاڳناڙي ۽ ڍاڍر جي زميندارن جن جو ميان سان مريدي جو رشتو هو. قلات جو طرف چڙي ميان جي ڪڇ جي نائب مراد ڪليري عرف مراد گنجي کي خراج

---

[1] J.B. Malleson: History of Afghanistan, The Ghilzai rule, P. 240, London, 1878

[2] لب تاريخ: خانبهادر خداداد خان، ذڪر نادر شاهه، رياض الهند پريس امرتسر

پرڻ لڳا[1]. سرائي ڪوهستان تائين قبضو جمائي ورتو. سندس ٻن سپهه سالارن مير بهرام خان ۽ راڄي ليڪي اٺ هزار فوج سان ڪڇ تي ڪاهه ڪئي. مير عبدالله خان سرائي جي فوجن جو غلط اندازو لڳايو هو. ڏاڍر جي ويجهو سني جي ڳوٺ وٽ ڏرين جو مقابلو ٿيو مراد گنجوبه ميان سان همرڪاب هو. مير عبدالله خان چند سؤ سوارن سان جنگ جي ميدان ۾ شهيد ٿي ويو. ميان پنهنجي تختگاهه لاڙڪاڻي ڏانهن موٽيو. بلوچ سردارن مان مير دوست علي خان مري مراد گنجي جو مقابلو ڪيو پر وڙهندي شهيد ٿي ويو. ياد رهي ته ڪلهوڙن جي خوانين قلات سان مائٽي هئي. ميان نور محمد جي فرزند مير عبدالله خان جي ڀائٽي سان شادي ڪئي هئي. مير عبدالله خان جي شهادت کان پوءِ نادر شاهه سندس فرزند مير محبت خان کي خلعت فاخره پهرائي قلات جي تخت تي ويهاريو. ڪڇ جو سوال نادر شاهه جي پيش نظر هو.

**نادر شاهه جي ڪاهه:**

سيد عبدالله ۽ سيد حسين کان پوءِ دهلي جي دربار ۾ ٻه جماعتون بر سر پيڪار هيون. هڪڙي ايراني شيعن جي جماعت جو ليڊر برهان الملڪ سعادت علي خان جو پاڙيچو ۽ نائي هو. توراني پارٽي جو ليڊر انتظام الدوله "خان خانان" سني هو. مغل شهنشاهه محمد شاهه جي ڏينهن ۾ هندستان جون سرحدون مضبوط ڪين هيون. سنه 1739ع ۾ 36 هزار لشڪر سان ايراني فاتح خيبر کان دهلي تي ڪاهه ڪئي. بلوچن جو تعداد ڇهه هزار هو، جن مان هڪ هزار نادر شاهه جا خاص باڊي گارڊ هئا[2]. مير چيزو خان ۽ مير قائم خان ٻه رئيساڻي سردار بلوچي لشڪر

---

(1) تحفة الڪرام جلد 3، ذڪر نور محمد ڪلهوڙو. نوٽ: قنڌار جا افغان غلزئي تاجدار جن صفويه فرمانروائن جو خاتمو ڪيو، سي شاهان هوتڪي سڏجن ٿا. هن خاندان جو باني امير ويث بن شاهه عالم 1121هه ۾ تخت تي ويٺو. عبدالعزيز 1131هه ۾ تخت تي ويٺو. شاهه محمود 1131هه تائين حڪومت ڪئي. سلطان حسين 1145هه تائين حڪومت ڪئي. شاهه اشرف پويون هو، جنهن کي 1143هه ۾ نادر شاهه پڇائي ايران هٽ ڪيو. سلطان اشرف ڪرمان وٽان لنگهندي بلوچن هٿان مارجي ويو.

(2) J.Hutton: Central Asia, Nadir Shah, P. 181, London, 1875

مٿان مهندار هئا. ڪرنال جي جنگ ۾ ويهه هزار مغلن جو لشڪر قتل ٿي ويو. نادر شاهه دهلي پهتو. اتڪل ويهه هزار شهري ايرانين ۽ بلوچن هٿان قتل ٿي ويا. ايراني فاتح 15 ڪروڙ نقد، طاؤسي تخت، بيشمار جواهر جن ۾ ڪوهه نور هيرو به هو، ساڻ ڪري موٽيو. بقول فريزر جملي اسي ڪروڙن جو مال ڪٽي ايران موٽيو. سنڌوندي جي اولهندي ڪناري وارا علائقا ننڍي سميت پنهنجي قبضي هيٺ آنڌائين[1].

## ميان نور محمد جي گرفتاري:

نور محمد کي پيرن ۾ زنجير وجهي مير محبت خان جي حوالي ڪيائين. جنهن ميان کان ڪڇ جو علائقو وٺي بلوچي رواداري موجب کيس آزاد ڪيو[2]. موٽڻ بعد ميان ڪيل واعدن جي خلاف ورزي ڪرڻ لڳو. جنهن تي نادر شاهه ڪاوڙجي 27- نومبر 1739ع ۾ بيهر ڪابل کان سنڌ تي ڪاهه ڪئي. فيبروري سنه 1740ع ۾ نادر شاهه لاڙڪاڻي پهتو. سرائي خوف کان عمرڪوٽ ڏانهن ڀڄي ويو. 14- فيبروري نادر شاهه عمرڪوٽ جي ديوارن تائين پهتو. هڪ ڪروڙ رپيا جيڪي سرائي قلعي ۾ پوريا هئا، سي ايراني فاتح کي هٿ لڳا. نورمحمد خان کي گرفتار ڪري لاڙڪاڻي آنڌائين. سرائي نئون عهدنامو ڪيو. لاڙ ۽ وچولي جا پرڳڻا نادر شاهه جي حوالي ڪيائين ۽ ويهه لک رپيا ساليانو خراج ڏيڻ منظور ڪيائين. پوءِ ايراني فاتح کي عمدا ڪتاب ۽ سندس ٻن پٽن محمد مراد ياب خان ۽ غلام شاهه کي بطور ضامن جي ساڻ وٺي خراسان ڏانهن موٽيو. ميان کي "شاهه قلي" جو خطاب ڏئي ويو[3]. لاڙ ۽ وچولي جا علائقا موٽي ميان کي مليا. ٽن سالن کان پوءِ ميان ڏاريجن ۽ ڪڪرالي

---

(1) ڪتاب دربار تاجپوشي قلات 1932ع: مولوي دين محمد، ذڪر سردار محمد خان شهواڻي

(2) Dr. H.R.Gupta: Latter Mughal History of the Punjab, P. 32

(3) Sir Deyus Bray: The Brahui Problem Part. III, History, New Delhi, 1934

جي هندو چامن کي شڪستون ڏيئي سڄي سنڌ تي قبضو ڪيو. شڪارپور بہ سندس قبضي هيٺ اچي ويو. چاڪاڻ جو نادر شاهہ جي سپهہ سالار طهماسپ قلي دائودپوٽن کي شڪست ڏيئي سنڌ مان پچائي ڪڍيو هو[1].

**احمد شاهہ ابدالي جي ڪاهہ:**

9- جون 1747ع/1160ع ۾ نادر شاهہ جي قزلباش عملدارن ۽ ترڪمان سپهہ سالار صالح بيگ گڏجي سفارش ڪري نادر شاهہ کي قتل ڪيو. افغانستان ۽ خراسان ويندي سنڌوندي جي اولهندي وارا علائقا نادري فوج جي سپهہ سالار، احمد خان ابدالي جي هٿ هيٺ خزانن سميت اچي ويا. هو ايشيا جو چوٿون نمبر فاتح شمار ٿئي ٿو. ايران تي آغا محمد حسين قاچار جو قبضو ٿي ويو. جنهن جي پيءُ فتح علي خان کي سنہ 1728ع ۾ نادر شاهہ قتل ڪرايو هو[2]. جن ڏينهن ۾ قنڌار جي هوتڪي سردارن ايرانين خلاف آزادي جو جهنڊو بلند ڪيو هو اُنهن ڏينهن ۾ هرات جي ابدالي سردار آزاد خان خراسان تي ڪاهون شروع ڪيون هيون. ڪانئس پوءِ عبدالله خان بن حيات خان ابدالي سنہ 1129ھ هرات جي ايراني نائب جعفر قلي کي قتل ڪري ابدالين جي رياست جو هرات ۾ بنياد وڌو. محمود خان جي ايران تي ڪاهہ وقت ابدالين مشهد تي قبضو ڪيو هو. سنہ 1144ھ ۾ نادر شاهہ هرات تي قبضو ڪيو. ابدالين ۽ هوتڪي

---


(1) نادر شاهہ جي ڪاهہ وقت سنہ 1740ع ۾ ٺٽي شهر ۾ چاليهہ هزار ڪوري، ويهہ هزار ٻيا ڪاريگر ۽ سٺ هزار دڪاندار رهندا هئا. ائين ڏيکاريل آهي تہ ايراني فاتح 1742ع ۾ ٺٽي پهتو.

Dr. H.R. Gupta: Latter Mughal History of the Punjab, P. 11

(2) سنہ 1735ع ۾ نادر شاهہ پهريان طهماسپ صفوي بن شاهہ حسين صفوي پاران مدارالمهام جي حيثيت ۾ حڪومت ڪرڻ لڳو، پوءِ 1736ع ۾ هن پنهنجي شهنشاهي لاءِ اعلان ڪيو. سنہ 1747ع ۾ ايران تي قاچارين قبضو ڪيو.

Valentine Chirol: The Middle Eastern question, P. 100, London, 1903

سردارن جي پاڻ ۾ ناسازي هئي. نادر شاهه زمان خان بن دولت خان ابدالي جي ٻن پٽن ذوالفقار خان ۽ احمد خان کي پاڻ وٽ گهرائي ذوالفقار کي هرات مٿان حاڪم ڪيو. سندس مرڻ کان پوءِ احمد خان کي هرات جي حڪومت سپرد ڪئي. هندستان جي ڪاهه وقت به نادر شاهه سان همرڪاب هو. نادر شاهه جي قتل ٿيڻ کان پوءِ افغان سردارن قنڌار جي اولياءَ شير سرخ بابا جي مزار تي مجلس ڪري احمد خان کي احمد شاهه بابا جي لقب سان پنهنجو امير تسليم ڪيو[1]. غازي احمد شاهه پهريون دفعو افغاني سلطنت جو پايو وڌو. هن افغانن کي "دراني" جو لقب ڏنو. سدوزئي فرمانروائن جو شجرو هي آهي:-




احمد شاهه سنڌ جي حڪومت ميان نور محمد جي حوالي ڪري کيس "شاهنواز خان" جو لقب ڏنو. ميان جا ٻه پٽ جن کي بطور يرغمال جي نادر شاهه پاڻ سان خراسان وٺي ويو هو، اُهي سنڌ پهتا. شروعات ۾ احمد شاهه خراسان جي جنگين ۾ رڌل هو. تنهنڪري موقعو ڏسي ميان ويهه لک رپيا ساليانو ڍل ڏيڻ بند ڪئي. سنه 1754ع ۾ غازي احمد شاهه سنڌ تي ڪاهه ڪئي. ميان نور محمد خوف کان جيسلمير ڏانهن

---

(1) Sultan Mohammed: The life of Abd-ul-Rahman Khan, P. 216, London, 1901

(2) Sir. G. Macmum: Afghanistan, P. 344, London, 1929

غازي احمد شاهه پاڻ کي "دُر- دوران" جي لقب سان سڏائڻ لڳو. اُتر ۾ جيحون کان ڏکڻ ۾ عربي سمنڊ تائين اُيرندي ۾ سنتوندي کان اولهندي ۾ عمان تائين دراني سلطنت جون حدون هيون.

پهچي ويو. جتي سنہ 1168ھ/1755ع ۾ هن وفات ڪئي. سندس جنازي کي موري کان 12 ميلن جي مفاصلي تي دولتپور ۾ دفنايو ويو.

**ميان محمد مرادياب خان:**

ميان جو وڏو پٽ محمد مرادياب خان پيءُ جي گادي تي ويٺو. پنهنجي وزير ديوان گدومل معرفت احمد شاهہ کي خراج ڏيڻ منظور ڪيو. مٿين اطاعت ڪري قنڌار جي دربار مان کيس "سر بلند خان" جو خطاب مليو. مغولي علائقو جنهن جون حدون اُتر ۾ روجهاڻ ۽ ڪشمور کان شروع ٿي ڏکڻ ۾ مديجي تائين هيون. جنهن ۾ سکر، بکر، شڪارپور اچي وڃن ٿا، سي قنڌار حڪومت پنهنجي قبضي هيٺ رکيا[1]. ڪلهوڙن جي حڪومت جو ٽيون دور سنہ 1739ع کان شروع ٿئي ٿو جڏهن سنڌ ايران ۽ قنڌار جي ماتحت ٿي وڃي ٿي.

**ميان غلام شاهہ:**

ميان محمد مراد ياب خان ٽالپري اميرن سان چڱا پير ڪين ڪنيا. تنهن کان سواءِ ڀائرن ۾ نااتفاقي پيل هئي. ميان عطر خان پهريان قنڌار کان مدد گهرڻ ويو. اُتان نااُميد ٿي موٽڻ بعد بهاولپور جي دائودپوٽن کان مدد گهرڻ ويو. بهاولپور جي خيرپاٽي سردارن مان بهادر خان، سبزل خان، علي مراد خان، محمود خان، قائم خان، علي خان کيس مدد ڏني. ٽالپر امير ميان غلام شاهہ جو طرفدار هو. جنهن ۾ حڪومت هلائڻ جي صلاحيت هئي. اُباڙه جي جنگ ۾ دائودپوٽن شڪست کاڌي ۽ ميان عطر خان قيد ٿي ويو. سندس ڏهہ هزار سپاهين مان 3 هزار بلوچن هٿان مارجي ويا. ميان غلام شاهہ کي ٻہ ڪي زخم رسيا. عطر خان بهاولپور ڏانهن پهچي ويو. ميان غلام شاهہ خزاني تي قبضو ڪري ورتو[2]. سندس ماءُ گلان نالي هڪڙي رقاصہ هئي، جا هر جمعي ڏينهن سنڌ جي ناماري

(1) Bombay Government Records, No. XVII, (New series), P. 688

(2) J.Tod: Ammals & Antiquties of Rajasthan, Vol. II, P. 304

بزرگ ۽ جاويد شاعر شاهه عبداللطيف حسيني ڀٽائيؒ اڳيان حاضري ڀريندي هئي. هڪڙي ڏينهن سيد خوش ٿي کيس هن ريت دعا ڪئي:-

"گلان مان گل پيدا ٿيندو، ڪي ٽڙيو ڪي ٽڙندو."

سيد جي دعا ستت سازگار ٿي. ميان نور محمد گلان سان شادي ڪئي. جنهن مان کيس هڪڙو فرزند ڄائو، مٿس غلام شاهه نالو رکيو ويو. ميان غلام شاهه اٺپڙهيل هو، مگر حڪومت هلائڻ جي منجهس خداداد صلاحيت هئي. غازي احمد شاهه ڀاران کيس "شاهه وردي خان" جو خطاب مليو. هو سنه 1762ع ۾ تخت تي ويٺو. سندس حڪومت جو زمانو ڪلهوڙن جي صاحبي جو اوج جو زمانو هو.

**ڪڇ تي ڪاهه:**

سنه 1763ع ۾ ميان غلام شاهه بلوچي لشڪر سان ڪڇ تي ڪاهه ڪئي. جراه جي معرڪي ۾ راءِ شڪست کاڌي. سندري جو بندر جو علي بندر کان ويهن ميلن جي مفاصلي تي ۽ لکپت کان ٽيهن ميلن جي مفاصلي تي هو ۽ راءِ جو مضبوط قلعو هو، تنهن تي ميان قبضو ڪيو. بستا ۽ لکپت جا بندر به ميان جي قبضي هيٺ اچي ويا. جنگ کان فارغ ٿي ڪري، هن موري وٽ پراڻ کي بند ڏياريو، جنهن ڪري ٿر جي آبادي ۾ اضافو ٿيڻ لڳو. سنه 1819ع ۾ زلزلي ڪري بند ٽٽي ويو[1].

**حيدرآباد تختگاهه:**

ڪلهوڙن جو تختگاهه حيدرآباد خداآباد کان پوءِ ٿيو. خداآباد کي هر وقت آبڪلاٽي ڪري خطرو رهندو هو. مٿين شهرن کان سواءِ ڪلهوڙن مرادآباد، شاهه ڳڙهه ۽ الله آباد نالي شهر به تعمير ڪرايا هئا. سنه 1768ع ۾ ميان غلام شاهه سنڌونديءَ جي ڪابي ڪپ تي نيرن ڪوٽ جي پراڻي

---

[1] سنه 1808ع ۾ ڪپتان گرنڊلي سندري جي قلعي جو معائنو ڪري ان جو نقشو تيار ڪيو. قلعي جي ديوار چورس هئي، سندس هڪڙي ڪنڊ تي منارو جڙيل هو. اليگزينڊر برنس پنهنجي بخارا جي سياحت نامه ۾ سندس ذڪر ڏنو آهي.

E.H. Aitken: Gazetteer of the Sindh province, P. 5

شهر پرسان گنجي ٽڪري جي هڪڙي شاخ تي پڪين سرن سان هڪڙو عظيم الشان قلعو تعمير ڪرائي، مٿس حيدرآباد نالو رکي تختگاهه مقرر ڪيو. خداآبادي هندو واپاري به اچي هن شهر ۾ ويٺا. نئي جو زور گهٽجندو ويو ۽ حيدرآباد زور وٺڻ لڳو[1].

**جوکين جي سرداري:**

جوکيا لسٻيلي جي بلفتن (برفتن) جي هڪڙي شاخ آهن. اصل راجپوت آهن. اُهي شاهه بلاول جي اُتر ۾ ڪنگارا واري جابلو علائقي ۾ رهندا هئا. مغلن خلاف بلوچن جيڪي به فساد ۽ جنگيون ڪيون، تن ۾ جوکين بلوچن جي طرفداري ڪرڻ ڪري بلوچ ڪنفيڊريسي ۾ شامل ٿي ويا. لسٻيلي کان نڪرڻ کان پوءِ حب ۽ ملير ندين جي وچ واري زمين تي ويٺڪون جوڙي ويٺا. تنهن کان پوءِ قرمطين جي زمينن کي والاريندا ويا. چاڪاڻ جو ڪلمتين ۽ بلفتن جي پاڻ ۾ عداوت هئي. بلوچي شاعري ۾ ڪلمتين ۽ بلفتن جي باهمي جنگ جو ذڪر ڏنل آهي[2]. جوکين جا سردار ڄام سڏبا هئا. ڪلمتين کي ملير ندي مان لوڙڻ کان پوءِ هنن نومڙين کي حب وارين زمينن مان لوڙي ڪڍيو ۽ گهاري تائين علائقي تي قبضو ڄمائي ڪراچي کان ٺٽي ڏانهن ويندڙ قافلن کان محصول اوڳاڙڻ لڳا. ميان غلام شاهه جي ڏينهن ۾ سنڌن سردار ڄام ٻڄر خان ساڪري سويري جي هندوراڻي ڄام ارجن کي قتل ڪري مٿيون ملڪ ميان جي حوالي ڪيو. ڪلهوڙن جي صاحبي ۾ جوکين جي سرداري مستقل طور قائم ٿي. سنڌن به پاڙا پاڙائي ۽ حملائي ساڻ نائي سرداري هيٺ هئا. خوانين قلات، شاهي زئي مينگل بلفتن (برفتن) ۽ مڪران جي گچڪي سردارن سان سنڌن ماڻٽي هئي.

**شمس الدولت جو لقب:**

13- جنوري 1761ع ۾ غازي احمد شاهه پاڻي پٽ جي ٽين جنگ ۾ مرهٽا ڪنفيڊريسي کي سخت شڪست ڏني. هن هولناڪ جنگ ۾ ٽيهه هزار مرهٽا قتل ٿيا. ويهه هزار زالن سميت قيد ٿيا. به لک چوپايو

---

[1] ميان غلام شاهه قلعي جي پرسان شاهه محمد مڪائي اولياء جي چوگرد ڪچين سرن جو قلعو تعمير ڪرايو.

[2] تاريخ بلوچستان: راءِ بهادر هيتورام، ذڪر جنگ ڪلمتي ۽ بلفت (برفت).

مال، ڪيترا هزار اُٺ، پنج سؤ هاٿي، بيشمار خزانو ۽ جواهرات مجاهدن کي هٿ لڳا. پوءِ دهلي ۽ مغل اميرن کي لٽي قنڌار ڏانهن موٽيو. هن جنگ ۾ بلوچ خان قلات مير نصير خان جي جهنڊي هيٺ مرهٽن سان لڙيا هئا[1].

عالمگير ثاني جي ڌيءَ سان غازي احمد شاهه پنهنجي پٽ شهزادي تيمور جي شادي ڪرائي. حضرت بيگم سان جا محمد شاهه جي 16 سالن جي ڌيءَ هئي، احمد شاهه شادي ڪئي. غازي احمد شاهه ابدالي هندستان تي ڪل ڏهه ڪاهون ڪيون. جن مان پاڻي پٽ جي ٽين جنگ مشهور آهي. هن جنگ کان پوءِ مرهٽن جي طاقت جي چيلهه ڀڄي پئي. جهنگ کان وٺي ملتان تائين علائقو غازي احمد شاهه مير نصير خان جي حوالي ڪيو، پر خان قلات وٺڻ کان انڪار ڪيو. ديره جات جا بلوچ اڪثر سرڪشي ڪندا هئا، تنهنڪري غازي احمد شاهه سمورو پرڳڻو ميان غلام شاهه جي حوالي ڪيو. سنه 1768ع ۾ ديره جات جي ناهڙن سرڪشي اختيار ڪئي. ٽالپرن ناهڙن کي شڪست ڏئي ميان پاران نائب مقرر ڪيو. ڪڇ ۾ ميان جيڪي سوڀون ڪيون هيون، تن جي عيوض غازي احمد شاهه ميان کي "شمس الدولت" جو خطاب ڏنو. سنه 1770ع ۾ ميان صاحب ڪڇ جي راءِ جي سؤٽ راءِ ڪنگهار جي ڌيءَ سان ڏاڍي ڌام ڌوم سان شادي ڪئي. هن ناتي کان پوءِ بستا ۽ لکپت جا بندر موٽي راءِ کي مليا.

**انگريزن کي واپار جي اجازت:**

هندستان ۾ ٽي يورپين طاقتون قسمت آزمائي رهيون هيون. پورچوگيزن جي طاقت گهٽبو گهٽجي وئي هئي. سنه 1668ع ۾ بمبئي جو

---

[1] مير المتاخرين: سيد غلام حسين، ڪلڪته 1782ع منجهس 1707ع کان 1782ع جو ذڪر ڏنل آهي.

J.Sarkar: Fall of Mughal Empire, Vol. II, PP. 285-91, Calcutta, 1938

نوٽ: غازي احمد شاهه سان بلوچ هندستان جي ستن ڪاهن ۾ شامل هئا. بلوچن ۽ سکن جي جنگين جو احوال قاضي نور محمد آبدي جي ڪتاب "جنگ نامه" مان پئجي سگهي ٿو، جو 226 صفحن ۾ فارسي ۾ نظم ڪيل آهي. سندس اصلي نسخو خان قلات جي شاهي ڪتبخاني ۾ موجود آهي. خالصا ڪاليج امرتسر 1906ع ۾ ڪرم سنگهه هسٽري تاريخ جي شاگرد معرفت سکن جي تاريخ لاءِ نقل ڪرايو هو.

بندر پورچوگيزن کان انگريزن کي مليو. باقي ڊچ جن 1602ع ۾ ڊچ ايسٽ انڊيا ڪمپني برپا ڪئي هئي، تن مشرقي پيٽن کان سواءِ هندستان ۾ سيلون، ڪرچين، ڪانانور تي قبضو ڄمايو هو. تنهن کان سواءِ ناگا پٽم، ڪئليڪٽ، چنشورا ۽ سدراس ۾ سنڌن واپاري ڪوٺيون هيون. مگر سنہ 1781ع ۾ آمريڪا جي جنگ آزادي ۾ ڊچن انگلينڊ جي خلاف آمريڪا جو طرف ورتو. سنہ 1783ع ۾ ورسيلز جي معاهدي موجب هنن سموريون تجارتي ڪوٺيون انگريزن جي حوالي ڪيون. فقط ٽرمڪوملي ۽ سيلون پنهنجي قبضي ۾ رکيائون، جن تي آخر سنہ 1796ع ۾ انگريزن قبضو ڪيو. ڊچن وانگر فريچن سنہ 1604ع ۾ ايسٽ انڊيا ڪمپني برپا ڪئي. ڊچن وانگر هندستان اندر ڪين مختلف هنڌن تي واپاري ڪوٺيون هيون. سنہ 1701ع ۾ فرئنسز مارٽن فرانس پاران هندستان ۾ ڊائريڪٽر جنرل مقرر ٿي آيو. جنهن ڏکڻ هندستان ۾ پانڊيچري کي فرينچن لاءِ صدر مقام مقرر ڪري ڏکڻ هندستان اندر فرنچين جي اقتدار کي زور وٺرايو. سنہ 1741ع ۾ ڊيوپلي فرينچن جو ڊائريڪٽر جنرل ٿي آيو. هن ديسي سپاهي پنهنجن فوجن ۾ ڀرتي ڪيا. بعض ديسي نوابن کي فوجي امداد ڏيڻ لڳو. سنہ 1774ع ۾ ٽرمڪوملي، ماهي، سورت، پانڊيچري، مسلي پٽم، چندرنگر ۾ سنڌن واپاري ڪوٺيون برپا ٿيون. اُهي انگريزن وانگر ظاهري واپارين جي لباس ۾ هئا. مگر ڊيوپلي جو خاص ارادو هندستان اندر فرينچ حڪومت برپا ڪرڻ لاءِ هو. مطلب تہ 18هين صدي اندر هندستان ۾ ٻہ سفيد فام قومون انگريز ۽ فرينچ هئا. جڏهن بہ يورپ ۾ طرفين ۾ ڪا جنگ لڳندي هئي تہ ٻئي ڌريون هندستان ۾ پاڻ ۾ جنگ سان مقابلو ڪنديون هيون. مغليہ شهنشاهت جي زوال کان پوءِ سڄي هندستان اندر راجائون ۽ نواب خودمختيار هئا. انهن جي جڏهن بہ پاڻ ۾ جنگ لڳندي هئي تہ فرينچن ۽ انگريزن کان مدد وٺندا هئا. خاص ڪري دکن ڀهريون ميدان هو، جتي فرينچن ۽ انگريزن پاڻ ۾ زور آزمائي شروع ڪئي. جنهن لاءِ ڪرناٽڪ جون جنگيون شاهد آهن. فرينچن جي ڪمزوري جو وڏو سبب هن ريت هو تہ فرانس سرڪار پنهنجن عملدارن کي وقت سر پوري مدد ڏيئي ڪانہ سگهي ٻيو تہ فرينچن جي هندستان ۾ پاڻ ۾ ٻڌي ڪانہ هئي. انگريزن جي بحري قوت سمنڊن تي مضبوط هئي. اُهي پنهنجن

عملدارن کي هر طرح لشڪر ۽ خزانن سان همٿائڻ لڳا. فرينچن اچڻ سان جيڪو هندستان ۾ ڏاڪو ڄمايو هو، سو گهٽجندو ويو.

سنه 1757ع ۾ ڪلائيو انگريزن جي مهندار فقط ٻن هزار سپاهين سان جن ۾ انگريز فقط 900 هئا، بنگال جي نواب سراج الدوله کي جنهن وٽ پنجاهه هزار پيادل ۽ 18 هزار سوار فوج هئي ۽ پنجاهه توپون هيون، پلاسي جي خونخوار معرڪي ۾ شڪست ڏيئي انگريزي سلطنت جو هندستان ۾ پايو وڌو. ويهه لک اشرفيون مير جعفر غدار انگريزي جنرل کي سوکڙي طور پيش ڪيون. دهلي جي ڪمزور مغل شهنشاهه شاهه عالم، اوڌ جي نواب شجاع الدوله ۽ بنگال جي نواب مير قاسم تنهين 1764ع ۾ پاٽنا ۽ بڪسر جي جنگين ۾ انگريزن هٿان شڪست کاڌي. بنگال، بهار ۽ اوڙيسا جي ديواني شاهه عالم ڪلائيو کي لکي ڏني. ڪلائيو انگريزن پاران گورنر ۽ ڪمانڊر ان چيف مقرر ٿيو. مٿئين بيان جو سنڌ جي تاريخ سان ڪو تعلق ڪونهي، فقط پڙهندڙن کي معلوم هئڻ گهرجي ته ڏيڍ سؤ سالن اندر انگريزن هندستان ۾ ڪيتري طاقت حاصل ڪئي. سندن قوت اڳيان سنڌ جي ڪهڙي سياسي پوزيشن هئي.

**ڪپتان ڪوڪ:**

اسين اڳ لکي چڪا آهيون ته سنه 1662ع ۾ ڏکر ڪري ايسٽ انڊيا ڪمپني جو واپار سنڌ ۾ بند ٿي ويو هو. سنه 1748ع ۾ ائڊورڊ ڪوڪ ٺٽي پهتو، پر پهچڻ سان مري ويو. سندس قبر مڪليءَ تي آهي[1].

**رابرٽ سمپسن:**

مياں غلام شاهه جي ڏينهن ۾ سنڌ ۾ امن امان ۽ آسودگي جو دور هو. ايسٽ انڊيا ڪمپني سان ميان نور محمد خان جا دوستاڻا لاڳاپا هئا. مغربي سفيد فام درندن کي جڏهن ولايت مان نئون جنگي سامان

---

[1] Cousens: Antiquties of Sindh, P. 123

پهچندو هو ته پراڻو ديسي نوابن ۽ راجائن کي نيڪال ڪندا هئا. ميان نورمحمد مدراس جي قلعه سينٽ جارج مان ڪي توپون خريد ڪيون هيون. ميان غلام شاهه کي ڪمپني کي سهوليتون ڏيٺيون پيون. چاڪاڻ جو سنڌ جي سرڪاري ڪارخانن کي هٿيار ٺاهڻ لاءِ شيهي، پتل ۽ فولاد جي ضرورت هئي. مشرقي حڪمران واپار کي ملڪ لاءِ خير ۽ برڪت تصور ڪندا هئا، مگر سفيد فام فرنگين جي لغت ۾ تجارت جي معنيٰ مشرقين لاءِ موت لکيل هئي. سنڌ جي واپار جي ترقي لاءِ غازي غلام شاهه نئون بندر شاهبندر تعمير ڪرايو[2]. هت انگريزن ڪلمي شورو صاف ڪرڻ جا ڪارخانا کوليا هئا. ميان غلام شاهه کي ڪمپني تي ناراضگي هئي. ڪڇ تي ڪاهه ڪرڻ وقت هن ڪمپني کان جهازن جي مدد گهري هئي، مگر سندس مطالبي تي سورت جي ڪائونسل ڪو ڌيان ڪين ڏنو هو. ٻيو سبب هن ريت هو ته ميان جي سورت جي ايجنٽ علي نواز خان ويهه هزار رپيا نقد، ست گهڙيال ۽ واچون، ڪي جارجيا جا غلام ۽ حبشي خريد ڪيل ٻانهيون هضم ڪري ويو هو. ميان انگريزن کي لکيو هو ته مٿيون سامان ڪانئس وٺي روانو ڪن، مگر ايسٽ انڊيا ڪمپني جي عملدارن ڪو ڌيان ڪين ڏنو هو. جنهنڪري ميان جي عملدارن اورنگا بندر تي ڪمپني جا ڪي جهاز روڪي ڇڏيا هئا. ٺٽي ۾ واپار جاري ڪرڻ لاءِ انگريزن رابرٽ سمپشن کي روانو ڪيو هو فارسي زبان جو ماهر هو. ساڻس روپچند نالي هڪڙو هندو وڪيل به ساڻ هو. رابرٽ سمپشن ٺٽي ۾ ڪوٺي وڌي. انگريز ريزيڊنٽ ميمڻ واپارين معرفت سنڌ مان فقط شورو خريد ڪرڻ لڳو ۽ اوني ڪپڙو سنڌ ۾ نيڪال ڪرڻ لڳو. افغان واپاري ساليانو ڏهه هزار رپين جو اوني ڪپڙو سنڌ مان خريد ڪرڻ لڳا. مٿين ڪپڙي جي خراسان جهڙن سرد ملڪن کي سخت ضرورت هئي. فرنگي

---

[2] اورنگا آباد، شاهبندر ۽ وڪر 19هين صدي تائين سنڌ جا مکيه بندر هئا. وڪر سمنڊ کان مٿي جت حجامڙو ڦٽي شاخون ٺٺي ٿو اُت سلامتي جي هنڌ تي هو. سرجان ڪين پهرين افغان جنگ وقت هتان فوجون وٺي روانو ٿيو هو.

John Wood: A Journey of the Sources of the River Oscus, CHP, IV, London, 1872

واعدا ڪرڻ کان پوءِ به هندستان جي ڪڇ بندرگاهن تي اوچتا حملا ڪندا هئا. تنهنڪري ميان صاحب فوجن سميت 11- ڊسمبر 1758ع ۾ شاهبندر پهچڻ کان پوءِ هيٺيون فرمان جاري ڪيو:-

"طرفان شمس الملت خسرو دوران غلام شاه بطرف رابرٽ سمپسن ايجنٽ ڪمپني بهادر"

"مان (غلام شاه) فوجن سميت شاهبندر پهتو آهيان. انگريزن کان سندن آندل مال تي محصول ڪين وٺبو. پر جيڪڏهن هتان مال ٻاهر روانو ڪندا ته دستور موجب ڪين محصول ڏيڻو پوندو. توڪي هن خط جي وسيلي منهنجن ارادن جي خبر هجي. تون ڪو وڪيل روانو ڪر ته جيئن هو واپار جي ڪوئي وجهڻ لاءِ اچي هتڏ پسند ڪري."

18- ڊسمبر تي ميان صاحب پنهنجن نائبن ڏانهن هيٺيون فرمان صادر فرمايو:

"رابرٽ سمپشن جيڪو مال سنڌ ۾ آڻي ڪانئس محصول نه وٺجو. ڪيس ڪوئي وجهڻ ڏيندا ۽ ساڻس نرميءَ سان پيش ايندا ته جيئن اسان جو واپار ترقي ڪري[1]."

## رابرٽ ارسڪين:

سنه 1760ع ۾ رابرٽ سمپشن کان ٻي سال پوءِ بمبئي حڪومت پاران رابرٽ ارسڪين ميان وٽ سنڌس شاهبندر جي عملدارن خلاف شڪايت کڻي آيو. هن ميان سان تجارتي عهدنامو ڪيو. جنهن موجب سفيد فام

---

[1] P.N.Khera: British forward policy towards Sindh, Lahore

ميان غلام شاه ٺٽي ۽ شاهبندر تي پنهنجا تجربيڪار نائب مقرر ڪيا هئا. سنه 1770ع تائين فقير حبيب نائچ ٺٽي جو نائب هو. ڪانئس پوءِ فقير مراد نظاماڻي نائب مقرر ٿيو ۽ ميان سرفراز خان جي ڏينهن تائين قائم رهيو.

فرنگين مان فقط انگريزن کي سنڌ ۾ واپار ڪرڻ جي اجازت ملي. سنه 1764ع ۾ 38526 رپين جو مال بمبئي کان شاهبندر پهتو. انگريزن 1254 ڳوٿيون شوري جون جن جي قيمت 15884 رپيا هئي، اميرالبحر پوڪاڪ معرفت بمبئي روانيون ڪيون. سراسري ساليانو ڪمپني ڏهه هزار مڻ شورو سنڌ مان خريد ڪندي هئي. ساڳي سال مارچ مهيني انگريزي ريزيڊنٽ ميان غلام شاهه سان شاهپور دربار ۾ ملاقات ڪرڻ آيو. ميان صاحب ڪمپني جي ريزيڊنٽ کي ڪمخواب جو چوغو، هڪڙي شال، پٽڪو، هڪڙو خنجر، هڪڙي سون سان مڙهيل ترار، چانديءَ جي زين سان ايراني گهوڙو سروپا طور مرحمت ڪيا. انگريزي ريزيڊنٽ هڪڙي سوني اشرفي، هڪڙو مخمل جو ٿان، ڪي آرسيون ڪمپني پاران سوکڙين طور پيش ڪيون. 29- مارچ تي ميان صاحب انگريز ريزيڊنٽ کي 45417 رپين جي مال پهچائڻ لاءِ حڪم ڏنو. مثال لاءِ 12 سؤ وال اوني ڪرمچي گرم ڪپڙو، 45 وال ايراني ريشمي ڪپڙو، 15 سؤ وال ڪپڙو في وال 4 رپين جي حساب سان. 12- اپريل ميان جو هاٿي پاڻي پي موٽڻ بعد چريو ٿي پيو. دربار جا ڪي تنبو اکيڙڻ کان پوءِ گپ ۾ ڦاسي پيو. اٽڪل پنج سؤ ماڻهن هن کي چڪي ڪڍيو.

## ميان سرفراز خان:

ميان غلام شاهه نئين تختگاهه حيدرآباد جي قلعي تي چار سال مس حڪومت ڪري سنه 1186هه/1772ع ۾ وفات ڪئي. ميان عطر خان وڙهندي قيد ٿيو هو. ميان محمد مراد ياب خان کي قنڌار مان سند ملي چڪي هئي. مگر ڪلهوڙن جي ترار ٽالپرن جي چيلهه سان ٻڌل هئي. بلوچ امير تخت ۽ تاج سان وفادار هئا. اُهي جيڪو فيصلو ڪندا هئا، سو سيني کي منظور ڪرڻو پوندو هو. مير بهرام خان ميان غلام شاهه جي فرزند محمد سرفراز خان کي پڳ ٻڌائي گادي تي ويهاريو. ميان محمد مراد ياب خان دعويٰ تان هٿ ڪنيو. ساڳي سال غازي احمد شاهه وفات

ڪئي. سندس مقبرو قنڌار جي وچ شهر ۾ هڪڙي باغ ۾ آهي. مقبري جي گنبذ جي گولائي ٽيهہ فٽ ۽ بلندي سٺ فٽ آهي. سندس ڪنڊن تي منارا آهن. مٿس نوي هزار رپيا خرچ لڳو.

**تيمور شاهہ:**

غازي احمد شاهہ کي اٺ پٽ هئا. جن مان ڇهن جا نالا تاريخن ۾ ڏنل آهن: سليمان، تيمور، داراب، شهاب، سڪندر ۽ پرويز. احمد شاهہ جي وفات کان پوءِ وزير شاهہ ولي وڏي پٽ سليمان کي تخت تي ويهاريو. شاهہ ولي وڏو سياستدان هو. غازي احمد شاهہ جي ڏهن ڪاهن وقت شاهہ سان همرڪاب رهيو هو. تيمور شاهہ پيءُ جي وفات وقت هرات ۾ هو. شاهہ ولي جي پاليسي خلاف پهريان قلات جي والي مير نصير خان، جنهن کي غازي احمد شاهہ "بيگلر بيگي" جو خطاب ڏنو هو. خودمختياري جو اعلان ڪيو. قنڌار دربار جي اميرن مان عبدالله خان "ديوان بيگي" شهزاده تيمور کي تخت تي ويهاريو. جنهن شاهہ ولي کي مارائي ڇڏيو[1]. تيمور شاهہ ميان سرفراز خان ڏانهن خلعت سان گڏ "خدايار خان" جو خطاب سنڌ ۾ لکي موڪليو. مگر ميان غلام شاهہ ڪلهوڙي جي وفات کان پوءِ ڪلهوڙن جي صاحبي جو زوال شروع ٿيو. چاڪاڻ جو سنڌ جي دربار جي غير بلوچ اميرن. بلوچ اميرن ۽ ٽالپر اميرن سان عداوت رکڻ شروع ڪئي.

---

[1] مير نصير خان کان پوءِ قلات بيگلر بيگي جو خطاب اڃا سٽو خوانين قلات سان لاڳو رهندو اچي ٿو. ڏسو ڪتاب تاجپوشي دربار قلات 1932ع ذڪر مير نصير خان اول، تاريخ سلطاني: سلطان محمد خان دراني، ص 138، بمبئي 1880ع، فارسي

M.Elphinstone: An account of the Kingdom of Cabul & its dependenceies in Persin, Tartary & in India, P. 558, London, 1815

سنہ 1757ع ۾ تيمور شاهہ کي غازي احمد شاهہ پنجاب، ديره جات ۽ سنڌ مٿان نائب مقرر ڪيو هو. جهان خان شهزادي جو سپهہ سالار هو، تنهن کان پوءِ ملتان ۽ هرات جو نائب مقرر ٿيو.

**خداآباد تختگاهه:**

ميان سرفراز خان پنهنجن وڏن جي تختگاهه پراڻي خداآباد جي يادگيري لاءِ هالن کان ڏيڍ ميل جي مفاصلي تي اُتر طرف خداآباد جو شهر بڌرائي ان کي پنهنجو تختگاهه مقرر ڪيو. ڪمشنرن جي رڪارڊ ۾ لکيل آهي ته هي شهر ستن ميلن جي ايراضي ۾ هو ۽ ٺٽي کان پوءِ سنڌ ۾ ٻيو نمبر شهر هو[1]. سنه 1186هه/1774ع ۾ تعمير ٿيو. ٿارنٽن جو بيان آهي ته سنه 1814ع ۾ ويران ٿي ويو. سندس کنڊر ٻن چورس ميلن ۾ آهن[2]. انگريزن جڏهن هن شهر کي ڏٺو اُن وقت منجهس هڪ سؤ گهر هئا[3]. ٽالپر امير به هن شهر ۾ رهڻ لڳا.

**بلوچن سان عداوت:**

ميان سرفراز خان ڪمزور طبيعت جو حاڪم هو. سندس غير بلوچ درباري امير سنڌي ۽ غير سنڌي جي سوال کي زور وٺرائڻ لڳا. ان ۾ شڪ ڪونهي ته ٽالپر غير سنڌي هئا. اُهي سنڌ ۾ خراساني سڏبا هئا ۽ سنڌ ۾ پنهنجي جنگي ڪارنامن ڪري وڏا جاگيردار هئا. سرائن جا ته خاص ڪري عقيدتمند مريد هئا. فوجي محڪمي توڙي دربار ۾ ڪين وڏا عهدا مليل هئا. سنڌن ٿي بازن جي قوت سان ڪلهوڙن مغلن، دائودپوٽن ۽ قلات جي براهوئي خوانين کي شڪستون ڏيئي ڪلهوڙن جي صاحبي سنڌ ۾ قائم ڪئي هئي. بلوچن سان عداوت اُها چڻنگ هئي، جنهن سنڌ ۾ عباسي خرمن کي ساڙي آل مير جلال خان حلبي جي حڪومت کي مسند حڪومت تي دعوت ڏني. مير بهرام خان ولد مير شهداد خان جو ان وقت فوجن جو سپهه سالار هو تنهن جي خلاف راڄو ليکي ميان سرفراز خان جا ڪن ڀرڻ لڳو. ديوان گدومل جو ڪلهوڙن جي دسترخوان جو پراڻو نمڪ خوار هو، جنهن جو اثر رسوخ خراسان ۽ قندار جي

(1) Selections from the pre Mutiny Records of Commisinors in Sindh, P. 208

(2) Selections from the Records of the Bombay Government, Series No. XVII, Bombay, 1855

(3) John wood: A Journey to the source of the River oxus, CHP.IV

درٻارن تائين هو ۽ ان وقت وزارت جو قلمدان سندس هٿ ۾ هو، تنهن نو عمر ميان کي ٽالپري اميرن سان ٺاهه ڪرڻ لاءِ صلاح ڏني. مگر ميان صاحب راڄو ليکي جي هٿن ۾ ڪٺ پتلي هو. وزير جي ڳالهه تي ڪوبہ ڌيان نہ ڏيئي مير صاحب سان دشمني رکڻ لڳو. مير بهرام خان کي نوعمر ميان جي ارادن جي خبر هئي. هڪڙي ڏينهن پنهنجن ٻن پٽن مير صوبدار خان ۽ مير بجر خان کي سڏي چيو:

"توهان کي خبر آهي تہ اسين ميان سان وفادار رهڻ لاءِ قرآن شريف تي قسم کنيو آهي ۽ ميان بہ قسم کنيو آهي. مون کي پڪ آهي تہ ميان هٿان منهنجو موت ٿيندو. توهين پاڻ پنهنجي جان بچايو[1]."

## مير بهرام خان ۽ مير صوبدار خان جو شهيد ٿيڻ:

سنہ 1774ع ۾ مير بهرام خان جو وڏو پٽ مير بجر خان حج بيت الله ڏانهن روانو ٿي ويو. سندس ٻيو پٽ مير صوبدار خان جو حيدرآباد جي اميرن جو ڏاڏو هو. تنهن پيءُ سان رهڻ ۽ مرڻ پسند ڪيو. هڪڙي ڏينهن ميان سرفراز خان مير بهرام کي ڪچهري ڏانهن گهرايو. مير صاحب ان ڏينهن ناچاڪ هو تہ بہ ڪچهري ڏانهن روانو ٿيو. سائس عرضي خدمتگار گڏ هو. واٽ تي مصري نالي هڪڙي شخص مير صاحب کي چيو تہ ميان جي درٻار ۾ تنهنجي مارڻ لاءِ سٽاءُ ٿي چڪو آهي، پر مير صاحب هليو ويو. مير صوبدار کي پوءِ خبر پئي، هو ترار کڻي ڪچهري ڏانهن روانو ٿيو. درٻار اڳيان عرضدار اڳيئي موجود هئا. راڄي ليکي جو پاٽتيو الله بخش اڳيئي بيٺل هو. مير صوبدار خان سندس ترار وٺي


---

[1] شاهنامہ سنڌ: مير حسن علي خان ٽالپر، ص 10-6، سنڌ حيدرآباد ادبي سوسائٽي 1938ع
نوٽ: ڪرنل جيمس ٽاڊ پنهنجي تاريخ راجستان، جلد: 2 ۾ لکي ٿو تہ ميان سرفراز خان ٽالپرن کان سنگ گهريو هو، ان ڪري عداوت پئجي ويئي. ٽاڊ جو بيان محض قياسي آهي، ڇاڪاڻ جو ٽالپر ڌارين کي هرگز سنگ ڏيندا ناهن، پر ڌارين مان شاديون ڪندا آهن.

اٿلائڻ پٿلائڻ ۽ ڏسڻ لڳو. ميان سرفراز خان مير بهرام خان کي هڪڙو خط پڙهڻ لاءِ ڏنو. مير صاحب خط کي مير بجر خان جو خط سمجهي پڙهڻ لڳو ته ميان جي اشاري تي پٺيان حسين مرراڻي ترار جي هڪڙي ڌڪ سان شهيد ڪري وڌس. عرضي خدمتگار اهو حادثو ڏسي روئندو ٻاهر نڪتو. مير صوبدار خان جي متس نظر پئجي ويئي حقيقت معلوم ٿيس. پهريان الله بخش ليکي جي سسي سندس ترار سان لاهي وڌائين. پوءِ ترار کڻي دربار ۾ گهڙيو. ميان سرفراز هڪدم ماڙي جي ڇت تي چڙهي گم ٿي ويو. درٻارين مان ٽي ڄڻا ڪمال خان رند، غلام محمد خان لغاري، شاد مان خان مير جا طرفدار ٿي بيٺا. ميان جي دربار جا ٻه مشهور پهلوان هاشم ۽ سپڙ خان نالي مير صوبدار هٿان مارجي ويا. ڪل ٻاويهه ڄڻا مئا، جن مان ويهارو ڪن مير صوبدار ۽ سندس بلوچ رفيقن هٿان مارجي ويا. شادمان خان سخت زخمي ٿي پيو، مگر جان بچيس. هن حادثي ۾ مير بهرام خان جي وڏي پاءُ مير چاڪر ننڍو جا ٻه پٽ مير شهداد جو ٽنگ ڪان منڊو هو ۽ ٻيو چاڪر فيروز ٻئي پاٽر ڪڙم جا ويري ٻڌجي پنهنجي چاچي مير بهرام خان جو گهر لٽي صاف ڪري ويا. فقط زنانيون چادرون ڇڏيائون. مير بهرام خان ۽ مير صوبدار خان ڪلهوڙن هٿان شهيد ٿيا.

**لغارين جو تمن:**

سنڌ جي سرحد گاج جي علائقي ۾ لغاري تمن جا مالڪ هئا. سنڌ ۾ سندن پنج شاخون بوزدار، عالياڻي، برهماڻي، عيساڻي ۽ ڪچائي رهندڙ هيون. پڳ عالياڻين جي مٿي تي هئي، پر بوزدار به سرداري رکندڙ هئا. سندن شجرو هي آهي:-





## رندن جو شجرو:

رندن جي مضبوط قبيلي مان ٽالپرن شاديون ڪيون هيون. قلات جي دربار تائين ڪين عهدا مليل هئا[1]. شجرو هن ريت آهي:-


---

[1] نوٽ: ٽالپرن، رندن، پرڳڙين، نظاماڻين ۽ مرين مان شاديون ڪيون، مگر لغاري پرهيز ڪندا هئا. اتفاق سان هڪڙي لغاريءَ مير شير محمد خان خاناڻي کي سنگ ڏنو، جنهنڪري لغارين ۾ جهيڙو پيدا ٿيو. هنن چوڪريءَ کي ماري پوءِ دم پٽيو.

(سماٹين جو شجرو)





(سکواٹين جو شجرو)





## پرڳڙين جي جاگير:

نظاماڻين وانگر پرڳڙي سردارن اسلاماڻين ۽ موراڻن کي ميهڙ ۽ ننڌا شهرن ۾ جاگيرون هيون. ٽالپرن منجهان شاديون ڪيائون. سندن شجرو بيان ڪجي ٿو:-




## باگرائين جي سرداري:

باگراڻي ٽالپري تمن سان ٻڌل هئا. ميوا خان، سوائي خان، ڪرم خان، سندن ٽي سردار هئا. ٽالپر دؤر ۾ کين وڏا عهدا مليا. سندن شجرا هيٺ ڏجن ٿا:-




## چانگن جي سرداري:


چانگ گورچاڻين جي شاخ آهن. اُهي گهڻو وقت سنڌ جي جتن سان وڙهندا رهيا. شير خان سندن سردار هو. ٽالپرن تمن سان ٻڌل هئا. انڪري ٽالپري دؤر ۾ کين گوني تعلقي ۾ جاگير عطا ٿي. سندن ٻه پاڙا سنجراڻي ۽ ڪچائي هئا. پويان سنجراڻين کان ڌار رهڻ لڳا. شجرو هن ريت ڏنل آهي:-




## ماڪائين ۾ جوش:

بلوچن جا جيڪي به سنڌ ۾ قبيلا رهندا هئا، سي ٽالپري تمن سان ٻڌل هئا. سندن مجموعي قوت اڳيان ڪلهوڙن جي ڪاٻ حيثيت ڪانه هئي. فقط پيري مريدي سلسلي ڪري اُهي حڪمراني ڪندا هئا. ٽالپرن ۾ مير ماڻڪ خان جي اولاد کي وڏي اهميت هئي. امير سليمان خان (ڪڪي) کي سندس مرياڻي ديره مان پنج پٽ: 1. ميرڻ 2. جيوڻ 3. ماڻڪ 4. عالي 5. هوتڪ هئا. شهداداڻي مير هوتڪ جو اولاد هئا. ماڻڪاڻين جو ڏاڏو مير ماڻڪ خان هو. شجرو هن ريت آهي:-

سليمان خان (ڪڪو) موريائي ديره مان[1]




ماڪاڻي جيڪي به امير ٿي گذريا سي بهادر ۽ فياض هئا. مرين جو زبردست ٿمن جيڪي سندن ناناڻا هئا، سي سندن طرفدار هئا. مير بهرام خان جي شهيد ٿيڻ وقت مير بجر حج تي ويو هو. سندس غير حاضري ۾ مير فتح خان وڏي مير وٽ بلوچي سردار ۽ ٽالپر امير، روج راڙي ڪرڻ لاءِ گڏ ٿيا. مير فتح خان ڪچهري ڏانهن مخاطب ٿي چيو:

---

[1] History of Alienation, Vol.II,Mankani

"اڄ مرشدن (ڪلهوڙن) وٽان مريدن کي جيڪو فيض پهچي چڪو آهي سو اوهين ڏسي رهيا آهيو. جيڪڏهن اڃا بہ خاموش رهياسون تہ اسان مان ڪوبہ سلامت نہ رهندو. هاڻ روئڻ ۽ رڙڻ مان ڪجهہ نہ ورندو. اسان کي مردانگي سان پنهنجن سردارن جي خون ناحق جو ڪلهوڙن کان بدلو وٺڻ گهرجي"[1].

**ميان سرفراز خان جي فراريت:**

بلوچن جي مڙي مٽ ٽيڻ ڪانپوءِ مير فتح خان جرار بلوچي لشڪر سان ميان سرفراز خان جي نئين تختگاهہ خدا آباد تي ڪاهي ويو. هتان راتورات ميان ڀيڙين وسيلي حيدرآباد جي قلعي ۾ پناهہ ورتي. بلوچن جي فساد کي ڏسي درٻارين ڪيس تخت تان لاهي ميان محمد ابا خان کي راڃي ليکي گادي تي ٽاڪيو. مگر منجهس حڪومت هلائڻ جي صلاحيت ڪانہ هئي. راڃي ليکي ۽ سندس چاڙتن گڏجي هن کي تخت تان لاهي سندس چاچي ميان غلام نبي خان کي سنہ 1777ع ۾ گادي تي ٽاڪيو. بلوچن ۽ ڪلهوڙن جي اڻبڻت کي ڏسي سنہ 1775ع ۾ انگريزن کي ٺٽي جي واپاري ڪوٺيءَ مان تپڙ سوريٽا پيا.

**لنياري جي جنگ:**

ميان غلام نبي خان بہ مير بجر سان عداوت رکندو آيو. مير بجر خان جڏهن حج تي ويو هو تڏهن ميان غلام نبي خان کي لک رپيا مسقط جي امام کي مير صاحب جي مارائڻ لاءِ آڇيا هئا. اهي جنسي خط امام صاحب مير کي ڏنا هئا[2]. مسقط کان پوءِ هو قلات آيو. مير

---

[1] شاهنامہ سنڌ. ص. 6-10

[2] نوٽ: مسقط جي امامن جي بلوچن سان ماڻتي هئي. بوسعيد بليدي جنهن مڪران ۾ عيسوي 16 صدي ۾ بليدين جي حڪومت جو پايو وڌو، سو مسقط کان آيو هو. مسقط جو هڪڙو شهزادو مير نصير خان والي قلات وٽ آيو تنهن کي خان صاحب گوادر جو بندر بطور مهماني ڏنو، جو اڃا بمسقط جي ملڪيت آهي. هن وقت مسقط ۾ متره ۾ عربن جي مقابلي ۾ بلوچن جو تعداد گهڻو آهي. ميان غلام شاهہ امام سان دوستي ڳنڍي ويو هو.

R.Hughes-Baller: Makran, CHP.History the Buledi Maliks,

A.W. Hughes: Baluchistan, History of-kalat

The statesman year book 1923, oman, P.1203, London


نصير خان مير صاحب جي ڪمال همدردي ۽ مروت سان مهماني ڪئي. ڇاڪاڻ جو پاڙيسري حڪومتن کي ڪلهوڙن جي ظلم جي خبر هئي. مير بجر جڏهن خداآباد پهتو تڏهن بلوچ ڪارن لباسن ۾ ونس حاضر ٿي گذريل حادثن بابت ساڻس غمخوار ٿيا. حاضرين ۾ هيٺيان ٽالپر امير شامل هئا: 1. مير بجر خان سندس نوجوان پٽ عبدالله خان 2. مير صوبدار خان جا ٻه فرزند مير فتح علي خان ۽ مير غلام علي خان 3. مير فتح خان ماڻڪاڻي ۽ سندس ٻه نوجوان پٽ مير ٺارو خان ۽ امير الهيار خان 4. مير بهرام خان جو پاٽئيو مير سهراب خان 5. مير فتح خان جي سؤٽ مير ڄاڙي خان جو پٽ مير مرزو خان ۽ سندس پٽ مير باگو خان 6. مير شهر علي خان. نوجوان اميرن ۾ پاڙي جهاڙي وٺڻ جو گهڻو جوش هو. سڀ مير بجر خان جي ادب ڪري جوش دٻايو ويٺا هئا. راڄو ليکي مير صاحب جي خوف کان سندس اچڻ کان اڳ زهر کائي خودڪشي ڪري چڪو هو. سندس پٽ تاجي ليکي جو دربار تي اثر هو. جو فتني فساد ۾ پيءُ کان ٻه رتيون اڳتي هو ۽ وزارت جو قلمدان سندس حوالي هو. ميان غلام نبي، الله بخش جنجڻ ۽ وزير جي چوڻ تي مير بجر خان ڏانهن هڪڙو خط لکيو. جنهن ۾ سنڌ ڇڏي وڃڻ لاءِ حڪم لکيل هو. مگر مير صاحب ان خط تي ڪوبه ڌيان نه ڏنو هو. بلڪ عمرڪوٽ جو قلعو ڪوسن کان خالي ڪرائي اُتي رهڻ لڳو. توڙي جو ونس بلوچن جو چڱو خاصو لشڪر هو. مگر الله بخش جنجڻ ڪنهن ترتيب سان مير صاحب کان قلعو خالي ڪرائي ڪوسن مان فوج گڏ ڪري پاڻ قبضو ڄمائي ويٺو. ڪوسا ڪلهوڙن جي طرف هئا. ڪوسن جي سردار روحل خان جي پٽن مان راڄو خان ميان نور محمد وٽ اهلڪار هو ۽ شير خان ميان غلام شاهه جي نڪ جو وار هو. شير خان جي پٽن مان روحل خان کي ميان غلام نبي خان جاگير ڏني هئي.مير بجر سمجهي ويو ته ميان سان جنگ ڪرڻ ڌاران ٻيو ڪو رستو ڪونهي. ميان جو سپهه سالار فيروز خان پتافي ميان صاحب پاران شهدادپور تعلقي جي لنياري ڳوٺ وٽ اسي هزار لشڪر گڏ ڪرڻ لڳو. مير صاحب چار هزار جرار بلوچي لشڪر سان مقابلي ڪرڻ لاءِ نڪتو. سخت خونريز جنگ ۾ فيروز پتافي مارجي ويو. ڪلهوڙن جي لشڪر ۾

ياڄ پئي. ميان غلام نبي يارو فراش هٿان سخت زخمي ٿي واھ جو پيٽ ڏيئي پڳو پئي ويو تہ مير سهراب خان پڪڙي مير بجر خان وٽ آندس ۽ اُتي زخمن وگھي روبرو دم ڏنائين. سيد عظيم الدين ٺٽوي "فتح سنڌ" ۾ لکي ٿو تہ جنگ ۾ شڪست کائڻ کانپوءِ ميان غلام نبي خان صلح ڪرڻ لاءِ قرآن شريف ميڙ ڪري مير بجر خان وٽ آيو ٿي تہ تاجي ليڪي ترار هٽي شهيد ڪري وڌس. جنگ کان پوءِ تاجو ليڪي ۽ الله بخش جنجڻ بہ قيد ٿي ويا. مير صاحب پاران هيٺين ماڻهن تيغ زني جو ثبوت ڏنو: مير فتح خان، مير فتح علي خان، مير سهراب خان، مير الهيار خان، مير مرزو خان، مير باگو خان، اسماعيل خان ڪٽياڻ، دلاور خان لغاري، هئبت خان جمالي، دريا خان، فضل خان، پيڙو خان ڪوڪر، عرضي خدمتگار، يارو فراش، سلطان خان ۽ زنگي خان مري وغيره. مرين جو شجرو هن ريت آهي:

## حاجي زئي مري:

سنڌ جي مرين مان حاجي زئي مري ٽالپرن کي سگ ڏيڻ ڪري سري ۽ لاڙ سنڌ ۾ وڏن رتبن کي پهتا هئا. سندن پيشو فن سپھ گري هو. حاجي زئن جو مورث اعليٰ حاجي خان مير رند جي چوڏهين پيڙهي مان هو. ڪيس بہ ديرا هئا. 1. بڊاڻي، 2. لوهاراڻي. هرهڪ ديري مان ڪيس چار پٽ هئا. شجرو هن ريت آهي:-

مير جلال خان
↓
رند
↓
قوز
↓
فيروز
↓
بجر
↓
فيروز
↓
محمد خان
↓
هوٿين
↓
ريحان




**ميان عبدالنبي:**

مير بجر خان پڪو ارادو ڪيو هو تہ ميان غلام نبي ڪان پوءِ ميان محمد سرفراز خان کي قيد مان ڪڍي، گذريل سڀ ڳالهيون معاف ڪجن ۽ ڪيس وري تخت نشين ڪجي. پر جڏهن ميان سرفراز خان جي شهيد ٿيڻ جي خبر پيس، تڏهن ارمان ۾ پئجي ويو. ميان عبدالنبي پنهنجي ڀاءُ ميان غلام نبي ڀاران حيدرآباد جي قلعي جو مالڪ هو. پنهنجي ڀاءُ جي موت جو ٻڌي جيڪي بہ شاهي قيدي نظر بند هئا، تن مان ميان محمد ابا خان، ميان سرفراز خان ۽ سندس ٻن پٽن عطر خان ۽ مير محمد خان کي مارائي ڇڏيو. تنهنڪري ٻيو ڪو لائق نہ ڏسي، مير صاحب ميان عبدالنبي خان کي گادي تي ويهاريو.

**مير بجر خان جو شهيد ٿيڻ:**

ميان عبدالنبي خان گادي تي ويٺو. سندس خدا پرست والده مير بجر خان کي پيغام موڪليو تہ، عبدالنبي منهنجو پٽ آهي، آءٌ سندس

عادتن کان واقف آهيان. هي منهنجو به گهر تباهه ڪندو ۽ توکي به منجهانئس ڪا چڱائي نه رسندي. مير بجر خان جو ان وقت حيدرآباد قلعي تي گهيرو ڪري وينو هو. تنهن کي ميان عبدالنبي خان وزير ڪيو. سنه 1197هه/1782ع ۾ ڪلهوڙا شهزادن مان ميان عزت يار خان، ميان عبدالنبي خان خلاف تيمور شاهه ڏانهن دانهن کڻي ويو. تيمور شاهه هن کي سنڌ ڏيئي تورو افغاني لشڪر هن سان ڏياري موڪليو. شڪارپور جي ويجهو جنگ لڳي، افغاني لشڪر شڪست کاڌي. شڪست جو ٻڌي تيمور شاهه پاڻ قنڌار کان سنڌ تي ڪاهي آيو. مير بجر خان ساڻس رويرو گڏيو. بادشاهه کي حڪمت عملي جي ذريعي موٽائي ڪڍڻ ۾ ڪامياب ٿيو. عبدالنبي خان نالي طور حاڪم هو، مگر سندس وزير بجر خان ملڪ جو سچو مالڪ هو. ميان کي هر وقت مير مان خوف رهندو هو. هڪڙي ڏينهن ٻه راجپوت قاصد مير بجر وٽ آيا، چيائون ته اسان جوڌپور جي راجا بجيسنگهه وٽان خط آندو آهي. مير صاحب قاصدن کي هڪڙي الڳ ڪمري ۾ وٺي ويو. جيئن خط پڙهڻ لڳو، تيئن راجپوتن خنجر سان مٿس حملو ڪيو. هو زخمن ڪري شهيد ٿي ويو، مگر مرڻ کان اڳ پنهي باغين جو ترار سان خاتمو ڪري ويو. ڪن مؤرخن جو بيان آهي ته مير صاحب ميان جي سازش ڪري مارجي ويو[1]. هن جوڌپور جي راجا کي خون جي بدلي ۾ عمرڪوٽ ڏيڻو ڪيو هو. ڪي چون ٿا ته ميان عبدالنبي، ميان غلام نبي جي والده هٿان مارجي ويو. جنهن نساري جي جنگ ۾ پٽ جي مرڻ جو ٻڌي جوڌپور جي راجا ڏانهن ڏني هئي. هن وري ٻه راجپوت لالچ ۾ ڏياري روانا ڪيا هئا[2]. ڪي چون ٿا مير صاحب مارواڙي جي راجا کان سنگ گهريو هو. جنهن ڪاوڙجي ٻه راجپوت موڪليا هئا[3].

---

[1] Kalichbeg Fredunbeg: History of the Sindh, Vol.II, P.180 Karachi, 1901

[2] Shahmatali: History of Bahawalpur, PP.65-66

[3] J.Tod: Rajasthan, vol.II, P.1289

**جوڌپور کي شڪست:**

مير بجر خان جي شهيد ٿيڻ کان پوءِ بلوچن ۾ تاءُ پيدا ٿيو. سڀ بلوچ ميان عبدالنبي خان کي قتل ڪرڻ لاءِ يڪراءِ ٿيا. مير عبدالله خان ٽالپر کان ميان کي خوف جاڳيو. هن پنهنجا ٻه پٽ جوڌپور جي راجا ڏانهن ڏياري موڪليا ۽ پاڻ رفيقن ۽ خزاني سميت قلات جي بيگلربيگي نصير خان وٽ وڃي لڪو. ڪلهوڙن مان باقي ڪوبه نه رهيو هو. فقط هڪڙو صادق علي نالي فقير تارڪ الدنيا رهندو هو. تنهن کي بلوچن درويشي آستاني کان اُٿاري شاهي مسند تي ويهاريو. دستور موجب ساڻس ٻيلي ٿي رهيا. جوڌپور جي راجا بجيسنگهه سنه 1753ع/1793ع تائين حڪومت ڪئي. عمرڪوٽ هٿ ڪرڻ لاءِ ڪلهوڙن سان ڪيس همدردي هئي. ميان جا پٽ اڳيئي وٽس دانهي ويا هئا. هو راجپوتن جو لشڪر وٺي ڪاهي آيو. جوڌپور جي سرحد وٽ هڪڙي قلعي تي جنگ لڳي. گهڻي خونريزي کان پوءِ راجپوتن شڪست کاڌي. ٽالپرن کي بيشمار مال هٿ لڳو. جنهن ۾ سونا ڪنگڻ به هئا[1]. راجپوت لشڪر جي شڪست جون خبرون ٻڌي ميان عبدالنبي جا حوصلا خطا ٿي ويا. هن مير نصير خان اعظم کان مدد گهري. خان قلات ڪيس سندس گذريل ڪرتوتن تي شرمايو. پوءِ پنهنجي نائي زرڪ خان سان هڪڙو براهوي لشڪر چاڙهي موڪليو. سنڌ مان جتوئي، نومڙيا ۽ کوسا به ميان سان گڏيا. مير عبدالله خان، مير فتح خان کي لشڪر گڏ ڪرڻ لاءِ حڪم ڏنو. لاڙڪاڻي کان ٿورو پهرين چالڪ جي پل وٽ جنگ لڳي، زرڪ خان شڪست کائي ڀڳو. بلوچ ميان صادق علي خان سان سوڀ جا نغارا وڄائي خداآباد پهتا.

**ميان عبدالنبي جو ٻيهر گادي تي ويهڻ:**

ميان عبدالنبي خان تخت هٿ ڪرڻ لاءِ حيلا ۽ سازشون ڪري رهيو هو. هيڏانهن سنڌ تي ڪاهون ٿي رهيون هيون. بلوچ ڪلهوڙن سان وفادار رهندا سنڌ جي بچاءُ لاءِ دشمنن سان لڙندا پي آيا. ڪراچي جو بندر

---

[1] تاريخ خيرپور: شمس العلماءِ مرزا قليچ بيگ، 1924
وقائع راجستان: مولوي نجم الغني، جلد: 2، ص. 50-48 همدرد پريس لکنؤ

گاهه جيڪو جاگرافيائي اعتبار کان سنڌ سان لاڳو هو، سو مير نصير خان قبائي رکيو هو. ٻي پاسي بجيسنگهه عمرڪوٽ کي تاڙي بيٺو هو. مٿين بدامنين ڪري لاچار ايسٽ انڊيا ڪمپني کي ڪوٺي بند ڪرڻي پئي. ڪراچي جي ساليانی آمدني ڇهه لک 16 هزار رپيا هئي[1].

**مدد خان پٺاڻ جي ڪاهه:**

عام طرح سنڌ جي تاريخن ۾ لکيل آهي ته مدد خان ڦورو افغان هو. حقيقت ۾ مدد خان تيمور شاهه جي سپهه سالارن مان هو. جنهن سنه 1780ع ۾ رڪن الدوله محمد بهاول خان بهاولپور جي نواب تي تيمور شاهه پاران ڊراور جي قلعي تي ڪاهي نواب کان خراج وصول ڪيو هو[2]. تنهن کان پوءِ تيمور شاهه هن کي سنڌ تي چاڙهي موڪليو. ميان عبدالنبي جنهن کي قلات ۽ جوڌپور جي درٻارن مان مايوسي حاصل ٿي هئي، ٻي واهه نه ڏسي افغان سردار کي پوريل خزانن جي لالچ ڏني. بقول ايلفنسٽن مدد خان سنه 1780ع ۾ طوفان وانگر سنڌ تي ڪاهي آيو. بدين تائين سنڌ جا شاداب ۽ وسيع شهر ۽ ڳوٺ افغانن ڦري ويران ڪري ڇڏيا. جوڻ ۽ فتح باغ جا وسيع شهر ناس ٿي ويا. ويتر ڏکر پوڻ ڪري باقي ڳوٺ به ويران ٿي ويا. سنڌين ۾ مصيبت وقت گهوڙا گهوڙا ڪرڻ جو رواج مدد خان جي ڪاهه ڪري پيو[3]. ماڻڪاڻين مان مير فتح خان، مير مرزو خان ۽ مير باگو خان جي مرضي هئي ته مدد خان سان وڙهي فيصلو ڪجي. مير فتح علي خان جي راءِ هئي ته مدد خان جي پيش پوڻ جي اها معنيٰ ٿيندي ته ميان عبدالنبي جو پيش پوڻ. مگر مير عبدالله خان جو هن وقت پڳدار هو، تنهن صلاح ڏني ته غير جانبدار رهي حالتن جو انتظار ڪجي. ٻين ميرن سندس راءِ جي تائيد ڪئي، مگر ماڻڪاڻين مان مير فتح خان ۽ مير باگو خان ڪاوڙجي عمرڪوٽ ڏانهن هليا ويا. باقي امير

---

(1) H.R. Gupta: Latter Moghal History of the Punjab, P.272

(2) تاريخ حسين شاهي: سيد امام الدين حسيني، ص. 113-110، فارسي 1798ع

تاريخ سلطاني: سلطان محمد خان دراني، ص. 56-155، ذڪر سردار مدد خان

(3) لب تاريخ: خان بهادر خداداد خان، ذڪر مدد خان جي سنڌ تي ڪاهه

شهدادپور جي ديره جات جي قلعن ڏانهن هليا ويا. مدد خان به اچي عمرڪوٽ کي سوڙهو ٿيو. واڻ تي لغارين جي راڄ جا هڪ سؤ چاليهه بلوچ پناڻن تي ڪاهي ويا ۽ سوين افغان ماري پاڻ به ساڻن موت جو بک ٿيا. مدد خان چالاڪي ڪري هڪڙو قربائتو خط مير فتح خان ڏانهن لکيو، مير صاحب قلعي جي درن پٽڻ لاءِ حڪم ڏنو. مدد خان سوارن سان قلعي ۾ ڏوڪيندو گهڙيو. مير فتح خان ۽ مير باگو خان کي زنجيرن ۾ ٻڌائي سوگهو رکيائين. نبي بخش خان پرگڙي جو خاصه دارن مان هو، تنهن مير فتح خان جا زنجير لاهي پنهنجن پيرن ۾ وجهي اُن جي هنڌ تي سمهي پيو. مير باگو خان به نڪري ويو. مگر پناڻن هٿان پڪڙجي پيو، جن ميان عبدالنبي جي حوالي ڪيو. ميان صاحب نبي بخش لاءِ قتل جي راءِ ڏني، مگر افغان سردار سندس نمڪ حلالي کي ڏسي هن کي انعام ڏيئي آزاد ڪيو. پوءِ افغاني قيامت ملڪ ڦري ڪابل ڏانهن رخ رکيو[1].

**هالاڻي جي فيصلي ڪن جنگ:**

مدد خان جي موٽي وڃڻ کان پوءِ ميان عبدالنبي خان اڳتي لاءِ وفادار ٿي رهڻ لاءِ قرآن شريف تي قسم لکي مير عبدالله خان ڏانهن موڪليو. بلوچي رواداري جي لحاظ موجب مير صاحب ميان سان صلح ڪيو. عبدالنبي خان ٻيهر گادي تي ويٺو. مگر ڪلهوڙن جي صاحبي جو زوال شروع ٿي چڪو هو، فقط ڪوڙن انجامن ۽ اقرارن تي مسند جي بقا جو دارومدار هو. ميان عبدالنبي دل جو ڪمزور هو، سندس دل ۾ اچا به دغا هئي. هڪڙي ڏينهن دستور موجب مير عبدالله خان ۽ فتح خان ميان صاحب کي ڪچهري ۾ گڏجڻ ويا. ميان صاحب اڳيئي منصوبو سٽي رکيو هو. جڏهن ٻئي سردار دربار جي در تي پهتا ته ميان جي چوبدارن کين هٿيارن رکي وڃڻ لاءِ هدايت ڪئي ۽ جيئن ئي اندر گهڙيا، ته ميان جا چوبدار جيڪي اڳ تيار بيٺا هئا، تن هڪدم ٻنهي سردارن کي گرفتار ڪيو. مير سمجهي ويا ته اُهي گهڙي پل لاءِ مهمان آهن. هنن قرآن پاڪ

---

[1] شاهنامه سنڌ عرف ڪلهوڙن جي هار، ذڪر مدد خان پناڻ جي ڪاهه.

جي تلاوت ڪرڻ لاءِ اجازت گهري. اُهي ڪنڌ نمائي تلاوت جي حلاوت ۾ هئا تہ جلادن اشاري ملڻ سان سندن سسيون ڌار ڪري ڇڏيون. هي واقعو سنہ 1783ع ۾ ٿيو. ڪلهوڙن جي صاحبي جو چوٿون دور هو جڏهن سندن حڪومت جو سنڌ ۾ خاتمو ٿيو. هن واقعي ڪان پوءِ بلوچي غيرت اهڙو جوش ڪاڙي جو سيئي امير بهرام خان جي پوٽي مير فتح خان جي جهنڊي هيٺ گڏ ٿيا. بلوچن جي صبظ ۽ صبر جو پيمانو خون سان لبريز ٿي چڪو هو. ڇاڪاڻ جو انجامن ۽ اقرارن جي انتها ٿي چڪي هئي. فضا ٻڌائي رهي هئي تہ انتقام جي گهڙي ويجهي آهي. جنگ ڪان اڳ مير سهراب خان جي صلاح سان ٽالپرن پنهنجا ديرا دين ڳڙهہ ڏانهن روانا ڪري ڇڏيا هئا[1]. مير فتح علي خان، مير سهراب خان، مير ٺارو خان، مير الهيار خان، مير باگو خان لشڪر گڏ ڪرڻ لڳا. ميان عبدالنبي خان جو سپهہ سالار ڏيگاٽو جتوئي 11 هزار لشڪر سان روانو ٿيو. ميان خداآباد ۾ رهجي پيو. بلوچي لشڪر سندن مقابلي ۾ ڏهين پتيءَ جيترو مس هو مگر نوجوانن جي جوش ۽ غيرت ڪري سندن استقلال ڪلهوڙن جي قوت ڪان سؤ ڀيرا سرس هو[2]. سندن لشڪر ۾ اسماعيل خان ڪتياڻ، ڀيڙو ڪوڪر، فقيرو، طاهر، عرضي، سلطان وفادار خدمتگار هئا. ڪلهوڙن جي فوج ۾ ڏيگاٽو جتوئي، آدو ٻڍو، فيروز ڪليري، محمد حسن ڪهاوڙ جنگ آزما سپاهي هئا. جنگ لڳڻ سان سرائي جي فوجن جو بي انداز نقصان ڏسي ڏيگاٽي جتوئي سرائي ڪي ميرن سان صلح ڪرڻ لاءِ صلاح ڏني. پاڻ مير صاحبن ڪي منٿون ڪرڻ لڳو، پر ميرن ڳالهہ نہ ٻڌس. آخر هن ڀاڃ ڪاڏي. سندس ڀاڃ جو ٻڌي ميان باهہ ٿي ويو. هن هڪڙو ڌمڪين ڀريل خط مير صاحب ڏي لکيو. جنهن جو ڪيس دندان شڪن جواب مليو. پوءِ محمد حسن ڪهاوڙ ڪي منٿون ميڙون ڪري پاڻ سان شامل ڪيائين. پوءِ ٽيهہ

---

[1] شاهنامہ سنڌ عرف ڪلهوڙن جي هار، ذڪر جنگ هالاڻي

[2] تاريخ خيرپور، ذڪر مير سهراب خان.

نوٽ: سنہ 1901ع واري هندستان جي آدمشماري موجب سنڌ ۾ ڪلهوڙن جو ڪل تعداد 23 هزار هو.

هزار لشڪر سان هن ڪاهه ڪئي، ڪيس باقر خان ڪهاوڙ، سلطان خان ڪهاوڙ، بلاول ليکي، غلام حسين جنجڻ، عزت خان نومڙي، تاجو سامٽيو، روهل خان ڪوسي، مراد ڪليري ۽ ڏگاڻي جتوئي جي بازن تي ڀروسو هو. محمد حسن ڪهاوڙ جي زهد ۽ تقويٰ جو هي حال هو، جو هڪڙي هٿ ۾ تسبيح ۽ ٻي ۾ ترار هيس. ٽالپري لشڪر ۾ نواب ولي محمد خان لغاري، قيصر خان نظاماڻي، زنگي خان مري ۽ خيرو خان جمالي بهادر سپاهي هئا، جن جو اباڻو پيشو سپهه گري هو. نواب برخوردار خان ڪوسو ديره جات کان ميان جي مدد ڪرڻ آيو هو[1]. سنه 1783ع ۾ هالاڻي وٽ دوبدو جنگ لڳي. محمد حسن ڪهاوڙ جگر ٽوڙ حملا ڪيا، پر سرائين جا سمورا پهلوان مارجي ويا. سردار برخوردار ڪوسو زخمي ٿي پڇي ويو. مير سهراب خان به زخمي ٿيو. ميان جي فوج ۾ ڀاڄ پئي، ميدان ٽالپرن ڪٽيو. مير فتح علي خان منزل ڪٽي نوشهروفيروز آيو، اُتي سيني رضاڪارن کي انعام اڪرام ڏنائين. جيڪي قومون سرائي پاران وڙهيون هيون، تن جا باقي رهيل اڳواڻ مير صاحب وٽ پيش پيا. مير صاحب سيني کي عزت ۽ احترام سان روانو ڪيو. ميان عبدالنبي خان هيڪر وري قسمت آزمائڻ لاءِ خان نصير خان وٽ قلات دانهن ڪٽي ويو. اُتان بروهين جو ڪجهه لشڪر وٺي دادو پهتو. مگر سپاهين کي پگهار نه ملڻ ڪري بروهي ميان جو سامان لُٽي موٽي قلات ويا. تنهن کان پوءِ ميان قنڌار ڏانهن تيمور شاهه وٽ دانهن ڪٽي ويو. افغان بادشاهه سنڌ کي ٻن حصن ۾ ورهائڻ ۽ اُتي افغاني لشڪر رکڻ لاءِ ارادو ڪيو، پر مير صاحب جي هوشيار ايلچين 9 لک رپيا تيمور شاهه کي رشوت ڏيئي مير صاحب جي نالي تي فرمان جاري ڪرايو. ڪلهوڙن جي صاحبي جو سنڌ ۾ خاتمو ٿيو ۽ ٽالپرن جي صاحبي شروع ٿي.

---

[1] تاريخ بلوچيان، ذڪر ڪوسا

Ceusus of India, 1901, Vol. IX, Sindh tribes CHP. VIII, PP. 203-205

**ڪلهوڙن جي صاحبي ۾ سنڌ جي علمي حالت:**

مخدوم نوحؒ المتوفي سنہ 998ھ ۽ شاھ عبدالڪريم بلڙيؒ وارو هڪ ئي همعصر هئا. سندن سنڌي ڪلامن شهرت حاصل ڪئي. ڇاڪاڻ جو ڪتاب بيان العارفين جيڪو فارسي ۾ آهي، تنهن ۾ شاھ عبدالڪريم جا صوفيانہ سنڌي شعر فارسي ترجمي سان درج ٿيل آهن. ڪلهوڙن جي صاحبي ۾ سنڌي شاعرن جو هڪڙو حلقو نظر اچي ٿو جن سنڌي زبان جي خدمت ڪري انهي زماني جي مروج زبان ۾ ڪيترائي ڪتاب لکي سنڌ وارن تي وڏو احسان فرمايو. ٺٽو علم ۽ فيض جو چشمو هو. نادر شاھ جي ڪاھ وقت سنہ 1742ع ۾ هن شهر ۾ چار سؤ مدرسا هئا. هت اڪابر رهندا هئا. جيئن مخدوم محمد هاشم ٺٽوي، مخدوم ضياءالدين ٺٽوي، علامہ معين ٺٽوي، ميان محمد حسين ٺٽوي وڏا عالم، عارف ۽ فاضل ٿي گذريا. تنهن ڪان سواءِ فقير عبدالرحيم گرهوڙي سندس مرشد پير محمد زمان لواري وارو قابل يادگار سنڌي عالم ۽ شعراءِ ڪرام ٿي گذريا. ميان نورمحمد ڪلهوڙي وٽ شاهي ڪتبخانو هو. ڪانٿس نادر شاھ ڪي نادر نسخا ڪسي خراسان ڏانهن ڪٿي ويو. سنہ 1272ھ جي وچ ڌاري منياريءَ جي هڪڙي بزرگ مخدوم عزيزالله قرآن شريف جو سنڌي ترجمو نثر ۾ تيار ڪيو.

**شاھ عبداللطيف ڀٽائيؒ :**

تحقيق سنڌ جي عارفن ۽ مخدومن سنڌي زبان کي جيئري رکڻ جي ڪوشش ڪئي، جڏهن سنڌ جي دفتري زبان فارسي هئي. مگر سنڌي زبان کي جيئري رکڻ وارو سنڌ جو سدا حيات شاعر شاھ عبداللطيف ڀٽائيؒ المتوفي 1165ھ/1752ع ميان نورمحمد ڪلهوڙي جي دؤر ۾ ٿي گذريو. شاھ صاحب جي سنڌي هاڻوڪي سنڌي ڪان البتہ ٻي طرح آهي. اهوئي سبب آهي جو ماڻهن کي شاھ جي شعر پڙهڻ ۽ ان جي معنيٰ سمجهڻ ۾ قدري مشڪلات ٿئي ٿي. شاھ جي ڪلامن ۾ عربي، سنسڪرت ۽ پراڪرت، بلوچي ۽ براهوئي زبانن جا لفظ گڏيل آهن. تنهنڪري شاھ جي سنڌي کي اهو ماهر سمجهي سگهندو جو عربي ڪان سواءِ مٿين ٻولين جو ماهر هجي. ميان نورمحمد ڪلهوڙي شاھ صاحب

ڪي مولانا رومي جي مثنوي جو سونهري نسخو نذراني طور ڏنو هو. سنه 1167هه/1754ع ۾ ميان غلام شاهه ڪلهوڙي انهن ڏينهن جي نامياري عيدن رازي کان پنهنجي خرچ سان شاهه صاحب جي تربت مٿان عاليشان گنبذ اڏايو.

سنڌ جي سرتاج شاعر جو رسالو پهريان سنه 1866ع ۾ ڊاڪٽر ٽرمپ جنهن سنڌي زبان جو گرامر تيار ڪيو هو، جرمني جي شهر لپسيا مان شايع ڪرايو هو. سنه 1867ع ۾ قاضي ابراهيم جو سنگي ڇاپو بمبئي ۾ پڌرو ڪيو ويو. سنه 1900ع ۾ سنڌ جي تعليم کاتي پاران هاٽوڪي سنڌي خط ۾ رسالو شايع ٿيو. سنه 1913ع ۾ مرزا قليچ بيگ تڪليف وٺي پنهنجو ڇاپو پڌرو ڪيو. تنهن کان پوءِ وقت بوقت شاهه جا رسالا شايع ٿيندا رهيا. منجهانئن پٽ ۽ بلڙي وارا قلمي نسخا قديم آهن. شاهه جي رسالي مان ڌاريا بيت ڪڍڻ ۽ چنڊڇاڻ ڪرڻ جو سهرو ڊاڪٽر هوتچند مولچند گربخشاڻي جي سر تي آهي. هن صاحب پنهنجي شاگرد علامه دائودپوٽه جي مدد سان شاهه جي رسالي جا ضخيم جلد تصنيف ڪري پير سيد غلام حيدر شاهه، سجاده نشين درگاهه ڪريمي جي ڪوشش سان هزهائينس مرحوم مير عبدالحسين ٽالپر جي مشهور جهوني قلمي نسخي سان ڀيٽن جي پيٽ ڪري سنه 1924ع ۾ ڪمشنر سنڌ جي پريس مان رسالي جا جلد شايع ڪرايا. سندس شڪرادائي سنڌ جي مسلمانن پاران قاضي اسدالله شاهه اخبار روزانه الوحيد معرفت ڪئي. مٿين رسالن ۾ شاهه ڀٽائيءَ پنهنجي نوراني جمال ۽ جلال سان نظر اچي ٿو[1]. ڪلهوڙن جي صاحبي وقت سنڌي ٻولي فقط گهريلو ٻولي هئي. مادري ٻولي مادري ٻولي نه هئي، نه ڪا ضورتخطي مقرر نه وري سنڌي لکڻ جو ئي ڪو رواج هو. جيڪو ڪجهه لکيو ويندو هو سو عربي صورتخطي ۾ زيرن زبرن سان لکيو ويندو هو. ان ڪانسواءِ جيئن دستور آهي ته جڏهن به ڪا ٻولي علمي بڻجڻ ۽ زنده رهڻ لاءِ قدم کڻندي آهي

[1] شاهه جو رسالو، جلد: 1 ۽ 2.

تہ اها پهريان نظم ۾ قلمبند ٿيندي آهي. اهڙي طرح سنڌي ٻوليءَ بہ شروعات ۾ نظم جو جامو پهري پوءِ اڳتي وڌڻ لڳي.

**مخدوم محمد هاشم ٺٽوي:**

مخدوم محمد هاشمؒ سنڌ جو مشهور نامور بزرگ ۽ عالم صوفي ٿي گذريو. هن هستي تي اسان جو وطن بجا طور ناز ڪري سگهي ٿو. مخدوم محمد هاشم (المتوفي سنہ 1174هہ) جو والد عبداللطيف بن عبدالرحمان بن محمد قاسم بن خيرالدين الحارثي بنوري جي شهر ۾ رهندو هو. ٺٽي ۾ پهچڻ کان پوءِ مخدومؒ جي علمي شهرت ۽ فضيلت جو آواز دور دراز هنڌن تي پهچڻ لڳو. ميان غلام شاهہ ڪلهوڙو سندس معتقدن ۾ شامل هو. مخدوم صاحب همت سان بدعتن ۽ بد رسمن جو خاتمو ڪيو. ميان غلام شاهہ ڪيس ٺٽي جو قاضي القضاة جو عهدو ڏنو. سنہ 1135هہ ۾ مخدوم صاحب حج جي ارادي سان مڪي ۽ مدينہ ڏانهن ويا. جتي مختلف علمائن جيئن تہ شيخ عبدالقادر صديقي مالڪي، شيخ عبدين علي مصري، شيخ محمد ابوطاهر مدني وغيره کان حديث ۽ ٻين علمن جون سندون ۽ اجازتون حاصل ڪيون. واپسي وقت سورت بندر تي سيد محمد سعدالله سورتي کان بيعت ورتي خلافت جو خرقو ڍڪيائين. سنہ 1137هہ ۾ ٺٽي ۾ اچي وارد ٿيو. مخدوم صاحب اٽڪل ڏيڍ سؤ ڪتاب عربي، فارسي ۽ سنڌي ۾ تاليف ڪيا. ڪجهہ نالا مختصر طور ڏجن ٿا: 1. تفسير سوره تبارڪ، 2. تفسير عم و تبارڪ (سنڌي)، 3. مظهر الانوار في الصيام، 4. حيات القاري بلطراف البخاري، 5. فرائض اسلام فتح الڪلام، 6. حيات القلوب، 7. وصيت نامہ، 8. الطريقہ الاحمديتہ، 9. تمام العنايتہ، 10. السيف الجلي عن ساب النبي وغيره. مخدوم صاحب جو مقبرو مڪلي ٽڪري تي آهي[1].

**علامہ محمد معين:**

علامہ محمد معين بن محمد امين ڏل قبيلي جي قديم ٺٽي وارن ملن جي خاندان مان هو. شاهہ عبداللطيفؒ جو همعصر ۽ دوست هو. هجري 12

---

(1) الوحيد "سنڌ آزاد نمبر"، 1936ع

صدي جو صوفي، محدث ۽ شاعر ٿي گذريو. ننڍي ۾ تعليم پرائڻ کان پوءِ ولي الهند شاهه ولي الله دهلوي جو وڃي شاگرد ٿيو. شيخ محي الدين ان عربي جو معتقد هو. نقشبندي طريقي ۾ شيخ ابوالقاسم نقشبندي جو مريد هو. سرود ۽ سماع مان بہ لطف ۽ لذت حاصل ڪندو هو. عربي ٻولي ۾ ڪماليات جيڪا علامہ کي حاصل آهي، سا سندس ٻين همعصرن ۾ گهٽ نظر اچي ٿي. فارسي ۾ سندس تخلص تسليم ۽ سنڌي، هندي ۾ بيرانگي آهي. سيد علي شير قانع "مقالات الشعراء" ۾ سندس بيان بيحد عقيدتمندي سان ڏنو آهي. سندس تصنيف ڪيل ڪتاب مشهور آهن. جن مان ڪن جا نالا ڏجن ٿا:- (1) دراسات البيت جو 1866ع ۾ لاهور مان ڇپيو. اهو هن وقت ناياب آهي. اُن جو جواب مخدوم عبداللطيف ٺٽوي لکيو. (2) الحجة الجليلة (شينهن تي حضرت عليؓ جي فضيلت) جنهن جو رد مخدوم محمد هاشم لکيو. (3) نورالعين (امام حسينؓ جي ماتم جي جواز ۾) جنهن جو رد شيخ محمد حيات لکيو. (4) رفع الاشڪال. (5) ايقاط الوسنان. (6) وحدت الوجود و الموجود (اهي سمورا ڪتاب تصوف ۾ آهن). (7) رسالہ اعتدالات الاربع. (8) حاشيہ زبده المنطق. (9) الابداح. (10) الحق الصريح. (11) رفع العين وغيره.

**شيخ محمد حيات:**

شيخ محمد حيات سنڌيؒ مدني (المتوفي 1163هہ) جو پنهنجي وقت جو مجدد تسليم ڪيو ويو آهي ولد ملا ڦلاريو عادلپور تعلقي گهوٽڪي ۾ پيدا ٿيو ۽ اڳتي هلي عرب ۽ عجم جي استاد هجڻ جي عزت حاصل ڪيائين. طلب علم لاءِ حرمين شريفين هليو ويو. شيخ ابوالحسن محمد بن محمد صادق ڪبير کان علم حاصل ڪيائين ۽ سندس وفات کان پوءِ مسجد نبوي ۾ درس حديث ۽ وعظ جي مسند جو مالڪ ٿيو. سندس خلمت ۾ شام، مصر، هندستان ۽ مراڪش جي سوين عالمن حديث جي علم جي تحصيل ڪئي. علامہ محمد معين وانگر سندس شاگردن جي فهرست تمام طويل آهي. تاريخن ۾ هيٺيان مشهور نالا اچن ٿا: شيخ احمد بن عبدالرحمان شاهي، شيخ محمد سعيد صغير، شيخ عبدالقادر خليل ڪرڪ، سيد عبدالقادر بن احمد، سيد غلام علي آزاد بلگرامي، شيخ محمد فاخر الله

آبادي، شيخ ابوالحسن صغير، شيخ غلام حسين ٺٽوي مدني، مولانا خيرالدين محمد زاهد سورتي وغيره. منجهانئن مير آزاد بلگرامي جي تاريخ "سبحة المرجان آثار هندستان" تان چوٽي جا مؤرخ روشني وٺن ٿا[1]. مولانا خيرالدين سورتي (المتوفي 1206هه) جو ڪتاب تصوف ۽ سلوڪ متعلق "شواهد التجديد" مشهور آهي[2]. شيخ محمد حيات جي تصنيفات مان ڪن ڪتابن جا نالا ڏجن ٿا: 1. تحفة الانام في العمل بحديث النبي عليه الصلواة و الاسلام، 2. الايقاف علي سبب الاختلاف، 3. شرح اربعين نووي، 4. رسالا رد بدعت تعزيه (ان ۾ علامه معين تي رد ڪيل آهي)، 5. شرح ترغيب ترهيب منذري، 6. النهي عن عشق المردان و النسوان (عشق مجازي تي رد) ان رسالي جو گهڻو حصو نواب سيد صديق حسن خان ڪتاب "هداية السائل" ۾ نقل ڪيو آهي. ڪي رسالا جناب پير صاحب جهنڊي واري جي ڪتبخاني ۾ موجود آهن ۽ بلڪل ناياب آهن. شيخ صاحب مدينه منوره جي قبرستان جنت البقيع ۾ مدفن آهي.

## حاجي فقيرالله علوي:

حاجي فقير الله علوي بن عبدالرحمان حنفي جلال آبادي (المتوفي 1195هه) جو سلسلهٔ نسب امام محمد بن حنيفه سان ملي ٿو. 1150هه ۾ پنهنجي وطن مان هجرت ڪري شڪارپور ۾ اچي رهيو جيڪو تڏهن افغاني علائقو هو. هزارن ماڻهن سندس ظاهري ۽ باطني علمن مان فائدو پرايو. ميان سرفراز خان ۽ مير نصير خان والي قلات، غازي احمد شاهه ۽ تيمور شاهه سندس مخلصن جي حلقي ۾ شامل هئا. کيس ڪتابن گڏ ڪرڻ جو شوق هو. سندس ڪتبخاني ۾ عرب ۽ عجم جا ناياب نسخا گڏ ٿيا هئا. هن گهڻائي پيرا حج ڪيو هو. عربي ۽ فارسي جو قادرالڪلام شاعر هو. جيتوڻيڪ هو وڏو صوفي هو. محي الدين ابن عربي جا ڪتاب

---

[1] عرب ۽ هند جا تعلقات: سيد سليمان ندوي، باب 1. مير غلام علي جي ٻي تاريخ "خزانۀ عامره" مشهور آهي.

[2] يادِ ايام: مولانا حڪيم سيد عبدالحئي، ذڪر مولانا خيرالدين، ص 63-62

مطالعي هيٺ رهندا هئس، جن ۾ همہ اوست جي مسئلن جو بنياد وڌل آهي ۽ علامہ معين الدين ٺٽوي همہ اوست جي نعري کي بلند ڪرڻ وارو بہ سندس مخلص دوست هو. پر ان هوندي بہ جڏهن جهوڪ جي درويش صوفي عنايت الله همہ اوست جو آواز بلند ڪيو تہ سڀ کان پهريان حاجي فقير الله علوي هو جنهن وقت جي حاڪم جو صوفي صاحب جي بي ديني ڏانهن ڌيان ڇڪايو هو[1].

**مير علي شير قانع:**

مير علي شير قانع ٺٽوي ولد مير عزت الله ٺٽوي (المتوفي 1203هہ) شڪر اللهي سادات خاندان مان هو. ابتدائي تعليم ڪان پوءِ علامہ معين الدين، مخدوم رحمت الله ٺٽوي ۽ وقت جي استاد مير حيدر ابوتراب وٽان تعليم حاصل ڪري سنڌ تي پنهنجي علميت جو سڪو ڄمايو. شاعري لاءِ سندس طبع موزون هئي، مظهري تخلص هئس[2]. شاعرانہ صنفن جو نہ فقط ماهر هو، پر موجد بہ هو. سندس قابليت جي ڌاڪ ڪلهوڙا حاڪمن جي دربار ۾ بہ ويٺل هئي. جن کيس گهرائي پنهنجو مقرب بڻايو. ميان نور محمد ۽ سندس فرزند مرادياب خان ۽ ان کان پوءِ ميان غلام شاهہ جو علمي مصاحب ٿي رهيو. ميان مرادياب خان جي تخت نشيني جي موقعي تي 21 شعر نعتيہ لکيا اٿس. اهو قصيدو سندس "مقالات الشعراءِ" ۾ نقل ڪيل آهي. مير قانع کان اڳ اهڙو قصيدو غازي اورنگزيب عالمگير اول جي تخت نشيني وقت سيد محمد باقر گيلاني لکيو هو. مير قانع کي تاريخ گوئي ۾ الهامي دسترس هئي. سندس سنڌ وارن تي وڏو احسان سندس "تاريخ تحفة الڪرام" ٽن جلدن ۾ آهي. سچ پچ تہ جيڪڏهن اڄ سنڌ وارن جي هٿن ۾ اها مختصر تاريخ نہ هجي ها تہ پوءِ ڪجهہ بہ نہ هجي ها. انهي، تاريخ جي روشني ۾

---

[1] الوحيد "آزاد سنڌ نمبر، 1936ع، ص 36، ذڪر حاجي فقير الله علوي

[2] مير علي شير قانع ٺٽوي جا ٽي جلد "تحفة الڪرام" مطبع ناصري بمبئي جا ڇپيل منهنجي ڪتبخاني ۾ موجود آهن. مٿيون ناياب نسخو مون وٽ مير محمد بخش خان مالڪاڻي ٽالپر بطور تحفہ جي روانو ڪيو.

اسين قديم سنڌ کي ڏسي سگهون ٿا. سندس تصنيفات مان کن ڪتابن جا نالا ڏجن ٿا: (1) زينت الاخلاق، (2) نسخہ غوثيہ، (3) مڪلي نامہ، (4) مثنوي ختم الملوڪ، (5) قصاب نامہ، (6) زبده المقامات، (7) زين الافڪار، (8) تذهيب الطباع، (9) مختارنامہ، (10) معيار سالڪان طريقت، (11) قصہ ڪامروپ، (12) چهار منزل، (13) مثنوي ڪرشمہ قدرت، (14) حديقة الاولياء، (15) مثنوي قضا و قدرت، (16) رسالہ در صنائع و بدائع، (17) روضة الانبياء، (18) بوستان بهار، (19) لب لباب تاريخ ڪلهوڙه، (20) رسالا شرح معما، (21) ديوان قانع، (22) مقالات الشعراء. منجهانئن ڪي نظم ۾ آهن تہ ڪي نثر ۾ آهن. فقط تحفة الڪرام ڇپيل آهي. مختارنامہ ٺٽي جي سيدن وٽ آهي. مقالات الشعراء جو بہ فقط هڪ نسخو مصنف جي هٿ اکرن سان دنيا ۾ موجود آهي.

### محمد محسن ٺٽوي:

محسن ٺٽوي ولد نورمحمد صباغ (المتوفي 1163هہ) سنڌ ۾ فارسي جو باڪمال شاعر ٿي گذريو. مير مقبل اصفهاني جو ڪجهہ وقت ٺٽي ۾ اچي رهيو هو، ان ڪان ڪلام جي اصلاح ڪرائي پوءِ اڳتي هلي پاڻ استاد جي درجي کي پهتو. سندس شعر خواجہ حافظ جي پائي کي وڃي پهتو. سنڌ مان نڪري سندس شعر دهلي ۽ دکن تائين پهتو. سندس همعصر شاعر ۽ غير شاعر هن جي ڪلام کي نهايت شوق ۽ آرزو سان نقل ڪندا هئا. ڪجهہ وقت ٺٽي جي حاڪم مير لطف علي خان جي صحبت ۾ رهيو. آخري عمر ۾ ميان نور محمد وٽان کيس 15 رپيا ماهوار پگهار مقرر ٿيو. سندس ڪجهہ ڪتابن جا نالا ڏجن ٿا: (1) عقد دوازده گوهر، (2) طراز دانش، (3) ديوان قصائد، (4) اعلام ماتم يا حملہ حسيني، (5) محڪ مخسن. محڪ محسن کان سواءِ ٻيا سمورا ناپيد ٿي ويا آهن. سندس نظم ۽ شعر جا نمونا مقالات الشعراءِ ۾ موجود آهن.

### مخدوم عبدالواحد سيوستاني:

حضرت مخدوم عبدالواحد سيوستاني سنڌ جي مشهور فقيہ عالمن مان اهل الله بزرگ هو. سندس ولادت 1150هہ ۾ ٿي. مخدوم

صاحب پنهنجي وقت ۾ سنڌ جي سيني فقيهن ۾ ممتاز ۽ وڏي پايه جو عالم ليکبو هو، کيس "نعمان ثاني" ڪري سڏيو ويندو هو. فتويٰ ۽ تقويٰ جا صاحب ۽ ڪشف وارا بزرگ هئا. سندن شاگرد رشيد محمد افضل سندن فتوائن کي گڏ ڪندو رهيو، جو "بياض واحدي" جي نالي سان سڄي سنڌ ۾ مشهور آهي.

## مخدوم محمد عابد:

حضرت محمد عابد سيوستاني انصاري (المتوفي 1258هه) مدينه شريف جي فقيهائي محدثين مان بزرگ ۽ استاد الوقت ٿي گذريو. مخدوم عبدالواحد جي شاگردن مان هو. مخدوم محمد انس راهوجو، مخدوم عبدالرحيم سيوستاني، قاضي محمد باقر پٽي، مخدوم عبدالحليم بن يوسف سيوستاني، مخدوم حامد ڪمال الدين بن صلاح الدين بوبڪائي (مخدوم محمد جعفر بوبڪائي جو والد) قاضي اسماعيل بن نصيرالدين متعلوي اهي سيئي بزرگ هڪ هٿي جا معاصر هئا ۽ گهڻو ڪري سيوهڻ ۾ گڏ رهندا هئا. مخدوم صاحب بياض واري جون تصنيفات تمام گهڻيون آهن. مثلاً (1) ديوان واحدي، (2) انشاء واحدي. سندس ديوان هينئر ناياب آهي. باقي انشاءِ واحدي فارسي علم ۽ ادب جو هڪ بينظير ڪتاب آهي. پاڻ ۽ سيوهڻ جا مخدوم سندن پاءُ ميان محمد حسن جو اولاد آهن. سندس تخلص واحدي هو. سنه 1224هه ۾ انتقال ڪيائون. سندس گهڻائي مريد هئا. همعصر علمائن مان قاضي محمد شڪارپوري سان سندس علمي مباحثا رهندا هئا. رحمة الله عليهم

## ڪلهوڙن جي ڏينهن ۾ سنڌ:

ڪلهوڙن جي صاحبي ۾ سنڌ جو انتظام ساڳيو هو، جهڙو مغلن جي ڏينهن ۾ هو. ڪلهوڙا زرعي پيشي کان واقف هئا. ڊيل هوسٽ سنڌ جي واهن مان پراڻ، نارو، ارڙ، ڦليلي، گوني، پيڃارو، گانگرو، لکي، سيتا، بگهاڙ، داديجي، نور واهه نالا ڏنا آهن. ان ڪري سنڌ جي پوکن ۾ اضافو ٿيو. سندن صاحبي ۾ سنڌ جي ساليانو اُپت اسي لک رپيا هئي. سنه 1739ع ۾ ميان نور محمد نادر شاهه کي ساليانو 21 لک رپيا خراج

پريندو هو. وري جڏهن سنڌ احمد شاهه ابدالي جي زماني ۾ قنڌار جي ماتحت ٿي، تڏهن غازي احمد شاهه کي ساليانو سنه 1747ع ۾ 14 لک رپيا خراج پريندا هئا. سنه 1760ع ۾ 11 لک رپيا ۽ تيمور شاهه کي 1775ع ۾ 7 لک رپيا ساليانو پرڻ لڳا. سکر، بکر ۽ مغولي علائقو شڪارپور سميت افغان حڪومت جي قبضي هيٺ هو. شڪارپور کان سواءِ باقي علائقي جي ساليانو آمدني 65 هزار رپيا هئي ۽ شڪارپور جو خراسان جي واپار جو مرڪز هو. تنهن جي ساليانو آمدني 5 لک 93 هزار روپيا هئي. تيمور شاهه کان پوءِ زمان شاهه مٿئين علائقي جي حفاظت لاءِ 17 سؤ گهوڙي سوار فوج مقرر ڪئي هئي. ڪراچي جو بندر خان نصير محمد خان قلات جي ماتحت هو. سندس ساليانو اُپت 6 لک 16 هزار رپيا هئي[1]. عمرڪوٽ مان ڪلهوڙن کي ساليانو 23 هزار رپيا آمدني هئي. سنڌ جو مال ٺٽي، شڪارپور، سورت ۽ ملتان جا صراف ٻاهرين ملڪن ڏانهن نيڪال ڪندا هئا ۽ ٻاهرين ملڪن جو مال گهرائيندا هئا. ڪابل ۽ قنڌار جي افغان واپارين کي سوٽي اڌائي رپيا محصول ڀرڻو پوندو هو. ميان سرفراز خان محصول ۾ اضافو ڪيو، جنهن ڪري گهڻائي واپاري سنڌ جي شهرن مان لڏي ويا. ميان غلام شاهه سنڌ جي واپار کي ترقي ڏيارڻ لاءِ هر ڪا ڪوشش ورتي. مگر ميان سرفراز جي ڏينهن ۾ ڪلهوڙن ۽ بلوچن جي اُٿل پٿل ڪري 14- آڪٽوبر 1775ع ۾ انگريزن ٺٽي جي واپار جي ڪوٺي بند ڪري ڇڏي. ڪلهوڙن جي ڏينهن ۾ مغلن جون سونيون اشرفيون، چاندي جا رپيا ۽ پتل جا دام جاري هئا. مغلن جي ڏينهن ۾ ٺٽي ۾ ضربخانو هو. اڪبري اشرفي جي سنڌ ۾ قيمت 9 رپيا هئي ۽ عالمگيري اشرفي جي قيمت 16 رپيا هئي. تنهن ڪانسواءِ بيجاپور ۽ گولڪنڊه جون اشرفيون جن کي "پگوڊا" سڏيندا هئا، هلندڙ هيون. سندن قيمت ساڍا ٽي رپيا هئي. گجرات جو چاندي جو سڪو محمودي جنهن کي لاڙي سڏيندا هئا، سنڌ ۾ جاري هو. في رپئي جي قيمت 12 پينس هئي. انهن سڪن مان مغلن جي رپين جي چاندي خالص هئي. سورت جو سون ولائت ۾ 12 کان 14 سيڪڙو منافع سان وڪامندو هو. سنه 1774ع

[1] Dr. H.R. Gupta: Latter Moghal History of the Punjab, P.272

۾ ايسٽ انڊيا ڪمپني گنسيٽ نالي گوئا جي هڪڙي سوناري ڪانْ پنهنجو سڪو تيار ڪرايو. 18هين صدي ۾ سنڌ جا واپاري خوشي سان ڪمپني جو سڪو وٺڻ لڳا. نہ تہ اڳ ايراني سڪا سنڌ جي بندرن تي متائي مغليہ سڪو وٺندا هئا. غازي احمد شاھ ابدالي پنهنجو سڪو رائج ڪيو هو. جنهن تي هيٺين عبارت لکيل هئي:[1]

"حکم شد از قادر بي چون باحمد پادشاه
سکه زن بر سيم و زر از موج ماهي تا بماه"

تيمور شاھ جي سڪن تي هيٺين عبارت لکيل هئي[2].

"چرخ مي آرد طلا و نقره از خورشيد و ماه
تا کند بر چهره نقش سکه تيمور شاه"

ڪلهوڙن ۽ بلوچن جي اٿبٺت ڪري، ڪلهوڙا قنڌار کي سالياني ڍل ڀياري نہ سگهيا. جنهن ڪري تيمور شاھ پاران سنہ 1780ع ۾ سر مدد خان سنڌ تي ڪاهي ڦرلٽ ڪئي، جنهن ڪري سنڌ جي امن امان ۾ خلل پئجي ويو. ڏکر ۽ مفلسي ڪري سنڌ جا ماڻهو تباھ ٿيڻ لڳا. آخر ٽالپرن سنہ 1783ع ۾ سنڌ فتح ڪري، ملڪ ۾ امن امان بحال ڪيو.

[1] تاريخ حسين شاهي: سيد امام الدين حسيني، ص. 21، تاريخ سلاطين افغانان: احمد يادگار، ص. 143، 1835ع.

[2] Sayed Mohammed Latif: A History of the Punjab, P.289

باب ڇهون

# ٽالپر فرمانروا

زهي ٽالپر گرديد مقبول عام
ڪ مرصع باشد بشاهي نظام

1. مير فتح علي خان "شاهه هئبت جنگ بهادر" سنه 1197هه/1783ع ڪان سنه 1217هه/1802ع تائين.
2. مير غلام علي خان "شير افگن" سنه 1217هه/1802ع ڪان سنه 1227هه/ 1811ع تائين
3. مير ڪرم علي خان "رڪن الدوله بهادر" سنه 1227هه/1811ع ڪان سنه 1244هه/ 1828ع تائين
4. مير مراد علي خان "امير الدوله بهادر" سنه 1244هه/1828ع ڪان سنه 1249هه/1832ع تائين
5. مير نور محمد خان "ثريا جاه بهادر" سنه 1249هه/1832ع ڪان سنه 1255هه/ 1840ع تائين
6. مير نصير خان "الغازي" سنه 1255هه/1840ع ڪان سنه 1259هه/ 1843ع تائين.

## ٽالپرن جي فتح وقت سنڌ جي حالت:

سنه 1775ع ڪان 1783ع تائين سانده اٺ سال ڏارين جي سنڌ تي ڪاهن ۽ ڪلهوڙن جي ٽالپرن سان ناسازين ڪري واديء سنڌ (باب الاسلام) جي آبادگارن جي حالت گهڻو زبون ٿي ويئي. هالاڻي جي فيصلي ڪن جنگ ڪلهوڙن جي صاحبي جو خاتمو ڪري ڇڏيو هو تنهن هوندي به ميان عبدالنبي خان اڃا موقعي جي تاڙ ۾ هو. حيدرآباد تختگاهه جو مضبوط قلعو مرراڻي بلوچن جي هٿ هيٺ هو. ديره جات جي بلوچن سان ميان جا تعلقات خوشگوار هئا. اُهي ساڻس وفادار هئا. ڪوسن

جي سردار نواب برخوردار خان هالاڻي جي جنگ ۾ ميان جي مدد ڪئي هئي. افغان بادشاهه تيمور شاهه پنجاب ۾ سکن سان جنگين ۾ رڌل هو، ڪيس سنڌ کان ڏوڪڙن جي ضرورت هئي، پوءِ ڪٽي ڪير به حڪومت ڪري. جتوئي جيڪي رند جي ممتاز طبقي مان هئا. برابر هڪ صدي کان سرائين جي دسترخوان تي پلجي رهيا هئا. جوکيا ۽ نومڙيا جي ظاهري بلوچ ڪنفيڊريسي جا پاڻ کي خيرخواه سڏائيندا هئا. سي سرائين جي صاحبي اندر سرداري حاصل ڪرڻ کان پوءِ نوابي جا خواب لهي رهيا هئا. سرائين قلات جي احمد زئين مان شاديون ڪيون هيون، ان ڪري قلات جي دربار ۾ سندن رسوخ هو. انهن جوڌپور جي راجا کي عمرڪوٽ جي لالچ ڏياري پنهنجي طرف ڪيو هو. قنڌار سرڪار کي به سرائين لاءِ همدردي هئي. اهڙي رسوخ هوندي به ٽالپرن جي طاقت سنڌ ۾ مضبوط هئي. مير فتح علي شاهه خان قلات مير نصير خان کي چتاءُ ڏنو هو ته جيڪڏهن ڪنهن به وقت براهوئي درياءَ ٽپي هن پر ٽيندا ته ساڻن مقابلو ڪبو. واقعي قلات جو لشڪر هيڪر شڪست کائي چڪو هو. جوڌپور جي راجا بجيسنگهه کي به ٽالپرن عمرڪوٽ جي باري ۾ شڪست ڏني هئي. سنڌ جا سمورا بلوچ جهڙوڪ رند، مري، مزاري، مڪسي، بليدي، جمالي، جکراڻي، نظاماڻي، پرڳڙي، لغاري، باگراڻي، چانگ، گوپانگ، لنب، بوزدار جن جون پنيون سرداريون صوبه سرحد، ديره جات ۽ سنڌ ۾ لاڙ کان وچولي ۽ اپر سنڌ تائين قائم هيون. جن کي اڪبر، اورنگزيب وٽان سندون مليل هيون، سي ٽالپرن جي طرف هئا. منجهائنئن رندن، نظاماڻين، مرين، باگراڻين ۽ پرڳڙين مان ٽالپرن شاديون ڪيون هيون. جوکين، ڪلمتين ۽ نومڙين جون زمينون قبايون هيون. سردار ملڪ عزت خان نومڙي هالاڻي جي جنگ ۾ سرائي ميان عبدالنبي خان کي مدد ڏني هئي. ڪلهوڙن جي شڪست کانپوءِ ٽالپرن جي پيش پيو. بردکي جا بليدي (مير عالي) جن بارکان گرگيجن کان هٽ ڪرڻ لاءِ ڪيئي پيرا بکر جي نوابن کي قنڌار جي جنگين ۾ مدد ڏني هئي، تن جي تازين اڳيان جيسلمير جو لانگاهه هو. مزارين جو زبردست تمن به ٽالپرن جي طرف هو. هرند ۽ داجل جا

علائقا ديره جات ۾ خان قلات جي ماتحت هئا. قلات جا خوانين جڏهن به بلوچن يا ٽالپرن خلاف ڪو قدم کڻندا هئا ته مزاري بروهين جو رستو روڪيندا هئا. ديره جات جي رستي کي کولي رکڻ لاءِ قلات جي خوانين ڪشمور جي پرسان عمرڪوٽ نالي قلعو تعمير ڪرائي اُتي براهوئي لشڪر ويهاريو هو[1]. سنڌ جي چانڊڪي پرڳڻي ۾ چانڊين جا قبيلا غيباڻي، پانڊا، سريجا، اجواڻي، ساڪياڻي، خاشا، باگڻي سرڪش هئا، مگر ٽالپرن کان اڳ شڪست کائي چڪا هئا. سندن مقابلي لاءِ ڪاڇي جا لغاري ڪافي هئا. تنهن ڪانسواءِ مگسي به ٽالپرن جي طرف هئا، ان ڪري چانڊين مان ٽالپرن کي ڪو خطرو نه هو.

**شاهه ڳڙهه جي جنگ:**

غازي احمد شاهه ابدالي جي وفات کان پوءِ مير نصير خان قلات جي والي قنڌار کان خودمختياري حاصل ڪئي هئي. مگر سندس مرضي هئي ته سنڌ جا ٽالپر ڪمزور رهن. تيمور شاهه جلال آباد ۾ هڪ لک ويهه هزار لشڪر سان هندستان تي حملي لاءِ تياريون ڪري رهيو هو ميان عبدالنبي خان جي ايلچين مان آغا سيد ابراهيم شاهه جهڙو سياستدان شاهه سان ڪن ۾ ڳالهيون ڪري رهيو هو ته جيڪڏهن افغان لشڪر سنڌ تي ڪاهه ڪندو ته پڪ سرائي ملڪ هٿ ڪندو ڇاڪاڻ جو ٽالپر اميرن ۾ تخت ۽ تاج متعلق نااتفاقي آهي[2]. تنهن ڪانسواءِ جوڌپور جي راجا بجيسنگهه جا ايلچي به جلال آباد پهچي چڪا هئا، ڇاڪاڻ جو ماڏيجي سنڌيا راجپوت راجائن کي خراج ڏيڻ لاءِ دڙڪا ڏيئي رهيو هو. بجيسنگهه

---

[1] A.W. Hughes: Baluchistan, CHP. The Border tribes "Mazari"

[2] آغا سيد ابراهيم جو والد آغا سيد عبدالهادي اصفهان جو رهاڪو هو. نادر شاهه جي ڪاهه وقت ايران ڇڏي مدراس پهتو ۽ اتي جي راجا وٽ شاهي حڪيم ٿي رهيو. ميان نور محمد جي راجا سان دوستي هئي، ان ڪري سيد صاحب کي راجا ميان ڏانهن موڪليو هو. سنه 1799ع ۾ سيد عبدالهادي وفات ڪئي. سندس پٽ آغا ابراهيم ڪلهوڙن پاران خراسان ۽ قنڌار ۾ سفير رهي چڪو هو. ڏسو تاريخ سنڌ، مرزا قليچ بيگ، جلد: 2، ص. 293

تيمور شاهه کي پڪ ڏياري هئي تہ جيڪڏهن افغان لشڪر بهاولپور، بيڪانير جي رستي کان مرهٽن تي ڪاهه ڪندو تہ راجپوتانا جا راجا شاهه کي پٺسن ۾ فوجن سان مدد ڏيندا. ڇاڪاڻ جو شاهه عالم ثاني جنهن کي غلام قادر روهيلي انڌو ڪيو هو، سو سنڌيا وٽ گويا نظربند هو. بجيسنگهه ويهه لک رپيا شاهه کي ڏيڻا ڪيا هئا. پر تيمور شاهه چاليهه لک رپين لاءِ راجا کان گهر ڪئي ۽ ٽي هزار اُٺ پاڻي پهچائڻ لاءِ راجا تيار رکڻ لاءِ صلاح ڏني هئي. تنهن کان سواءِ بهاولپور جي دائودپوٽہ نواب کي خراج ڪين پهچايو هو. تيمور شاهه سنہ 1197هه/1783ع ۾ مير فتح علي شاهه کي سنڌ جي سند ڏني هئي، مگر مير صاحب خراج ڏيڻ ۾ دير ڪئي هئي. ڪچ جو راجا ڏانجي بہ سنڌيا جو طرفدار هو[1]. ان ۾ شڪ ڪونهي تہ ماڻڪاڻي ۽ سهراباڻي امير پنهنجي حصي لاءِ فاتح مير کان گهر ڪري رهيا هئا. سهراباڻين کان وڌيڪ ماڻڪاڻين ۾ بيچيني ڦهليل هئي. پر مير فتح علي خان کي ملڪ جي ورهاڱي لاءِ فرصت جي ضرورت هئي. هوڏانهن سياسي فضا غبار آلوده هئي. 14 نومبر 1788ع ۾ تيمور شاهه اٽڪ کان هڪ لک ويهه هزار سوار فوجن سان ملتان پهتو. ملتان جي نواب مظفر خان لشڪر لاءِ ڪاڌ خوراڪ جو سامان گڏ ڪري رکيو هو. قلات جو لشڪر سردار زرڪ خان براهوئي جي اڳواڻي هيٺ ديره غازي خان وٽ شاهه سان گڏيو. تيموري لشڪر بهاولپور تي ڪاهه ڪئي. نواب بيڪانير ڏانهن ڀڄي ويو. افغان لشڪر بهاولپور ۾ ڦرلٽ ۽ قتلام شروع ڪيو. لاچار نواب اچي پيش پيو ۽ ڏهه لک رپيا خراج ڏيئي جان بچايائين. تنهن کان پوءِ پنهنجي سردار احمد خان نورزئي ۽ زرڪ خان هيٺ لشڪر سنڌ ڏانهن روانو ڪيائين، ٻئي ڌوڪيندا آيا. مير فتح علي

---

[1] H.R. gupta: Latter Mughal History of the Punjab, PP.249-50

تيمور شاهه راجا بجيسنگهه کي جواب لکيو تہ جڏهن غلام قادر روهيلي مغل شهنشاهه شاهه عالم ثاني جي بيعزتي ڪئي تڏهن مغل شهنشاهه کي بچائڻ لاءِ ڪو قدم نہ کنيو. هندستان جي راجائن مان فقط سنڌيا مغل شهنشاهه جي گادي بچائي انڪري ان جي خلاف قدم کڻڻ انصاف جي خلاف آهي.

خان هئبت جنگ بهادر باغي فقير جي صلاح سان ڪڇ ۽ جيسلمير ڏانهن شاهي حرم ڪي رواني ڪرڻ جو ارادو ڪيو. آغا سيد ابراهيم شاهه جيڪو وقت جو افلاطون هو، تنهن ڪي بيش بها سوغاتون ۽ 16 لک رپيا ڏيئي تيمور شاهه جي خدمت ۾ روانو ڪيو. آغا شروعات کان ٽالپرن جي طرفداري ڪرڻ لڳا. مير فتح علي خان مير غلام علي خان ڪي لشڪر تيار ڪرڻ لاءِ حڪم ڏنو ۽ پاڻ ٻه هزار سوارن ۽ شاهي توبخاني سان جنهن جا گول انداز قادر انداز هئا، ساڻ وٺي شاهه ڳڙهه پهتو. مير سهراب خان وقت سر گڏجڻ لاءِ واعدو ڪيو هو، پر موقعي سر ڪين پهتو. طرفين جي وچ ۾ هڪڙي نهر هئي، جنهن جون پليون بلوچن پيچي ڇڏيون. سنه 1204هه/1788ع ۾ جنگ جو طبل وڳو. مير صاحب آتش بازن ڪي گولي باري ڪرڻ لاءِ حڪم ڏنو. گهمسان جي جنگ ۾ بوستان خان ۽ زرڪ خان مارجي ويا، احمد خان ميدان ڇڏي ڀڳو. بلوچي شهسوار سندس پٺيان پيا. هو صلح لاءِ درخواست ڪري جان بچائي ويو. تيمور شاهه شڪست جو ٻڌي تپي باهه ٿي ويو. شهزاده محمود قنڌار کان لشڪر وٺي شڪارپور پهتو. مير نصير خان به لشڪر وٺي ملتان پهتو. افغان بادشاهه سان مير صاحب جا ايلچي خزانن جي ٿيلهين سان صلح لاءِ ڳالهيون ڪري رهيا هئا ته ان وچ ۾ شهزادي زمان مرزا جو جنسي خط هڪڙي قاصد برق رفتار تيمور شاهه ڪي پيش ڪيو، جنهن ۾ ڏيکاريل هو ته مراد شاهه ترڪمانن جي لشڪر سان ڪابل تي ڌوڪيندو اچي ٿو. شاهه ڪي مير صاحب سان فيصلي ڪرڻ جي فرصت ڪانه هئي. هو موٽي ڪابل ڏانهن ويو[1].

[1] نوٽ: شاهه ڳڙهه جي جنگ جي تاريخ شمس العلماء مرزا قليچ بيگ پنهنجي تاريخ جي جلد ٻي ۾ 1786ع ۾ ڏيکاري آهي، جا غلط آهي. سنه 1786ع ۾ تيمور شاهه ڪشمير جي جنگ ۾ رڌل هو. سنه 1783 ۾ سندس ڪشمير جي نائب ڪريم داد جي مرڻ کان پوءِ سندس پٽن مان آزاد خان جي ننڍي پٽ پنهنجي ٻن ڀائرن زمان خان ۽ مرتضيٰ خان ڪي لوڏي ڪڍيو هو، جي ٻئي ڀائر تيمور شاهه وٽ پشاور ۾ دانهن کڻي آيا هئا. تيمور جي هندستان تي چوٽين ڪاهه هئي. تاريخ ڪشمير: نارائڻ ڪول، ص. 196 فارسي، 1846ع. مختصر تاريخ ڪشمير: علاءُ الدين محمد مفتي، ص. 287، 1893ع. تاريخ سلطاني: ص. 157-9. تيمور سنڌ تي پنجين ڪاهه وقت ڪاهي آيو هو، جا ڪاهه 1788ع کان شروع ٿي 1789ع ۾ ختم ٿي.

**حيدرآباد جي قلعي تي مير فتح علي خان جو قبضو ڪرڻ:**

تالپر سنڌ جا حاڪم هئا، مگر حيدرآباد جي قلعي تي اڃا سرائي ميان عبدالنبي خان جي حبشي قلعيدار شالمين جو قبضو هو، جتي سرائي جي ماڻهن کان سواءِ مرراڻي بلوچ رهندا هئا. قلعي اندر پنج مني پاڻي جا کوهہ، هر ڪنهن قسم جي اناج جا انبار ۽ گاهن جون دنيون موجود هيون. بارود سان تجرون ڀريل هيون. ان قلعي وارن کي ٻاهرين حملي کان ڪو خوف نہ هو. مير صاحب حاجي احمد خان کي لشڪر ڏيئي روانو ڪيو. هن ٻن ورهين تائين سانده قلعي کي گهيرو جاري رکيو، مگر ڪو ڪڙتيل نڪري نہ سگهيو. آخر مرراڻي قلعي وارن بلوچن بارود کي باهہ ڏني، بارود جي ڌڪاءَ سبب قلعي جي اوڀرندي واري ديوار جو ڪجھ حصو ڪري پيو. حاجي احمد لشڪر سميت قلعي ۾ ڪاهي ويو. شالمين گرفتار ٿي مير صاحب وٽ آيو. فاتح مير هن کي ڪرسي تي ويهاري چيو "تو پنهنجي ڌڻين جي طرفان پوري نمڪ حلالي ڏيکاري آهي، تنهنڪري تو کي آفرين آهي" حاجي احمد خان تي مير صاحب گهڻيون نوازشون ڪيون. تنهن کان پوءِ شالمين سرائين جي حرمن کي وٺي جوڌپور ڏانهن روانو ٿيو. مير ڪرم علي خان ٺٽ کان شاهي ديرن کي حيدرآباد وٺي آيو. سنہ 1204هہ/1789ع ۾ حيدرآباد تالپرن جو تختگاهہ مقرر ٿيو. جڏهن اقبال جو علم پوري شان سان بلند ٿيو، تڏهن فاتح مير پنهنجي پاڙن لاءِ قلعي ۾ عمارتون تعمير ڪرايون. قلعي جي منهن وٽ ميان غلام شاهہ جي زماني جون بہ جڙيل عمارتون رحمت الله شاهہ ۽ طالب شاهہ نالن تي هيون، تن جي مرمت ڪرائي ويئي. جامع الخيري حيدرآباد ۾ مير فتح علي شاهہ جي يادگار آهي جا فاتح امير جي والده ماجده عليا حضرت خيرالنساء تعمير ڪرائي هئي، تنهن کانپوءِ باب الاسلام (سنڌ) جي حفاظت لاءِ مير صاحب قلعن تعمير ڪرڻ لاءِ حڪم صادر فرمايو. ڇاڪاڻ جو جوڌپور جا راجا ٿر کي پنهنجي ملڪيت سمجهندا هئا. مير صاحب هن سرحد جي بچاءَ لاءِ بہ نوان قلعا اسلام ڳڙهہ ۽ فتح ڳڙهہ نالي تعمير ڪرايا. ٿر جي

نڪر راڻن اعتراض اٿاريو. سڄي مارواڙ جي راجپوتن ۾ ناراضگي ڦهلجي ويئي. مگر سنڌ جي اپرندي واري سرحد تي بلوچي قبيلن جا راڄ موجود هئا. جن کي سرحد جي حفاظت لاءِ ٽالپر اميرن وٽان وظيفا ملڻ لڳا. جيئن برٽش راڄ ۾ سرحد صوبي جي ملڪن ۽ خاصيدارن کي حڪومت پاران وظيفا ملندا هئا. سڪرنڊ جي پُرفضا ڍنڍ جي قدرتي نظاري کي ڏسي فاتح مير سندس ڪناري تي فتح آباد شهر تعمير ڪرايو. ڍنڍ جي ڀيٽ تي هڪڙو محلات تعمير ڪرايو. جتي پهرين چوپلري جا امير وقت بوقت اچي رهندا هئا[1].

## تيمور شاهه وٽان مير فتح علي خان کي سند ملڻ:

سنه 1205هه/1789ع ۾ بلخ جي ترڪمانن ڪان جند چڙهائڻ ڪانپوءِ دراني لشڪر شاهه جي سپهه سالار پائينده خان جي اڳواڻي هيٺ شڪارپور پهتو. تيمور شاهه هن کي سمجهائي چڏيو هو ته، ڪيئن به ڪري فاتح مير سان صلح ڪري موٽي. طرفين جو پاڻ ۾ ناهه ٿيو. ٽالپرن ڪل سٺ لک رپيا تيمور شاهه کي ڏنا ۽ آئينده لاءِ ڪلهوڙن جيترو خراج ڏيڻ منظور ڪيو. اهڙي مصلحت درست هئي[2]. افغان سپهه سالار هئبت جنگ بهادر کي هڪڙو فلڪ شڪوه هاٿي ۽ هڪڙي جواهر نگا ترار ڪابل دربار پاران پيش ڪئي. فاتح مير پراڻن نمڪ خورن مان ديوان گدومل جي پاءُ ديوان جسپت راءِ کي پنهنجو ايلچي ڪري ڪابل ڏانهن روانو ڪيو. پوءِ فارغ ٿيڻ بعد سنه 1207هه/1792ع ۾ هڪڙي فاتح جي حيثيت ۾ هاٿي تي چڙهي شاهي دبدبي سان حيدرآباد ۾ وارد ٿيو[3].

## ڪراچي تي قبضو:

ڪراچي ۽ سون مياڻي به ننڍڙا بندر هئا. جتي مڇي مارڻ جون مياڻيون هيون. سون مياڻي کي وڏي اهميت هئي، چاڪاڻ جو قندار ۽

---

[1] H.J. Prinsep: Political & Military transations of India, Vol.I, P.189 London 1825

[2] تاريخ حسين شاهي: سيد امام الدين حسيني، ص. 115-110

[3] شاهنامہ سنڌ عرف ڪلهوڙن جي هار، ذڪر فتح علي خان هئبت جنگ هزبر جنگ بهادر

قلات جو مال هتان ٻاهر ويندو هو. سنڌ جي خارجي معاملن جون واڳون مير غلام علي خان جي هٿ هيٺ هيون، جنهن تيمور شاهه کان ڪراچي لاءِ گهر ڪئي. مير نصير خان اهو سوال وڌو ته جنهن صورت ۾ سنڌس نائي زرڪ خان ٽالپرن هٿان مارجي ويو آهي، ان حالت ۾ ڪراچي عيوضي طور قلات کي ملڻ گهرجي. پر تيمور شاهه کي ميرن وٽان خزانو ملي چڪو هو. ان ڪري خان قلات کي لاچار ڪراچي تان هٿ ڪڍڻو پيو. پيو ته ڪراچي جا هندو واپاري جيڪي مهاڻن کان ٽيڪي تي مڇي ڪڻندا هئا، سي ٽالپرن جي فائدي ۾ هئا. سنه 1781ع ۾ ڪراچي جي مڇي مان ساليانو اُپت چار هزار رپيا هئي[1]. هتي جي ڪل آبادي 6 هزار هئي. گهڻو تعداد مهاڻن جو هو پر بصره، مسقط، ڪئليڪٽ، مانڊوي، لکپت، دمن ۽ بمبئي جي واپارين جا شهر ۾ ايجنٽ رهندا هئا[2].

**مزارين جي ٽالپرن تي اطاعت منظور ڪرڻ:**

اوپر سنڌ ۾ ڪشمور ڪانپوءِ مزارين جي رياست هئي. سندن تختگاهه روجهاڻ ديره غازي خان کان هڪ سؤ ڏهه ميلن جي مفاصلي تي هو. هرند، ڊاجل ۽ جامپور خان قلات جي ماتحت هئا. ان ڪري بروهين کي مزارڇه علائقي مان لنگهڻو پوندو هو. بروهين جي نقل و حرڪت کي مزاري پاڻ لاءِ بي عزتي سمجهندا هئا. مير محبت خان جي زماني ۾ قلات جي لشڪر آدم خان جي اڳواڻي هيٺ مزارين تي ڪاهي ڪشمور تي قبضو ڪيو هو. مير نصير خان بگٽين جي سردار بيورغ جي مدد سان روجهاڻ تي ڪاهي قرلت ڪرائڻ ڪانپوءِ مزارين جي استحصال لاءِ عمرڪوٽ قلعو تعمير ڪرايو هو. مزاري جيڪي منڊ کان چانڊين سان جنگ ڪرڻ وقت ٽالپرن سان ٻڌل هئا، تن خان قلات خلاف پنهنجي سردار

---

[1] E.H. Aitken: Gazetteer of the Pprovince of Sindh, PP.62-63

[2] The journal of the Sindh Historical Society, Vol.IV, Notes on Karachi 1840, March, 1940 Karachi.

ڪراچي جي ساليانو آمدني قلات کي 6 لک 16 هزار رپيا هئي، جيئن اڳ بيان ڪري چڪا آهيون.

حمل خان ثالث معرفت مير فتح علي شاهہ هئبت جنگ بهادر کي درخواست ڪئي. فاتح مير زبردست توبخانو مزارين جي مدد لاءِ روانو ڪيو. حمل خان عمرڪوٽ تي گهيرو ڪيو. ٽالپري توبچين قلعي جي ديوارن ۾ شگاف ڪيا. براهوئي (بروهي) لشڪر جا بہ اڳواڻ ميهان خان ۽ سنجر خان مارجي ويا. براهوئي لشڪر ۾ ڀاڄ پيو. سنہ 1792ع ۾ مير حمل خان ٽالپرن جي اطاعت قبول ڪئي[1]. مزارڪہ جو علائقو راڄڻ پورّ تائين ٽالپري حڪومت اندر شامل ٿي ويو. جنهن جي آمدني جو اڌ سهراباڻي سرڪار کي ملڻ لڳو. بگٽين جن بروهين سان گڏجي روجهاڻ کي لٽيو هو. تن کان انتقام وٺڻ لاءِ مزارين ۽ بليدين گڏجي ڊيره بگٽي تي ڪاهہ ڪئي. بليدين کي جڏهن گرگيجن، مرين ۽ ڪيتراڻين بارڪان کان همايون جي ڏينهن ۾ لوڏي ڪڍيو هو. تڏهن بليدين بگٽي علائقي کي وطن جوڙيو هو. پر سنگسيلا جي معرڪي ۾ بگٽين کان شڪست کائي هنن اوير سنڌ ۾ بلدڪو رياست ڪڙي ڪئي هئي[2]. متيون وير وٺڻ لاءِ بليدين مزارين جي مدد سان بگٽين کي سنہ 1792ع ۾ سياه آف جي معرڪي ۾ شڪست ڏني. هن شڪست کان پوءِ ٽالپري حڪومت جون اُتر واريون حدون ڊيره جات تائين مزارين ۽ بليدين جي تعاون ڪري مضبوط ٿي ويون. سنہ 1801ع ۾ مير حمل خان ثالث جي مرڻ کانپوءِ مير بهرام خان مزارين جو سردار ٿيو. جنهن کي خيرپور دربار ۾ وڏي عزت هئي. مير سهراب خان کان پوءِ مير رستم خان بکر کان وٺي مٺڻ ڪوٽ تائين علائقو مير بهرام خان مزاري کي جاگير طور ڏنو هو[3]. اڳ سرحدي بلوچ قبيلا سنڌونديءَ جي شهرن کي لٽيندا هئا، مگر هاڻ اهڙا حملا بند ٿي ويا.

**زمان شاهہ:**

سنہ 1207هہ/18- مئي 1793ع ۾ تيمور شاهہ ڪابل ۾ وفات ڪئي ۽ اتي دفنايو ويو. سندس حرم ۾ ٽي سؤ بيگمون هيون، جن مان

[1] A.W.Hughes: Baluchistan, Mazaris, P.113

[2] L.Dames: Popular poetry of the Balochs, CHP.XVIII, PP,42-43

[3] J.Wood: A journey to the source of the River Oscine, CHP.III, P.33

پوپلزئي بيگم کيس زهر ڏياريو. هن 21 سال چڱي طرح حڪومت ڪئي. مغربي مؤرخ سندس تعريف ڪن ٿا، توڙي جو عياش هو، مگر فياضي ڪري رعايا ۾ هر دلعزيز هو. هن هندستان تي ڪُل پنج ڪاهون ڪيون، پر ملتان کان اڳتي سکن جي مداخلت ڪري وڌي نہ سگهيو هو[1].

فريئر جو بيان آهي تہ تيمور شاهہ پنيان 23 پٽ ۽ 19 ڌيئرون ڇڏي ويو. حضرت جمال الدين افغاني سندس پٽن جو تعداد 32 ڏيکاري ٿو[2]. سندس وڏو پٽ همايون جو سدوزئي قبيلي مان هو، قنڌار جو والي هو. محمود هرات جو حاڪم هو. سندس ڀاءُ فيروزالدين ساڻس گڏ رهندو هو. عباس پشاور تي حڪومت ڪندو هو. ڪوهان دل ڪشمير جو حاڪم هو. زمان خان ۽ شجاع الملڪ جي يوسف زئي قبيلي مان هئا. منجهانئن زمان خان ڪابل تي ۽ شجاع الملڪ غزني تي حڪومت ڪندا هئا. محمود ۽ همايون کان سواءِ ٻيا شهزادا پيءُ جي وفات کان پوءِ ڪابل پهتا. دربار جي اميرن مان پائينده خان بارڪزئي ۽ حرم جي مدد سان زمان شاهہ تخت هٿ ڪري پائرن کي قيد ڪيو. ايشيا جي فاتحن مان هندستان جي تاريخ ۾ هو پويون فاتح شمار ٿئي ٿو. تخت تي ويهڻ وقت دراني

---

[1] J.B.Malleson: History of Afghanistan, P.295

M. Elphinstone: Cabul, P.376

تاريخ حسين شاهي، ص. 151. تاريخ سلطاني، ص. 159-61

[2] تاريخ افغانستان: حضرت جمال الدين افغاني، ص. 62-61 عربي تان اُردو ترجمو

تاريخ افغانہ: عبدالمجيد، ص. 130 اُردو ابوالعلائي پريس آگره

N.K. Sinha: Rise of the Sikh Power, P.119 Calcutta, 1936

همايون مرزا بروقت زمان شاهہ سان قلات، غلزئي وٽ مقابلو ڪيو هو، پر شڪست کائي قلات ڏانهن ڀڄي ويو.

نوٽ: سنہ 1761ع ۾ جسا سنگهہ اهلو الياسک احمد شاهہ ابدالي جي لاهور جي نائب خواجہ عابد کي ماري ڀڄريون پنهنجو سڪو رائج ڪيو.

سکہ زند درجهان بفضل اکال

ملک احمد گرفت جسا کلال

ڏسو خزانہ عامره، ص.113

حڪومت ڏيگهه ۾ ڪشمير کان هرات تائين 1600 ميلن ۾ هئي ۽ ويڪر ۾ بهاولپور کان بلخ تائين 1000 ميل هئي.

## 18 صدي ۾ دراني سلطنت جي حالت:

هندستان ۾ بهاولپور، سنڌ، ديره جات ۽ ملتان جا علائقا دراني سلطنت جي ماتحت هئا. ڪشمير ۽ پشاور بہ دراني جهنڊي هيٺ هئا. ايران تي آغا محمد خان قاچار جي حڪومت هئي. شهزادو محمود اندروني طور قاچار فرمانروا سان زمان شاهہ جي خلاف ٻڌ هو. بخارا جو حاڪم عبدالغني خان هو، جنهن کي سندس وزير مراد شاهہ انڌو ڪري تخت هٿ ڪيو هو. تيمور شاهہ بلخ جي سوال تي مراد شاهہ سان صلح ڪيو هو. پنجاب جو زرخيز علائقو بہ دراني سلطنت جو حصو هو، پر سنہ 1761ع ۾ پاڻي پٽ جي ٽين جنگ کان پوءِ غازي احمد شاهہ ابدالي جي موٽ کان پوءِ سکن سندس نائبن کي ڀڄائي پنجاب تي قبضو ڄمايو هو. غرض زمان شاهہ دورانديش حاڪم هو. پر سندس چؤگرد جيڪي بہ حڪومتون هيون، تن کان هر وقت ڪيس خطرو رهندو هو. خاص ڪري پاڙ سندس دشمن هئا. هندستان جو دروازو غازي زمان شاهہ لاءِ قطعي بند هو. مفتي علاءالدين لاهوري پنهنجي تاريخ "عبرت نامہ" ۾ سکن بابت اُن زماني جي تصوير هن ريت ڏيکاري آهي:

> "در تمام ملک سکهان سائر و دائر بودند. غرضيکہ از درياي اٽک تا بد رياي سرهند سکهان محيط و متصرف گشتند."

مفتي علاء الدين انگريزن وٽ ملازم هو. سندس تاريخ "عبرت نامہ" جا 1854ع ۾ انڊيا آفيس لائبرري شايع ڪئي، تنهن مان 18هين صدي جي پنجاب جي پوري خبر پئجي سگهي ٿي.

## ڀهرين چؤياري:

رعايا جي بهبودي ۽ رفاه عام جي سڌارن لاءِ فاتح مير پنهنجن ٽن ڀائرن مير مراد علي خان، مير غلام علي خان، مير ڪرم علي خان کي پنهنجو صلاحڪار مقرر ڪيو. اها بلوچي ڪچهري تاريخن ۾ "چؤياري"

جي نالي سان مشهور آهي. متين سرڪار جيڪا حيدرآباد جي قلعي ۾ قائم ٿي، سا شهداداڻي سرڪار سڏجڻ لڳي. جڏهن نقيبن چئني طرفن کان دربار ۾ خبر ڏني ته دولت ٽالپري جي سرحدن تي امن امان آهي، تڏهن خاصه دارن کي حڪم ٿيو ته ”ڪچهري“ لاءِ سامان تيار ڪن. فوج جي سپهه سالارن، جاگيردارن، سردارن ۽ نوابن توڙي شاهي خاندان جي شهزادن کي بارگاهه ۾ اچڻ لاءِ دعوت ڏني ويئي. ڪشميري شالن، ٺٽي جي لونگين ۽ ايراني غاليچن سان محفل سجائي ويئي. هر هڪ اُميدوار شاهي دسترخوان تي مهمان هو. ترار خون آشام جو وقت ختم ٿي چڪو هو. هينئر امن امان جو دور هو. حقدارن کي حق ملڻ جي نوبت هئي. سلطنت جون حدون اُتر ۾ راجڻ پور، ڏکڻ ۾ عربي سمنڊ، اوڀرندي ۾ ريگستان تائين ۽ الهندي ۾ بلوچستان جي جبلن تائين وسيع هيون. ڪتاب ”حملات حيدري“ جو دراصل ميسور جي مستند تاريخ آهي تنهن ۾ ٽالپر حڪومت جي جملي پکيڙ چاليهه هزار چورس ميل ۽ سنڌس جملي آدم شماري چاليهه لک ڏيکاريل آهي[1].


**سنڌ جو ورهاڱو:**

نواب فتح علي شاهه هٿبت جنگ بهادر سنڌ کي ٽن حصن ۾ ورهايو: (1) حصو ذات همايوني ۽ پنهنجن عزيزن لاءِ مقرر ڪيائين. هن حصي جون حدون ڪراچي کان سيوهڻ تائين. ويڪر ۾ ٿنڊي الهيار کان ڪيرٿر تائين هيون. هيءَ شهداداڻي سرڪار سڏجڻ لڳي. سنڌس تختگاهه حيدرآباد مقرر ٿيو. (2) حصو شاهه بندر کان چوڙ تائين، ڪڇ جي رڻ کان موري تائين مير فتح خان جي فرزند مير ٺاري خان جي حوالي ڪيو ويو.

---

[1] تاريخ حملات حيدري: مولوي عبدالرحيم، ص 29، ذڪر اميران سنڌ، ڪلڪتو 1849ع. هيءَ تاريخ شهزادي غلام محمد بن ٽيپو سلطان پهريان فارسي ۾ تصنيف ڪرائي هئي، پوءِ مولوي احمد علي گويا موسيٰ حڪيم مولوي احمد حسين شاهجهانپوري جي قلمي نسخه ڪارنامهٔ حيدري تان سنه 1263هه/1847ع ۾ اردو زبان ۾ ترجمو ڪري مٿس ”حملات حيدري“ نالو رکيو.

هيءَ سرڪار ماڻڪاڻي سڏجڻ لڳي. مير ٺاري خان جو پهريون تختگاهه ونگي ۾ ڪيٽي هو. پوءِ سنه 1806ع ۾ سندس پٽ مير مراد علي خان ميرپورخاص جو شهر تعمير ڪرايو جيڪو هن خاندان جو تختگاهه رهيو. مٺي، نئون ڪوٽ ۽ بلڙي جا ڪوسا جيڪي ڍٽ جي راڻن جي فوجن ۾ نوڪر هئا، تن ٽالپرن جو طرف ورتو. تنهن ڪانسواءِ مير غلام علي خان ۽ مير سهراب خان سوڍن نڪراڻن مان شاديون ڪيون. جنهن ڪري ڍٽ سڄي تي ماڻڪاڻين جو قبضو ٿي ويو[1]. حصو ٿر ۽ موره ڪان اُوباوڙي ۽ روجهاڻ تائين هيون. مٿيون حصو مير سهراب خان جي حوالي ڪيو ويو. پهريون تختگاهه سهراباڻي سرڪار جو احمد آباد (ڪوٽ ڏيجي) هو. پوءِ خيرپور تختگاهه مقرر ٿيو. شجرو هن ريت آهي[2]:




ٽيئي ٽالپر سرڪارون اهميت رکندڙ هيون. مير سهراب خان جي چاچي ڄام ننڊو خان کي نادر شاهه سنه 1840ع ۾ ميان نور محمد ڪلهوڙي پاران بطور عيوضي جي پاڻ سان خراسان وٺي ويو هو، جتي مير صاحب مشهد مقدس ۾ وفات ڪئي هئي. مير سهراب خان پهريان هاٿوڪو ڏيجي جو ڪوٽ

---

[1] J.Tod: The Amals & Antiquities of Rajasthan, Vol. II, P. 240

ٽالپرن سوڍن راڻن جون جاگيرون بحال رکيون، جيئن مسافرن جي سنڀال ڪري سگهن. جيمس ٽاڊ لکي ٿو ته ٿر جي سوڍن ٽالپرن کي دولتمند ڏسي ڪين پنهنجون ڌيئرون ڏنيون. ڏسو جلد 2، ص 306

[2] ليفٽيننٽ لوئس پيلي سنه 1854ع ۾ سهراباڻين جي تاريخ مرتب ڪئي. سنه 1924ع ۾ شمس العلماء مرزا قليچ بيگ جي تاريخ خيرپور شايع ٿي.

تعمير ڪرائي مٿس توبون رکائي ان تي احمدآباد نالو رکيو هو. پوءِ نونارين کان موجوده خيرپور جي زمين خريد ڪري هاٿوڪو تختگاهه تعمير ڪرايو. مير رستم خان بکر جو مضبوط قلعو فتح ڪيو. سبزل ڪوٽ ۽ ٻنگ ٻاڙا جا علائقا سهراباڻي سرڪار بهاولپور جي نواب کان فتح ڪيا. اوڀرندي واري ريگستان ۾ گرسياه، گتورا ۽ شاهه ڳڙهه جا قلعا جيسلمير جي پاٽي راول کان هٿ ڪيا[1]. شهداداڻي سرڪار جي ساليانو اُپت ڇاليهه لک رپيا هئي، جنهن مان 25 لک روپيا هئبت جنگ بهادر کي ملندا هئا. مانڪاڻي سرڪار جو علائقو گهٽو آباد ڪين هو، ان ڪري ساليانو اُپت چار لک رپيا هئي. سهراباڻي سرڪار جي ساليانو اُپت 11 لک رپيا هئي. ڪابل جي دراني سلطنت کي سنڌ مان جيڪي ڏهه لک رپيا ساليانو خراج ملندو هو، تنهن مان 6 لک رپيا مير فتح علي خان ڀريندو هو، باقي رقم مير سهراب خان ڀريندو هو. ليفٽيننٽ لئوس پيلي جو بيان آهي تہ مير سهراب خان جا ڪابل سان سڌا سنوان لاڳاپا هئا. دراني سلطنت جي زوال کان پوءِ سنڌونديءَ جي ساڄي ڪپ وارو مغل علائقو جنهن ۾ سکر، بکر، شڪارپور، بلدکو، نوشهرو روپاچڪ، مغرچا، محمد اباغ، شاهه پيلو شامل هئا، سي سوهيجا ۽ ڪلواڙي سميت شاداب علائقا سهرابا ڻي سرڪار سان لاڳو تي ويا. پويان بہ علائقا مير سهراب خان جي چوٿين پٽ مير مبارڪ خان فتح ڪيا هئا. انکري شهزادي کي جاگير طور مليا. شڪارپور جيڪو واپار جو مرڪز هو، تنهن جي آمدني ۽ ڪراچي جي آمدني مان بہ سهرابا ڻي سرڪار کي حصا ملندا هئا. حقيقت ۾ شهداداڻي ميرن کان سهرابا ڻي وڌيڪ دولتمند هئا[2]. ليفٽيننٽ لئوس پيلي ان باري ۾ لکي ٿو تہ شهداداڻي مير سهرابا ڻين جي مقابلي ۾ رئيس سڏبا هئا. سنہ 1832ع تائين جيسين انگريز سنڌونديءَ کان واقف ڪين ٿيا هئا، تيسين ٽالپرن جي ٽن حڪومتن کي آزاد سمجهندا هئا. وري جڏهن سنڌونديءَ تي جهاز راني ڪري

[1] J.B. Malleson: A Historical sketch of the Native States of India, Bahawalpur, P. 350, Jesulmer, P. 124, London, 1875

[2] History of Sindh Alienations, Vol. II, Sections V, Sohrabanis & Tharanis, PP. 139-148
J.Burnes: Narrative of Visit of the Court of Scinde, P.46, Edinburgh, 1831

هن ملڪ مان واقف ٿيا. تنهن کان پوءِ ڪابل جي پهرين جنگ لڳڻ وقت انگريزن زبردستي سان بنگالي ۽ بمبئي جو لشڪر سنڌ مان لنگهايو، تڏهن اڻ سڌي طرح سنڌ تي انگريز اقتدار جو اثر پوڻ لڳو.

**ٽالپر خاندان کي جاگيرن جو ملڻ:**


متين ٽن خاندانن کان سواءِ ٽالپرن جي شاهي خاندان جون پيون به شاخون هيون، جي عزت واريون هيون. سندن احترام رکڻ فاتح امير لاءِ لازمي امر هو. جيئن خاناڻي جيڪي مير عالي جو اولاد هئا. سو امير سليمان خان (ڪڪو خان) جي مرياڻي ديره مان چوٿون فرزند هو. خاناڻي ميرن ۾ مقصوداڻي ۽ آلوداڻي به سرڪش پاڙا هئا. مير غلام حيدر خان مقصوداڻين جو سردار ۽ آلوداڻين جو سردار مير محمد خان هو، جو ڄام هالا جيٓ ٽنڊي جو امير هو. مير فتح علي خان جهرڪن جو محصول ۽ دبير وارو علائقو مير محمد خان کي جاگير ۾ ڏنا هئا. سنه 1802ع ۾ مير مراد علي خان سندس پٽ مير غلام محمد خان کي متين جاگير پشت به پشت قرآن شريف تي لکي ڏني هئي. مير بڍو خان وچولي سنڌ ۾ وڏو بزرگ ٿي گذريو. ٽنڊوڄام هن خاندان جي يادگار آهي. عليا حضرت بي بي خيرالنساءِ مير فتح علي خان جي والده ماجده مير بڍي خان جي نور نظر هئي. مير بڍي خان جي وڏي پٽ مير ولي محمد خان کي مير نصير خان سنه 1841ع ۾ يارهن جاگيرون سپرد ڪيون هيون. ڪپتان راٽ بورن جنهن سرڪاري طور ٽالپرن جا شجرا تيار ڪيا، سو خاناڻين جو شجرو هن ريت ڏئي ٿو[1]:

---

[1] History of Alinations in the Province of Sindh, Vol. II, Sections III, The Khananis, PP. 106-119

مير جان محمد خان ۽ مير غلام شاهه، مير احمد خان مياڻي جي جنگ ۾ شهيد ٿيا. شاهه علي خان انگريزن کي سلام نه ڪيو، تنهنڪري ڪيس جاگير ڪانه ملي. مير احمد علي ۽ مير غلام حيدر 1849ع ۾ وفات ڪئي. مير غلام حيدر 1854ع ۾ وفات ڪئي. مير علي مراد آڪٽوبر 1873ع ۾ وفات ڪئي. مير جان محمد جي پٽ مير احمد کي انگريزن جاگير جو چوٿون حصو ڏنو.

## امير سليمان خان (ڪڪو)





### شهواڻي:

شهواڻي ٽالپر مير شاهو جو اولاد آهن. امير زنگي خان بن بجر بن زنگي خان کي ٽي فرزند مير عيسيٰ، مير ٽالو ۽ مير بجر نالي هئا. منجهانئن مير ٽالو خان کي ٻه فرزند مير جيئند ۽ مير شهڪ هئا. مير شاهو خان مير شهڪ جو پٽ هو. شجرو هِت ڏجي ٿو[2]:

---

[2] History of Alinations in the Province of Sindh, Vol. II, P. 98




مير غلام محمد خان جي پٽ مير محمد خان جنهن کي مير فتح علي خان وڏي جاگير ڏني هئي، تنهن ٽنڊو محمد خان جو شهر تعمير ڪرايو جو شهواڻين جي يادگار آهي. ٽالپر دؤر ۾ وڏي واپار جو مرڪز هو.

**ٻهاراڻي:**

ٻهاراڻي ٽالپرن جو ممتاز خاندان ڪلهوڙن جي زماني کان جاگيردار هو. ڪين جان محمد جي ڳوٺ ۾ جاگير هئي. مير محمد خان، ميان سرفراز خان جو ڪاردار هو. مير حسن علي خان ٻهاراڻي وٽ 1777ع ميان عبدالنبي خان جي لڪيل سند هئي، جنهن ۾ لکيل هو ته مير سيد خان ٻهاراڻي ديره دار هو. سندن مرتبي موجب مير فتح علي خان هن خاندان جي خانوادن کي ٽن هزارن

بيگهن (اٽڪل 15 سؤ ايڪڙ) جي جاگير ڏني. منجهانئن مير جان محمد ٽنڊو مير جان محمد جو بنياد وڌو. مير محمد خان جو پٽ مير لقمان خان مير سهراب خان وٽ وڏي عهدي تي مامور هو. مير لقمان جو پاءُ مير مبارڪ خان مياڻي جي جنگ ۾ شهيد ٿيو[1].

**جيوڻاڻي:**

جيوڻاڻي مير ماڻڪ خان جي پاءُ مير جيوڻ خان جو اولاد آهن. سندن چار مضبوط پاڙا مير جيوڻ خان جي چئن پٽن جي نالن تي هئا.

**شاهلياڻي:**

شاهلياڻين جو سردار مير لعل خان هو. هالن ۾ سندس جاگير هئي. سنه 1851ع ۾ وفات ڪيائين.

**حاجواڻي:**

حاجواڻين جو سردار مير سردار خان هو. سندس صوبي ديري ۾ جاگير هئي.

**سڪلاڻي:**

سڪلاڻين جو سردار مير مبارڪ خان هو.

**ياراڻي:**

مير جيوڻ جي پٽ مير يارو خان جو اولاد ياراڻي سڏجن ٿا. سندس ٽين پيڙهي مان مير پيارو خان ديهڙن ۾ رهندو هو.

**هليلاڻي:**

هليلاڻي مير مبارڪ خان جي پڙپوٽي مير هليل خان جو اولاد آهن. منجهانئن ڪي نوابي جي عهدي ڪي پهتا. مير نواب فاضل خان جو حجاب خان جو پڙپوٽو هو. تنهن ٽنڊو مير فاضل تعمير ڪرايو. سندس پوٽي مير باغ علي خان 1856ع ۾ وفات ڪئي. سندس فرزند مير غلام علي خان کي گهوٽاڻن ۾ جاگير هئي.

**جيسنداڻي نوڙا:**

---

[1] بهاراڻين جي شجري لاءِ ڏسو ٽالپرن جو شجرو.

امير ٽالپر خان جي پٽ مير جيئند خان جو اولاد جيئنداڻي ٽوڙها سڏجن ٿا. نواب مير محمد خان ٽوڙهو جو مير جيئند خان جي پنجين پيڙهي مان هو. تنهن کي مٽيارين کان سواءِ حيدرآباد ۽ ڪراچي ضلعن ۾ جاگيرون هيون. سنه 1847ع ۾ ڪپتان راٽ بورن ڪمشنر سنڌ کي جيڪا رپورٽ پيش ڪئي هئي، تنهن ۾ هن ڏيکاريو هو ته نواب محمد خان سڄي سنڌ ۾ اثرائتو ۽ مان وارو امير آهي. نواب محمد خان جي ڏاڏي مير فتح خان جي پاءُ مير جعفر خان جي پٽ مير دريا خان کي مير فتح علي خان سامتاڻين جو ڪاردار مقرر ڪيو هو. مير مراد علي خان جي زماني ۾ مختيارڪار ٿي رهيو. مير فتح خان هن خاندان جو پويون مير هو. جنهن 1862ع ۾ تاجپور ۾ وفات ڪئي. مير خير محمد جو پٽ مير دوست علي خان. مير محمد خان وٽ عهديدار هو. پوءِ مير حسين علي خان وٽ مختيارڪار هو. ٽالپر امير فقط رفاه عام لاءِ عهديدار هئا. ڪين وڏيون جاگيرون مليل هيون. تنهن کان سواءِ پاڻ ۾ مائٽ هئا. مير دريا خان ٽوڙهي 1845ع ۾ وفات ڪئي. جام پور، ديره حمزه، ميهڙ، گهمٽي ۾ وٽس جاگيرون هيون.

**عيساڻي:**

مير عيسيٰ بن زنگي خان جو اولاد عيساڻي سڏبو هو. سندس فرزند مير آدم خان آدماڻين جو مورث اعليٰ هو. مير علي بخش خان آدماڻي کي شهدادپور ۽ ميهڙ ۾ جاگيرون هيون. سنه 1867ع ۾ هن وفات ڪئي.

انگريزن جي اچڻ وقت مير شير محمد ۽ مير خان محمد پوئين آدماڻين جي سردارن وٽ جاگيرون هيون. خان محمد خان 1845ع ۾ شير محمد خان 1855ع ۾ وفات ڪئي. ٻئي پاٽر هئا.

**درياخاني:**

خاناڻين جي مورث اعليٰ مير مبارڪ خان جي پاءُ مير دريا خان جو اولاد درياخاني سڏبو هو. مير راڄو خان جي ساليانو آمدني ٽيهه هزار روپيا هئي. سندس پيڻ مير شير محمد خان مانڪاڻي جي والده ماجده هئي. امير دريا خان

جي اولاد کي مير ٺاري خان سنہ 1790ع ۾ الله ،باد ۾ جاگير ڏني هئي. مير احمد خان مير راڄو خان جي پاءِ مير الله داد خان جي قبيلي جو سردار هو. ميان سرفراز خان پاران کيس پوڙهائپ ۾ جاگير مليل هئي.

**گهراماڻي:**

امير سليمان خان (ڪڪو) کي باگراڻي ديره مان سفر، دڦڙ ۽ بجر ٽي فرزند هئا. گهراماڻي مير سفر خان جي فرزند مير گهرام خان جو اولاد هئا.

**مراداڻي:**

مير هليل خان جي پوٽي مير خداداد خان کي ٻہ فرزند هئا. بهار خان جو اولاد بهاراڻي سڏبو هو. مير مراد خان جو اولاد مراداڻي سڏبو هو(1).

**رند:**

رندن جي ممتاز قبيلي کي ٽالپر دؤر ۾ وڏا عهدا ملڻ لڳا. سندن سردار تاج محمد خان جي نياڻي سان مير مراد علي خان شادي ڪئي. سردار بهاول خان رند ڪو وقت قلات جي لشڪر ۾ عهديدار هو. سندس پٽ دليل خان ۽ پوٽو يار محمد خان مير فتح علي خان جي ڪچهري ۾ شاهي مهمان ٿيا. فاتح امير هڪڙي سند موجب کين گڏيل جاگير عنايت ڪئي. مير محمد خان رند 1830ع ۾ وفات ڪئي. سندس پٽ بهاول خان مير نور محمد خان جي فوج ۾ چئن سون جي دستي مٿان اڳواڻ هو. جهانگارن ۾ کيس جاگير ملي.

**کوسا:**

کوسا هڪ صدي کان ڪلهوڙن سان وفادار رهيا هئا. وقت بوقت فساد ڪندا هئا. پهرين چؤياري کين دادو ضلعي ۾ باغبان جاگير طور ڏنو. کوسن جا راڄ ٿرپارڪر جي سرحد جي حفاظت ڪرڻ لڳا.

**چانگ:**

چانگ گورچاڻين جي شاخ آهن. اهي سنڌ ۾ زمينداري پيشو ڪندا هئا. ٽالپر دور ۾ لشڪر ۾ ڀرتي ٿيا. منجهانئن سنجراڻين کي گوني تعلقي ۾

---

(1) History of Alinations in the Province of Sindh, Vol.II, Genealogical tree of the Talpurs.

ڪچائي چانڪن کي گهوڙا پاري ۾ وفاداري ڪري جاگيرون عطا ٿيون. سنجراڻين جي سردار مراد علي خان جولاءِ سنه 1854ع ۾ وفات ڪئي. تنهن کان پوءِ نصير خان جو پٽ الله بخش خان لاڙ جي چانڪن جو سردار ٿيو. هن مياڻي جي جنگ ۾ شهادت ماڻي.

**لنڊ، بوزدار، گبول:**

اُتر وارن لنڊن، بوزدارن، گبولن جروارن ۽ چانڪن سهراباڻي سرڪار جو طرف ورتو. جنهن ڪري مهرن، ڌهرن، ڏاريجن، قناصرن جي، زمينن تي قبضو ڪري ورتائون. جنگ وقت سهراباڻي سرڪار جا معاون ۽ مددگار ٿي دشمنن سان لڙندا هئا.

**بليدي:**

بليدين جي بلدڪي ۾ رياست ۽ سرداري قائم هئي. سنڌن سردارن کي سهراباڻي سرڪار پاران وظيفا ملڻ لڳا. سنه 1845ع تائين بليدي انگريزن سان لڙندا رهيا.

**باگراڻي:**

باگراڻين جا سنڌ ۾ وڏا راڄ هئا. سنڌن سردارن مان سوائي خان ۽ ميوا خان شهداداڻي سرڪار وٽ عهديدار هئا. ڪرم خان سهراباڻي سرڪار وٽ عهديدار هو. علي مراد خان جيڪو ميوا خان جي ٻي پيڙهي مان هو. تنهن کي خدمتن جي عيوض پهرئين چوڪاري پاران سوني ترار ملي. هر هڪ بلوچ سردار کي سندس رتبي موجب جاگير ۽ عهدا مليا. چاڪاڻ جو جنگ وقت ٽالپر فوجن کي امداد ڏيندا هئا. مير نصير خان جي زماني ۾ علي مراد خان باگراڻي ڪاردار هو. کيس شهدادپور ۾ جاگير مليل هئي. سنه 1860ع ۾ هن وفات ڪئي(1).

---

(1) بلوچن جو بيان مئجر سر فريڊرڪ گولڊ سمڊ ڏنو آهي. ايران ۽ بلوچستان جي حد بندي ڪرڻ لاءِ انگريزن سنڌس اڳواڻي هيٺ مشن روانو ڪيو. انڊو- پرشن ٽيليگراف لائين قائم ڪرڻ وقت هن مڪران جي ڪناري جي گوادر تائين سروي ڪئي هئي. بلوچستان ۽ سنڌ جي بلوچن کان واقف هو. رائل جاگرافيڪل سوسائٽي جو ميمبر هو. سنه 1863ع ۾ هن بلوچي قصي سسئي- پنهون کي انگريزي ۾ ترجمو ڪيو هو.
Journal of the Sindh Historical Society, Vol.III, December, 1938, PP.29-36 Karachi.

**پرڳڙي:**

سنڌ جي نئين جوڙجڪ موجب پرڳڙين جي سردار غلام حيدر خان کي مير غلام علي خان وڏو عهدو ڏنو. تنهن کان سواءِ ان کي ساليانو وظيفو به ملندو هو. سندس پٽ احمد خان ٽالپرن سان مٽي مائٽي سبب وڏي عزت ۽ مرتبي وارو هو. ڪجهه بلوچي سردارن وٽ قبيلو ته ڪونه هو پر خانداني لحاظ ڪري کين ٽالپرن جاگيرون ڏنيون هيون. مثال لاءِ فضل محمد پرڳڙي ۽ سندس پٽ غلام محمد ۽ فتح خان کي حيدرآباد تعلقي ۾ جاگيرون هيون. احمد خان کي شهدادپور ۾ جاگير هئي. غلام محمد خان فيبروري 1875ع ۾ وفات ڪئي. فتح خان آگسٽ 1879ع ۾ وفات ڪئي. جعفر خان (المتوفي 1860ع) کي سرداري ڪانه هئي. سندس ڏاڏي کي مير غلام علي خان حيدرآباد ۽ هالن ۾ جاگيرون ڏنيون هيون. سندس پٽ حسن خان پرڳڙي سنه 1837ع ۾ انگريزن سان جنيون ڪرايون هيون. ميهڙ ۽ لاڙڪاڻي ۾ پرڳڙين کي ٽالپرن جاگيرون عنايت ڪيون. پرڳڙي سردارن جي مائٽن کي به ٽالپرن عهدا ڏنا هئا.

**جمالي:**

جمالين جي ڇئن پاڙن مان هشبتاڻي ۽ بخشاڻين جي سردار بخشو خان کي مير فتح علي شاهه ديره داري جو عهدو ڏنو ۽ سرڪاري دفتر ۾ سردار شمار ٿيندو هو. مير غلام علي خان کيس ديهه قلجي جو چوٿون حصو ڏنو. مير نور محمد خان سندس جاگير ۾ اضافو ڪيو. بخشو خان 1872ع ۾ وفات ڪئي. سردار ڏاتو خان جمالي کي ديهه روپاهه ۾ جاگير عنايت ڪئي ويئي. جمالي سردار بلوچي سردارن ۾ پنهنجي سادگي ڪري مشهور هئا.

**حاجي زئي مري:**

حاجي خان مري جي بدائي ۽ لوهارائي سردارين کي ٽالپرن تسليم ڪيو. سنڌ ۾ اثر وارا هئا. چاڪاڻ جو ٽالپرن منجهان شاديون ڪيون هيون. محبت خان مري مير سهراب خان جو صلاحڪار هو. سندس پٽ مير رستم خان جو صلاحڪار هو. سندس نياڻي سان مير رستم خان جي ٽئين پٽ مير علي مردان خان شادي ڪئي هئي. نوشهري ۽ ڪنڊياري ۾ کيس جاگيرون مليون. رستم خان جي فراري کان پوءِ مير علي مراد جو طرفدار ٿيو. حاجي خان

جي وڏي پٽ مستي خان ٽنڊو مستي خان ٻڌرايو. ٽنڊوآدم به سندن يادگار آهي. مستي خان جو پٽ ڪمال خان کي ٽنڊي باگي ۽ هالن ۾ جاگير هئي. دبي جي جنگ ۾ شهيد ٿيو. خير محمد خان جو پٽ دائود خان جنهن کي مير فتح علي خان سنڌ ۾ جاگير لکي ڏني هئي، سو دبي جي جنگ ۾ شهيد ٿيو. گوهر خان مري مياڻي جي جنگ ۾ شهيد ٿيو. مري ٽالپرن جا ناناڻا هئا. ان ڪري کين شهدادپور، ڪنڊيارو، ٽنڊوآدم، ٽنڊو باگو هالا، گوني، سيوهڻ، بدين ۾ جاگيرون هيون. اهي رئيس سڏجن ٿا. لوهاراڻين مان ٽنڊو خان مير نور محمد خان وٽ 12 سو مرين جي دستي مٿان سپه سالار هو. حيدرآباد ضلعي ۾ ونس جاگير هئي. سنه 1858ع ۾ سندس عمر سؤ سال کي پهتي. پٽن سميت ٽنڊوآدم ۽ بلاول ڪوٽ ۾ رهندو هو. سنه 1861ع ۾ هن وفات ڪئي. مرين جي شاهداڻي قبيلي جي سردار شاهه بيگ کي مير ڪرم علي خان ۽ مير مراد علي خان وٽان پروانا مليل هئا. شهدادپور، ٽنڊوالهيار ۽ ميرپورخاص ۾ سندس جاگيرون هيون. سندس ننڍي ڀاءُ غلام حيدر خان سنه 1862ع ۾ وفات ڪئي. سردار مصري خان کي مير غلام علي خان ڪاردار مقرر ڪيو. ونس دادوءَ ۾ جاگير هئي. باعزت سردار هو. سنه 1867ع ۾ وفات ڪري ويو(1).

**چلگري:**

چلگري مرين جي شاخ آهن. پهريان هرنائي جبل تي رهندا هئا. وري جڏهن مرين کين لوڏي ڪڍيو. تڏهن ڪڇ ۾ چلگري ڳوٺ ٻڌي ويٺا. ٽالپرن سان گڏجي سنڌ ۾ آيا ۽ ٽالپري لشڪر ۾ ڀرتي ٿيا. ونن سرداري هئي.

**لغاري:**

جيمس برنس لکي ٿو ته لغاري ٽالپري صاحبي ۾ ڏولين ۽ پالڪين ۾ گهمندا هئا. پهرئين چوڀاري ۾ وزارت جو قلم سيد آغا اسماعيل شاهه ۽ نواب ولي محمد خان لغاري جي هٿن ۾ هو. چانڊڪي شورش پسند پرڳڻي مٿان نواب ولي محمد خان لغاري نائب هو. ڪيس قاسي ڏيڻ جو اختيار هو. شاعر ۽ حڪيم به هو. سندس چوڻ هو ته حڪمت جي ذات ڪيس خوابن جي

(1) History of Alienations in the Province of Sindh, Vol.II, The Mari tribes, PP.222-235

ذريعي حاصل ٿي. بلوچيت جي لحاظ کري چؤياري جا امير سيد اسماعيل شاهه جي مقابلي ۾ متس اعتبار ڪندا هئا. نواب صاحب جي اهائي منشا هئي تہ انگريزن ۽ ٽالپرن ۾ دوستي قائم رهي. سندس پٽن مان احمد خان ۾ پيءُ جون خصلتون هيون. نواب صاحب جو ٻيو پٽ محمد خان بوزدارن جو سردار هو. گوني ۽ لاڙڪاڻي تعقلن ۾ وٽس جاگيرون هيون. سندس ٽئين پٽ نواب الله داد خان کي لاڙڪاڻي ۽ ميهڙ ۾ جاگيرون هيون. چوٿين پٽ نواب غلام حيدر کي لاڙڪاڻي ۾ جاگير هئي. پهرئين چؤياري ۾ جاتي پرڳڻي مٺان نائب هو. نواب ولي محمد خان جو پاٽيتو غلام شاهه بوزدار مير ڪرم علي خان ۽ مير مراد علي پاران پارڪر جو مختيارڪار هو. عمرڪوٽ ۽ بدين ۾ ڪيس جاگيرون هيون. سندس پٽ نواب احمد خان جي نياڻي سان شادي ڪئي. ولي محمد خان جي ٻي پاٽتي خان محمد خان کي ميرن مٽيارين، عمرڪوٽ ۽ لاڙڪاڻي ۾ جاگيرون ڏنيون. ولي محمد خان جو وڏو پاءُ نواب علي محمد خان وڏو بهادر ٿي گذريو. مياڻي جي جنگ ۾ اختيار خان لغاري سان گڏ مير جان محمد خان ۽ خان محمد خان سان همرڪاب رهيو هو. مٽياري تعلقي ۾ تاجپور سندس جاگير هئي. مير غلام علي خان ۽ مير مراد علي خان جون وٽس لکيل سندون هيون. عالياڻين کي ميرن جاگيرون عنايت ڪيون. ٻيو خان عالياڻي پويون بزرگ هو. جنهن ڊسمبر سنہ 1883ع ۾ وفات ڪئي. نواب علي محمد خان 1862ع ۾ وفات ڪري ويو. حسين خان براهماڻي کي ٽالپرن ميرپور بٺورو، گوني ۽ ٽنڊي محمد خان تعلقن ۾ جاگيرون عنايت ڪيون. اختيار خان عيساڻي کي ميرن وٽ وڏي عزت هئي. مير مراد علي جي وفات وقت روح راڙي ڪرڻ جي موقعي تي ٽالپري شهزادن ڪيس سونيون ترارون عطا ڪيون. شهدادپور، هالن ۽ ميهڙ ۾ وٽس جاگيرون هيون. گل محمد خان ڪچائي گاج جي لغارين جو سردار هو. مير فتح علي ڪيس ويهہ هزار بيگها (لڳ ڀڳ 10 هزار ايڪڙ) زمين عطا ڪئي. چاڪاڻ جو جوهي تعلقي جون حدون ڪوهيار (جهالاوان) علائقي سان لاڳو هيون. سندس حفاظت جو ڪم گل محمد خان

جي سپرد هو. باغبان تائين ناري جون زمينون سندس جاگير ۾ هيون. دوداڻي (مرراڻين) کان پوءِ لغارين ٽالپر دور ۾ نوابي جا رتبا حاصل ڪيا هئا[1].

**نظاماڻي:**

نظاماڻي ڪلهوڙن جي ڏينهن کان جاگيردار هئا. ڪرماڻين مان دريا خان نظاماڻي کي مير مراد علي خان پنهنجو مختيارڪار مقرر ڪيو هو. سنه 1834ع ۾ شاهه شجاع سان وڙهندي سڪر وٽ شهيد ٿيو. بهليلاڻي جي امير نظام خان جي ڀاءُ ڳاگن خان جي اولاد مان هئا. منجهانئن ابراهيم خان تائين جيڪي به ٿي گذريا، تن سڀني وٽ جاگيرون هيون. سنڌ فتح ڪرڻ وقت ٽالپرن جي طرفداري ڪرڻ ڪري سندن جاگيرون بحال رهيون.

**ڪلمتي:**

ڪلمتي سنڌ جا قديم بلوچ هئا. وٽن اورنگزيب جون سندون هيون. مير فتح علي خان ملڪ مريد خان، الله بندو خان، فتح خان ۽ مزار خان جي جاگيرن کي بحال رکڻ لاءِ اعلان ڪيو. ڪلمتي ۽ نومڙيا پڇاڙي تائين ٽالپرن سان وفادار رهيا[1]. نومڙين کي ڪوٽڙي جي پلن ۽ شراب جو محصول معاف ڪيو ويو.

**جوکيا:**

جوکين وٽ ميان غلام شاهه ڪلهوڙي جي سند هئي، مير فتح علي خان سندن جاگير کي جيڪا ٽن سؤ ميلن ۾ هئي، بحال رکي، مگر جوکيا سنڌ جو ڀهريون قبيلو هو، جنهن انگريزن سان سازباز رکڻ شروع ڪيو هو. 1843ع ۾ مير نصير خان سندن سردار جام مهر علي خان کي انباري ۾ هدايت ڪئي. مگر هو انگريزن جي هندو ايجنٽ سيٺ نائون مل جو گراهڪ بڻجي انگريزن کان ٺيڪا کڻڻ لڳو[2].

**بکرءِ روهڙي جا سادات:**

[1] History of Alienations in the Province of Sindh, Vol.II, The Lagharis.

[1] Dr. P.Saran: The Provincial Government of the Mughals (1526-1658) P.58

[2] G.Smith: The life of john Wilson, PP. 440-41, London, 1878

سيد محمد مڪي بن سيد محمد شجاع رضوي اصل مشهد جو رهاڪو هو. مڪي شريف ڏانهن ويندي سلطان العارفين حضرت شيخ شهاب الدين سهروردي ؒ جي نور نظر سان بغداد ۾ شادي ڪيائين. سيد محمد مڪي هلاڪو جي بغداد شريف تي ڪاهه وقت سنه 658هه/1260ع ۾ سنڌ پهتو. سلطان علاءُالدين خلجي کيس بکر بطور جاگير ڏنو. سندس مقبرو سکر جي ڪليڪٽري هيٺان آهي. سندس فرزند سيد مير صدرالدين جو مقبرو بکر قلعي جي اُتر اوڀرندي واري ڪنڌ تي آهي. روهڙي جا سيد جن کي ڪوٺائي سيد ڪوٺين ٿا، سي سيد بدرالدين بن سيد صدرالدين خطيب نقوي جي اولاد مان آهن. سيد مير مڪي ؒ جو اولاد اُچ، ملتان ۽ پوءِ جهاد جي سلسلي ڪري هندستان تائين پکڙجي ويو. اُهي سيدالمؤمنين جي لقب سان سڏجڻ لڳا. شاهه بيگ ارغون بکر تي قبضي ڪرڻ کان پوءِ سيدن کي روهڙي ۾ زمينون ڏنيون. مغليه دور ۾ شاهجهان صاحبقران ثاني کين الور ۽ عالي واهڻ کان سواءِ 995 بيگها زمين (لڳ ڀڳ 5 هزار ايڪڙ) جاگير ڪري ڏنا. غازي اورنگزيب عالمگير وٽان کين سند مليل هئي، ان ڪري ڪلهوڙن جاگير کي بحال رکيو. ٽالپرن مان مير سهراب خان، مير رستم خان، مير مبارڪ خان، سيدن جي جاگير کي بحال رکيو. سيد غلام علي شاهه مير رستم جو مرشد هو(1).

14- آڪٽوبر 1858ع ۾ سنڌ جي اسپيشل ڪمشنر مسٽر بي.اي.ايلس بمبئي حڪومت پاران جاگيرن ۽ سردارن جي جيڪا فهرست حڪومت کي پيش ڪئي هئي، تنهن مان معلوم ٿئي ٿو ته ٽالپرن جي صاحبي ۾ هيٺيون بلوچن جون سرداريون سنڌ ۾ قائم آهن: (1) ٽالپر، (2)

---

(1) Selection from the Records of the Bombay Government No. XVII, CHP, "Memoirs on the Syeds of Rohree & Bhakhur", P. 74, Bombay, 1855

لب تاريخ جو مصنف بکر جي وجود کي سنه 333هه/1041ع کان شمار ڪري ٿو. يعني بني عباس دور ۾ تعمير ٿيو. تحفة الڪرام جو مصنف لکي ٿو ته بکر جو اڳوڻو نالو فرسته هو. هندو راجائن جي زماني ۾ اُن جو وجود ڪونه هو. چيو وڃي ٿو ته جڏهن سلطان العارفين سيد محمد مڪي صبح جي وقت شهر ۾ داخل ٿيو تڏهن فرمايائين: "جعل الله بكرتي في بقعة المباركة" يعني ته الله تعاليٰ منهنجو صبح برڪت واري هنڌ تي ڪيو. پوءِ گهڻي استعمال ڪري فرسته تي بکر نالو پئجي ويو. لب تاريخ: خانبهادر خداداد خان، ص 27، تحفة الڪرام، جلد 3، ص 124، مطبع ناصري بمبئي.

نظاماڻي، (3) لغاري، (4) حاجي زئي مري، (5) جمالي، (6) باگراڻي، (7) رند، (8) چانگ، (9) چلگري، (10) لاشاري، (11) نوحاڻي، (12) لُنڊ، (13) ڪلوئي، (14) جتوئي، (15) نوتڪاڻي، (16) نندڻي، (17) جلالاڻي، (18) پرگڙي، (19) کوسا، (20) مڪسي. بلوچي سردار خيل قبيلن کان سواءِ ٽالپرن ڪوڪر، ڪتياڻ ۽ ابڙا سنڌي قبيلن جي سردارين کي بحال رکيو هو[2].

**ٽالپرن جي باهمي نااتفاقي:**

ٽالپر رشتيداري ڪري پاڻ ۾ جسم ۽ جان هئا. مگر بگڙڻ کان پوءِ جنگين ڪرڻ کان سواءِ ڪين ٽڙندا هئا. انباري ۾ مسٽر ايڊمنڊ. سي. ڪاڪس بمبئي ڪاتي جي تاريخ جو مصنف لکي ٿو ته ٽالپرن جي اندروني نااتفاقي ڪري مير فتح علي خان کي سنڌ ٺن حصن ۾ ورهائڻي پئي[1]. مغربي مؤرخ پنهنجي دعويٰ ۾ درست هجي يا نه هجي پر مير فتح علي خان جي وفات کان پوءِ جيڪي واقعا رونما ٿيا، تن مان حقيقت عيان آهي. مثال طور مير ٺاري خان جي شهداداڻين سان جنگ، شهزادي صوبدار خان جي چاچن سان بغاوت، مير رستم خان خلاف سندس ننڍي ڀاءُ مير علي مراد خان جون سازشون، شادين ۽ غمين جي موقعن تي ڪجهه ٽالپر ميرن جو غير حاضر رهڻ ڪليل آثار هئا. جن مان باهمي نااتفاقين جو پتو پئجي سگهي ٿو. متين نااتفاقي آخري دم تائين قائم رهي، جا فرنگين لاءِ سازشن جي ڄار پکيڙڻ لاءِ گهڻو مفيد ثابت ٿي.

**سرائين جي سنڌ حاصل ڪرڻ لاءِ آخري ڪوشش:**

سرائي ميان عبدالنبي خان سنڌ هٿ ڪرڻ لاءِ هٿ پير هڻي آخر ڇٽبي پاسن کان نااُميد ٿي جوڌپور ڏانهن هليو ويو. راجا سندس خاندان جي گذران لاءِ وچين درجي جي جاگير مقرر ڪئي. ميان صاحب مارواڙ جي شهر پوڪران ۾ رهڻ لڳو. سندس وفات کان پوءِ اُتي جي ٺڪر کي سندس جواهرات هٿ لڳا. مير مراد علي خان جي زماني ۾ ڪوسن ڪڇ تي ڪاهون ڪيون. انباري ۾ ڪڇ جو ريزيڊنٽ مير صاحب سان لکپڙهه ڪرڻ لڳو. ميان عبدالنبي جي پونئرن مان ميان محمد خان عباسي وچهه ڏسي سنه 1832ع ۾ انگريزي ريزيڊنٽ کي هڪڙي درخواست پيش ڪئي هئي، مگر انگريزن کي خبر هئي ته ڪلهوڙا بلوچن اڳيان

---

(2) Pre Mutiny Records of the Commisoner in Sindh, PP. 141-142 Karachi, 1931

(1) Edmund.C Cox. A short History of Bombay Presidency, P. 296, Bombay, 1887

ڪامياب ٿي نہ سگهندا. ان ڪري عرضي رد ٿي[2]. سراين پاران سنڌ هٿ ڪرڻ لاءِ اها پوئين ڪوشش هئي.

**هندستان تي زمان شاهہ جون ناڪام ڪاهون:**

اڳ لکي چڪا آهيون تہ عيسوي 18صدي ۾ هندستان اندر انگريزن جي شهنشاهت جو بنياد مضبوط ٿي چڪو هو. انگريز جيڪي مغلن جي اوج جي زماني ۾ واپارين جي لباس ۾ هئا. هينئر انگريزي شهنشاهت هندستان اندر برپا ڪرڻ جي جدوجهد ۾ رڌل هئا. نظام، اوڌ، بنارس جون رياستون انگريزن جي نگراني هيٺ هيون. مرهٽا ڪنفيڊريسي ڪمزور ٿي چڪي هئي. سنڌيا، هولڪر، ڀونسلي، گائڪواڙ جي اڳ پيشوا جا مضبوط بازو هئا. سي هينئر خودمختيار هئا. فقط نالي طور پيشوا کي مڃيندا هئا. خود پيشوا جي رڌتي ۾ رولو پيل هو. فقط دکن ۾ ميسور واحد اسلامي حڪومت هئي. جنهن انگريزن کي هندستان مان تڙي ڪيڻ لاءِ جهاد في سبيل الله جو جهنڊو بلند ڪيو هو. مگر سنہ 1792ع ۾ ميسور جي ٽين ويڙهہ ۾ انگريزن، مرهٽن ۽ نظام گڏجي ٽيپو سلطان کي شڪست ڏني هئي صلح جي شرطن موجب سلطان کي ٽي ڪروڙ رپيا نقد ۽ دولت خداداد ميسور جو اڌ حريفن جي حوالي ڪرڻو پيو. ٽيپو سلطان ميسور جي ٽين ويڙهہ کان اڳ سنہ 1788ع ۾ پنهنجا 2 سفير محمد درويش خان ۽ محمد عثمان خان کي فرانس جي بادشاهہ لوئس 16 ۽ ترڪي جي سلطان ڏانهن مدد لاءِ روانا ڪيا هئا. پر لوئس 16 عياشين ۽ فضول خرچين ڪري مفلس هو. ترڪي جي سلطان بہ سڪا سلام ۽ دعائون ونس ڏياري موڪليون[1]. فرينچن جو زور انگريزن هندستان اندر گهٽائي ڇڏيو هو. گهٽائي فرينچ ديسي نوابن ۽ راجائن جي فوجن ۾ عملدار هئا. اهي وقت بوقت ديسي حڪمرانن کي انگريزن خلاف ڀڙڪائيندا هئا. انگريزي ريزيڊنٽ ڏيهي نوابن ۽ راجائن جي دربار ۾ رهندا هئا. انڪري هندستان جا رهاڪو انگريزن خلاف

---

(2) J.Tod: The Amuals & Antiquities of Rajasthan, Vol. II, P. 305

Pre Mutiny Records of the Commisinor in Sindh "Sindh Mission", P. 288

K.B. Sadik Ali Sher Ali Ansari: Census of India, 1901, Vol. IX, Sindh Tribes, CHP. VIII, PP. 203-205, Bombay, 1902

(1) حملات حيدري، ص 662-684

ڪنهن ڌاري طاقت جي حملي لاءِ منتظر هئا. پنجاب ۾ گوجرانوالا کان وٺي جمنا تائين سکن جون رياستون قائم ٿي چڪيون هيون. انگريز دکن ۽ وچ هندستان ۾ ميسور ۽ مرهٽن جي طاقت کي گهٽائڻ ۾ رڌل هئا. ان ڪري سنڌ ۾ ٽالپر حڪومت في الحال بچيل هئي. 18هين صدي جي آخر ۾ يورپ ۾ فرينچ انقلاب پوڻ کان پوءِ نيپولين بونا پارٽ جي اڳواڻي هيٺ فرانس زور ورتو. نيپولين بونا پارٽ جي خاص مراد اها هئي ته انگلينڊ جي طاقت کي ڪمزور ڪري. هندستان جي فضا ۾ ڪجهه وقت افواهه هلي رهيا هئا ته اجهو ٿو نيپولين بونا پارٽ سلطان ٽيپو جي مدد لاءِ سمنڊ رستي هندستان تي ڪاهه ڪري. ميسور جي ٽين ويڙهه کان پوءِ انگريزن کان انتقام وٺڻ لاءِ سلطان ٽيپو غلام محمد خان روهيلي کي سفير ڪري ڪابل ڏانهن زمان شاهه کي جهاد في سبيل الله ۾ شامل ٿيڻ لاءِ دعوت ڏيڻ لاءِ روانو ڪيو. هڪڙو سفير ايران جي فتح علي شاهه قاچار ڏانهن روانو ڪيو. سلطان ايراني شاهه کي بحري ٻيڙي رکڻ لاءِ صلاح ڏني. ٻيڙي لاءِ ڪاٺ ۽ ڪاريگرن رواني ڪرڻ لاءِ انجام ڏنو هو. مگر قاچار فرمانروا لاپرواهي ڏيکاري. سنه 1796ع ۾ هندستان اندر ڪوبه اهڙو ديسي راجا يا نواب نه هو، جنهن ڏانهن ٽيپو سلطان پنهنجو سفير نه موڪليو هجي. فقط زمان شاهه سلطان جي دعوت کي منظور ڪيو ۽ هندستان تي ڪاهه ڪرڻ لاءِ تياري ڪرڻ لڳو[1]. مگر اسين اڳ لکي چڪا آهيون ته پنجاب جيڪو هندستان جو ڦاٽڪ هو، سو خالصن جي طاقت ڪري روڪيل هو. تيمور شاهه سنه 1774ع کان 1788ع تائين هندستان تي برابر پنج دفعا ڪاهون ڪيون هيون. آڪٽوبر 1775ع ۾ شاهه عالم ثاني مغل شهنشاهه کيس هندستان تي ڪاهي اچڻ لاءِ لکيو هو. پنجين ڪاهه وقت سنه 1788ع ۾ راجپوت راجائن کيس مرهٽن خلاف هندستان تي ڪاهه ڪرڻ لاءِ دعوت ڏني هئي. هن ٻيري هندستان کي دراني ڪاهه کان ايترو خطرو هو جو دهلي جا صراف دڪان بند ڪري شهر ڇڏڻ تي هئا. مگر انگريزن کين پڪ ڏني ته دراني

---

[1] غلام محمد خان روهيلي کي انگريزن رامپور جي گادي جي جهڳڙي تان قيد ڪري ڪلڪتي ۾ نظر بند ڪري رکيو هو. هن انگريزن کان حج وڃڻ جي اجازت وٺي جهاز رستي منگلور پهتو. هتان ميسور جي دربار ۾ پهتو. سلطان ٽيپو هن کي ڪابل ڏانهن پنهنجي پاران سفير ڪري موڪليو هو. ڏسو حملات حيدري، ص 684

بادشاهه هرگز ڪاهه ڪري نه سگهندو[2]. واقع تيمور شاهه پنجن ڪاهن ڪرڻ وقت چناب ندي کان اڳتي وڌي نه سگهيو هو. انگريز گورنر جنرلن مان وارن هيسٽنگس ۽ لارڊ ڪارنوالس سان تيمور شاهه جي لکپڙهه غلام نقشبند خان ۽ غلام محمد خان شاهه جي پن ايجنٽن معرفت ڪمپني سرڪار ۽ ڪابل جي وچ ۾ جاري هئي اوڌ جو انگريزي ريزيڊنٽ ڪابل سرڪار جون خبرون باقاعده ڪلڪتي پهچائيندو هو. 10 مارچ 1793ع ۾ گورنر جنرل مارڪئس ڪارنوالس جي حڪم موجب اوڌ جي برٽش ريزيڊنٽ ايڊورڊ آٽو آئيوز لکنؤ مان هڪڙي جاسوس غلام سرور کي ساڍا چوڏهن هزار رپيا ڏيئي ڪابل روانو ڪيو، جيئن زمان شاهه جي طاقت جو سربستو احوال معلوم ڪري ڪمپني سرڪار کي پهچائي. غلام سرور سنه 1207ھ/19 آگسٽ 1792ع کان 1208ھ/1793ع تائين برابر 3 ورهيه ڪابل ۾ رهي سمورو دراني سلطنت جو احوال انگن اکرن سان هٿ ڪري هڪ سؤ صفحن ۾ فارسي لکي ڪمپني سرڪار کي پيش ڪيو هو[1]. اهڙي طرح انگريز ڪابل جي دراني سرڪار جي قوت کان پوري طرح خبردار هئا. سنه 1796ع ۾ زمان شاهه هندستان تي ڪاهه ڪئي، اچا لاهور تائين مس پهتو ته هرات جي حاڪم شهزادي محمود جي ڪاهه جي وٽس خبر پهتي، ان ڪري واپس ڪابل ڏانهن موٽي ويو[2]. ڪابل جي انتظام کي درست ڪرڻ کان پوءِ هو ٻيو ڀيرو لاهور تائين ڪاهي آيو. انگريزن اڳواٽ مهدي علي هڪڙي بريلي جي شيعه کي ٻه لک ڏهه هزار رپيا رشوت ڏئي ايران ڏانهن روانو ڪيو، جنهن اُتي سني افغانن پاران هندستان جي شيعن تي ڪوڙن ظلمن ڪرڻ جي تحريڪ کي زور وٺرايو. زمان شاهه لاهور ۾ خالصن سان سرگوشين ڪرڻ ۾ رُڌل هو ته پٺيان فتح علي شاهه قاچار جي

---

(2) جيمس انڊرسن انگريزي ريزيڊنٽ سنڌيا جي دربار واري دهلي جي صرافن کي پڪ ڏني هئي ته تيمور شاهه کي سک جنما تائين هرگز پهچڻ نه ڏيندا. چاڪاڻ جو تيمور شاهه جا ايجنٽ دهلي ۾ سنڌيا کي سکن تي ڪاهه ڪرڻ لاءِ سازباز ۾ رڌل هئا. ڏسو تاريخ ڪشمير: نارائڻ ڪول، ص 239

(1) Dr. H.R.Gupta: Latter Mughal History of the Punjab, PP. 265-266

(2) J.B.Mallason: History of Afghanistan, PP. 305-6

افغانستان تي ڪاهه ڪرڻ جي خبر ٻڌي پوئين پير ڪابل ڏانهن موٽيو. افغانن جي هندستان تي ڪاهه ڪرڻ جون خبرون افسانو بنجي ويون.

**نيپولين جي ڪاهه جو افسانو:**

نيپولين بونا پارٽ جي هندستان تي ڪاهه جا افواهه فضا ۾ اُڏامي رهياهئا. هندستان جا رهاڪو ڪابل ڪان نااميد ٿي يورپ ڏانهن واجهائڻ لڳا. چاڪاڻ جو سنه 1798ع ۾ فرينچ فاتح مصر پهتو هو. انگريز خواهه مخواهه نيپولين جي ڪاهه جو هندستانين کي خوف ڏيارڻ لڳا. مثال لاءِ آگسٽ 1798ع ۾ لنڊن جي هڪڙي سياستدان جان فئربارن نيپولين بونا پارٽ جي ڪاهه متعلق هڪڙو نقشو شايع ڪرايو. جنهن ۾ هن ڏيکاريو ته:

> "جنرل بونا پارٽ جو ارادو آهي ته فرينچ لشڪر ۽ جنگي جهاز مصر جي رستي بحيره روم ڪان بحير قلزم کي لتاڙي ايراني نار ڪان ٿيندا منگلور پهچي ٽيپو سلطان کي مدد ڏين[1]."

ٽيپو سلطان جي لشڪر ۾ فرينچ علمدار نوڪر هئا.سنڌن صلاح سان سلطان ماريشس ٻيٽ جي فرينچ گورنر ڪان ڏهه هزار فرينچ ۽ ٽيهه هزار حبشي سپاهين لاءِ گهر ڪئي. فرينچ گورنر طفل تسلين ڏيڻ لاءِ ريپارڊ نالي پنهنجي ايلچي کي سرنگاپٽم جي دربار ڏانهن روانو ڪيو. سلطان وٽ نه فرينچ لشڪر پهتو نه وري نيپولين بونا پارٽ مصر ٽپي سگهيو. بلڪ ابوڪير جي بحري جنگ ۾ فرينچ ٻيڙي انگريزي ٻيڙي هٿان شڪست کاڌي. نيپولين بونا پارٽ کي عڪ (ايڪڙ) جي جنگ ۾ ترڪي ۽ انگريزي متحده فوجن شڪست ڏني. هو موٽي فرانس هليو ويو. نيپولين بونا پارٽ جي ڪاهه افسانو رهجي ويئي. سنه 1799ع ۾ سرنگاپٽم جي گهيري ۾ ٽيپو سلطان وڙهندي انگريزن هٿان شهيد ٿي ويو. ميسور جي اسلامي حڪومت جنهن مان انگريزن کي خطرو هو، تنهنجو خاتمو ٿي ويو. گورنر جنرل مارڪئس ويلزلي هندستاني ڏيهي رياستن لاءِ "سسٽم سبسيڊائري" جو قانون لاڳو ڪيو. جنهن مطابق هرهڪ رياست کي انگريزي لشڪر پنهنجي خرچ سان رکڻ لازم ٿيو. جن رياست مٿئين قانون ڪان انڪار ڪيو. سي انگريزن جي نظر ۾ دشمن هيون. زمان شاهه ڪان ڪمپني

---

(1) P.H.Khera: British Forward Policy Towards Sindh, Napoleon

سرڪار کي ڪو خوف نہ هو، ڇاڪاڻ جو فتح علي شاهہ قاچار انگريزن سان ٻڌل هو[2]. پنجاب ۾ سک رنجيت سنگهہ جي اڳواڻي هيٺ منتظر ٿي رهيا هئا. سنڌ هڪ آزاد صوبو هو، فقط نالي ماتر ڪابل جي ماتحت هو. نظام ۽ ميسور جي طاقت کي گهٽائڻ کان پوءِ ڪمپني سرڪار مرهٽن ڏانهن رجوع ٿي، ان ڪري سنڌ اچا بچيل هئي، مگر انگريز سنڌ کان غافل ڪين هئا.

**ٺٽي ۾ انگريزن جي واپاري ڪوٺي کولڻ:**

سنڌ ۾ انگريزن پهرين تجارتي ڪوٺي سنہ 1635ع ۾ کولي جيڪا سنہ 1662ع تائين قائم رهي. ٻيو ڀيرو سنہ 1758ع ۾ کولي جا سنہ 1775ع تائين قائم رهي. مٿئين عرصي ۾ انگريز واپار جي سانگي آيا هئا ڇاڪاڻ جو هندستان اندر سنڌن قوت ڪمزور هئي. ٽالپرن جي ذهن ۾ هندستان اندر سنڌن طاقت پهريون نمبر هئي، ان ڪري سنڌ جي واپار جو مقصد سياسي هو. سنہ 1799ع ۾ گورنر جنرل بمبئي حڪومت کي سنڌ سان واپار جاري رکڻ لاءِ حڪم ڏنو. سنڌ نالي طور زمان شاهہ جو صوبو هو. تنهن تي انگريزي اقتدار ڄمائڻ کي ڪمپني سرڪار لازمي ڄاتو[1]. انگريز هندستاني لشڪر لاءِ سنڌ ويجهو ملڪ هو. نيپولين بونا پارٽ جي مصر تي ڪاهہ ڪرڻ وقت مارڪئس ويلزلي ست هزار هندستاني لشڪر جرنل ڊيوڊ بائر جي اڳواڻي هيٺ سوئيز ڏانهن روانو ڪيو هو. بمبئي جي گورنر جوناٿن ڊنڪن 8 آڪٽوبر سنہ 1798ع ۾ لارڊ ويلزلي کي لکيو تہ ٽالپر امير ڪابل جي ماتحت رهڻ کان بيزار آهن. افغانن، فرينچن، روسين ۽ ايرانين جي سياسي ڪاروائين کي معلوم ڪرڻ لاءِ سنڌ ۾ واپار جي بهاني سان ڪوٺي وجهڻ سان ڪمپني سرڪار کي فائدو

---

(2) E.w.Thomson: History of India, PP.318-19 London

J.B.Maleson: History of Afghanistan, P.306

نوٽ: سسٽم سبسيڊائري مان انگريزن جي اها مراد هئي تہ ديسي رياستن جو هميشہ لاءِ خاتمو ڪجي. دکن جو نظام پهريون حاڪم هو جنهن مٿيون قانون منظور ڪري پنهنجي خرچ سان انگريز لشڪر رکڻ لڳو.

(1) Postons Personal Observation on Sindh, P.286, London, 1843

پهچندو[2].انگريزن آغا ابوالحسن هڪڙي ايراني کي پنهنجو وڪيل ڪري سنڌ ڏانهن راونو ڪيو[3]. سر جوناٿن ڊنڪن گورنر جنرل جي حڪم سان ٻه خط ايراني واپاري معرفت مير فتح علي خان ڏانهن روانا ڪيا. اهڙي خط و ڪتابت جو محض اهو سبب هو ته زمان شاهه لاءِ سياسي پيچيدگيون پيدا ٿين، جيئن هو اڳتي لاءِ هندستان تي حملو ڪري نه سگهي. خطن ۾ وڌيڪ اهو ڏيکاريل هو ته جيڪڏهن ٽالپر امير افغان بادشاهه تي ڪاهه ڪندا ته انگريز ڪين قنڌار وٺي ڏيڻ ۾ مدد ڪندا. خطن جو ٻيو مطلب هي هو ته ٽالپر سمجهن ته انگريزن لاءِ قنڌار وٺڻ ڪيترو نه آسان آهي[1]. خطن مان هڪڙو مير هئبت جنگ بهادر جي نالي تي هو، ٻيو وزير خارجه مير غلام علي خان جي نالي تي هو. خطن ۾ دوستي رکڻ لاءِ خداوند تعاليٰ جو واسطو ڏنل هو. مضمون جي عبارت هن ريت هئي:

"پروردگار عالم حضرت آدم عليه السلام کي پيدا ڪري سندس اولاد کي دوستي جي ڌاڳي ۾ اهڙو مضبوط ڪيو آهي جو الله جا ٻانها انساني تهذيب ڪري سڀ هڪجهڙا آهن."

لارڊ ويلزلي جي پاليسيءَ مان انگريزي عياري صاف نظر اچي ٿي. هڪڙي پاسي ڏيهي رياستن لاءِ سسٽم سبسيڊائري قانون جو شڪنجو تيار ڪري ٿو، ٻي طرف سندس گورنر ٽالپرن کي انساني تهذيب دوستي رکڻ لاءِ ياد ڏياري ٿو. 24 فيبروري سنه 1799ع ۾ آغا ابوالحسن حيدرآباد پهتو ۽ آغا سيد ابراهيم شاهه وٽ مهمان رهيو. 17 مارچ تائين ٽالپري دسترخوان تي

---

[2] بمبئي جو گورنر جوناٿن ڊنڪن پهريان بنگال ۾ سول عملدار هو، پوءِ بنارس ۾ انگريزن پاران ڪمشنر ٿي رهيو. سنه 1795ع کان 1811ع تائين بمبئي جو گورنر ٿي رهيو. ڪمپني جو تجربيڪار عملدار هو.

[3] آغا ابوالحسن ۽ مهدي علي ٻه ايراني انگريز جا چاڙتا هئا. ابوالحسن بوشائر جيڪو هڪڙو واپاري هو، مهدي علي امير هو، جنهن شاهه ايران کي ٻڌايو ته انگريزن ستن سولجرن سان هڪ لک سراج الدوله جي لشڪر کي شڪست ڏني. ان قسم جا شاهه کي دڙڪا ڏيئي انگريز سفارت لاءِ هن ايران ۾ رستو صاف رکيو وڏو عيار سياستدان هو.

P.M.Sykes: History of Persia, Vol.II, P.397 London, 1915

[1] B.D. : Rise of the chistiah power in India, PP.351-52

مختلف طعام کائي آرام ڪرڻ ڪانپوءِ انگريزن جون موڪليل شيون ٽالپرن اڳيان پيش ڪيون. سوکڙين ۾ چيني ۽ شيشي جا ٿانو، مختلف بارود جا هٿيار، مختلف قسمن جا پلنگ، واچون ۽ قيمتي ڪپڙن جا ٿان هئا. مير فتح علي خان جي سوکڙين جي ڪل قيمت 1045 رپيا هئي ۽ مير غلام علي خان جي شين جي قيمت 849 روپيا هئي. مير ڪرم علي خان کي 735 رپين جو سامان مليو. سوکڙين مان خاص ڪري واچن کي ڏسي ننڍا شهزادا گهڻو خوش ٿيا ۽ انگريزن کي خير خواهه دوست سمجهڻ لڳا. مگر آغا سيد اسماعيل شاهه فرنگين جي راز کي سلي ويو. مير صاحبن انگريزي ايراني زاده وڪيل کي چيو ته حيدرآباد سرڪار ايسٽ انڊيا ڪمپني کان ساليانو پنجاهه هزار رپين کان وٺي ۾ لک رپين تائين گرم اوني ڪپڙو خريد ڪندي[1]. انگريز فقط اهڙي موقعي جي تاڙ ۾ هئا. ابوالحسن جي بمبئي پهچڻ ڪانپوءِ سر جوناٿن ڊنڪن بمبئي سول سروس جي هڪڙي تجربيڪار عملدار مسٽر ناٿن ڪرو کي پنهنجي طرفان ايجنٽ ڪري روانو ڪيو. ڪيس تجارتي ۽ سياسي ٻئي اختياريون مليل هيون. دربار حيدرآباد پنهنجي طرفان آغا محمد بيگ کي ايجنٽ ڪري بمبئي ڏانهن روانو ڪيو. ان لاءِ ته ڪمپني کي انهن شين کان واقف ڪري جن جي سنڌ کي گهرج هئي. انگريزي ايجنٽ جي اچڻ کان پوءِ انگريز ساليانو چار لک رپين جو مال سنڌ ۾ نيڪال ڪرڻ لڳا. مثلاً چين جي کنڊ، مالابار جا ڪارا مرچ ۽ ٻيون صنعتي شيون. مئي سنه 1799ع ۾ ٻريڪ نالي جهاز ڪراچي پهتو. منجهس 69805 رپين جو مال جهڙوڪ چيني جا ٿانوَ، شيشي، ٽين ۽ لوهه جو سامان، ڪارا مرچ، قسمين قسمين ڇيٽن جا ڪپڙا پريل هئا. اهڙو سامان اڳ سنڌين ڪين ڏٺو هو. واپار ته دراصل بهانو هو. حقيقت ۾ سنڌ اُهو هنڌ هو جتي انگريز ايجنٽ رهڻ سان ڪابل، ايران، روس، پنجاب ۽ مرهٽن جي آساني سان خبر چار معلوم ڪري ٿي سگهيو. جيئن ناٿن ڪرو هڪڙي خط

---

[1] نوٽ: ڪلهوڙا ۽ ٽالپر امير ايسٽ انڊيا ڪمپني کان گرم اوني ڪپڙن جا ٿان خريد ڪري افغان سرڪار کي ساليانِي خراج ۾ پيش ڪندا هئا. چاڪاڻ جو انگريزي گرم ڪپڙي جي سرد ملڪن ۾ گهڻي هاڪ پيل هئي. سنڌ جا ايلچي افغان بادشاهن کي ڪپڙي جي رقم بيٺي ٽيٺي ڀڏائيندا هئا.

۾ ايسٽ انڊيا ڪمپني کي سنڌ جي اهميت بابت هيٺيون بيان لکي موڪليو هو:

"سنڌ ۾ انگريزن جي رهڻ ڪري زمان شاهہ جو سمورو ڌيان سنڌ ڏانهن رهندو. سنڌ هڪڙي اسلامي حڪومت آهي، جنهن سان دوستي رکڻ سان اسين آسانيءَ سان قنڌار تي فوج ڪشي ڪري سگهنداسون. افغان بادشاهہ سان جيڪڏهن ٽالپرن جي جنگ لڳندي تہ اسين فائدي ۾ رهنداسون. سنڌ ۾ رهڻ سان اسين ڪابل ۽ وچ ايشيا تائين خبرون رکي سگهنداسون."

**مير فتح علي خان جو انگريزن جي ڪوٺي بند ڪرڻ لاءِ حڪم:**

ولايتي شيون عجيب ۽ غريب هيون. سنڌ ۾ سنڌن رواج پوڻ ڪري ديسي ساخت جي شين کي ڪاپاري ڌڪ لڳو. سنڌ جا واپاري بہ ولايتي مال جي آمد جي خلاف هئا. سپ کان پهريان حيدرآباد جي سيٺين پڪار ڪئي. زمان شاهہ کي انگريزن ۾ شڪ هو. گنريل هرات جي ڪاهن وقت شاهہ قاچار جون خراسان ۾ فوجي نمائشون ڪرڻ کي زمان شاهہ انگريزن جي سياست جو ڪرشمو سمجهڻ لڳو ۽ هئبت جنگ بهادر کي هدايت ڪئي تہ هڪدم انگريزن کي سنڌ مان لوڏي ڇڏي. هندو سيٺين جو بہ دربار ۾ رسوخ هو جن خداآباد کي ڇڏي حيدرآباد کي وسايو هو. مسٽر ناٿن ڪرو کي سنڌ ۾ اڃا سال ڪن مس گذريو هو تہ 29 آڪٽوبر سنہ 1800ع ۾ مير فتح علي خان انگريزي گماشتن کي 15 ڏينهن اندر سنڌ ڇڏي وڃڻ لاءِ حڪم ڏنو. 30 نومبر تي انگريز ايجنٽ ٺٽي مان سڙهہ سانباهي روانو ٿيو. ايسٽ انڊيا ڪمپني کي مٿيون اوچتو حڪم ملڻ ڪري 109659 رپين جو نقصان پهتو[1]. مٿين رقم ۾ مير صاحبن کي ڏنل سوکڙين جي رقم 23145 رپيا بہ شامل هئي. مسٽر ناٿن ڪرو ايسٽ انڊيا ڪمپني کي سنڌ متعلق جيڪا رپورٽ پيش ڪئي، تنهن مان فرنگين جي ناپاڪ ارادن جي تصوير جا ٻئي رخ نظر اچي سگهن ٿا.

---

[1] Pastons, Personal observation on Sindh, P.290

Sir.W.F.P. Napiear: The conquest of Sindh, P.38 London, 1845

هڪڙي رخ مان سنڌ جي 18هين صدي جي حالت جي جهلڪ نظر اچي سگهي ٿي. ريورٽ هن ريت هئي:

”جيڪڏهن انگريز سنڌ تي ڪاهه ڪرڻ چاهين ته ڪين پهريان ڪراچي کان ڏهن ميلن جي مفاصلي تي گسري وٽ فوجون لاهڻ گهرجن. مٿئين ڏکڻ اوپرندي واري ڪاري کان پريان وڏا جهاز لنگر انداز ٿي سگهن ٿا. ڪناري جي حفاظت لاءِ مختصر توبخاني جي ضرورت پوندي. ڪراچي ۾ آسودگي آهي. هت اناج، چوپايو مال ۽ گيهه جام ملي ٿو. ڪراچي کان ٺٽي تائين سڌو سنئون رستو آهي، جتان توبخانو آساني سان لنگهي سگهندو. درياءَ رستي کان به ٺٽي پهچي سگهبو. سنڌوندي جي ٻيڙين تي قبضي ڪرڻ کانپوءِ حيدرآباد جو قلعو ڪناري کان فقط ڇهن ميلن جي مفاصلي تي آهي. رستي تي فقط هڪڙي مشڪلات آهي جو بلوچي لشڪر هر وقت تيار بيٺل رهي ٿو. ٺٽي ۽ حيدرآباد جي وچ ۾ جهرڪن جو شهر آهي، هت اناج، چوپايو مال، گيهه جهجهو ملي سگهي ٿو. سڀ کان پهريان ڪراچي تي قبضو ڄمائڻ ضروري آهي. هتي جا جوکيا ۽ نومڙيا ٽالپرن جي برخلاف آهن، سندن چوڻ آهي ته ٽالپرن اميرن اسان جن زمينن تي قبضو ڪيو آهي. جيڪڏهن اسين کين دلاسو ڏينداسون ته حيدرآباد پهچڻ تائين اسان جا مددگار ٿي رهندا. ميان عبدالنبي جي پوئين مان جيڪڏهن اسين کو حقدار ڪڙو ڪنداسون ته پڪ ٽالپر سنڌ مان نڙجي ويندا[1].“

**مير فتح علي شاهه جي وفات:**

سنه 1217هه/1802ع ۾ مير فتح علي شاهه هئبت جنگ بهادر وفات ڪئي. مرڻ کان ٿورا ڪلاڪ اڳ ڪيس سڄاول دائيه فرزند شهزادي صوبدار خان جي ولادت جي مبارڪباد پيش ڪئي. بلوچن ۾ مغلن وانگر دستور آهي ته خوشخبري ٻڌائيندڙن کي انعام اڪرام ڏيندا آهن. فاتح امير سڄاول کي هن

---

[1] Journal of the Sindh Historical Society, Vol.III, Crows accounts, P.66

انگريزن کي سنڌ مان تڙي ڪيڻ لاءِ فاتح مير وٽ زمان شاهه، مسقط جي امام، ڪڇ جي راءِ، پونسلي، ماٺڪاٺي ۽ سهراباٺي سرڪارن وٽان به خط پهتا هئا. ماٺڪاٺي سرڪار سان مرهٽن جي خط و ڪتابت جاري هئي.

موقعي تي جوهردار ترار عطا ڪئي. وفات کان اڳ حڪومت جون واڳون پنهنجي ڀاءُ مير غلام علي خان کي سپرد ڪري ويو. سندس جنازو هالن جي ويجهو خدا آباد پرسان سپردخاڪ ڪيو ويو. مقبرو ڳاڙهي پٿر جي صفائي سان جڙيل آهي. قبر اڇيان سنگ مرمر جي تختي تي ڪتبو لڳل آهي. سندس مقبري جي پير ۾ هڪڙي پٿر جي ٿلهي تي مير بهرام خان، مير بجر خان، مير صوبدار خان، مير غلام علي خان جون قبرون آهن. جن تي پيپل پاون سان ڇت پڌل آهي[2]. مير فتح علي خان فاتح سنڌ تجربيڪار سپهه سالار هو. محمد بن قاسم وانگر هن پنهنجي فوجي قابليت سان 18 ورهين جي عمر ۾ ڪلهوڙن، افغانن ۽ بروهين کي شڪستون ڏيئي بلوچي حڪومت جو سنڌ ۾ پايو وڌو. سندس بلند فطرت کي فقط ايترو منظور هو ته باب الاسلام (سنڌ) اندر امن امان رهي. رعايا پروري سندس طبع لطيف جو ثمر هو. ان ڪري جنگين کان نفرت ڪندو هو. پر جڏهن ميدان رزمگاهه ۾ گهڙندو هو ته رزم آرائي ۽ دشمن شڪني ڪرڻ کان ڪين گسندو هو. جنگين جي باري ۾ سنجيدگي ۽ ڪفايت کان ڪم وٺندو هو. ملڪ داري ۽ فن سياست ۾ ماهر هو. هن عزيزن ۽ ٻين بلوچي سردارن کي سندن رتبي موجب حق ڏنا. جيئن ڪوبه شڪايت جو لفظ زبان تي آڻي نه سگهي. رعايا سايهءُ همايوني هيٺ دم پٽڻ جوڳي ٿي. مير صاحب سير ۽ شڪار جو شوقين هو. حيدرآباد کان سيوهڻ ۽ ٺٽي تائين شڪارگاهه جڙي ويا. سخن دان هو. شعراءِ ڪرام ۽ علماءِ هر وقت ساڻس همرڪاب رهندا هئا. مشهور بلوچي قصي سسئي- پنهون کي مولانا عبدالرحمان جامي جي يوسف زليخا جي طرز تي تصنيف ڪرايو. سندس فتوحات جا ڪارناما، سيد محمد عظيم ٺٽوي "فتح نامه" جي نالي سان تصنيف ڪيا[1]. مير صاحب سنه 1799ع ۾ پڄاري واهه کي بند ڏياريو. پوءِ انگريزن مغليين وٽ بند ڏياريو هو[2]. علي بندر کي به مير صاحب بند ڏياريو هو. مرڻ وقت شاهي خزاني ۾ 35لک رپيا نقد ڇڏي ويو.

---

(2) J.wood: A journey to the Source of the River oxus, CHP.II, "Ruins of khudabad" P.19

(1) شاهنامہ سنڌ، ذڪر مير فتح علي خان، تاريخ سنڌ: مرزا قليچ بيگ، جلد: 2، ص. 165

(2) E.H. Aitken: Gazetteer of the Province of Sindh, P.16

باب ستون

# مير غلام علي خان شير افگن

16 محرم الحرام سنہ 1217ھ/1802ع ۾ مير غلام علي خان گادي تي ويٺو. بلوچي سردارن ۽ رئيسن دستار بندي جي رسم ادا ڪئي ۽ مبارڪباد پيش ڪئي. هن موقعي تي مير سهراب خان آيو هو، پر مير ٺارو خان غير حاضر رهيو. اهڙن موقعن متعلق مستر پي. اين ڪيرا لکي ٿو تہ جيئن مرهٽن ۾ منڍ کان وٺي نااتفاقي هئي، ساڳي حالت ٽالپرن جي هئي. مير غلام علي خان جهانداري ۽ ملڪداري جي قانون کان واقف هو. وقت جي ٻين حڪمرانن جي نظر ۾ سندس ڪارناما عديم المثال هئا.

### ول جي جنگ:

سنہ 1218ھ/1803ع ۾ ڪنهن معمولي ڳالهہ تان مير ٺاري خان ۽ مير غلام علي خان جي ڪمدارن ۽ ڪڙمين ۾ فساد پئجي ويو. نوبت ايتري قدر پهتي جو ترارين مياڻن کان نڪري چمڪاٽ ڏيڻ لڳيون. مير غلام علي خان جي وڙهڻ جي مرضي ڪانہ هئي. مير محمود خان ۽ طاهر خدمتگار جي اڳواڻي هيٺ 2 هزار لشڪر ۽ توبخانو روانو ڪيو. ڏرين ۾ ٻهريان توبن ۽ بندوقن جي جنگ هلي، پوءِ ترارين جو وارو آيو. شهداداڻين جا چار سؤ ڏهہ سپاهي ۽ مانڪاڻين جا 300 سو سپاهي مارجي ويا. مير ٺارو خان زخمي ٿي پيو. مير غلام علي خان کيس عزت ۽ احترام سان حيدرآباد ڪٺائي آيو. چاڪ ٿيڻ کانپوءِ بيش بها سوغاتون ڏيئي روانو ڪيائين. ول جي جنگ پنج ڏينهن هلي، شهداداڻي فوج جا نامور جهڙوڪ بيڙو خان ڪوڪر، ڏاتو خان جمالي، نبي بخش خان پرڳڙي مارجي ويا[1].

### زمان شاهہ جو تخت تان لهڻ:

ڪابل جي صورتحال پيچيده هئي. سدوزئي شهزادن ۾ اٿبٽ هئي. سندن اندروني فسادن مان بارڪزئي سردار زور وٺي رهيا هئا. زمان شاهہ وٽ رامپور، اوڌ جي نوابن ۽ جاٽن ڳڙهہ جي راجا وٽان هندستان تي ڪاهہ ڪرڻ لاءِ

---

[1] تاريخ سنڌ: مرزا قليچ بيگ، جلد: 2، ذڪر مير غلام علي خان

دعوتون موڪليون هيون. سنہ 1793ع ۾ تيمور شاھ جي مرڻ وقت دراني سلطنت جي ساليانی آمدني 27178400 رپيا هئي، جن مان 4615000 رپيا زمان شاھ جو خرچ هو. ڪُل فوجن جو تعداد 68830 هو. سنہ 1799ع ۾ فوجن کي پگهار نہ ملڻ ڪري قزلباش سپاهين بغاوت ڪري شهزادي محمود جو طرف ورتو. هن بغاوت ڪري زمان شاھ کي گرفتار ڪري محمود جي حوالي ڪيو . جنهن سندس اکيون ڪڍرائي ڇڏيون. پوءِ انگريزن جي وظيفي تي باقي عمر جا ڏينهن لڌياني ۾ ڪاٽڻ لڳو. مرزا قليچ بيگ لکي ٿو تہ زمان شاھ وڏو ظالم هو[1]. حقيقت ۾ هو وڏو عالم، قرآن جو حافظ ۽ فياض هو. سندس تخت تان لهڻ ڪري اسلامي دنيا ڏک ظاهر ڪيو[2]. سنہ 1228ھ/1803ع ۾ سندس ننڍو ڀاءُ شجاع الملڪ تخت تي ويٺو[3].

**شاھ شجاع جي سنڌ تي ڪاھ:**

شاھ شجاع جنهن کي بارڪزئين تخت تي ٿاڦيو هو، سو ڪمزور طبيعت جو بادشاھ هو. وٽس ڏوڪڙ ڪين هئا. جو لشڪر کي پگهار ڏيئي سگهي. جيسين ڪابل جا فساد رفع ٿين تيسين ٽالپرن ساليانو خراج ڏيڻ بند ڪيو هو. ميرن تي دٻاءُ وجهڻ لاءِ شجاع لشڪر وٺي سنڌ تي ڪاھ ڪئي. ماڻهو خوف کان ڳوٺ ڇڏي ڀڄڻ لڳا. مير غلام علي خان بذات خود لشڪر وٺي لاڙڪاڻي جي قلعي کي توبن سان مسلح ڪرڻ ۾ رڌل هو تہ ايتري ۾ مير سهراب خان لشڪر سميت اچي ساڻس گڏيو. شجاع بلوچي فوجن جي صف آرائي ڏسي پنهنجي وزير حافظ شير محمد خان معرفت صلح جون ڳالهيون ڪرڻ لڳو. مير صاحب افغاني وزير کي صاف لفظن ۾ چيو تہ "اُها ڪڪڙ مري وئي جا اڳ سونا آنا لاهيندي هئي[4]." جيسين ڌرين ۾ فيصلو ٿئي، تنهن کان اڳ ڪابل جون حالتون بدلجڻ لڳيون. شهزادي محمود ۽ زمان شاھ جي پٽن

[1] تاريخ سنڌ: مرزا قليچ بيگ، جلد: 2، ذڪر زمان شاھ

[2] تاريخ افغانستان: حضرت جمال الدين افغاني، ذڪر زمان شاھ، اُردو ترجمو
تاريخ سلطاني: سلطان محمود خان دراني، ص. 162، بمبئي 1880ع

[3] J.W.Kaye: History of War in Afghanistan, Vol.I, London, 1878

[4] شاھ نامہ سنڌ، ذڪر مير غلام علي خان

شهزادي ڪامران ۽ قيصر خان جي پاڻ ۾ دشمني هئي. ٻي طرف قاچاري لشڪر هرات تي ڪاهه ڪئي هئي، ان ڪري شاهه شجاع ڏهه لک رپيا وٺي ڪابل ڏانهن موٽي ويو[1].

**شينهن جو شڪار:**

ٽالپر اميرن ۾ مير غلام علي خان "شير افگن" جي لقب سان سڏجي ٿو. سندس ڏينهن ۾ سيڪات جي جهنگ ۾ هڪڙو شينهن جاڳيو، جيڪو مخلوق خدا کي تنگ ڪرڻ لڳو. مير صاحب شڪارين جو دستو ساڻ ڪري شڪار لاءِ نڪتو. شينهن مٿس اوچتو حملو ڪيو. مير صاحب پنڪو لاهي شينهن ڏانهن اڇلائي هڪڙي ڌڪ سان سندس ڪم پورو ڪيو. مخلوق تان آزار لٿو.

**ڪڇ ۾ ڏُڪر:**

اُنهن ڏينهن ۾ ڪڇ ۾ سخت ڏڪر پيو. ڏڪر جا گهٽائي ستايل سنڌ ۾ وارد ٿيا. اهي پنهنجا ٻار ڇٽن رپين تي وڪڻڻ لڳا. سنڌ ۾ انهن ڏينهن ۾ تيموري سڪو رائج هو. سنڌ ۾ في رپئي 6 سير جوئر ۽ ٻاجهري وڪامندي هئي. فياض ميرن بيشمار اناج ستايلن کي ورهائي ڏنو. ڪجهه عرصي کان پوءِ ڪڇي پنهنجي وطن ڏانهن موٽي ويا. ڪڇ جي ڪنگهار راءِ ٻهار امير نامدار کي ستايلن جي ٻارن کي موٽائڻ لاءِ دوستانه نموني ۾ درخواست ڪئي. دربار جي حڪم موجب فقيري خدمتگار شاهي خزاني سان وڪاميل ٻارن کي خريد ڪري ايلچين معرفت ڪڇ ڏانهن روانو ڪيو، جن کي انگريز ريزيڊنٽ مائٽن کي موٽائي ڏنو. مٿين فياضي ڪري راءِ ڪنگهار ۽ ريزيڊنٽ خطن ذريعي امير شير افگن جو شڪريو ادا ڪيو.

**قلات ۽ حيدرآباد ۾ ڇڪتاڻ:**

قلات ۽ حيدرآباد دربار ۾ ڪراچي جي بندر تان ڇڪتاڻ هلندڙ هئي. سنه 1795ع ۾ مير محمد نصير خان جي وفات کان پوءِ ولي عهد شهزادو مير محمد خان صغير هو. ٻهريان مير ٻهرام خان ڪڇ ۾ بغاوت ڪري ڪئي هئي،

---

[1] J.w. Kaye: History o. War in Afghanistan, Vol.I.

جنهن کي زمان شاهه گرفتار ڪرايو هو. تنهن ڪانپوءِ قلات جون واڳون شهزادي جي ہن ماتيلن ڀائرن مير رحيم خان ۽ مير مصطفيٰ خان جي هٿ چڙهي ويون. مير مصطفيٰ خان برجستو سپهه سالار هو. ڪڇي، هرندَ داجل مٿان نائب هو. هن حيدرآباد سرڪار کان ڪراچي جي بندر ۽ ٽن سالن جي آمدني لاءِ گهر ڪئي ۽ بهاولپور جي دائودپوٽه نواب محمد صادق کي هن چوائي موڪليو ته جيڪڏهن نواب جو لشڪر سنڌ سرڪار خلاف قلات جي مدد ڪندو ته سنڌوندي جو ڪاہو حصو نواب کي ڏبو ۽ ساڄو حصو براهوئي ڪٽندا. ہنهي شهزادن جي هڪڙي پوڙهي چاچي ڪوٽڙي ۾ رهندي هئي، سندس ٽالپر پرورش ڪندا هئا. پوڙهيءَ کي مير غلام علي خان سمجهائي گندا واهه ڏانهن روانو ڪيو. هن پهچڻ شرط اهڙو مڪر ڪڙو ڪيو جو شهزادن جي پاڻ ۾ نااتفاقي پئجي ويئي. نوبت ايتري قدر پهتي جو مير مصطفيٰ خان پنهنجي ڀاءُ مير رحيم خان کي گولي هٽي ماري وڌو[1]. تنهن ڪانپوءِ مير شير افگن قلات سان دوستي رکڻ لاءِ پنهنجو سفير روانو ڪيو. ہنهي شاهي خاندانن جو پاڻ ۾ صلح ٿيو. مير محمد نصير خان مرحوم جي ڀائيٽي سان ڀاڳ جي شهر ۾ مير غلام علي خان جي ڏوم ڏام سان شادي ٿي. هن موقعي تي ٽالپري دسترخوان تي مهمانن جو تعداد چاليهه هزار هو[2].

**بهاولپور کي شڪست:**

اُچ شريف جي بخاري ۽ جيلاني سادات جي وقت جا سلاطين گهڻي عزت ڪندا هئا. سندن پيري مريدي جو سلسلو سنڌ، گجرات ۽ بلوچستان تائين هو. نواب محمد صادق اُتي جي گادي نشين سيد ذوالفقار شاهه جي بي عزتي ڪري مٿس سختيون ڪرڻ لڳو. انباري ۾ مير نامدار نواب صاحب کي باز اچڻ لاءِ سفارشي خط لکيا، مگر نواب اٽلندو وڌيڪ سختيون ڪرڻ لڳو. مير شير افگن ناراض ٿي پنهنجن سپهه سالارن مان طاهر خدمتگار کي جرار لشڪر ڏيئي بهاولپور تي چاڙهي موڪليو. اوپر سنڌ سري جا بلوچ لنڊ، بوزدار، پتافي، گبول،

---

[1] A.W. Hughes: Baluchistan, PP.190-191

[2] Kalichbeg Furedunbeg: History of Sindh, vol.II, P.210

جروارن ٽالپري لشڪر سان رياست جي گهٽي حصي تي قبضو ڪري ورتو. نواب شرط منظور ڪيا. ساداتن ڪي سنڌن ضبط ڪيل جاگيرون موٽي مليون. سبزل ڪوٽ ۽ ڀنگ ڀاڙه تي ٽالپرن قبضو ڪيو. شرطن تي پابند رهڻ لاءِ طاهر خدمتگار نواب صاحب جي پٽ ڪي بطور عيوضي جي ساڻ ڪري بيڙين رستي ٽن ڏينهن اندر ٽنبو حاجي مير خان وٽ پهتو. جتي ٽالپري دربار پاران شهزادي مير محمد خان دائودپوٽه شهزادي جو استقبال ڪيو. شهزادو ڪجهه ڏهاڙا حيدرآباد جي قلعي ۾ شاهي مهمان جي حيثيت ۾ رهي پوءِ بهاولپور ڏانهن موٽي ويو. طاهر خدمتگار کي فتحن جي صلي ۾ نوابي جو خطاب مليو. هن جنگ ۾ بهاولپور لشڪر جو سپهه سالار فتح محمد خان غوري هو جيڪو پوءِ خيرپور جو وزير ٿيو.

**ڪابل ۽ لاهور سان انگريزي تعلقات:**

لارڊ منٽو جڏهن هندستان جو گورنر جنرل مقرر ٿيو. تڏهن انگريز سلطنت هندستان اندر ڪمزور هئي. نظام دکن ۽ پيشوا ۾ دم خم ڪين رهيو هو جو برٽش سان هٿ اٽڪائي سگهن مگر سنڌيا شاهي، هولڪر شاهي مرهٽن جا مضبوط راڄ هئا. ايسٽ انڊيا ڪمپني جا عملدار جي هندستانين جي خون ۽ پئسي جي زور تي ديسي نوابن ۽ راجائن کي پاڻ ۾ ويڙهائي انگريزي شهنشاهيت کي زور وٺرائي رهيا هئا. هينئر ڪمپني جا خزانا خالي هئا. پنڌاري ڀاتاريدار جن جي مرهٽا سردار پرورش ڪندا هئا. سي انگريزن کان ڦريون رشوتون وٺي ڏيهي رياستن ۾ ڦرون ڪرڻ لڳا[1]. نيپولين بونا پارٽ جو وجود اڃا يورپ ۾ قائم هو. انگلينڊ جيڪو جڳري دشمن هو. توڙي جو هندستان پهچي ڪين سگهيو. مگر ڪجهه وقت يورپ سندس ڪڙيءَ هيٺان رهيو. جرمني کي شڪست ڏيڻ ڪانپوءِ هن "برلن ڊڪري" موجب اعلان ڪيو هو ته ڪابه يورپ جي حڪومت انگلينڊ سان تجارتي ناتو نه رکي. سنه 1807 ۾ ٽلسٽ جي عهدنامي موجب هن

---

[1] نوٽ: پنڊارين جي وجود کان دنيا اورنگزيب عالمگير اول جي پوئين زماني ۾ ڀهريون پيرو واقف ٿي. سنڌن فوجن ٺاهڻ وارو پوناپاهه نالي هڪڙو هندو مرهٽن جو طرفدار هو. تنهن کانپوءِ چيتو ۽ واصل محمد سنڌن سردار هئا. پنڊارين جي فوجن ۾ افغان ۽ بلوچ به شامل هئا. سنه 1689ع کان پنڊارين جي ابتدا ٿي، دکن جي تاريخ ۾ سنڌن ذڪر ڏنل آهي.

زار روس سان هندستان تي حملي ڪرڻ لاءِ فيصلو ڪيو هو. مٿئين معاهدي ڪري هندستان جي فضا تي افواهه هلي رهيا هئا ته روس ۽ فرانس گڏجي هندستان تي حملو ڪندا. ان معاهدي ڪري ايسٽ انڊيا ڪمپني جي ڪلڪتي جي "چيمبرس آف ڪامرس" ايران تجارت ۾ سياسي هلچل مچي وئي. لارڊ منٽو هندستان جي پاڙيسري ملڪن ڏانهن ايلچين رواني ڪرڻ لاءِ ارادو ڪيو. ڇاڪاڻ جو ڪي فرينچ عملدار توبن سميت ايران پهچي اُتي جي فوجن کي جنگي قواعد ڏيڻ لڳا. حقيقت ۾ گورنر جنرل جي اها مرضي هئي ته مٿئين بهاني جي اوٽ ۾ انگريز سياستدان سنڌ، پنجاب، ڪابل ۽ ايران پهچي اُتي جي صورتحال معلوم ڪن. پنجاب تي رنجيت سنگهه جو سکو ڄميل هو. سندس مرضي هئي ته ستلج پريان سک رياستن کي لاهور جي خالصا سرڪار جي جهنڊي هيٺ آڻي. سندس خوف کان اهي رياستون ڪمپني کان اجهو گهرڻ لڳيون. هيڏانهن انگريزن کي خوف هو ته جيڪڏهن خالصا، مرهٽا ۽ راجپوت گڏيل محاذ ڪڙو ڪندا ته انگريز شهنشاهت لاءِ هندستان اندر خطرو پيدا ٿيندو. ان ڪري سڀ کان اول گورنر جنرل کي رنجيت سنگهه کي روڪڻ لاءِ فيصلو ڪرڻو پيو. 22 ڊسمبر سنه 1808ع ۾ برٽش ايلچي مٽيڪاف رنجيت سنگهه کي صاف لفظن ۾ ٻڌايو ته ستلج پريان سک رياستون ڪمپني جي حفاظت هيٺ آهن. رنجيت سنگهه سياڻو هو ۽ کيس انگريزن جي قوت جي پوري خبر هئي، ان ڪري سنه 1809ع ۾ خالصا لاهور جي سرڪار ۽ انگريزن جو پاڻ ۾ عهدنامو ٿيو. جنهن موجب ڏرين جي وچ ۾ ستلج ندي آخري حد مقرر ٿي باقي رهيو ڪابل جو سوال تنهن ڏانهن گورنر جنرل رجوع ٿيو. ڪابل جي سياسي فضا سدوزئي پاڻن جي نااتفاقي ڪري اڳيئي غبار آلوده هئي. شاهه شجاع سنه 1803ع ۾ تخت هٿ ڪيو هو، سو بارڪزئي سردارن جو محتاج هو. ڇاڪاڻ جو شهزادو محمود هرات جو حاڪم دستور موجب مخالفت ڪري رهيو هو. سنڌ، بهاولپور، ديره جات ۽ ڪشمير جا علائقا دراني سلطنت جي ماتحت هئا. گورنر

جنرل کي ڪابل سميت مٿين علائقن جي احوال معلوم ڪرڻ جي ضرورت هئي. پهريون انگريز جارج فاريسٽر هو، جيڪو ڪابل پهتو هو[1]. ڪلڪتي جي ڪائونسل مانسٽيورٽ ايلفنسٽن کي ڪابل ڏانهن رواني ڪرڻ لاءِ انتخاب ڪيو. ايلفنسٽن 13 انگريزي عملدار ۽ 4 سؤ سولجر ۽ هندي سوارن جي دستي سان اُنن ۽ هاٿين جي قافلي سميت دهلي کان روانو ٿيو. فرنگي وفد بيڪانير، بهاولپور، ديره جات ۽ ڪوهاٽ رستي کان وڃڻ جو ارادو ڪيو. رنجيت سنگهہ جي علائقي کان لنگهڻ کي فرنگين نظرانداز ڪيو. رنجيت سنگهہ شباب جي عمر ۾ شوخ طبع هو. جيڪي پسند ايندو هئس صاف چٽي ڏيندو هو. پوءِ ڪٽي سندس دشمن ڪيترو ئي ڳرو هجي. ڪيس شراب پيئڻ جي سخت علت هئي. جيئن جيئن سندس عمر ۾ اضافو ٿيندو ويو تيئن تيئن دربار کي هن لاءِ سخت شراب تيار ڪرائڻا پيا. گهڻي شراب جي استعمال ڪري سندس طبيعت چيڙاڪ ۽ ضدي ٿي پئي هئي. هڪڙي ڀيري پشاور جي هڪڙي افغان سردار جي گهوڙي ليليٰ جي تعريف ٻڌي سردار کي گهوڙي پهچائڻ لاءِ هن چوائي موڪليو. جڏهن هن انڪار ڪيو، تڏهن خالصا فوج کي پشاور تي چاڙهي موڪليائين. هزارين خالصن جون حياتيون مفت ضايع ٿي ويون ۽ خالصا سرڪار کي لکين رپين جو نقصان سهڻو پيو[2]. فرنگي ايلچي کي راجپوتن ۽ دراني مقضوبات جي خبر لهڻي هئي. تنهنڪري مٿين علائقن مان لنگهيو. واٽ تي راجپوتن، نواب بهاولپور ۽ ديره جات جي بلوچي سردارن ڪيس اُنن ۽ پاڻي جي مدد ڪئي. ايلفنسٽن اچا ڪالاباغ جي لوڻ جي کاڻين وٽ مس پهتو هو تہ ڪيس نيپولين بونا پارٽ جي

[1] جارج فاريسٽر ايسٽ انڊيا ڪمپني جيڪو بنگال ۾ سول کاتي ۾ نوڪر هو، جتان مسلمان واپاري جي لباس ۾ سنہ 83-1782ع ۾ هماليہ جبل جي ترائي واري رستي کان پنجاب، ڪابل کان ٿيندو انگلينڊ پهتو. سندس سفرنامو ٻن جلدن ۾ آهي. خاص ڪري پنجاب جي سکن ۾ اتي جي حالتن جي پوري خبر پئجي سگهي ٿي.

[2] Lpell H.Griffin: Rulers of India, Ranjit Singh, Oxford, 1893

W.L.M Gregor: History of the Sikhs, Vol. II, London, 1846

شڪست ۽ انگريزي جرنيل لارڊ ويلنگٽن جي فتح جي خبر پهتي. روس ۽ فرانس جي خطري جنهن هندستان جي سياسي اُفق کي ڪو وقت غبار آلوده بنايو هو، سو منجهي ويو ۽ مطلع صاف ٿي ويو. سنه 1809ع ۾ قافلو پشاور پهتو. جتان سلامتي سان ڪابل پهتو. فرنگي ايلچي جو قيام گاهه عام توڙي خاص لاءِ هڪ جهڙو پٽيل هو. خوش نصيبي سان هٿ ڪيس به چاڙتا ڳڏيا. هڪڙو ميرزا گرامي جيڪو هڪڙي ايراني امير جو پٽ هو. هندستان ۾ ڳچ وقت رهڻ ڪري انگريز تهذيب کان واقف هو. پيو مُلا بهرمند. جنهن جون اکيون علامه البيروني وانگر سنسڪرت علوم سکڻ لاءِ متلاشي هيون. ٻنهي همرازن معرفت فرنگي ايلچي دراني بادشاهه جا تيز جاچڻ لڳو. ظاهري شاهه شجاع جي پيشاني تي ڪوه نور هيرو چمڪاٽ ڏيئي رهيو هو، مگر سندس اندروني پريشانين جي ڪا انتها ڪانه هئي هرات ۽ قنڌار ۾ شهزادي محمود جون بغاوتون، بارڪزئي وزير فتح خان جون سازشون، دربار ۾ قزلباش ۽ دراني سردارن جي اٿبٺت مان صاف ظاهر هو ته حڪومت اندر انتشار پوڻ ڪري شيرازه درهم برهم هو. ڪشمير جو گلريز علائقو فسادن ڪري سازشن جو مرڪز هو. شاهه شجاع جي خزانن جا تين ڪڙڪي رهيا هئا. ساڻس انگريزن جي ايلچي اچا فرينچن متعلق ڳالهه مس شروع ڪئي ته جهٽ دراني بادشاهه پنهنجي رعايا کي دٻائڻ لاءِ انگريزن سان شرطن جي فهرست پيش ڪئي. ايلفنسٽن سندس مطلب سمجهي ويو. هن جواب ڏنو ته امدادي شرطن ڪرڻ جي ڪيس اجازت ڪانهي. باقي سنڌ جي نالي طور دراني حڪومت ماتحت آهي، تنهن تان جيڪڏهن بادشاهه هٿ ڪڍندو ته گورنر جنرل کي سفارش ڪري بادشاهه کي 3 لک رپيا ڏيارڻ. شاهه شجاع کي مهينا ته وزارت ۽ افغان سردارن سان سرگوشيون ڪندو رهيو. هو سمجهي ويو ته سنڌ کي انگريزن کان خطرو آهي، اُن ڪري هن فرنگي ايلچي جي شرط کي منظور ڪيو. هن اهو به واعدو ڪيو ته جيڪڏهن فرينچ ۽ ايراني گڏجي سنڌ تي حملو ڪندا ته دراني سرڪار انگريزن جي مدد ڪندي. 14- جون 1809ع لارڊ منٽو ڪلڪتي

ڪان مٿئين معاهدي جي تصديق ڪئي[1]. فرنگي ايلچي مٿيون عهدنامو ڪري چوٿين ڏينهن اڃا مس پشاور پهتو ته شهزادي محمود جي ڪابل تي قبضي شاهه شجاع جي شڪست ۽ ڀاڄ جون ڪيس خبرون پهتيون. هڪڙي افغان جرنيل سردار اڪرم خان فرنگي ايلچي کي شجاع جي فتح لاءِ پڪ ڏني، پر ايلفنسٽن کي يقين هو ته ڪابل جي تتل تخت تي هو رهي هرگز نه سگهندو. انگريزن سر جان مالڪوم کي ناٽي جون پريل ٽيلهيون ڏئي ايران روانو ڪيو هو. اهڙين حالتن ۾ ناممڪن هو ته انگريز سنڌ کي نظرانداز ڪري سگهن. ناٽن ڪرو جي نڪري وڃڻ ڪري ايسٽ انڊيا ڪمپني کي جيڪو هڪ لک رپين جو نقصان پهتو هو تنهنجو داغ انگريزن جي دلين تان متجڻ مشڪل هو. فقط سوال هن ريت هو ته انگريز دکن ۽ وچ هندستان ۾ مرهٽن سان رڌل هئا. ان ڪري في الحال هنن سنڌ جي سوال کي ملتوي ڪري رکيو هو[2]. مير غلام علي خان داناءُ هو. ڪيس انگريزن جي ڪابل ۽ ايران جي سرگرمين جي خبر هئي. ايراني ۽ فرينچ جاسوس ٽالپر اميرن کي انگريزن جو خوف ڏياري ڀڙڪائي رهيا هئا. مگر ٽالپر اهڙا ساده لوح ڪين هئا، جو مٿن اعتبار ڪن[3].

**ٽالپرن سان انگريزن جو پهريون عهدنامو:**

مير غلام علي خان جيڪو سياستدان هو ۽ فاتح امير جي ڏينهن ۾ سنڌ جو وزير خارجه رهي چڪو هو. تنهنجي اها منشا هئي ته انگريزن سان ناهه

---

(1) J.S.Cotton: Rulers of India, M.Elphinstone, PP. 70-71, Oxford, 1892

ايم ايلفنسٽن جو ڪابل جو سفرنامو جنهن مان دراني حڪومت جي خبر پئجي سگهي ٿي، سنه 1815ع ۾ لنڊن مان شايع ٿيو.

(2) H.Pottinger: Trauch in Balochistan & Sindh, P. 402, London, 1816

(3) J.William Kaye: History of the war in Afghanistan, Vol. I, P. 93

ٽالپرن کي انگريزن جي طاقت جي خبر هئي. سندن مُنڍ کان اها راءِ هئي ته انگريزن سان سندن هميشه لاءِ ناهه رهي. هوڏانهن انگريز هڪڙي پاسي ٽالپرن کي دراني حڪومت خلاف امداد ڏيڻ لاءِ واعدا ڪري رهيا هئا، ٻئي پاسي ڪابل سان سودو ڪري رهيا هئا!!

ڪري افغانن ڪان سنڌ کي آزاد ڪرائجي. انگريزن جي اها مرضي هئي ته جيڪڏهن ٽالپر سندن مددگار ٿي بيهندا ته انگريز لشڪر لاءِ قنڌار ۽ ڪابل فتح ڪرڻ بلڪل آسان ٿيندو. آخر مير غلام علي خان پنهنجو سفير بمبئي ڏانهن روانو ڪيو، جنهن ناٿن ڪرو جي نڪري وڃڻ تي گورنر سان همدردي جو اظهار ڪيو. جولاءِ 1808ع ۾ ڪپتان ڊيوڊسن بمبئي ڪان حيدرآباد پهتو. هن مير صاحب جي دربار ۾ اڳيئي ايراني سفير کي موجود ڏٺو جيڪو دراصل حڪومت ايران سان قاچار پاران دوستي رکڻ لاءِ آيو هو. چاڪاڻ جو ٻئي اسلامي حڪومتون شيعه هيون. 18- جولاءِ 1808ع ۾ ٽالپرن ۽ ايسٽ انڊيا ڪمپني جو پاڻ ۾ هيٺيون عهدنامو ٿيو:

1. ٻئي حڪومتون پاڻ ۾ دوست ٿي رهنديون.
2. جيڪڏهن ڪنهن به ڌر کي فوجي مدد جي ضرورت پوندي ته گهر ڪرڻ سان ڌريون هڪ ٻئي کي مدد ڪنديون.
3. ڪابه حڪومت ڏوهارين کي پاڻ وٽ پناهه نه ڏيندي.
4. جيڪڏهن ٽالپر هندستان جي ڪنهن به بندر تان ايسٽ انڊيا ڪمپني ڪان جنگي سامان خريد ڪندا ته قيمت ادا ڪرڻ ڪان پوءِ کين مال کڻڻ جي اجازت ملندي.
5. دوستانه تعلقات کي مضبوط ڪرڻ لاءِ آنربل ايسٽ انڊيا ڪمپني جو وڪيل ميرن جي دربار ۾ رهندو.
6. مسٽر ناٿن ڪرو جي نيڪالي ڪري آنربل ايسٽ انڊيا ڪمپني کي جيڪو نقصان پهتو آهي، تنهنجو سوال ٻيهر نه اُٿاربو.
7. جيئن ڪلهوڙن جي صاحبي وقت ٺٽي ۾ ڪوٺي هئي، تيئن ساڳي نموني تي ٻيهر برپا ڪبي.

انگريزن کي جيڪي دل ۾ مرادون هيون، سي وقت جي تقاضا موجب پوريون ٿيون. ٽالپرن کي فقط فرنگي جي دوستي درڪار هئي. ڪابل يا قنڌار

(1) B.D.Basu: Rise of the Christian Power in India, Vol. IV, P. 53

(2) J.W.Kaye: History of the war in Afghanistan, Vol. PP. 93-94

تي سنڌن ڪاهه جو ڪو خيال نہ هو. انگريزن ڪي بہ پڪ هئي. ڪمپني سنت ڊيوڊسن کي واپس گهرائي بيو هڪڙو وفد مسٽر نڪولس هئنڪي سمٿ جي اڳواڻي هيٺ سنڌ ڏانهن روانو ڪيو. وفد سان ڪي ڊاڪٽر ڪي سول ۽ فوجي ۽ بحري عملدار شامل هئا. 27- اپريل 1809ع ۾ انگريز وفد ماريا جهاز ۾ روانو ٿيو. سنڌس حفاظت لاءِ پرنس آو ويلز نالي ڪروزر بہ همراهہ هو. 9- مئي بئي جهاز ڪراچي پهتا. ٽالپري قلعيدار جهازن جي سلامي لاءِ توبون ڇوڙيون. پوءِ ٽالپري نائب جهاز تي وڃي وفد جي ميمبرن سان ملاقات ڪئي. انگريز ڪناري تي سامان لاهڻ سان گڏ پنهنجي هر دلعزيزي ڏيکارڻ لاءِ شهر جي مفلسن کي پئسا ورهائي ڏيڻ لڳا. مٿين ڳالهہ نائب کي ڪانہ وڻي. هن فرنگين سان ڪا همدردي ڪانہ ڪئي، بلڪ جن مزدورن سامان لاٿو تن کي سزائون ڏيڻ لڳو. فرنگين کي ڪراچي ۾ ترسندي مهينا گذرڻ لڳا. وفد جي صدر هئنڪي سمٿ نائب ڏانهن شڪايتن جا خط موڪلڻ لڳو. مگر جنهن صورت ۾ خطن جي سرنامي تي ٽالپر لفظ سان گڏ حضور جو لقب لکيل ڪين هو. ان ڪري سيني خطن کي نائب نوڪرين ۾ اڇلائيندو ويو. وفد جي ميمبرن ۾ هينري پاٽنجر تجربيڪار فوجي عملدار هو. هن نائب کي لکيو تہ ٽالپر امير ڪابل جي بادشاهہ کي ساليانو خراج ڀرين ٿا. ان ڪري ڪين سرنامي ۾ حضور لکي نہ ٿا سگهون. وفد کي سياسي اختياريون مليل هيون، مگر بمبئي جي گورنر وٽان جيڪو خط وفد کي پهتو هو. تنهن ۾ لکيل هو تہ پل ٽالپرن تي دٻاءُ وجهي، جيئن ڪين انگريزن جي قوت جي پوري خبر پئجي وڃي. 10- جون 1809ع ۾ وفد ٺٽي پهتو. جتي ايسٽ انڊيا ڪمپني واري جڙيل عمارت ۾ لٿو. وفد کي اڃا ٽالپري دربار مان اچڻ لاءِ اجازت ڪانہ ملي هئي. بيو برساتن جي ڪري وفد کي ٺٽي ۾ ترسڻو پيو. امير شير افگن وفد لاءِ جيڪا شاهي ٻيڙي رواني ڪئي هئي سا ننڍي هئي، ان ڪري وفد کي سنو بهانو هٿ لڳو. منجهانئن ڪي عملدار خشڪي رستي ملڪ جاچڻ لاءِ روانا ٿيا ۽ ڪي درياءَ رستي روانا ٿيا. بئي جماعتون سلامتي سان حيدرآباد پهچي قلعي کان هڪ ميل جي مفاصلي تي ڏکڻ اوڀر طرف ڦليلي جي ڪپ تي خيما کوڙيا.

**فرنگي وفد جي مير غلام علي خان سان ملاقات:**

ڪپتان مالڪوم جي ناٽڪ جي ٽيلهين ايرانين کي علاؤالدين واري جادوءَ جي چراغ وارو ڪرشمو ڏيکاريو. فرنگي ايلچي شاهه ايران کي افغانستان تي ڪاهه ڪرڻ لاءِ پرڪائڻ لڳو جيئن هئي اسلامي حڪومتون پاڻ ۾ وڙهي مرن ۽ ڪين هندستان تي ڪاهه ڪرڻ لاءِ فرصت نصيب نه ٿئي. ايلفنسٽن اٽڪ درياءَ ٽپي حسن ابدال مس پهتو هو ته واٽ تي شاهه شجاع جي حرم جو قافلو کيس هندستان ڏانهن ويندي واٽ تي گڏيو. کيس خبر پئي ته شاهه شجاع شڪست کائي ڪشمير جي جبلن ڏانهن ڀڄي ويو آهي. اها هئي ڪابل جي حالت. ايلفنسٽن سنه 1810ع ۾ پنهنجي رپورٽ شايع ڪرائي. سندس ڪاغذ هن وقت انڊيا آفيس جي دفتر جي ڍيرن هيٺان پوريل آهن.

حيدرآباد شهر ۾ هل مچي ويو ته فرنگي "پورا" مير صاحبن سان گڏجڻ لاءِ آيا آهن. هئي ڏينهن ميرن وٽان فرنگي وفد جي ميمبرن کي ملاقات ڪرڻ لاءِ اجازت ملي. مسٽر هئنڪي سمٿ کي شڪ هو ته شايد مير صاحب مسند تي ويهي گڏبا. انڪري هن اڳواٽ ڪرسين رکائڻ لاءِ گهُر ڪئي. پڻ اهو به ڏيکاريو ته جيئن وفد جا ميمبر دربار ۾ گهڙن مير اُٿي بيهن. مسٽر هئنڪي سمٿ جو خيال درست هو. چاڪاڻ جو مشرقي ملڪن جي حڪمرانن سان ملاقات ڪرڻ جا قانون مغربي تهذيب کان بلڪل نرالا ۽ فرنگين لاءِ ڏکيا هئا[1]. ٽالپر امير پنهنجي بلوچي روايتن موجب نشست ۽ برخاست ۾ بلڪل سادگي سان پيش ايندا هئا. سندن ڪچهري غاليچن تي لڳندي هئي. ڪرسين يا ٽيبلن جو ان زماني ۾ رواج نه هو. توڙي جو ٽالپر دولتمند هئا. ايراني، افغان ۽

---

[1] مثال لاءِ ڪابل جي دراني دربار ۾ جڏهن ڪو ڌاريو ايلچي بادشاهه سان گڏجڻ لاءِ ويندو هو ته دربار جا ٻه امير سفير کي ٻنهي طرفن کان ٻانهن کان جهلي تخت ڏانهن وٺي ويندا هئا. سفير ڊوڙي جهڪندو هو. وري درباري کيس اڳتي ڌڪيندا هئا. سفير ٻيهر جهڪي سلام ڪندو هو. پوءِ بادشاهه هن کي سروپا پهرائيندو هو. تنهن کان پوءِ وري درباري کيس ٻانهن کان جهلي دربار جي در تائين ڌڪيندا هلندا هئا. ايلفنسٽن پنهنجي سفرنامي ۾ مٿيون بيان وضاحت سان ڏنو آهي. جيڪڏهن بادشاهه سفير تي راضي ٿيندو هو ته کيس خاص خلوتگاهه ۾ گهرائيندو هو نه ته ناراضگي جي حالت ۾ سفير کي مهينا لنگهي ويندا هئا.

براهوئي شهزادا وڏن اڃي پنهنجا جواهر وڪڻندا هئا. ملڪ ۾ سادگي ۽ آسودگي جو دور هو. ٽالپرن جا گماشتا هٿيارن، قيمتي پوشاڪن، غلامن، ٻانهين ۽ عطرن خريد ڪرڻ لاءِ اصفهان، ڪابل، شيراز ۽ دمشق تائين گشت ڪندا هئا. ڪا قيمتي شيءِ ڏسندا هئا ته خريداري لاءِ بمبئي جي ايجنٽ کي لکندا هئا. نواب ولي محمد خان لغاري جو ٽالپري دربار ۾ خان خانانان جو رتبو رکندڙ هو ۽ خاص صلاحڪار هو، تنهن ٽالپري دربار پاران فرنگي وفد جي ميمبرن کي تسلي ڏني ته مير صاحب غاليچن تي ويهي ملاقات ڪندا ۽ اُتي ٻيهي آڌرياءُ ڪرڻ ڪانسواءِ اوهان کي ساڄي پاسي کان ويهاريندا. ٽئين ڏينهن آخوند محمد بقا جي رهنمائي هيٺ وفد جا ميمبر قلعي ۾ داخل ٿيا. رستي تي ٻنهي طرفن کان حفاظت لاءِ برق رفتار بلوچي سوار چيلهه سان ريشمي لونگيون ۽ تراريون ٻڌل بيٺل هئا. فرنگين جي نقل و حرڪت کي ڏسڻ لاءِ جاين جي ڪڏن تي ماڻهن جا هشام بيٺل هئا. رستن تي ماڻهن جو ايترو هجوم هو جو گهٽي بي ترتيبي کان پوءِ مشڪل سان فرنگي قلعي اندر داخل ٿيا. در تي فيل تن حبشي چوبدار بيٺل هئا. وفد جا ميمبر جتيون لاهي خلوتگاهه واري ڪمري ۾ داخل ٿيا. مير غلام علي خان، شاهي خاندان جي شهزادن ۽ درٻاري اميرن اُٿي ٻيهي ميمبرن کي آڌرياءُ ڏنو. پوءِ کين عزت ۽ احترام سان ويهاري ساڻن نرمائي سان گفتگو ڪرڻ لڳا. مگر وفد جي ميمبرن دستور موجب هٿيار ٻاهر کين رکيا هئا. انڪري ڪمري ۾ ايترا بلوچ هٿيارن سان گهڙيا جو سخت پيڙ ٿي. ليفٽيننٽ هينري پاٽنجر ان موقعي بابت لکي ٿو ته بلوچن کي فرنگين ۾ شڪ هو، تنهن ڪري گوڙ مچي ويو هو(1). وفد جي ميمبرن کي مير صاحبن جي بلند شخصيت، هٿيارن جي نمائش ۽ فوجي دٻدٻي کي ڏسي حيرت وٺي ويئي. ٻي ڏينهن تي وفد جي ميمبرن ڪي گهڙيال، سونيون واچون، پستول، دوربينون، مخمل جا ٿانَ ۽ ڪي رنگين چيٽن جا ٿان سوکڙين طور پيش ڪيا. مير صاحبن ٻيون سوکڙيون منظور ڪري چيٽن جي ٿانن کي وٺڻ کان انڪار ڪيو پر مقربان بارگاهه جي چوڻ تي وٺڻ منظور ڪيو. ٽورن ڏينهن بعد امير

---

(1) H.Pattinger: Troubs in Balochistan & Sindh, P. 371

شيرافگن ٽيون دفعو وفد کي شرف باريابي بخشيو. هن دفعي ميمبرن جي معطر شربتن ۽ عطر سان ضيافت ڪئي وئي.

**ٽالپرن جو انگريزن سان ٻيو عهدنامو:**

مسٽر مِنٽڪي سمٿ دوستاڻہ معاهدي لاءِ ڳالهہ چوري، مير صاحب سان سندس وزير بہ خلوتگاهہ ۾ موجود هئا. مير صاحب وفد جي صدر کي چيو تہ جيڪڏهن لارڊ منٽو کي بلوچي اميرن جي دوستي درڪار آهي تہ انگريز ميرن کي ڪڇ تي ڪاهہ ڪرڻ ۾ مدد ڏين. انگريزن کي سنڌ هٿ ڪرڻ کان اڳ ڪڇ تي قبضي ڪرڻ جو ارادو هو انڪري لارڊ منٽو جي حڪومت مٿين شرط کان انڪار ڪيو. مير صاحب انگريزن جي ارادي کي صحي ڪيو. پوءِ پنهنجن وزيرن مان نواب ولي محمد خان، آخوند محمد بقا ۽ منشي مشتاق رام کي شرطن جي فيصلي لاءِ حڪم ڏنو. 22- آگسٽ 1809ع ۾ آنريبل ايسٽ انڊيا ڪمپني ٽالپرن سان نئون عهدنامو ڪيو. جنهن جا هيٺيان شرط هئا:

1. آنريبل ايسٽ انڊيا ڪمپني جو ٽالپر اميرن سان دوستانو ناتو قائم رهندو.
2. ٻئي حڪومتون هڪ ٻئي کي دشمني جي نظر سان نہ ڏسنديون.
3. ٻنهي حڪومتن پاران وڪيل بطور ايلچين جي رهندا.
4. ٽالپر سرڪار فرينچن کي سنڌ اندر اچڻ نہ ڏيندي.

رجب المرجب 1224هہ/22- آگسٽ 1809ع هن معاهدي موجب ٽالپري سرڪار پاران ميرزا مظهر ڪلڪتي ڏانهن روانو ٿيو. گورنر جنرل ڪلڪتي جي فورٽ وليم قلعي مان معاهدي کي منظور ڪيو[2]. انگريزي وفد جا ميمبر آڪٽوبر مهيني ۾ سمنڊ رستي بمبئي پهتا. مٿئين معاهدي ۾ فرينچن متعلق فقرو اهميت رکندڙ هو. فرينچن جو زور انگريزن هندستان ۾ گهٽائي

---

(1) B.D.Basu: Rise of the Christian Power in India, Vol.V, P. 160

(2) سنہ 1695ع ۾ رحيم خان اوڙيسا جي هڪڙي افغان فسادي هوگلي کي لٽيو، جنهنڪري بنگال جي مغل نواب فرنگي واپارين کي پنهنجي بچاءَ لاءِ قلعن تعمير ڪرڻ لاءِ اجازت ڏني. ڊچن چنشورا ۾ فرينچن چندر نگر ۾ انگريزن ڪلڪتي جو پايو وجهي اُتي فورٽ وليم قلعو تعمير ڪيو. شملہ کان اڳ گورنر جنرلن جو صدر مقام فورٽ وليم قلعو هو.

ڇڏيو هو. باقي فرينچ عملدار ديسي نوابن ۽ راجائن جي فوجن ۾ نوڪريون ڪري سنڌن فوجن کي ولائتي نموني جا قاعدا قانون سيکاريندا هئا. انگريزن انڪري سنڌ ۾ اچڻ لاءِ مٿن بندش وجهرائي ڇڏي. مسٽر هئنڪي سمٿ جي نائب مسٽر هينري ايلس پنهنجي تجربي آثار سنڌ متعلق گورنر جنرل کي ڪائونسل لاءِ جيڪا رپورٽ پيش ڪئي هئي، تنهن جو اختصار هيٺ ڏجي ٿو:

"ٽالپر امير ڪابل سرڪار کان بلڪل آزاد آهن. فقط نالي طور سندن سفير ڪابل ۾ رهي ٿو. سنڌ جي بلوچي حڪومت ايشيا بين غيرمحدود حڪومتن وانگر هڪڙي فوجي حڪومت آهي. جنگ جي وقت حڪومت جي قوت جو مدار بلوچي سپاهين تي منحصر رهي ٿو. واپار هندن جي هٿن ۾ آهي. سنڌ ۾ اٽڪل 42 سردار يا وڏا زميندار رهن ٿا. اُهي جنگ وقت اميرن کي مدد ڏين ٿا. شهداداڻين، مانڪاڻين ۽ سهراباڻي اميرن جي گڏيل فوجن جو تعداد 36 هزار آهي. فوجن ۾ بي قاعده سوار ۽ پيادا رهن ٿا. جن وٽ پرمار بندوقون، تراريون ۽ ڍالون هٿيار آهن. بلوچ سپاهي بهادر آهن. جن کي روزانو پنج پئسا ملن ٿا ۽ امن جي زماني ۾ هڪ سير چانور ملن ٿا. ڪلهوڙن جي صاحبي ۾ سنڌ جي ساليانی اُپت اسي لک رپيا هئي، هينئر 42 لک 78 هزار رپيا آهي. اُن مان 12 لک رپيا ساليانو ڪابل کي ملن ٿا. شاهي خاندان جي اميرن ۾ اٽبٽت آهي. ملڪ جي آبادي جو دارومدار سنڌونديءَ تي آهي، جنهن جي وسيلي ايشيا جي بين ملڪن سان واپار ڪري سگهجي ٿو. مگر ڍلون ايتريون ڳريون آهن، جنهنڪري واپار کي نقصان رسي ٿو. ان هوندي به ايشيا جا واپاري سنڌ ۾ نصيب آزمائڻ اچن ٿا. ٽالپر امير ڪڙمين کان ٿوري اگهه تي سموري پيداوار خريد ڪن ٿا. سنڌو درياءَ جي ڪناري وارا زرخيز علائقا

شڪارگاهن لاءِ محفوظ آهن. ڪراچي جهڙي مڪيه بندر جي ساليائي اُپت هڪ لک ڏهه هزار رپيا آهي. اگ سنڌ ڪان چانور ٻاهر ويندا هئا مگر هاڻ برساتن نه پوڻ ڪري چانور ٻاهريان اچن ٿا. ٺٽو جيڪو اڳ سنڌ جو تختگاهه هو ۽ هنرن ڪري برک هو، تنهن جي آدمشماري گهٽجي وئي آهي. اميرن کي هن شهر مان ساليانو هڪ لک 45 هزار رپيا آمدني آهي. حيدرآباد راڄڌاني آهي، پر سنڌ‌س آمدني فقط ست هزار رپيا آهي. هتي چمڙي جو ڪم سٺو ٿئي ٿو. ڪسٽمر (گمرگ) ۽ روينيو ڪاتن جي آمدني خانگي واپارين جي هٿ ۾ آهي. اهي اميرن ڪان ٺيڪا کڻن ٿا. چانور، نير، مڃٽ، چمڙو، گيهه، لوبان، ڪستوري، گهوڙا، زعفران مڪيه روانگي جون شيون آهن. ملتاني صرافڪي ڪم ڪرڻ ڪري وڏا شاهوڪار آهن. ٽين، لوه شيهو، فولاد، صندل، عاج يورپ جو مال آمدني جون شيون آهن. ريشم، سڪل ميوا، غاليچا، خراسان ڪان وڪري لاءِ اچن ٿا. بهاولپور، ڪڇ، پنجاب، جوڌپور، قلات دربار سان ميرن جا سٺا لاڳاپا آهن. فرينچن جي چرچ تي ايران جي قاچار ميرن سان دوستي ڳنڍي آهي. لسبيلي جو ڄام مير خان قلات هٿ ڪرڻ لاءِ ميرن ڏانهن واجهائي رهيو آهي. فرينچ ايران ۽ سنڌ رستي هندستان تي ڪاهه ڪرڻ جا ارادا ڪن ٿا. جسونت راءِ هولڪر جو سفير مير ٺاري خان وٽ ڪيترو پهتو هو. هولڪر خط ۾ لکيو هو ته فرينچ، ايراني ۽ ٽالپر گڏجي انگريزن تي حملو ڪن. مگر مير صاحب خط تي ڪو ڌيان نه ڏنو. سنڌ آباد ملڪ آهي، متس قبضو ڪري جيڪڏهن سڌارا ڪبا ته پڪ آمدني ۾ اضافو ٿيندو."

**مير غلام علي خان جي وفات:**

ايسٽ انڊيا ڪمپني سان معاهدو ڪرڻ ڪانپوءِ ٻہ سال امن امان سان حڪومت ڪرڻ ڪان پوءِ هڪڙي ڏينهن جيئن مير صاحب هرڻ شڪار ڪري ان کي ذبح ڪرڻ لڳو تہ هرڻ جو سنڱ سندس پير کي لڳو ۽ رت بند نہ پئي ٿيو. حڪيمن ۽ جراحن رت کي بند ڪرڻ لاءِ گهڻائي حيلا ڪيا، مگر تقدير جي لکئي کي ڪير موڙي. آخر 6 جمادي الثاني 1227ھ/1811ع ۾ مير صاحب دارالبقا ڏانهن راهي ٿيو[1].

**مير ڪرم علي خان رڪن الدولہ بهادر:**

مير غلام علي خان جي وفات ڪري سنڌ ۾ ستن ڏينهن تائين ماتم رهيو. پوءِ مير مرحوم جي فرزند شهزادي مير محمد خان کي پڳ ٻڌائي ويئي. مير ڪرم علي خان رڪن الدولہ بهادر گادي تي جلوه گر ٿيو. پنهنجي ڀاءُ مير مراد علي خان جي صلاح مشوري سان حڪومت هلائڻ لڳو. شاعري مذاق رکڻ کان سواءِ نڪتہ دان ۽ علم پرور هو. ان ڪري ايران ۽ عجم جي علمائن حيدرآباد ۾ سڪونت اختيار ڪئي. ٿئي ڪانپوءِ حيدرآباد علم ۽ فنون جو مرڪز بنجي ويو. شاھ فتح علي قاچار سان مير صاحب جا دوستاڻا لاڳاپا هئا. ٻئي فرمانروا هڪ ٻئي ڏانهن ايلچين معرفت بيش بها سوغاتون وقت بوقت روانيون ڪندا هئا.

**سنڌ جا ميرزا:**

سنڌ ۾ ميرزائن جو ميرن کان اڳ نسل قائم هو. اهي مغل هئا. سمن جي ڏينهن ۾ ٺٽي ۾ مغلن جو محلو قائم ٿيو هو. وري جڏهن نصرپور کي ميرزا شاھ حسين ارغون تختگاھ مقرر ڪيو، تڏهن ميرزا سنڌ ۾ پکڙجي ويا. ميرن جي صاحبي ۾ جن مرزائن حيدرآباد ۾ سڪونت اختيار ڪئي، سي جارجيا جا هئا. آقا محمد خان قاچار جي ڏينهن ۾ جارجيا جي عيسائي حاڪم هرڪيولس زار روس جي چرچ تي ايران جي مخالفت ڪرڻ شروع ڪئي هئي. پر ايراني لشڪر کان شڪست کائي ڀڄي ويو هو. ڪانئس پوءِ پٽس گرجين زار

---

[1] Kalichbeg Furedunbeg: History of Sindh, Vol.II, P.212

روس پال جي مدد سان ايران سان جنگ شروع ڪئي. گهٽي خونريزي ڪانپوءِ جارجيا جو علائقو روس جي قبضي هيٺ اچي ويو. هن جنگ ۾ ايرانين گهٽائي جارجين قيد ڪيا هئا. جيڪي تبريز ۽ اصفهان جي شهرن ۾ وڪامڻ لڳا. اُهي نهايت حَسين هئا. مير ڪرم علي خان رڪن الدولہ بهادر ڪي حرم ۾ چار ديرا هئا. مگر بي اولاد هو. ٽالپري سرڪار اڳيئي ايراني حڪومت کي اطلاع ڏيئي ڇڏيو هو تہ ڪو خوبصورت غلام هٿ ڪري روانو ڪري، ڇاڪاڻ جو مير صاحب کي گود ورتل پٽ جي ضرورت هئي[1]. امير نامدار جو ايلچي آخوند اسماعيل جو 18هين صدي جي آخر ۾ ايراني وزير حاجي ابراهيم وٽ مهمان هو، تنهن وزير وٽ مرزا خسرو بيگ نالي هڪڙو خوبصورت ڇوڪرو ڏٺو. خسرو بيگ ۽ مرزا همايون ٻئي جارجيا جي حاڪم گرجين جا پٽ هئا. همايون جي عمر 9 سال ۽ خسرو بيگ جي 7 سال هئي. ڪين ايراني سپاهين شاهي محلات جي باغ ۾ گرفتار ڪري آندو هو. همايون ڪنهن بيماري سبب مري ويو. ننڍي پٽ خسرو کي وزير حاجي ابراهيم خريد ڪيو هو جيڪو سندس حرم ۾ ناز نخرن سان پلجي رهيو هو. آخوند اسماعيل ڇوڪري کي خانداني لحاظ ڪري پسند ڪري ايراني دربار کي درخواست ڪئي. حاجي ابراهيم کي حڪم مليو تہ هڪدم ڇوڪري کي ٽالپرن جي سفير حوالي ڪري. خسرو بيگ ٽالپرن جي دربار ۾ پهتو. مير نامدار هڪڙي فرمان موجب هن کي گود ورتل پٽ تسليم ڪيو. مگر وطن مالوف جي ياد ۾ هر وقت غمگين رهندو هو. ڇوڪري جي مونجهہ کي ميٽڻ لاءِ مير صاحب سنڌ جي واپارين کي حڪم ڏنو تہ ڪو بہ اهڙو ڇوڪرو ڏسن هڪدم خريد ڪن. ٿورن ڏينهن اندر واپاري ٻہ ٻيا ڇوڪرا فريدون بيگ ۽ قربان نالي خريد ڪري آيا. سندن صحبت ڪري مرزا خسرو بيگ جي دل سرچجي ويئي. رڪن الدولہ بهادر سندس تربيت لاءِ آخوند اسماعيل کي مقرر ڪيو. مرزا پنهنجي اخلاق ۽ عادتن ڪري ايران ۽ سنڌ وارن کي هڪ جهڙو پيارو هو. انباري ۾ آخوند صاحب بيان ڪري ٿو تہ جڏهن هو مرزا کي ايراني وزير جي حويلي مان وٺي نڪتو هو، تڏهن سڄي حرم اندر ماتم

---

[1] J.Malcolm: History of Persia, Vol.II, P.213-214

ڪنعان مڃي ويو هو. مرزائن جي خاندان ٽالپري دسترخوان تي رهي گهڻي ترقي ڪئي ۽ وڏي رتبي کي پهتا. مثال لاءِ مرزا خسرو بيگ شباب جي منزل کي پهچڻ شرط باب السلام جي وزارت اعظميٰ جو دسترخوان سنڀالي ورتو. مرزائن جي پونئيرن مان شمس العلماءِ مرزا قليچ بيگ سنڌي ادب ۽ تاريخ جي جيڪا خدمت ڪئي تنهن کان ڪوبہ ماڻهو انڪار ڪري نہ سگهندو. هو شاعر، مؤرخ، ڊرامہ نويس ۽ صوفي درويش ٿي گذريو.

**شاهہ شجاع جي ڪابل مان ڀاڄ:**

شمس العلماءِ مرزا قليچ بيگ تاريخ سنڌ جلد 2 ۾ لکي ٿو تہ، شاهہ شجاع ڪابل کان معزولي جي حالت ۾ سنہ 1814ع ۾ حيدرآباد پهتو. خبر نہ ٿي پوي تہ مرزا صاحب اهو بيان ڪهڙي تاريخ تان ورتو آهي. حقيقت هن ريت آهي تہ، افغانستان ۾ سدوزئي شهزادن جي اٿبٽت ڪري سڄي ملڪ ۾ فساد پئجي ويو. بارڪزئي سردار زور هئا. پر اجا ڪلي طرح پنهنجي بادشاهي جو اعلان ڪري نہ پئي سگهيا. شاهہ شجاع ڪابل کان ڀڄي پهريان ڪشمير ۾ ڪجهہ وقت قسمت آزمائڻ لڳو. اُتان شڪست کائڻ کانپوءِ ڪجهہ وقت رنجيت سنگهہ وٽ مهمان رهيو. رنجيت سنگهہ کان ڪوه نور ۽ جواهر ڦرائي سنہ 1818ع ۾ ٿبيٽ رستي کان لڏيانہ پهچي انگريزن جي وظيفي تي گذران ڪرڻ لڳو. دراني سلطنت جو افغانستان ۾ خاتمو ٿيو. بارڪزئي (محمد زئي) خاندان مان امير دوست محمد خان ڪابل جي تخت تي ويٺو[1].

سنہ 1817ع ۾ رنجيت سنگهہ منڻ ڪوٽ ۽ سنہ 1818ع ۾ ملتان تي قبضو ڪيو. سنہ 1810ع ۾ ساهيوال جي رند سرادر فتح خان رنجيت سنگهہ کان شڪست کاڌي. قصور جي افغان سردار قطب الدين جي شڪست کانپوءِ گکڙن، چبن، ٽوائن (Tiwana)، جهنگ، ليئهيا، چنوٽ جي سيالن، انوائن، کوکرن ۽ کتڙن مسلمانن کي مجال نہ هئي، جو مسجدن ۾ اذان ڏيئي سگهن.

---

[1] امير دوست محمد خان سنہ جلوس 1259هہ، شير علي خان 1279هہ، محمد افضل خان 1283هہ، محمد اعظم خان 1285هہ، شير علي خان ٻيهر 1296هہ، محمد يعقوب خان 1297هہ، عبدالرحمان خان 1319هہ، حبيب الله 1337هہ، امان الله خان 1347هہ، حبيب الله (بچہ سقہ) 1348هہ، محمد نادر شاهہ

سمورا خالصا سرڪار جي ماتحت هئا. فقط ديره جات جا بلوچ خالصن کان سلسليوار جنگين جي ڪري مذهبي طور آزاد هئا. سنہ 1823ع ۾ ديره جات جو سمورو علائقو سنڌوندي جو ساڄو ڪنارو سنڌ جي سرحد تائين پشاور ۽ ڪشمير سميت رنجيت سنگهہ جي قبضي هيٺ اچي ويو. سنہ 1830ع ۾ خالصن هرند ۽ داجل جا براهوئي علائقا قبائي ورتا. رنجيت سنگهہ وٽ اسي هزار مضبوط ولائتي قواعد سکيل فوج ۽ 376 توپون هيون.

**شاهہ شجاع جو باڪرزنين هٿان پيهر شڪست کائڻ:**

شاهہ شجاع جي شڪست 34-1833ع جا حالات مسٽر جي. ائٽڪنسن گڏ ڪري 20 مارچ 1839ع ۾ لنڊن پارليامينٽ اڳيان پيش ڪيا هئا. جن ۾ ڏيکاريل هو تہ شاهہ شجاع لڌياڻہ ۾ پهچڻ ڪانپوءِ ٻہ چار سؤ هندستاني سپاهي ڀاڙي تي ڀرتي ڪيا هئا. جن کي هڪڙي انگريز ڪئپميل تعليم ڏني هئي، اُهي ساڻ ڪري بهاولپور جي رستي کان شڪارپور پهتو. ٽالپر ميرن کيس مدد ڏني. پوءِ ٽيهہ هزار فوجن سان شال پهتو. هت قافلا ڦري مال گڏ ڪرڻ لڳو. قنڌار تي ڪوهان دل، مهر دل ۽ رحيم خان بارڪزئي سردار حڪومت ڪندا هئا. شجاع قنڌار تي ڪاهہ ڪئي، متيان سردار قلعي ۾ وڃي لڪا. ان وچ ۾ دوست محمد خان ڪابل کان لشڪر وٺي قنڌار پهتو. شجاع ۾ هڪ تہ همت ڪانہ هئي ۽ ٻيو سندس پنهنجن رفيقن سان برتاءُ سٺو نہ هو، ان ڪري گهڻا کيس ڇڏي ڀڄي ويا. هو قنڌار کان شڪست کائي چند محافظن سان لش جي قلعي ۾ لڪو جتان فره پهتو. کيس هرات مان مدد ملڻ جو آسرو هو. پر اُتان نااميد ٿي سيستان جي صحرا کي لتاڙي قلات جي خان محراب خان ثاني وٽ پهتو جنهن کيس حيدرآباد پهچايو[3].

(1) Sir Lepell Griffin: Rulers of India "Ranjit Singh", PP.200-6

(2) J.Wood: A Journey to the source of the River Oxus, CHP IV, PP.47-48

(3) H.H.Wilson: The History of British India, Vol.III, CHP.VII, PP.276-277 London
C.Masson: Narative of Various Journeys in Baluchistan, Afghanistan & the Punjab from 1826 to 1838, Vol,II. London, 1842

چارلس ماسن صاف ڏيکاريو آهي تہ شاهہ شجاع ۾ وڙهڻ جي همت ڪانہ هئي.

شاهه شجاع تنڍي ابراهيم آغا وٽ قليلي جي ڪپ تي بي سروساماني جي حالت ۾ پهتو. شهر جي ڪوٽوال فقيري خدمتگار جي پٽ علي بخش دربار کي خبر ڏني. مير رڪن الدولہ بهادر مهماني طور معزول بادشاهه ڏانهن شاهي تنبو، ڪناتون ۽ ٻيو سامان موڪليو. تن ڏينهن تائين آرام ڪري شجاع شڪارپور پهتو. ڪابل کان عظيم خان جي چرچ تي ايوب خان سنڌ تي ڪاهي آيو. مير صاحبن ڪيس اڳواٽ 12 لک رپيا ڏيئي موٽائي ڪڍيو. سنڌ ۾ ڪابلي سڪي جي رائج ڪرڻ لاءِ ساڻس معاهدو ڪيو. شجاع هٿ ٺوڪيندو لڏيانه پهتو.

**رنجيت سنگهه ۽ ٽالپر:**

سنہ 1809ع ۾ معاهده امرتسر کان پوءِ رنجيت سنگهه کي پڪ هئي تہ انگريز سندس حڪومت اندر دخل ڪين ڏيندا. سنہ 1806ع ۾ ملتان فتح ڪرڻ کان اڳ اُتي جي نواب مظفر خان انگريزن جي ماتحت رهڻ لاءِ انگريزن کي درخواست ڪئي هئي، پر انگريزن سندس درخواست تي ڪو ڌيان ڪين ڏنو هو.⁽¹⁾ چاڪاڻ جو ڪمپني سرڪار جي نظر ۾ سنڌ ڪارائتو ملڪ هو. ڪشمير کان ستلج ۽ مٺڻ ڪوٽ تائين سڄو پنجاب خالصا سرڪار جي قبضي ۾ هو. رنجيت سنگهه اڳيان سنڌ جو لانگاهه بنجي چڪو هو. ٽالپرن جو انگريزن سان دوستانہ معاهدو ٿي چڪو هو. مگر سنڌي پُرامن آبادگار فرنگي گورن کي شڪي نظر سان ڏسي رهيا هئا. سنہ 1812ع ۾ هڪڙي انگريز مسٽر جي.مٺڪين ٺوش پنهنجي اخبار ۾ ڏيکاريو هو تہ سنڌ جي هڪڙي هندو واپاري درياني مل ٽالپر ميرن کي صاف چئي ڏنو هو تہ انگريز جيڪي واپار جي بهاني سان دوستانہ عهدناما ڪري رهيا آهن، سي اول توڙي آخر سنڌ تي قبضو ڪندا. انگريز جن نيپولين بونا پارٽ جي جنگين جي زماني ۾ يورپ ۾ پاڻي وانگر پنهنجو خزانو هاريو هو، سي پنهنجن صنعتي شين کي هندستان ۾ نيڪال ڪرڻ لاءِ منتظر هئا. جيئن ديسي هنرن کي ڪاپاري ڌڪ لڳي. فرنگين جي اچڻ کان اڳ هندستان آسودو ۽ مالدار ملڪ هو. انگلينڊ جو هينئر

(1) Sir Lepell Griffin: Rulers of India, "Ranjit Singh", PP. 183-87

قرضي هو، تنهن کي مٿين رقم هندستان مان ڪنهن به صورت ۾ وصول ڪرڻي هئي. ڪمپني جا عملدار ٺڳ ۽ رشوت خور هئا. ڪمپني جي حدن اندر رشوتن جي بازار گرم هئي[1]. ملتان فتح ٿيڻ کان پوءِ ڪنور نونهال سنگهه ۽ ديوان سانوڻ مل منڻ ڪوٽ ۾ توبخانو ۽ خالصا لشڪر گڏ ڪرڻ لڳا. ديره جات جي بلوچن کي جڏهن به وجهه ملندو هو، سکن سان مقابلي ڪرڻ کان ڪين گسندا هئا قرائي، لُنڊ، بوزدار، گورچاڻي، نوتڪاڻي، مزاري، براهوئي، بگٽي، بليدي، سمورا پاڻ ۾ يڪمشت هئا. فقط لغارين جو سردار جنهن کي ڪجهه بلوچي سردارن سان عداوت هئي، سو خالصا سرڪار جو طرفدار هو[2]. ڪوسن بابت سر ائڊورڊس جو چوڻ هو ته پنجاب ۾ اهڙو ڪوبه ڪوسو نه ليندو، جنهن سزا ڪاٽي نه هجي[3]. ٽالپر ميرن جا رنجيت سنگهه سان دوستانه لاڳاپا هئا. هر سال ميرن جا ايلچي بيش بها سوغاتون خالصا دربار کي پهچائيندا هئا. مگر هينئر رنجيت سنگهه هيءَ گهر ڪئي ته جيڪي 12 لک رپيا ٽالپر ڪابل سرڪار کي ساليانو ڀرين ٿا سو خالصا سرڪار کي ڀرين. حقيقت ۾ ميرن ايوب خان کي موٽائڻ وقت مٿين رقم ڪانه ڏني هئي، فقط دلاسو ڏيئي ڪڍيو هو. سنڌ جي سرحد تي خالصا لشڪر جي فوجي نمائشن ڪري حيدرآباد جي مرڪزي سرڪار جي سياسي حلقن ۾ بي آرامي پيدا ٿي ويئي. مير ڪرم علي خان رڪن الدوله بهادر بلوچي سردارن کي لشڪر گڏ ڪرڻ لاءِ حڪم ڏنو. پر مير مراد علي خان جيڪو هن وقت وزير خارجه هو، تنهن چيو ته جنهن صورت ۾ پنجاب ۽ ملتان جا افغان توڙي ديره جات جا بلوچ سردار رنجيت سنگهه کان شڪست کائي چڪا آهن، ان صورت ۾ بهتر ائين ٿيندو ته انگريزن معرفت خالصا سرڪار سان صلح ڪجي. رڪن الدوله بهادر مٿين راءِ قبول ڪئي، حڪم ڏنائين ته هڪڙو ايلچي بمبئي ڏانهن روانو ڪجي ۽ شڪارپور ڏانهن فوجون روانيون ڪجن. سيد آغا اسماعيل شاهه جو وقت جو فيضي هو، سو سڙهه سانباهي بمبئي ڏانهن روانو ٿي ويو. بي پاسي مير ڪرم

---

[1] B.D. Basu: Rise of the Christin Power in India, Vol. IV, P. 100

[2] تاريخ بلوچيان: سردار غلام رسول خان قرائي، ذڪر لغاري

[3] Frontier & Eoverseas expedition from India "Edward's derajat", Calcutta, 1910

علي خان ٽيهه هزار سوارن ۽ پيادن سان جن وٽ توپخانو به هو، شڪارپور وٺي ويو. خيرپور وٽ مير سهراب خان لشڪر سميت ساڻس گڏيو. سيد اسماعيل شاهه به پوري وقت تي بمبئي پهتو. گورنر مائونٽ سٽيورٽ ڪيس عزت سان گڏيو، سندس خرچ لاءِ روزانو ٽيهه رپيا مقرر ڪيائين. گورنر احوال وٺڻ کان پوءِ هڪڙو خلاصو خط گورنر جنرل ڏانهن ڪلڪتي روانو ڪيو. شگون نيڪ ثابت ٿيو. چاڪاڻ جو لڌياني جي برٽش ايجنٽ ڪپتان ويڊ رنجيت سنگهه کي اطلاع ڏنو ته ٽالپر مير انگريزن جا دوست آهن. انڪري خالصا لشڪر کي سنڌ تي ڪاهه ڪرڻ جو خيال دماغ مان ڪڍي ڇڏڻ گهرجي. جيسين خالصا لشڪر سنڌ تي ڪاهه ڪري تنهن کان اڳ مزارين ملتان تي ڪاهون شروع ڪيون. ڪنور نونهال سنگهه ديوان ساونڻ مل معرفت ٽالپرن ڏانهن هڪڙو تسلي بخش خط روانو ڪيو. تنهن کان پوءِ ٽالپرن جي لشڪر شڪارپور خالي ڪيو. رنجيت سنگهه پوءِ به گهڻو وقت سنڌ تي ڪاهه ڪرڻ لاءِ وجهه ڳولڻ لڳو، مگر انگريز فولادي چنبي کي مضبوط ڏسي مٿيون ارمان دل جو دل ۾ سانديي هن دنيا مان نااميدي جي حالت ۾ موڪلائي ويو.

## مارڪس آو هيسٽنگس جي پاليسي:

سنه 1814ع جي شروعات ۾ ايسٽ انڊيا ڪمپني جي ڊائريڪٽرن لارڊ منٽو کي ولائت گهرائي ورتو. سندس ڏينهن ۾ برٽش حڪومت هندستان اندر ڪو واڌارو نه ڪيو هو. چاڪاڻ جو هندستان اچڻ وقت ڪمپني جي فوجن ۽ خزاني جي حالت ڪمزور ٿي چڪي هئي. ان ڪري ڊائريڪٽرن ڪيس جنگين ڪرڻ کان منع ڪئي هئي. هو 6 ورهيه هندستان ۾ رهيو. سندس ڏينهن ۾ عيسائي مشنرين جا پادري زوريءَ هندستانين کي عيسائي بنائڻ لڳا. سندن اڳرائين کي لارڊ منٽو ٻنجو ڏنو[1]. ايسٽ انڊيا ڪمپني جا فرعون دماغ عملدار جن کي اڳ وڏا وڏا لوازما پتا ملندا هئا. سي ايسٽ انڊيا ڪمپني جي ڊائريڪٽرن جي عدالت لارڊ منٽو جي ڏينهن ۾ بند ڪري ڇڏيا. جنهن تي مغرور عملدارن مسلي پٽر. سرنگاپٽم ۽ حيدرآباد جي ڇانوٽين ۾ کلي طرح

---

(1) Lord Minto in India, from 1807-1814, P. 62, London, 1880

بغاوت ڪئي. اهڙي موقعي تي جيڪڏهن خالصا ستلج ٽپي پون ها ۽ هولڪر ۽ سنڌيا سکن سان گڏجي بنديل کنڊ رستي کان بنگال تي ڪاهه ڪن ها ته جيڪر فرنگين جو هندستان ۾ خاتمو ٿي وڃي ها.(1) سنه 1813ع جي آخر ۾ مارڪس آوهيسٽنگس جيڪو سنه 14- 1812ع ۾ آمريڪا سان جنگ ڪرڻ وقت شڪست کائي موٽيو هو ۽ انگريزن بحر اوقيانوس پريان آمريڪن هٿان ملڪ وڃايو هو. تن هندستان جهڙي دولتمند ملڪ ۾ هڪ عظيم الشان شهنشاهت جو بنياد وڌو هو. انگلينڊ پنهنجي بحري قوت، ڪري يورپ ۾ پهريون نمبر طاقت هئي. گورنر جنرل کي فوجي اختيارين به مليل هيون. ان ڪري هندستان ۾ ڪار مختيار هو. سندس ڏينهن ۾ ڪمپني کي واپار ڪرڻ لاءِ نئون چارٽر (اختيارنامو) مليو.

**ڪمپني کي نئون چارٽر مليو:**

ولائت جا واپاري هندستان ۾ وارد ٿيا ته هندستان کي کهڙين شين جي ضرورت آهي، جن کي نيڪال ڪري ديسين جي دولت لٽجي.(2) لارڊ هيسٽنگس جو خاص پروگرام هو ته ديسي نوابن ۽ راجائن کي دبائي برطانوي اقتدار هيٺ آڻجي ۽ شهنشاهت جي حدن کي وڌائجي. هن اڃڻ شرط گورکن سان هٿ اٽڪايو. جنهن مهم لاءِ کيس ڏوڪڙن جي سخت ضرورت هئي. سندس اشاري تي لکنؤ جي برٽش ايجنٽ ميجر بيلي اوڌ جي نواب غازي الدين حيدر سان مفت ڇيڙڇاڙ شروع ڪئي. نواب گورنر جنرل کي شڪايت ڪئي، جنهن تي لارڊ هيسٽنگس پاڻ لکنؤ ويو ۽ نواب کان ادائي ڪروڙ رپيا قرض وٺي نيپال سان جنگ شروع ڪئي. انگريزي ايجنٽ ڌارين زبانن جا ماهر هئا. مثال لاءِ سر جان مالڪوم فارسي زبان جو اديب هو. ميجر بيلي مشاعرن وقت

---

(1) B.D.Basu: Rise of Christian Power in India, Vol. IV, P. 93

(2) نوٽ: انگريزن جهڙي مهذب قوم جي حڪمراني جي دؤر ۾ هندستان جهڙو دولتمند ملڪ ڪنگال ٿيندو ويو. تنهن جي ابتدا لارڊ هيسٽنگس جي ڏينهن کان شروع ٿي، جڏهن ايسٽ انڊيا ڪمپني کي واپار ڪرڻ لاءِ نئون چارٽر مليو هو. ٻي عالمگير جنگ جي زماني ۾ بنگال جو قحط انگريزن جي تاريخ ۾ نه مٽجندڙ داغ آهي.

لکنؤ جي نوابن جي محلفن ۾ شريڪ ٿيندو هو[1]. جنرل آڪٽرلوني دهلي جو ريزيڊنٽ مشرقي معاشرت مان ايتريقدر واقف هو، جو ڪنهن بہ رياست اندر فساد وجهڻ هن لاءِ ادنيٰ ڪم هو[2]. انگريزي ايجنٽ رياستن مان واقف ٿيڻ کان پوءِ نوابن ۽ راجائن جي خانگي معاملن ۾ دست اندازي ڪندا هئا. وري هندستان مان ايتري دولت گڏ ڪري ولائت موٽندا هئا، جو اُتي شاهاڻي زندگي بسر ڪرڻ ڪري "نواب" جي لقب سان سڏبا هئا. سندن دولت کي ڏسي گهٽائي انگريز قسمت آزمائڻ لاءِ ايسٽ انڊيا ڪمپني جي نوڪري ڪرڻ لاءِ ۽ دولت لُٽڻ لاءِ هندستان اچڻ لڳا.

**ايسٽ انڊيا ڪمپني جون حدون سنڌ سان لاڳو ٿي ويون:**

انگريز وچ هندستان کان جيسين غير واقف هئا، تيسين سنڌ جي سوال کي بقول پاٽنجر هنن ملتوي ڪري ڇڏيو هو. اڳ انگريز سنڌ جي ميرن سان دوستي رکڻ لاءِ خواهان هئا. دراني سلطنت جي زوال کان پوءِ رنجيت سنگهہ اهڙو زور ورتو، جو سندس خوف کان ٽالپرن کي انگريزن سان دوستي رکڻ لاءِ ضرورت پيش ٿي. ايلفنسٽن ڪابل کان انگريزن کي سنڌ تي ڪاهہ ڪرڻ لاءِ اشارو ڏنو هو، مگر سنڌيا، هولڪر، گائڪواڙ، پنڊاري ۽ راجپوتن رستي روڪ ڪئي هئي. نربدا کان ستلج تائين ملڪ ويندي بنديل کنڊ تائين پنڊارين لٽ مار ڪري تاراج ڪيو هو. سنہ 1806ع کان ڪرنل جيمس ٽاڊ وچ هندستان ۽ راجپوتانا جي سروي ڪرڻ ۾ رڌل هو. سنہ 1815ع ۾ هن ميواڙ، مارواڙ، جيسلمير، ڪوٽا ۽ بوندي جو نقشو تيار ڪيو. مٿيون نقشو اهڙو ڪارگر ثابت ٿيو، جو لارڊ هيسٽنگس کي مٿين ملڪن کي فتح ڪرڻ ۾ گهٽي آساني ٿي.

---

[1] آب حيات: شمس العلماء مولانا محمد حسين آزاد، ذڪر ميرانشاء، لاهور
تاريخ ادب اردو: رام بابو سڪسينا، ذڪر غازي الدين حيدر، نولڪشور، لکنؤ

[2] جنرل آڪٽرلوني پنجاهہ ورهيہ ڪمپني جي سول ۽ فوجي ڪاتن ۾ نوڪري ڪري چڱو نالو ڪڍيو هو. بدقسمتي سان لارڊ امهرسٽ جي ڏينهن ۾ جڏهن انگريز پهرين برما ويڙهہ ۾ رڌل هئا، هن ڀرتپور سان سازش ڪري جنگ ڇيڙي. لارڊ امهرسٽ مٿس ناراض ٿي ڪانئس استعيفا لاءِ گهُر ڪئي. جيڪا هن 1825ع ۾ پيش ڪئي. سندس ايتري بيعزتي ٿي، جو ٻن مهينن اندر دلشڪستو ٿي هو ميرٺ ۾ مري ويو.
J.C.Marsham: Abridgment of the History of India, P. 354, London, 1893

سنہ 1802ع ۾ بڙوده جو گائڪواڙ جنهن جي ساليانی آمدني اٺ لک پائونڊ هئي، سو سسٽم سبسيڊائري جا شرط منظور ڪري چڪو هو. سنہ 1818ع ۾ پنڊاري شڪست کائي زير ٿيا. نواب امير خان کي ٽونڪ جي انگريزن رياست ڏني. باقي راجپوت رياستون جيڪي مرهٽا سردارن کي ڍلون ڀريندون هيون، تن جي بدقسمتي سان پاڻ ۾ جنگ شروع ٿي. اديپور جي مهاراڻي ڀيم سنگهہ ثاني جي دختر ڪشن ڪماري نهايت حسين هئي، جيڪا مهاراڻا ڀيم سنگهہ جوڌپور سان منگيل هئي. 1804ع ۾ ڀيم سنگهہ جي مرڻ ڪان پوءِ مان سنگهہ جوڌپور جي گادي تي ويٺو ۽ ڪشن ڪماري جي ٻانهن گهرڻ لڳو. اديپور جي راجا پنهنجي ڌيءَ جي شادي جئہ پور جي والي جڳت سنگهہ سان ڪرڻ جو ارادو ڪيو، جنهن ڪري راجپوتانا ۾ باهمي جنگ ڪري آفت مچي وئي[1]. نوبت ايتريقدر پهتي جو اديپور جي بزدل مهاراڻہ پنهنجي 16 سالن جي حَسين ۽ جميلہ دختر کي زهر ڏياري مارائي ڇڏيو. هن بدترين واقعي راجپوتن تي تباهي برپا ڪئي. جنوري 1818ع ۾ جوڌپور جي راجا مان سنگهہ جي ڀن ايلچين بشن رام وياس ۽ ايي رام وياس گورنر جنرل جي ايلچي فليوس مٽيڪاف سان عهدنامو ڪيو. اگ جوڌپور سنڌيا کي ڍل ڀريندو هو، سا بند ٿي وئي. اپريل ۾ جئہ پور جي راجا جڳت سنگهہ پاران راول پياري مٽيڪاف سان عهدنامو ڪيو. ڊسمبر ۾ جيسلمير جي راول مولراج پاران دولت سنگهہ ٺڪر انگريز ايلچي سان عهدنامو ڪيو. راجپوتانا مٿان انگريز حفاظت ڪرڻ لڳا. سنڌيا کي هٿ ڪٽڻو پيو. ڪرنل جيمس ٽاڊ راجپوتانا رياستن مٿان سنہ 1823ع تائين ريزيڊنٽ ٿي رهيو[2]. انگريزن ڪڇ جي ڪنگهار کي ٽالپر مير

---

[1] وقائع راجستان: مولوي نجم الغني، جلد پهريون، ص 206-217

[2] ڪرنل جيمس ٽاڊ 17 ورهين جي عمر ۾ ايسٽ انڊيا ڪمپني ۾ ڀرتي ٿي هندستان آيو. وڏو چالاڪ هو، 1823ع تائين راجپوت رياستن مٿان برٽش ريزيڊنٽ ٿي رهيو. رٽائرڊ ٿيڻ ڪان پوءِ پنهنجي وطن اسڪاٽليند ڏانهن ويو، جتي 1835ع ۾ مري ويو. سندس تاريخ راجستان جا ٻہ ضخيم جلد مشهور آهن. هن وچ هندستان ۾ راجپوتانا جو نقشو 1815ع ۾ تيار ڪيو هو.

J.Tod: The Amals & Antiquities of Rajasthan, Vol. II, Appindix, PP. 729-37

خوف ڏياري دٻاءَ وجھڻ لڳا[1]. سنه 1818ع ۾ پنڊارين ۽ مرهٽن کي شڪستن ڏيڻ کان پوءِ لارڊ هسٽنگس اعلان ڪيو ته هندستان اندر برٽش حڪومت جون حدون سنڌونديءَ تائين آهن[2].

**ڪوسن جي ڪڇ تي ڪاهه:**

ڪوسن جا راڄ ٿرپارڪر ڪانسواءِ هانسي، حصار، رنگ محل، اپور، بنجارا، سوڊل، مانڪ ڪوٽ، ڪلڏيراني ۽ بيڪانير تائين هئا. جئه پور، اڏيپور ۽ پنڊارين جي فوجن ۾ شامل هئا. ڪاٺياواڙ جو انتظام ڪرنل والڪر سنه 1805ع ۾ ڪري چڪو هو. هينئر ڪڇ جو وارو هو. لارڊ هيسٽنگس جي ڏينهن ۾ سنه 1816ع ۾ ڪرنل ايسٽ ڪڇ تي ڪاهه ڪئي، انگريزن جو قبضو ڄمي ويو. برٽش حڪومت جون حدون ڏکڻ کان به سنڌ سان لاڳو ٿي ويون. ڪوسا جيڪي ڳوٺ ۽ قافلا ڦريندا هئا، تن دستور موجب ڪڇ تي ڪاهون شروع ڪيون. ليفٽيننٽ برڪلي هڪڙي لشڪر سان ڪوسن تي ڪاهه ڪئي. ٻئي پاسي بلوچن لونا جو شهر لُٽيو جو ڀُڄ کان پنجاهه ميلن جي مفاصلي تي هو. انگريز عملدارن جي مرضي هئي ته سنڌ تي ڪاهه ڪجي، مگر بنگال جي سپريم گورنمينٽ اڃا ڪين اهڙي اجازت ڪانه ڏني هئي. ان ڪري ڪوسن جي ڪاهن کي روڪڻ لاءِ لکپڙهه ميرن سان ڪرڻ لڳا[3]. انگريزن جي مرضي هئي ته جنهن صورت ۾ سنڌن حدون ڪڇ تائين پهتيون آهن، ان صورت ۾ ميرن سان نئون عهدنامو ڪجي. ليفٽيننٽ ڪرنل سٽئنهوپ ڪوسن کي ڪڇ مان لوڏي ڪڍڻ ۾ ڪامياب ٿيو. باب الاسلام (سنڌ) جي اسلامي حڪومت جي حالت چراغ سحري وانگر هئي. بمبئي حڪومت ٽالپرن کان فوجي خرچ لاءِ گهر ڪئي، بلڪ اهو به چتاءُ ڏنو ته جيڪڏهن مير خرچ ڀري نه ڏيندا ته انگريز سنڌ تي ڪاهه ڪندا. ميرن، ڪوسن کي روڪڻ لاءِ انجام ڏنو. ان هوندي به انگريزن هڪڙو وفد حيدرآباد ڏانهن روانو ڪيو جنهن ۾ ڪپتان سئڊليئر، ڊبليو- سائمن، ڊاڪٽر هال، ميجر ووڊ هائوس ميمبر هئا.

---

(1) Malcolm: A Memoirs of Central India, Vol. I, P. 315, London, 1832

(2) J.E. Marsham: Abridgment of the History of India, P. 335

(3) H.H.Wilson: The History of British India, Vol. II, CHP. XI, PP. 315-16

**انگريزن جو ميرن سان ٽيون عهدنامو:**

رڪن الدولہ وفد کي حيدرآباد ۾ عزت سان شرف باريابي بخشيو. 9- نومبر 1816ع ۾ ٽيون عهدنامو ٿيو جنهن ۾ هيٺيان شرط هئا(1):-

1. ايسٽ انڊيا ڪمپني سرڪار ۽ ٽالپري سرڪار جا پاڻ ۾ دوستانہ لاڳاپا دائمي طور رهندا.
2. ٻئي حڪومتون وڪيلن معرفت فيصلا ڪنديون.
3. ٽالپر مير ڪنهن بہ آمريڪن يا ٻئي ڪنهن مغربي کي سنڌ اندر رهڻ ڪين ڏيندا. جيڪڏهن ڪو ڌاريو دخل ڏيندو تہ ٻئي ڌريون ان کي پنهنجن حدن کان ٻاهر لوڌي ڪينديون. جيڪڏهن ڪو مغربي سنڌ اندر فساد ڪندو تہ شهر جي ڪوتوال کي سزا ڏيڻ جو حق رهندو.
4. ٽالپر امير ڪوسن ۽ ٻين بلوچن کي انگريزي حدن اندر حملن ڪرڻ ۽ ڇيڙڇاڙ ڪرڻ کان روڪيندا.

مٿيون عهدنامو ٽالپرن پاران آغا سيد اسماعيل شاھ صفر المظفر سنہ 1236ھ/10- فيبروري 1821ع ۾ بمبئي جي گورنر مائونٽ سٽيورٽ ايلفنسٽن سان قطعي طور ڪيو. ڪلڪتي جي سپريم گورنمينٽ معاهدي جي تصديق ڪئي. انگريزن جي آمريڪا سان سنہ 1812ع کان 1814ع تائين جنگ لڳل رهي. گهٽائي انگريز نوڪرين کان پڳل پاڻ کي آمريڪن سڏائي ديسي راجائن ۽ نوابن وٽ نوڪريون ڪرڻ لڳا. حقيقت ۾ اُهي انگريزن کي جاسوسي جو ڪم ڏيڻ لڳا.

**ڪڇ ۾ ڪوسن جو ٻيو ڀيرو فساد:**

سنہ 1824ع ۾ دهلي کان وٺي حيدرآباد دکن تائين هر هڪ ضلعي ۾ فساد پيا. انگريزن ڪڇ جي راءِ پرمل کي گاديءَ تان لاهي سندس صغير پٽ کي تخت تي ٽاڪيو. مائونٽ سٽيورٽ ايلفنسٽن بمبئي جو گورنر سنہ 1819ع ۽ 1820ع ۾ بہ پيرا ڪڇ جي دوري تي ويو هو. پوئين ڀيري اٽڪل 2 سؤ

(1) Dr. J.Burnes: A Narrative of a visit to the Court of Sindh, P. 194

Sir.J.Malcolm: The Political History of India, Vol. I, P. 548, London, 1926

جاڙيجن سردارن جن جي راءِ سان مائٽي هئي، تن گورنر کي پنهنجي مفلسي متعلق شڪايت ڪئي. ڪوسن جي موجودگي ڪري ڪڇ جي سرحد تي فساد جاري هئا[1]. جاڙيجا سردار جن کان انگريزن زمينون کسيون هيون، تن ٽالپر ميرن کان مدد گهري. سنہ 1825ع ۾ ڪوسن ڪڇ جي سرحد ٽپي پڇ تي ڪاهه ڪئي. ڪوسن ۽ جاڙيجن انگريزي ريزيڊنٽ کان راءِ پرمل کي ڀيهر تخت تي ويهارڻ لاءِ گهُر ڪئي. جاڙيجن وٽ 3 هزار بلوچ لشڪر هو. انگريزن وٽ جيڪو لشڪر هو، سو فقط پڇ جي بچاءُ لاءِ هو. جاڙيجن بلوچن جي مدد سان هبئي ٽڪرين وٽ پهچي بلاري جي قلعي تي قبضو ڪيو. پڇ ڏانهن ويندڙ جيڪي بہ رستا هئا، سي رڪجي ويا ويا. ڪپتان والٽر هڪڙو فوجي دستو قلعو آجو ڪرائڻ لاءِ روانو ڪيو، پر فسادين هٿان شڪست کائي موٽيو. هن معرڪي ۾ جاڙيجن جا گهڻائي سردار مارجي ويا. ٻي حملي ۾ فسادين شڪست کاڌي وٽن جيڪو لٽ مار جو مال هو سو بہ انگريزن هٿ ڪيو. جاڙيجن ٽيون ڀيرو بلوچن ۽ عربن جي مدد سان انجار تي حملو ڪيو. هن ڀيري شڪست کائي ڀريان ڪاٺمل ٽڪرين ۾ لڪا پوءِ ڪڇ جي رڻ ڏانهن ڀڄي ويا. ٽالپر اميرن سندن مدد لاءِ هڪڙو لشڪر روانو ڪيو. 20 سيپٽمبر 1825ع ۾ بمبئي ۽ ڪيرا کان وڏو لشڪر ڪرنل ايمر. نيپئر جي اڳواڻي هيٺ پهتو. جنهن ۾ 5 ريجمينٽون ۽ هڪ ڪمپني پيادن جي توبخاني سميت هئي. انگريز لشڪر جي پهچڻ کان پوءِ بلوچي لشڪر سنڌ ڏانهن موٽي آيو[2]. ڪوسن جي ڪاهن ڪري انگريزن ۽ ٽالپرن جي وچ ۾ جيئن پوءِ تيئن ڪشيدگي پيدا ٿي.

**ڊاڪٽر جيمس برنس جو حيدرآباد اچڻ:**

سنہ 1827ع ۾ مير مراد علي خان بيمار ٿي پيو. ديسي حڪيمن گهڻائي علاج ڪيا، پر چاق ڪين ٿيو. ٽالپرن جي پڇ جي ايلچي ديوان گوپالداس اُتي جي انگريز ريزيڊنٽ معرفت بمبئي جي گورنر کي هڪڙي انگريز ڊاڪٽر کي حيدرآباد رواني ڪرڻ لاءِ درخواست ڪئي. 25 آڪٽوبر سنہ 1827ع

---

(1) J.S.Cotton: Rulers of India, "M.Elphinstone" PP.169-70 oxford, 1892

(2) H.H.Wilson: The History of India, Vol.II, CHP.V, PP.123-24

۾ ڪڇ جي انگريز ريزيڊنٽ جو ڊاڪٽر جيمس برنس ميرن جي وڪيل سان گڏجي حيدرآباد ڏانهن روانو ٿيو[1]. ساڻس پوني فوج جا ڪي سپاهي، ڪي بحري ۽ فوجي عملدار ڪڇ جي راءِ جو هڪڙو دستو ساڻس همراهه هئا. جاتي جي نائب حيدر خان لغاري ۽ بهادر خان ٻن اعليٰ عملدارن انگريزي ڊاڪٽر جو استقبال ڪيو. ٽالپر سرڪار پاران پنجاهه اُٺن جو قافلو سامان سان ڀريل قافلي سان همراهه ٿيو. جتي به منزل ڪيائين، اُتي طول وهاڻن تي ٽيڪ ڏيئي معطر شربت وغيره پيئندو رهيو. مير صاحبن جا بازدار طرحين طرحين پکين جو واڻ تي شڪار ڪندا فرنگي ڊاڪٽر جي دل وندرائيندا هليا ۽ قسمين قسمين گوشتن سان سندس ضيافت ڪندا هليا. حيدرآباد کان پنجن ميلن جي مفاصلي تي پهچڻ بعد شهزادي مير محمد خان ٺوڙهي ۽ ڪپتان موسيٰ خان ڊاڪٽر جو استقبال ڪري شهر تائين ساڻس همرڪاب رهيا. شهر ۾ وارد ٿيڻ ڪانپوءِ وزير آغا اسماعيل شاهه ۽ نواب ولي محمد خان لغاري 10 نومبر سنه 1827ع ۾ سندس استقبال ڪيو ۽ وزير جي اوطاق تي مهمان ٿي لٿو. سندس ضيافت لاءِ صبح جو هر روز 12 رڪابيون سونيون چاندي جون طرحين طرحين لذيذ طعامن جو سونن ورقن سان ڊاڪٽر ڪي شاهي دسترخوان تان فقط نيرن لاءِ ملنديون هيون. نوڪرن ڪي جدا ڪاڌو ملندو هو. هندو سپاهين ڪي ڪچو سيڌو ملندو هو. مير مراد علي خان جيڪو پنجن مهينن کان صاحب فراش هو سو ڊاڪٽر جي دوا سان ڏهن ڏينهن اندر چاڪ ٿي ويو. ان ڪانپوءِ به ٽن مهينن تائين فرنگي ڊاڪٽر شاهي دسترخوان تي بطور مهمان ٿي رهيو. مير صاحبن ڪي متس اعتبار هو، ان ڪري دربار جي هر هڪ شيءِ ڪي ڏسڻ ۽ شهزادن سان ملاقاتن ڪرڻ جو ڪيس چڱو موقعو مليو. 21 جنوري سنه 1828ع ۾ شاهي بيش بها سوغاتون وٺي شاهي ٻيڙي تي سوار ٿي 28 جنوري تي ڪڇ پهتو. هت پهچڻ کان پوءِ هن انگريزي ريزيڊنٽ ميجر پاٽنجر سان ميرن جي گهٽي

[1] نوٽ: ڊاڪٽر جيمس برنس اليگزينڊر برنس جو ڀاءُ هو. هن ٽالپرن جي دربار ۾ جيڪي ڏٺو، سو قلمبند ڪندو ويو. سندس سفرنامو سنه 1831ع ۾ ايڊنبرگ مان شايع ٿيو.

تعريف ڪئي. جنهن هڪ خط ذريعي مير ڪرم علي خان رڪن الدولہ بهادر جو شڪريو ادا ڪيو.

**شهزادي مير صوبدار خان جي بغاوت:**

مير فتح علي خان ۽ مير غلام علي خان جي ديرن جي مير ڪرم علي خان ۽ مير مراد علي خان سنڀال ڪندا هئا. مير غلام علي خان جي فرزند شهزادي مير محمد خان کي چاچن معقول جاگير ۽ جائداد ڏني هئي. شهزادو مير صوبدار خان جيڪو هينئر 25 سالن جو هو. تنهن چاچن کان زيورن ۽ ملڪيت لاءِ گهر ڪئي. جيسين مير صاحب فيصلو ڪن تنهن کان اڳ شهزادو پنهنجي اتاليق هوش محمد حبشي کي ساڻ ڪري شڪار جي بهاني سان لاڙ ڏانهن نڪري ويو. اُتي پنهنجي منشي پرتاب راءِ معرفت جواهر وڪڻي اٺ هزار لشڪر گڏ ڪري چاچن خلاف بغاوت ڪري ڪئي. مير رڪن الدولہ بهادر مير مراد علي خان کي سائنس مقابلي ڪرڻ لاءِ روانو ڪيو. مير صاحب وڃڻ شرط ناٿي جي ڳوٺرين جا منهن پٽي باغين جا وات بند ڪيا. شهزادي وٽ اٺ هزار سپاهين مان فقط 12 سو وڃي بچيا. سندس ملڪيت ۽ جاگير کيس ڏني وئي. معاملو خير ۽ خوبي سان حل ٿي ويو[1].

**مرزا خسرو بيگ جي گورنر سان ملاقات:**

مرزا خسرو بيگ جيڪو هن وقت ويهن ورهين جو هو. سندس مدبري ۽ لياقت کي ڏسي مير رڪن الدولہ بهادر وزارت جو قلمدان سپرد ڪيو هو. حڪومت جا اندروني توڙي خارجي معاملا سندس صلاح ۽ مشوري سان هلڻ لڳا. انگريزن گنڊريل ڪڇ جي فسادن کي روڪڻ ۾ جيڪو خرچ ڪيو هو، ان جي ٽالپرن کان گهر ڪرڻ لڳا. ان کان سواءِ جيسلمير جي ڪن رهاڪن حيدرآباد ۾ اچي سڪونت اختيار ڪئي هئي، جنهن تي رياستن اعتراض اٿاريو هو. ڪڇ جي سرحد تي کوسن جي ڪاروائين کي روڪڻ لاءِ انگريزن سرحد تي فوجي چوڪيون ويهاريون هيون. مٿين مسئلن کي حل ڪرڻ لاءِ مرزا خسرو بيگ بمبئي جي گورنر ايلفنسٽن کي روبرو گڏجڻ لاءِ روانو ٿيو. 9 ڏينهن جي سمنڊ جي مسافري

---

[1] Kalichbeg Furedunbeg: History of Sindh, Vol.II, PP.218-19

ڪانپوءِ بمبئي پهتو. آخوند محمد بقا ۽ محمد عابد ٺٽوي جيڪي دربار جا مدبر هئا، ساڻس گڏ هئا. بمبئي پهچڻ وقت انگريزن 24 توبن سان ٽالپرن جي سفير جي سلامتي ورتي ۽ ٻن هزار سولجرن هتيار پيش ڪيا. ڇئن گهوڙن واري گاڏي ۾ مائونٽ ستيوئرٽ ايلفنسٽن مرزا کي پنهنجي ساڄي پاسي کان ويهاري وٺي هليو ۽ هڪڙو عاليشان بنگلو وفد جي رهائش لاءِ مقرر ڪيائين[1]. هي ساڳيو ايلفنسٽن هو جنهن ڪابل کان انگريزن کي سنڌ تي ڪاهه ڪرڻ لاءِ لکي موڪليو هو[2]. سنڌ متعلق سندس چوڻ هو ته انگريزن لاءِ ايشيا ۾ سياسي مشغولي آهي. مرزا خسرو بيگ انگريزي طرز معاشرت کان بلڪل بي خبر هو. هڪڙي پيري ناچ جي موقعي تي ناٽي جون ٽيلهيون ڪٽي پنهنجن ٻن رفيقن سان ناچ گهر ڏانهن ويو. جڏهن گورنر جي زال جي ناچ جو وارو آيو، تڏهن مرزا جي اشاري تي آخوند هڪ هزار روپين جي ڳوٿري مٿدم تان گهور ڪئي. سمورا انگريز اها رويڪار ڏسي اچرج ۾ پئجي ويا. گورنر مرزا کي چيو ته اسان مغربين ۾ اها رسم ڪانهي. ميرزا حاضر جوابي ۾ لاثاني هو، هن چيو ته اسان مشرقين ۾ اها رسم آهي. ٻي پيري مرزا وري رپيا گهور ڪيا. بمبئي جي شهر ۾ انهن ڏينهن ۾ هندستان جي ٻين شهرن جي مقابلي ۾ مهانگائي هئي. شهر ۾ هوٽلون ڪين هيون. اسپلانڊ وٽ ماڻهو تنبن ۾ رهندا هئا[3]. مرزا صاحب بمبئي ۾ ٽن ڏينهن تائين گورنر جو مهمان رهيو. انگريزن جيڪا ستر هزار رپين لاءِ گهر ڪئي هئي سا رد ٿي، پر هن سفر ۾ مرزا هڪ لک رپيا خرچ ڪيا. ڊاڪٽر جيمس برنس جو بيان آهي ته ٽالپرن جي دربار ۾ مرزا جو وڏو اثر رسوخ هو. ٽالپر مير سندس صلاح ۽ مشوري تي هلندا هئا. هو وڏي هلنديءَ وارو شخص هو.

[1] J.Burnes: A Narrative of a visit to the court of Sindh, P.110

[2] مائونٽ ستيوئرٽ ايلفنسٽن ڪمپني جو تجربيڪار عملدار هو. ديسي زبانن کان واقف هئڻ ڪري لارڊ ويلزلي گهڻو پسند هو. پهريان پوني جي انگريزي ريزيڊنٽ ڪرنل ڪلوز جو نائب مقرر ٿيو. وري جڏهن ڪلوز حيدرآباد دکن جو ريزيڊنٽ مقرر ٿيو، تڏهن ايلفنسٽن پيشوابا جي راءِ جي دربار ۾ ريزيڊنٽ مقرر ٿيو. سنہ 1802ع ۾ ڪابل ڏانهن سفير ٿي ويو. 1819ع کان 1827ع تائين بمبئي جو گورنر ٿي رهيو. هن هندستان جي تاريخ لکي.

[3] J.Douglas: Bombay & Western India, P.187 London, 1893

**عمرڪوٽ تي ٽالپرن جو قبضو:**

عمرڪوٽ ٽالپرن هيڪر جوڌپور جي راجا کان فتح ڪيو هو، پر پيهر راجپوتن قبضو ڪيو هو. ضلعي جي ساليانيءَ اُپت 23 هزار رپيا هئي[1]. مير سهراب خان جي پاءُ مير غلام محمد خان اڳ عمرڪوٽ تي ڪاهه ڪئي هئي، پر راجپوتن سان وڙهندي شهيد ٿيو هو. مير سهراب خان کي اُن ڏينهن کان پاءُ جي وير وٺڻ لاءِ عمرڪوٽ فتح ڪرڻ جو ارادو هو. هينئر مير سهراب خان رڪن الدولہ بهادر کي پنهنجي ارادي کان واقف ڪيو. مير ذي الشان پنهنجن ٻن سپهہ سالارن مان نواب طاهر ۽ نواب ولي محمد خان لغاري کي لشڪر ڏيئي عمرڪوٽ ڏانهن روانو ڪيو. مير سهراب خان جو سپهہ سالار سيد گولي شاهہ بہ فوجن سميت ساڻن گڏيو. جوڌپور جي راجا امير خان روهيلي کي روهيلن ۽ راجپوتن جي لشڪر سان عمرڪوٽ ڏانهن روانو ڪيو. مير ڪرم علي خان شاعري مذاق رکندڙ هو. هن هڪڙي خط ۾ هڪڙي فارسي ۾ رباعي لکي موڪلي. خط متس اثر ڪيو. هن عمرڪوٽ وڃڻ کان انڪار ڪيو. راجا جي ٻن سپهہ سالارن راجپوت لشڪر سان قلعي مان ويهي مقابلو ڪيو. نواب طاهر خان جيڪو خدمتگاري جي پيشي کان فوجي لياقت ۽ تجربي ڪري فتح سبزل ڪوٽ کان پوءِ نوابي جي رتبي کي پهتو هو، تنهن قلعي جي بنياد ۾ سرنگ هڻائي بارود سانڍايو جنهن ڪري قلعي جي ديوار ڪري پئي. ٽالپرن جي فوج اندر داخل ٿي، گهڻائي راجپوت مارجي ويا ۽ ڪي گرفتار ٿيا. باقي ڀڄي ويا. عمرڪوٽ تي ٽالپرن جو قبضو ٿي ويو[2]. تاريخ وقائع راجستان ۾ لکيل آهي تہ

---

(1) Dr.H.R Gupta: Letter Moghal History of the Punjab, P.272

(2) امير خان پناڻ جو پيءُ طالع خان اصل بُنير جي علائقي جو پناڻ هو. محمد شاهہ جي ڏينهن ۾ هندستان ۾ آيو هو ۽ نواب محمد علي خان روهيلي وٽ نوڪر ٿيو. جڏهن محمد شاهہ روهيل نواب تي ڪاهہ ڪئي، تڏهن طالع خان جان بچائي سنڀل پهتو؛ جتي هن انتقال ڪيو. سندس پٽ محمد حيات خان کي نواب علي محمد خان روهيلي جي سپهہ سالار ٻونڊي خان نوڪر رکيو. ٻونڊي خان جي مرڻ کان پوءِ حيات خان زميندارِي پيشہ ٿي گذران ڪرڻ لڳو. سنہ 1182ھ/1764ع ۾ هن وفات ڪئي. سندس پٽ امير خان پهريان غلام قادر روهيلي جي فوجن ۾ نوڪر ٿيو بعد ۾ 1806ع ۾ جسونت راءِ هولڪر جو سپهہ سالار مقرر ٿيو. نربدا کان وٺي ستلج تائين راجپوتانا سميت فوج ڪشي ۽ ڦرلٽ ڪرڻ لڳو. مرهٽن جي شڪست کان پوءِ نومبر 1817ع ۾ هن انگريزن جي آڏ ميچي، ڪيس ٽونڪ جي رياست انگريزن کان ملي. 1250ھ/1834ع ۾ هن وفات ڪئي.

وقائع راجستان: مولوي نجم الغني، جلد: 2، ذڪر ٽونڪ، شاهنامہ سنڌ، ص. 90

جوڌپور جي راجا 1807ع ۾ عمرڪوٽ تي قبضو ڪيو هو. ٽالپرن سنہ 1813ع ۾ متس قبضو ڪيو. سنہ 1835ع ۾ انگريزن ۽ جوڌپور جي راجا جي وچ ۾ هيو عهدنامو ٿيو، جنهن موجب راجا انگريز لشڪر پاڻ وٽ رکڻ جي عيوض هڪ لک 15 هزار رپيا انگريزن کي ڏيڻا ڪيا ۽ اهو بہ شرط پيش ڪيو تہ انگريز عمرڪوٽ ٽالپرن کان کسي عمرڪوٽ جوڌپور جي حوالي ڪندا. ساڳي طرح جيسلمير جي مهاراول گج سنگهہ بہ انگريزن کان شاهہ ڳڙهہ، گرسيا ۽ ڪوٽڙہ قلعن لاءِ گهر ڪئي، جيڪي سهراباڻي سرڪار جيسلمير کان فتح ڪيا هئا. راول انگريزن سان واعدو ڪيو تہ انگريزن جي سنڌ تي ڪاهہ ڪرڻ وقت هو، ڪين لشڪر لاءِ اُٺن جي مدد ڪندو.

**شڪارپور تي ٽالپرن جو قبضو:**

سنہ 1747ع ۾ نادر شاهہ جي پڄاڻي کان پوءِ سکر، بکر، شڪارپور دراني سلطنت جي ماتحت هئا. دراني سلطنت پاران شڪارپور ۾ نائب حڪومت هلائيندا هئا، وٽن 17 سؤ سوار فوج ۽ 143 توپون حفاظت لاءِ موجود رهنديون هيون. درانين جي خاتمي کان پوءِ بيگلربيگي قلات، ٽالپر، بهاولپور خودمختياري حاصل ڪئي، ڪشمير، ملتان ۽ ديره جات جا علائقا پشاور سميت رنجيت سنگهہ ڦٻائي ورتا. شڪارپور جو دولتمند شهر واپار جو مرڪز هو، تنهن کي هر وقت خالصا فوج کان خطرو رهندو هو. ان ڪري امير رڪن الدولہ بهادر بلوچي سردارن ۽ رئيسن کان فوجون ورتي، ڪن کي نقد ناڻو ڏيئي هڪڙو جرار بلوچي لشڪر سپهہ سالار نواب ولي محمد خان لغاري ساڻ ڪري شڪارپور پهتو. مير مراد علي خان ۽ مير رستم خان بہ فوجن سميت شڪارپور پهتا. شڪارپور تي ان وقت نواب منصور خان حڪومت ڪندو هو، جيڪو 35هون نواب هو. نواب ولي محمد خان جمع خان بارڪزئي معرفت منصور خان کي شهر خالي ڪرڻ لاءِ چوائي موڪليو. منصور خان مقابلي جو تاب جهلي نہ سگهيو. شهر جي ائين دروازن جون چاٻيون ٽالپرن جي سپهہ سالار کي حوالي ڪري شهر کان نڪري ويو. ٽالپر اميرن جي هيءَ پوئين فتح هئي[1]. نواب ولي محمد خان کي سنڌس سياسي

---

[1] شڪارپور شهر کي لکي، هزاري، هاٿي، خانپوري، ڪرن، واڱٹو، سيوي، نوشره نالي اٺ دروازا هئا.

Kalichbeg Furedunbeg: History of Sindh, Vol.II, P.220

حڪمت عملي جي عيوض امير رڪن الدوله بهادر 3 هزار اشرفيون انعام ڏنيون مير صاحبن شڪارپور شهر جي انتظام لاءِ ڪچهريون مقرر ڪيون شهداداڻي سرڪار پاران سيد ڪاظم شاهه نائب مقرر ٿيو. شهر جي سالياني اُپت جي ستن حصن مان ڇئن حصن جي رقم 54 هزار رپيا شهداداڻي سرڪار کي ملڻ لڳا. باقي ٽن حصن جي رقم چاليهه هزار رپيا سهراباڻي سرڪار کي ملڻ لڳا. هي واقعو سنه 1244هـ/1824ع ۾ ٿيو. امير رڪن الدوله بهادر ۽ مير سهراب خان جو زمانو ٽالپرن جي دور جي اوج جو زمانو هو.

## انگريزن جي طاقت اڳيان سنڌ جي حيثيت:

لارڊ هيسٽنگس جي ڏينهن ۾ هندستان خاص ڪري دکن ۾ انگريزن خلاف نفرت پکڙيل هئي. گورنر جنرل وٽ ايلفنسٽن ۽ سر جان مالڪوم به زبردست ڇاڙتا هئا. جن مرهٽا سردارن جي پيشوا سان ڦيتاڙو وجهي سنه 1818ع ۾ ٻي مرهٽا ويڙهه ۾ پيشوا جي مسند جو خاتمو ڪري ڇڏيو هو. سنه 1819ع ۾ ٽين مرهٽا ويڙهه ۾ مرهٽا سردارن هولڪر، ڀونسلي، گائڪواڙ انگريزن جي آڏ مڃي. سنڌيا جنهن جو ڏونڪو اڳ دهلي ۽ ڪابل تائين ٻڌجڻ ۾ آيو تنهن کي انگريزن جهڪائي ڇڏيو. وچ هندستان جا شاداب علائقا ڪمپني سرڪار جي قبضي هيٺ اچي ويا. لارڊ هيسٽنگس نڳين ۽ هٿيارن جي زور تي پنجاهه هزار چورس ميل ملڪ ڪمپني سان لاڳو ڪيو. اهڙين حالتن پٽاندڙ سنڌ فتح ڪرڻ انگريزن لاءِ بلڪل آسان ڪم هو. ڪوسن جي سازش جي بهاني سان گورنر جنرل جي سنڌ تي ڪاهه ڪرڻ جي مرضي هئي، مگر ميٽڪاف جي چوڻ تي ٽري ويو. ڪوسن ڪڇ تي جيڪي حملا ڪيا هئا، تن جو مکيه سبب هن ريت هو جو ڪڇين سنڌي واپارين ۽ حاجين جي قافلن کي بمبئي ڏانهن ويندي ڪڇ جي سرحد تي لٽيو هو[1]. ٽالپر اميرن کي سموري خبر هئي. هو انگريزن جي قوت کان واقف هئا، ان ڪري معاهدي جي شرطن تي پابند هئا. جيئن انگريزن کي ڪاهه ڪرڻ لاءِ وجهه نه ملي. ايلفنسٽن ۽ مالڪوم کي اُميد هئي ته سنڌن سياسي چالبازين جو ڪمپني قدر ڪري ڪين گورنر جنرل جو عهدو ڏيندي مگر اُهي پنهنجن ارادن ۾ ناڪام ۽ نامراد رهجي ويا. سنڌن

[1] J.W.Kaye: selection from the Pepers of Lord Metealfe, 1819-1820, PP.46-48

اشڪ شوئي لاءِ ڪمپني کين گورنري جو عهدو ڏنو. ايترين فتحن هوندي به انگريز عملدارن هندستان ۾ سڌارن ڪرڻ بدران پنهنجا کيسا ڀريا. انگلينڊ کي به هنن فائدا ڏنا. ڳرين ڍلن مڙهڻ کان سواءِ هندستان جي هنرن کي ڪمزور ڪرڻ لاءِ سفيد فام درندن هر طرح حيلا هلايا. هندستان جي رهاڪن جي مقابلي ۾ سنڌ جا آبادگار ميرن جي صاحبي اندر امن امان ۽ آسودگي سان زندگي بسر ڪري رهيا هئا.

**لارڊ انمهرسٽ جي پاليسي:**

مارڪس آوهيسٽنگس ڪانپوءِ لارڊ ائمهرسٽ 1823ع کان 1828ع تائين هندستان جو گورنر جنرل ٿي رهيو. سنڌس ڏينهن ۾ برما جي ڀهرين ويڙهه لڳي. ڪمپني جا 13 ڪروڙ رپيا خرچ ٿي ويا، پر فائدو ذري جيترو به نه پهتو. ڪتل ڪمپني جي خزانن کي ڀرڻ لاءِ گورنر جنرل ڏيهي حڪمرانن کان زوري ڳرن قرضن ڏيڻ لاءِ گهر ڪرڻ لڳو. اوڌ جا نواب جن جو وجود دراني ڪاهن ۽ سنڌيا جي مقابلي لاءِ اڳ انگريزن لاءِ مفيد هو، هينئر بيڪار ٿي چڪو هو. پنجاب تي رنجيت سنگهه جي حڪومت هئي، وچ ايشيا جي فاتحن لاءِ هينئر اٽڪ ٽپڻ مشڪل هو. گورنر جنرل کي گهر ڪرڻ سان اوڌ جي نواب ڏهه لک پائونڊ قرض ۾ ڀهرين قسط ڏني ۽ ٻن سالن جي مدي اندر پنج لک پائونڊن وڌيڪ ڏيڻ لاءِ هن انجام ڪيو. ناگپور جي پونسلي کي پنج لک پائونڊ ڏيڻا پيا. بنارس جي راجا کي ويهه هزار پائونڊ ڏيڻا پيا، بلڪ معزول پيشوا جو ڪمپني جي ٽڪرن تي پلجي رهيو هو، تنهن کي قرض ڏيڻ لاءِ وظيفي جي رقم مان بچت ڪرڻي پيئي. مٿين رقمن گڏ ڪرڻ جو سبب محض هي هو جو وائيسراءِ جي برما جي جنگ لڳڻ ڪري ولائت ۾ گهٽي بي عزتي ٿي هئي. مٿين بدنامي جي داغ کي مٽائڻ لاءِ گورنر جنرل ڏيهي نوابن ۽ راجائن جي ڳنڍ ڪپڻ لڳو[1]. سنه 1848ع ۾ لارڊ ائمهرسٽ ولائت ڏانهن روانو ٿيو. برما جي جنگين ڪري ڪيس سنڌ ڏانهن رجوع ٿيڻ کان فرصت ڪانه ملي هئي ان ڪري سنڌ جو سوال نئين گورنر جنرل لارڊ وليم بينٽڪ جي حوالي ڪري ويو، جيڪو 1835ع تائين گورنر جنرل رهيو.

---

(1) Ludlow. Jhon Malcolm: History of British India, London, 1859

**مير ڪرم علي خان جي وفات:**

سنه 1244هه/1828ع ۾ مير ڪرم علي خان رڪن الدوله بهادر ڪجهه ڏينهن بيمار رهي وفات ڪري ويو. سندس عاليشان مقبرو حيدرآباد شهر لڳ آهي ۽ مشرقي عمارت سازي جو نمونو آهي. وفات مهل پنهنجي پياري وزير مرزا خسرو بيگ کي وصيت ڪري ويو ته سندس سواري جي گهوڙي "آزاد" کي ماري ڇڏي ۽ سندس ترار کي حرم جي ڏيڏي تي ڀڃي پرزا پرزا ڪري ڇڏي. مير رڪن الدوله بهادر پنهنجي وقت جو سخن دان شاعر ٿي گذريو. سندس تخلص ڪرم هو. سندس فارسي غزلن جي مجموعي کي عبدالله خان قنڌاري سنه 1245ع ۾ مرتب ڪري مٿس "ديوان ڪرم" نالو رکيو. مير صاحب جي وقت ۾ سيد ثابت علي شاهه شاعر هو.

باب ائون

# مير مراد علي خان "امير الدوله بهادر"

## مير مراد علي خان جو گادي تي ويهڻ:

16 جمادي الثاني سنہ 1244ھ/1828ع ۾ پاءُ جي وفات کان پوءِ شاهہ مراد علي خان امير الدوله بهادر گادي تي ويٺو. پهرين چئياري جو پويون فرمانروا هو. هن سياڻپ سان حڪومت هلائي. بلوچي سردارن ڪي اتحاد ۾ منظم ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿيو. رنجيت سنگهہ، ڪڇ ۽ مارواڙ جي راجائن، مسقط جي امام، بيگلر بيگي قلات، ايران جي قاچار فتح علي شاهہ سان سندس دوستاڻا لاڳاپا هئا. شاهہ قارچار کيس پنهنجي ڌيءَ جو سڱ ڏيڻو ڪيو، پر مير نامدار پيرسني ڪري منظور نہ ڪيو. سندس ڏينهن ۾ هيڪر وري شاهہ شجاع وٽس مهمان ٿي لٿو. مير صاحب شڪارپور شهر جي آمدني معزول بادشاهہ کي بطور مهماني ڏيئي اُماڻيو.

## ٽالپري سڪو رائج ڪرڻ:

سنڌ هينئر ڪابل کان بلڪل آزاد هئي، ان ڪري مير مراد علي خان امير الدوله بهادر پنهنجو سڪو رائج ڪرائڻ لاءِ حيدرآباد ۾ ضرب خانو جاري ڪرايو ۽ حڪم ڏنو تہ شاهي خزاني ۾ جيڪا بہ چاندي ۽ سون گڏ ٿيل آهي، سو رعايا جي ملڪيت آهي منجهانئس رپيا ۽ اشرفيون تيار ڪجن. مٿيون ڪم وقت جي ڪاريگر اوستي فتح محمد خان جي سپرد ڪيو ويو، جنهن رپيا ۽ اشرفيون تيار ڪيون. ٽالپري رپئي جي قيمت ڪمپني جي ڏهن آنن جيتري هئي، ان ڪري ماڻهو گهٽ ڪري ڪمپني جا رپيا پسند ڪندا هئا. سنڌ ۾ اطالوي ۽ پرتگالي اشرفيون بہ چالو هيون[1]. امير الدوله بهادر جي زماني ۾ سنڌ ۾ پهريون دفعو ٽالپري سڪو رائج ٿيو[2].

---

[1] R. Hughes Buller: Makran Gazetteer, Currency, Bombay, 1906

[2] سنہ 1942ع ۾ مير محمد ٽالپر ماڻڪاڻي جي خزاني ۾ مون هڪڙو ٽالپري رپيو ڏٺو، جنهن ۾ هڪڙي طرف کان ضرب سنڌ بي پاسي سلاطين جهان عبارت لکيل هئي. اهو رپيو سائيز ۾ انگريزي پاؤلي جيترو هو.

**بلوچن خلاف سپريم گورنمينٽ کي شڪايت:**

کوسن جون ڪاروايون ڪڇ جي سرحد تي دستور موجب چالو رهنديون آيون. انگريز 25 لشڪرن سان مظاهرا ڪرڻ لڳا. سنہ 1832ع ۾ کوسن پالنپور جي هڪڙي سيٺ کي اسلام ڪوٽ وٽ ڦريو. ساڳي سال بلوچن رحمڪي بازار کي لُٽيو. کوسن سان واگهيلا بہ شامل هئا. ڀڄ جي انگريز ريزيڊنٽ ڪرنل پاٽنجر هڪڙي پاسي ٽالپرن کي شڪايت ڪئي، ٻي پاسي 7- مئي 1832ع ۾ ڪلڪتي جي سپريم ڪورٽ کي رپورٽ ڪئي. گورنر جنرل اجمير جي، انگريز ريزيڊنٽ کي جيسلمير ۽ جوڌپور جي راجائن جي ڪانفرنس ڪوٺائڻ لاءِ حڪم ڏنو. ڪانفرنس ڪوٺائڻ جو اهو مطلب هو تہ مارواڙ جا راجا انگريزن کي کوسن سان جنگ ڪرڻ لاءِ گڏجي مدد ڪن. انگريزن جي خاص مرضي هئي تہ سنڌ تي ڪاهہ ڪن. مير مراد علي خان امير الدولہ بهادر سڀني بلوچ سردارن کي فوجون گڏ ڪرڻ لاءِ حڪم ڏنو. رئيسن ۽ جاگيردارن جي رتبن ۾ اضافو ڪيو ۽ ڪن کي سندون ۽ پروانا لکي ڏنا. کوسن جا واقعا ماٺڪاٽي سرڪار جي حدن ۾ ٿي گذريا. مير ٺاري خان کي ٽي فرزند مير غلام الله، مير غلام حيدر، مير علي مراد هئا. جن مان پويون سندس وفات کان پوءِ گادي تي ويٺو. هو وڏو فياض هو، ان ڪري سخي جي لقب سان سڏبو هو. مير علي مراد خان ماٺڪاٽي بہ بلوچي رئيسن ۽ شاهي خاندان وارن ٽالپرن کي جاگيرون ڏنيون. فوجي استحڪام کان پوءِ امير الدولہ بهادر درٻاري مدبرن مان سيد باقر شاهہ کي ڀُڄ ڏانهن ايلچي ڪري روانو ڪيو. جنهن انگريز ريزيڊنٽ کي پڪ ڏني تہ ٽالپر اميرن جو کوسن جي ڦُرلٽ سان ڪو واسطو ڪونهي. مٿين تصدين کان پوءِ برٽش ريزيڊنٽ ڪرنل پاٽينجر ڪپتان رابرٽ ۽ ڪرنل لچ فيلڊ کي فوجون ڏيئي کوسن جي گرفتاري لاءِ روانو ڪيو. ڪمپني جا ايجنٽ ڪنهن بہ ملڪ نسبت جيڪا رپورٽ پيش ڪندا هئا تہ. ڪمپني سرڪار سندن رپورٽن کي وزن ڏيندي هئي. اهڙن ايجنٽن مان ڪرنل پاٽينجر، سر هارڊ فورڊ جونس، سر گوراوزلي، ايلفنسٽن، لارڊ منٽو، ڪرنل جيمس ٽاڊ، سر جان مالڪوم نام ڪٺيا ايجنٽ ٿي گذريا. ان وقت سرجان مالڪوم بمبئي جو گورنر هو ۽ ڪرنل هينري پاٽينجر سندس پاران ڀڄ ۾ ريزيڊنٽ هو. انڪري ضروري هو تہ گورنر

جنرل سنڌس رپورٽن موجب جوڳو قدم کڻي[1]. 20- آڪٽوبر تي پوني جو لشڪر بمبئي کان روانو ٿيو. ٿرپارڪر کي خطرو هو. ان ڪري ٽالپرن جي بي آرامي پکڙجي وئي. امير الدولہ بهادر منشي سيد رحمت الله سان بلوچي سردارن کي هم رڪاب ڪري ٿرپارڪر ڏانهن موڪليو. ٿرپارڪر جي سياسي حلقن ۾ مختيارڪار سردار غلام شاهہ لغاري کي حڪم مليو تہ بلوچي وفد سان گڏجي حالتن کي جاچي دربار کي رپورٽ پيش ڪري. مگر گورنر جنرل کي اچڻ سان پنڊارين سان مقابلو ڪرڻو پيو. ان ڪري سنڌ جي سرحد تي انگريز فوجي نمائش ڪرڻ کان سواءِ ٻيو ڪوبہ قدم کڻي نہ سگهيا. في الحال ڪوسن جو سوال اتي ختم ٿي ويو. پر هو ڦُرلٽ ڪرڻ کان هرگز باز نہ رهيا[2].

**سيد احمد بريلوي جو سکن خلاف جهاد:**

ايسٽ انڊيا ڪمپني جي راڄ ۾ انگريزن جي پاليسي هندستان اندر مسلمانن جي خلاف هئي. سنہ 1803ع ۾ لارڊ ليڪ جي فوجن اسلامي سلطنت جي مرڪز دهلي تي قبضو ڪيو. مغل شهنشاهہ فقط نالي طور شهنشاهہ هو. پر ڪمپني جي دفتري زبان فارسي هئي ۽ سلطنت جي ڪاتن جو ڪاروبار گڏريل مغليہ نظام حڪومت وانگر هلي رهيو هو. انگريزن نئين مغربي تهذيب جو بنياد وڌو. هندن ان کي منظور ڪيو. ان ڪري عهدا هندن کي ملڻ لڳا. ڪمپني جي ڪورٽ جي ڊائريڪٽرن انگريز عملدارن کي هندستان اندر هدايت ڪئي تہ عربي زبان بدران سنسڪرت کي ترقي ڏيارين. نوبت ايتريقدر پهتي جو مسلمانن کي پنهنجي مذهب ۽ اسلامي تهذيب جي حفاظت ڪرڻ جو خيال جاڳيو. اسلامي سلطنت جي اقبال کي مٽندو ڏسي، مغربي تهذيب

---

[1] سرجان مالڪوم پهريان ايسٽ انڊيا ڪمپني جي فوجن ۾ ميجر هو. پوءِ گورنر جنرل پاران وچ هندستان جي مختلف رياستن ۾ پوليٽيڪل ايجنٽ ٿي رهيو. ايران ڏانهن ايلچي ٿي ويو. سرائڊورڊ برائون وانگر فارسي زبان جو اديب هو. 1827ع ۾ ايلفنسٽن جي رٽائرڊ ٿيڻ کان پوءِ بمبئي جو گورنر مقرر ٿيو. 1830ع ۾ ولايت ڏانهن ويو. سنڌس تاريخ ايران مشهور آهي. 5- آڪٽوبر 1832ع ۾ مير مراد علي خان سردار غلام حيدر بجراڻي معرفت کي کوسا گرفتار ڪرائي انگريزن جي حوالي ڪيا.

[2] Pre Munity Records of the Commisinors in Sindh "Sindh Mission" P. 288

جي سيلاب کي روڪڻ لاءِ شاه ولي الله دهلوي سنه 1735ع ۾ ڪتاب "حجت البلاغه" معرفت مسلمانن کي سجاڳ ڪيو. تنهن کان پوءِ 1737ع ۾ شاه صاحب قرآن شريف جو فارسي ۾ ترجمو ڪيو. بلڪ شاه صاحب هندستان کي "دارالحرب" جنگ جو ميدان سڏڻ لڳو[1]. سندس ٻن فرزندن شاه عبدالعزيز (المتوفي 1824ع) ۾ شاه رفيع الدين (1749ع-1818ع) ۽ شاه عبدالقادر (1753ع-1815ع) قرآن شريف جو اردوءَ ۾ ترجمو ڪيو. منجهانئس شاه عبدالقادر جو ترجمو سندن مريدن مان سيد عبدالله 1829ع ۾ هوگلي مان شايع ڪرايو. اٿين چوڻ درست ٿيندو ته انگريزن جي اچڻ کان پوءِ پهريون دفعو هندستان جا مسلمان قرآن شريف جي ترجمي کان واقف ٿيا. شاه عبدالعزيز "ترغيب محمديه" تحريڪ شروع ڪئي، جنهن کي وهابي تحريڪ سڏين ٿا. بلڪ شمس الهند شاه عبدالعزيز فتويٰ ۾ ڏيکاريو ته انگريزي زبان سکڻ کان پوءِ جيڪڏهن ڪوبه مسلمان انگريزي تهذيب اختيار ڪندو ته ڪافر سڏبو. 19هين صدي جي شروعات ۾ هندستان جا مسلمان پنهنجي سياسي زوال کي معلوم ڪرڻ کان پوءِ بيدار ٿيڻ لڳا. اسين اڳ ڏيکاري چڪا آهيون ته مٿين تحريڪ ڪري سنڌ ۾ پهريون دفعو مٽيارين جي مخدوم عزيزالله (المتوفي 1272ه) ۾ قرآن شريف جو پهريون سنڌي ترجمو تيار ڪيو. جيڪو ڪيترائي دفعا بمبئي ۾ ڇپجي سنڌ وارن لاءِ بيحد برڪت ۽ خير جو باعث بڻيو. رنجيت سنگهه جي ڏينهن ۾ پنجاب اندر سکن جيڪي مسلمانن تي ظلم ڪيا، تن جي خلاف شاه عبدالعزيز جي ٻن مريدن سيد احمد بريلوي ۽ شاه اسماعيل شهيد جهاد جو اعلان ڪيو.

## سنڌ جي حُرن جو جهاد ۾ حصو وٺڻ:

سنه 1824ع ۾ سيد بريلوي حيدرآباد سنڌ پهتو. سيد صبغت الله شاه ڪيس حُرن جو دستو امداد طور ڏنو. ڇاڪاڻ جو بنگال کان وٺي ياغستان تائين جهاد جو مسلمانن جهنڊو بلند ڪيو هو. سنڌ کان بولان رستي سيد احمد

---

[1] شاه ولي الله جي قرآن جي فارسي ترجمي کان سواءِ ڪتاب "ازالة الخلفا" مشهور آهي.

ياغستان پهتو ۽ 23- جون 1830ع ۾ هن سکن کان پشاور فتح ڪيو. پر پوءِ مريدن جي سازش ڪري پنهنجي خليفي اسماعيل سميت مئي 1831ع ۾ سکن سان وڙهندي شهيد ٿيو[1].

**بيروني واقعات ۽ لارڊ وليم بنيٽڪ جي پاليسي:**

انگلينڊ ايران سان معاهدو ڪيو هو ته جيڪڏهن ڪابه مغربي طاقت روس تي دٻاءُ وجهي ايران تي حملو ڪندي ته انگريز ايران جي مدد ڪندا. سنه 1826ع ۾ روس ايران تي ڪاهه ڪئي. انگلينڊ ڪابه مدد نه ڪانه ڏني، ڇاڪاڻ جو يونان جي مسئلي سبب انگلينڊ ۽ روس ترڪي خلاف پاڻ ۾ ہٿ هئا. برطانوي وزير خارجه لارڊ ڪئننگ شاهه ايران کي ٿوري رقم ڏيئي پرچائي ڪئي. سنه 1828ع ۾ ايران شڪست کاڌي، روس جو ايران تي اثر پوڻ لڳو. سنڌ اهڙو ملڪ هو، جنهن تي قدم ڄمائڻ سان انگريز پنجاب، ڪابل ۽ ايران تي چڪاس رکي ٿي سگهيا. لارڊ وليم بنيٽڪ جي پاليسي گنڊيل گورنر جنرلن وانگر لُٽ مار هئي. مڪالي سندس باري ۾ لکي ٿو ته هن کي هندستانين جي سڌاري جو گهڻو خيال هو. ان ۾ شڪ ڪونهي ته هو هندستان جي حالتن کان واقف هو.گورنر جنرل ٿيڻ کان اڳ مدراس جو گورنر هو. انگريزن وانگر افغان، مغل فرمانروا به ڌاڙيا هئا. مگر انهن هندستان کي وطن جوڙي هن ملڪ جي خاڪ ۽ خون سان گڏجي ويا. هندستان جي دولت هن ملڪ ۾ خرچ ٿيڻ لڳي. سندن مقابلي ۾ هندستان کي انگريزن پنهنجو وطن ڪين جوڙيو

[1] سيد احمد بريلوي 1786ع ۾ راءِ بريلي ۾ پيدا ٿيو. پهريان پنڊارين سان شامل ٿيو، پوءِ امير خان پٺاڻ جي فوجن ۾ ننڍو عملدار هو. تنهن کان پوءِ شاهه عبدالعزيز جو مريد ٿيو. 1822ع ۾ مڪي وڃي عبدالوهاب نجدي جي وهابي تحريڪ مان واقف ٿيو. وري جڏهن شاهه عبدالعزيز ۽ شاهه عبدالحي پنهنجي فتويٰ ۾ هندستان کي "دارالحرب" ظاهر ڪيو، تڏهن سکن خلاف سيد احمد بريلوي ۽ شاهه اسماعيل شهيد جهاد جو جهنڊو بلند ڪيو. سندن مقصد هو ته انگريزن کي هندستان مان تڙي ڪيجي. نثار علي چانڊپوري انگريزن خلاف بنگال ۾ جهاد شروع ڪيو. 1831ع ۾ هن انگريزن سان جنگيون جوٽيون، آخر وڙهندي شهيد ٿيو. انگريز وهابي تحريڪ کي خطرو سمجهي ان کي دٻائڻ جي هر ڪا ڪوشش ڪئي.

Aspects of Shah Ismail Shahid, PP. 63-84, Lohore, 1943

منڊ کان وٺي پڇاڙي تائين اُهي ڌاريا تي رهڻ لڳا. هن ملڪ جي دولت تي انگلينڊ جا ڪتنب پلجڻ لڳا. عيسائي پادرين جي ذليل لٽريچر ڪري مسلمان نالان هئا. نئين چارٽر ملڻ ڪري فرنگي واپارين هندستان جي وڏن شهرن ۾ دڪان کوليا هئا. جتان هندستان جو دولتمند طبقو بيئر، ولائتي شراب خريد ڪندي سندن قرض هيٺ پيڙجي رهيا هئا. شيشي، چيني جا برتن، شمعدان، وڊ ڪٽ ۽ بارود جو سامان نيون شيون هيون، جن جا هندستاني خريدار هئا. جيئن ظاهريءَ اهي شيون هندستانين لاءِ عجيب ۽ غريب هيون، تيئن باطني طور سازشون ۽ نگيون ڪرڻ انگريز واپارين جو شيوو هو. مثال لاءِ پامر ۽ ڪمپني جو مالڪ لارڊ هيسٽنگس جو مائٽ هو. سندس دڪان حيدرآباد دکن ۾ هو، خود نظام جهڙو حاڪم سندس مقروض هو. انگريزي علائقن ۾ پوليس ۽ فوج جو انتظام هو، مگر ڳرين ڍلن ڪري رعايا پريشان هئي. فوجي عملدارن جي نظر ۾ هندستان جا نواب ۽ راجا دولتمند هئا، تن کي لُٽڻ لاءِ اهي هر وقت ساڻن جنگيون ڇيڙڻ جي ڪوشش ڪندا هئا. ڇاڪاڻ جو جڏهن انگريز فوج ڪنهن ملڪ تي ڪاهه ڪندي هئي ته لُٽ مار مان انگريزي ٽوٽي ديسي سپاهين کي حصو ملندو هو. اهڙي لُٽ مار کي پرائيزمني سڏيندا هئا. مدراس ڪاتي جي ديسي سپاهين جو ماهوار پگهار ساڍا ست رپيا ۽ بنگال جي سپاهين کي ساڍا پنج رپيا ماهوار پگهار ملندو هو. ڪين سال ۾ هڪڙو بنات جو ڪوٽ ۽ ٽن سالن کان پوءِ هڪڙي پتلون ملندي هئي، ان ڪري سپاهين جون ڊريسون بلڪل پراڻيون هيون. ديسي فوجن ۾ اڪثر مدراسي، مرهٽا، بنگالي، اوڌ ۽ يوپي جا پوربي ۽ اُتر اولهه هندستان جون قومون ڀرتي ٿينديون هيون. هڪڙو جهوني ۾ جهونو ديسي سپاهي صوبيدار يا ميجر صوبيدار جي عهدي کان مٿي هرگز چڙهي ڪين سگهندو هو. فقط ڦرلٽ ڪرڻ جي لالچ ڪري اهي بدنصيب ڪمپني جي فوجن ۾ ڀرتي ٿيندا هئا. بمبئي ۽ مدراس جي ديسي سپاهين کي ناتال جي موقعي تي ٿورا گهڻا تحفا ملندا هئا، مگر بنگال جا سپاهي اهڙين نوازشن کان محروم هئا. پراڻا فوجي انگريز عملدار ديسي سپاهين سان عزت سان پيش ايندا هئا. نوان عملدار جيڪي ولايت کان بدلي ٿي ايندا هئا، تن جي ديسي سپاهين سان هلت نهايت انسان سوز هئي. غصي وقت اُهي

ديسي سپاهين تي درندن وانگر حملا ڪندا هئا. شريف هندستانين کي هر وقت منجهانئن خوف رهندو هو. مثال لاءِ 30 آڪٽوبر 1824ع ۾ بنگال جي ديسي فوجن کي جهاز رستي برما جي جنگ تي وڃڻ لاءِ حڪم هو. حالانڪ بدنصيب سپاهين کي ڏيڍ مهيني کان پگهار ڪين مليو هو. سندن ٻچا بک مري رهيا هئا. سر ائڊورڊ پئگٽ نئون ڪمانڊر ان چيف بلڪل شوخ طبع فرنگي هو. سپاهين پگهار لاءِ گهُر ڪئي. فقط ان قصور ڪري ڪمانڊر کي اهڙو غصو لڳو جو هن بي هٿيار سپاهين کي بارڪپور ڇانوڻي ۾ پريڊ لاءِ حڪم ڏنو. جڏهن هو سڌا سنوان تي بيٺا ته پٺيان انگريزي سولجرن مٿن توبن سان باهه وسائي. غريب سپاهي بدحواسي جي عالم ۾ پر واري ندي ۾ ٽپي پيا مگر سمورا سولجرن جي گولين جو شڪار ٿي ويا. وري جيڪي منجهانئن سلامت بچيا، تن کي سولي تي لٽڪايو ويو[1]. انگريز سولجرن کي ڪاٺو ڪپڙو ۽ پگهار چڱو ملندو هو. تنهن هوندي به هميشه ڪتل رهندا هئا. پنهنجا هٿيار ۽ سامان وڪڻي گذر ڪندا هئا. نيلا جا دڪان شهرن ۾ سندن اچڻ ڪري کُليا. مغليه دور ۾ فحاشي ۽ بدمعاشي جي اڏن کي شهرن ۾ اجازت ڪانه هئي. اڪثر شهرن کان ٻاهر هوندا هئا. سولجرن ڪري هندستان جي هر هڪ شهر ۾ فحاشي جا اڏا کلي ويا. جنهن ڪري طرحين طرحين وچڙندڙ بيمارين هندستان ۾ منهن ڪڍيو.

ايسٽ انڊيا ڪمپني جا ايجنٽ جيڪي نوابن جي درٻارن ۾ رهندا هئا، سي گهڻو ڪري فوجي عملدار هئا. اهي ڪوشش ڪري غلط رپورٽون سپريم ڪائونسل کي پيش ڪندا هئا. جيئن جنگيون لڳن ۽ فوجي عملدارن کي لٽ مار مان حصا ملڻ. اهي مکيه سبب هئا جو هندستانين کي طرحين

---

[1] سنه 1832ع ۾ هندستان جي ڪمانڊر ان چيف سر جئسپر نڪولس لنڊن جي دارالعوام جي سليڪٽ ڪاميٽي اڳيان هندستاني سپاهين جي تعريف ڪندي تقرير ۾ ڄاڻايو هو ته هندستاني سپاهي وفادار هئڻ ڪري هر وقت عملدارن جي حڪم مڃڻ لاءِ منتظر رهن ٿا. ديسي پنج سو سپاهي هڪ هزار انگريز سولجرن جي مٽ آهن، ڇاڪاڻ جو جفاڪش ۽ محنتي آهن.

Sir.J.W.Kaye: History of Sepoy war, Vol.I, P.268 London, 1870

طرحين تڪليفون ڏيئي بلوچ لاءِ انگريز عملدار آماده ڪري رهيا هئا. انعام جي قيمت ۾ گورنر جنرل بہ حصيدار هئا. مثال لاءِ لارڊ هيسٽنگس جي ڏينهن ۾ ڪمپني سرڪار ڏيوالپڻي جو شڪار هئي ڪ پر چئن جنگين ڪرڻ کان پوءِ ايسٽ انڊيا ڪمپني کيس لکن پائونڊن جي جاگير عطا ڪئي. سنہ 1826ع ۾ انگريزي فوجن ڀرتپور جهڙي مضبوط قلعي کي ڏھ هزار بارود جي پائونڊن جي وزن سان سرنگھ وسيلي ڪيرائي راجا دروجن سال کي شڪست ڏني. انگريزن کي بيشمار زر ۽ جواهر هٿ لڳا، جن مان 48 لک رپيا پرائيز مني طور فوجن ۾ ورهايا ويا. ڪمانڊر ان چيف ڪومبر ميئر کي اٺ لک رپيا انعام جو حصو مليو(1). لارڊ وليم بينٽڪ جي ڏينهن ۾ ڪرگ فتح ٿيڻ وقت هر هڪ انگريز ڪرنل کي 25 هزار، ليفٽننٽ ڪرنل کي 15 هزار، ميجرن کي ڏھ هزار ۽ في ڪپتان کي 5 هزار رپيا انعام طور مليا هئا(2).حالانڪ اُتي جي راجا ٽيپو سلطان سان جنگين ڪرڻ وقت انگريزن کي مدد ڏني هئي. ڪمپني سرڪار ساڻس جيڪو دوستاڻو معاهدو ڪيو هو، تنهن ۾ ڏيکاريل هو تہ جيسين زمين، آسمان، سج، چنڊ موجود آهن، تيسين انگريز ساڻس دوست ٿي رهندا.

**ايسٽ انڊيا ڪمپني جا عملدار غدار هئا:**

راجا جو قصور فقط هي هو جو ڪرگ جو ملڪ زرخيز هو، آبهوا ٺورن لاءِ مفيد هئي. مٿيون ڳالهيون ٽالپر تاريخ سان ڪو واسطو نہ ٿيون رکن، مگر اسان جي بيان ڪرڻ جو مطلب هن ريت آهي تہ جيڪي طالب علم ميرن جي راڄ کي ناقص سمجهن ٿا، سي ان زماني جي ڪمپني جي راڄ ۽ سندس فرعون دماغ عملدارن جي بي وفائي ۽ فرعونيت کان واقف ٿين ۽ کين خبر پئي تہ ڪيئن انگريزن دغا ۽ فريب سان هندستان جا علائقا فتح ڪيا هئا ۽ نوابن ۽ راجائن سان ڪهڙا پير ڪنيا هئا. مغل شهنشاھ وٽ قلعہ معليٰ ۾ فقط ڪاٺ جو طائوسي تخت وڃي رهيو هو. کيس جيڪي انگريزن پاران وظيفو ملندو هو، سو سندس گذران لاءِ ناڪافي هو. هن لنڊن جي سرڪار ڏانهن راجا

---

(1) Journal of the Asiatic Society of Bangal, May, 183(, P.33 Calcutta

(2) J.C.Marsham: Abridgment of the History of India, P.356

راءِ موهن کي پنهنجي پاران وڪيل ڪري موڪليو هو ته سندس فريادن کان لنڊن سرڪار واقف رهي. اهڙيءَ طرح اوڌ جي نوابن جو زرخيز ملڪ ۽ خزانو ڪمپني جي عملدارن جي اکين تي بار وانگر هئا. ڪانئن تنگ ٿي لکنؤ دربار دوبوئس نالي هڪڙي فرينچ کي بطور وڪيل جي لنڊن ڏانهن روانو ڪيو هو ته ڪمپني جي ظلمن ۽ واعدي خلافين کان لنڊن سرڪار کي واقف ڪري. چاڪاڻ جو ديسي نوابن ۽ راجائن وٽ جيڪي پوليٽيڪل ايجنٽ رهندا هئا. سي سڌا سنوان گورنمينٽ سيڪريٽري جي ماتحت هئا. ڏين ديسي رياستن جي معاملن ۾ دخل ڏيڻ جا اختيار مليل هئا. هو جيڪي فيصلا ڪندا هئا. حڪومت سواءِ باز پرس ڪرڻ جي سندن فيصلن کي منظور ڪندي هئي. مغل شهنشاهه جي وظيفي کي گهٽائي آل تيمور جي بي عزتي ڪئي ويئي. پيشوا برهمڻ جي حويلي کي بدنام ڪيو ويو. جهانسي جي گادي جو سوال، جئه پور ۾ اڏيپوري جي نااتفاقي مان فائدو وٺي جوڌپور سرڪار تي دٻاءُ وجهي سانڀر جي قيمتي ڍنڍ تي انگريزن جو قبضو ڪرڻ. ڪڇ جي جاڙيجن جون زمينون کسي کين مفلس ڪرڻ چند مثال آهن. جن مان ريزيڊنٽن جي ناانصافين ۽ غدارين جو آساني سان پتو پئجي سگهي ٿو. هندستان جي حڪمران طبقي کي وٺي ويندي غريب ڪڙمي طبقي تائين سڀ انگريزي راڄ کان تنگ هئا. مگر بيوس هئا. چاڪاڻ جو انگريزن وٽ اعليٰ قسم جا هٿيار هئا.

**انڊس نيوي گيشن ڪمپني:**

ايم. ايلفنسٽن 1819ع کان 1827ع تائين بمبئي جو گورنر رهيو. سندس ڏينهن ۾ هندي وڏي سمنڊ، عربي سمنڊ، ايراني نار، بحيره قلزم تائين اڳ جيڪي بحري ڌاڙيل عرب لٽ مار ڪندا هئا، تن بمبئي ٻيڙي کان شڪست کاڌي. انگريزي ٻيڙي جو سڪو سمنڊن مٿان جاري ٿي ويو[1]. لارڊ وليم بينٽڪ جي زماني ۾ چٽگانگ کان وٺندي ڪراچي تائين ڪمپني سرڪار جو سڪو جاري ٿي ويو. ايتري بحري ۽ بري سطوت ۽ جبروت اڳيان پنجاب، قلات يا سنڌ جي ٽالپر حڪومتن کي ڪهڙي مجال هئي جو مقابلو

---

(1) J.C.Cotton: Rulers of India, M.Elphinstone, PP.169-170 Oxford, 1892

ڪري سگهن. مٿيون حڪومتون انگريزن جي نظر ۾ دراني سلطنت جا ٽڪڙا حصا هئا. خود رنجيت سنگهه جنهن وٽ اسي هزار تربيت يافته خالصا فوج هئي تنهن جو جوڙ هو ته پيشوا جي ٽي لک سوار فوجن کي انگريزن شڪست ڏني ته ٻيو ڪير هندستان اندر سندن مقابلو ڪري سگهندو. ٽالپر حڪومت ته ايلفنسٽن جي بيان موجب ڪمپني جي عملدارن لاءِ هڪڙي سياسي مشغولي هئي. وچ هندستان مان فارغ ٿيڻ کان پوءِ لارڊ وليم بينٽڪ سنڌ ۽ پنجاب ڏانهن رجوع ٿيو. هن سنڌو ندي تي واپار ڪرڻ لاءِ "ڊِي نيويگيشن آو انڊس" جي نالي سان هڪڙي جهاز ران ڪمپني تيار ڪرڻ جو خيال هو. اها ڪمپني حقيقت ۾ پنجاب، سنڌ ۽ بلوچستان لاءِ سياسي موت جي سزا جي گهنٽي هئي. مٿين تحريڪ جو باني موئرڪرافٽ نالي هڪڙو انگريز هو. جنهن سنڌوندي وارن ملڪن جي ڪشمير ۽ هماليه جبل تائين سياحت ڪئي هئي. هن لارڊ وليم بينٽڪ کي پڪ ڏني هئي ته سنڌو درياءَ جهاز راني ڪرڻ لاءِ مفيد آهي[1]. گورنر جنرل ارادو ڪيو ته جنهن ندي تان سڪندر مقدوني لنگهيو هو سو رستو واپار لاءِ ڪليل رهي. پنجاب جي خالصا سرڪار يا سنڌ جا ٽالپر جيڪڏهن رڪاوٽون وجهن ته انهن کي هر ڪنهن حيلي سان هٽائجي. سندس نظر ۾ واديءَ سنڌ واديءَ گنگا کان وڌيڪ دولتمند هئي. بمبئي جي گورنر سر جان مالڪوم به ظاهر ڪيو ته جيڪڏهن ڪمپني سرڪار کي اتر اولهه کان خطرو محسوس ٿيو ته ان حالت ۾ انگريزن کي سنڌو درياءَ تي لازمي طور قبضو ڪرڻو پوندو. مٿين تحريڪ ظاهري واپار ڪرڻ لاءِ ڪڙي ڪئي ويئي هئي، پر انگريزن جي خاص مراد هئي ته سنڌ تي ڪاهه ڪرڻ کان اڳ سنڌو درياءَ کي جاچي ڏسجي ۽ سندس سروي ڪئي وڃي.

### انگريزن جو سنڌوندي تي سفر ڪرڻ:

سر جان مالڪوم ڪلڪتي جي سپريم گورنمينٽ کي جيڪا رپورٽ پيش ڪئي، تنهن ۾ هن ڏيکاريو ته جيڪڏهن اسين سنڌوندي تي جهاز راني

---

[1] Moorcraft: Travels in the Punjab, Kashmir, etc, Vol.II, P.338 London, 1851

ڪنداسون ته پڪ بلوچ امير اعتراض اٿاريندا انباري ۾ مقابلي ڪرڻ لاءِ اسان ڪي فوجي اپاءَ وٺڻا پوندا. وڏيڪ هن ڏيکاريو ته بلوچي امير ڏاريا آهن. سنڌ ظلمن ڪري رعايا ڪانئن تنگ آهي. جيڪڏهن اسين ٿوري ڪوشش وٺنداسون ته گهٽائي سنڌ جا رئيس اسان جو طرف وٺندا. حيدرآباد جو قلعو ايترو مضبوط ڪين آهي جو اسان جي توبخاني جي آتش بازي کي روڪي سگهي. مٿيون مسودو جڏهن سپريم گورنمينٽ کي پهتو تڏهن ڪمپني سرڪار سنڌو درياءَ جي سروي ڪرڻ جي سوال کي ڪنيو. مگر سوال هو ته ڪهڙي بهاني سان درياءَ تي سفر ڪجي ڇاڪاڻ جو هندستان جي نوابن ۽ راجائن جي مقابلي ۾ ٽالپر مير معاهدي جي شرطن تي بلڪل سختي سان پابند هئا. سر چارلس ميٽڪاف جو گورنر جنرل ڪائونسل جو ميمبر هو، تنهن مٿئين سوال جي مخالفت ڪندي آڪٽوبر 1830ع ۾ چيو ته "جيڪڏهن اسين سروي ڪنداسون ته پڪ ڪامياب ٿينداسون. مگر ٽالپر مير اسان جي حڪومت تي ويساهه رکڻ بدران دشمن تي ڀيهندا. هندستان جي ڏيهي حڪمرانن ۾ اسان جو نالو اڳيئي بدنام ٿي چڪو آهي. هينئر جيڪڏهن سنڌونديءَ تي جهاز رائي ڪنداسون يا سنڌ تي قبضو ڪنداسون ته دنيا کي پڪ ٿي ويندي ته انگريز دغا باز آهن" لارڊ وليم بينٽنڪ ڪٽر عيسائي هو، تنهن ميٽڪاف جي صلاح يا صاف گوئي جي ڪا پرواهه ڪانه هئي. ان ۾ شڪ ڪونهي ته رنجيت سنگهه ويهن ورهين کان سنڌ تي ڪاهه ڪرڻ لاءِ ارادا ڪري رهيو هو. پر هينئر پيرسن هو. ڪيس ايتري مجال ڪين هئي جو ڪمپني سان ڦٽائي سگهي. شراب نوشي ڪري سندس صحت ڪمزور ٿي چڪي هئي. گورنر جنرل ڪمپني جي ڊائريڪٽرن جي بورڊ کي لکيو هو ته واپار جي بهاني سان سنڌونديءَ جي ٻنهي ڪپن تي فوجون لاهجن. جيڪڏهن بلوچي امير اعتراض ڪن ته ڪين جواب ڏجي ته واپار جي ڪوٺين جي سلامتي لاءِ فوجن جو رکڻ ضروري آهي. سنه 1831ع ۾ ڪمپني جي ڊائريڪٽرن جي بورڊ جي صدر لارڊ ايلن برو گورنر جنرل کي سنڌ جي طبعي حالتن جاچڻ ۽ سنڌونديءَ جي ماپ وٺڻ لاءِ اجازت

ڏني[1]. سنہ 1828ع ۾ جڏهن لارڊ ائمهرسٽ ولائت ڏانهن وڃڻ لڳو تڏهن رنجيت سنگهہ انگلينڊ جي بادشاهہ ڏانهن هڪڙو ڪشميري شال جو تنبو سوکڙي طور روانو ڪيو هو. فرنگي جيڪي سنڌونديءَ جي ماپ وٺڻ لاءِ منتظر هئا، تن کي اهڙو بهانو هٿ لڳو جنهن کي ٽالپر مير بہ رد ڪري نہ سگهيا. هن خيال ڪيو تہ انگلينڊ جي بادشاهہ جارج چوٿين پاران سوکڙيون سنڌ رستي رنجيت سنگهہ ڏانهن روانيون ڪجن. هنن چا ڪيو جو هڪڙي چوڇاڪي گهوڙي گاڏي جيڪا لارڊ منٽو سر جان مالڪوم کي سوکڙي طور ڏني هئي ۽ ڪي انگريز گهوڙا پنجاب ڏانهن موڪلڻ جو ارادو ڪيو. ڪڇ جي انگريزي ريزيڊنٽ ڪرنل پاٽينجر صلاح ڏني تہ جيڪڏهن خشڪي رستي گهوڙي گاڏي رواني ڪبي تہ پڇي پوندي ان ڪري درياءَ رستي موڪلڻ کپن. ڪمپني سرڪار اليگزينڊر برنس کي سوغاتن نيڻ لاءِ ايلچي مقرر ڪيو[2].

## اليگزينڊر برنس:

اليگزينڊر برنس جي وفد ۾ مسٽر جي.ڊي.ليکي ۽ محمد علي نالي بہ سرويئر، بہ ڊاڪٽر هڪڙو جيرارڊ انگريز ٻيو هڪڙو ديسي حڪيم، منشي موهن لعل ڪشميري جنهن دهلي ۾ تعليم ورتي هئي ۽ ٻيا ڪي نوڪر هئا.

---

(1) اليگزينڊر برنس ڊاڪٽر جيمس برنس جو ڀاءُ هو. ڪو وقت هندستان جي ڪوارٽر ماسٽر جنرل جي دفتر ۾ ڪم ڪري چڪو هو. هيئنر ڪڇ جي ريزيڊنٽ ڪرنل پاٽينجر جو نائب هو. سندس ابتدا کان اها مرضي هئي تہ ڪو اهڙو ڪم ڪجي جيئن هندستان جي انگريزي تاريخ ۾ سندس نالو روشن رهي. هن 1828ع ۾ سنڌونديءَ جي ماپ وٺڻ لاءِ درخواست ڪئي هئي. پر لارڊ وليم بنيٽڪ اها رد ڪئي هئي، چاڪاڻ جو ان زماني ۾ فرنگين وٽ بهانو ڪونہ هو. هيئنر ڪيس بمبئي حڪومت جي چيف سيڪريٽري پاران خفيہ خط وڃڻ لاءِ پهتو، هن خوشي سان قبول ڪيو. پنجاب جي سفر کان پوءِ هن گهوڙن جي واپاري جي لباس ۾ ڪابل، بخارا ۽ تاتار تائين سفر ڪيو. سندس سفرنامو ٽن جلدن ۾ 1834ع ۾ لنڊن مان شايع ٿيو. ڪابل جي پهرين جنگ کان پوءِ انگريز لشڪر سان ڪابل ۾ رهڻ لڳو جتي پٺاڻن هٿان مارجي ويو.

Burner Alexander: Travels in to Bukhara, Vol.I, P.4 London, 1834

(2) J.w.Kaye: livès of Indian, Officers, Vol.II, PP.224-25 London, 1851

ڪانٽس اڳ راجپوتانا جي انگريزي ريزيڊنٽ ڪرنل جيمس ٽاڊ سنه 11-1810ع ۾ شيخ ابو البرڪات ۽ مداري لعل نالي ٻه ڄاڻتا سنڌ جي طبعي حالت کي جاچڻ لاءِ روانا ڪيا هئا، جن سمورو احوال پيش ڪيو هو. هينئر فقط سنڌونديءَ جي ماپ جو ڪم اليگزينڊر برنس جي سپرد ڪيو ويو. 21 جنوري سنه 1831ع ۾ فرنگي وفد ڪڇ جي بندر مانڊوي کان روانو ٿي، 28- جنوري سنڌونديءَ جي چوڙ وٽ جهاز ذريعي پهتو. برنس خط ذريعي ٽالپري نائب کي پنهنجي ارادي کان واقف ڪيو. ٽالپر اميرن کي ڪمپني سرڪار جي ارادن جي پوري خبر هئي. مگر جنهن صورت ۾ انگريزن جو مير صاحبن سان ٺاهه ڪرڻ جو ارادو هو، ان ڪري جڏهن به ڪو سنڌ پاران وفد يا وڪيل سنڌ ڏانهن ايندو هو ته اجازت وٺڻ بغير ايندو هو. اڳ اجازت وٺي پوءِ ايندا هئا. هن دفعي وفد سان موهن لعل منشي به رتيون ڪسر هو[1]. جنهن صورت ۾ برنس اجازت ڪانه ورتي هئي، ان ڪري بلوچي مسلح سپاهي سندس جهازن تي ڪاهي ويا ۽ سندس صندوقن کي کولي ڏٺو. بلوچن کي شڪ هو ته صندوقن ۾ انگريز سولجر لڪل آهن[2]. هنن وفد کي اڳتي وڌڻ کان روڪي ڇڏيو. مير صاحبن کي پڪ ٿي ته سنڌونديءَ جي ماپ وٺڻ کان پوءِ انگريز ضرور سنڌ تي ڪاهه ڪندا[3]. اي برنس سمورو احوال ڪرنل پاٽينجر کي لکي موڪليو. قضا سان اهڙو طوفان لڳو جو سندس ٻيڙين کي نقصان پهتو، هو موٽي مانڊوي ڏانهن ويو. ڪرنل پاٽينجر مير صاحبن ڏانهن ڌمڪي ڀريل خط لکيو، جنهن ۾ هن ڏيکاريو ته جيڪڏهن

(1) موهن لعل ڪشميريءَ دهلي ۾ تعليم ورتي هئي. انگريزن جو ڄاڻتو هو. هن پنجاب، افغانستان، ترڪستان، بلخ، بخارا، هرات، انگلينڊ ۽ جرمني تائين سياحت ڪئي هئي. سندس سفرنامو 1846ع ۾ لنڊن مان شايع ٿيو. هو مؤرخ هو، سندس ڪتاب امير دوست محمد خان جي سوانح عمري مشهور آهي. پهرين ڪابل جنگ کان پوءِ مئڪناٽن انگريزي سفير مقيم ڪابل جو مير منشي ٿي رهيو. ڪابل جي انقلاب وقت موجود هو. تازو ڊاڪٽر هريرام گپتا موهن لعل جي سوانح عمري ۽ سندس ڪارنامن تي ڪتاب لکيو آهي، جيڪو شايع ٿي چڪو آهي.

(2) C.Masson: Narrative of Various journey in Baluchistan, Afghanistan & the Punjab (1826 to 1838) Vol.II, P.9 London, 1842

(3) J.W.Kaye: Lives of Indian Officers, Vol.II, P.228

مير مخالفت ڪندا تہ انگريزن سان سنڌن ڪلي طرح سان دشمني پئجي ويندي. اٿين بہ ڏيڪاريل هو تہ سنڌن آزادي ڪسجي ويندي[1].

**رنجيت سنگهہ جي ٽالپرن کي ڌمڪي:**

هڪڙي پاسي انگريز ريزيڊنٽ مير صاحبن کي ڌمڪيون ڏيڻ لڳو ۽ ٻئي پاسي لارڊ وليم بنيٽڪ جي اشاري تي لڏياني جو انگريز ريزيڊنٽ ڪپتان ويڊ رنجيت سنگهہ جي وزير فقير عزيزالدين جا ڪَن ميرن خلاف ڀرڻ لڳو. وزير جي چوڻ تي رنجيت سنگهہ پنهنجي ديره غازي خان جي سپهہ سالار جنرل وينٽورا کي سنڌ جي سرحد تي فوجي مظاهرن ڪرڻ لاءِ حڪم ڏنو ۽ ميرن جي ايلچي کي دباڻڻ لڳو. مير مراد علي خان امير الدولہ بهادر پاڻ سياستدان هو. گورنر جنرل جي ڌمڪين مان فرنگين جي مقصد کي سمجهي ويو. فرنگين جي مرضي هن دفعي جنگ ڪرڻ لاءِ ڪانہ هئي. فقط سنڌوندي جي ماپ وٺڻ ۽ ملڪ کي جاچي ڏسڻ سنڌن خاص مراد هئي. امير الدولہ بهادر سمجهي ويو تہ جيڪڏهن انگريز سنڌوندي جي ماپ وٺڻ ۾ ڪامياب ٿيا تہ پوءِ سنڌ فتح ڪرڻ هنن لاءِ آسان ٿي پوندو. مٿئين خيال موجب مير صاحب بمبئي جي گورنر کي لکيو تہ سنڌوندي جو رستو خطرناڪ آهي، بهتر اٿين ٿيندو تہ تحفن کي خشڪي رستي ڪان روانو ڪجي. رنجيت سنگهہ جي ڌمڪين جي جواب ۾ مير صاحبن لکيو تہ انگريز صندوقن ۾ اشرفيون ڀري سيد احمد بريلوي ڏانهن روانيون ڪري رهيا آهن. جيڪو هن وقت ڪنور نهال سنگهہ سان جنگين ۾ رڌل هو. جيڪڏهن خالصا سرڪار انگريزن سان جنگ ڪندي تہ ٽالپر هڪ لک جرار بلوچي لشڪر سان خالصن جي مدد ڪندا[2]. ايترين تسلين ڏيندي بہ خالصا فوج سنڌ جي سرحد تي مظاهرا ڪرڻ لڳي، ان ڪري مجبوري جي حالت ۾ امير الدولہ بهادر اليگزينڊر برنس کي لنگهڻ لاءِ اجازت ڏني.

---

(1) H.T.Prinsep: The Origin of the Sikh Power in the Punjab, P.156 Clcutta, 1834

(2) جن ڏينهن ۾ ڊاڪٽر جيمس برنس حيدرآباد آيو هو، انهن ڏينهن ۾ لاهور دربار ميرن سان دوستانہ معاهدي لاءِ ڳالهيون ڇوريون هيون. انڪري مير مراد علي خان هن دفعي فرنگين جي ارادي کي ناڪام ڪرڻ لاءِ رنجيت سنگهہ کي هڪ لک فوج سان مدد ڏيڻ لاءِ چوائي موڪليو، پر رنجيت سنگهہ انگريزن هيٺ دبيل هو. (ڏسو جيمس برنس جو سفرنامو)

**الگزينڊر برنس کي دعوتون ڏين:**

12- اپريل سنہ 1831ع ۾ فرنگين جا جهاز ٺٽي پهتا. انهن ڏينهن ۾ ٺٽي جو اوج منجهي چڪو هو. برنس ٻن مهينن تائين ٺٽي ۾ ترسيل هو چاڪاڻ جو سنڌوندي جي چوڙ ڪان وٺي ٺٽي تائين پاڻي جي ماپ وٺڻ ۾ رڌل هو. امير الدول بهادر منډ ڪان وٺي فرنگين کي اجازت ڏيڻ جي خلاف هو. مگر شهزادي گردون مدار مير نصير خان جي سفارش ڪرڻ ڪري اجازت ڏني هئي، ان ڪري وفد جي مهماني ڪرڻ بہ دوستيءَ ڪري لازمي امر هو. برنس جا جهاز ٺٽي ڪان روانا ٿيا، تڏهن هڪڙي سيد پڪاري چيو "افسوس! اڄ فرنگي درياءَ جي رستي ڪان واقف ٿيا، هاڻ سنڌ بلوچي اميرن هٿان نڪري ويئي"[1].

حيدرآباد پهچڻ ڪان پوءِ وفد شهزادي مير نصير خان معرفت امير الدول بهادر سان ملاقات ڪئي. اي. برنس ڪمپني سرڪار پاران هڪڙي بندوق، ڪي هٿيارن جا چمڙي جا پٽا، هڪڙي سوني واچ، هڪڙو ديوارگير گهڙيال، ٻن قسمن جون دوربينيون، ڪي بلوري شمعدان، انگريزي گرم ڪپڙن جا ٿان، دنيا ۽ هندستان جا نقشا جن ۾ انگريزي شهنشاهت ۽ آنربل ايسٽ انڊيا ڪمپني جي سلطنت جون حدون ڏيکاريل هيون. امير الدول بهادر برنس کي 15 سؤ رپيا نقد ڏنا. شهزادي نصير خان پنهنجي دمشقي آبدار ترار برنس کي ڏيندي فرمايو "هي سڀ منهنجن ڪوشش جو نتيجو آهي."

**مير سهراب خان جي وفات:**

23- اپريل وفد حيدرآباد ڪان روانو ٿيو. پهرين مئي سهرابائي سرڪار جي سرحد سيوهڻ وٽ پهتو. سنہ 1811ع ۾ مير سهراب خان جيئري پنهنجي حڪومت پنهنجي وڏي پٽ مير رستم خان حوالي ڪري باقي عمر جا ڏهاڙا ڪوٽڏيجي (احمد آباد) ۾ عبادت الاهي ۾ گذارڻ لڳو. ڪيس آخر عمر ۾ سنہ 1815ع ۾ هڪڙو پٽ مير علي مراد خان ڄائو. جولاءِ سنہ 1830ع ۾ خيرپور واري محلات جي درڍءَ مان ڪرندي مير سهراب خان وفات ڪئي. هي واقعو

---

(1) A.Burunes: Troucls in to Bokhara, Vol. II, P. 25

P.N.Khera: British Policy towards Sindh & Thoruton: History of British India, Vol. II, P. 26, London

تاريخ ۾ "طشت از بام افتاد" موجب 1246ھ ڏنل آهي. مرڻ مهل پنهنجي نندي پٽ جي بانهن پنهنجي پٽ مير مبارڪ خان جي حوالي ڪري ويو. تخت ۽ تاج حوالي ڪرڻ ۽ وفات جي وچ واري زماني ۾ 18- مئي 1829ع ۾ جيئري حڪومت چئن حصن ۾ ورهائي چئن پٽن کي ڏئي ويو. حڪومت جي ساليانی آمدني 2039000 لک رپيا هئي، جيڪا سموري پٽن ۾ ورهائي ويو. مير رستم خان پنهنجن ٻن ڀائرن مير مبارڪ خان ۽ مير علي مراد خان جي ملڪيت جنهن جي ساليانی آمدني 350000 رپيا هئي، قبائڻ لاءِ ڪوشش ڪئي. ڀائرن جي سازش کي مير علي مراد خان دل ۾ سانديڻ لڳو[1]. اليگزينڊر برنس کي آڌر ڀاءُ ڏيڻ لاءِ مير رستم خان پنهنجي درباري مدبر محمد گوهر خان کي کنڊ، گيهه، تماڪ، آفيم ۽ دنبا ڏيئي سيوهڻ روانو ڪيو. وفد ٽي ڏينهن سيوهڻ ۾ آرام ڪرڻ کان پوءِ خيرپور ڏانهن روانو ٿيو. مير رستم خان جي وزير فتح محمد خان غوري وفد جو استقبال ڪيو[2]. ٽالپرن جي شاهاڻي دسترخوان، لوازمن ۽ مهمان نوازي کي ڏسي فرنگي وفد جا ميمبر جن جو تعداد ڏيڍ سؤ هو، سانده ٽي هفتا ٽڪي پيا. ڪين روزانو دنبا ۽ ٻيو خوراڪ جو سامان ملندو هو. تنهن کانسواءِ روزانو شاهي بورچي خاني مان 2 ويلا 72 ٿاڪوئن سون ۽ چاندي ۾ مختلف قسمن جا طعام ملندا هئا. مربن، چٽڻين ۽ معطر شربتن جو ذڪر ڪهڙو. اليگزينڊر برنس مير صاحب جي خدمت ۾ هڪڙو پستول ٻڌڻ جو پٽو، هڪڙي واچ، هڪڙي دوربيني، سوغاتن طور پيش ڪيا. مير صاحب وفد جي صدر کي هڪ هزار رپيا نقد، ٻه خنجر، ٻه طلائي تراريون ۽ سنڌ جا

---

[1] History of Alienations of the Province of Sindh, Vol. II, PP. 139-48

[2] فتح محمد خان غوري افغانستان جي مشهور غوري خاندان جو فرد هو. سندس والد معلم هو. فتح محمد وطن ڇڏي اُچ شريف جي هڪڙي پير جو مريد ٿيو. پوءِ بهاول خان نواب دائودپوٽي وٽ نوڪر بيٺو ۽ تجربي حاصل ڪرڻ کانپوءِ نواب جو سپهه سالار مقرر ٿيو. نواب سعادت خان جي ڏينهن ۾ وزير ٿيو. پوءِ ڪنهن نااتفاقي سبب نوڪري ڇڏي ملتان جي نواب مظفر خان وٽ نوڪر بيٺو. ملتان تي خالصن جي قبضي کان پوءِ لاهور ويو. اُتان ديره غازي خان جي رستي خيرپور پهتو. مير سهراب خان جو وزير ٿيو. (عبرت ڪده سنڌ: سيد محمد ضامن ڪنتوري، ص 59-257، مطبع شمسي حيدرآباد دکن، 1903ع)

ڪي نفيس ڪپڙا تحفن طور ڏنا. اليگزينڊر برنس بلوچي مهمان نوازي جي ناقابل فراموش يادگيري دل ۾ سانديي روانو ٿيو. پوئين موڪلاڻي جو انتظام شهداداڻي سرڪار پاران نواب ولي محمد خان لغاري شڪارپور ڪان اچي ڪيو. نواب صاحب چار سؤ بلوچي سوارن سان برنس کي گڏيو. بکر جي قلعي ۾ ايراني غاليچن جا فرش وڇائجي ويا. مهمانن کي پلنگن تي ويهاريو ويو. ناچڻين جي هڪڙي ٽولي حاضري ڏني، جن ۾ ڪي زهرو ۽ ڪي مشتريون هيون. رقص ۽ سرود جي ترنم خيز نغمن کان وڌيڪ سندن غمزا خونريز هئا. ايترين مهمان نوازين ۽ مروتن سان پيش اچڻ کان پوءِ به فرنگي وفد جي غدار صدر ڪمپني جي ڊائريڪٽرن کي جيڪا رپورٽ سنڌ متعلق پيش ڪئي، تنهن ۾ هن ڏيکاريو ته ”ٽالپر امير ڏاريا آهن. سندن ظلمن ڪري رعايا نالان آهي. سنڌوندي جهاز راني ڪرڻ لاءِ موزون آهي“ جولاءِ 1831ع ۾ وفد بهاولپور پهتو. بعد 18- جولاءِ برنس تحفا رنجيت سنگهه کي لاهور ڪمپني جي خط سميت پيش ڪيا. رنجيت سنگهه دوستي جي پاسداري ڪرڻ ڪري ظاهري سردارن اڳيان تحفن جي سگهي ساراهه ڪئي. ان ۾ شڪ ڪونهي ته انگلينڊ جا گهوڙا هڪ جدا جنس مان هئا. پر مهاراجا جي ڪڙهه ۾ ڪانئن بهترين گهوڙا موجود هئا.

**انگريزن جو ٽالپرن سان چوٿون عهدنامو:**

انگريز هيٺئر بهانن جي تلاش ۾ هئا. مير صاحبن کي طرحين طرحين بهانن سان اڳرايون ڪري تنگ ڪرڻ لڳا. جيئن بلوچ جنگ لاءِ آماده ٿين. اڳ لکي چڪا آهيون ته فتح علي شاهه قاچار مير اميرالدوله بهادر کي پنهنجي ڏيءَ جو سڱ ڏيڻو ڪيو هو. پر مير صاحب پيرسني ڪري منظور ڪين ڪيو هو. مسئلو ختم ٿي چڪو هو. انباري ۾ برطانوي سفير مقيم تهران انگريزن کي رپورٽ ڪئي ته هن اسلامي حڪومتن کي رشتي جي بهاني سان گڏائڻ ۾ اندروني روس جو هٿ آهي. هن بهاني مان اها مراد هئي ته ميرن کي مجبور ڪري سنڌوندي کي جهاز راني ڪرڻ لاءِ کليل رکجي. گورنر جنرل

برطانوي سفير جي رپورٽ کي وزن ڏيندي پُج جي برٽش ريزيڊنٽ کي لکيو تہ روس، ايران ۽ سنڌ کي مائٽي جي ناتي سان ڳنڍي ايران رستي کان سنڌ تي ڪاهہ ڪرڻ لاءِ ڪوشش ڪري رهيو آهي. ڊسمبر 1831ع ۾ ڪرنل هينري پاٽينجر سنڌ ڏانهن روانو ٿيو. هن پيري فرنگين جي وفد ۾ 4 سؤ ميمبر هئا. مثال لاءِ پاٽينجر سان پي.سي سڪاٽ، ڊبليو پاٽينجر، ليفٽيننٽ جي.مورس، اي.پي ڊيلهوسٽ، سرويئر ماپ وٺڻ لاءِ هو، اي.سنڪلرنائب سرجن مکيہ ميمّبر هئا. جنوري 1832ع ۾ وفد لکپت جي بندر تي پهتو. ٽالپر ميرن اُئين چاتو تہ ڪوسا ڪڇ جي سرحد تي ڦُرون ڪن ٿا، ان ڪري فرنگي ٿرپارڪر کي جاچڻ لاءِ اچن ٿا. فرنگين رستي تي بلڙي ۾ شاهہ ڪريمؒ جي مقبري کي ڏٺو[1]. 18- ذوالقعد 1247هہ/20- اپريل 1832ع ۾ فرنگي وفد حيدرآباد شهر کان اڍائي ميلن جي مفاصلي تي ڪئمپ هنئي. 28- جنوري مقربان بارگاهہ مان محمد خان لغاري، مير دوست علي خان ٽالپر وفد کي عزت ۽ احترام سان دربار ۾ وٺي آيا. وفد جا ميمبر ميمر صاحبن جي لباس ۽ هٿيارن جي جواهرن کي ڏسي وائڙا ٿي ويا. ملاقات ويهن منٽن تائين هلي، پوءِ ميمبر موٽي ڪئمپ ڏانهن ويا. شاهي دسترخوان تان هر روز ميمبرن کي ڏيڍ سؤ ٿالهيون طعامن سان پهچنديون هيون. قسمين قسمين ڪابلي ميون ۽ روح افزا شربتن سان مهمانن جي ضيافت ٿيڻ لڳي. فرنگي ايلچي کي جهالدار شمعدان، شيشي جو سامان، آئينا، واچون، بندوقون سوکڙين طور پيش ڪيون. امير الدولہ بهادر کي سٺن هزارن رپين جا تحفا مليا. مير صاحب واچن ۽ گهڙيالن وٺڻ تي اعتراض ڪيو.

---

(1) شاهہ عبدالڪريم (المتوفي سنہ 1032هہ/1622ع) جو مفصل احوال "بيان العارفين" ۾ ڏنل آهي، جيڪو ميان محمد رضا عرف مير دريائي ٺٽوي 1038هہ ۾ شاهہ ڪريمؒ جي وفات کان پوءِ ڇهہ ورهيہ تصنيف ڪيو. سنڌ جي مشهور اوليائن مان ڳڻيو وڃي ٿو. سنڌ جو سرتاج شاعر شاهہ عبداللطيفؒ سندس پشت مان پيدا ٿيو. شاهہ عبداللطيف، سيد حبيب الله شاهہ جو پٽ، سيد عبدالقدوس شاهہ جو پوٽو، سيد جمال شاهہ جو پڙپوٽو هو ۽ سيد جمال شاهہ عبدالڪريم جو ٽيون فرزند هو. شاهہ ڪريمؒ جو قبو شاهہ عبداللطيف اڏرايو هو.

شاهہ جو رسالو: ڊاڪٽر گربخشاڻي، جلد 1، مقدمہ، ص 31-32، تحفة الڪرام، جلد 3

چاڪاڻ جو نئيا شهزادا واچون جلد پيچي ڇڏيندا هئا. جن جي مرمت تي گهڻو خرچ لڳندو هو. مير نور محمد خان کي ساڍا پنج سؤ رپين جون سوکڙيون مليون. جاتي جي صوبيدار حيدر خان لغاري کي 192 روپين جو سامان مليو. نواب ولي محمد خان کي بہ 192 رپين جو سامان مليو. فرنگي وفد پاران مير صاحبن ۽ بلوچي سردارن کي جملي 8037 هزار رپين جون سوغاتون مليون. عهدنامي جا شرط طئي ڪرڻ لاءِ ٽالپر ميرن پاران سيد آغا اسماعيل شاهہ، سيد ذوالفقار شاهہ، سيد زين العابدين، احمد خان لغاري، منشي خوشيرام مقرر ٿيا. هيٺيان شرط هئا:

1. ٻئي حڪومتون هڪ ٻي کي حقارت سان ڏسڻ بدران هڪ ٻي جي بچاءَ لاءِ ذميوار رهنديون.
2. برٽش سرڪار عرض ڪري ٿي تہ ٽالپر مير هندستان جي واپارين کي سنڌ اندر ۽ سنڌوندي تان مال آڻڻ ۽ نيڻ جي اجازت ڏيندا. ڪوبہ سوداگر پاڻ سان جنگي سامان نہ آڻيندو ۽ نہ وري جنگي جهاز ندي تان لنگهندا. ڪوبہ انگريز واپاري سنڌ ۾ گهر جوڙي نہ ويهندو.
3. جيڪڏهن ڪوبہ ڌاريو سوداگر سنڌ جي حدن اندر داخل ٿيندو تہ پهريان انگريزن کان اجازت وٺندو. انگريز ان قسم جون خبرون حيدرآباد دربار کي پهچائيندا. مٿيون ڪم ڪڇ جي ريزيڊنٽ جي نگراني هيٺ رهندو.
4. ٻئي حڪومتون واپاري شين متعلق محصول جا اگهہ مقرر ڪنديون[1].

هن موقعي تي مير نور محمد خان جي پٽ مير شهداد خان جي پٽ جي شادي هئي. سهراباڻي سرڪار پاران مير مبارڪ خان شادي تي آيل هو. پاٽينجر سان اي. برنس مهمان نوازيءَ جون جيڪي ڳالهيون ڪيون هيون، سي پاٽينجر جي دل تي تازيون هيون. هن مير رستم خان سان ملاقات ڪرڻ جو شوق ظاهر ڪيو. مير صاحب سندس ارادي کي شڪي نظر سان ڏسڻ لڳا. ڪين خوف هو متان فرنگي چالباز شڪارپور تي نہ قبضو ڪن. 21 فيبروري تي پاٽينجر حيدرآباد کان روانو ٿيو. 21 مارچ تي خيرپور پهتو. وزير فتح محمد خان

[1] Del Hoste: Memoris on Sindh, 1832

غوري، گوهر علي خان، ديوان دلپتراءِ، ديوان لکيمچند ۽ ٻين دربار جي مدبرن وفد جو استقبال ڪيو. 11 اپريل تائين وفد خيرپور ۾ رهيل هو. هر شام جو ناچ ۽ سرود جون محفلون قائم رهيون. ٽالپرن مير رستم خان کي 7670 رپين جا تحفا ڏنا، جن ۾ شمعدان، بندوقون، پستول ۽ آئينا هئا. 777 رپين جون سوکڙيون مير مبارڪ خان کي مليون. ٽي سؤ رپين جو سامان فتح محمد خان غوري کي مليو. جملي 8747 هزار رپين جو سامان خيرپوري ميرن ۽ سردارن کي مليو. مير صاحبن ڪي گهوڙا، سوني سنجن سان اُٺ، شڪاري ڪتا، ڪشميري ڪپڙي جا ٿان ۽ جوهردار ترار وفد کي سوکڙين طور ڏنا[1]. 16 اپريل تي وفد خيرپور کان حيدرآباد پهتو. واٽ تي مير صاحبن جا بازدار طرحين طرحين پکي شڪار ڪندا ميمبرن کي ڪارائيندا هليا. 11 مئي قافلو سلامتي سان لکپت پهتو.

## اميرالدوله بهادر جي وفات:

ميرن هن ٻيري جيڪو عهدنامو ڪيو هو، تنهن ۾ ماٺڪاٽي ۽ سهراباڻي حڪومتون ٻڌل هيون. ڇاڪاڻ جو انگريزن کي خبر هئي تہ جسونت راءِ هولڪر مير ٿاري خان ڏانهن ايلچي موڪليو هو. ان ڪانسواءِ ٽين مرهٽا ويڙهہ وقت مرهٽا سردارن اسلامي دنيا جي حاڪمن ڏانهن امداد لاءِ ايلچي روانا ڪيا هئا. مير ٿاري خان سنہ 1829ع ۾ وفات ڪئي هئي[2]. مقربان خاص مان نواب ولي محمد خان لغاري وفات ڪري ويو. هن مير مراد علي خان امير الدولہ بهادر جي ناليءَ تي هڪڙو حڪمت جو ڪتاب تصنيف ڪيو هو. سندس پٽ احمد خان ڪوکرن جي سردار بهادر خان جي هڪڙي ناچڻي کي لاهور ڏانهن ڀڄائي ويو. ان ڪري ڪوکرن ۾ عام ناراضپو پئجي ويو. نواب ولي محمد خان معزز ماڻهن کي ساڻ ڪري ڪوکرن کان معافي گهري ۽ پنهنجي ڌيءَ جو سڱ ڪوکرن کي ڏيئي پٽ جي خطا معاف ڪرائي هئي. افسوس جو ڪوکرن وير وٺڻ لاءِ خفيہ طور نواب جي ڌيءَ کي مارائي ڇڏيو. 6 جمادي الثاني 1249هہ/ 1833ع ۾ مير مراد علي

---

[1] P.N.Khera: British Forward Policy Towards Sindh.

W.Pottinger Memories on Sindh, 1832

[2] تاريخ سنڌ: مرزا قليچ بيگ، جلد: 2، ص 2. 242

خان اميرالدولہ بهادر فاني جهان کي ڇڏي دارالبقا ڏانهن راهي ٿيو. پٺيان چار فرزند مير نور محمد خان، مير محمد نصير خان، مير مير محمد خان، مير يار محمد خان ڇڏي ويو. مير يار محمد خان "قريئر نامہ" تصنيف ڪيو هو.

## مير نور محمد خان "ثريا جاه بهادر"

**ٻي چؤياري:**

امير الدولہ بهادر جي وفات کان پوءِ سمورا بلوچي امير ۽ سردار حيدرآباد ۾ گڏ ٿيا. حڪومت کي چئن حصن ۾ ورهائي هر هڪ پٽ کي ڌار ڌار حصو ڏنو. مير نور محمد خان جيڪو سيني ۾ سياڻو، هر دلعزيز ۽ نيڪ سيرت هو تنهن کي گاديءَ تي ويهاريائون. هو پنهنجي ڀاءُ مير محمد نصير خان ۽ پنهنجن ٻن سؤٽن مير صوبدار خان ۽ مير محمد خان جي صلاح ۽ مشوري سان حڪومت هلائڻ لڳو. اها ٻي چؤياري هئي، جيڪا ڏهن ورهين تائين قائم رهي. پهرين چؤياري جو زمانو ٽالپرن جي صاحبي جي ارتقا جو زمانو هو. پوئين چؤياري جو زمانو تنزل جو دؤر هو. ٽالپري اقبال جو آفتاب مير نور محمد خان ثريا جاه بهادر جي تخت نشيني وقت نصف النهار کان لنگهي چڪو هو. سهراباڻي سرڪار اڳيئي حصن ۾ ورهائجي چڪي هئي. مانڪاڻين مان مير علي مراد علي خان ست سال حڪومت هلائي سنہ 1836ع ۾ وفات ڪئي. سندس مرڻ کان پوءِ مانڪاڻي سرڪار سندس پٽن مير شير محمد خان، مير شاهہ محمد خان، مير خان محمد خان ۾ ورهائجي ويئي. ٽالپري حڪومت جيڪا اڳ ٽن حصن ۾ ورهايل هئي، سا هينئر ننڍن حصن ۾ ورهائجي وئي.

**سنڌ متعلق انگريزن ۽ سکن جا ارادا:**

سنڌوندي جي اولهندي وارن ڪناري جي علائقن تي ڪاهہ ڪرڻ لاءِ انگريزن رنجيت سنگهہ کي چوٽ ڇڏي ڏنو هو. سنہ 1809ع واري امرتسر جي معاهدي ۾ مٿيون فيصلو ٿي چڪو هو. مير محراب خان ثاني بيگلر بيگي قلات جهالاوان برنجو قبيلي سان جنگ ۾ رڌل هو ۽ سندس ڀاءُ عظيم خان مڪران جي سازشن کي دٻائڻ ۾ رڌل هو. رنجيت سنگهہ موقعو ڏسي هرند-

داجل ۽ ڄامپور جو علائقو جيڪو قلات جي ماتحت هو قبائي ورتو[1]. مگر ديره جات جا بلوچ موقعي سر سکن سان لڙندا رهيا. جنرل وينٽورا گهٽي وقت تائين ديره غازي خان ۾ چانوٽي هٽي وينو پر آمدني کان وڌيڪ خالصا سرڪار کي فوجي خرچ برداشت ڪرڻو پيو. بلوچي قبيلن کان ڍلن اوڳاڙڻ وقت خالصا سرڪار کي وڌيڪ فوجون رکڻيون پونديون هيون. ان ڪري تنگ ٿي رنجيت سنگهه مٿيون علائقو بهاولپور جي نواب کي مقاطعي تي ڏيئي ڇڏيو هو[2]. مير نور محمد خانَ ثريا جاه بهادر کي انگريزن جي ارادي جي خبر هئي. ٽالپرن گڏجي ڪابل جي امير دوست محمد خان ڏي پنهنجو ايلچي موڪليو ته جيڪڏهن امير ٽالپرن کي انگريزن جي چنبي کان آزاد ڪرائيندو ته 12 لک رپيا ساليانو دستور موجب ڪابل سرڪار کي ڀريندا. مگر دوست محمد خان کي رنجيت سنگهه ۽ سکن مان خطرو هو. جيڪي انگريزن سان هينئر ٻڌ هئا. هن انگريزن سان وڙهڻ لاءِ نيپال ۽ سنڌيا راجائن ڏانهن پنهنجا سفير موڪليا هئا ته سڀئي گڏجي انگريزن تي ڪاهه ڪن. مگر جنڪوجي سنڌيا ڪابل جي ٻن ايلچين کي گرفتار ڪري انگريزي ريزيڊنٽ جي حوالي ڪيو[3].

**لارڊ وليم بينٽڪ جي رنجيت سنگهه سان ملاقات:**

سنه 1828ع ۾ انگلينڊ وڃڻ وقت لارڊ ائمهرسٽ رنجيت سنگهه سان ملاقات ڪرڻ جو ارادو ڪيو هو. انباري ۾ هندستان جي ڪمانڊر ان چيف ڪومبر ميئر شمله مان لاهور دربار کي خط لکيو هو مگر راجا ملاقات کي ڪنهن بهاني سان ٽاري ڇڏيو هو. رنجيت سنگهه پوئين عمر ۾ عياش هو. سنڌس سياست جا اڳوڻا ڪارناما هينئر افسانو بڻجي چڪا هئا. سنه 1831ع جي پڇاڙي ڌاري لارڊ وليم بينٽڪ مهاراجا سان ملاقات ڪرڻ جو ارادو ڪيو.

---

(1) A.W.Hughes: Blauchistan, CHP.VII, P.196 London, 1877

(2) تاريخ بلوچيان: سردار غلام رسول خان قرائي، ذکر بلوچن جون سکن سان جنگيون.

(3) J.B.Malleson: A Historical Sketch of the Native states of Inida, P.165 London, 1875

روپڙ وٽ ٻنهي حڪمرانن جي ملاقات ٿي. لارڊ وليم بينٽڪ حاضر جواب ۽ چرچائي هو. رنجيت سنگهہ سان مغروري سان مليو. چاڪاڻ جو لڌيانہ جي انگريز پوليٽيڪل ايجنٽ ڪپتان ويڊ کي رنجيت سنگهہ جي وزير فقير عزيزالدين پڪ ڏني هئي تہ راجا هرگز انگريزن سان نہ لڙندو. فقير عزيزالدين ۽ سندس مائٽ انگريزن سان خفيہ طور ٻڌ هئا. چاڪاڻ تہ سکن سان انگريزن جي جنگين وقت گوبند ڳڙهہ جي مضبوط قلعي کي انگريزن جي حوالي ڪرڻ سان فقير عزيزالدين جي مائٽن جي سازش ڪان دنيا واقف ٿي. گورنر جنرل جي ملاقات نسبت هڪڙي فرينچ ايم جيڪمانٽ پنهنجي ڀاءُ ڏانهن پئرس جيڪو خط موڪليو هو. تنهن ۾ هن ڏيکاريو هو تہ ملاقات جو مکيہ سبب هو تہ رنجيت سنگهہ معلوم ڪري تہ انگريزن لاءِ پنجاب فتح ڪرڻ بلڪل آسان ڪم آهي[1]. 22 مارچ سنہ 1832ع ۾ لنڊن جي دارالعوام پاران جيڪا چونڊ ڪاميٽي ايسٽ انڊيا ڪمپني جي ڪاروائين کي جاچڻ لاءِ مقرر ٿي هئي، تنهن اڳيان ڪپتان ميڪان سنڌ ۽ پنجاب متعلق جيڪو بيان ڏنو هو سو هن ريت هو:

"هندستان اندر برٽش حڪومت کي پنهنجين حدن کي سنڌوندي تائين پهچائڻ ۾ گهڻو فائدو پهچندو. سنڌوندي جي ڊيلٽا تي فوجن لاهڻ کان پوءِ اسين آساني سان سنڌ جي اُتر وارين ٽڪرين تائين پهچي سگهنداسون. هت اسان کي فوج رکڻي پوندي، چاڪاڻ جو جبلن جا دڙا هتان شروع ٿين ٿا. اسان جي باقاعده فوجن کي سنڌوندي وٽان لنگهڻ وقت ڪا تڪليف پيش نہ ايندي. پنجاب جي سوال کي في الحال ملتوي ڪجي رڳو سنڌ تائين قناعت ڪجي. چاڪاڻ جو اسان وٽ اڳيئي گهڻو ملڪ آهي، ٻيو تہ رنجيت سنگهہ معاهدي تي سختي سان پابند آهي. هو ستلج پريان ڪين نهاري ٿو نہ وري اسين اولهہ طرف نهاريون ٿا. رنجيت سنگهہ وٽ ڪشمير، ملتان، پشاور زرخيز ۽ مردم خيز علائقا آهن سندس خالصا لشڪر تربيت يافتہ آهي، جيڪو هندستان ۾ ٻيهريون نمبر آهي، پر انگريز لشڪر کان گهٽ درجي تي

[1] M.Jacqxemonts: Letters from India, Vol.II, P.3

آهي. سک هن وقت افغانن، بلوچن جهڙن ڪٽر مسلمانن کي منهن ڏيئي بيٺا آهن. اهڙي حالت ۾ سکن سان جنگ ڪرڻ وقت اسان کي ٽن طاقتن سان مقابلو ڪرڻو پوندو[1]."

مٿين بيان جي مدنظر ڪجهه مؤرخ انگريزن جي سنڌ تي ڪاهه ڪرڻ کي سکن سان جنگين ڪرڻ جو باب اولين شمار ڪن ٿا[2].

**سنڌوندي جي واپار جو نتيجو:**

انگريزن ميرن سان سنڌوندي جي واپار متعلق جيڪو معاهدو ڪيو هو، ان معاهدي موجب سنڌ، بهاولپور، خالصا سرڪار ۽ انگريز حصيدار هئا. مٿين واپار مان انگريزن جي خاص مراد هئي ته سنڌو ندي وارن ملڪن سان واقفيت رکن. انگريز ايجنٽ واپار جي بهاني سان ڪراچي، مٺڻ ڪوٽ ۽ فيروزپور ۾ دفتر کولي ويٺا[3]. هرند- داجل جي هڪڙي رهاڪو محمد شريف معرفت ديره جات جو احوال معلوم ڪرڻ لڳا. محمد شريف پهرين ڪابل ويڙهه ۾ انگريزن جو ڪارائتو چاڙتو ٿي ڪم ڪرڻ لڳو. سنڌ- ستلج واري واپار ۾ فقط انگريز فائدي ۾ رهيا. اڳ مالوه جو آفيم ٽالپري حڪومت معرفت سنڌوندي وسيلي ڪراچي کان ديو ۽ گوئا بندرن ڏانهن ويندو هو. اُتان پورچوگيزن معرفت چين پهچندو هو. جتي وڏي رقم تي وڪامندو هو. سنڌ حڪومت کي وڏو فائدو پهچندو هو. سنہ 1773ع کان ايسٽ انڊيا ڪمپني آفيم جي واپار تي قبضو ڄمائڻ لڳي. ٽالپرن سان معاهدو ڪرڻ کان پوءِ هندستان جي آفيم تي انگريزن مڪمل قبضو ڄمائي ورتو[4].

---

(1) Baron Charles, Hugel: Travels in Kashmir & Punjab, P.334 London, 1845

(2) J.Daney Cuningham: A History of the Sikhs, CHP.VII, London, 1853

(3) مٺڻ ڪوٽ اڳ ديره غازي خان جو حصو هو. دراني سلطنت جي ڪمزوري کان پوءِ بهاولپور جي نواب صادق محمد خان وقت جي بزرگ حافظ محمد قريشي کي شهر حوالي ڪيو هو. سندس پٽ ميان خدا بخش کان رنجيت سنگهه شهر ڦري ورتو هو.

J.Wood: A Journey to the Source of the River Oxus, CHP.IV, P.45 London, 1872

(4) J.Dougles: Bombay & western India, P.35 London, 1893

Thompson & Garrat: Rise & Fulfillment of British Rule in India, P.300

### سنڌ فتح ڪرڻ لاءِ رنجيت سنگهه جي آخري ڪوشش:

شڪارپور دره بولان کان پوءِ ٻيو نمبر دولتمند شهر هو. جنهن جو واپار ملتان، بحيره خزر، بخارا، خراسان، ڪابل، قنڌار سان هلندڙ هو. رنجيت سنگهه جي فوجن کي ويجهو هو. مرحوم امير الدولہ بهادر رنجيت سنگهه ڏانهن پنهنجو ايلچي درويش محمد دوستاڻن لاڳاپن رکڻ لاءِ روانو ڪيو هو. مگر رنجيت سنگهه سنڌ متعلق ٻٽي پاليسي اختيار ڪئي هئي. هڪڙي پاسي انگريزن کي خوش رکڻ لڳو، ٻي پاسي سنڌ تي جهٽ هڻڻ لاءِ حيلا هلائڻ لڳو. سنڌ تي ڪاهه ڪرڻ لاءِ انگريزن کان اجازت وٺڻ لاءِ ڪلڪتي جي فورٽ وليم قلعي جا در کڙڪائڻ لڳو. سنہ 1834ع ۾ هن سردار گجر سنگهه مجيٺا کي گورنر سان ڳالهين ڪرڻ لاءِ ڪلڪتي ڏانهن روانو ڪيو. سک سردار نہ اڳ فرنگين جون ڪڏهن ڪلبون ڏٺيون هيون ۽ نہ وري يورپين مڏمن جي ناز ادا کان واقف هو. قضا سان هڪڙي گل اندام مڏمر جي دام فريب ۾ گرفتار ٿي ويو. غير ممڪن هو تہ ڊگهي ڏاڙهي ۽ ڊگهن وارن واري سک سان مڏمر محبت رکي، انگريز هن کي "ڪاري رڍ" سڏڻ لڳا. هو سڄا سارا ٻہ سال سفارت جي فرض ادا ڪرڻ بدران مڏمر تي فدا رهيو. اپريل 1836ع ۾ ڪيس لاهور دربار پاران دپ نامو پهتو. تڏهن دل جون حسرتون دل ۾ سانديي هٿين خالي لاهور موٽي آيو. مڏمر جي صحبت مٿس ايترو اثر ڪيو هو جو باقي عمر جا ڏينهن وڇوڙي ڪري تارڪ الدنيا ٿي رهڻ جو هن ارادو ڪيو[1].

### مزارين جو منڻ ڪوٽ کي قرن:

سنہ 1834ع ۾ سردار بهرام خان مزاري مگسين، بليدين ۽ مزاري لشڪر سان منڻ ڪوٽ کي قريو. ملتان جي خالصا ڪمانڊر ڪنور نونهال سنگهه فوجن سميت منڻ ڪوٽ پهتو. هو تالپرن کي دٻائڻ لڳو تہ 12 لک رپيا ساليانو خالصا سرڪار کي ڀري ڏين. رنجيت سنگهه ٻيو سوال اٿاريو تہ خالصا سرڪار کي سنڌونديءَ تان هٿيارن گهرائڻ جي حق کي مير تسليم ڪن. انباري ۾ سنڌ جو هڪڙو هندو مؤرخ راءِ بهادر بولچند ديارام لکي ٿو تہ تالپرن

---

[1] J.D. Cumingham: A History of the Sikhs, P.200

P.N.Khera: British Forward Policy towards Sindh.

12 لک رپيا خالصا سرڪار کي ڏيڻ منظور ڪيا[2]. حقيقت هن ريت آهي تہ رنجيت سنگهہ پاران ملتان ۽ ديره جات مٿان ديوان سانوڻ مل سنہ 1832ع کان سنہ 1844ع تائين نائب هو. انگريزن جي ارادن کان واقف هئڻ ڪري سندس بلوچن سان همدردي هئي. سندس چوڻ هو تہ جيڪڏهن ٽالپرن شڪست کاڌي تہ انگريزن جو سمورو دٻاءُ پنجاب تي پوندو. لاهور سرڪار ۽ سنڌ سرڪار جي وچ ۾ جڏهن ڪو بہ سوال اٿندو هو تہ مير صاحب ديوان جي معرفت فيصلو ڪرائيندا هئا. مزارين جو علائقو ٽالپرن جي ماتحت هو، تنهن ڪري منڌ ڪوٽ جي نقصان جو عيوضو مير صاحبن کي پري ڏيڻو هو. ڪنور نونهال سنگهہ شڪارپور تي ڪاهہ لاءِ ڌمڪيون ڏيئي رهيو هو. تنهن لاءِ فقير عزيزالدين ڪپتان ويڊ کي پڪ ڏني هئي تہ رنجيت سنگهہ هر وقت شراب ۾ غلطان رهي ٿو. سندس ڏڙڪا شرابي دڙڪا آهن. تنهن هوندي بہ ڪپتان ويڊ صاف لفظن ۾ لاهور دربار کي چتاءُ ڏنو تہ سنڌ جا مير هينئر انگريزن جي قبضي هيٺ آهن ۽ سنہ 1832ع جي معاهدي موجب سنڌوندي تان هٿيار نيڻ تي بندش پيل آهي. مير صاحبن منڌ ڪوٽ جي ڦرلٽ جي عيوضي ۾ 12 لک رپيا پري ڏنا.

**مير ثريا جاه بهادر جي وقت جي حاڪمن کي اتحاد رکڻ لاءِ صلاح ڏيڻ:**

ڪپتان ويڊ رنجيت سنگهہ کي جيڪو سنڌ متعلق چتاءُ ڏنو، سو ميرن جي آزادي جي صفا خلاف هو. مير صاحبن کي پنهنجي سياسي پوزيشن جي خبر پئجي ويئي. بلڪہ سنڌ جي آبادگارن کي بہ پڪ ٿي وئي تہ ضرور انگريز هڪ نہ هڪ ڏينهن سندن ملڪ تي قبضو ڪندا. ٽالپر مير بلوچن کي بيدار ڪرڻ لڳا، جيئن قوم تنظيم سان متحد ٿي ايندڙ مشڪلاتن کي منهن ڏيئي سگهي. مير علي مراد خان ماڻڪاڻي سنڌيا جي لشڪر جي هڪڙي فرنگي عملدار کي جيڪو سيمن نالي هو، پنهنجي فوج کي جنگي تعليم ڏيڻ لاءِ نوڪر رکيو. رنجيت سنگهہ حڪومت قلات جو حصو ديره جات ۾ ڦٻايو هو ان ڪري مير نور محمد خان ثريا جاه بهادر پنهنجي خاص خزانچي مرزا باقر کي مير محراب خان ثاني بيگلر بيگي ڏانهن ڏانهن دوستي لاءِ ايلچي ڪري

(2) R.B. Baluchand Dayaram: History of Sindh, PP.36-37

موڪليو. هڪڙي علي محمد نالي هندستاني کي امداد لاءِ خط ڏيئي محمد شاهه قاچار ايران ڏانهن روانو ڪيو. جوڌپور انگريزن جي نگراني هيٺ هو. تنهن هوندي به مير صاحب اتي جي راجا مان سنگهه کي لکيو ته هينئر وقت آهي ته بلوچ، افغان، ايراني ۽ راجپوت گڏجي انگريزن کي اُتر اولهه هندستان کان لوڏي ڪڍن. هڪڙو ايلچي قنڌار جي بارڪزئي سردار ڏانهن روانو ڪيو ويو. مٿيون سموريون ڪوششون برٽش ڊپلوميسي اڳيان بي سود ثابت ٿيون. مثال لاءِ مرزا باقر شاهه اڃا قلات ۾ هو ته پنيان شهداداڻين ۽ ماڻڪاڻين جو پاڻ ۾ زمينن تان تڪرار ٿي پيو. ان ڪري فيصلي ڪرڻ لاءِ شاهه صاحب کي واپس اچڻو پيو. جوڌپور دربار کان ڪو جواب ڪين پهتو. ايران سان خط و ڪتابت ڪرڻ مان فقط هي نتيجو نڪتو جو هڪڙو ايراني شهزادي حاجي حسن علي خان مير صاحب وٽ شاهي مهمان ٿي لٿو. بارڪزئي سردار چوائي موڪليو ته ضرورت وقت روسي، ايراني ۽ افغان گڏجي ٽالپرن جي مدد ڪندا. مٿين تسلي ڪري ڪو وقت سنڌ جي اُفق تي افواهه پئي هليا ته عنقريب روسي، افغان ۽ ايراني ڪابل کان اچي مير صاحبن کي مدد ڏيندا[1]. هوڏانهن ڪرنل پاٽينجر جي ديسي ايجنٽ منشي چيٽانند سموري رپورٽ پيش ڪئي، جيڪا برٽش حڪومت تائين پهتي.

**پهرين افغان ويڙهه، حالات ڪابل:**

امير دوست محمد خان سياڻو بادشاهه هو، حڪومت هلائڻ جي ڍنگ کان واقف هو. شاهه شجاع لاءِ افغانن کي نفرت هئي. لڏيانه ۾ انگريزن جي ٽڪرن تي پلجي رهيو هو. فقط سدوزئي خاندان هئڻ ڪري پاڻ کي ڪابل جي تخت جو سڪڻو وارث سمجهندو هو[2]. امير دوست محمد خان خالصا سرڪار ۽ انگريزن کي پنهنجو دشمن سمجهندو هو. ڇاڪاڻ جو پشاور جي علائقي تي رنجيت سنگهه قبضو ڪيو هو. لارڊ وليم بينٽڪ کان پوءِ سنه 1835ع کان 1836ع تائين سر چارلس ميٽڪاف گورنر جنرل مقرر ٿيو. هن هندستاني پريس کي ڪنهن قدر آزادي ڏني هئي. ان ڪري ايسٽ انڊيا ڪمپني هن کي واپس

---

(1) E.Tharoton: History of British Empire in India, CHP.XXXII, PP.450-54 London, 1845

(2) B.J. Vaswani: History of England & India, PP.102-3 Bombay

گهرائي لارڊ آڪلنڊ کي سنڌس جاءِ تي مقرر ڪيو، جيڪو 1841ع تائين گورنر جنرل رهيو. هن اچڻ شرط 26 سيپٽمبر 1836ع ۾ ڪرنل هينري پاٽينجر معرفت ٽالپر ميرن تي دٻاءُ وڌو ته مير صاحب پنهنجي بچاءُ لاءِ انگريز ريزيڊنٽ کي حيدرآباد ۾ رهڻ لاءِ منظوري قبول ڪن. گورنر جنرل عذر پيش ڪيو ته جيڪڏهن سک سنڌ تي حملو ڪندا ته انگريز ٽالپرن کي مدد ڏيندا. حقيقت ۾ سکن کي هينئر ايتري فرصت ڪانه هئي جو سنڌ ڏانهن رخ رکي سگهن. سرحدي افغان ۽ ديره جات جا بلوچ سنڌن مٿي سور لاءِ ڪافي هئا. سنه 1837ع ۾ پشاور جي هولناڪ جنگ ۾ سکن امير دوست محمد خان جي پٽ اڪبر خان هٿان سخت شڪست کاڌي. سکن جو مشهور سپهه سالار هري سنگهه نلوه مارجي ويو. هن موقعي تي رنجيت سنگهه انگريزن کان مدد گهري هئي، پر هنن انڪار ڪيو هو[1]. انگريزن جي خاص مرضي هئي ته پيل خالصا ڪمزور رهن.

## هندستان جو بيمار مرد:

سنڌ انگريزن جي نظر ۾ هندستان جو بيمار مرد هو. جيئن يورپ ۾ ترڪي کي مٿين لقب سان سڏيندا هئا[2]. واقعي بلوچي حڪومت موت جي بستري تي پاسا بدلائي رهي هئي. انباري ۾ سر چارلس نيپئر جو ڀاءُ ميجر وليم نيپئر پنهنجي ڪتاب "فتوحات سنڌ" ۾ هيٺيون سبب ڏيکاريو آهي:

"انگريزن جي ملڪي جوڙجڪ جو نمونو ٽالپري نظام کان بهتر هو. ٽالپرن وانگر انگريز به ڌاڙيا هئا، مگر بلوچن کان مهذب هئا. وٽن علم ۽ هنر هو. بدني طاقت ۽ استقلال جي لحاظ سان بلوچن کان وڌيڪ چست هئا. انگريزن جون دليون سوڀ جي نشي ڪري مخمور هيون، ڪابه طاقت سنڌن وڌندڙ قدم کي روڪڻ کان عاجز هئي. انگريزن جو واپار ۽ سنڌن شين جو ڏيک لازمي طور ايندڙ تهذيب جو آغاز هو، جنهن سان پراڻي تهذيب جو ٽڪرجڻ لازمي امر هو[3]."

---

(1) Sayyid Mohammed Latif: A History of the Punjab, P.485 Calcutta, 1891

(2) P.N.Khera: British Forward Policy Towards Sindh

(3) W.F.Napier: The Conquest of Sindh, Vol.I, P.25 London, 1845

وليم نيپئر جيڪو بيان ڏنو آهي، سو گمراهه ڪن آهي. هت اُن زماني جي انگريزي هندستان جي سنڌ سان ڀيٽ ڪيون ٿا. پڙهندڙن کي نئين ۽ پراڻي تهذيب جي برڪتن جي خبر پئجي سگهندي. جيئن هندستان جي دفترن جي ٻولي فارسي هئي، تيئن سنڌ جي سرڪاري ٻولي بہ فارسي هئي. لنڊن ليڊن هال بازار جي ڊائريڪٽرن جي حڪم سان فارسي ٻولي هندستان جي عدالتي دفترن مان ميسارجي وئي، سندس جاءِ تي ديسي زبان چالو ٿي. ڇاڪاڻ جو ڪمپني جا ڊائريڪٽر اسلامي تهذيب ۽ ادب جي خلاف هئا. تعليمي حالت ڪمپني جي راڄ ۾ پست هئي. هڪڙو هندو ڪاليج بنارس ۾ هو ۽ محمدن ڪاليج ڪلڪتي ۾ هو. لارڊ وليم بنيٽڪ جي زماني ۾ سپريم ڪائونسل جي ميمبر مڪالي جي صلاح سان انگريزي ٻولي مقرر ٿي، جيئن رومن شهنشاهن رومن ٻولي کي پنهنجي شهنشاهت اندر لازمي مقرر ڪيو. جيسين هندستاني انگريزي سکن، تنهن کان اڳ ديسي ٻوليون دفتر ۾ چالو ٿيون. انگريزي کاتا ڪليڪٽرين ۾ ورهايل هئا. بدامني جي حالت ۾ سپاهين کان سواءِ فوجن کان بہ ڪم نندا هئا. وليم بينٽڪ جي زماني ۾ پهريون دفعو ديسين کي پوليس ڪاتي ۾ ڀرتي ڪيو ويو. بمبئي ۽ ڪلڪتي ۾ آگبوٽن جڙڻ جون گوديون جاري ٿيون. مگر انجڻون ولايت کان اينديون هيون. ڪلڪتي ۽ الهہ آباد جي وچ ۾ گنگا ندي تي آگبوٽ هلڻ لڳا. اڳ هندستان جي ٽپال آفريڪا جي چوگرد ڦري 113 ڏينهن ۾ انگلينڊ پهچندي هئي. وليم بينٽڪ جي ڏينهن ۾ بمبئي کان بحيره قلزم تائين ٽپال نيڻ جو تجربو ڪيو ويو، جنهن موجب 55 ڏينهن ۾ انگلينڊ ٽپال پهچڻ لڳي[1]. سنہ 1833ع ۾ ڪمپني جي چارٽر جو مدو ختم ٿيو. نئين چارٽر موجب ويهن سالن لاءِ ڪمپني کي وڏيڪ هندستان تي حڪومت ڪرڻ لاءِ دارالعوام لنڊن کان اختياري ملي. انگريزي علائقن ۾ مال جي متاستا تي ديوٽي لاڳو هئي. نشيدار شين جي واپار تي بندش پيل هئي. ڪمپني جا عملدار ڳريون رشوتون وٺندا هئا. هر هڪ علائقي ۾ ڪاتن اندر رشوت جي بازار گرم هئي. ڪالرا پليگ ۽

---

[1] J.C.Marscham: Abridgment of the History of India, CHP. XI, PP. 371-82

ڏکر ڪري راجپوتانا، ڪڇ ۽ گجرات جي رعايا مفلس هئي. ڪاٺياواڙ جا 3 سؤ زميندار جن مان هر هڪ جي اڳ ساليانو آمدني هڪ لک ويهه هزار رپيا هئي، سا گھٽجي وڃي ساليانو ڏهن پائونڊن کي پهتي. زميندارن تي ڍلون وڌايون ويون، جنهنڪري ڪول، سنتال، ڊنگر جهڙين آبادگار قومن ڏکڻ اولهندي بنگال ۾ 1832ع ۾ فساد ڪيا. بمبئي جهڙن شهرن ۾ مهانگائي هئي. بٽلر جو پگهار ماهوار 12 رپيا هو ۽ هڪڙو درزي بمبئي جهڙي شهر ۾ 15 رپيا مس ماهوار ڪمائي سگهندو هو. مٿيون برڪتون 234 ورهين جي ڪمپني راڄ اندر هندستانين کي نصيب ٿيون، جن کي وليم نيپئر ساراهي ٿو[1]. سنڌ ۾ امن امان هو، آسودگي جو دور هو. مکڻ ڪوڏرن جي لپن جي ماپ سان ملندو هو[2]. تعليمي ادارا وقف تي هلندا هئا[3]. رعايا ڏکر ۽ بيمارين کان محفوظ هئي.

**ڪابل تي ڪاهه ڪرڻ لاءِ انگريزن، سکن ۽ شاهه شجاع جو عهدنامو:**

نومبر 1837ع ۾ روسي وزير جي صلاح سان ايران جي شهزادي محمد ميرزا شاهه هرات تي ڪاهه ڪئي. لارڊ آڪلنڊ جو ڌيان روس ڏانهن ڇڪجڻ لڳو. دوست محمد خان جنهن اڳ انگريزن کان سکن خلاف مدد گھري هئي، سو انگريزن کان نااُميد ٿيڻ کان پوءِ روسي سفير مقيم ڪابل سان عهدنامي ڪرڻ لاءِ ڳالهيون ڪرڻ لڳو[4]. گورنر جنرل کي خوف جاڳيو ته متان روسي خيوا کان افغانستان رستي هندستان تي حملو نه ڪن. ان ڪري هن معزول بادشاهه شاهه شجاع کي ٻيهر ڪابل تي تخت تي ويهارڻ جو ارادو ڪيو. ان لاءِ ته ڪابل تي انگريزن جو سياسي اثر رهي. اسين اڳ ذڪر ڪري چڪا آهيون ته شاهه شجاع ۾ نه فوجي قابليت هئي نه وري حڪومت هلائڻ جي منجهس اهليت هئي. هن هڪ ڀيرو 1834ع ۾ قنڌار تي فوج ڪشي ڪئي هئي. ان ڀيري آغا اسماعيل شاهه جي پٽ سيد ڪاظم شاهه شهدادائي

---

(1) J.S.Cotton: Rulrs of India, M.Elphinstone, PP. 169-70

(2) ميرن جي صاحبي: حڪيم فتح محمد سيوهاڻي. لارڊ آڪلنڊ جي ڏينهن ۾ پنج لک هندستاني ڏکر وگهي فنا ٿي ويا.

(3) الوحيد سنڌ آزاد اسپيشل نمبر، جولاءِ 1936ع ڪراچي. "ميرن جي صاحبي اندر تعليمي حالت" از: علامه دائودپوٽه

(4) Augus Hamilton: Problem of the Middle East a Parsia & Powers, P. 174, London, 1909

سرڪار پاران سيد گولي شاھ سهراباڻي سرڪار پاران روهڙي وٽ 18 هزار فوجن سان سندس مقابلو ڪيو هو. پر ٻئي ٽالپري سپهه سالار مارجي ويا هئا. آخر مير صاحبن هن کي 12 لک رپيا ڏيئي رستو ڏنو هو. پر شڪست کائي قلات، حيدرآباد ۽ جيسلمير کان ٿيندو لڏيانه پهتو هو[1]. مير محراب خان ثاني بيگلر بيگي قلات انگريزن کي بروقت چتاءُ ڏنو هو تہ "شاھ شجاع معرفت اوهين سنڌ تي ميرن ۽ بلوچستان جي سردارن کي آزمائڻ گهرو ٿا، مگر اوهان کي پڪ هئڻ کپي تہ شاھ شجاع ڪابل جي تخت تي هرگز حڪومت هلائي نہ سگهندو." 20- مارچ 1838ع ۾ لنڊن جي ڊائريڪٽرن اڳيان آڪلنڊ دعوت جي موقعي تي تقرير ۾ چاڻايو هو تہ هندستان پهچڻ کان پوءِ هو ستارن ۽ امن امان لاءِ ڪوشش ڪندو. هينئر هن ڪابل جي مهم جو ارادو ڪيو، جنهن لاءِ ناڻي جي ضرورت هئي. گورنر جنرل رنجيت سنگهہ کي هن مهم ۾ شامل ڪيو، ڇاڪاڻ جو لارڊ آڪلنڊ کي خبر هئي تہ رنجيت سنگهہ جي ساليانی آمدني اڍائي ڪروڙ رپيا آهي ۽ اٽڪل ڏهہ ڪروڙ رپيا نقد سندس خزاني ۾ موجود آهن. وٽس مضبوط خالصن جو لشڪر آهي، جن کي ڪرنل آلرڊ ۽ ونيٽورا ولائتي نموني جو قانون سيکاريو آهي[2]. اليگزينڊر برنس جنهن 1831ع ۾ شمله ۾ لارڊ اٽمهرسٽ کي سنڌ متعلق رپورٽ پيش ڪئي هئي، تنهن ۾ هن ڏيکاريو هو تہ ميرن جو لشڪر بي قاعده هئڻ ڪري ڪمزور آهي، مگر مير دولتمند آهن. جن وٽ ويهہ ڪروڙ رپيا حيدرآباد جي قلعي ۾ موجود آهن. رنجيت سنگهہ جون اکيون شڪارپور ۾ ڪتل هيون، جتي جي شاهوڪارن جون منڊيون استرا خان ۽ ڪلڪتي ۾ هلنديون هيون[3]. محمد شاھ قاچار پنجاھ هزار لشڪر سان هرات تي ڪاھ ڪئي مٿين

---

[1] H.H.Wilson: The History of British India, Vol II, CHP. VII, PP. 271-77, London

[2] ڪرنل آلرڊ، ونيٽورا بہ فرينچ عملدار نيپولين بونا پارٽ جي فوجن ۾ نوڪر هئا. نيپولين کان پوءِ ڪجهہ وقت هنن ايراني لشڪر ۾ نوڪري ڪئي. 1822ع ۾ لاهور پهتا. جتي رنجيت سنگهہ جي فوجن ۾ عملدار ٿي رهيا. انهن عملدارن کان سواءِ ٻيا بہ مغربي عملدار جنرل ڪورٽ ۽ ائوٽيبائيل خالصا فوجن کي تعليم ڏني هئي. ونيٽورا پوئين زماني ۾ پشناور مٿان گورنر هو. هن گهڻي دولت گڏ ڪئي هئي. وٽس بہ ڪشميري زالون بہ هيون. عيش سان زندگي بسر ڪندو هو.

[3] J.C.Marsham: Abridgment of the History of India, CHP. XI, P. 371

ڪاهه ڪري هندستان ۾ افواهه هئا تہ اجهو ٿو روس پہ لک فوجن سان هندستان تي ڪاهه ڪري، حقيقت ۾ هندستاني رعايا جيڪا ڪمپني جي ظلمن ڪان تنگ هئي، اهڙن افواهن تي گهڻو ڌيان ڏيندي هئي[1].

**لارڊ آڪلنڊ جي غلط پاليسي:**

اليگزينڊر برنس 1837ع ۾ دوست محمد خان کي ڪابل ۾ مليو. ميرن انگريزن سان دوستي رکڻ جو ارادو ظاهر ڪيو، پر جنهن صورت ۾ تهران جي برٽش سفير ايم.نيل لنڊن کي ڪابل تي ڪاهه ڪرڻ لاءِ لکيو هو، تنهن ڪان سواءِ گورنر جنرل جي ڪائونسل جي ميمبرن مان مئڪناٽن ۽ وزير خارجہ ڪولوين جنگ جي فائدي ۾ هئا. ان ڪري آڪلنڊ برنس ۽ دوست محمد جي ڳالهين تي ڪو ڌيان نہ ڏنو. جون 1838ع ۾ مئڪناٽن جي ڪوشش سان شاهہ شجاع، انگريزن ۽ رنجيت سنگهہ ۾ ڪابل تي فوج ڪشي ڪرڻ لاءِ عهدنامو ٿيو. شاهہ شجاع رنجيت سنگهہ کي پڪ ڏني تہ ميرن ڪان جيڪي هٿ لڳندو تنهن مان ڪيس حصو ڏيندو. تنهن ڪان سواءِ سنڌونديءَ جي اولهندي وارن ملڪن ڪان هميشہ لاءِ هٿ ڪڻندو. 1- آڪٽوبر 1838ع ۾ گورنر جنرل شملہ ڪان ڪابل تي جنگ جو اعلان ڪيو. هندستان جي ڪمانڊر بيماري جو بهانو ڪري موڪل ورتي، لنڊن ڊائوننگ بزار کي ڊيوڪ آوويلنگٽن جهڙي تجربيڪار فوجي عملدار چتاءُ ڏنو تہ برٽش حدن ڪان اٺ سؤ ميلن جي مفاصلي تي افغانستان جهڙي جابلو ۽ سرد ملڪ ۾ انگريز فوجن جي سنڀال ڪرڻ ۾ دقت ٿيندي. مانسٽيوئرٽ ايلفنسٽن بہ پنهنجي ڪابل واري رپورٽ ۾ ڏيکاريو هو تہ:

> "انگريز 27 هزار لشڪر آساني سان دره بولان ڪان ڪابل تائين پهچائي سگهندا، مگر افغانستان جهڙي جابلو ملڪ ۽ شوخ طبع افغانن تي حڪومت هلائڻ ۽ لشڪر کي

---

[1] انگريزن بمبئي توبخاني جي هڪڙي ليفٽيننٽ ايلڊرڊ پاٽينجر کي هرات ڏانهن روانو ڪيو، جنهن هرات جي حاڪم ڪامران ۽ سندس وزير يارمحمد پاران محمد شاهہ قاچار ۽ سندس روسي صلاحڪار ڪائونٽ سمونچ کي پنج پيرا هرات ۾ شڪستون ڏنيون. ٻي پاسي انگريز ٻيڙي ايراني نار جي ٻيٽ خرق تي قبضو ڪيو. محمد شاهہ شڪست کائي موٽيو.

صحرائن ۽ جبلن پار کاڌ خوراڪ ۽ بارود پهچائڻ ڏکيو
ڪم ٿيندو."

لارڊ آڪلنڊ جي غلط پاليسي ڪري جيڪو نتيجو نڪتو سو انگريزن جي تاريخ ۾ هڪ نه متجندڙ بدنامي جو داغ آهي.

**گورنر جنرل جو ٽالپرن تي دٻاءُ وجهڻ:**

هاڻي سوال هو ته جنگ لاءِ خزانو ڪٿان اچي؟ بنگال سرڪار جا خزانا اڳيئي خالي هئا. شاهه شجاع کي ڪمپني جي ناڻي جي ضرورت هئي. مٿڪناڻن جي نظر ۾ ٽالپر دولتمند هئا. گورنر جنرل اعلان ڪيو ته اتحادين جو لشڪر سنڌ مان لنگهندو. ان کان سواءِ ٽالپر امير 25 لک رپيا شاهه شجاع کي هڪدم پري ڏين. رقم ڏيڻ کان پوءِ هو ڪابل کان آزاد رهندا. گورنر جنرل اهو به ڏيکاريو ته جيڪڏهن رنجيت سنگهه سنڌونديءَ وسيلي هٿيار گهرائيندو ته کيس اجازت ڏبي. انگريز ريزيڊنٽ ميرن کي چتاءُ ڏنو ته مير ايران جي شاهه سان انگريزن خلاف لکپڙهه ڪري رهيا آهن. دنيا کي خبر هئي ته ايران جا قاچار توڙي شهدادائي مير شيعا هئا. سنڌن دوستي حق بجانب هئي. مير ثريا جاه بهادر انگريز ريزيڊنٽ کي جواب ڏنو ته شاهه شجاع ۽ ٽالپرن جو معاملو خانگي آهي، جنهن ۾ انگريزن کي دخل ڏيڻ جو ڪو حق ناهي. ڇاڪاڻ جو شاهه شجاع 1834ع ۾ ٽالپرن کي قرآن تي لکي ڏنو هو ته جيڪڏهن هو قنڌار کان شڪست کائي موٽيو ته پوءِ آئينده لاءِ ڀل لاءِ هرگز تقاضا نه ڪندو. ڪابل جي ڪاهه لاءِ پنجاب جو رستو بلڪل ويجهو هو، پر گورنر جنرل رنجيت سنگهه کي ناراض ڪري نه پيو سگهي. هن ڪراچي، بکر، بولان کان بنگال ۽ بمبئي جي فوجن کي لنگهائڻ جو ارادو ڪيو. پويون رستو هڪ هزار ميل ڊگهو ۽ ڏکيو هو، مگر ايسٽ انڊيا ڪمپني جي نظر ۾ سنڌ ۽ بلوچستان زيردست حڪومتون[1] گورنر جنرل رستي کُهرڻ لاءِ اڳوات اليگزينڊر برنس کي قلات ڏانهن روانو ڪيو. ڊسمبر 1838ع ۾ اي.برنس بکر پهتو ۽ مير رستم خان تي دٻاءُ وجهي

---

[1] Edmind C.Cox: History of Pombay Presidency, P. 229

بکر جي قلعي لاءِ گهُر ڪئي. مٿين حقيقت هڪڙي فرينچ سياح جي.پي فريئر پنهنجي سياحت نامي ۾ هن ريت بيان ڪري ٿو:

"فرنگي سفير بکر جي قلعي لاءِ مير رستم خان کان گهُر ڪئي. مير صاحب کي پڪ ٿي وئي ته فرنگي ميرن کي غلام سمجهن ٿا. مير صاحب فرمايو ته بکر جو قلعو خيرپور سرڪار لاءِ بچاءُ جو هنڌ آهي، جيڪڏهن ڌاري طاقتِ جي هٿ ۾ رهيو ته نه رڳو خيرپور سرڪار کي بلڪ تختگاهه کي به خطرو رهندو. اهو ساڳيو مير هو، جنهن تي پنج ورهيه پوءِ انگريزن ڪاهي، سندن پائتن ۽ پاڙيجن جون جاگيرون ضبط ڪيون. بکر جو قلعو انگريزن جنگ ذريعي افغانستان جي بهاني سان هٿ ڪيو. سو وري سهراباڻي سرڪار کي موٽي ڪين مليو. سر چارلس نيپئر فاتح سنڌ شريف ٽالپرن سان ظلم ڪيا. سندن دولت لُٽڻ کان سواءِ حرم جي خواتين جا زيور ۽ جواهر به ڦُريا[1]."

## انگريزن جو بکر جي قلعي تي قبضو:

اي.برنس پيرسن مير رستم خان کي تسلي ڏيندي چيو ته جيڪڏهن هو قلعو حوالي ڪندو ته سهراباڻي سرڪار هميشه لاءِ آزاد رهندي. مير صاحب کي لاچار عهدنامو ڪرڻو پيو. معاهدي جي ڪاغذ تي صحي ڪرڻ مهل هن انگريز ايلچي کي چيو ته "جيڪڏهن انگريزن حيدرآباد سرڪار کان ڪراچي نه ورتي ته پوءِ مون کي خودڪشي ڪرڻي پوندي." مير نورمحمد خان ثريا جاه بهادر گورنر جنرل کي جواب ۾ لکيو ته افغانستان جو ملڪ دره گومل کان ويجهو آهي. لارڊ آڪلنڊ لکيو ته سنڌ جا بندرگاهه فوجن کي لنگهائڻ لاءِ مفيد ٿيندا. بلوچستان جي حالت سنڌ کان به وڌيڪ نازڪ هئي. پاٽينجر 1818ع ۾ ڪانولي 1830ع ۾ اُتي جي سياحت ڪري اُتي جي چپي چپي کان واقف ٿي چڪا هئا. مير شاهنواز خان پاڻ کي حقي وارث ڪوٺائڻ لڳو. بيگلر بيگي مير

[1] J.P.Ferrier: History of the Afghans, London, 1858

محراب خان جي مقابلي ۾ انگريزن لاءِ ڪارگر هٿيار هو. سنہ 1838ع ۾ حاجي عبدالنبي انگريزن کي اطلاع ڏيئي ڇڏيو هو تہ بلوچستان جا سردار خان جي خلاف آهن[1]. حاجي عبدالنبي بہ گويا انگريزن پاران ديسي ايجنٽ هو[2]. برنس بکر ۾ تہ ڪپتان ليچ قلات ۾ مير محراب خان ثاني کان رستي گهرڻ لاءِ ڳالهين ۾ رُڌل هو. ايءبرنس خان صاحب کي چتاءُ ڏنو تہ انگريز لشڪر قنڌار ڏانهن ويندي دره بولان کان لنگهندو. جنهن لاءِ خان کي باربرداري جا جانور، ڪاڌ خوراڪ ۽ گاهہ موجود رکڻو پوندو. جيڪا رقم انگريز قلات کي ڀريندا. چارلس ماسن جو بيان آهي تہ ان زماني ۾ بلوچستان ۾ ڏڪر پيل هو ان ڪري خان انگريزي ايلچي کي صاف لفظن ۾ ٻڌايو تہ بلوچستان غريب ملڪ آهي. منجهس ايتري پيدائش ڪانهي جو هتي جي رهاڪن کي پوري پئجي سگهي. خان اهو بہ ٻڌايو تہ شاهہ شجاع ڪابل جي تخت تي هرگز جتاءُ ڪري نہ سگهندو[3]. انگريزن جي دماغ ۾ مغروري سمايل هئي. هنن ڪنهن جي صلاح تي ڌيان ڪين ڏنو. قدرت کي اهوئي منظور هو تہ هو سخت نقصان سان بيعزت ٿي ڪابل کان نڪرن. جنهن جو مثال دنيا جي تاريخ ۾ ڪونهي.

**سنڌو درياءَ جي لشڪر جي روانگي:**

انگريز جي لشڪر کي سنڌ مان لنگهڻو هو جتان ڪاڌ ۽ خوراڪ جو سامان پهچائڻو هو. ان ڪري لشڪر تاريخن ۾ "انڊس آرمي" يعني سنڌ جو

(1) Frontier & overseas Expeditions from India, "Kalat Affairs", P. 37

(2) پهرين افغان جنگ وقت ميجر ليچ حاجي عبدالنبي کي سنہ 39- 1838ع قلات کان مڪران تائين سفر ڪري رپورٽ پيش ڪرڻ لاءِ مقرر ڪيو هو. سندس رپورٽ ٻن قسطن ۾ 1844ع ۾ جرنل ايشياٽڪ سوسائٽي بنگال شايع ڪئي.
آرٿرڪانولي انگليڊ کان خشڪي رستي ايران، افغانستان کان ٿيندو اُتر هندستان تائين پهتو، سندس سفرنامو سنہ 1834ھ ۾ شايع ٿيو.

R.Hughes Buller: Baluchistan District Gazetteer, Vol. VII, CHP History, P.51, Bombay, 1907

(3) چارلس ماسن هڪڙي انگريز واپاري جو پٽ هو، ايسٽ انڊيا ڪمپني جي نوڪري مان ڀڄي قلندرين جي ويس ۾ هن سنڌ، پنجاب، بلوچستان، افغانستان ۽ عراق تائين سياحت ڪئي هئي. جنهن ۾ 1826ع کان 1838ع جي زماني جي چشم ديد صورتحال ڏنل آهي. 1846ع ۾ سندس سفرنامو ٽن جلدن ۾ لنڊن مان شايع ٿيو.

لشڪر سنڌجي ٿو. نومبر 1838ع ۾ بنگالي لشڪر جنهن ۾ 9500 سپاهي 38 سؤ سفر مئن ۽ ٽيهه هزار اُٺ هئا. جيڪي جنرل سر ولوبي ڪاٽن جي اڳواڻي هيٺ فيروزپور ۾ گڏ ٿيا. هت گورنر جنرل رنجيت سنگهه سان ملاقات ڪئي. هن موقعي تي گورنر جنرل سک راجا کي جيڪو مرڻ جي ڪنڌي تي هو، هندستان جو نقشو پيش ڪيو. جنهن ۾ ڪمپني جي علائقن جو رنگ ڳاڙهو ڏنل هو. رنجيت سنگهه ڪلندي چيو تہ عنقريب سڄو هندستان ڳاڙهو ٿي ويندو. مئڪناٽن گورنر جنرل پاران فوجن سان سفير هو. بمبئي جو لشڪر جنهن ۾ 56 سؤ سپاهي هئا سر جان ڪين جي اڳواڻي هيٺ بمبئي کان سمنڊ رستي روانو ٿيو. شاهہ شجاع جيڪو ٽيهن ورهين کان جلاوطن هو تنهن جي لشڪر جو تعداد 6 هزار هو. هن لشڪر جو خرچ ڪمپني تي هو. 10- ڊسمبر بنگال جو لشڪر فيروزپور کان روانو ٿيو[1]. بهاولپور جو نواب جيڪو سنہ 1809ع واري معاهدي امرتسر موجب انگريزن جي نگراني هيٺ هو ۽ جيسلمير جي راجا جن سان انگريزن سنڌن ڪسيل علائقا موٽائي ڏيڻ لاءِ انجام ڪيو هو، جيڪي هن وقت ٽالپرن جي قبضي هيٺ هئا. تن اُنن جي لشڪر کي مدد ڪئي. ساڳي وقت بمبئي جو لشڪر سر جان ڪين جي اڳواڻي هيٺ جهازن تي حجامڙي جي چوڙ وٽ پهتو. 21 هزار لشڪر کي سنڌ مان لنگهڻو هو. سڄي سنڌ ۾ ٽرٽلو مچي ويو. انگريزن جا ايجنٽ واپارين معرفت ڪراچي، شاهبندر، ٺٽي ۾ اناج ۽ چوپايو مال خريد ڪرڻ لڳا. وڏن شهرن ۾ گدام کُلي ويا. سيٺ ناٺونمل جنهن جا دربار تائين لاڳاپا هئا سو ڪڇ جي راجا جي مدد سان اُٺ خريد ڪرڻ لڳو. سنہ 1857ع تائين انگريزن جو صلاحڪار ۽ مددگار ٿي رهيو. ڪيس "ستاره هند" جو لقب ملبو هو. لوئر سنڌ جا بہ وڏا.زميندار جن مان نومڙين مَلڪن جي ڪوهستان ۾ جاگير هئي، تن کي ناٺونمل معرفت وڏا نيڪا مليا. ٽالپرن جي صاحبي اندر شراب، آفيم ۽ مڇي تان ڪين محصول معاف هو. بلڪ سنڌن سردار احمد خان حملاڻي جي ڀيڻ سان مير ڪرم علي خان شادي ڪئي هئي. سنڌس ڌيءَ سان مير نورمحمد خان شادي ڪئي هئي.

---

[1] J.C. Marsham: Abridgment of History of India, CHP. XII, P. 395

مگر هينئر انگريزن جي ناٽي کي ڏسي بلوچ ڪنفيڊريسي سان غداري ڪرڻ لڳو. جوکين جو سردار ڄام مهر علي خان جنهن نومڙين ۽ ڪرمتين (ڪلمتي) جون زمينون حب کان وٺي گهاري تائين قبايون هيون. تنهن هڪ هزار اُٺ سر جان ڪين لاءِ تيار رکيا.

سيٺ ناؤنمل معرفت ڪراچي کان ڪوٽڙي تائين انگريزن جي ٽپال پهچائڻ جو ڪيس ٽيڪو سليو[2]. ڪراچي جي آبادي فقط ڇهه هزار هئي. پر منجهس پري پري جا واپاري رهندا هئا. منهوڙي جي قلعي جو قلعيدار ڪي مير صاحبن پاران انگريزن جي جهازن تي گولاباري ڪرڻ لاءِ حڪم مليل هو. ان ڪري قلعيدار الهرکئي خان سر جان ڪين جي جهازن تي گولاباري شروع ڪئي. سر جان ڪين جي جنگي جهاز ويزلي هڪ ڪلاڪ متي جي قلعي تي گولا وسائي ديوار اُڏائي ڇڏي. فرنگين جي لشڪر جو تعداد ساڍا پنج هزار هو. ٽالپرن جي قلعي ۾ بلوچي لشڪر جو تعداد 3 هزار هو. انڪري لازمي طور سر جان ڪين ڪراچي تي قبضو ڪيو. هيڏانهن حيدرآباد جي انگريز ريزيڊنٽ ليفٽيننٽ ايسٽ وڪ جي ڪوٺيءَ ٻاهريان بلوچن جو گوڙ متل هو. ڇاڪاڻ جو فرنگي فوجن جي نقل ۽ حرڪت کي بلوچ پاڻ لاءِ بيعزتي سمجهڻ لڳا. هڪڙي ڏينهن اوچتو تختگاهه ۾ افواهه اٿيو ته مير شيرمحمد خان ماٽڪاٽي 12 هزار لشڪر سان حيدرآباد کي ويجهو پهتو آهي. متين خبر بلوچي چوڪن کي بجلي وانگر ڇڙڪايو انهن غلطي ڪري ريزيڊنٽ تي پٿر اُڇلايا. ليفٽيننٽ ايسٽ وڪ حفاظتي دستي سان جڏهن ڪوٺي کان ٻاهر نڪتو انوقت ويهه هزار بلوچن جو هجوم سندس پٺيان پيو. هو گدو بندر کان اُتر طرف ٻن ميلن جي مفاصلي تي سلامتي سان ٽندي نورمحمد پهتو. پٺيان جن واپارين مال سان گدام انگريزن لاءِ ڀريا هئا. تن کي بلوچ لُٽڻ لڳا. متين گدامن جي لُٽجڻ ڪري مير ذوي الاحترام انگريزن کي تسلي ڏني ته فسادين سرڪار جي رضامندي کان سواءِ متين سازش ڪئي آهي .ڪين جوڳيون سزائون ڏنيون ويون. ڪن جون ڏاڙهيون

[2] G.Smith: The life of John Wilson, PP. 440-41

ڪوڙيون ويون ۽ ڪن جا ڪن ڪپايا ويا. بلوچي روايتن موجب مٿيون سزائون سخت هيون[1].

**انگريزن جو ٽالپرن سان پنجون عهدنامو:**

ڪراچي تي انگريزن جي قبضي هيٺ ڪري حيدرآباد جي سياسي حلقن ۾ بي آرامي پيدا ٿي. مير ثريا جاه بهادر مقربان خاص ۽ شهزادن سان مشورو ڪيو. وزير آغا سيد اسماعيل شاهه جيڪو پراڻو نمڪ حلال ۽ تجربيڪار هو، تنهن مير صاحب کي تسلي ڏني ته معاملو خير ۽ خوبي سان رفع ٿي ويندو. شاهه صاحب پاڻ سر جان ڪين کي روبرو گڏيو. ڪرنل هينري پاٽينجر آغا جي طبيعت کان واقف هو، تنهن فيبروري 1839ع ۾ جيڪي شرط پيش ڪيا سي پنهنجي نوعيت ۾ گذريل عهدنامن جي شرطن کان سخت هئا:

1. افغان جنگ ۾ ٽالپر سرڪار انگريزن کي بار برداري جي جانورن ۽ لشڪر لاءِ گاهه ۽ ڪاٺ خوراڪ جو سامان مناسب قيمتن تي ڏيڻ لاءِ ٻڌل رهندا.
2. بلوچن جي ڦُرلٽ ڪرڻ ڪري انگريزن کي جيڪو 23 لکن رپين جو نقصان پهتو آهي، سو ٽالپر مير هڪدم پوري ڏيندا.
3. آئينده لاءِ ڪراچي ۾ مستقل طور 3 هزار انگريز لشڪر رهندو.
4. حيدرآباد سرڪار سنڌ جي انگريز لشڪر جي خرچ لاءِ ساليانو 3 لک رپيا پريندي.
5. ٽالپرن جي حفاظت ڪرڻ لاءِ انگريز ريزيڊنٽ حيدرآباد ۾ رهندو.
6. انگريز ريزيڊنٽ کي عوام سان ڪو تعلق نه رهندو. فقط اهم ڳالهين متعلق مير ڪانئس صلاح وٺندا.

---

[1] Kalichbeg Furedunbeg: History of Sindh, Vol.II, PP.224-25

Sir.W.Napier: Napier Sir.C.James, His life & opinions, Vol.I, P.25 London, 1857

نوٽ: ليفٽيننٽ ايسٽ وڪ جو ڪتاب "ڊراءِ ليوز فرام ينگ ايجپٽ" نالي آهي، اُن جو اردو ترجمو سيد محمد ضامن ڪنتوري "عبرت ڪده سنده" جي نالي سان سنه 1903ع ۾ حيدرآباد دکن مان شايع ڪرايو.

7. ٽالپر حڪومت جا رپيا گلٽي آهن. انگريز واپارين کي کوٽ پوي ٿي. ٽالپر مير نوان رپيا تيار ڪرائن.

آغا سيد اسماعيل شاهہ دربار جو جهونو آزمودگار وزير هو. ڪابل، تهران، ڪلڪتي جي فورٽ وليم قلعي جا ايوان سندس نالي کان واقف هئا. فضا جي رخ کي سمجهي ويو ۽ شرط منظور ڪيا. برطانوي عملدار جن کي ٽالپري خزانن کي لُٽڻ جي ديرينہ آرزو هئي، سي هن پيري نااُميد رهجي ويا.
22- جنوري 1839ع ۾ ليفٽيننٽ ايسٽ وڪ، ڪپتان آئوٽ رام، ليفٽيننٽ ليڪي هڪ بجي ڏاري امير ثريا جاه بهادر سان ملاقات ڪئي. مقربان بارگاهہ مان مرزا خسرو بيگ، نواب محمد خان، منشي ديوان چوئٿرام موجود هئا. مير صاحب هڪڙي صندوق گهرائي گذريل عهدنامن جا ڪاغذ فرنگي عملدارن اڳيان رکي، بلوچي اميرن ۽ رئيسن ڏانهن مخاطب ٿي ڪري فرمايو: "جيڪي فرنگين تي اعتبار ڪن ٿا، سي بيوقوف آهن." پوءِ انگريز ايلچي کي فارسي ۾ چيو:

"اوهين جيڪي عهدناما ڪريو ٿا سي پنهنجي سهوليت جي مدنظر ڪريو ٿا. ڇا اوهين فرنگي پنهنجن دوستن سان هن نموني سان پيش اچو ٿا؟ اوهان پهريان اسان جي ملڪ مان فوجن لنگهائڻ لاءِ گهُر ڪئي. اسان کي جيڪڏهن اهڙي خبر هجي ها تہ لشڪر آڻڻ کان پوءِ اوهين اهڙا پير کڻندا، تہ ضرور اسين پنهنجي حفاظت ڪرڻ لاءِ قدم کڻون ها. اسان کي جيڪڏهن اها بہ خبر هجي ها تہ اوهين 23 لک رپين لاءِ گهُر ڪندؤ تہ ضرور اسين پاڻ کي بچايون ها. اسين بلوچ آهيون، واپاري ڪين آهيون جو خوف ڪريون ها[1]."

مير ثريا جاه بهادر جي جواب ۾ ليفٽيننٽ ايسٽ وڪ کي فارسي ۽ عربي ۾ رباعيون ۽ مثال ڏنا. مير صاحب پنهنجن صلاحڪارن سان مختصر

[1] Lutfullah: Autobiography, PP.294-96 London, 1857

ڳالهائي فرنگين کي چيو. "اسين اوهان تي وڌيڪ اعتبار ڪري نہ ٿا سگهون، نہ وري هڪدم ايڏي رقم پوري سگهنداسون" انگريزن ۾ اها ڳالهہ مشهور هئي تہ مير دولتمند آهن[1]. تنهن کان سواءِ پر واريون سنڌ جون جيڪي بہ حڪومتون هيون، سي ميرن جي تباهي لاءِ منتظر ۽ انگريزن جون مددگار هيون، جن کي گورنر جنرل سنڌ جا ڪي حصا ڏيڻا ڪيا هئا[2]. بمبئي جو لشڪر ٺٽو ٽپي ڪوٽڙي وٽ پهتو هو. هندستان جي ڪمانڊر ان چيف سر هينري فين بنگال جي فوج سان روهڙي پهتو. ميرن تي دٻاءُ وجهڻ لاءِ هن سر ولوبي ڪاٽن کي حيدرآباد ڏانهن وڃڻ لاءِ حڪم ڏنو. هو روهڙي کان ستن ميلن جي مفاصلي تي ڪنڊڙي جي ڳوٺ وٽ پهتو مس هو تہ ميرن سر جان ڪين کي لنگهڻ لاءِ اجازت ڏني[3]. ڪپتان راس بيل فوجن جي اڳواڻي ڪندي اچا شڪارپور مس پهتو تہ باغي براهوئي سردار شاهنواز خان ۽ غدار سيد محمد شريف ساڻس شامل ٿيا[4]. ان وچ ۾ شڪارپور جي نائب سيد زين العابدين ۽ لاڙڪاڻي جي قلعيدار دربار کي اطلاع ڏنو تہ شاهہ شجاع 6 هزار لشڪر سان لاڙڪاڻي ڏانهن ڏوڪيندو اچي پيو[5]. سر جان ڪين جو وڪر جي بندر کان سنڌوندي جو الهندو ڪنارو ڏيئي تي آيو سو ڪوٽڙي پهتو. شهر جي ڪوتوال سيد جيئند شاهہ شهر جي ماڻهن کي امن امان ۾ رهڻ جو حڪم ڏنو. سر جان ڪين ۽ سندس فوجي عملدارن حيدرآباد گهمي ڏسڻ جو شوق ظاهر ڪيو. اهي پرامن طريقي سان شهر گهمي موٽيا. 10- فيبروري 1839ع ۾ مير ثريا جاه بهادر تختگاهہ کي اُتر اولهہ ۽ ڏکڻ طرفن کان گهيري اندر ڏسي سمجهي ويو تہ فرنگي سنگينن جي زور تي شرط مڃائڻ گهرن ٿا. اڳ ڪمپني جا عملدار ڪوبہ

---

(1) J.W.Kaye: History of the war in Afghanistan, Vol.I, P.398

(2) L.J.trother: Rulers of India, The earl of Auckland, P.76 oxford, 1893

(3) H.G.Wylly:The Military Memories of Lient, General j.Thackwell CHP.VI. PP.121-22 London, 1908

(4) A.W.Hughes: Baluchistan, CHP. History of Latter period.

(5) نوٽ: لاڙڪاڻي جي قلعي ۾ ميرن جو توبخانو هوندو هو. سنہ 1871ع تائين قلعو موجود هو، پوءِ مٽجي ويو.

سياسي قدم کڻندا هئا ته ڊائريڪٽرن جي صلاح موجب کڻندا هئا. ڪجهه اهم سوال لنڊن جي سپريم ڪائونسل جي فيصلن موجب حل ٿيندا هئا. هينئر اُهو وقت هو جو فوجي جنرل گورنر جي به پرواهه نه ڪندا هئا. تنهن کان سواءِ فرنگي لشڪر کي ڪابل هٿ ڪرڻو هو. سنڌ ۽ پنجاب يا بلوچستان سندن نظر ۾ ڪڙين هيٺ هئا. پرتپور ۽ گواليار جهڙا قلعا سٽ جهلي نه سگهيا حيدرآباد ۽ قلات جي قلعن کي ڪهڙي مجال هئي جو فرنگين جي توبن جي آتش بازي کي روڪي سگهن. روس اُتر ايران تي قبضي ڄمائڻ لاءِ تياري ڪري رهيو هو ته انگريز پيڙو ايراني نار ۾ پهچي چڪو هو. سنڌ ۾ اهو افواهه هليل هو ته اجهو تو روس ڪاهي اچي. کيس روڪڻ لاءِ انگريز ڪابل تي ڪاهه ڪري رهيو آهي. خواهه افواهه ڪهڙا به هجن. مگر ٽالپرن اڳيان ٻه ڳالهيون هيون يا ته شرط منظور ڪن يا جنگ ڪن.

**انگريزن جو ٽالپرن سان ڇهون عهدنامو:**

10- فيبروري 1839ع ۾ سر جان ڪين حيدرآباد ۽ خيرپور جي ميرن سان جدا جدا عهدناما ڪيا. جن ۾ 13 شرط هئا:

1. ٻنهي حڪومتن ۾ دائمي دوستي جو رستو رهندو.
2. گورنر جنرل جو ارادو آهي ته ٺٽي ۾ انگريز ڇانوڻي رهي، جنهن ۾ پنج هزار کان مٿي لشڪر نه رهندو.
3. انگريز فوج جي خرچ لاءِ مير نور محمد خان، مير نصير خان ۽ ٻيا شهزادا ساليانو ٽي لک روپيا ڏيڻ لاءِ جوابدار رهندا.
4. انگريز سنڌ جي اندروني معاملن ۾ نه دخل ڏيندا نه وري پنهنجون عدالتون قائم ڪندا.
5. انگريز سنڌ کي ڌارين جي ڪاهه کان بچائيندا.
6. جيڪڏهن ميرن جي ٻن ڌرين ۾ فساد ٿيندو ته انگريز ريزيڊنٽ وچ ۾ پئي فيصلو ڪندو.
7. جيڪڏهن ڪو بلوچ سردار ٽالپرن جي خلاف بغاوت ڪندو ته مير گورنر جنرل کي اپيل ڪندا. معاملي جي جاچ ڪرڻ کانپوءِ گورنر جنرل انگريز ريزيڊنٽ کي مدد ڏيڻ لاءِ حڪم ڏيندو.

8. ٽالپر امير پنهنجي پاڙيسري حڪمران سان دوستاڻو خط و ڪتابت ڪري سگهندا، مگر انگريزن جي صلاح کان سواءِ ڌارين سان عهدنامو ڪري نه سگهندا.

9. ٽالپرن کي اطلاع ڏيڻ کان سواءِ سنڌن خلاف انگريز ڪنهن به حڪومت سان عهدنامو نه ڪندا.

10. انگريزن کي ڪراچي ۾ مال رکڻ لاءِ بئرڪن جوڙائڻ جو اختيار رهندو، جيڪڏهن اهڙين عمارتن کي فسادي نقصان رسائيندا ته مير عيوضي پري ڏيڻ لاءِ جوابدار رهندا.

11. انگريز واپاري جيڪڏهن ڪراچي ۾ ڪوبه مال لهرائيندا ته ميرن کي محصول پريندا.

12. نئين عهدنامي موجب سنڌوندي جي واپار وڌڻ جو امڪان آهي، ان ڪري ڪراچي کان فيروزپور تائين جيڪي محصول لڳل آهن، سي آئينده لاءِ رد ٿيندا.

13. انگريزن کي جيڪڏهن مدد جي ضرورت پئي ته مير سنڌ جي حدن اندر ٽي هزار فوج سان مدد ڪندا. اهڙي لشڪر جو خرچ انگريز پريندا. جملي رقم ستاويهه لک رپيا ٽالپرن تي مڙهيا ويا. مير رستم خان

پنهنجو حصو پري ڏيڻ جو انجام ڏنو. ڪپتان راس بيل خيرپور دربار ۾ انگريز ريزيڊنٽ مقرر ٿيو[1]. گورنر جنرل لارڊ آڪلنڊ چوائي موڪليو ته شاهه شجاع ڊل نه وٺڻ متعلق جيڪي ميرن کي لکي ڏنو آهي، تنهن جي جاچ ڪرڻ جو ڪو ضرور ڪونهي[2]. مير ثريا جاه بهادر خان بروقت ڏهه لک رپيا پري ڏنا ۽ باقي رقم ڏيڻ لاءِ انجام ڏنو. شهزادي نصير خان ۽ مير محمد خان هڪ هڪ لک رپيا پري ڏيڻ لاءِ واعدا ڪيا.

(1) L.J.Trottter: Rulers of India, The Earl of Ankland, P.78

(2) J.C.Marsham: Abridgment of the History of India, CHP.XII, P.396

**سرجان ڪين جا ظلم:**

سر جان ڪين شرط مچائڻ کان پوءِ سيوهڻ رستي کان لاڙڪاڻي طرف روانو ٿيو. واٽ تي ڪي انگريزي اُٺ غائب ٿي ويا هن ڏهه خوبصورت بلوچ نوجوان شڪ ۾ گرفتار ڪرايا ۽ پنهنجي ديسي لشڪر جي هڪڙي ڪرنل سئبوٽ کي هنن لاءِ موت جي سزا ڏيڻ لاءِ حڪم ڏنو. ڪرنل ڪانٽس لڪيل حڪم گهريو. جيڪو هن سواءِ ڪنهن دير جي لکي ڏنو. بلوچ نوجوانن جون سندن خوبصورت ڊگهن وارن سان ڳچيون هڪ ٻي سان سوگهيون ٻڌي ويون. تنهن کان پوءِ نرڙن تي گوليون وهايون ويون. ٻه صغير ڇوڪرا جن جون ٻانهون ۽ ٽنگون ٻڌل هيون. تن گهٻرائجي پنهنجا مٿا ڪرنل جي پيرن تي رکي زارو قطار روئندي پنهنجي بيگناهي ظاهر ڪئي. ڪين انصاف جو دلاسو ڏنو ويو پوءِ گوليون سندن مٿي مان آرپار لنگهي ويون[1]. فرنگين جون زيادتيون ناقابل برداشت ڏسي امير ثريا جاه بهادر پنهنجي آزمودگار وزير آغا اسماعيل شاهه کي 16- فيبروري تي ڪلڪتي ڏانهن روانو ڪيو. جيئن هو گورنر جنرل اڳيان روبرو روئداد کي پيش ڪري. ٻڍڙي وزير جي عمر ان وقت اُسي ورهيه هئي. سفر جي مصيبتن ۽ سردي لڳڻ ڪري بيمار ٿي موٽي آيو ۽ وفات ڪيائين فرنگين جي فرعونيت ڪري عام بلوچن ۾ جوش پئجي ويو.

19- جولاءِ 1838ع ۾ مير مبارڪ خان وفات ڪري ويو هو. مير علي مراد خان جيڪو پائرن جا سور دل ۾ سانڍي ويٺو هو تنهن موقعو ڏسي انگريز ريزيڊنٽ ڪپتان راس بيل کي پنهنجي قبايل زمين لاءِ درخواست ڪئي. راس بيل معاملي کي گورنر جنرل جي ڪائونسل کي پيش ڪيو. جنهن صورت ۾ انگريز ڪابل جي مهم ۾ رڌل هئا. ان حالت ۾ ريزيڊنٽ کي حڪم مليو ته معاملي کي دوستانه نموني ۾ تاريندو اچي. مگر خانداني اندروني بغض ڪري مير علي مراد خان، مير رستم خان ۽ مير مبارڪ خان جو پٽ مير نصير خان تفنگ ۽ ترارين سان پاڻ ۾ ڳنڍجي پيا. مير علي مراد خان جو وزن ڀاري رهيو.

---

(1) P.H.Kemedy: Narrative of the Campaign of the Army of Indus in Sindh & Kabul, Vol. II, P. 228, London, 1840

نونهار جي معاهدي موجب طرفين قرآن شريف تي هڪ ٻئي کي صلح نامو لکي ڏنو. مير علي مراد خان کي سندس زمينون موٽي مليون[1]. جيئن ٽالپرن ۾ انتشار پيل هو، تيئن مير محراب خان جو صلاحڪار ملا محمد حسن انگريزن جو خاص جاسوس هو[2]. انگريز لشڪر جيڪو سنڌ مان لنگهڻ ايندڙ انقلاب جي خاص نشاني هئي. اڳ ٽالپر ايلچين کي ڪابل، لاهور، بهاولپور، ڀڄ، جوڌپور، جيسلمير جي درٻارن ۾ عزت حاصل هئي. هينئر انگريزن جي شرطن کي مڃڻ کان پوءِ سندن اڳوڻي اهميت گهٽجي ويئي.

**سرحدي بلوچن جو انگريز قافلن کي ڦرڻ:**

حيدرآباد جو انگريز ريزيڊنٽ مئجر پاٽينجر گويا اڄ ۽ ڪاري جو مالڪ هو. واقعات ٻڌائي رهيا هئا ته ٽالپرن ۽ براهوئين جي صاحبي گهڙي پل لاءِ مهمان آهي. ٽالپرن وٽ خزانو، لشڪر، توبخانو ۽ بارود هو، مگر انهن بلوچي رواداري موجب فرنگين تي اعتبار ڪري ملڪ مان لشڪر لنگهائڻ جي اجازت ڏني. ملڪ ۾ دخل ڏيڻ کانپوءِ هنن ڳرا شرط وڌا. جيڪي مير صاحبن قبول ڪيا. ايترين رياعتن هوندي به انگريز جنرل بلوچن سان جيڪي ظلم ڪيا، تن بلوچن ۾ گهڻو جوش پيدا ڪيو. اُتر جي بليدين، مگسين، بگٽين ۽ ڊومڪين انگريز قافلن کي ڦُرڻ جو جيڪو طريقو ايجاد ڪيو، تنهن انگريز عملدارن جي نڪ ۾ دم ڪري ڇڏيو. شڪارپور ڇڏڻ کان پوءِ مٿين بلوچن ڪيڙن جون چارون وڏي ڪوهن ۾ اڇلايون. انڪري ڪوهن جو پاڻي گندو ۽ ڪڙو ٿي ويو. سندن پاڻيءَ لشڪر ۾ پيچش جي بيماري پيدا ڪئي. ٻيو ته بلوچ هڪڙي ڏاچي ذبح ڪري اُن جي رت ۾ ڪپڙو ٻوڙي اُهو ڏگهي ڪاٺي سان ٻڌي اُن کي سنگهائيندا هئا. سنگهڻ سان اُٺ ناڪيلي.چنائي منهن ڪري ڀڄندا هئا. اهڙي ترتيب سان گهٽائي سامان جا اُٺ بلوچن هٿ ڪيا. بعض اُٺن تي سرڪاري ٽپال جا ٿيلها هئا، جن جي گم ٿيڻ ڪري انگريز عملدار پريشان هئا. اٽڪل

---

[1] History of Alienations of the Province of Sindh, Vol. II, PP. 139-48

[2] Frontier & overseas Expeditions from India, Kalat Affairs, P. 36

مختصر تاريخ بلوچستان: مولائي شيدائي، ذڪر مير محراب خان ثاني، 1941ع ريلوي پريس، سکر

ويهہ هزار اُٺ بلوچن ڦُريا. انگريز لشڪر شال، مستنگ، قنڌار، غزني ۽ ڪابل تي قبضو ڪيو.

**شاهہ شجاع جو ڪابل جي تخت تي ويهڻ:**

خالصا لشڪر جنهن سان شاهہ شجاع جو پٽ گڏ هو، خيبر ٽپي جلال آباد تي قبضو ڪيو. امير دوست محمد خان پهريان ترڪستان ڏانهن ڀڄي ويو، پوءِ 1840ع ۾ پروان جي ڳوٺ وٽ انگريزن جي پيش پيو. جن ڪيس حرم سميت ڪلڪتي ۾ نظربند ڪري رکيو. شاهہ شجاع ڏيهہ ورهين جي جلاوطني کان پوءِ هيڪر وري ڪابل جي بالاحصار ۾ بادشاهہ ٿي رهڻ لڳو. سر مئڪناٽن ۽ سر اليگزينڊر برنس ڪجهہ انگريز لشڪر سان ڪابل ۾ ڇانوڻي هڻي وينا. قنڌار جنرل ناٽ ۽ جلال آباد کي جنرل سيل جهلي بيٺا. باقي انگريز لشڪر شاديانا وڄائيندو خيبر کان هندستان موٽيو. لارڊ آڪلنڊ، ولوبي ڪاٽن، سر جان ڪين، اليگزينڊر برنس، مئڪناٽن، ڪپتان ويڊ کي نائيٽ جا خطاب مليا[1]. شال، مستوڱن ۽ ڪڇي جا علائقا بہ قلات کان کسي انگريزن شاهہ شجاع کي ڏياريا. 5- آڪٽوبر 1839ع ۾ ڪپتان راس بيل حڪومت هند کي محراب خان خلاف شڪايت ڪندي مير شاهنواز خان جي سفارش ڪئي هئي. ڪابل کان موٽندي جنرل ولشائر مختصر توبخاني سان اوچتو قلات جي قلعي تي گوليباري ڪئي. مير محراب خان پن هزارن جانبازن سان ٽيپو سلطان وانگر وڙهندي ميريءَ تي شهيد ٿيو. سنڌس صغيرالسن ولي عهد شهزادو نصير خان داروغي گل محمد سميت پهرين پنجگور ڏانهن ڀڄي ويو، پوءِ خاران جي نواب مير آزاد خان نوشيرواني وٽ پناهہ ورتائين. انگريزن شاهنواز خان کي قلات جي تخت تي ٿاڦيو. ليفٽيننٽ لوَڊي قلات جي قلعي ۾ انگريز ايجنٽ سنڌس نگهباني ڪرڻ لڳو. قلات جي بيگلر بيگي سان انگريزن جيڪي پير ڪنيا تن کي تاريخ افغانستان جو مصنف جي.بي.ماليسن سراسر ناانصافي لکي ٿو[2]. سر جان ڪين امير دوست محمد خان جي پٽ سردار غلام

[1] R.B.Mowat: A New History of Great British, P. 787, London, 1924

[2] تاريخ افغانستان: حضرت جمال الدين افغاني، ص 80-81

Frontier & overseas Expeditions from India, Vol. III, P. 34-38

حيدر کي نظربند ڪري پاڻ سان وٺي حيدرآباد ڪان لنگهيو. مير نورمحمد خان
کيس شاهي مهماني ڏني ۽ ٽالپرن جي توبن 19 ضربن سان سندس سلامي
ورتي. انگريز جنرل ڪجهه سون مير صاحب کي ڏنو. شهزادي مير صوبدار خان
جنرل کي ڏار مهماني ڏني. ماسڪو گزٽ جنهن برٽش وزارت لندن کي ڪجهه
وقت اڳ لکيو هو ته روس صلح جا شرط انگريزن کي ڪلڪتي پهچي
مجرائيندو. اُن جي جواب ۾ لارڊ پامرسٽن جي وزارت دنيا کي ثابت ڪري
ڏيکاريو ته انگريز لشڪر اڳيان ڪابل تي قبضو ڪرڻ بلڪل آسان عمل
آهي[1].

**مير ثريا جاه جي وفات:**

ماه جمادي الثاني 1256هه/1840ع ۾ مير نورمحمد خان وفات
ڪئي. هو امن پسند فرمانروا ٿي گذريو. بلوچن جڏهن نواب احمد خان لغاري
جي اڳواڻي هيٺ ريزيڊنسي تي ڪاهه ڪئي هئي، ان وقت بلوچن کي ٺارڻ لاءِ
مير صاحب 5 لک رپيا پنهنجي کيسي مان ڏنا هئا. ڪرنل پاٽينجر ڪان پوءِ
مئجر آئوٽ رام ريزيڊنٽ مقرر ٿيو. سنڌ ۽ بلوچستان سندس نگراني هيٺ هئا.

---

(1) J.E.Marsham: Abridgement of the History of India, CHP. XII, P. 388

باب نائون

# مير محمد نصير خان "الغازي"

**سنڌ جا سرحدي واقعا:**

مير نورمحمد خان جي وفات کان پوءِ سندس ڀاءُ مير محمد نصير خان "الغازي" جو پڙهيل، داناءَ ۽ مسلم الثبوت قابليت رکندڙ هو. حيدرآباد جي تخت تي ويٺو. سنه 1258هه/1842ع ۾ ڪالرا جي موذي مرض سنڌ ۾ منهن ڪڍيو. شاهي خاندان جا گهڻائي شهزادا ديرن سميت حيدرآباد جي قلعي کي ڇڏي ٻاهر ڳوٺن ۾ وڃي رهيا. اتڪل ٽن مهينن تائين بيماري سنڌ ۾ رهي. سنڌ جي سرحدن تي امن ۽ امان ڪرڻ لاءِ مير مير نور محمد خان جوڳو انتظام رکي ويو هو. جيئن انگريزن کي آئينده لاءِ ڪا شڪايت نه رهي. ڪوسا، جي ٿرپارڪر ضلعي جي سرحد ٽپي ڪڇ ۾ ڦرون ڪندا هئا. تن جي سردار بهادر خان کي مير ثريا جاه بهادر ٽر مان لڏائي اپر سنڌ ۾ رهڻ لاءِ حڪم ڏنو هو. ٽر جي راڻي جڳت سنگهه تي ٽالپري فوج چڪاس رکڻ لڳي[1]. سنڌ کي انگريزن پنجاب، بلوچستان ۽ راجپوتانا کان ڇني بلڪل ڌار ڪري رکيو هو. سنڌ جو انگريز ريزيڊنٽ ميجر آئوٽ رام سنڌ ۽ بلوچستان جي نگراني ڪرڻ تي مقرر هو. سرحدي بلوچ مري، بگٽي، ٻومڪي، جکراڻي جن ڪابل جي جنگ وقت انگريز قافلن کي لٽيو هو تن کي قلات جي مير نصير خان ثاني امن امان ۾ رهڻ لاءِ صلاح ڏني. حالانڪ مير محراب خان جي شهيد ٿيڻ کان پوءِ بلوچستان جي سيني بلوچن ۾ انگريزن خلاف عام ناراضپو هو. مير شير محمد خان ماڻڪاڻي، لهڙي جي ٻومڪي سردار کي دعوت ۾ لکي موڪليو ته جيڪڏهن هو دره بولان تي ڪاهه ڪندو ته پنج هزار ماڻڪاڻي لشڪر سندس مدد ڪندو. انگريز ايجنٽن کي مٿين خطن جي پوري خبر هئي. سندن معرفت خان پنهنجي ڏايڊر جي نائب مولا بخش معرفت ٻومڪين جي سردار کي صلح ۾ رهڻ لاءِ صلاح ڏني. خان ياران افتار خان رند هٿياربند بلوچ دستن سان دره

[1] Pre Mutiny Records of the Commissioner in Sindh Mission 1931

جي حفاظت ڪرڻ لڳو. روجهاڻ جو قلعو جيڪو شڪارپور ڪان 26 ميل ۽ خانڳڙهه ڪان ڏهن ميلن تي بليدين جو صدر مقام هو ۽ جاني ديري جون زرخيز زمينون بروهين قبائي ورتيون بلڪ مامول جي جهنگ تي قبضي ڄمائڻ لاءِ اهي منتظر هئا. 11 جولاءِ 1842ع ۾ مير نصير خان شهداداڻي، ميجر آئوٽ رام کي سنڌ ۽ بلوچستان جي حدن کي مقرر ڪرڻ لاءِ لکيو. مگر انگريز سرحدي بلوچن کي هر طرح سان ناراض ڪرڻ جي ڪوشش ڪرڻ لڳا جيئن قنڌار جو رستو سنڌن ضد کان آزاد رهي. سنه 1838ع ۾ ڪابل جنگ وقت مرين، بگٽين ۽ ٻين سرحدي بلوچن جي هڪڙي ليوي پوليس قافلن جي سنڀال لاءِ ڪڙي ڪئي هئي[1]. 17 جولاءِ 1842ع ۾ سنڌ ۽ بلوچستان جو پوليٽيڪل ايجنٽ ڊومڪين جي سردار بجار خان ۽ جکراڻي سردار دريا خان جو پاڻ ۾ صلح ڪرايو هو. مگر مري ٻنهي قومن جا دشمن هئا. انگريزن سان ڪين خاص عداوت هئي. ڪابل فتح ٿيڻ ڪري انگريز ريزيڊنٽن کي اقتدار حاصل هو. مير نورمحمد خان جي پٽ مير حسن علي خان ۽ مير شهداد خان جو پاڻ ۾ ملڪيت تان تڪرار ٿيو. نواب ولي محمد خان لغاري جو پٽ سردار احمد خان جي اشاري تي مير صوبدار خان شهزادي حسين علي خان کي پڙڪائڻ لڳو. سنڌن فيصلو مير محمد نصير خان ميجر آئوٽ رام معرفت ڪرايو.

**ڪابل ۾ انگريزن جي تباهي ۽ شجاع جو قتل ٿيڻ:**

لارڊ آڪلنڊ جنهن مفت سنڌوندي پريان هڪ هزار ميلن جي مفاصلي تي ڪابل جي جنگ ڪئي هئي تنهن جو خميازو انگريزن کي ڀوڳڻو پيو. شاهه شجاع جنهن فرنگين کي افغانستان ۾ آندو سندس روش ڪري عام افغانن ۾ ناراضپو پئجي ويو. سمورا افغان امير دوست محمد خان جي پٽ اڪبر خان جي جهنڊي هيٺ جنگ استقلال ۾ شامل ٿيا. 27 جون 1839ع ۾ 57 ورهين

---

[1] هن پوليس کي "بلوچ گائيڊ ڪور" سڏيندا هئا. چاڪاڻ جو بلوچ ڪڇ مان لنگهڻ وقت انگريز فوجي عملدارن کي ڏوڪو ڏيئي صحرا جي اهڙن هنڌن تي سنڌن قافلن کي وٺي ويندا هئا. جت پاڻي بلڪل نه ليندو هو. افغان جنگ جي خاتمي کان پوءِ مٿين پوليس 1852ع ۾ سنڌ جي سرحد جي حفاظت ڪرڻ تي مقرر ٿي. Baluchistan Blue Book. No.2, P.70 (1887)

جي عمر ۾ رنجيت سنگهه انتقال ڪري ويو. سندس مرڻ کان پوءِ خالصن جو زوال شروع ٿيو. سندس وزيرن ۽ سردارن ۾ نفاق پئجي ويو. رنجيت سنگهه جنهن ڪابل جي مهم ۾ انگريزن کي مدد ڏني هئي سا مدد سندس مئي کان پوءِ ختم ٿي ويئي. سنہ 1840ع ۾ روسين خيوا خلاف قدم کنيو. توڙي جو خيوا جي مهم ۾ روسي ڪامياب ٿي نہ سگهيا مگر ايشيا ۾ انگريز ۽ روس بہ زبردست طاقتون هيون جيڪي وچ ايشيا ۾ دخل ڏيڻ لڳا. سينٽ پيٽرسبرگ ۽ ڪورٽ آوسينٽ جيمس وچ ۾ سياسي چڪتاڻ شروع ٿي. اڻيهين صدي جي سڄي عرصي ۾ انگريز هندستانين کي مفت روسي ڀوت جو خوف ڏيارڻ لڳا. حالانڪ افغانستان يا بلوچستان جهڙن جابلو ملڪن کي ٽپڻ روسين لاءِ ڏکيو ڪم هو. روس فقط هڪڙو بهانو هو جنهن جي اوٽ وٺي انگريز سنڌ، بلوچستان ۽ پنجاب، ڪابل جي آزادي کي سلب ڪرڻ لڳا. شاهہ شجاع جنهن لاءِ افغانن کي نفرت هئي سو بالا حصار قلعي ۾ ڏيڍ سو زالن سان عيش ۾ مشغول هو. مئڪناٽن ۽ اليگزينڊر برنس افغانستان تي بادشاهي هلائي رهيا هئا. ٻن سالن تائين سنگين جي نوڪ تي حڪومت هلائڻ ۾ ڪامياب ٿيا. اهي هٿيارن جي زر تي مطمئن زندگي بسر ڪري رهيا هئا. انگريز عملدارن مئڊمون بہ گهرايون هيون تہ ڀل ڪابل جي لطيف هوا ۽ لذيذ ميون کان گل اندام يوريون لطف اندوز رهن. ڪابل جو بالاحصار قلعو جتان هڪ هزار سولجرن سان انگريز ڪنهن بہ مصيبت کي منهن ڏيئي پئي سگهيا سو شاهہ شجاع زنان خاني رکڻ ڪري ڪانئن خالي ڪرايو هو. اُهي ڪلي ميدان ۾ ڇانوڻي جوڙي وينا هئا. مگر ڪين اها خبر ڪانہ هي تہ جنهن زمين تي هو آشيانو جوڙي وينا هئا سو ظاهري جيترو فرحت افزا ۽ گلريز هو اوترو ئي اندروني هڪڙي آتش فشان پهاڙ وانگر هو جو ڦاٽڻ تي هو. ستاويهہ مهينن جي قبضي کان پوءِ منجهانئن دونهون نڪرڻ شروع ٿيو ايتري قدر جو فضا غبار ۾ ڍڪجڻ لڳي. گل اندام مئڊمون جيڪي شام جو پيانو جي سريلن ترانن سان فضا کي ترنم خيز بڻائينديون هيون. هينئر فضا جي رخ بدلجڻ ڪري سندن رقص ۽ سرود جي روزمره محفلن ۾ خاموشي ڇانئجڻ لڳي.

**مير آزاد خان نوشيرواني جو قلات فتح ڪرڻ:**

انگريز لشڪر کي خيبر ۽ بولان درن کان سامان پهچندو هو سي افغانن ۽ بلوچن جي ڦرلٽ لاءِ شڪار گاهه هئا. انگريزن بلوچستان کي پنهنجي فولادي چنبي ۾ دٻائي رکڻ لاءِ 1841ع ۾ سون مياڻي کان قلات تائين ڪپتان لي ميسوريئر کي ملڪ جي سروي ڪرڻ لاءِ مقرر ڪيو. مگر براهوئي سراواني سردارن مان پهريان سردار محمد خان شهواڻي فرنگين خلاف بغاوت جو جهنڊو بلند ڪيو. خاران جي نامور نواب مير آزاد خان نوشيرواني جي اڳواڻي هيٺ ٻن هزار براهوئي جانبازن سان قلات جي قلعي تي گهيرو ڪيو[1]. ليفٽيننٽ لوڊي قتل ٿي ويو. مير شاهنواز خان جنهن شاهه شجاع ۽ انگريزن جي زور تي قلات تي قبضو ڪيو هو، تنهن جان بچائي نڪري سنڌ ۾ پناهه ورتي. ميجر آئوٽ رام هن لاءِ ساليانو هڪ هزار رپيا وظيفو مقرر ڪري پهريان لاڙڪاڻي ۾ پوءِ شڪارپور ۾ رهايو. هرات ۽ قنڌار ۾ افغانن جي فسادن ڪري انگريزن کي ناڪو پاڻي ڪري ڇڏيو ۽ ويو. انگريزن جي ناڪي تي پلجڻ لڳا. قنڌار جي اتر اوڀرندي وارا غلزئي به انگريزن جي ناڪي تي پلجڻ لڳا. مٿين خرچن جو بوجهه ڪلڪتي تي پوڻ لڳو. چاڪاڻ جو ڪابل جي مقيم انگريز فوجن جو ساليانو خرچ ڏيڍ ڪروڙ رپيا هو. نتيجو اهو نڪتو جو ڪمپني جي ڊائريڪٽرن جي ڪورٽ سنه 1840ع ۾ شمله حڪومت کي لکيو ڪابل جي حڪومت انگريز لشڪر جي موجودگيءَ کان سواءِ جٽاءُ ڪرڻ کان عاجز آهي. گورنر جنرل سر وليم مئڪناٽن برٽش ڪابل جي ايلچي کي خرچن گهٽائڻ لاءِ هدايت ڪئي. برٽش سفير سردارن کي اطلاع ڏنو. اطلاع ملڻ شرط ٻرندڙ جبل ڦاٽ ڪاڻو. افغان قافلن کي ڦرڻ لڳا. انگريز لشڪر کي کاڌ خوراڪ جي ڪمي سبب پريشاني محسوس ٿيڻ لڳي.

---

[1] خاران جا کياني ملڪ منوچهر جي نسل مان آهن جن حضرت عمر بن عبدالعزيز جي زماني ۾ اسلام اختيار ڪيو. طاهر ذوالميين پهريون ملڪ هو جنهن عباسي دور ۾ خراسان تي خودمختياري حاصل ڪئي. خاران آزاد رياست آهي.

C.F.Minchim: Baluchistan District gazetteer, Vol.Kharan, CHP. History, Bombay, 1907

**برٽش سفارت جي ميمبرن جو قتل:**

مئڪناٽن کي بمبئي جو گورنر مقرر ڪيو ويو. 20 نومبر 1841ع ۾ هن کي ڪابل ڇڏڻو هو پر حالتون بدلجڻ لڳيون. 20 نومبر تي فسادين سر اليگزينڊر برنس کي بنگلي اندر شهر جي وچ ۾ ڪُٺو. ساڳي وقت شاهه شجاع جو خزانچي ڪپتان جانسٽن افغانن هٿان مارجي ويو. ٻه لک رپيا فسادين (مجاهدن) کي سنڌس بنگلي مان هٿ لڳا. برٽش فوجن جو ڪمانڊر جنرل ايلفنسٽن راڻي وڪٽوريه جي فوجن جو پراڻو سپاهي هو پر هينئر سنڌس عقل ڪم نه پيو ڪري. مئڪناٽن جلال آباد ڇانوڻي جي ڪمانڊر رابرٽ سيل ۽ قنڌار جي ڪمانڊر سر ڊبليو ناٽ کي مدد موڪلڻ لاءِ پيغام موڪليا پر مجاهدن رستا بند ڪري ڇڏيا هئا، ان ڪري ڪابل پهچڻ هنن لاءِ محال هو. هوڏانهن انگريز لشڪر کي کاڌي جو سامان ڪابل ۾ ملي نه پي سگهيو. مئڪناٽن اڪبر خان کي ٽيهه لک رپيا ڏيارڻ جو انجام ڏنو مگر بيسود. 23 ڊسمبر تي سر وليم مئڪناٽن ٽن آفيسرن ۽ 16 باڊي گارڊن سان اڪبر خان کي گڏجڻ ويو. غازين سيني کي ٽڪرا ٽڪرا ڪري ڇڏيو.

**15 هزار لشڪر جي تباهي ۽ مئڪناٽن جي گرفتاري:**

4 جنوري تي ميجر پاٽينجر جنهن هرات کي بچايو هو تنهن جي معرفت جنرل ايلفنسٽن ڪابل کان نڪري وڃڻ لاءِ اڪبر خان سان عهدنامو ڪيو. 6 جنوري 1842ع ۾ سخت برف باري جي موسم ۾ 15 هزار انگريزي لشڪر سامان ڇڏي ڪابل کان هندستان ڏانهن روانو ٿيو. بت خاڪ ۽ تيزان جي وچ ۾ ڪابل خورد نالي سوڙهي پيچري کان لنگهڻ وقت (جو پنجن ميلن ۾ آهي) 3 هزار سپاهي غلزئي غازين جي گولين جو شڪار ٿي ويا. هت وري اڪبر خان انگريزي عملدارن کي سوڙهو ڪيو ۽ ڪين بچاءُ جو دلاسو ڏنو. ليڊي مئڪناٽن، ليڊي سيل، 9 ٻيون عملدارن جون مئبمون ٻارن سميت ۽ ائن عملدارن کي نظربند ڪيو ويو. انگريز لشڪر ۾ فقط 450 انگريز سولجر ۽ ڪي آفيسر وڃي بچيا هئا. جد لڪ وٽ وري اڪبر خان ڪين سوڙهو ڪيو ۽ جلال آباد خالي ڪرڻ لاءِ جنرل ايلفنسٽن، برگيڊيئر شيلٽن ۽ ٻين انگريز عملدارن کي پاڻ وٽ نظربند رکيو. گدامڪ پهچڻ وقت فقط ويهه عملدار ۽ 45

سولجر بچيا باقي غازين جي گولين جو شڪار ٿي، آخر سمورا ناس ٿي ويا. 15 هزارن مان فقط هڪڙو ڊاڪٽر برائڊن سلامتي سان جلال آباد پهتو جنهن ڪابل جي لشڪر جي هولناڪ قتل جي انگريزن کي خبر ڏني. اهڙي شڪست هندستان ۾ انگريز لشڪر ڪڏهن به ڪانه کاڌي هئي[1]. فرنگين جي دٻدٻي کي هندستان ۾ ڪاپاري ڌڪ لڳي ويو[2]. 11 مئڊمون، 15 انگريز بار ۽ 94 انگريز عملدار اڪبر خان وٽ قيد هئا. لارڊ آڪلنڊ شرم کان بچڻ لاءِ ظاهر ڪيو ته شڪست عارضي آهي. شاهه شجاع جنهن لاءِ انگريزن هيترا ڪشالا ۽ خرچ ڪيا سو ڪابل جو تخت ماڻي نه سگهيو. بلڪ غازين هٿان مارجي ويو. ظاهري اهي پڌرايون ڪرڻ لڳو اندروني سندس توڙي ڪمانڊر انچيف سر جئسپر نڪلس جي اها مراد هئي ته جنرل سيل ۽ جنرل ناٽ جي فوجن کي سلامتي سان قنڌار ۽ جلال آباد خالي ڪري موٽي هندستان اچڻ گهرجي. مگر سوال اهو هو ته بدنامي ڪيئن مٽجي.

**سرحدي بلوچن جي بغاوت:**

ڪابل ۾ انگريزن جي شڪست ڪري بروهين، ڪاڪڙن، مرين ۽ ٻين سرحدي بلوچن انگريزن خلاف هٿيار کنيا. ملتان جي نائب ديوان ساوڻ مل جا ايلچي دودا خان مري وٽ گڏيل محاذ قائم ڪرڻ لاءِ پهتا. ميجر ڪلبرن ڪاهان ۾ مرين هٿان شڪست کاڌي. مير نصير خان ثاني قلات جو تخت هٿ ڪري چڪو هو. مير نصير خان ٽالپر بگٽين جي سردار بيبرڪ کي لکيو ته انگريزن خلاف هٿيار کڻڻ جو هينئر موقعو آهي. بليدي ۽ بومڪي جن کان انگريزن زمينون کسي کهيرين کي ڏنيون سي مير شير محمد خان ماڻڪاڻي سان ٻٽ هئا. انگريزن جي ايجنٽن کي انهن سمورين ڪاراوئين جي خبر هئي[3].

---

[1] هندستان ۾ انگريزي لشڪر 1804ع ۾ ڪرنل مانسن هولڪر کان شڪست کاڌي، 1814ع ۾ انگريزي لشڪر نيپال جي جنگ ۾ شڪست کاڌي، 1825ع ۾ برما جنگ وقت شڪست کاڌي پر ڪابل جي لشڪر جي شڪست وڏي بدنامي هئي.

J.C.Marsham: Abridgement of the History of India, CHP.XII, PP.413-17

[2] R.B.Mowat: A New History of great Briton, P.788

[3] E.Thronton: Hitory of the British empire in the India, PP.450-54 London, 1845

**لارڊ ايلنبرو جي پاليسي:**

هندستاني توڙي انگريز سوسائٽي ۾ انگريزي شڪست جون ڳالهيون هلي رهيون هيون پر هندستانين کي خبر هئي تہ انگريزن جا پير هندستان ۾ مضبوط آهن. 28 فيبروري سنہ 1842ع ۾ ٻن ڪروڙن جي ڪوٽ ۽ ڪمپني کي قرض هيٺ آڻڻ کان پوءِ آڪلنڊ بدنامي جو داغ پيشاني تي هڻي ولايت ڏانهن اُسهيو[1]. سندس جاءِ تي لارڊ ايلنبرو گورنر جنرل ٿي آيو ان ۾ شڪ ڪونهي تہ ڪمپني جي ڊائريڪٽرن جي بورڊ ۾ ڪم ڪرڻ ڪري هندستان جي صورتحال کان واقف هو پر مسلمانن سان ڪيس ازلي وير هو. چاڪاڻ تہ سندس مئڊم دمشق جي هڪڙي عرب بدوي شيخ امير مجول الضرب سان آشنائي رکندڙ هئي[2]. هندستان ۾ سندس اڳيان مکيہ ٽي ڪم هئا. (1) ڪابل جي جنگ کي ختم ڪرڻ (2) هندن کي خوش رکڻ (3) انگريزن جي پيشاني تان شڪست جي سياه داغ کي مٽائڻ لاءِ صدقي جي ٻڪري سنڌ کي قربان ڪري مٿين داغ کي مٽائي[3].

**پهرين افغان ويڙهہ جو خاتمو:**

لارڊ آڪلنڊ وڃڻ کان اڳ 4 جنوري 1842ع ۾ جنرل پالڪ جي اڳواڻي هيٺ 3 هزار لشڪر خيبر جي رستي کان ڪابل ڏانهن روانو ڪيو ويو هو. سکن پاران گلاب سنگهہ ڊوگري بہ لشڪر سان انگريز جنرل کي مدد ڏني. 15 اپريل مٿين فوج جلال آباد پهتي جت سر رابرٽ سيل لشڪر سميت موجود هو. قنڌار کان جنرل ناٽ ڪابل تي ڪاهہ ڪئي. 12 آڪٽوبر تي انگريزن ڪابل فتح ڪيو. اڪبر خان شڪست کاڌي. فرنگين ڪابل جي مشهور بازار چار چتہ جيڪا غازي اورنگزيب جي يادگار هئي، تنهن کي باهہ ڏيئي ساڙايو. پوءِ انگريز قيدين کي هٿ ڪري، شاهہ شجاع مقتول جي زنان خاني ۽ غازي

---

[1] هندستان ۾ جيڪي بہ گورنر جنرل ٿي آيا تن مان لارڊ ائهرسٽ برما سان جنگ ڇيڙي ڪمپني کي 13 ڪروڙ رپين جي نقصان هيٺ آندو. ساڳي طرح لارڊ آڪلنڊ ڪابل جي جنگ ڇيڙي ڪمپني سرڪار کي مالي نقصان هيٺ آندو.

[2] W.M. torrens: Empire in Asia, PP.314-14 London, 1872

Lady Burton: Life of Sir. R.Burton, Vol.I, P.180. London, 1893

[3] W.F.P: Napier Conquest of Scind, Vol.I, PP.96-97

سلطان محمود غزنوي جي مقبري جي دروازن سميت انگريز لشڪر هندستان ڏانهن موٽيو. گورنر جنرل ايلنبرو هندو راجائن کي خوش ڪرڻ لاءِ اعلان ڪيو ته سومنات جا دروازا جيڪي افغان فاتح اٺ سو ورهيه اڳ مندر کان پٽرائي غزني ڏانهن کڻي ويو هو، سي جنرل ناٽ موٽائي آندا آهن. مگر جڏهن هندن دروازن کي ڏٺو ته اُهي پراڻا نظر نه آيا جن کي گورنر جنرل آگره جي قلعي ۾ ڦٽا ڪرايا. امير دوست محمد خان جيڪو هن وقت ڪلڪتي ۾ نظربند هو جنهن لاءِ آڪلنڊ 2 لک رپيا ساليانو وظيفو مقرر ڪيو. سندس بلند شخصيت کان انگريز عملدار واقف هئا. تنهن کي لارڊ ايلنبرو آزاد ڪري ڪابل ڏانهن روانو ڪيو. النبرو اعلان ڪيو ته انگريزن کي وڌيڪ ملڪ هٿ ڪرڻ جي ضرورت ڪانهي. پهرين افغان ويڙهه جو ڊرامو هتي ختم ٿيو.

## ميرن خلاف انگريزن جا ارادا:

سنه 1839ع ۾ سر وليم مئڪناٽن جا شرط قبول ڪري مير صاحب پنهنجون ٽيئي حڪومتون وڃائي ويٺا هئا. ڇاڪاڻ جو برٽش ريزيڊنٽ جي صلاح ۽ مشوري کان سواءِ حڪومت هلائڻ هنن لاءِ محال هئي. ڪابل جي شڪست ڪري قدرتي طور سنڌين ۽ پنجابين ۾ هڪڙي اُميد جي جهلڪ ۽ لهر موجون هڻڻ لڳي. مگر ٽن سالن جي افغان ويڙهه جي عرصي ۾ مير صاحب انگريزن سان بلڪل وفادار رهيا. انگريز لشڪر کي سامان پهچائيندا رهيا. سندن آگبوٽن کي ٻارڻ لاءِ ڪاٺين وڍڻ جي اجازت ڏني. انگريز لشڪر جي تباهي کان پوءِ به ڏيڍ گاڏين ۽ ٽي هزار اُٺن سان ٽالپر سرڪار جنرل ناٽ جي مدد ڪئي، جن جي مدد سان هو قنڌار کان ڪابل پهتو. انگريز ريزيڊنٽ ميجر آئوٽ رام مير صاحبن جا بعض خط گورنر جنرل کي پيش ڪيا جيڪي هنن بلوچ سردارن کي بلوچي تنظيم لاءِ لکيا هئا يا خان قلات مير محراب خان مير نصير خان کي مدد لاءِ لکيا هئا. ميجر آئوٽ رام جي مرضي هئي ته ٽالپرن سان فقط نئون عهدنامو ڪجي. مگر لارڊ ايلنبرو جنهن کي مسلمانن سان بدترين دشمني هئي سو ڪابل مان واپس ٿيڻ کان پوءِ ميرن جي صاحبي کي ختم ڪرڻ لاءِ محڪم ارادو ڪيو(1). ڊاڍر جي فوجي ايجنٽ ڪپتان راس

(1) J.C.Marsham: Abridgment of the History of India, CHP.XIII, P.431

بيل رپورٽ ۾ ڏيکاريو تہ سردار رشيد خان، محمد صادق ۽ مير محراب خان شهيد مير نصير خان ٽالپر ڏانهن مدد ڏيڻ لاءِ خط روانا ڪيا هئا پر ان نازڪ وقت ۾ ٽالپرن، خان قلات کي ڪا مدد ڪانہ ڏني[1]. ميجر جان جيڪب، جو پهرين افغان ويڙهہ ۾ خان ڳڙهہ کان دره بولان جي حد مٿان قافلن جي حفاظت تي بي قاعده سوار فوج مٿان عملدار هو، تنهن خان قلات ۽ ٽالپرن جي سرحد متعلق ميجر آئوٽرام کي روجهاڻ جي قلعي جو معائنو ڪرايو. 29 جون 1842ع ۾ خان قلات پاران وڪيل بجار خان ڊومڪي ۽ دريا خان جکراڻي ۽ خيرپور سرڪار جي وڪيلن سان گڏيا. برٽش حڪومت کي معلوم ٿيو تہ روجهاڻ جو قلعو ۽ مومل جو جهنگ اصل ٽالپرن جي ملڪيت هئا جن تي ناجائز طور خان جي فوجي عملدارن قبضو ڄمايو هو مٿيان بئي هنڌ ٽالپرن کي موٽي مليا[2]. انگريز فوجي عملدارن ۽ گورنر جنرل جي ارادن متعلق چارلس بلڪي ان زماني ۾ اخبار "گريٽر برٽن" ۾ ڏيکاريو هو تہ "انگريز فوجي عملدار جڏهن مانيءَ جي ميز تي ويهن ٿا، تڏهن اها گفتگو ڪن ٿا تہ ڪهڙي ديسي راجا يا نواب کي لتجي، اهڙي لٽ مار ڪرڻ لاءِ هو وجهہ ڳولين ٿا." سنڌ متعلق هن هيٺيون بيان شايع ڪيو هو:

1. فرنگي عملدارن کي خبر هئي تہ ٽالپر مالدار آهن، وٽن سون، ڏوڪڙن کان سواءِ گهڻي جواهرات آهي.
2. سنڌ تي قبضي ڄمائڻ ڪري هڪ تہ لشڪر ۽ هٿيارن کي اتر هندستان پهچائڻ ۾ ڪين آساني ٿيندي، ٻيو سنڌ جا بندرگاهہ سندن نظر ۾ گهڻو ڪارائتا هئا.

---

(1) Pre Munity Records of the Commisinor in Sindh, 1857 Kalat Affairs, P.210 Karachi 1931

(2) ميجر جان جيڪب انگلينڊ جي شهر سمرسيٽ شائر جي هڪڙي پادري جو پٽ هو جنهن ايڊس ڪومب جي مڪتب ۾ تعليم وٺڻ کان پوءِ بمبئي جي توبخاني ۾ڀرتي ٿيو. 1839ع ۾ انگريزي قافلن جي حفاظت لاءِ خانڳڙهہ تي عملدار مقرر ٿيو. مياڻي ۽ دٻي جي جنگين ۾ سر چارلس نيپئر سان رفيق رهيو. بعد ۾ جيڪب آباد ضلعو هن ٺاهيو.

j.Martinean: The life & correspondence of the RT, Hon: Sir Bartte Farere CHP.V, P.138 London, 1895

لارڊ ايلنبرو جي مرضي هئي تہ سنڌ جي ڏيلتا کان وٺي فيروزپور تائين ملڪ تي انگريزن جو قبضو رهي. هن ڪمپني جي ڊائريڪٽرن کي ستن آگبوٽن رواني ڪرڻ لاءِ لکيو ڪراچي، سکر، بکر تي قبضي هيٺ ڪري گهٽائي بلوچ سردار جيڪي اڳ مير صاحبن جا دوست ۽ بازو هئا، سي ٽالپرن کي مدد ڏيڻ کان وڌيڪ ڊار تي ويا. جون 1842ع ۾ لارڊ ايلنبرو ڊيوڪ آوويلنگٽن کي خط ۾ لکيو تہ ايندڙ زماني ۾ ڪراچي جو بندرگاهہ برٽش شهنشاهت لاءِ ڪارگر بندرگاهہ ثابت ٿيندو. لارڊ ايلنبرو جنهن پڌرائي ڪئي هئي تہ افغان جنگ جي خاتمي کان پوءِ ڪمپني سرڪار ملڪ گيري جي حوص ڇڏي ملڪ جي اندروني سڌارن لاءِ اُپاءَ وٺندي. اهڙي پڌرائي غلط ثابت ٿي چاڪاڻ جو ڇهن مهينن گذرڻ بعد سنڌ ڏانهن مخالفاڻا قدم کڻڻ لڳو. سنڌ تي ڪاهہ ڪرڻ جو خاص اهو مطلب هو تہ هندستان رعايا برٽش فوجي طاقت کان مرعوب رهي. هن ميجر آئوٽ رام ۽ ڪپتان راس بيل جي رپورٽن تي ڪو ڌيان نہ ڏنو.

### چارلس نيپئر جو سنڌ ۾ وارد ٿيڻ:

مڙيل نڪ سان عقابي اکين وارو سرچارلس نيپئر سنہ 1782ع ۾ لنڊن جي وائيٽ هال ۾ ڄائو هو. نيپئر نالي چار ڀائر هئا جي چارئي انگريزي فوجي ۾ نوڪر هئا. منجهانئن فاتح سنڌ سرچارلس نيپئر شاعراڻي طبيعت رکندڙ هو. بعض انگريز مؤرخ لکن ٿا تہ سنڌن شعر ادبي لحاظ سان وارن هيسٽنگس ۽ سرجان مالڪوم کان بهتر هئا(1). منجهانئن وليم نيپئر "تاريخ جنگ" تصنيف ڪئي هئي جا سنہ 1828ع ۾ شايع ٿي. ٽئين ڀائر اين. ايف. پي نيپئر ڪتاب "فتوحات سنڌ" تصنيف ڪيو جو 1825ع ۾ شايع ٿيو. چارئي ڀائر نيپولين بونا پارٽ جي جنگين جي زماني ۾ ڊيوڪ آوويلنگٽن ۽ سرجان موئر جي اڳواڻي هيٺ اسپين ۾ فرينچن سان وڙهيا هئا. سرچارلس نيپئر کي ڊيوڪ آوويلنگٽن هندستان جي فوجن لاءِ چونڊي روانو ڪيو هو(2). سنہ

---

(1) R.B. Mowat: A new History of great Briton, P.789

(2) Jumes Douglas: Bombay & western india, Vol.II, PP.77-94

1841ع ۾ هو انگلينڊ کان بمبئي پهتو ۽ پونا لشڪر مٿان عملدار ٿي رهيو. ان وقت سنڌس عمر سٺ ورهيه هئي. توڙي جو پيرسن هو مگر تجربيڪار، اٽڪ، تندمزاج، شوخ طبع ۽ دل جو ڪٺور هو. لارڊ ايلنبرو جو چونڊ هو ته سرچارلس نيپئر هڪڙو جهنگلي هاٿي آهي جنهن کي سڌارڻ لاءِ ڏهه، ويهه سيڪاريل هاٿي کپن. ڪابل جي ويڙهه ختم ٿي چڪي هئي، روسين ۽ ايرانين جي ڪاهه جا افواهه سرد پئجي چڪا هئا. برطانوي بيڙو ايران نار تي قابض هو. ڪرنل سٽيسي جي ڪوشش سان خان قلات مير نصير خان ثاني سان انگريزن ناهه ڪيو هو. رنجيت سنگهه جي مُئي کان پوءِ خالصا سردارن جي پاڻ ۾ اٽڪت هئي. انگريزن کي خالصن کان ڪو خطرو نه هو. هندستان جي ڪنهن به نواب يا راجا کي مجال نه هئي جو انگريزن سان هٿ اٽڪائي سگهي. بلڪ لارڊ ايلنبرو ڏيهي حڪمرانن کي صاف لفظن ۾ ذهن نشين ڪرايو هو ته قبضو ڪيو. هندستاني فوجون فارغ هيون[1]. ايلنبرو مسلمانن جو دشمن هو. هن ميجر آئوٽ رام جهڙي صلح پسند ريزيڊنٽ کي هٽائي سرچارلس نيپئر جهڙي سفاڪ کي مڪمل اختيار ڏيئي سنڌ وڃڻ لاءِ حڪم ڏنو. بلڪ کيس اهو تاڪيد ڪيائين ته بلوچي امير عهدنامي جي شرطن تي سختي سان پابند آهن ان ڪري وڃڻ شرط اهڙو قدم کڻي جيئن مير صاحبن کي جوش اچي ۽ جنگ ڪرڻ تي مجبور ٿين. مير علي مراد خان جي پاڻن سان اٽڪت هئي، سرچارلس نيپئر سان ڪارگر چاڙتو ٿي ڪم ڪرڻ لڳو[2]. سرچارلس نيپئر اچڻ سان گورنر جنرل کي لکيو هو ته سنڌ جي ٽالپر ميرن کي شڪست ڏيڻ آسان ڪم آهي مگر جنهن صورت ۾ انگريز ڪابل ۾ رڌل هئا ان ڪري ناپر هئي[3].

9 سيپٽمبر سنه 1842ع ۾ سر چارلس نيپئر پوني کان زنوبيا جهاز ۾ سوار ٿي 14 سيپٽمبر ڪراچي پهتو. وات تي جهاز ۾ ڪالرا جي بيماري پئي اٽڪل به سو کان مٿي سپاهي موت جو بک ٿي ويا[4]. کيس گورنر جنرل کان مڪمل

---

[1] Edund.C.Cox: A short history of Bombay presidency, P.305

[2] B.D.Basu: Rise of the chirstian power in India, Vol.V, P.105

[3] W.F.P.Napier: The conquest of Sindh, vol.I, P.90

[4] J.doungles: Bombay & western India, P.186

اختياريون مليل هيون ان ڪري هن گذريل عهدنامن جي ڪابہ پرواھ ڪانہ ڪئي. سندس روش ڪري بلوچي غيرت جوش کاڌو ايتري قدر جو نوبت جنگ و جدل کي پهتي[1]. سر وليم مئڪناٽن جنهن ٽالپرن تي 25 لک رپين جي چٽي مڙهي هئي، تنهن مان 3 لک رپيا پري چڪا هئا. لارڊ ايلنبرو جي مرضي هئي تہ جيسين مير مٿين رقم پري ڏين، تيسين سنڌوندي جي ٻنهي ڪپرن تي انگريزي فوج رکي وڃي مگر سر چارلس نيپئر ڪنارن تي فوج رکڻ کان سواءِ سکر، بکر ۽ ڪراچي تي قبضي ڪرڻ جو خيال ڪيو. ڪراچي پهچڻ سان هن ميرن تي هيٺيان الزام مڙهيا:

1. ٽالپر ميرن سنہ 1839ع واري عهدنامي جي اسمن خلاف ملتان جي ناظم لالا مولراج سان خط و ڪتابت ڪئي آهي[2].
2. قلات جو براهوئي خان ۽ ٽالپر انگريزن کي عيسائي سمجهي خفيہ طور تياريون ڪري رهيا آهن.
3. رنجيت سنگهہ جي وفات کان پوءِ ٽالپر سکن سان ناتا رکڻ شروع ڪيا آهن، انباري ۾ انگريزن کي خط هٿ ڪيا آهن.
4. حيدرآباد ۽ خيرپور دربار تي خيرپور جي وزير فتح محمد غوري جو اثر ويٺل آهي. ٽالپر ميرن مان مير علي مراد خان ۽ مير صوبدار خان کان سواءِ ٻيا سڀ مير انگريزن کي دشمن سمجهن ٿا.

مٿيان الزام محض بي بنياد هئا ان ۾ شڪ ڪونهي تہ مير صاحبن لاهور دربار سان ملتان جي نائب لالا مولراج معرفت دوستاڻي نموني ۾ خط و ڪتابت ڪئي هئي. سنہ 1839ع واري معاهدي جي انين اسر موجب ٽالپرن کي پاڙيسري حڪومتن سان دوستاڻي خط و ڪتابت ڪرڻ لاءِ اجازت هئي. قلات جي خوانين سان ٽالپرن جي مائٽي هئي. مير محراب خان مير محمد نصير خان کي مدد لاءِ لکيو هو پر شهداداڻي سرڪار قلات کي ڪابہ مدد ڪانہ

---

[1] V.A. Smith: The oxford history of India, P.685 oxford. 1920

[2] ديوان ساونڻ جي مُئي کان پوءِ پٽس لالا مولراج ملتان مٿان ناظم مقرر ٿيو هو. خالصا سرڪار جي ڪمزوري ڪري هن خودمختياري اختيار ڪئي هئي ۽ انگريزن سان جنگ ڪئي هئي.

ڏني. فتح محمد غوري ايماندار وزير هو. اليگزينڊر برنس، هينري پاتينجر توڙي ميجر آئوٽ رام سان سندس دوستي هئي. انگريز وٽس سوڪڙيون آڻيندا هئا. مير صوبدار خان ۽ مير علي مراد خان حيدرآباد ۽ خيرپور ۾ گويا انگريزن جا جاسوس هئا. ٻنهي ٽالپري فوجن جي سردارن کي رقمن وٺي ڏيڻ جي لالچ ڏياري انگريزن جي طرف ڦيري ڇڏيو هو[1]. لارڊ ايلنبرو ميجر آئوٽ رام کي لکيو هو ته ٽالپرن تي زور وجهي جيئن اهي سبزل ڪوٽ ۽ ڀنگ ٻاڙي جا علائقا نواب بهاولپور کي حوالي ڪن. مگر ميجر موصوف گورنر جنرل جي ناانصافي واري پاليسي سان متفق ڪين هو ان ڪري ايلنبرو هن کي هٽائي هڪڙي ضدي ۽ شوخ طبع ريزيڊنٽ کي موڪليو هو.

**نيپئر جا ميرن کي نوان شرط پيش ڪرڻ:**

25 سيپٽمبر سنه 1842ع ۾ سرچارلس نيپئر حيدرآباد پهتو. مير صاحبن دستور موجب سندس سواري عملي لاءِ ريشمي پالڪي ۽ قيمتي اُٺ روانا ڪيا. دربار ۾ وارد ٿيڻ وقت مئائي ورهائي ويئي. دربار پهچڻ کان اڳ هن هڪڙو سخت لفظن ۾ ميرن ڏانهن خط لکيو هو جنهن ۾ هن ڄاڻايو هو ته ميرن جي ڪراچي واري نائب، اُتي جي ڇانوڻي ۾ ماڻهن کي رهڻ کان منع ڪئي آهي، ٻيو ته انگريزن جي مال تي ٽالپر عملدارن زوريءَ محصول مڙهيو آهي وغيره وغيره. ميجر آئوٽ رام نئين عهدنامي لاءِ جيڪي شرط تيار ڪري ايلنبرو ڏانهن روانا ڪيا هئا، سي نرم هئا جن کي هن رد ڪري پاڻ ٻيا شرط تيار ڪري خفيه طور سر چارلس نيپئر ڏانهن روانا ڪيا هئا. سر چارلس نيپئر ٽالپرن جي فوج جو تخميني طور سٺ هزار اندازو ۽ تيئه توبون شمار ڪيون هيون. سندس مرضي هئي ته جنگ ڪرڻ کان اڳ، ميرن جي اجتماعي قوت کي پيچي ڪمزور ڪجي. سندس ارادو هو ته پهريان سهرابائي سرڪار کي ڪمزور ڪجي. هن ٽالپرن جي حڪومتن سان جدا جدا عهدنامن ڪرڻ جو ارادو ڪيو. سندس شرط هن ريت هئا:

[1] B.D.Basu: The Rise of Christian power in India, Vol.V, P.105

1. ٽالپرن اڳيان 23 لک رپيا ڪين پريا آهن. ان ڪري ڪراچي، ٺٽو، سکر، بکر هڪدم انگريزن جي حوالي ڪن.

2. آنربل ايسٽ انڊيا ڪمپني جا رپيا سنڌ ۾ چالو رهندا. ٽالپري سڪو برٽش سرڪار تيار ڪرائيندي جن تي هڪڙي پاسي انگلينڊ جي راڻي جي تصوير هوندي.

3. سنڌوندي جي ٻنهي ڪنارن تي هڪ سو گز تائين انگريزن کي ڪاٺ وڍڻ جي اختياري رهندي.

سهراباڻي سرڪار سبزل ڪوٽ، ڀنگ ڀاڙو هڪدم بهاولپور جي نواب جي حوالي ڪري سکر، بکر ۽ ٻيو وارا ٻيٽ هڪدم انگريز سرڪار جي حوالي ڪري.

## نيپئر جي امام ڳڙهه جي قلعي تي ڪاهه:

ڊسمبر 1842ع ۾ چارلس نيپئر ڀنگ ڀاڙي ۽ سبزل ڪوٽ تي قبضي ڪرڻ لاءِ اُتر ڏانهن روانو ٿيو. سکر ڏانهن ويندي شهداداڻي ميرن مان مير صوبدار خان، مير فضل علي خان ۽ مير غلام شاهه اڳواٽ ساڻس ملاقات ڪئي. مير صوبدار خان پاڻ کي حيدرآباد جي گاديءَ جو وارث سمجهندو هو. مير علي مراد خان جنهن کي مير رستم خان نونهار جي معاهدي موجب قرآن شريف تي لکي سندس زمينون موٽائي ڏنيون هيون. سو هينئر پڳ لاءِ گهر ڪرڻ لڳو. حالانڪ مير رستم خان پنهنجي پٽ مير محمد حسن خان کي پڳدار مقرر ڪيو هو. چارلس نيپئر سکر پهچڻ کان اڳ مير رستم خان کي لکيو هو ته اچي ساڻس ملاقات ڪري. وري جڏهن فرنگي فرعون دماغ سکر پهتو تڏهن مير علي مراد خان پنهنجي پاءُ جي خلاف وٽس دانهن کڻي ويو. فرنگي کي سونهري موقعو هٿ لڳي ويو. هن مير علي مراد خان کي تسلي ڏني ته سنڌ فتح ڪرڻ کان پوءِ سندس حق کيس موٽائي ڏبو. ٻيڏڙي مير رستم خان کي اچي خوف لڳو. هو پنهنجي خزاني، حرم، چند وفادارن سان ٿر جي ويران قلعي امام ڳڙهه ۾ وڃي پناهه ورتي. مٿيون قلعو مير محمد خان جي جاگير ۾ هو منجهس فقط بارود رکيل هو. سهراباڻي سرڪار جا جيڪي ٻه نوعمر شهزادا هئا سي فرنگين جي خلاف هئا. هنن هٿيار‌بند دستا خيرپور جي پسگردائي ۾

ڪڙا ڪري رکيا هئا جن ۾ گهڻو تعداد مرين، چانگن ۽ بليدين جو هو. علي مراد خان گهر جو ڀيدي هو، سنڌس مدد سان سرچارلس نيپئر بلوچي دستن کي شڪست ڏني. ٽالپرن کي پڪ هئي ته جيڪڏهن هو انگريزن خلاف هٿيار کڻندا ته سرحدي بلوچ توڙي براهوئي سنڌن مدد ڪندا. بلڪ افغان به ڪاهي ايندا پر اهڙو خيال غلط هو جيئن لورر سنڌ جا نومڙيا، ڪلمتي، جوکيا انگريزن جي طرف هئا تيئن اوپر سنڌ جا چانڊيا جن کي ٽالپرن سان روايتي دشمني هئي سي اوپر سنڌ ۾ انگريزن جا مددگار ٿي بيٺا. ان هوندي به مير صاحبن فيصلو ڪيو هو ته سردي گذرڻ بعد جنگ ڪندا. مير رستم خان ۽ سنڌس پٽ مير محمد حسن خان وٽ امام ڳڙهه جي قلعي ۾ ٽي هزار لشڪر، ست توبون هيون. وٽن بارود ۽ اناج جي ڪمي ڪانه هئي. سنڌن اردو هو ته سنڌ جي حفاظت لاءِ قلعي کي فوجي مرڪز جوڙي فرنگين سان لاڳيتي جنگ جوڙجي. چارلس نيپئر ساڍا ٽي سو سوار ۽ ايلٽي سو سپاهي اُٺن تي چاڙهي علي مراد خان کي ساڻ ڪري امام ڳڙهه ڏانهن روانو ٿيو. هن لشڪر سان ڏهه اُٺ خوراڪ جي سامان جا، اسي اُٺ پاڻي جا ڀريل هئا. رستي تي اٺ منزلون ڪرڻ ڪانپوءِ انين ڏينهن امام ڳڙهه پهتو. مير رستم خان پٽ، خزانن ۽ توبن سميت ٿر ڏانهن نڪري ويو. فرنگي فاتح ڀرپان قلعي تي توبون هلايون. ڀرين توب پاءُ جي خلاف مير علي مراد خان جوڙي. توبون هلائڻ ڪان پوءِ ميجر ويڊنگٽن چوويهن بارود جي ڪاٽين کي باهه ڏيڻ ڪان پوءِ قلعي کي اڏاٽي ڇڏيو. مير رستم خان ان وقت پيرسن هو ٿر جي مسافري سخت هئڻ سبب شهزادي مير حسن خان جي والده جي اُٺ تان ڪرڻ سبب ٻانهن ڀڃي پئي. هو بي يارومددگار جي حيثيت ۾ دربدر پنهنجا زيور ۽ مٽيا وڪڻي گذر ڪرڻ لڳا[1].

سرچارلس نيپئر جي متئين گناهه کي لڪائڻ لاءِ سنڌس پاءُ امام ڳڙهه جهڙي ويران قلعي کي غير معمولي اهميت ڏيندي سنڌ جو جبرالٽر لکي ٿو. فرنگي فرعون مزاج فاتح ٽالپرن لاءِ جيڪو پروگرام رٿيو هو، تنهنجو ڀريون باب ختم ٿئي ٿو. لنڊن جي دارالامراءِ ۾ ڊيوڪ آوويلنگٽن سرچارلس نيپئر جي متئين

[1] Edmund.C.Cox: A short history of Bombay presidency, PP.310-11

ناجائز فعل کي ساراهڻ لڳو. دراصل امام ڳڙهه جي ڪاهه مان فرنگي جي اها مراد هئي ته ٽالپرن کي خبر پئجي وڃي ته انگريز لشڪر لاءِ ٽرن برن تي ڪاهه ڪرڻ بلڪل آسان ڪم آهي[1]. مير رستم خان سلامتي سان حيدرآباد پهتو. سمورا ٽالپر اچي ساڻس گڏيا ۽ ڪيس مدد ڏيڻ لاءِ انجام ڪياءُون. فقط مير صوبدار خان ۽ مير شهداد خان غير حاضر رهيا. مٿيون واقعو سنه 12 جنوري سنه 1843ع ۾ ٿي گذريو.

**بلوچن جي ريزيڊنسي تي ڪاهه:**

امام ڳڙهه جي قلعي مان بچيل مال هٿ ڪري فوجن ۾ ورهائي 23 جنوري تي چارلس نيپئر حيدرآباد ڏانهن روانو ٿيو. پنهنجي حڪم سان درياءَ جي ٻنهي ڪپن تا ڪاٺيون وڍرائڻ لڳو حالانڪ ميرن ڪيس منع ڪئي هئي. هن جواب ڏنو ته نه رڳو ٻيلن جون ڪاٺيون ساڙيندس بلڪ راڄڌاني حيدرآباد کي به ساڙائيندس[2]. ان ڪان وڌيڪ ٻي کهڙي خر دماغي ٿئجي؟ سنڌودرياءَ کي هڪڙي پر واري ڳوٺ پير ابوبڪر وٽان شهداداڻين ۽ ماڻڪاڻين ميرن کي شرطن قبول ڪرڻ لاءِ لکيو ته اهي پنهنجا ايلچي خيرپور ڳالهه ٻولهه لاءِ روانا ڪن. ميجر آئوٽ رام جنهن کي لارڊ ايلنبرو سنڌس نرم پاليسي ڪري بدلي ڪري ڇڏيو هو، سو سنڌي زبان جو ڄاڻو هو ان ڪري چارلس نيپئر جي چوڻ تي گورنر جنرل ٻيهر ريزيڊنٽ ڪري حيدرآباد موڪليو هو. بلوچن ۾ فرنگين خلاف طول ۽ عرض سنڌ ۾ عام ناراضپو هو تنهن هوندي به مير محمد نصير خان پنهنجي آزمودگار وزير مرزا خسرو بيگ کي اڳواٽ خردماغ انگريز جنرل ڏانهن ڳالهين ڪرڻ لاءِ روانو ڪيو. مرزا صاحب چارلس نيپئر کي پريا وٽ گڏيو ۽ ڪيس تسلي ڏنائين ته ٽالپر سنڌس شرطن کي هر حال ۾ مڃڻ لاءِ تيار آهن. بشرطيڪ مير رستم خان کي سنڌس حق موٽي ملن. چاڪاڻ جو هو بيگناهه آهي. بلوچي جرگي مٿيون فيصلو ڪيو آهي. مگر فرعون دماغ فرنگي جنرل، وزير جي ڳالهين کي غور سان ٻڌڻ بدران اُٿلندو ڪاوڙ ۾ اچي جواب ڏنو

---

(1) J.C.Marsham: Abridgment of the history of India, CHP.XIII, P.432

(2) J.Donglas: Bombay & western India, Vol.II, P.77

"ڌسان ڪيئن بلوچي تراريون انگريزي بندوقن سان مقابلو ڪن ٿيون" مرزا صاحب ترت جواب ڏنو ته بلوچن کان سنڌ فتح ڪرڻ حلوو کائڻ ناهي. ان وچ ۾ چارلس نيپئر ميجر آئوٽ رام کي آگبوٽ ۾ چاڙهي حيدرآباد ڏانهن روانو ڪيو ته ٽالپرن کان روبرو وچي شرطن منظور ڪرڻ لاءِ گهُر ڪري. حيدرآباد پهچڻ شرط سيني ميرن وٽس سوڪڙيون روانيون ڪيون مگر هن فقط مير صوبدار خان جي سوڪڙين کي قبوليت بخشي باقي ٻيون سڀ واپس ڪيون. اهو محرم جو مهينو هو ان ڪري مير صاحبن ڏهين محرم گذرڻ بعد معاهدي جي ڪاغذ تي صحيحن وجهڻ لاءِ ريزيڊنٽ سان انجام ڪيو. حالانڪ مقربان بارگاهه مان غلام محمد خان. اختيار خان لغاري. مير غلام شاهه شهواڻي ۽ ٻين سردارن مير نصير محمد خان بهادر کي فرنگين سان جنگ ڪرڻ لاءِ صلاح ڏني. وري آخوند محمد بچل ۽ نواب محمد خان جنگ جي خلاف راءِ ڏني. ان وچ ۾ ڪرنل آئوٽ رام ليفٽيننٽ براڻون کي ساڻ ڪري هڪ سو پنجاهه سولجرن جي دستي سان حيدرآباد پهتو. محرم گذرڻ بعد معاهدي جي ڪاغذ تي صحيح ڪرڻ لاءِ دستاويز مير صاحب ڏانهن موڪليا ويا. غلام محمد خان لغاري جو ان وقت ڪچهري ۾ موجود هو. تنهن ڪاغذ وٺي اُتي جو اُتي ڦاڙي ڦٽا ڪيا. هوڏانهن چارلس نيپئر حيدرآباد ڏانهن ايندي واٽ تي بيگناهه حيات خان مري کي مارائي ڇڏيو. مٿئين حادثي ڪري بلوچن ۾ عام طور تاءُ پيدا ٿيو. اٽڪل ٽيهه هزار بلوچ گڏ ٿيڻ لڳا. مير صوبدار خان ۽ مير محمد خان ڪڏهن انگريزن ڏانهن ٿي ويا ڪڏهن بلوچن سان ٻي شريڪ ٿيا. 15 فيبروري تي اٽڪل اٺ هزار بلوچن ريزيڊنسي تي ڪاهه ڪئي مگر ڪرنل آئوٽ رام سولجرن جي سايه هيٺ جان بچائي آگبوٽ تي چڙهي ڀڄي ويو. آگبوٽ اڳيئي تيار بيٺا هئا. مير صاحب جي بورچي مشهدي ايراني جو گولا اندازي ڪرڻ ۾ ماهر هو. تنهن جهازن تي گوليباري ڪئي مگر فرنگي سلامتي سان نڪري ويا.

**مياڻي جي خوفناڪ جنگ:**

ٽالپر مير جيڪي لک تراري ۽ ڪهاڙين جا مالڪ هئا. تن لاءِ غير ممڪن ۽ بلوچي روايتن خلاف هوته جنگ کان پرهيز ڪن. فرنگين جي ناروا

اُرهه زورائين ڪري سنڌن صبر جو پيمانو لبريز ٿي چڪو هو. 16 فيبروري سنہ 1843ع ۾ جنرل سرچارلس نيپئر هالن کان متياري پهتو. ونس 28 سو سپاهي ۽ 12 توپون هيون. بلوچي لشڪر 22 هزار 15 توپن سميت ڦليلي جي ڪپ تي مياڻي وٽ گڏ ٿيو. ايڏي عظيم الشان لشڪر کي گولو بارود پهچائڻ ڏکيو ڪم هو. فرنگي فوجن ۾ پوني، بمبئي، مدراس، بنگال جا سپاهي هئا جن مٿان سرچارلس نيپئر، ڪپتان جان جيڪب، ڪپتان هٽ، ميجر ڪلبرن، ميجر جئڪسن، ليفٽيننٽ ويڊنگٽن، ميجر پيني فادر، ليفٽيننٽ مڪمرڊو (سر چارلس نيپئر جو ايڊي ڪيمپ) ميجر وائلي، ڪپتان ٽڪر، ليفٽيننٽ ڪرنل پيٽل، ميجر سٽوري، ڪپتان ٽامس، ميجر مٽڪفرسن (سرچارلس نيپئر جو سيڪريٽري) ڪپتان ويمس، ڪپتان ڪوڪ سن، ليفٽننٽ مارسٽن، ڪپتان گئرٽ ۽ ٻيا مکيہ عملدار هئا. ٽالپر لشڪر ۾ شهداداڻي، چاڪراڻي، خاناڻي، بجراڻي، محمدداڻي شامل هئا. منجهانئن پويان بہ عين موقعي تي غير حاضر رهيا. مير نامدار ڪلمتي سردار، ملڪ ابراهيم خان کي حڪم ڏنو هو تہ جوکين ۽ نومڙين سان گڏجي انگريزن سان جنگ ڪن. ڪلمتي سردار چئن سون جي دستي سان جنگ ڪرڻ لاءِ نڪتو مگر جوکين ۽ نومڙين وٽان ڪابہ ڪمڪ ونس ڪانہ پهتي ان ڪري ماٺ ڪري وڃي گهر ويٺو. جوکين جي سردار جام خان، مير صاحب جي حڪم کي ٺڪرائي ڇڏيو. ماڱڪاڻي بہ غير حاضر رهيا. بلوچي قبيلن مان نظاماڻي، باگراڻي، مري، جمالي، چانگ، گوپانگ، جتوئي، قراڻي، رند، لغاري، لاشاري، چلگري، پرڳڙي وغيره ٽالپرن جي جهنڊي هيٺ هئا. غير بلوچن مان کتياڻ، کوکر، سومرا، خاصخيلي بہ سنڌي لشڪر ۾ شامل هئا. پر بلوچن جي مقابلي ۾ سنڌن تعداد ٿورو هو. سنڌ جا سادات بہ هن جهاد ۾ شامل هئا. ٽالپرن جي فوج قاهره مٿان مير جان محمد خان خاناڻي، مير غلام شاهہ شهواڻي سپهہ سالار هئا. توپخاني مٿان هوش محمد قنبراڻي، سيد عبدالله شاهہ، ابراهيم خان، مشهدي ايراني ۽ مسٽر هاويل عملدار هئا. لغارين جو اڳواڻ نواب احمد خان لغاري هو جنهن برٽش ريذيڊنسي تي حملو ڪيو هو. ساڻس غلام محمد خان ۽ بختيار خان هم رڪاب هئا. رندن جو اڳواڻ بهاول خان رند هو. سادات ۽ پيرن پاران سيد فتح محمد شاهہ لڪياري فوج سميت

موجود هو. چانڪن جي واڳ موري خان جي هٿ ۾ هئي. ٽالپرن وٽ فوج ڪافي هئي مگر سندن هٿيار فرنگين جي هٿيارن جي مقابلي ۾ اهڙا ڪارگر ڪين هئا. توبن جي ڊيگهه ٽي فٽ ۽ گولائي 3 انچ هئي. وري سپاهين وٽ پراڻي زماني جون منهن پرتيون بندوقون هيون. جانبازن وٽ دوبدو جنگ لاءِ دمشقي ۽ شيرازي ترارون هيون. انگريزي فوجن ۾ وڏو تعداد ديسي سپاهين جو هو. اهي فوجي قاعن جي لحاظ سان چست ۽ چالاڪ هئا. وٽن ڪلدار توبون ۽ بندوقون هيون. مير صاحبن جنگ ڪرڻ کان انڪري پئي ٽاريو جيئن گرمي جي موسم شروع ٿئي ۽ انگريزي سپاهه کي تڪليف محسوس ٿئي. ٻئي طرف سرچارلس نيپئر کي جلد جنگ ڪرڻ لاءِ لوري لڳل هئي. سندس مرضي هئي ته سردي ۾ فيصلو ٿي وڃي. سندس خيرپور کان رواني ٿيڻ وقت مير محمد نصير خان غازي ڪيس چتاءُ ڏنو هو ته هن دفعي بلوچن ۾ سخت جوش آهي. اڳ حڪومت جو متن ضابطو هيو. مگر هينئر هو غيرت ڪري مجبور آهن. سرچارلس نيپئر کي پنهنجي شيطاني هٿيارن تي ڀروسو هو. هن ڪنهن ڳالهه تي ڌيان ڪين ڏنو. فقط جنگ ڪرڻ سندس واحد مقصد هو. هو جڏهن سيد آباد کان هالن ڏانهن اچڻ لڳو تڏهن مير صاحب ڪيس روڪڻ لاءِ حيدرآباد پهتو. 16 فيبروري سنه 1843ع ۾ ٻئي لشڪر مياڻي وٽ گڏ ٿيا. طرفين جي لشڪرن ۾ فقط هڪ سو گز جيترو مفاصلو مس هو. مير محمد نصير خان سان مير رستم خان، مير حسين علي خان، مير شهداد خان همرڪاب هئا بلوچ لشڪر کي لڪڻ لاءِ پنيان جهنگ هو جو ڦليلي جي ٻنهي ڪپن تي هو. ڦليلي ان وقت سڪل هو. سندس پيٽ يارهن سو گز ڪشادو هو. 17هين فيبروري صبح جو سوير جنگ جو طبل وڳو. ڀهريان فرنگي لشڪر جو هڪڙو ننڍڙو دستو جنگ جي ميدان ۾ آيو. ان لاءِ ته جيڪو بلوچي لشڪر جهنگ ۾ لڪل آهي سو نڪري نروار ٿئي. جنگ شروع ٿيڻ سان توبن ۽ بندوقن جي جنگ لڳي، هڪڙي پاسي ڪلدار توبون ۽ سنگينون هيون. ٻئي پاسي ترارون ۽ ڀالون هيون. بلوچن نهايت مردانگي ۽ بي باڪي سان مقابلو ڪيو. سندن سپهه سالار مير جان محمد خان شروعات ۾ اهڙي سياڻپ ۽ بهادري ڏيکاري

جو سرچارلس نيپئر کي جنگ هارائڻ جي پڪ ٿي ويئي. مير موصوف جي بهادري سيد احسان علي شاهه هڪڙي بيت ۾ هن ريت بيان فرمائي ٿو:

"ڀهرين حملي ۾ هنائي ڪيائين فرنگي خسته جان
تير باران چوطرف ميدان ۾ ڪيا پهلوان
چئي وجي لشڪر مڙي ڪمڪ ڪري ٿي جان نشان
فتح هئي اسلام جي لشڪر جي بيشڪ بي امان"

توبزني ۽ بندوق بازي کان پوءِ فرنگين جي سوار فوج ساڄي پاسي کان ڪاهه ڪئي. مير جان محمد خان بهادري سان وڙهندي شهيد ٿيو. مير غلام شاهه ميدان ۾ ٽپي لشڪر جون واڳون هٿ ڪيون. رسالدار جان جيڪب هڪ هزار سوارن سان قليلي جي پيٽ ۾ ڪاهي آيو جت بلوچي لشڪر بيٺل هو. پوءِ ڇاتي واٽي موت ڪاٽي پڳو. بلوچن سنڌس فوجي چال کان دوکو کاڌو. هنن سمجهيو ته انگريزن پاڄ کاڌي آهي، ان ڪري سنڌس پٺيان بند ٽپي ويا. جيئن بلوچن بند ٽپيو تيئن فرنگي توبخاني جو بند پٺيان لڪل تيار هو، مٿن باهه وسائڻ شروع ڪئي. ٻن پهرن تائين دوبدو جنگ جاري رهي. فتح ۽ شڪست جي ڪا خبر پئجي نه سگهي. ٻن پهرن کان پوءِ پهريان لغارين ۽ نوڙهن ۾ ڀاڄ پئي تنهن کان پوءِ آتش فشان جو تاب نه جهلي سردار بهاول خان رند ڀڳو. نواب احمد خان لغاري جنگ جي نتيجي کي پنهنجي خلاف ڏسي مير صاحب جي خدمتگار سومار کان جهنڊو کسي ميدان ڇڏي پچي ويو. پڇاڙي جو پرڳڙين ۾ ڀاڄ پئي. مير شهداد خان جو مير نصير خان سان گڏ هو تنهن آخري دم تائين وڙهڻ لاءِ صلاح ڏني. آخري حملي لاءِ چار هزار بلوچي لشڪر اڳيئي تيار بيٺل هو پر جيئن جيئن دستن ۾ ڀاڄ پوندي ويئي تيئن اهي چار هزار سوار سواءِ حڪم ملڻ جي ميدان کان پچي ويا ڇاڪاڻ جو فرنگين جي توبن ۽ بندوقن جي ٽي ڪلاڪ سانده شعله باري ناقابل برداشت هئي. هڪڙو آتشي گولو مير محمد نصير خان ۽ مير شهداد خان اڳيان اچي ڪريو. مير نامدار کي فولادي زره پيل هئي، بچي ويو پر سنڌس خدمتگار سليمان بروقت مري ويو. فرنگي لشڪر ٽالپرن جي توبخاني ۽ ميخ زين تي قبضو ڪري ورتو.

ايئن پئي معلوم ٿيو ڇڻ ٽالپرن جو لشڪر گهيري ۾ آهي. مير حسين علي خان به ميدان ڇڏي ڀڳو. مگر ايا چانگ، گويانگ، مري ۽ نظاماڻي وفاداري ۽ شجاعت جا جوهر ڏيکاري رهيا هئا. سٺ سالن جو پوڙهو سرچارلس نيپئر ذري گهٽ هڪڙي بلوچ هٿان مارجي وڃڻ تي هو. ليفٽننٽ مارسٽن کيس جهٽ هڻي بچائي ورتو. مير نامدار به آخر 12 سوارن جي مدد سان ميدان کان نڪري سلامتي سان حيدرآباد پهتو. فرنگين جي لشڪر مان ٽن ڪلاڪن جي جنگ ۾ فقط 270 سپاهي مارجي ۽ زخمي ٿي ويا. عملدارن مان ميجر ٽيزڊيل، ميجر جڪسن، ڪپتان ميڊي، ڪپتان ٽيو، ڪپتان ڪرڪسن ۽ ليفٽننٽ ووڊ مارجي ويا. ليفٽننٽ پيني فادر، ميجر وٿلي، ڪپتان ٽڪر، ڪپتان ڪانوي، ليفٽننٽ هارڊنگ ۽ فيري زخمي ٿيا. اٽڪل ويهه انگريز عملدار مارجي ويا جن مان چار ميداني فوج جا آفيسر هئا. ٽالپرن جي لشڪر مان اٽڪل 5 هزار شهيد ٿيا[1]. مير جان محمد خان ٽالپر، نظاماڻين مان ٽلاه خان، غلام حسين خان، عبدالله خان، علي بخش خان، سردار گوهر خان حاجي زئي، سردار نصير خان چانگ، مير غلام شاهه، مير مبارڪ بهراڻي، وغيره جنگ جي ميدان ۾ شهيد ٿيا. منجهانئن مير جان محمد خان جي قبر مياڻي ۾ آهي. ٽالپرن جي شڪست متعلق ليڊي برٽن جو بيان آهي ته انگريزن ميرن جي توپچين کي ڏوڪڙ ڏيئي پنهنجو ڪيو هو. اُنهن جنگ جي ميدان ۾ توبن جا منهن مٿي ڪري گولا ڇوڙيا هئا. ٻيو ته فوجن جا سردار عين جنگ جي موقعي تي ميدان ڇڏي ڀڳا هئا[2]. مياڻي جي شڪست جي ٻئي ڏينهن ڏهه هزار بلوچي لشڪر جنگ جي ميدان ۾ ٻيهر گڏ ٿيو ۽ اٽڪل ڏهه هزار مسلح بلوچ پير وارن ڳوٺن ۾ موجود هئا پر جنهن صورت ۾ مير صاحبن هٿيار ڦٽا ڪيا هئا تنهن ڪري موٽي ويا[3]. مياڻي جي جنگ فقط 3 ڪلاڪ هلي پر ان جو شمار هندستان جي خونريز ۽ فيصلا ڪن جنگين ۾ ٿئي ٿو.

---

(1) W.Napier: The life & opinion of general Sir. C.Napier, Vol.Iv, P.113

(2) Lady Burton: The life of Sir. R.Burton, Vol.I, P.141

(3) J.C.Marsham: Abridgment of the history of India, P.435

**فرنگين جو حيدرآباد قلعي ۾ داخل ٿيڻ:**

18 فيبروري صبح جو سوير سرچارلس نيپئر مير صاحبن کي پيش پوڻ لاءِ چوائي موڪليو. هن ڌمڪي ڏني ته جيڪڏهن مير پيش نه پوندا ته حيدرآباد جي قلعي کي امام ڳڙهه جي قلعي وانگر مسمار ڪبو. مير محمد نصير خان شاهي خاندان جي پنجن شهزادن سان فرنگي جنرل اڳيان تراريون لاهي پٽ تي رکيون. فاتح فرنگي تراريون کين موٽائي ڏنيون بلڪ سندن ڪمر سان ٻڌي کين تسلي ڏني ته 25 ڏينهن اندر سندن فيصلو ڪيو ويندو ۽ سندن ملڪ کين موٽائي ڏبو. ميجر آئوٽ رام به ملاقات وقت موجود هو. ٻن ڏينهن کان پوءِ آئوٽ رام فيصلي لاءِ بمبئي ڏانهن روانو ٿيو. مير صاحب ريزيڊنسي جي پر ۾ نظربند رکيا ويا ۽ مٿن پهرو بيهاريو ويو. 21 فيبروري سرچارلس نيپئر پنهنجي منشي علي اڪبر کي ميرن ڏانهن موڪليو ته هو قلعو ڏسڻ گهري ٿو. مير نصير خان آخوند محمد بچل، ديوان مينا رام ۽ بهادر خدمتگار کي سرچارلس نيپئر سان ساڻ ڪري قلعي ڏانهن روانو ڪيو.[1] فرنگي فاتح ٻن ريجمنٽن سان قلعي ۾ داخل ٿيو. پهريان برٽش جهنڊي کي ڪڙي ڪرڻ جي رسم ادا ڪئي ويئي. پوءِ خزانا لٽيا ويا جن لاءِ انگريز عملدار گهڻي عرصي کان منتظر هئا. فرنگي عملدار مير ڪرم علي خان جي حرم ۾ داخل ٿي وفادار وزير مرزا خسرو بيگ کي ٻڇيءَ کان جهلي ساڻس بدسلوڪي سان پيش آيا.

**مستورات جي بيحرمتي ۽ لُٽ مار:**

شاهي حرم جي عورتن فرعون دماغ فرنگي جرنيل کي چوائي موڪليو ته کين ٽن ڪپڙن اندر پالڪين ۾ شهر کان نڪري وڃڻ لاءِ اجازت ڏني وڃي پر هن مغروري سان انڪار ڪري منشي علي اڪبر سميت زبردستي زنان خاني ۾ گهڙي ويو. کين اُتي جيڪي زيور، ڪپڙا، سون ۽ چاندي جا برتن هٿ لڳن سي لٽيا ويا. زالن جا زبردستي زيور لاٿا ويا. اٽڪل 15 لک رپين جو مال لٽيو ويو. عورتون خوف کان حرم ڇڏي ڀڄي ويون. پنجن ڪوهن جي پيادل

---

[1] عبرت ڪده سنڌ: مترجم سيد محمد ضامن ڪنتوري، ص. 315

نوٽ: چانڊين جو سردار ڏهه هزار بلوچن سان سرچارلس نيپئر کي مدد ڏيڻ لاءِ آيو هو ان وچ ۾ ٽالپرن شڪست کاڌي. چانڊين جو سردار موٽي هليو ويو.

مسافري ڪرڻ کان بعد هڪڙي ڳوٺ ۾ وڃي پناهه ورتي، تنهن کان پوءِ مير نورمحمد خان جي حويلي ۾ گهڙي ساڳيءَ طرح لٽ مار ڪئي ويئي، زائفائن پيدل وڃي ڪٽڙ ۾ دم پٽيو. 22 فيبروري سنه 1843ع ۾ مير محمد خان کي قلعي مان ڪڍي ٻين ميرن سان گڏ نظربند رکيو ويو پوءِ سندس حرم کي لٽيو ويو. مير صوبدار خان جي زالن جا زيور لهرائي سندس پٽ شهزادي فتح علي خان جي هٿن مان به قيمتي ڪنگڻ به لاٿا ويا. حرم جي عورتن جي ڀڄڻ وقت هڪڙي عورت جي ڪمر مان ڪجهه ڏوڪڙ ڀڄڻ مهل ڪري پيا جنهن تي هن کي گرفتار ڪري سندس ڪمربند وڍيو ويو. تنهن ڪانپوءِ هر هڪ عورت کي ڏار ڏار ڪري سندن نڪ، ڪنن مان زيور لاٿا ويا. فرنگي فاتح قلعي اندر اچڻ جي منع ڪئي. مرحوم مير نور محمد خان ۽ مير نصير خان جا ديرا ايا قلعي اندر هئا. مير نصير خان جا پٽ مير حسين علي خان ۽ مير عباس علي خان تن وٽ پيئڻ لاءِ پاڻي نه هو. هنن سرچارلس نيپئر کي پاڻي لاءِ عرض ڪيو مگر فرعون دماغ ڪوبه ڏيان نه ڏنو. آخر شهزادن جي تقاضا ڪرڻ تي نون ماڻهن لاءِ هڪڙي پاڻي جي مشڪ رواني ڪئي ويئي جنهن مان فقط حلق کي آلو ڪرڻ لڳا. جن حويلين جا خوف ڪري عورتن در ڪين پٽيا هئا، تن کي فرنگي سپاهين ڪهاڙين سان ڀڃي زبردستي حويلين اندر لنگهي پرده نشين عورتن کي لٽيو ويو. بلڪ سندن ريشمي وڳا بدن تان لهرايا ويا. مير نور محمد خان جي بيواهه هڪڙي ٻانهي کي ڪي ڪپڙا ڏيئي بازار روانو ڪيو ته اُنهن کي وڪڻي ڪاڏو آڻي مگر دروازي تي محمد حسين نالي هڪڙي منشي هن کان ڪپڙا ڦري هن کي مار ڏني. تنهن کان پوءِ فرنگي فاتح به عورتون قلعي جي در تي مقرر ڪيون جي لنگهندڙ عورتن جي تلاشي وٺڻ لڳيون. ميرن کي يا شهزادن کي پهرين ڏينهن جيڪي تراريون موٽائي ڏنيون ويون هيون سي ڪانئن کسيون ويون. تنهن ڪانپوءِ مرزا خسرو بيگ جو گهر لٽيو ويو ۽ کيس قيد ڪيو ويو. فاتح فرنگي مٿس الزام مڙهيو ته هو ڪپتان مئڪفرسن جي سامهون ٿيو هو. کيس ايتري مارڪٽ ڪئي ويئي جو هو بيهوش ٿي ڪري پيو. پوءِ مذاق طور سرچارلس نيپئر کيس حلوي جي ٿالهي کائڻ لاءِ گهرائي ڏني. وزير صاحب جواب ڏنو "دنيا جو حلوو مردار آهي، مون وٽ روحاني حلوو موجود آهي" تنهن

کان پوءِ ڪيس نوڙيءَ سان ٻڌو ويو ان لاءِ ته ڪرم علي خان مرحوم جي مخفي خزانن جو ڏس ڏي. حالانڪ هن کي اهڙي ڪابه خبر ڪانه هئي. حاصل ڪلام ته مير صاحبن وٽ قلعي ۾ جيڪي موجود هو، سو لٽيو ويو. سراج الدوله بنگال جي نواب جي خزاني مان ڪلائيو کي 8 لک پائونڊ هٿ لڳا. حيدرآباد جي قلعي مان چارلس نيپئر ڏهه لک پائونڊ لٽيا جواهرات تنهن کان سواءِ. هر هڪ انگريز سولجر ۽ ديسي سپاهي کي لٽمار مان ڪافي حصو مليو. سرچارلس نيپئر کي ستر هزار پائونڊ حصي ۾ مليا. مرزا قليچ بيگ لکي ٿو ته اُن شام جو حيدرآباد جي ماٿهن آسمان تي پڇڙ تارو ڏٺو جو گهٽائي ڏينهن نڪرندو رهيو. پوءِ آهستي آهستي منجهي لڳو. هن سماوي علامت مان هر ڪنهن ائين ڄاتو ته ميرن جي صاحبي سنڌ ۾ ختم ٿي ۽ فرنگي راڄ شروع ٿيو[1].

### دُٻي جي خونريز جنگ:

مير شير محمد خان ماڻڪاڻي فاتح سنڌ سرچارلس نيپئر جي جگر ۾ ڪنڊي وانگر هو ڇاڪاڻ جو مير صاحب 25 هزار جرار فوجن سان حيدرآباد کان 6 ميلن جي مفاصلي تي ڇانوڻي هنيون ويٺو هو. نواب احمد خان لغاري ۽ هوش محمد قنبراڻي توبچي جن جون دليون انتقام وٺڻ لاءِ بي چين هيون سي مير شير محمد خان سان اچي گڏيا[2]. دُٻي جي جنگ کان اڳ 18- مارچ

---

[1] عبرت ڪده سنڌ: مترجم سيد محمد ضامن، ص 315-317

[2] Kalichbeg Furedunbeg: History of Sindh, Vol. II, P. 235

سرچارلس نيپئر جو پاءُ فتح سنڌ ۾ لڳي ٿو ته هوش محمد حبشي مصر ۾ نيپولين بونا پارٽ جي فوجن ۾ تعليم ورتل هو حالانڪ سندس بيان محض بهتان بازي آهي. اهڙي طرح ميجر آئوٽ رام جو بيان آهي ته قعلي مان انگريزن کي ٻه ڪروڙ رپين جي ملڪيت هٿ لڳي. حالانڪ اليگزينڊر برنس پنهنجي رپورٽ ۾ ويهه ڪروڙ ڏيکاريا هئا.
نوٽ: فتح محمد خان غوري جنهن جي عمر ان وقت اسي ورهيه هئي سو مير رستم خان سان گڏ حيدرآباد ۾ قيد هو. مير علي مراد خان مٿس الزام هنيو ته هو وزير خيرپور علي حسين جو ڇهن هزارن رپين جو قرضي آهي. علي حسين هَڪڙو مفلس هندستاني هو جو قسمت آزمائڻ لاءِ سنڌ ۾ آيو هو. چالاڪي ڪري خيرپور جو وزير ٿيو هو. فتح محمد غوري هڪ سال علي مراد وٽ قيد رهيو پوءِ بهاولپور جي نواب سندس قرض ادا ڪري پنهنجو وزير مقرر ڪيو. ڪيس ويهه هزار رپيا بروقت نواب انعام ڏنا ۽ 12 هزار رپين جي ساليان آمدني جي جاگير ڏيئي پنهنجو مشير خاص مقرر ڪيو.
ڏسو عبرت ڪده سنڌ: سيد محمد ضامن، ص 252-251

1843ع ۾ سرچارلس نيپئر حيدرآباد جي ميرن کي ڌمڪي ڏيندي چيو هو، "مون کي وڏيڪ تڪليف نہ ڏيو ۽ مير شير محمد خان جو طرف ڇڏي ڏيو نہ تہ اوهان کي قيد ڪري جهاز تي چاڙهي ٻاهر روانو ڪبو ۽ اها سزا اوهان لاءِ جوڳي ٿيندي. اوهان کي خبر هوندي تہ جيڪڏهن هار ڪاڌل فاتح خلاف قدم کڻندا تہ فاتح کي گهڻو غصو لڳندو" فرنگي فاتح کي شڪ جاڳيو تہ حيدرآباد جا نظربند مير ۽ شهزادا ڳجهي طرح مير شير محمد خان کي مدد ڏيئي رهيا آهن. انگريز سيني ميرن کي هن هڪڙي آگبوٽ ۾ چاڙهي وچ درياءَ ۾ بيهاريو هو. مير شير محمد خان سرچارلس نيپئر کي لکيو تہ "لشڪر سميت اچي پيش پئي آڻ مڃ نہ تہ بهادر بلوچي لشڪر هٿان برباد ٿي ويندين" مياڻي جي جنگ کان پوءِ هڪ هفتو سرچارلس نيپئر مير شيرمحمد خان جي نقل و حرڪت متعلق خبرچار معلوم ڪرڻ کان پوءِ ڇهن مهينن جو سامان گڏ ڪري هڪڙي ايلچي هٿان مير شير محمد خان کي چوائي موڪليو "سياڻي توتي ڪاهہ ڪندس بهتر آهي تہ سواءِ ڪنهن شرط جي آڻ مڃ. آءُ توکي عزت سان گڏبس" 24- مارچ 1843ع تي پرهہ ڦُٽي جو سرچارلس نيپئر پنهنجي لشڪر جي صف آرائي ڪئي. ان وقت لارڊ ايلنبرو جو قاصد وٽس پهتو ۽ هڪڙو مهربند لفافو جنرل کي ڏنو. هن زباني جنرل کي چيو تہ ٻن مهينن تائين سنڌ جي سرحدن کي مضبوط جهليو جيئن ميرن کي ڪابہ بيروني امداد ملي نہ سگهي. پيرسن جنرل ڏڪندي لفافو کوليو، جنهن ۾ لکيل هو تہ مياڻي جي جنگ متعلق توکي فوج سميت مبارڪباد ڏجي ٿي، اوهان مان هرهڪ کي وڏا خطاب ملندا. جنرل فوجن اڳيان خط پڙهيو جنهن تي سپاهين نعرا هنيا پوءِ طوفان وانگر اٺ ميل لتاڙي صبح جو ائين وڳي پنج هزار لشڪر سان دُٻي وٽ پهتو. مير شير محمد خان جو لشڪر هڪڙي سڪل واهہ جي پيٽ ۾ ٻن خندقن ۾ بيٺل هو. هر هڪ خندق ويهہ ۽ ٻائيتاليهہ فٽ ويڪري هئي. بلوچي توبخاني مٿان هوش محمد قنبراڻي اڳواڻ هو، جنهن مياڻي جي جنگ ۾ بهادري ڏيکاري هئي. پيادل لشڪر مٿان نواب احمد خان لغاري سپهہ سالار هو، جنهن مياڻي جي جنگ ۾ فضا جو رُخ بدليل ڏسي فرنگين کان آخري انتقام وٺن لاءِ هينئر دُٻي جي فوجن جو اڳواڻ هو. فرنگي لشڪر پهريان ڪاٻي

پاسي توبزني ڪئي ۽ سندس سوار فوج بلوچن تي ڪاهه ڪئي. سرچارلس نيپئر هن دستي سان شريڪ هو. سڪل ناري جا ڪپ قليلي جي ڪپن ڪان گهٽو متي هئا. بلوچي لشڪر کي متي پهچڻ وقت گهٽي دقت پيش ٿي، هوڏانهن انگريز لشڪر جي سوارن لاءِ سڪل واهه ۾ ٽپڻ ۽ نڪري اچڻ محض راند هئي.

**بلوچن جي شڪست:**

مياڻي وانگي هيءَ جنگ بہ ٽي ڪلاڪ گهمسان سان لڳي. فرنگي توبن جي گولي باري ڪري سڄو آسمان دونهي سان ڍڪجي ويو. مير شير محمد خان بلوچي لشڪر کي ٻن حصن ۾ ورهائي جنگ جي ميدان کي گرم رکيو. مگر مسلسل گوليباري ۽ آتشبازي ڪري بلوچي صفن ۾ ڀاڄ پئي. پوني ۽ بنگال جا سوار ميلن تائين بلوچن جي پٺيان ڪاهي پيا. اٽڪل پنج هزار جانباز داد شجاعت ڏيندي شهيد ٿيا. هوش محمد قنبراڻي مير صاحب کي ميدان ڇڏي وڃڻ لاءِ صلاح ڏني مگر هن انڪار ڪيو. آخر نواب احمد خان لغاري جي چوڻ کي مصلحت سمجهي نواب سميت ميدان مان سلامتي سان نڪري ويو. هوش محمد هڪڙي آئرش سولجر هٿان شهيد ٿي ويو[1]. ماٽڪاٽين جو جهنڊو ڪپتان ڪوٽ جي هٿ چڙهي ويو. ويجهڙائي جا زميندار جن کي بلوچن سان عداوت هئي، تن فرنگي جرنيل سان ملاقات ڪئي. ڪيس تسلي ڏنائون تہ بلوچ ڀڄي ويا. انگريزن کي ويجهڙائي جي ڳوٺن مان گهٽائي زخمي مجاهد هٿ لڳا جن جي ڊاڪٽرن ملم پٽي ڪئي. ميرپورخاص جي قلعي ۾ مير شير محمد خان تازه دم لشڪر گڏ ڪرڻ لڳو. هي قلعو حيدرآباد کان چاليهن ميلن جي مفاصلي تي ماٽڪاٽين جو تختگاهہ هو. حيدرآباد کان هڪ سؤ ميلن تي عمرڪوٽ جو مضبوط قلعو هو. مگر ٽالپرن جي مسلسل شڪستن سبب سنڌ جا آبادگار اکيون بدلائڻ لڳا. فرنگين جي هئبت جو سڪو سندن دلين تي ڄمي ويو. مير شيرمحمد خان رعايا جون اکيون ڦريل

[1] Bombay Government Gazzetter, 5 April, 1843

W.F.P. Napier: The conquest of Sindh, P. 379

ڏسي ضروري سامان سميت عمرڪوٽ جي قلعي ۾ پهتو، جتان هڪ هفتي تائين مقابلو ڪندو رهيو. پوءِ ٽر ڏانهن نڪري ويو فرنگي فوجن عمرڪوٽ تي قبضو ڪيو. 31- اپريل 1843ع ۾ سرچارلس نيپئر مياڻي ۽ دُبي جي ڇهن ڪلاڪن جي جنگين ڪان پوءِ باب اسلام (سنڌ) کي فتح ڪيو. مگر پوڙهي فرنگي جي دل اڃا بي آرام هئي ڇاڪاڻ جو سنڌ جو شير سندس هٿن ڪان نڪري ويو هو. مقربان خاص مان نواب احمد خان لغاري آقا سان هر حال ۾ شريڪ هو. سنڌو درياهه جو سمورو ساڄو ڪنارو لغارين جي هٽ هيٺ هو. هنن نظاماڻين وانگر گهڻو نقصان سَنو هو. لغارين مان غلام شاهه بوزدار جنهن جي سرداري لاءِ پوءِ ڪپتان پيلي سفارش ڪئي هئي، سو مياڻي جي جنگ ڪان اڳ شهداڻي سرڪار پاران بطور سفير جي ڳالهين ڪرڻ لاءِ ويو هو. لغارين جي نوابي سنڌ ۽ پنجاب تائين قائم هئي ان ڪري سرحدي بلوچن ۾ ڪين گهڻو اثر رسوخ حاصل هو. سندن نوابي چوٽي ۾ اڃا قائم آهي[1]. اتڪ ڪان وٺي باركان تائين سندن راڄ پکڙيل هئا. خالصا سرڪار جا معاون ۽ مددگار هئا ان ڪري لاهور دربار تائين سندن اثر رسوخ هو[2]. ديوان ساونڊمل ڪان پوءِ سندس پٽ لالا مولراج سان گورچاڻين ۽ کوسن خلاف پٽ هئا بلڪ قلات دربار تائين لغاري سردار کي اثر رسوخ حاصل هو[3]. دُبي جي جنگ ڪان پوءِ بنگالي لشڪر وڏيڪ جنگ ڪرڻ ڪان نٽاڻڻ لڳو. فرنگين جي عسڪري قوت جو مدار بمبئي جي لشڪر تي منحصر هو. سنڌ ۾ افواهه گشت ڪري رهيا هئا ته خالصا ۽ سنڌيا جا لشڪر گڏجي انگريزن تي ڪاهه ڪندا. انڪري نواب احمد خان لغاري سنڌ جي سرحدي بلوچن کي فرنگين ڪان انتقام وٺڻ لاءِ پڙڪاڻڻ لڳو[4].

---

(1) Frontier & overseas expeditions from India, The Lagharis.

(2) تاريخ بلوچيان: سردار غلام رسول خان قرائي، ص 52-50

(3) لغاري جي سردار جلال خان لالا مولراج جي ڪاردار لونگامل کي مدد ڏني. 1848ع ۾ ائڊوردس کي ديره غازي خان جي ڪاهه وقت مدد ڏني هئي. 1876ع ۾ سر رابرٽ سنڊيمن سردار جمال خان لغاري جي مدد سان قلات جي نواب مير خداداد خان سان عهدنامو ڪيو هو.

(4) History of Aleination of the province of Sindh, Vol. II, The Lagharis

سرچارلس نيپئر کي فڪر لڳل هو تہ متان مير شير محمد خان سنڌ کان ٻاهر نڪري نہ وڃي. سندس ناڪہ بندي ڪرڻ لاءِ هن بہ لشڪر ۽ عملدارن جي اڳواڻي هيٺ درياءَ جي ٻنهي ڪپن کان سکر ۾ روهڙي ڏانهن روانا ڪيا. جرنل رابرٽ سکر کان سيوهڻ ڏانهن روانو ٿيو. جاسوسن فرنگي فاتح کي خبر ڏني هئي تہ مير شير محمد خان وٽ اڃا ڏهہ هزار لشڪر آهي حالانڪ مير صاحب وٽ چار هزار بي قاعده سپاهي ۽ فقط 3 توبون هيون. سرچارلس نيپئر ڪپتان جان جيڪب کي ٻن توبن ۽ گڏيل دستي سان هالن ڏانهن روانو ڪيو. اتان 17 ميلن جي مفاصلي تي مير صاحب هڪڙي قلعي ۾ مقيم هو. مير صاحب جو ڀاءُ مير شاهہ محمد خان سيوهڻ کان 14 ميلن جي مفاصلي تي منحصر بلوچي لشڪر سان خندقن ۾ جنگ ڪندي قيد ٿي ويو. 14- جون 1843ع ۾ هڪڙي واهہ جي ڪپ تي مير شير محمد خان مردانگي سان لڙيو پر پوءِ ميدان جو رُخ بدليل ڏسي نواب احمد خان جي رهنمائي هيٺ اُتر سنڌ جي بليدين، بومڪين ۽ جمالي براهوئين جي ڳوٺن مان ٿيندو پنجاب ڏانهن نڪري ويو.

**ٽالپرن جي حيدرآباد مان روانگي:**

انگريزن پنهنجي دوستي جو ٽالپرن کي پوري مزي چکائڻ جو ارادو ڪيو. جيئن هنن ٽيپو سلطان جي فرزندن کي پهريان ويلور ۾ پوءِ ڪلڪتي ۾ نظربند ڪري رکيو هو تيئن ٽالپر ميرن کي سنڌ کان ٻاهر مقرر نظربندي هيٺ رکڻ جو ارادو ڪيو. سنڌ جو علائقو انگريزن تازو فتح ڪيو هو اڃا ڌار علائقو هو متس سرچارلس نيپئر گورنر مقرر هو جو سڌوسنئون گورنر جنرل لارڊ ايلنبرو جي ماتحت هو[1]. سنڌ جا پوليٽيڪل، روينيو ۽ فوجي اختيار گورنر جي حوالي رهيا. سنڌ جي گادي جو هنڌ ڪراچي ڪيو ويو. انهيءَ سال سرڪار پاران هڪ اعلان پڌرو ٿيو تہ سنڌ ۾ برطانيہ حڪومت قائم ٿي چڪي آهي، تنهنڪري ڪوبہ

---

[1] سرچارلس نيپئر سنڌ جي گورنر جي عهدي کان پوءِ پنجاب فتح ٿيڻ کان ڪجهہ وقت هندستان جي فوجن مٿان ڪمانڊر انچيف مقرر ٿيو. پنجاب فتح ٿيڻ کان پوءِ گورنر جنرل لارڊ ڊلهاسي اتي جي پوليس جون پگهارون وڌايون، انڪري سرچارلس نيپئر اعتراض اٿاريو ۽ عهدي تان استعيفا ڏيئي ولايت ويو جت 1853ع ۾ مئو. انگريزن سندس يادگار لاءِ سندس پتل جو بوتو ٽرٽفلگر چوُسول تي کڙو ڪيو.

Sir. R. Temple: Men & events of my time PP. 113-114, London, 1882

ماڻهو سرڪار جي برخلاف قدم کڻندو تہ سندس جان ۽ مال جو خير ڪونہ رهندو. فيبروري 1843ع جي هڪ پڌرائي موجب جيڪي زميندار انهي تاريخ تائين جاگيرن يا زمينن تي قابض هئا ۽ گورنر جي خدمت ۾ حاضر ٿي سلامي ڪيائون تن کي سندن املاڪن تي متصرف ڪيو ويو. انهي سال سموري سنڌ کي ٽن ضلعن ۾ ورهايو ويو. جيئن تہ ڪراچي ضلعي تي ميجر هينري پريڊي، ضلعي حيدرآباد تي ڪپتان راٽ بورن، ۽ ضلعي شڪارپور تي ڪپتان گولڊني ڪليڪٽر مقرر ٿيا. ۽ ڪليڪٽرن جي ماتحت نائب ڪليڪٽر، سزاولڪاريا ڪاردار مقرر ٿيا. سنڌ 1847ع ۾ بمبئي ڪاتي سان لاڳو ٿي ويئي، گورنر جي بجاءِ مسٽر پرنگل پهريون ڪمشنر مقرر ٿيو.

**انگريزن جي ناٻيرن سان هلت:**

مير صاحب جيڪي حيدرآباد ريزيڊنسي جي ويجهو خيمن ۾ سنترين جي پهري هيٺ نظربند هئا تن سان سرچارلس نيپئر بلڪل خلاف انسانيت هلت ڪئي. سندن سواري جا گهوڙا ۽ هٿيار کسيا ويا، بسترا ۽ ڪتاب کسيا ويا بلڪ پورو ڪاڌو بہ کين ڪين نہ ڏنو ويو. 6 ربيع الاول سنہ 1259هه/1843ع ۾ گورنر جنرل جي حڪم سان فرعون مزاج نيپئر مير صاحبن کي جلاوطني جو حڪم پڌايو پڻ کين حڪم ڏنو تہ شاهي ديرن کي قلعي کان ٻاهر ڪڍن. مقربان بارگاهہ مان مرزا خسرو بيگ شاهي ديرن پهريان تنڊي سائينداد ڏانهن وٺي ويو. هت اتفاق سان مرزائن جي گهرن کي باهہ لڳي جنهن ۾ سندن گهڻي ملڪيت هيرن ۽ جواهرن سميت نذر آتش ٿي ويئي، ميرزائون مفلس ٿي ويا. تنهن کان پوءِ حيدرآباد پريان ڦليلي طرف نواب محمد خان ٽوڙهي جي ڳوٺ تنڊي ٽوڙهي ۾ رهڻ لڳا. جو مرزائن جو ڳوٺ سڏجي ٿو. خدمتگارن مان گهڻن مير صاحبن سان گڏ وڃڻ لاءِ نالا ڏنا جنهن لاءِ کين اجازت مليل هئي. مير نصير خانبهادر، مير حسين علي خان، مير مير محمد خان، ميريار محمد خان، مير شهدادخان ۽ مير صوبدار خان اڳ نظربند ٿي چڪا هئا. 31- مئي 1843ع ۾ ڪپتان برائون ويهن انگريزي سولجرن جي دستي سان شهزادن مان مير حسن علي خان، عباس علي خان، مير فتح علي خان، مير محمد علي خان ۽ مير مراد علي خان کي گرفتار ڪري ڪئمپ ڏانهن وٺي آيو. اُتان سيني شاهي خاندان

جي فردن کي "نمرود" نالي جهاز ۾ ڪپتان گاردن جي نگراني هيٺ بمبئي ڏانهن روانا ڪيا ۽ اُتي جي مالابار ٽڪري تي هڪڙي بنگلي ۾ رهڻ لڳا. بمبئي جي گورنر مير صاحبن سان ملاقات ڪئي. سنت چؤماسي موسم اچڻ ڪري مير صاحبن کي بمبئي کان 24 ميلن جي مفاصلي تي ساسور جي ڳوٺ ڏانهن منتقل ڪيو ويو. پوءِ هرهڪ شاهي فرد لاءِ وظيفا مقرر ڪيا جي بلڪل ناڪافي هئا. مير صاحبن پهريان وٺڻ لاءِ رضامندي ڏيکاري پوءِ گورنر کي انڪار لکي موڪليائون. هت به فرنگي سرڪار ميرن کي رهڻ نه ڏنو. ماه محرم الحرام سنه 1260هه/1844ع ۾ اٽڪل ڏهه مهينن گذرڻ کان پوءِ جهازن رستي ڪلڪتي ڏانهن اُماڻيو. سائن گورنر جنرل گورنمينٽ هائوس ۾ ملاقات ڪئي مير صاحب شهر کان ٻاهر هڪڙي بنگلي ۾ رهندا هئا. هڪ مهيني گذرڻ بعد منجهائن مير حسين علي خان، مير محمد خان، مير حسن علي خان، مير شاهه محمد خان ۽ مير يارمحمد خان کي هزاري باغ جهڙي ويران ڳوٺ ڏانهن منتقل ڪيو ويو. مير رستم خان جلاوطني جي حالت ۾ پونا ۾ وفات ڪئي هئي. مير شهداد خان جنهن کي سرچارلس نيپئر ڪپتان اِنس جي قتل جي ڏوهه ۾ سورت ۾ نظربند ڪري رکيو هو تنهن کي گورنر جنرل بي ڏوهي ثاهي ڪلڪتي ڏانهن گهرايو.

## ٽالپرن جي درخواست تي حڪومت ڪوڏيان ڪين ڏنو:

لارڊ ايلنبرو افغانستان، بلوچستان ۽ باب اسلام سنڌ ۾ سول ڪاتي جي عملدارن تي ڪنهن به قسم جي ڏيان ڏيڻ کان سواءِ رڳو فوجي عملدارن کي پنهنجن ڪاروائين لاءِ ڇوٽ ڇڏي ڏنو هو ان ڪري هندستان جي خزاني تي گهڻو بوجهه پيو. مٿين ضدي ڪاروائين ڪري هندستاني رعايا ۽ پريس ۾ ناراضپو پئجي ويو. توڙي جو مٿين جنگين ۾ هن ڪاميابي حاصل ڪئي پر ساڳي وقت برٽش سرڪار چين سان جنگ ۾ رُڌل هئي. چين جي جنگ ۾ فوجي ۽ بحري ٻيڙن جي نڪته نظر سان سمورو انتظام ايسٽ انڊيا ڪمپني ڪلڪتي جي سرڪار جي معرفت ڪري رهي هئي. ڪورٽ آف ڊائريڪٽر کي سنڌس ضدي پاليسي مان خوف جاڳيو. وڏن وڏن فوجي جنرلن ۽ وزيرن جن ٿورو اڳ ڪمپني کي چارٽر ڏنو هو تن ڊائريڪٽرن تي ايلنبرو کي واپس گهرائڻ لاءِ

صلاح ڏني هن سکن سان جنگ ڪرڻ جو ارادو ڪيو جيڪڏهن مسٽر ولبر فورس برڊ سنڌس صلاحڪار نہ هجي ها تہ شايد وڏيڪ بدنام ٿئي ها. انڪري 1- آگسٽ 1844ع ۾ ولايت ڏانهن ويو. سنڌس مائٽ سري هينري (لارڊ هارڊنج) کي وزارت ۽ ڊائريڪٽرن گورنر جنرل ڪري روانو ڪيو[1]. ولايت وڃڻ کان پوءِ ليڊين هال جي ڊائريڪٽرن مٿس ڪيس ڪرڻ جو خيال ڪيو پئي پاسي ڊائوننگ اسٽريٽ جي آقائن پاڻ بچائڻ لاءِ جنگ شروع ڪئي. ڪمپني جا مٿس هيٺيان الزام هئا:

1. افغانستان ۾ دخل ڏيڻ لاءِ منڊ کان آخر تائين برٽش فوجي ماهر خلاف هئا. پندرنهن هزار لشڪر ڇٽ ٿيڻ کان پوءِ انگلينڊ جي سرڪار جي مرضي هئي تہ ڪمپني سرڪار افغانستان کي خالي ڪري ڇاڪاڻ جو حڪومت هند جي خزاني جا ٽين ڪڙڪي ويا هئا. مگر لارڊ ايلنبرو پنهنجي نيڪ نامي لاءِ ڪابل تي فوج ڪئي. هن پاڻ کي ۽ انگريز قوم کي ساراهڻ لاءِ غزني جا در پٽرائي آندا. ڪمپني سنڌس مٿين فعل کي ديوانگي ظاهر ڪيو. ڪابل جي جنگ ڪري لارڊ آڪلنڊ جي وڃڻ وقت حڪومت هند 13 ڪروڙ رپيا ڪابل جي مهم تي خرچ ڪرڻ کان پوءِ بہ ٻن ڪروڙ رپين جي قرضي هئي[2]. چين سان آفيم جي سوال تي جنگ لڳي هئي. چين جو مسئلو بہ ضروري هو[3].

---

[1] J.C.Marsham: Abridgment of the History of India, CHP. XIII, "Recall of lord Ellenbrongh" PP. 441-42

[2] J.C.Marsham: Abridgment of the History of India, P. 419

[3] نوٽ: سنہ 1840ع ۾ چين سرڪار آفيم تي بندش وڌي. ڪانٽون ۾ انگريز واپارين جي گدامن مان آفيم تي قبضو ڪيو. جيڪڏهن مٿيون واپار بند ٿي وڃي ها تہ هندستان کي ساليانو ڏهن لکن پائونڊن جو نقصان پوي ها. هندستان جا خزانا ڪابل مهم ڪري خالي ٿي چڪا هئا. هيءُ جنگ 1842ع ۾ ختم ٿي انگريزن هانگ ڪانگ تي قبضو ڪيو.

R.B.Mowat: A new History of Great Briton, P. 804, 1924 Oxford.

2. مير نصير خان قلات جي والي تخت هٿ ڪيو هو ۽ صلح ڪرڻ لاءِ آماده هو جنهن لاءِ ڪرنل سٽيسي ڪلڪتي سرڪار کي سفارش به ڪئي هئي.
3. ايماندار تالپرن سان سرچارلس نيپئر ۽ ايلنبرو جيڪا هلت ڪئي ۽ بيگناهه ملڪ گيري ۽ لالچ ڪري سنڌ تي ڪاهه ڪئي، تنهن مان ڪمپني کي اڍائي ڪروڙ رپين، جو نقصان ٿيو. سرچارلس نيپئر کي ست لک رپيا پرائيز طور ڏنا ويا. لارڊ ايلنبرو شرمندگي کي مٽائڻ لاءِ پڌرائي ۾ ڏيکاريو ته ڪمپني جي حڪومت اندر سنڌ داخل ٿي آهي جا مصر وانگر زرخيز آهي[1]. ڊائريڪٽرن صاف ڏيکاريو ته گورنر جنرل کي ڪاهه ڪرڻ لاءِ اختيار هو پر هن جيڪي ڪيو سو مير علي مراد خان جي چرچ تي ڪيو.
4. سنڌ فتح ٿيڻ کانپوءِ خرچ گهٽائڻ لاءِ ايسٽ انڊيا ڪمپني سنڌ جي لشڪر جي پگهار گهٽائي ڇڏي جنهن تي سپاهين فساد ڪيا. اڳ سنڌونديءَ پريان ملڪ ڌاريا ملڪ سڏبا هئا ان ڪري سنڌوندي جي لشڪر کي الائونس ملندو هو. هينئر گهٽجي ويو. سپاهين جو چوڻ هو ته نئون ملڪ ڪمپني کٽيو آهي تنهن ڪري پتو ملڻ کپي فيبروري 1844ع ۾ نمبر 34 پيادل فوج سنڌ وڃڻ کان انڪار ڪيو. وري جڏهن پتو ڏنو ويو تڏهن روانو ٿيو. بنگال 7 نمبر سوار فوج ۽ بنگال توبخاني سنڌ ۾ بغاوت ڪئي جن کي واپس گهرايو ويو. نمبر 69 ۽ چوٿون نمبر لشڪر کي سنڌ وڃڻ لاءِ فيروزپور ۾ ٻيڙين تي چڙهڻ لاءِ حڪم مليو مگر سپاهين وڃڻ کان انڪار ڪيو. تنهن کان پوءِ 64 نمبر فوج لڌياني ۾ بغاوت ڪئي لارڊ ايلنبرو بدنام ٿيو[2].

---

[1] J.C.Marsham: Abridgment of the history of India, P.436

[2] مدڪي ۽ شڪارپور ڇانوڻين جي سپاهين بغاوت ڪئي. مدراس لشڪر جي هڪڙي ريجمنٽ کي بمبئي وڃڻ لاءِ حڪم مليو پر هن انڪار ڪيو. ايلنبرو سنڌ جي لشڪر جي خرچ کي گهٽائي نه سگهيو. بلڪ جيسين سنڌ بمبئي کان ڌار رهي حڪومت کي پتو ڏيڻو پيو. تنهن کان سواءِ 1845ع تائين سنڌ جي لشڪر کي اوير سنڌ جي بلوچن سان جنگين ۾ رڌل رهڻو پيو. مٿين جنگين ۾ چانڊيا ۽ مير علي مراد نيپئر کي مدد ڏيندا رهيا.

5. شاهي خاندان لاءِ جيڪو وظيفو مقرر ڪيو ويو سو ناڪافي هو. وڏو اهم سوال ته فرنگين شاهي مستورات سان ناروا بلڪ انسان سوز حالتون ڪرڻ کان پوءِ تالپرن کي بيگناهه جلاوطن ڪيو حالانڪ جنگ کان اڳ هو معاهدو ڪرڻ لاءِ رضامند هئا ۽ جنگ کان پوءِ هنن هٿيار ڦٽا ڪيا هئا. گورنر جرنل جنهن سبب مير صاحبن کي خطن رواني ڪرڻ جي بهاني سان گرفتار ڪيو هو، سي جعلي ثابت ٿيا جي مير جي هڪڙي هندو منشي لکيا هئا مٿن مهرون لڳل ڪين هيون[1]. مير علي مراد خان جيڪي مير رستم خان تي الزام مڙهيا هئا، سي محض عياري هئي هن ڪپتان براڻون جي منشي محي الدين کي ڏهه هزار رپيا رشوت ڏيئي نونهار جي عهدنامي جا جعلي دستاويز تيار ڪرايا هئا. منشين ۽ انگريزي عملدارن کي رشوتون ڏيئي سندن ٽپال گم ڪرائي سمورا الزام مير رستم خان تي هٽايا[2]. 9 سيپٽمبر 1844ع مطابق 25 شعبان 1260هه سرچارلس نيپئر خلاف مير صوبدار خان، مير محمد خان، مير محمد نصير خان لارڊ هارڊنج کي پڪار لکي رواني ڪئي[3]. حڪومت هند کان معقول جواب نه ملڻ کانپوءِ مير صاحبن قرض کڻي پنهنجا وڪيل آخوند حبيب الله، ديوان ميتارام، ديوان ديارام لنڊن ڪورٽ آف ڊائريڪٽرس اڳيان اپيل ڪرڻ لاءِ روانو ڪيو. وڪيلن دارالعوام تائين درخواستون پيش ڪيون تنهن کان اڳ 27 شوال المڪرم

[1] مير نصير خان تي گورنر جنرل لارڊ ايلنبرو اهو الزام هنيو هو ته مير صاحب بگٽين جي سردار بيبرڪ ۽ لاهور جي سک راجا شير سنگهه ڏانهن انگريزن سان وڙهڻ لاءِ خط روانا ڪيا هئا.

[2] عبرت ڪده سنڌ ص. 237-235

[3] 6 مارچ ڪورٽ آوپرو پرائيٽرس ڪمپني جي ڊائريڪٽرن کي حڪم ڏنو ته راڻي جي وزارت کي لکيو وڃي ته گورنر جنرل جي ناانصافين متعلق جاچ ڪري. انڊيا بورڊ منظوري ڪانه ڏني.

سنہ 1260ھ ۾ بيگم مير ڪرم علي خان، مير محمد نصير خان، مير نور محمد خان، مير محمد خان، مير صوبدار خان ملڪہ وڪٽوريہ کي اپيل ڪئي. 30 مارچ 1845ع ۾ وڪيلن سموري روئداد جو مسودو راڻيءَ اڳيان پيش ڪيو. مٿين اپيلن جو نہ حڪومت تدارڪ ڪيو نہ وري لنڊن پارليامينٽ ڪو انصاف ڪيو بلڪہ شاهي بيگمات جي درخواست تي بہ غور نہ ڪيو ويو[1].

فقط گورنر جنرل لارڊ هارڊنج بارڪپور ۾ مير صاحبن سان ملاقات ڪئي هن تسليم ڪيو تہ ساڻن انگريزن ظلم ڪيو آهي مگر هن پنهنجي قطعي مجبوري ظاهر نہ ڪئي. سر جان هاب هائوس ڪمپني جي بورڊ جو صدر ايلنبرو جي سنڌ جي ڪارنامن کي ساراهڻ لڳو. سر رابرٽ پيل جنهن جي هٿن ۾ برٽش وزارت جون واڳون هيون تنهن سندس طرف ورتو[2]. سندس جاچ لاءِ جيڪا خفيہ ڪاميٽي مقرر ٿي تنهن اڳيان هن بچاءَ ۾ ڊيڪاريو تہ ميرن بهاولپور ۽ جيسلمير جا علائقا ڦٻايا هئا ۽ خطن کي اصلي ظاهر ڪرڻ جي ڪوشش ڪرڻ لڳو. سندس جوابن کي ڊائريڪٽرن پسند ڪين ڪيو[3]. ان ڪري ڪيس پهريان گورنري جي عهدي تان لاٿو ويو، جو جون ۾ فيصلو ٿيو[4]. پوءِ ولائت ڏانهن گهرايو[5]. ايلنبرو کي پڪ هئي تہ سندس فوجي ڪاروائين ڪري سندس ناموس ٿيندي پر سندس قسمت ۾ بدنامي لکيل هئي.

**ٽالپرن جي حيدرآباد ڏانهن واپسي:**

مير رستم خان ضعيف هو ان ڪري پوني ۾ سندس نگراني ڪرڻ لاءِ سندس فرزند مير الله بخش ۽ مير نصير خان کي انگريزن پوني ۾ رکيو هو.

---

(1) سمورين اپيلن جي عبارت ڪتاب عبرت ڪده سنڌ ۾ ڏنل آهي.

(2) Sidndeny Low & LLayed.C.Sandrus: The history of England, CHP.II, (1837-1901) PP.38-40 London, 1911

(3) E.thornton: The history of british empier in India, CHP.XXXII, PP.450-54 London, 1845

(4) R.W.Frazer: British India, Sindh, P.238, 1896

(5) J.c.Marsham: Abridgment of the history India, CHP.XIII, "The Battle of Miyane" P.435

سنه 1270هه/1854ع ۾ گورنر جنرل لارڊ ڊلهائوسي جي سفارش سان مير صاحبن کي ڊائريڪٽرن حيدرآباد اڻن سالن کان پوءِ وڃڻ لاءِ اجازت ڏني. مير محمد نصير خان ۽ مير صوبدار خان جي پٽ 1262هه/1846ع ۾ ڪلڪتي ۾ وفات ڪئي. وطن کان ڏور ۽ مائٽن کان پري رهڻ ڪري مير محمد نصير خان کي جيڪو غم لاحق ٿيو هو تنهن جي خبر سندس ديوان "جعفر" مان پئجي سگهي ٿي جو هنن جلاوطني جي زماني ۾ تصنيف ڪيو هو. نومبر سنه 1855ع ۾ مير ميرمحمد خان ان بعد مير يار محمد خان دهلي ۽ پنجاب رستي کان وطن پهتا. 4 مارچ 1857ع تي شهزادي عباس علي خان ڪلڪتي ۾ وفات ڪئي. ساڳي سال مير شهداد خان وفات ڪئي. مير صاحبن جا مڙهه ڪٺائي حيدرآباد جي اُترين شاهي قبرستان ۾ دفنايو ويو. سنه 1275هه مارچ سنه 1859ع ۾ مير حسين علي خان حيدرآباد پهتو. سنڌ جي ڪمشنر مير صاحب کي رهائش لاءِ گدوبندر ۾ زمينون ڏنيون.

**سرحدي بلوچن سان فيصلو:**

سرحدي بلوچ قبيلن مان بگٽي، بليدي، ڊومڪي، جکراڻي سنه 1845ع تائين انگريزن سان وڙهندا رهيا. فقط چانڊين ۽ جتوئين جي جاگيرن کي انگريزن تسليم ڪيو هو. مٿيان قبيلا گهڻو ڪري ڦرمار تي گذر ڪندا هئا. سرچارلس نيپئر بگٽين کي سنڌ جا پنڌاري سڏڻ لڳو. سندن سردار بجار خان ڊومڪي، دريا خان جکراڻي، درگي خان جامي، رحمت خان، ترڪ علي خان، نوبت خان، مير عالين مان علي شير، رامو خان، پيارو خان، شير محمد خان سمورا لٽ مار تي گذر ڪندا هئا. بعضي ته لاڙڪاڻي ۽ شڪارپور تائين به پهچندا هئا. بلڊڪي پرڳڻي کان سواءِ جهل، شير ڳڙهه، بليدين جا صدر مقام هئا. سرچارلس نيپئر جو مٿين بلوچن نڪ ۾ دم آندو. مير علي مراد خان ۽ نواب ولي محمد چانڊيو ۽ جتوئي سردار انگريزن جي طرف هئا. سنه 1844ع ۾ نواب ولي محمد خان چانڊئي نوبت خان ڏاڙيل کي گرفتار ڪري انگريزن جي

حوالي ڪيو[1]. جتوئين ڪي پڪ هئي تہ ڪنڊڪوٽ انگريز سندن حوالي ڪندا مگر معاملو برعڪس نڪتو. جکراڻي شهسواري ڪري مشهور هئا. سڄي ڪڇ ۽ اوپر سنڌ ۾ ڦرون ڪندا هئا. ڪپتان پاسٽن سندن جرئت جي تعريف ڪري ٿو. دريا خان جکراڻي جنهن سيني ڪان گهڻا ڌاڙا هنيا هئا. سو سرچارلس نيپئر وٽ پيش پيو. ڪيس جاني ديري ۾ ان شرط سان جاگير ملي تہ آئينده لاءِ هو امن امان ۾ رهندو. تنهن ڪان پوءِ بومڪي پيش پيا ڪين نوازو ۽ رندواهي ۾ جاگيرون مليون. مگر مير عالي پيش ڪين پيا سندن سردار شير علي خان سنہ 1845ع ۾ نيپئر سان وڙهندي قيد ٿيو. سنہ 1852ع ۾ گورنر جنرل مارڪس آف ڊلهائوسي بلڊڪو ۽ جتوئڪو علائقا شڪارپور ضلعي سان لاڳو ڪري ڇڏيا. سنہ 1852ع ۾ مير فضل علي خان ۽ سنہ 1853ع ۾ مير غلام شاهہ وفات ڪئي.

## مير شير محمد خان ماڻڪاڻي:

سنہ 1854ع ۾ انگريزن مير شير محمد خان جنهن کي وليم نيپئر بطور ٽوڪ جي شير سنڌ جي لقب سان لکي ٿو ميرپورخاص ۾ رهڻ لاءِ اجازت ڏني. مير صاحب شهر ڪان ٻن ميلن جي مفاصلي تي ٽنڊو مير شير محمد خان جو ڳوٺ ٻڌرائي رهڻ لڳو. سنہ 1857ع ۾ بلوه ڪان پوءِ ڪيس ڪي.سي. آئي جو سرڪار انگريزي خطاب ڏنو. سرجان لارينس جي سفارش سان هڪ هزار رپيا ماهوار هن لاءِ وظيفو مقرر ٿيو. جو پوءِ سنہ 1863ع ۾ وڌائي ٻہ هزار رپيا ڪيو ويو. مير صاحب 24 آگسٽ سنہ 1871ع جي وفات ڪئي[2].

## نواب احمد خان لغاري:

نواب احمد خان لغاري پنهنجي آقا مير شير محمد خان سان گڏ آڻ مڃي. سرچارلس نيپئر سندس معافي لاءِ گورنر جنرل کي سفارش ڪئي. ڪيس

---

[1] نواب ولي محمد خان چانديو ڏهہ هزار ماڻهن سان سرچارلس نيپئر جي مياڻي ڏانهن مدد ڪرڻ ويو هو. لارڊ ايلنبرو جي سفارش ڪري نوبت خان کي گرفتار ڪرڻ جي عيوض ڪيس هڪ هزار رپيا بطور انعام جي مليا. 27 جون 1850ع ۾ وفات ڪري ويو.

[2] History of Alienation on the province of Sindh, Vol.II, PP.120-139

لاڙڪاڻي ضلعي ۾ جاگير ۽ هڪ سو رپيا ماهوار وظيفو ملڻ لڳو. سنہ 1858ع ۾ ميجر گولڊ سمڊ نواب جي جاگير کي موروثي ڪرڻ لاءِ حڪومت کي سفارش ڪئي. فيبروري 1870ع ۾ هن وفات ڪئي.

**مرزا خسرو بيگ:**

مرزا خسرو بيگ جاگير وٺڻ کان انڪار ڪيو. ڪيس قليلي تي هڪڙو باغ جاگير طور مليو. مرزا قليچ بيگ مرزا فريدون بيگ جو ٽيون پٽ هو جو 4 محرم سنہ 1270هہ/1855ع ۾ ٽنڊو ٺوڙهي ۾ ڄائو. فريدون بيگ جو پيو نمبر پٽ خانصاب مرزا صادق علي بيگ سنڌ جو پهريون مسلمان هو جنهن بي. اي جو امتحان پاس ڪيو. سندس پنجون نمبر پٽ مرزا جعفر علي بيگ پهريون سنڌي هو جو ولايت تعليم وٺڻ ويو ۽ ڪامياب ٿي موٽيو. ساڌو هيراننڊ ڪجھ وقت ڪانئس ڊاڪٽري سکيو هو.

**مير علي مراد خان:**

مير علي مراد خان جنهن جي سازش ڪري ٽالپر خاندان جي تباهي ٿي تنهن کي خيرپور رياست جي گادي ملي. مگر سنہ 1847ع ۾ سرچارلس نيپئر مٿس نونهار معاهدي ۾ خيانت ڪرڻ جو الزام مڙهيو سنہ 1852ع ۾ گورنر جنرل مارڪس آف ڊلهائوسي ڪنڊيارو، نوشهرو (ساهتي) ڪانئس ڪسي حيدرآباد ضلعي سان شامل ڪيا. بردڪو، شاهہ پيلو، چڪ، سيد آباد، اُپاوڙو، ميرپور، لڏو گاڳن، الور، بکر، بامبرڪي جا علائقا رياست کان ڇني شڪارپور ضلعي سان لاڳو ڪيا. اپريل سنہ 1856ع ۾ مير صاحب انصاف لاءِ پاڻ ولايت ڏانهن ويو. مگر ڪو ڪڙتيل ڪين نڪتو. هن وقت باب اسلام (سنڌ) ۾ خيرپور، ٽالپرن جي واحد رياست آهي جا ايراضي ۾ 50-60 هزار چورس ميل آهي ۽ سندس ساليانی آمدني هڪ لک پائونڊ آهي[1]. سنہ 1936ع ۾ سنڌ بمبئي کاتي کان جدا ٿي. آگسٽ سنہ 1947ع ۾ هندستان ۽ پاڪستان جي ورهاڱي کان پوءِ هينئر پاڪستان ۾ شامل آهي.

---

[1] The Statement year Book, 1923 London

خيرپور جي ميرن جا نالا هن ريت آهن. مير سهراب خان المتوفي 1803ع، مير رستم خان 1843ع، مير علي مراد خان 1894ع، مير فيض محمد خان 1909ع، مير امام بخش خان 1921ع، مير علي نواز خان 1936ع ۽ مير فيض محمد خان ثاني حياتي آهي.

باب ڏهون

# ٽالپرن جي دؤر ۾ سنڌ جي حالت

مغربي مؤرخن جي عادت آهي تہ هو ايشيائي قومن کي جاهل ۽ غير مهذب ڏيکارڻ جي هر هڪ ڪتاب ۾ ڪوشش ڪن ٿا. ان ۾ شڪ ڪونهي تہ مغرب وارا تحقيقات ۽ تجسس جا شيدائي آهن مگر هو جيڪي منظر پيش ڪن ٿا سو ڪجهہ عرصي گذرڻ بعد رچ نظر اچي ٿو. ساڳي طرح ٽالپرن کي بدنام ڪرڻ لاءِ يورپي مؤرخن ڪين گهٽايو آهي. جنهن بہ مغربي تاريخ کي کولي ڏسو اوهان کي ٽالپر ظالم، مغرور ۽ غير بلوچي قومن کي غلام بڻائيندي نظر ايندا. ڪٿي سندن عياشين ۽ نشيدار شين استعمال ڪرڻ جو ذڪر ڏنل آهي. ڪي لکن ٿا تہ ملڪ کي ويران ڪري هنن زرخيز علائقن کي شڪار گاهن ۾ تبديل ڪيو هو. رعايا کان بيگر وٺندا هئا. غلامن جو واپار ڪندا هئا وغيره. ان ۾ شڪ ڪونهي تہ هر هڪ نئين تهذيب اڳيان پراڻي تهذيب جون خوبيون زنگ آلوده نظر اچڻ لڳن ٿيون ۽ رعايا حڪمران قوم جي تهذيب جي پيروي کي بام ترقي سمجهڻ لڳي ٿي. انگريزن جي اچڻ ڪري تار برقي، آگبوٽن، ريلن، هوائي جهازن ۽ ٻين سهوليتن کان سنڌ جا ماڻهو واقف ٿيا. ميرن جي صاحبي اندر مٿيون ڳالهيون ۽ سڌارا ڪين هئا. ان سبب ڪري جن نوجوانن جديد تهذيب جي زماني ۾ مڪتبن اندر تعليم حاصل ڪئي آهي سي واقعي ميرن جي صاحبي جي سونهري دؤر کي جاهليت جو زمانو تصور ڪن ٿا. پر ائين ناهي ميرن جي دؤر ۾ جيڪا تهذيب جاري هئي سا اسلامي تهذيب هئي ۽ ميرن جي صاحبي جو دؤر سنڌ ۾ اسلامي حڪومت جو آخري دؤر هو. ان زماني ۾ جيڪي قانون رائج ها، سي ميرن ايجاد ڪين ڪيا هئا پر مغلن جي زماني کان جاري هئا ۽ ان دؤر لاءِ انهن کان وڌيڪ ٻيا ڪي بہ قانون موزون ڪين هئا. ڪنهن حڪومت جي نظام کي جاچڻ لاءِ سندس مذهبي، سياسي، اخلاقي، تمدني حالتن کي جاچڻ سان ان زماني جي ترقي جي خبر پئجي سگهي ٿي. چاڪاڻ جو مٿيون چار حالتون دراصل سڄي عالم جي نظام جا مکيہ جزا آهن. هن مضمون ۽ باب ۾ ميرن جي صاحبي

جي جوڙجڪ، عدالت، فوجي قوت، واپار، صنعت ۽ تعليمي حالت جو سلسيوار بيان ڏبو. جن جي پڙهڻ سان فرنگي مڪارن جي منافقانہ بيان جي پاٽمرادو قلعي کلي پوندي.

**فن تعمير:**

عام طور مغربي مؤرخ لکن ٿا تہ بلوچ غير سنڌي ۽ ڌاري قوم هئي ان ۾ شڪ ڪونهي تہ بلوچ غير هندي ايشيائي قوم آهي، مگر بلوچستان کان نڪري هن پنجاب، سنڌ يا گجرات، هندستان جي جن جن علائقن ۾ منصبيون، امارتون يا رياستون قائم ڪيون تن کي هنن پنهنجو وطن ڪيو ۽ اُتي جي رهاڪن مان شاديون ڪري انهن ملڪن جي خاڪ ۽ خون ۾ پيوند ٿي ويا. اهي خانہ بدوش صحرائي ۽ عرب هئا مگر منجهن فرمانروائي ڪرڻ جي صلاحيت هئي. هنن جملہ سٺ ورهيہ حڪومت ڪئي. مٿئين قليل عرصي اندر هنن رعايا جي بهبود ۽ ترقي لاءِ جيڪبي سڌارا ڪيا تن جهڙو مثال تاريخن ۾ ورلي ملي سگهي ٿو[1]. ٽالپرن جڏهن سنڌ فتح ڪئي ان وقت مدد خان پٺاڻ جي اُڙدن اُتر کان وٺي ويندي لاڙ علائقي ۾ بدين تائين سنڌ جي شهرن ۽ ڳوٺن کي ڦري ويران ڪري ڇڏيو هو. ٽالپرن سٺ ورهين جي عرصي ۾ جيڪي شهر، ڳوٺ يا عمارتون تعمير ڪرايون سي دراصل سنڌ لازوال يادگارون آهن جن کان ڪوبہ تعليم يافتہ ترقي پسند انڪار ڪري نہ سگهندو[2]. ٽالپرن، ميرن متعلق رچرڊ برٽن، ايسٽ وڪ، جيمس برنس، اي برنس، پاٽينجر يا ٻين مغربي سياحن جيڪي بيان ڏنا آهن، سي نازيبا آهن. هر ڪا فاتح قوم پنهنجن گناهن تي پڙدي وجهڻ لاءِ مغلوب قوم تي ڪي نہ ڪي الزام مڙهي پنهنجن ڪافر ماجرائن کي حق بجانب ٺهرائڻ لاءِ ڪوشش ڪري ٿي. خاص ڪري يورپ وارن وٽ هٿيارن کان وڌيڪ ڪارگر هٿيار پروپيگنڊا آهي. جنهن تي هر ڪا مغربي حڪومت لکين پائونڊ ساليانو خرچ ڪري ٿي. تاريخ شاهد آهي تہ ٽالپر ميرن هر هڪ موقعي تي انگريزن سان

---

(1) R.B.Bulchand Dayaram: History of Sindh, CHP.XI, The Talpurs

(2) Gazzetter of the province of Sindh, Vol.B.IV, 1911

مشرقي رواداري موجب دوستاڻا پير کنيا ۽ ساڻن ڪيل عهدنامن تي سختي سان پابند رهيا. مگر انگريزن بار بار شرطن جي انحرافي ڪندي ميرن کي جنگ ڪرڻ لاءِ مجبور ڪيو.

**ٽالپري دؤر ۾ اسلامي دنيا جي حالت:**

هاڻي اسان کي ڏسڻو آهي ته ٽالپر دؤر ۾ بيروني اسلامي دنيا جي حالت ڪهڙي هئي. مصري حڪومت خديو جي عياشين ڪري مغربي حڪومتن جي قرض ۾ غرق هئي. مصرين جي فنا ۽ بقا جون واڳون انگريزن ۽ فرينچن جي هٿن ۾ هيون. دولت عثمانيه سنه 1878ع برلن ڪانگريس کان اڳ زوال ڏانهن تڪڙو قدم کڻي رهي هئي. سندس يورپ ۽ ايشيا جا مقضوبات هڪ ٻئي پٺيان ڇڄي ڌار ٿي رهيا هئا. ايران روس ۽ برطانيه جي فولادي چنبن هيٺ گرفتار هو. روس جون ناپاڪ اکيون اُتر ايران تي کتل هيون. انگريز جن جو ايراني نار تي قبضو هو، ڏاکڻي ايران تي قبضي ڪرڻ لاءِ منتظر هئا. بخارا جي اسلامي حڪومت روس جي چنبي هيٺ هئي بلڪ خيوا جي ديوارن تائين سندن لشڪر پهچي چڪو هو. ڪابل انگريزي ڪاهن ۽ اندروني انقلابن جي ڪري تباهه ٿي چڪو هو. هندستان کي شاهه عبدالعزيزؒ مسلمانن لاءِ دارالحرب قرار ڏيئي چڪو هو. انگريز مسلمانن جي تمدن ۽ علم کي هر طرح ڪمزور ڪري رهيا هئا. لالچي انگريز، هر هڪ شلنگ کي هٿ ڪرڻ لاءِ انسانن جو بيگناهه خون وهائي رهيا هئا. هندستان جا ڪاريگر بيڪار، زميندار مفلس ٿي چڪا هئا ۽ هاري گِرين ڏِلن ڪري پريشان هئا. پنڊارين جي سردارن چيتو، امير خان، واصل محمد دکن، بنديل کنڊ، راجپوتانا ۽ ستلج تائين سڄو ملڪ ڦري تاراج ڪيو هو[1]. وقت جا نواب ۽ راجائون ڪانئن ڪنبدا هئا ته رعايا جو ڪهڙو حال هوندو. تار برقي، ريلن ۽ آگبوٽن کي هندستاني رعايا دائمي غلامي جون علامتون سمجهندا هئا. هندستان جا علائقا ڏڪر وگهي تباهه ٿي رهيا هئا. پليگ ۽ ڪالرا جهڙين موذي بيمارين ڪري رعايا جو برو حال هو. انگريز عملدار سخت رشوت خور هئا. سندن هندستانين سان هلت حيوانن کان بدتر

---

[1] Edmund.C.Cox: A short History of the Bombay presidency, P. 262

هئي. فوجي عملدارن جي فرعونيت کان ديسي سپاهي خوفزده هئا. بارڪپور، ويلور ۽ سنڌ جي انگريزي لشڪرن جا فساد فوجي عملدارن جي فرعونيت لاءِ ضامن آهن. هندستان جهيڙي لاءِ تڪڙا قدم کڻي رهيو هو. ٽالپرن جي صاحبي جي خاتمي کان پوءِ 14 ورهين اندر سڄي هندستان اندر انگريزن خلاف عام بغاوت ٿي ويئي مٿين حقيقتن جي مقابلي ۾ سنڌ ۾ آسودگي ۽ امن و امان جو دور هو. چوپايه مال، گيهه، اناج جي هتي ڪابه ڪمي ڪانه هئي، بلڪ پر وارن قحط ستيلن کي مير صاحب پنهنجي ملڪ ۾ پناهه ڏيئي ساڻن فياضي ڪندا هئا. چوطرف سادگي جو دور هو. سنڌين جي زندگي جي ضروري شين جي قيمت هندستان ۽ ٻين ملڪن جي مقابلي ۾ بلڪل مختصر هئي. پٽ باران جو پرڳڻو ٽالپرن جي ڏاڏي مير شهداد خان کي دهلي جي دربار پاران جاگير طور مليو هو. هتي ميرن جا ننڍا ننڍا قلعا هئا جن کي ديره جات سڏيندا هئا. شهدادپور جو شهر مٿين جاگير جي يادگار آهي. مانڪاڻين جي اوائلي تختگاهه ٽنڊي باگي تعلقي ۾ پنگريو ڳوٺ کان اوريان ڪيٽي ۾ هو جت مير ٿارو خان گهڻو وقت رهندو هو. هت مانڪاڻين جي محلاتن ۽ ماڙين جا آثار اڃا موجود آهن. مير باگو خان جنهن ميان عبدالنبي خان جي بيواهه "سنڌراڻي" سان شادي ڪئي هئي سو به پهريان ڪيٽي ۾ رهندو هو. پوءِ پنهنجي جاگير ۾ ٽنڊو باگو تعمير ڪرائي اُتي رهڻ لڳو ۽ سندس پويان باگاڻي سڏجڻ لڳا[1]. مير ٿاري خان جي فرزند مير علي مراد خان سنه 1806ع ۾ ميرپورخاص جو شهر تعمير ڪرائي مانڪاڻين جو تختگاهه مقرر ڪيو. هن شهر جي آبادي ڏهه هزار هئي ۽ منجهس 3 سؤ دڪان هئا[2]. سنه 1790ع ۾ مير فتح خان جي پٽ مير الهيار خان ٽنڊوالهيار تعمير ڪرايو. ٻئي شهر ٿرپارڪر ضلعي ۾ مشهور آهن. سنه 1791ع ۾ ميرمحمد خان شاهواڻي ٽنڊومحمد خان تعمير ڪرايو. سنه 1809ع ۾ بقول هينري پاٽينجر هن شهر مان مير سلطان علي خان کي ساليانو 5 لک رپيا آمدني هئي. خيرپور جو شهر پهريان سهرابپور سڏبو هو جو هتي

---

(1) شاهه نامه سنڌ عرف ڪلهوڙن جي هار ذڪر مير باگو خان.

(2) Selections from the pre munity records of the commisinor in Sindh, P. 195

جي هاليپوٽن زميندارن کان زمين خريد ڪري مير سهراب خان تعمير ڪرائي متس خيرپور نالو رکيو[1]. فاتح سنڌ مير فتح علي شاهه هئبت جنگ بهادر کي عمارت سازي جو شوق هو. حيدرآباد جي قلعي ۾ هن ڪي نيون عمارتون تعمير ڪرايون. رفاه عام لاءِ ڪي مسجدون تعمير ڪرايون ۽ ڪن پراڻين مسجدن جي مرمت ڪرائي. سڪرنڊ جي پر فضا ڍنڍ جي ڪناري تي فتح آباد نالي شهر تعمير ڪرايو. ڪراچي جو اڳ مڇي مارڻ جي مياڻي هئي جت فقط مهاڻن جون جهوپڙيون هيون تنهن جو بنياد مير فتح علي خان وڌو. سنه 1830ع ۾ هن شهر جي آبادي 6 هزارن کي پهتي. هت ڌارين ملڪن جي واپارين جا ايجنٽ رهڻ لڳا[2]. فاتح سنڌ منهوڙي جو قلعو تعمير ڪرايو. سنڌ جي سرحدن جي استحڪام لاءِ مير صاحب اسلام ڳڙهه، فتح ڳڙهه ۽ نئون ڪوٽ تي قلعا تعمير ڪرايا. فتح ڳڙهه جيڪو ٿر جو مشهور قلعو هو سنه 1789ع ۾ تعمير ٿيو. جهڏي گدام کان نبي سر ڏانهن ويندڙ ريلوي لائين وجي ٿي اُتي نئون ڪوٽ قلعو واقع آهي. اسلام ڳڙهه هتان چاليهه ڪوهن جي مفاصلي تي اُتر طرف آهي. سنه 1799ع ۾ منهوڙي جي قلعي جي تعمير جو ڪم پورو ٿيو. هئبت جنگ بهادر متس ٽوپون رکائي 3 هزار بلوچي فوج کي رهڻ لاءِ حڪم ڏنو. مير ڪرم علي خان سن شهر کان 8 ميلن جي مفاصلي تي سنڌ جي اُلهندي واري ڪوهستان جي سرحد تي رني ڪوٽ تعمير ڪرايو. سندس ڪم مير مراد خان جي نگراني هيٺ 1812ع ۾ پورو ٿيو. متس 12 لک رپيا خرچ لڳو. سنه 1739ع ۾ مير مسو خان ماڻڪاڻي ميرپور ماٿيلي جو شهر تعمير ڪرايو. مير صاحبن جيڪي شهر ۽ ٽنڊا تعمير ڪرايا تن ستت ئي رونق اختيار ڪئي. اڄ اُهي سنڌ ۾ مردم خيز شهر شمار ٿين ٿا. ٽالپرن وٽ محلات ۽ ماڙيون هيون پر گهڻو ڪري پنهنجن ڪوٽن ۾ سادگي سان رهندا هئا. اهڙا ڪوٽ "ڏيراوڙ" سڏبا هئا. مير فاضل خان ٽنڊو مير فاضل تعمير ڪرايو. خاناڻين کي ماڻڪاڻين جاگيرون ڏنيون هيون. مير راڃو خان پنهنجي

---

[1] Selections from the records of Bombay Government, No. XVII

[2] R.B.Bulchand Dayaram: History of Sindh, CHP. XI, P. 31, Hyderabad

نالي تي راڄو خاناڻي ڳوٺ ٻڌرايو. مير ميرمحمد خان ولد مير ڄام خان ٽنڊوڄام تعمير ڪرايو. حاجي خان مري جي وڏي پٽ ٽنڊو مستي خان پنهنجي نالي تي تعمير ڪرايو. ٽالپرن جي پيروي ڪندي سنڌن امرائن ۽ درٻارين به شهر ۽ ڳوٺ تعمير ڪرايا. نواب ولي محمد خان لغاري حيدرآباد ۾ ٽنڊو ولي محمد تعمير ڪرايو. اسماعيل خان ڪتياڻ ٽالپر فوج جي هڪڙي عملدار حيدرآباد تعلقي ۾ ڪتياڻ ڳوٺ ٻڌرايو. مير بجر جو فادار سپاهي هو. حيدرآباد شهر ۾ فقير جو پڙ ۽ بازار فقيري خدمتگار جي يادگار آهي. ٽالپر قدرتي جوهري هئا. جتي به ڪو مٽيو ڏسندا هئا مقربان خاص جي زمري ۾ ڪيس شامل ڪري مٿس احسانن ۽ اڪرامن جو بار وجهي پنهنجو ڪري ڇڏيندا هئا. پوءِ ڪٿي ڪهڙي به مذهب ۽ ملت جو فرد هجي. حيدرآباد قلعي واري بازار طاهر خدمتگار جي نالي تي طاهر بازار سڏجڻ لڳي. پيڙي خان ڪوڪر ٽنڊوالهيار تعلقي ۾ ڪوڪرن جو ڳوٺ تعمير ڪرايو. مير بجر خان جي زماني ڪان سپهه سالار هو. سردار قيصر خان نظاماڻي حيدرآباد تعلقي ۾ ٽنڊو قيصر تعمير ڪرايو. ديوان گدومل جنهن ڪلهوڙن ۽ ٽالپرن جي ڏينهن ۾ خراسان ۽ قنڌار جي سفارتخاني تي مامور هو، تنهن کي مير فتح علي خان گدو ۾ جاگير ڏني جت گدو جو ٽنڊو آهي. حيدرآباد لڳ ٽنڊو اسماعيل شاهه آهي جت مير فتح علي خان جي نالي تي هڪڙي مسجد به جڙيل آهي. هتان ٿوري مفاصلي تي ميرمحمود خان ٽنڊو مير محمود تعمير ڪرايو. ٽالپر اميرن، شهرن ۽ ڳوٺن تعمير ڪرائڻ ڪان سواءِ گذريل زماني جي قديم آثارن جي مرمت تي به خرچ ڪيا. مير نورمحمد خان ٺٽي جي جامع مسجد ۽ ٻين مقبرن جي مرمت تي 12 هزار رپيا خرچ ڪيا[1]. مير نصير خان الغازي سنڌ جي سرتاج شاعر شاهه عبداللطيف ڀٽائيؒ جي مسجد جي مرمت ڪرائي ۽ قبي جي چوگرد هڪڙي پڪي ديوار تعمير ڪرائي مٿس چار گنبذ تعمير ڪرايا هئا. سنڌن خيال هو ته قبي جي اندر سونهري ۽ ميناڪاري جو ڪم ڪرائجي پر زماني جي گردش ڪري مير صاحب کي ايتري فرصت ڪانه ملي، چاڪاڻ جو ميرن جي صاحبي

---

[1] Selections from the records of Bombay Government, No. XVII

جلد ختم ٿي ويئي. مير نورمحمد خان قبي اڳيان ايوان تعمير ڪرائي هڪ ڪوهه کٽايو هو. سنڌس سؤٽ مير محمد خان قبي کي چاندي جو دروازو وجهرايو جو اڃا تائين آهي[1]. هندستان جا شيعا نواب عراق جي مقامات مقدس تي اڪثر خرچ ڪندا رهيا. اوڌ جي نواب آصف الدوله پنجاهه لک جي لاڳت سان نجف اشرف ۾ هڪڙي نهر تعمير ڪرائي هئي جنهنڪري اهل عراق سنڌس گڻ ڳائڻ لڳا[2]. مير نصير خان تخت تي ويهڻ کان پوءِ ڪربلا ۾ پنجاهه هزار رپين جي خرچ سان هڪڙي نهر تعمير ڪرائڻ جو ارادو ڪيو هو. مگر فرصت نه ملڻ ڪري وصيت ڪري ويو هو. سنڌس ڪاغذ سنه 1850ع ۾ انگريزن گهرايا هئا[3]. حيدرآباد جي اُتر ۾ شاهي قبرستان ۾ ٽالپرن جا جيڪي مقبرا آهن سي مشرقي عمارت سازي جو بهترين نمونو آهن جيئن رچرڊ برٽن بيان ڏئي ٿو:-

"اُتر وارن مقبرن تي نظر وجهڻ سان معلوم ٿي سگهندو ته اُهي گذريل زماني جي ڪاريگري جو بهترين نمونو آهن ڏکڻ وارا قبا البته نقلي نمونو آهن... ٽالپر ميرن ڪلهوڙن جي مقبرن جي به حفاظت ڪئي. پراڻو مقبرو مير ڪرم علي خان جو سنه 1812ع جو جوڙيل آهي."

انگريزن جي فتح کان پوءِ سنڌ ۾ رفاه عام لاءِ جيڪي به ادارا قائم ٿيا تن ۾ ٽالپرن دل کولي فياضي جو ثبوت ڏنو. سنه 1885ع ۾ خانبهادر حسن علي آفندي ڪراچي جي سنڌ مدرسة الاسلام لاءِ چندو گڏ ڪرڻ لڳو. ڪيس هزهائينس مير حسن علي خان ٽالپر سٺ هزار رپيا چندو ڏنو. مير فيض محمد خان سهراباڻي مدرسي ۾ هڪڙي بورڊنگ هائوس تعمير ڪرڻ کان سواءِ ساليانو مدرسي کي 12 هزار رپيا گرانٽ ڏيڻ منظور ڪيا. هن وقت مير الله داد خان مانڪاڻي جا ڏنل چندا رفاه عام جي عمارتن لاءِ متئين افساني کي حقيقت جو جامو پهرائين ٿا.

---

(1) شاهه جو رسالو: ڊاڪٽر گربخشاڻي، جلد 1، ص 40-39، ڪراچي

(2) گل رعنا: حڪيم سيد عبدالحي، ص 153، اعظم ڳڙهه، سنه 1353هه

(3) J.W.Smith: Gazetteer of the Province of Sindh, Vol. XI, PP. 48-49, 1911

**فوجي قوت:**

ڪلهوڙن جي عظمت جو دارومدار زمينداري، پيري، مريدي تي منحصر هو. منجهانئن ميان يارمحمد، نورمحمد، غلام شاهه جيڪي به ڪارناما ڪيا سي بلوچ لشڪر جي مدد سان ڪيا. چاڪاڻ جو سندن فوجي واڳون ٽالپرن جي هٿن ۾ هيون. بخلاف اُن جي بلوچ فطرتاً جنگجو قوم آهي جا هٿيارن کي پاڻ لاءِ زيور تصور ڪري ٿي. انهن ڪري چئي سگهبو ته ٽالپرن جي حڪومت، غير محدود يا فوجي حڪومت هئي بلڪ نيم جمهوري ايشيائي حڪومت هئي جنهن جو ڪاروبار بلوچي ڪچهري جي وسيلي هلندو هو. پهرين چوياري جو مدو سنه 1783ع کان شروع ٿي 1833ع ۾ ختم ٿيو. هن چوياري ۾ مير فتح علي شاهه سان سندس ٽي ڀائر مير غلام علي خان، مير ڪرم علي خان، مير مراد علي خان صلاحڪار ٿي رهيا. ٻي چوياري جو عرصو 1843ع تائين ڏهه سال رهيو. هن پوئين چوياري ۾ مير نورمحمد خان سان سندس ڀاءُ مير نصير خان ۽ سندس ٻه سؤٽ مير صوبدار خان ۽ مير ميرمحمد خان صلاحڪار ٿي رهيا. ٽالپر حڪومت جو فوجي مدار بلوچ سردارن تي منحصر هو جيڪي ٽالپري تمن ۾ شامل هئا. ڪين وڏيون جاگيرون ۽ دربار مان وظيفا ملندا هئا. اُهي جنگ جي وقت مرڪزي حڪومت کي فوجي امداد ڏيڻ لاءِ ٻڌل هئا. بعض سردار يا رئيس رياستن جا مالڪ هئا جيئن جتوئي، بليدي، چانڊيا، نومڙيا، جوکيا وغيره. چانڊين جو سردار اٺ هزار سپاهي ڏيڻ لاءِ ٻڌل هو. حڪومت جي سڏ تي لشڪر موڪلڻ کان پوءِ فوجن جو خرچ حڪومت ڀريندي هئي. اهو سادگي ۽ سستائي جو دؤر هو انڪري في پيادل سپاهي کي شام جو هڪ سير چانور ۽ 5 پئسا روڪ ملندا هئا. في سوار کي چار آنا ملندا هئا. غير بلوچ سردار جيڪي دربار سان وفادار هئا، تن کي به جاگيرون ۽ سندون مليل هيون. ٽالپرن وٽ ڪابه قلمي فوج مقرر ڪانه هئي. خدمتگار هر وقت مسلح رهندا هئا ۽ اهي امپيرئل باڊي گارڊ جو ڪم ڏيندا هئا. مگر جنگ جي وقت اطلاع ملڻ سان پنجاهه هزار جرار لشڪر تيار ٿي سگهندو هو. سنه 1800ع جي شروعات وقت مسٽر هٽنڪي سمٿ جو نائب پنهنجي رپورٽ ۾ ٽالپرن جي مجموعي فوجي قوت جو تعداد 36 هزار ڏيکاري

تو ۽ صلح جي وقت فقط 5 هزار تعداد ڏيکاري ٿو. ٽالپرن جي صاحبي جي زماني ۾ قلات، بهاولپور، ملتان، دره جات، جوڌپور، ڪڇ مکيه پاڙيسري حڪومتون سنڌ جي اردگرد هيون. انهن سڀني کان ٽالپرن جي فوجي قوت گهٽ بهتر هئي. هيٺ چنائي لاءِ انگ اکر پيش ڪن ٿا:

1. قلات: 33000 هزار سوار فوج، شال ڪوٽ، سبي، قلات 3 قلعا هئا[1]. قلات جي قلعي کي ست برج هئا.

2. بهاولپور: 3000 هزار سوار ۽ 5000 پيادل جنگ وقت جملہ 17000 هزار لشڪر رياست گڏ ڪري سگهندي هئي. رياست اندر هيٺيان قلعا هئا. ڏراور يا دلاور ڪوٽ بهاولپور کان پنجاهہ ميلن تي رڻ ۾ هو. ڪوٽ کي ٻہ ديوارون ڏنل هيون. منجهس هڪڙو تلاءُ هو جنهن ۾ سڄو سال پاڻي رهندو هو. خانپور جو قلعو بہ رڻ ۾ هو منجهس کوهہ هئا مگر سندن پاڻي کارو هو. فقط چوپائي مال لاءِ مفيد هو. رڪن پور، هن قلعي جي ديوار بہ پڪين سرن جي هئي. مٿين قلعن تي توبون رکيل هيون. انهن قلعن کان سواءِ احمدپور، دين ڳڙهہ، خيرپور، ڳڙهي اختيار خان، موج ڳڙهہ، ڪوٽ لشڪر خان بہ قلعا هئا پر مٿن توبون رکيل ڪين هيون[2].

3. ملتان: هن رياست جي فوجن جو تعداد 2000 هزار سوار ۽ 4000 هزار پيادل هو. جملہ 11 قلعا هئا. جن مان ملتان، شجاع ڪوٽ، سڪندرآباد، مظفرآباد ۽ تلمبا جي قلعن تي توبون رکيل هيون.

4. ديره جات: ديره غازي خان جي رياست جنگ وقت 3000 هزار سوار ۽ 8000 هزار پيادل ميدان جنگ ۾ آڻي سگهندي هئي. منگهروٽا ۽ ترند بہ قلعا هئا. ٻيا ننڍڙا قلعا هئا جن کي

---

[1] G.P Tate: History of Kalat, CHP. Calcutta, 1896

[2] Shahamatali: History of Bahawalpur

ڪوٽلا سڏيندا هئا[1].

5. سنڌ: 11000 هزار سوار ۽ 19000 هزار پيادل جملہ 30000 هزار فوج فقط شهدادڻي ۽ سهرابڻي ٻن سرڪارن جي فوجن جو تعداد هو. ماڻڪاڻين جي فوج جا انگ اکر ڏنل ڪين آهن. ڪُل 23 مضبوط قلعا هئا. حيدرآباد، سڪرنڊ، وچ سنڌ جي حفاظت لاءِ بکر ۽ امام ڳڙهہ، اُتر سنڌ لاءِ شڪارپور، ڪنڏڪوٽ، فتح ياسين ڪوٽ، لاڙڪاڻي اپر سنڌ لاءِ خدا آباد، رني ڪوٽ ڪوهستان جي حفاظت لاءِ، منهوڙو ڪراچي جي حفاظت لاءِ، عمرڪوٽ، اسلام ڳڙهہ، فتح ڳڙهہ، نئون ڪوٽ ٿر جي سرحد جي حفاظت لاءِ، ڪوٽ ڏيجي ۽ ٻيا پڪا قلعا بہ هئا. جن مان بکر، ڏيجي، منهوڙو، حيدرآباد، لاڙڪاڻو، عمرڪوٽ، فتح ڳڙهہ ۽ اسلام آباد قلعن تي توبون رکيل هيون. ڪراچي، سکر، بکر ۽ امام ڳڙهہ جي اهميت کي معلوم ڪري انگريزن اڳوات مٿن قبضو ڄمايو. سرچارلس نيپئر جو ڀاءُ وليم نيپئر ڪتاب "فتح سنڌ" ۾ امام ڳڙهہ جي قلعي کي سنڌ جو جبرالٽر سڏي ٿو[2].

## ٽالپرن جون سوڀون:

سٺ ورهين جي قليل عرصي ۾ شروعاتي چاليهن ورهين اندر ميرن دراني سلطنت کان بکر، سکر ۽ شڪارپور فتح ڪيا. بهاولپور جي نواب کان سبزل ڪوٽ ۽ ڀنگ ڀاڙہ فتح ڪيا. جوڌپور کان عمرڪوٽ، ڍٽ فتح ڪيا. جيلسمير کان شاهہ ڳڙهہ، گرسيا ۽ گنتو راڄا قلعا فتح ڪيا. قلات جي خان، مير نصير خان کان ڪراچي بندر فتح ڪيو. مير غلام علي خان شير افگن برٽش وفد جي اڳواڻ مسٽر هئنڪي سمٿ سان ڪڇ تي ڪاهہ ڪرڻ لاءِ پنهنجو ارادو ظاهر ڪيو هو مگر لارڊ منٽو جي حڪومت مير صاحب کي ڪاهہ ڪرڻ لاءِ اجازت ڪانہ ڏني[2]. سنہ 1186ھ/1802ع تائين سنڌ تي سومرن،

---

[1] H.R.Gupta: Letter Moghal History of the Punjab, P. 273

[2] H.R.Gupta: Latter Moghal Hitory of the Punjab, Sindh, PP.272-73

[2] B.D.Basu: Rise of the Christian power in India, Vol.V, P.160

ارغونن، ترخانن، سمن، ڪلهوڙن حڪومت ڪئي، اهي سڌي يا اڻ سڌي طرح دهلي، ايران يا ڪابل ۽ قنڌار جي ماتحت رهيا. ٽالپر بلوچ پويان هئا جن سنڌ کي ڌارين جي غلامي کان آزادي ڏياري. عيسوي 16هين صدي جي شروعات کان وٺي هندستان جي مغليه لشڪر، ٽوڙي ديسي نوابن ۽ راجائن جي لشڪرن ۽ توبخانن ۾ مغربي سفيد فام سپاهي نوڪر هئا جي ديسي فوجن کي مغربي نموني جي فوجي تعليم ڏيندا هئا. سنڌن ماهوار پگهار ٻن سون کان ٽن سون رپين تائين هئي. اورنگزيب عالمگير جي زماني ۾ سنڌن پگهار گهٽجي وڃي 32 رپين کي پهتي. غازي احمد شاه ابدالي به ڪي يورپين توبچي هندستان کان ڪابل ڏانهن موٽندي پاڻ سان وٺي ويو هو[1]. مغل شهنشاهت جي زوال کان پوءِ نوابن ۽ راجائن جي خودمختياري اختيار ڪرڻ کان پوءِ يورپين عملدارن جو سنڌن فوجن ۾ قدر ٿيڻ لڳو. مثال لاءِ ريماند فرينچ، نظام دکن جي فوجن ۾ نوڪر هو. ڊي بوني ۽ پيران به فرينچ سنڌيا جي فوجن کي تعليم ڏيڻ تي مامور هئا. وينتورا، ڪورٽ ۽ آلرڊ، خالصا فوج ۾ نوڪر هئا. ماڻڪاڻي ميرن جي هولڪر ۽ سنڌيا سان خط و ڪتابت هئي. خاص ڪري مير ٺاري خان وٽ جسونت راءِ هولڪر جو ايلچي رهندو هو. مير مراد علي خان سنڌيا جي لشڪر جي هڪڙي عملدار سيمن کي ماڻڪاڻي فوجن کي تعليم ڏيڻ لاءِ نوڪر رکيو هو. مسٽر هاويل هڪڙو يورپي شهداداڻي توبخاني ۾ نوڪر هو، جنهن مياڻي جي جنگ ۾ غداري ڪري توبن جا منهن مٿي ڪري فائر ڪيا هئا. مير فتح علي خان فاتح سنڌ ٿوري عرصي اندر 25 هزار لشڪر گڏ ڪري سگهندو هو. سهراباڻي سرڪار جي فوجن جو تعداد ڏهه هزار هو جنهن ۾ بلوچي سپاهين کان سواءِ افغان (روهيلا) به هئا[2]. ٽالپري فوج جي سپاهين کي ڪمپني سرڪار جي سپاهين وانگر ڪا مخصوص دريس پيل ڪانه هئي، بلڪ اُهي خانگي لباس ۾ رهندا هئا. پرمار بندوقون جي انگريزي بندوقن کان ڏگهيون ۽ پري تائين مار ڪري سگهنديون هيون مگر سنڌن پرڻ ۾ وقت

---

[1] F.Bernier,s travels, 1656-1668, Vol.I, P.217 London

(2) Balochitan Dristrict Gazetteer Reries, vol, Sibi District, Bombay, 1907

لڳندو هو. تلوارون ۽ ڍالون سپاهين جا مکيه هٿيار هئا. ڪجھ جانبازن کي زرهون به پيل هيون. اهي هٿيار ڪمپني جي لشڪر جي هٿيارن جي مقابلي ۾ گهٽ ناقص هئا. اهو ئي سبب آهي جو پنج هزار سپاهين سان سرچارلس نيپئر ٻاويهه هزار بلوچي جرار لشڪر کي مياڻي جي ميدان ۾ شڪست ڏيڻ ۾ ڪامياب ٿيو هو. مير صاحبن وٽ توبخانو به هو اهي توبون ميان نور محمد خان ۽ ميان غلام شاهه ايسٽ انڊيا ڪمپني ۽ پورچوگيزن ۽ ڊچن کان خريد ڪيون هيون. ڪمپني جي اسلحي خانن کي جڏهن نوان هٿيار ولائت کان پهچندا هئا ته پراڻو مال ديسي نوابن ۽ راجائن کي وڪڻي نيڪال ڪندا هئا. ميرن جي توبن جي ديکھ ٿي فٽ ۽ سنڌن منهن جي گولائي ٽن انچن جيتري هئي. ڪي پراڻيون توبون انگريزن ميرن کي سوکڙي طور پيش ڪيون هيون. حيدرآباد ۾ توبن جوڙڻ جا ڪارخانا هئا جن کي افغان لوهار تيار ڪندا هئا. اهي توبون "ميرخاني" سڏبيون هيون. منجهانئن هڪڙي مدراس جي عجائب خاني ۾ رکيل آهي. توبخاني ۾ سر هنگ ۽ تنديل نوڪر هئا. هوش محمد قنبراڻي، ابراهيم خان، عبدالله شاهه، مشهدي ايراني، جان هاويل، شهداداڻي توبخاني ۾ توبچي هئا. منجهانئن مشهدي ايراني، ميجر آئوٽ رام جي آڳبوٽ تي گولباري ڪئي هئي. هوش محمد مياڻي ۽ دبي جي جنگين ۾ چڱي ناموري حاصل ڪئي. ٻنهي جنگين ۾ ٽالپري بارودخاني کي باهه لڳي تاهم هو آخري دم تائين وڙهندي شهيد ٿي ويو. سندس پامردي ۽ استقلال متعلق وقت جي شاعرن شاعري پڻ ڪئي.

"هلي هوش محمد آيو، ڪري قنبراڻي ڪاهه،
ايندي به ارن ۾ گهوٽ وڄايا گهاءُ
قلوبان ڪڙڪيو، شيديءَ پنهنجو ساهه،
سؤ لشڪر سان شيديءَ ماريو ميار مٿس ناهه"

مسٽر ناٽن ڪرو پنهنجي رپورٽ ۾ ڄاڻايو هو ته ٽالپرن وٽ ڪراچي، ٺٽي ۽ حيدرآباد ۾ بارود ٺاهڻ جا ڪارخانا هئا. حيدرآباد ۾ بندوقن جوڙڻ جو ڪارخانو هو جن لاءِ ناليون ٽالپري گماشتا ايران ۽ شام کان خريد ڪري پهچائيندا هئا. جنگ وقت بلوچي لشڪر ٻيڙين ذريعي نقل و حرڪت ڪندو

هو. سپهه سالارن کي جنگين کٽڻ وقت بارگاهه مان وڏا خطاب، انعام ۽ اڪرام ملندا هئا. مثال لاءِ طاهر، جيڪو اصل ٽالپرن وٽ خدمتگار هو سو فوجي لياقت ڪري پهريان سپهه سالار ٿيو پوءِ نواب بهاولپور جي سپهه سالار فتح محمد غوري کي شڪست ڏيئي سبزل ڪوٽ ۽ ينگ پاڙه کٽيا. موٽندي ڪشمور ڪان ٽنلو مير خان ٽن ڏينهن ۾ پهتو. ڪيس بهادري جي صلہ ۾ نوابي جو ممتاز لقب مليو. نواب ولي محمد خان لغاري کي فتح شڪارپور وقت بارگاهه مان 3 هزار اشرفيون انعام مليون. مير صاحبن جا هٿيار نهايت قيمتي هئا. مٿن سون، چاندي ۽ جواهرات مڙهيل هئي. ڊاڪٽر جيمس برنس کي مير صاحبن جيڪا تلوار انعام ڏني هئي تنهن جي قيمت پنجاهه هزار رپيا هئي. انهن قيمتي هٿيارن کي ڏسي فرنگي عملدارن سمجهيو تہ مير گهڻو دولتمند آهن. مگر سندن خيال غلط ثابت ٿيو. مياڻي ۽ دبي جي جنگين ۾ ٽالپرن شڪست کاڌي مگر بئي جنگيون هندستان جي مکيہ جنگين ۾ شمار ٿين ٿيون. انگريزن جو سنڌ فتح ڪرڻ ۾ ادائي ڪروڙ رپيا خرچ ٿيو.

**صنعتي ۽ واپاري حالت:**

جيئن يورپ ۾ قرطبہ ۽ غرناطہ بہ اخري اسلامي حڪومتون هيون جيڪي عيسائين هٿان برباد ٿي ويون، تيئن سڄي هندستان اندر اٺوڙ ۽ سنڌ جي ٽالپري حڪومت بہ آخري اسلامي حڪومتون هيون جي انگريز عيسائين هٿان برباد ٿي ويون. ميرن جو پيشو سپهه گري هو ان ڪري زمينن مان ڪين آمدني گهٽ هئي، پر صنعت ۽ واپار ترقي تي هئا. سرڪار کي ڍلن ۽ محصولن مان چڱي آمدني هئي[1]. عربن جي زماني ۾ سنڌ جي جملہ سالياني اُپت 270000 لک پائونڊ هئي، ان جو مکيہ سبب هن ريت هو جو عرب ڌاريا هئا. هن ملڪ جي ڪين خبر ڪانہ هئي. ڪلهوڙا زرعي پيشي وارا هئا ڪين سالیانو سٺ لک رپيا سنڌ مان آمدني هئي. ٽالپر بلوچ هئڻ ڪري سپهه گري پيشي وارو قبيلو هو. سير ۽ شڪار سندن مشغوليون هيون ان ڪري حڪومت جا کاتا ٺيڪن تي ڏيندا هئا. سندن سالياني اُپت مير فتح علي خان فاتح سنڌ

---

(1) R.B.Bulchand Dayaram: History of Sindh, CHP.XI, P.31

جي زماني ۾ 5113000رپيا هئي. خرچن جو تفصيل هن ريت هو. (1) ڏهه لک رپيا ساليانو شاهي خزاني ۾ داخل ٿيندا هئا.

(2) 11 لک رپيا عملدارن، ملازمن ۽ جاگيردارن کي پگهارن ۽ وظيفن طور سرڪار پاران ملندا هئا.

(3) 28 لک 23 هزار رپيا مير صاحب کي خانگي خرچ لاءِ ساليانو ملندا هئا.

(4) 2 لک رپيا ساليانو محتاجن ۽ نادارن کي سرڪار پاران فياضي طور ملندا هئا.

اڌ ڪروڙ آمدني پڻ وارن ملڪن کان گهڻو هئي. مثال لاءِ قلات جي مير نصير خان جي سالياني آمدني 3400000 لک رپيا هئي. بهاولپور جي نواب جي آمدني سنه 1830ع ۾ فقط 14 لک رپيا هئي. ملتان جي نواب جي آمدني 2 لک 55 هزار رپيا هئي[1]. مٿين انگن اکرن مان اوهان معلوم ڪري سگهندؤ ته ٽالپر امير پنهنجن پاڙيسري حڪومتن جي مقابلي ۾ سيني کان دولتمند هئا. ڪلهوڙن جي آمدني سٺ لک کان وڌي اسي لکن کي پهتي هئي پر ان مان ساليانو سنه 1739ع ۾ نادر شاهه کي 21 لک رپيا ڍل ڀريندا هئا. سنه 1747ع ۾ احمد شاهه دراني کي ڀهريان 14 لک رپيا. سنه 1760ع ۾ 11 لک رپيا ڀرڻ لڳا. سنه 1775ع ۾ تيمور شاهه کي ست لک رپيا ڀرڻ لڳا. مير فتح علي خان فقط تيمور شاهه کي ڍل ڀريندو هو. 18 مئي سنه 1793ع ۾ تيمور شاهه جي مرڻ کان پوءِ زمان شاهه جي ڏينهن ۾ سنڌ فقط نالي ماتر ڪابل جي ماتحت هئي، مگر ڍل ڪانه هئي. جڏهن شڪار گاهن ۾ اضافو ٿيو تڏهن اليگزينڊر برنس جي زماني ۾ سنڌ جي سالياني اُپت 51 لکن مان گهٽجي وڃي چاليهن لکن تي پهتي. مغلن ۽ ڪلهوڙن جي زمانن کان ٽالپرن جي صاحبي اندر سنڌ ۾ مڪمل امن امان هو[2]. ٽالپري صاحبي اندر ملڪ پرڳڻن ۽ تعلقن ۾ ورهايل هو. هر هڪ پرڳڻي مٿان سزا ولڪار، ڪاردار،

---

[1] H.R.gupta: Latter Mughal History of the punjab, PP.271-79

[2] H.T.sorly: Shah Abdul Latif Bhit Administration, London, 1940

مختيارڪار مقرر هئا. سزا ولڪار سان هڪڙو خزانچي، ڪي هرڪارا ۽ سوارن جو دستو رهندو هو. شهرن مٿان عدالت لاءِ قاضي ۽ شهر جي حفاظت لاءِ ڪوتوال ۽ قلعن مٿان قلعيدار مقرر هئا. اهي سموريون رپورٽون مرڪزي حڪومت کي پهچائيندا هئا. ڪجهه اهم معاملن متعلق حڪومت کان مشورا وٺندا هئا. سزا ولڪار کي پنج سو رپيا پگهار ملندي هئي[1]. هميشه اعليٰ خاندان وارن ۽ لياقتي انسانن کي مير صاحب چونڊي سزاولڪار ۽ ڪاردار ۽ مختيارڪار جا عهدا ڏيندا هئا جيئن رشوت کي ٻنجو اچي. فصلن لهڻ وقت مير صاحبن پاران هڪڙو روينيو عملدار يا وزير ويندو هو جو سزا ولڪارن جو حساب ڪتاب ڏسي نقص مٽائي، شڪايتون دور ڪندو هو. ڇاڪاڻ جو ڪنهن هاريءَ کي ڪنهن مير جي زمين تي رهندي جيڪڏهن ڪا تڪليف پهچندي هئي ته ٻئي مير جي زمين ڏانهن لڏي ويندو هو. ڪجهه هارين جي جهڳڙن ڪري نوبت جنگ ڪي پهچندي هئي. اوهان اڳ ول جي جنگ ۾ پڙهي آيا آهيو ته مير ٺاري خان پنهنجن هارين جي شڪايتن ڪري شهدادائين سان جنگ ڪئي هئي. ميرن جا وزير هن ڳالهه جو خاص احتياط رکندا هئا ته هارين سان ڪوبه ظلم نه ٿئي. هر هڪ ننڍي صوبي مٿان مالي ۽ عدالتي ڪاتا ڪاردارن جي سپرد هئا. بٽئي، محصولي، ڪاسڪي ۽ حقابو زمينن جي ڍلن جا قسم هئا. مثال لاءِ (1) بٽئي ڪن زمينن جو ٽيون حصو ڪن تان چوٿون حصو ۽ ڪن تان پنجون حصو مير ڪٽيندا هئا. (2) ڪمند، تماڪ، ڀاڄيون، ميوا، ڪپهه، نير وغيره عمدين شين جي اُپت محصولي سڏبي هئي. (3) وري جن زمينن کي واهن مان پاڻي ملندو هو ان پاڻي جي ڍل کي حقابو سڏيندا هئا[2]. (4) ڪاسڪي ڪن پرڳڻن ۾ حڪومت کي في خرار اناج جي اُپت ۾ مقرر ڪاسا اناج ملندو هو. مثال لاءِ چانڊڪي جهڙي ساريال زمينن تان حڪومت کي في خرار جي حساب تي ست ڪاسا اناج ملندو هو. سزاولڪار رعايا جي

---

[1] عبرت ڪده سنڌ: سيد محمد ضامن، ص. 268 هن ڪتاب ۾ ٽالپر ميرن جي ساليانِي آمدني سٺ لک رپيا ڏنل آهي. ڊاڪٽر هريرام گپتا ايڪونجاهه لک ٽيرنهن هزار رپيا ڏيکاري ٿو. ٻئي بيان صحيح آهن.

[2] E.H.Aitken: Gazetteer of the province of Sindh, "Talpur system" P.401

حالت، عادتن ۽ خاصيتن کان واقف هئا. اُهي انگريزن وانگر ڌاريا ڪين هئا بلڪ هن ملڪ جا رهواسي هئا. ملڪي ماڻهن جي زبان ۽ طريقن کان واقف ڪار هئا. اهڙي انتخاب ڪري ننڍا عهديدار به فريب ڪري نه سگهندا هئا. اهڙن سبب ۽ انتظامن جي ڪري سنڌي آسودا هئا. ڳوٺن ۾ موجوده ترقي جي دؤر وانگر ڌاڙن ۽ چورين جو نالو نشان ڪين هو. چاڪاڻ جو هر هڪ ڳوٺ جا رهاڪو چورين لاءِ ذميوار هئا. اڄ حڪومتن کي ڪيمونسٽن کان خطرو آهي ۽ هارين لاءِ ٽينيسي بل پاس ٿي رهيا آهن. اڳ هاري حڪومت کي اُپت آهر اناج جي صورت ۾ ڍل ڀريندا هئا. تماڪ، ڪپهه، ڪمند ۽ ڀاڄين جي آبادگارن کي نقد ڍلون ڀرڻيون پونديون هيون.

**انگريزي راڄ کان پوءِ رعايا جون تڪليفون:**

هوڏانهن انگريزي علائقن ۾ هاري تنگ هئا. زميندار مفلس ٿي چڪا هئا. انگريز راڄ جي شروعات ۾ سنڌ اندر سزاولڪارن ۽ ڪاردارن جون پگهارون گهٽو گهٽايون ويون. اهڙا عملدار ڌاريا مقرر ڪيا ويا جن کي نه ملڪ جي خبر هئي نه خريف ۽ ربيع جي فرق کان واقف هئا. ڪاردار سزاولڪارن سان ٺڳيون ڪرڻ لڳا. چاڪاڻ جو پگهارن گهٽائڻ ڪري عام طرح سرڪاري ڪامورن دغا بازي ۽ بي ايماني شروع ڪئي. رستن تي بدمعاشن جون ٽوليون ماڻهن کي ڦرڻ لڳيون. تحصيلدارن کي سزائون ملڻ لڳيون. سنڌ ۾ چؤطرف فوجي قانون لاڳو هئڻ ڪري رعايا پريشان هئي. معمولي کان معمولي سزا ستن ۽ ڏهن سالن جي سخت قيد کان گهٽ نه هئي. ڏنڊ ڏهن هزارن کان ويهن هزار رپين تائين معمولي ڳالهه هئي. مير صاحب ڍلن جو حساب ڪتاب هڪڙي مهيني اندر ختم ڪندا هئا. سال ۾ ٻه دفعا ربيع ۽ خريف جون ڍلون اوڳاڙيندا هئا. انگريزي راڄ کان پوءِ هڪڙي موسم گذرڻ کان پوءِ به حساب ڪتاب ڪين ختم ٿيندو هو. مير صاحب ڦاسي جي سزا جو پاڻ فيصلو ڪندا هئا. ماڻهن کي اپيلن ڪرڻ جي ڪابه ضرورت ڪانه پوندي هئي. انگريزي فوجي راڄ اندر اپيل ڪرڻ جي اجازت هئي مگر جيڪا بدنامي سهڻي پوندي هئي سا نفرت انگيز هئي. وڏا عملدار انگريز هئا جيڪي ماڻهن جي زبان ۽ ريتن رسمن کان قطعي بي خبر هئا. اهڙي ناتجربيڪاري جي ماحول ۾ ڪاردار پنهنجن سفيد

آقائن سان فريب سان هلندا هئا[1]. سرچارلس نيپئر جنهن پنهنجي آقا لارڊ ايلنبرو کي سبز باغ ڏيکاريو ته پنجن سالن اندر سنڌ جي اُپت هڪ ڪروڙ رپيا ٿيندي سو پنهنجن ظلمن ۽ بي ايمان عملدارن جي غداري ڪري صفا ناڪام ۽ نامراد رهجي ويو. سندس آڌار تي لارڊ ايلنبرو پنهنجي ماجرائن کي لڪائڻ لاءِ پڌرائي ۾ ڏيکاريو هو ته "سنڌ ملڪ جيڪو انگريزي لشڪر فتح ڪيو آهي سو شادابي جي لحاظ سان مصر سان مشابهت رکي ٿو[2]. سندس دعويٰ باطل ثابت ٿي. ڇاڪاڻ جو سنه 1844ع ۾ انگريزن کي سنڌ مان ساليانې اُپت ۾ 937937 رپيا آمدني ٿي ۽ خرچ 7662979 رپيا لڳو. سنه 1844ع ۽ سنه 1845ع ۾ 2740722 لک رپيا آمدني ٿي ۽ خرچ 5854206 رپيا ٿيو. سنه 1849ع ۽ سنه 1850ع ۾ آمدني 69837580 لک رپيا ٿي ۽ خرچ 4392420 لک رپيا حڪومت کي ڪرڙو پيو. گويا ستن سالن اندر حڪومت هند کي آمدني جي مقابلي ۾ 23453083 ڪروڙ رپيا وڌيڪ خزاني مان خرچ ڪرڻا پيا. فوجن کي پگهار ۽ ڀتا تنهن کانسواءِ ڏار ڏيڻا پيا[3]. ستن سالن اندر انگريز حڪومت ايائي ڪروڙ رپين جي قرضي ٻنجي پئي. مٿيون خرچ فقط بي اصول مقصد ۽ جابرانه پاليسي ڪري انگريزن کي برداشت ڪرڻو پيو. حالانڪ سنڌ جهڙي سرحدي پرڳڻي ۾ مير صاحب انگريزن کي هر قسم جون سهولتون ڏيڻ لاءِ رضامند هئا.

**پيداوار:**

پاٽينجر جي سياحت نامي ۾ چانور، جوئر، ٻاجهري، تيلي ٻج، ڪپهه، ڪمند، نير، تماڪ، ڀنگ، آفيم سنڌ جي مکيه پيداوار هيون. اها پيداوار ملڪ

---

[1] مٿيون تفصيلي بيان ايسٽ وڪ جي ڪتاب "ڊراءِ ليوز فرام ينگ ايجپٽ" ۾ لفظ بلفظ ڏنل آهي. جو هت نقل ڪيون ٿا ته جيئن پڙهندڙن کي ميرن جي صاحبي جي برڪتن جي خبر پئجي سگهي. ڏسو ڪتاب عبرت ڪده سنڌ، ص 268-271

نوٽ: چانور، جوئر، ڪپهه، ڪمند، نير، ٻاجهري، ترِ، مگ، مڪائي ۽ گوار، خريف جون پوکون آهن. ڪڻڪ، جانپو، توريون ربيع جي پوک آهي.

[2] J.C.Marsham: Abridgment of the History of India, P. 435

[3] عبرت ڪده سنڌ: مترجم: سيد محمد ضامن، ص. 272-271

جي رهواسين جي ڪاپي لاءِ گهٽو ڪافي هئي. امير توڙي غريب خوشحال زندگي بسر ڪندا هئا. سندن زندگي جون ضرورتون مختصر هيون. مير صاحبن جا ڪاردار وڏا جاگيردار هئا. سک، آسودگي ڪري ماڻهو فياض هئا. هينري پاٽينجر لکي ٿو ته "چڱا چڱا سفيد پوش ماڻهو گهوڙن تي چڙهي خيراتون گهرن ٿا." حقيقت ۾ اهي سادات هئا. گمرگ ڪي جيڪي محصول پريندا هئا تن ڪي عيوضو به سرڪار پاران ملندو هو. بقول پاٽينجر سنه 1809ع ۾ هڪڙي هندو 99 هزار رپيا گمرگ ڪي پياريا ڪيس 12 هزار رپيا عيوضي طور مليا. ٻئي هڪڙي واپاريءَ 1816ع ۾ هڪ لک 23 هزار رپيا گمرگ ڪي پياريا ڪيس ويهه هزار رپيا مزدوري طور اجورو مليو. گمرگ ڪاتي جا عملدار بلوچ سپاهين جي زور تي رشوت به وٺندا هئا. پاهرين مال تي خوب چڪاس رکندا هئا. اليگزينڊر برنس جي جهازن تي زبردستي چڙهي سندس صندوقون کولي ڏٺائون[1].

## وڏن شهرن جي آمدني:

نون شهرن جي تعمير ٿيڻ ڪان پوءِ پراڻن شهرن جهڙوڪ ٺٽي، هالا، ڪنڊيارو، سيوهڻ، نصرپور جو اڳوڻو اوج گهٽجڻ لڳو. نوان شهر سائينٽفڪ نموني تعمير ڪين ٿيل هئا. سندن گليون سوڙهيون، بازاريون چٽن سان هيون. انگريز سياح لکن ٿا ته منجهن گندگي هئي پر خير برڪت جو زمانو هو. ماڻهن جي غذا سٺي هئي. بيماريون گهٽ هيون. ميرن جي صاحبي ۾ فقط هڪڙو پيرو ڪالرا پئي هئي. انگريز راڄ ۾ گهٽائي پيرا پليگ ۽ ڪالرا پئي حالانڪ سندن ڏينهن ۾ سينيٽري بورڊ شهرن ۾ قائم هئا ۽ ميونسپالٽيون شهرن جي صفائي لاءِ ٻڌل هيون. ٽالپري دور ۾ سنڌ اندر ست مکيه شهر هئا. ملتاني صرافن جون هنڊيون ملتان، لاهور، دهلي تائين هلنديون هيون. شڪارپوري سيٺين جون هنڊيون ڪلڪتي، بمبئي ۽ استرا خان تائين چالو هيون[2].

1. حيدرآباد: ساليانو آمدني ڏيڍ لک رپيا

---

[1] Bombay Government records, Selections, XVII, New series Part,II

[2] J.C.Marsham: Abridgment of the History of India, P.371

2. عمرڪوٽ: 23 هزار رپيا. شهر مان ڏهه هزار[1]
3. ٺٽو ۽ شاهبندر: هڪ لک ويهه هزار رپيا
4. ٽنڊو محمد خان: پنج لک رپيا
5. ميرپور بٺورو: ايضاً هت انگريزن جا ڪلمي شوري کي صاف ڪرڻ لاءِ ڪارخانا هئا.
6. شڪارپور: پنج لک ٽيانوي هزار رپيا. ناٿن ڪرو اَسي هزار ۽ ايچ سمٿ ڏهه لک رپيا ڏيکارين ٿا.
7. ڪراچي: ڇهه لک 16 هزار رپيا[2]
8. سيوهڻ: اليگزينڊر برنس جي لکڻ وقت ٺٽي ۽ سيوهڻ جو گنڊيل اوج متجي چڪو هو[3].

**مڇي جو واپار:**

ٺٽي کان پوءِ ڪراچي زور وٺڻ لڳو. هت مسقط، ايراني نار، ڪنيات، بمبئي، ملبار جي واپارين جا ايجنٽ رهندا هئا. هن بندر ڪمرگ مان مير صاحبن کي گهٽي آمدني هئي. ڏهه هزار رپيا ساليانو مڇي جي واپار مان آمدني هئي. هندو واپاري مهاڻن کان مڇي ٺيڪن تي خريد ڪري سڪائي ٻاهرين ملڪن ڏانهن رواني ڪندا هئا. سمورا مهاڻا سندن مقروض هئا. انگريزن ٺيڪن جي رسم کي منسوخ ڪري، مڇي جي شڪار لاءِ ٻيڙيان لائيسنس جاري ڪيا. سنه 1851ع ۾ مڇيءَ جا شڪارگاهه عام طور نيلام ٿيڻ لڳا. سنه 1858ع ۾ انگريزن کي 104508 رپيا مڇي جي لائيسنز مان آمدني ٿي[4]. ٽالپرن جي دؤر ۾ هڪ سؤ رپين جي مڇي ٻاهر موڪلڻ لاءِ واپارين کي تيرهن رپيا ڏهه آنا نوَ پيسا ڍل ڏيڻي پوندي هئي ۽ ويهه في صدي خشڪي رستي

---

[1] H.R.gupta: Latter Mughal History of the Punjab, P.272

وقائع راجستان: مولوي حڪيم نجم الغني، جلد: 2. ص.59

[2] H.R.gupta: Latter Mughal History of the Punjab, P.272

[3] A.Burnes: Travels into Bokhara & A Vayage on the Indus, Vol.III, P.52 London, 1834

[4] E.H.Aitken: gazetteer of the Province of Sindh, PP.70-71

مڇي رواني ڪرڻ تي ڌيل مقرر هئي[1]. ٽالپري دور ۾ ڪراچي جي سمنڊ مان ڪوڏيون نڪرنديون هيون ۽ سنڌ ۾ سنڌن واپار چالو هو ۽ انگريزي دؤر ۾ ڪڇ ۽ گجرات کان اچڻ لڳيون. ٽالپرن جي محلاتن جي ڪڙڪين کي شيشن بدران سپون لڳل هيون. اهو رواج گوئا ۽ بمبئي کان هت پهتو هو. سنہ 1836ع ۾ مير صاحبن جي ڪوشش سان گسري جي ڪاري مان سچا موتي سمنڊ مان نڪرڻ لڳا. ٺيڪيدارن کي ٺيڪا ملڻ لڳا. امير زاديون پائوڊر بدران موتين جو خاڪو منهن تي ملنديون هيون. سنہ 1849ع ۾ انگريزن کي موتين ڪيڻ جي ٺيڪي مان 6265 رپيا آمدني ٿي هئي. شاهہ بندر، اورنگا بندر ۽ ميرپور ساڪرو جو قلمي شورو ولائت تائين مشهور هو. انگريزن ميرپورساڪرو جي قلمي شوري تي صاف ڪرڻ لاءِ ڪارخانا کوليا هئا[2]. ٽاٽي بولا خان ۾ عمدي گندرف جون ڪاٺيون هيون. خيرپور، ٽر چانيهي جي اُپت ڪري مشهور هئا. حيدرآباد، جهرڪن ۽ روهڙي ۾ ميٽ جون ڪاٺيون هيون. ڪيرٿر جون ڪاٺيون سرڪاري نظرداري هيٺ هيون. ٽالپرن جي صاحبي اندر سنڌ واپار جي لحاظ سان اڳي کان گهڻي ترقي ڪئي. قافلن ۽ ٻيڙين رستي واپار هلندو هو. هينري پاٽينجر پنهنجي سياحت نامي ۾ لکي ٿو تہ حيدرآباد کان راجيديري ڏانهن ويندي 19 ڏينهن اندر 341 ٻيڙيون مال سان ڀريل ڏٺيون. هر هفتي حيدرآباد کان بکر تائين پنج سو ٻيڙيون مال سان ڀريل پهچنديون هيون. ٻيڙين ۾ مسافرن جي رهائش لاءِ ڪمرا بہ هئا. اهڙي طرح درياءَ رستي مال لاهور تائين آسانيءَ سان پهچندو هو. ٽالپرن جي صاحبي ۾ امن امان ڪري ملڪ ۾ آسودگي جو دؤر هو. هر هڪ شهر ڳوٺ ۾ ديسي ڪارخانا هئا. حيدرآباد ۾ چاندي تي ميناڪاري ۽ سون جو چاندي تي پاڻي چاڙهڻ، چمڙي رڱڻ ۽ چمڙي جو سامان، زريءَ جو ڪم وغيره تختگاهہ شهر جا مکيہ هنر هئا. ڪنڊياري، نصرپور، گمبٽ جون سوسيون ۽ کيس، ٺٽي جا غاليچا، گهوڙن جون زينون، ڪجاوا، هالا ۽ سيوهڻ جا ڪاشيءَ جا ٿانوَ سرون، هالن جو جنديءَ جو ڪم

[1] Bombay Government records, Selections, XVII Part II. P.596

[2] William Foster: English Factories in India, Oxford, 1906

سنڌ جي صنعت جون بهترين شيون هيون. سربارٽل فريئر سنڌ جو گشت ڪري مٿيون صنعتي شيون هٿ ڪري سنہ 1851ع واري لنڊن جي هائيڊپارڪ واري نماءُ ڏانهن روانيون ڪيون جو مئي 1851ع کان شروع ٿي 15 آڪٽوبر تائين چالو رهيو هو.[1] سنڌونديءَ وسيلي پنجاب، ڪشمير، چيني ترڪستان ۽ مالوه آسانيءَ سان سنڌ جي شهرن تائين پهچندو هو. سنڌ تي قبضي ڪرڻ جي خيال کان واپار جي بهاني سان انگريزن ڪراچي، ٺٽي، مٺڻ ڪوٽ ۽ فيروزپور ۾ پنهنجا تجارتي ايجنٽ سنڌوندي جي واپار لاءِ ويهاريا هئا. فرنگي مالوه جي آفيم ڪي چين ۾ وڪڻڻ لڳا. جنهن مان ايسٽ انڊيا ڪمپني کي ساليانو ڏهہ لک پائونڊ فائدو پهچڻ لڳو. حالانڪ چين سرڪار آفيم جي واپار جي سراسر خلاف هئي. سنڌوندي تي باقاعده واپار ڪرڻ لاءِ لنڊن جي سرمائيدارن سنہ 1835ع کان هڪ علحده ڪمپني "انڊس سسٽم نيويگيشن" نالي بريا ڪئي جنهن جا ايجنٽ بمبئي ۾ رهندا هئا. خشڪي رستي واپار قافلن جي وسيلي هلندو هو. افغاني قافلا سياري ۾ ايندا هئا ۽ هڪ رات ۾ ويهہ ميل مسافري ڪندا هئا. بلوچي قافلا ڏينهن جو مسافري ڪندا هئا. شڪارپور، لاڙڪاڻو، سکر، ڪنڊيارو، هالا، حيدرآباد، ميرپورخاص، ٽنڊو محمد خان، شاهبندر ۽ ٺٽو وڏي واپار ۽ هنرن جا مرڪز هئا. ٽالپر دؤر ۾ نصرپور ۾ ڪورين جو تعداد 16 هزار هو. ٺٽي جو اوج مٿجي چڪو هو تنهن هوندي بہ ڪورين جو تعداد ويهہ هزار هو. قافلن تي افغان واپاري ڪشمير جون شالون، اصفهان، يزد، ڪاشان، ڪرمان ۽ مشهد جو ريشم، ترڪستان جا غاليچا، گهوڙا، تر ۽ خشڪ ميوا، سليمان ۽ هندوڪش جبلن جون دوائون، ٻوٽيون وڪري لاءِ آڻيندا هئا. ڪرمان جي چپشم ايسٽ انڊيا ڪمپني جا ايجنٽ خريد ڪندا هئا. هر هڪ قافلي ۾ ستر اُٺ ٿيندا هئا. اهي واپاري سنڌ مان مصالحہ ۽ نير خريد ڪندا هئا. هرهڪ ستر اُٺ تي اسي مڻ نير جا تبريزي وزن جا ايران ڏانهن وڪري لاءِ ويندا هئا. دراني سلطنت جي زوال کان پوءِ شڪارپور جي واپار کي لوڏو اچي ويو[2]. سنڌ

[1] J. Martineau: The Life & Corespondence of Sir. B.Frere, CHP.V, P.132 London, 1895

[2] W.Kaye: History of the War in Afghanistan, Vol.I

۾ چوپايو مال جهجهو هو. پهرين افغان جنگ ۾ ٽالپرن ٽي هزار اُٺ جنرل ناٽ کي پهچايا هئا. سنڌ جي گيهه جو واپار ميمڻ واپارين جي هٿ ۾ هو هتي جو گيهه هندستان جي شهرن ۾ ڪراچي گيهه جي نالي سان مشهور هو[1].

حيدرآباد جي آدمشماري 35 هزار هئي هت ايران، شام ۽ روم جا ڪاريگر رهندا هئا. افغان واپاري سنڌ مان انگريزي گرم ڪپڙو خريد ڪندا هئا. جيڪو خراسان ۾ وڏي قيمت تي وڪامندو هو. سنه 1843ع ۾ انگريزن جي اچڻ تائين سنڌ ۾ ٻانهن جو واپار هلندو هو. سنڌ جي اڪثر سيني شهرن ۾ شيدين حبشين جا پاڙا هئا. پوءِ ٻين قومن سان گڏجڻ ڪري سندن اولاد "گبو" سڏجڻ لڳو. ٽالپرن جي ڏينهن ۾ ٺٽي جي ٽڪرين ۾ لوهه جون کاڻيون هيون مگر ٽين لوهه، فولاد، شيهو، عاج، صندل، وڏڪٽ جو سامان، چين ۽ جاپان جون شيون، چيٽون، شمعدان، شيشي ۽ چيني جا برتن ۽ فرنگي واپارين وٽ عجيب ۽ غريب شيون هيون، جي اڳ سنڌين ڪين ڏٺيون هيون. انهن شين جي اچڻ ڪري سنڌ جي ڪپڙي ۽ ٻين هنرن کي ڌڪ لڳي ويو. واپارين دانهون ڪيون جنهن ڪري مير فتح علي خان ايسٽ انڊيا ڪمپني کي ٺٽي مان تڙ ٻڌڻ لاءِ 15 ڏينهن جو حڪم ڏنو. ڪمپني کي اٽڪل هڪ لک رپين جو نقصان پهتو هو. صرافڪو ڪم اڪثر ملتاني هندن جي هٿن ۾ هو واپار جا مالڪ هندو هئا جن ميان نورمحمد خان جي ڏينهن ۾ خدا آباد ۾ بينڪون وڌيون هيون پوءِ حيدرآباد ۾ لڏي اچي ويٺا هئا. واپاري طبقو ٻائي بند ۽ پڙهيل طبقو عامل سڏبو هو. ٽالپر ميرن جو پيشو سپهه گري هو ان ڪري اڪثر سير شڪار، شعر ۽ سخن سان دل وندرائيندا هئا. فارغ رهڻ کي گهڻو پسند ڪندا هئا. ان ڪري حڪومت جا کاتا ۽ مال گذاري جا ٺيڪا هندن جي هٿ ۾ هئا. ڪرنل پاٽينجر جي هڪڙي سوال جي جواب ۾ مير مراد علي خان امير الدوله بهادر هن ريت جواب ڏنو هو:

---

[1] J.C.Marsham: Abridgment of the History of India, P. 431, Captain, G. Wood: A Journey to the source of the river oxus, CHP. III, P. 35

نوٽ: ٻي افغان جنگ وقت انگريزن سنڌ مان ٽيهه هزار اُٺ ۽ ڇهه هزار ڏاند خريد ڪيا هئا.

"اسين بلوچ نہ حساب ڪتاب ڄاڻون ٿا، نہ وري لکي سگهون ٿا. اسان کي واپار جي ڪا خبر ڪانهي. اسين فقط ايترو حساب ڄاڻون ٿا تہ ٻہ ۽ ٻہ چار ٿيا. اسين هندن تي اعتبار ڪريون ٿا ڇاڪاڻ جو جيڪي طلبيون ٿا، اسان کي گهر ويٺي پهچائين ٿا."

هندن کي ٽالپرن جي دؤر ۾ وڏا وڏا عهدا مليل هئا. ديوان گدومل ميرن پاران ڪابل ۽ قنڌار ۾ سفير رهي چڪو هو. گدو جو ٽنبو سنڌس جاگير هئي. منشي مشتاق رام مير غلام علي خان شيرافگن جو خاص صلاحڪار هو. 1809ع ۾ ايسٽ انڊيا ڪمپني سان مير صاحب جيڪو عهدنامو ڪيو سو سندس صلاح سان ٿيو هو. ديوان گوپالداس مير ڪرم علي خان، رڪن الدولہ بهادر پاران ڪڇ جو ايلچي هو. منشي خوشيرام مير مراد علي خان اميرالدولہ بهادر جو درباري هو. سنہ 1832ع وارو انگريزن سان معاهدو سندس صلاح سان ٿيو هو. ديوان چوئٿرام مير نورمحمد خان ثريا جاه بهادر جو وزير هو. سنہ 1839ع وارو بيڪار معاهدو سندس صلاح سان ٿيو هو. منشي پرتابراءِ شهزادي صوبدار خان جو منشي هو. خيرپور جي سهراباڻي سرڪار وٽ منشي اُتم چند، ڪشنداس، ڪانسنگ، سجان سنگهہ، مولرام، چندا سنگهہ، وڏن عهدن تي مامور هئا. اهي سور جمل ڪڪريلا جي نسل مان هئا. منشي اُتم چند ۽ سيٺ هوتسنگهہ شڪارپوري وڏي رتبي کي پهتا هئا مگر اڪثر غدار ثابت ٿيا. ديوان گدومل قيصر خان نظاماڻي سان گڏجي مير فتح علي خان فاتح سنڌ کي قتل ڪرائڻ جي سازش ڪئي ۽ مٿئين جرم ۾ مارجي ويو. منشي پرتابراءِ جي چرچ تي شهزادي صوبدار خان چاچن خلاف بغاوت ڪئي. سيٺ نائونمل کي انگريزن وڏا وڏا ٺيڪا ڏيئي پنهنجو ڪيو هو. سندس اشاري تي جوکين، نومڙين، ڪلمتي سردارن ميرن سان بغاوتون ڪيون. پڇاڙي جو اهي هندو انگريزن پاران جاسوس ٿي رهيا. انگريزن وٽ نوڪريون ڪرڻ لڳا. قارئين ٽالپري دؤر ۾ هندن جو سنڌ جي سياست ۾ حصو معلوم ڪري سگهندا. واپار هندو دلالن معرفت هلندو هو. اهي فارسي ۽ سنڌي جا ماهر هئا پهرين افغان

ويڙهه ۾ هندو واپارين هرهڪ شهر ۾ مال جا گدام ڪڙا ڪيا جن ۾ لکين رپين جو مال پريل هو. فقط حيدرآباد جي گدامن جي لُٽجڻ ڪري سرجان ڪين مير صاحبن کان ستاويهه لک رپين جي گهر ڪئي هئي. ٽالپرن جي حڪومت اندر هر هڪ قوم ۽ ملت لاءِ عهدا لکيل هئا. ان ۾ ڪو شڪ ڪونهي ته بلوچي سردارن کي فوجي امداد ڏيڻ جي عيوض ڪي خاص رعايتون مليل هيون. مگر دربار ۽ زرعي ڪاتن جا عهدا هندن لاءِ ڪليل هئا. چاڪاڻ جو حڪمران بلوچن جو پيشو سپهه گري هو. امن جي حالت ۾ سير ۽ شڪار سان رغبت رکندڙ هئا. مالگذاري جا عهدا ۽ واپار هندن جي حوالي هو. مير صاحبن جي ديرن جو خرچ هندو منشين ۽ واپارين جي ذريعي هلندو هو. ديوان دلپتراءِ ۽ ديوان لکميچند مير رستم خان جا خاص درباري صلاحڪار هئا[1]. مير صاحبن کي هندو منشين تي اعتبار هو انڪري اهي جوابدار عهدن تي ممتاز هئا. نڪولس هئنڪي جي نائب هينري ايلس بروقت ڪمپني سرڪار کي رپورٽ ۾ ڄاڻايو هو ته سنڌ جو سمورو واپار ۽ صرافڪو ڌنڌو هندن جي هٿ هيٺ آهي.

**ٽالپرن هندن مان شاديون ڪيون:**

سرچارلس نيپئر مير نصير خان تي جيڪي الزام مڙهيا هئا، تن مان هڪڙو سنگين الزام هي هو ته ٽالپرن جي ملتان جي نائب لالا مولراج سان دوستي آهي. فرعون مزاج نيپئر کي شڪ هو ته مير شير محمد خان ماڻڪاڻي جي خالصن ۽ سنڌيا سان دوستي آهي[2]. تر جا سوڍا جن جو لقب راڻو هو جيڪي 1226ع ۾ اُجين کان پرمار سوڍي جي اڳواڻي هيٺ عمرڪوٽ ۾ سڪونت اختيار ڪئي هئي، تن مان ٽالپر ميرن شاديون ڪيون هيون تنهنڪري مٽن ڏيلون معاف هيون. اهڙيءَ طرح گمرگ جي محررن کان وٺي دربار جي صلاحڪارن ۽ وزارت ۽ سفارت جا عهدا هندو لوهاڻن کي مليل هئا[3].

---

[1] تاريخ خيرپور: ميرزا قليچ بيگ شمس العلماء

[2] Edmund. C.Cox: A short History of Bombay presidency

[3] E.H.Aitken: Gazetteer of the province of Sindh, Lahore, PP. 185-7

**تيموري عهد جا سڪا:**

تيمور شاهه مير فتح علي خان ٽالپر کي سنڌ جي حڪومت جي سند ڏيڻ وقت اهو شرط وڌو هو ته سنڌ ۾ دراني سڪو رائج رهندو. 18- مئي 1793ع ۾ تيمور شاهه جي وفات کان پوءِ زمان شاهه ڪابل جي تخت تي ويٺو. سندس سڪي تي هي عبارت لکيل هئي:-

"قرار يافت بحکم- خدائي هر دوجهان

رواج سکه- دولت بنام شاه- زمان"

سنه 1218هه/1803ع ۾ زمان شاهه جي معزولي بعد دراني سلطنت ڪمزور ٿيندي وئي. 12 لک رپيا اڳ ٽالپر ڪابل سرڪار کي ڀريندا هئا. سي مير غلام علي خان ڏيڻ بند ڪيا. سنه 1244هه/1824ع ۾ ٽالپرن دراني سلطنت جي سنڌ واري پرڳڻي شڪارپور تي قبضو ڪيو. آزادي کان پوءِ سنه 1828ع ۾ مير مرادعلي خان حيدرآباد جي ضرب خاني مان ٽالپري اشرفيون ۽ چاندي جا رپيا ضرب ڪرائي سنڌ ۾ ٽالپري سڪو رائج ڪرايو. ٽالپري رپين جي چاندي سٺي نه هئي، سندن قيمت ڪمپني جي روپين جي مقابلي ۾ ڏهن آنن جيتري هئي انڪري واپاري ڪمپني جي ڪلدارن کي پسند ڪندا هئا[1].

6- فيبروري 1839ع ۾ سرجان ڪين مير نورمحمد خان جي وزير آغا سيد اسماعيل شاهه کي جيڪي شرط پيش ڪيا هئا تن ۾ هڪڙو شرط ٽالپري رپين متعلق هو جنهن ۾ ڏيکاريل هو ته ميرن جا رپيا گلٽي آهن. انڪري واپارين کي کوٽ پوي ٿي. مير صاحب مراد علي خان جي فتح علي شاهه قاچار سان دوستي هئڻ سبب به ايراني سڪا گبر ۽ پيتلي جن جي قيمت في سڪو چار آنا هئي، سنڌ ۾ رائج هئا. مسقط جي امام سان دوستيءَ ڪري مسقطي پئسن جو سنڌ ۾ رواج هو. غير اسلامي سڪن مان پرتگالي ڊالر جن کي سنڌ جي شهرن ۾ قرش ۽ بندرن تي ڊالر (ريال) سڏيندا هئا. اهي هلندا هئا. اطالوي اشرفيون به سنڌ ۾ بلوچستان جي بندرن تي هلنديون هيون. سنه 1900ع ۾ في

(1) ڏسو منهنجو مضمون "انگريزن کان اڳ سنڌ جا سڪا" اطلاعات سنڌ، ص 83-84، جنوري 1949ع سنڌ پبلسٽي ڪراچي

اشرفي جي قيمت ساڍا ست رپيا هئي[1]. ٽالپرن وٽ ٽامي جا ننڍا سڪا به هئا. ميلن ۽ ملاڪڙن تي ڪوڏيون به هلنديون هيون. في پئسي ۾ 96 ڪوڏيون هلنديون هيون[2].

**ٻانهن جو واپار:**

انگريز مؤرخ طعني طور ٽالپري صاحبي جي دؤر کي سنڌ لاءِ "ناخوش وادي" جو نالو ڏين ٿا. چاڪاڻ جو سندن بيان موجب سنڌ ۾ ٻانهن جو واپار هلندو هو. حقيقت ۾ ٻانهن جو واپار عرب ۽ فرنگي واپاري مغليه دؤر کان ڪندا هئا. برنيئر جي سياحت نامي مان خبر پئجي سگهي ٿي ته عيسوي 17 صدي ۾ يمن جي بندر موخا ۾ في حبشي غلام جي قيمت 4 شيلنگ 6 پينس هئي[3]. ٽالپر ميرن جي ڏينهن ۾ غلامن جو واپار جاري هو. مگر مير صاحب غلام کي پنهنجي اولاد وانگر سمجهندا هئا. مرزا خسرو بيگ ۽ فريدون بيگ کي ميرن خريد ڪيو هو. منجهانئن خسرو بيگ کي مير ڪرم علي خان پنهنجو گوديلو پٽ ڪري شاهي حويلي ۾ سندس پرورش ڪئي هئي، تان جو وزارت اعظميٰ جي عهدي کي پهتو هو. مير صاحبن جي جلاوطني کان پوءِ شاهي ديرن کي ٽندو سائينداد ڏانهن وٺي ويو هو. هوش محمد قنبراڻي کي مير ڪرم علي خان خريد ڪيو هو. پوءِ شهزادي مير صوبدار خان جو اتاليف مقرر ٿيو. مياڻي ۽ دٻي جي جنگين ۾ وفاداري جو ثبوت ڏئي شهيد ٿيو. هو فقيرو خدمتگار مير صاحبن جو خزانچي هو. سندس پٽ علي بخش حيدرآباد شهر جو ڪوتوال هو. طاهر خدمتگار لياقت ڪري سپهه سالار ۽ نوابي جي رتبي کي پهتو. مير صاحبن جي غير حاضري ۾ حيدرآباد جي قلعي مٿان قلعيدار ٿي رهندو هو. سليمان خدمتگار مياڻي جي جنگ ۾ مير نصير خان سان گڏ هو. بلوچ سردارن وٽ ڪجهه قبيلا پشت بپشت خدمتگاري ڪرڻ تي مامور هئا جن کي اڄ به خدمتگار قومون سڏين ٿا. جيئن بلوچستان جا لوڙي، خانزاد،

---

[1] R.Hughes-Buller: Baluchistan District Gazetteer series, currency

[2] Captain J.Wood: A Journey to the source of the river oxus, CHP. III, P. 31

[3] F.Bernier's travels CHP. "After war", Vol. I, P. 135

لوطي، لنڊي، درزاده وغيره. مٿيون سلسلو اڄ تائين رائج آهي[1]. لارڊ ايلنبرو پاڻ کي بدنام ٿيندو ڏسي شرم کي لڪائڻ لاءِ هندستان اندر پانهن جي واپار تي بندش وجهڻ لاءِ اڪٽ پاس ڪيو. جيئن مؤرخ سندس بدنامي جي دؤر کي سٽارن جو زمانو ڪري لکن[2].

**ميرن جا شڪارگاهه:**

مير بلوچ هئا. سندن پيشو سپهه گيري هو ان ڪري امن جي زماني ۾ سير ۽ شڪار سان کين گهڻي رغبت هئي. ان ۾ ڪو شڪ ڪونهي تہ سڄي سنڌ جو چوٿون حصو شڪارگاهن لاءِ محفوظ هو. سبب هن ريت هو تہ سنڌ جي زرعي پيداوار سنڌ وارن لاءِ ڪافي هئي ملڪ ۾ چؤطرف آسودگي ۽ سادگي جو دؤر هو. چؤپايو مال ۽ گيهہ ڪافي انداز ۾ هو ان ڪري شڪارگاهن جي جهنگن مان ملڪ ۽ قوم کي ڪو نقصان ڪين پهتو هو. تاريخ گواهي ڏيئي ٿي تہ سنڌ ۾ جهنگن جو تعداد ميرن جي صاحبي کان انگريزن جي صاحبي ۾ وڌي ويو. انڪري شڪارگاهن جو طعنو ڏيئي مير صاحبن کي مفت بدنام ڪرڻ فرنگي مؤرخن جي عيارانہ ذهنيت کي پڌرو ڪري ٿي. ماٿڪائين ۽ سهرابائين جون زمينون وڌيڪ آباد هيون. شهدادائي سرڪار جو گهڻو حصو شڪارگاهن لاءِ مخصوص هو. انباري ۾ ڪرنل هينري پاٽينجر 30- مارچ 1839ع ۾ ٺٽي جي ڪمانڊنگ آفيسر ڪرنل سپلر کي هڪڙي خط ۾ شڪارگاهن متعلق هن ريت لکيو هو:-

"افسوس جي ڳالهہ ڇٽبي جو ٽالپر ميرن پنهنجا عمدا زرخيز زمين جا ٽڪر شڪارگاهن لاءِ محفوظ رکيا آهن شڪارگاهن لاءِ سندن قانون بہ گهڻو سخت آهي جن تي سندن گهڻو خرچ اچي ٿو. مثال لاءِ هڪڙي هرڻ کي شڪار

---

[1] A.W.Hughes: Baluchistan, CHP. VI, P. 165

[2] J.C. Marsham: Abridgment of the History of India, CHP. XIII, P. 442

نوٽ: سنڌ جي جهنگن مان عمارتي ڪاٺ، ٻارڻ جون ڪاٺيون، اگر، لاک، کونئر، ماکي ۽ ٻيون شيون ملن ٿيون.

> ڪرڻ تي سندن اٺ سؤ رپيا خرچ لڳي ٿو. تنهن هوندي به شڪارگاهن کي گهٽ پسند ڪن ٿا."

**شڪار جي خرچ جا تفصيل:**

ٽالپر مير جيڪڏهن شڪار جا شوقين هئا ته اهو سندن ڪو وڏو گناهه ڪين هو جنهن لاءِ ڪين ملامت ڪري سگهجي. شڪار ۽ گهوڙي ڊوڙ امن جي وقت بلوچن جا مکيه شغل آهن ۽ اهڙو شغل اڄ ڪان نه پر گهڻي عرصي کان منجهن جاري آهي. جيڪي بلوچي تاريخ کان واقف آهن سي هن مسئلي کان هرگز انڪار ڪري نه سگهندا ته رند ۽ لاشار جي ٽيهن سالن واري باهمي ويڙهه جو سبب گهوڙا پڄائڻ هو. ويندي اڄ تائين ڪوئيٽا، سبي ۽ جيڪب آباد جي گهوڙن جا ميلا مشهور آهن. ميرن جا شڪارگاهه گهڻو ڪري سنڌو درياءَ جي ڪنارن تي هئا. ان ڪري ايسٽ انڊيا ڪمپني جي آڳبوٽن کي آساني سان پارڻ لاءِ ڪاٺيون ملي سگهيون. جيڪڏهن شڪارگاهه نه هجن ها ته شايد انگريزن کي جهاز راني ڪرڻ ۾ گهڻي دقت پيش اچي ها. شڪارگاهن جي خرچ جو وڏو سبب هن ريت هو ته جڏهن مير صاحب شڪار تي نڪرندا هئا ته هڪڙو اٽالو مزدورن جو اُٺن ۽ ڏاند گاڏين تي تنبو، ڪناتون ۽ شاهي منزل لاءِ سامان کڻي هلندا هئا. پيا پالڪي بردار جيڪي شاهي سواري سان گڏ هلندا هئا. فوجي باڊي گارڊ جن کي شمشير باز سڏيندا هئا. ڪجهه سرڪاري دفتر دار جيڪي منزل ڪرڻ کان پوءِ ضروري سرڪاري ڪاغذ حضور ۾ پيش ڪندا هئا. غلام ۽ خدمتگار جيڪي خدمت بجا آڻڻ لاءِ گڏ رهندا هئا. هرڪارا جيڪي ٽپال پهچائڻ تي مامور هئا. بورچي جيڪي شاهي دسترخوان جي زينت لاءِ مقرر هئا. آبدار جن وٽ برف جي پاڻي کان سواءِ شيراز ۽ اصفهان جو گلاب جو پاڻي ۽ بيدمشڪ موجود رهندو هو. بازدار جيڪي پکين جي شڪار ڪرڻ سان مير صاحبن کي وندرائيندا هئا. اسلحه خانو هن عملي جي سپرد شاهي هٿيار رهندا هئا. مير حسن علي خان جي سي.آءِ.اي وٽ سرهن، گبن ۽ ڦاڙهن جا قسمين قسمين سنگ موجود هئا جن مان سندس شڪار جي ذوق ۽ شوق جو پتو ڏسڻ سان پئجي سگهندو هو. مير صاحب جڏهن شڪار تي نڪرندا هئا. تڏهن سيوهڻ کان وٺي ٺٽي تائين هرهڪ منزل تي ملاڪڙا لڳندا هئا.

ملهن ۾ پهلوانن کي لنگيون ۾ انعام اڪرام ملندا هئا. مير حسن علي وٽ هڪڙي جابلو ڳڊ جا سنگ موجود هئا. ڳڊ جي سنگن جي گولائي 36 انچ هئي سندس ڪراچي ۾ ڪوهستان جا شڪارگاهه سرهن جي پرورش لاءِ مخصوص هئا. مير سر علي مراد خان جي سي.ايس.آءِ سنڌ ۾ ڪارن هرڻن جو بنياد وڌو. اڳ هن علائقي ۾ سياهه هرڻن جو نالو نشان ڪين هو. مير صاحب وٽ هڪڙي چانگهي ۾ هڪڙي هرڻ جا ٻه مٿا نموني طور رکيل هئا. جن مان هرڻ جا سنگ 16 انچ ۽ چانگهي جا 26 انچ هئا. اهي هندستان جي شڪارين جي رڪارڊ کي مات ڪرڻ لاءِ رکيل هئا. ميرن وٽ قسمين قسمين باز پاليل هئا. انگريز مؤرخ بازن جي شڪار کي "دي رائل سپورٽ آف فاڪنري" يعني شاهي بازن جو شڪار لکندا.

**انگريزن جي اچڻ کان پوءِ سنڌ جي ٻيلن ۾ اضافو:**

جيڪي صاحب جهنگن جي اهميت کي سمجهي سگهن ٿا سي تسليم ڪري سگهندا ته ميرن جي شڪارگاهن مان ملڪ کي فائدا هئا. سنڌ ۾ جهنگن ۾ چوپائي مال جي بسيارت ڪري ڪير، ماکي ۽ مکڻ جون نهرون وهنديون هيون. اڄ سنڌين لاءِ راشن ڪنٽرول جو زمانو آهي، جنهن ۾ گيهه بدران ڪوپرو به ڪائڻ لاءِ نه ٿو ملي، سچي گيهه نه ملڻ سبب صوبي ۾ بيماريون وڌي ويون آهن. ميرن زراعت جي ترقي لاءِ جيڪي واهه کوٽرايا سي اڄ به ميرواهه جي نالي سان سڏجن ٿا. سندن ڏينهن ۾ سنڌ اندر 527 چورس ميلن يعني 343325 ايڪڙ زمين شڪارگاهن لاءِ مخصوص هئي. سنه 1843ع ۾ انگريزن سنڌ تي قبضي ڪرڻ کان پوءِ مٿيان شڪارگاهه ٻيلا مقرر ٿيا ۽ حڪومت پاران ٻيلن لاءِ فاريسٽ کاتو مقرر ڪيو ويو. 1847ع ۾ ميجر اسڪاٽ سنڌ جي ٻيلن مٿان فاريسٽ رينجر مقرر ٿيو. هن ٻيلن جون حدون مقرر ڪيون. 1876ع ۾ مسٽر ڪئمپبيل شڪارگاهن کي سکر، نوشهري، حيدرآباد، جهرڪ، ڪل چئن ڊويزنن ۾ ورهايو[1]. مٿين ايراضي وڌي 975

(1) E.H.Aitken: Gazetteer of the province of Sindh, P. 41

چورس ميلن کي وچي پهتي. واڌاري جو سبب هن ريت هو جو ريل جي رستي جڙڻ کان اڳ "اِنڊس فلوٽلا ڪمپني" جا آگبوٽ مال آڻيندا هئا جن جي ٻارڻ لاءِ سنڌ سرڪار کي ڪاٺين جي ضرورت هئي. تنهن کان پوءِ ريلوي لائين کلڻ ڪري "اِنڊس اسٽيٽ وئلي ريلوي" جي انجڻين کي ٻارڻ لاءِ ڪاٺين جي ضرورت هئي. سنه 1906ع کان پوءِ انجڻين ۾ ڪاٺين بدران ڪوئلو ٻرڻ لڳو[1].

O

---

[1] E.H.Aitken: Gazetteer of the province of Sindh, P. 41

نوٽ: سنڌ فتح ڪرڻ کان پوءِ انگريزن معلوم ڪيو ته ڪوٽڙي کان هيٺ جهاز راني ڪرڻ ۾ مشڪلات ٿئي ٿي. سنه 1854ع ۾ انگلينڊ جي سرمائيدارن پنج لک پائونڊن جي گڏيل موڙي سان هڪڙي ڪمپني سنڌ ۾ ريلوي لائين تعمير ڪرڻ لاءِ برپا ڪئي. سنڌ جي ڪمشنر سربارٽل فريئر ريلوي لائين نهرائڻ جو پڪو ارادو ڪيو. 1850ع کان 1858ع تائين پهرين ريلوي لائين ڪراچي کان ڪوٽڙي تائين تعمير ٿي. ٻي افغان جنگ وقت وائيسراءِ لارڊ لٽن جي حڪم موجب ڪوٽڙي کان سيوهڻ، جيڪب آباد رستي ريلوي لائين 1885ع ۾ بولان تائين پهتي. مٿس "انڊس وئلي ريلوي" نالو رکيو ويو.

Richard Temple Sir: Men & Events of my times in India, CHP. XX, PP. 487-88, London, 1882 Sindh History journal Vol. V, Jan: 1941, Karachi.

Digitized By M. H. Panhwar Institute Of Sindh Studies, Jamshoro.

عام طرح سنڌ جي تاريخ ۾ بلوچن جو ذڪر ڪلهوڙن جي صاحبي جي زماني کان شروع ٿئي ٿو، جا وڏي غلطي آهي. بلوچستان جا رهاڪو بلوچ جن ۾ براهوئي بہ شامل آهن، هڪڙي صحرائي قوم آهي، جنهن جي سڄي عمر دشت پيمائي ڪندي گذري ٿي. اُهي سردي ۾ بلوچستان جي سرد برفاني هوائن کان بچڻ لاءِ سنڌ ڏانهن هجرت ڪن ٿا ۽ بهار جي موسم ۾ موٽي وطن ورن ٿا. مٿين لڏپلاڻ جو سلسلو اڄ سوڌو جاري آهي. اسين اڳ لکي چڪا آهيون تہ جن جن قومن سنڌ ۾ تمدن جو بنياد وڌو تن جو لنگهہ سنڌ ڏانهن ويندي بلوچستان کان ٿيو، جنهن جا دروازا بولان ۽ مولادرا ويندي مڪران جو رستو، سنڌ جي ميدان جي سامهون آهن. انهن رستن کان ميڊ، ڪلداني، مصري، بابلي، فنيقي ۽ عرب قومن هن ملڪ تي ڪاهون ڪيون. يوناني فاتح بہ مڪران جي ڪناري واري رستن کان مغرب ڏانهن ويندي لنگهيو هو.

- مولائي شيدائي

Digitized By M. H. Panhwar Institute Of Sindh Studies, Jamshoro.